# شاهه جو رسالو

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# شاهه جو رسالو

ترتيب ڏيندڙ:

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ

شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي
حيدرآباد سنڌ

١٤٠٥ھ / ١٩٨٥ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

* ڇاپو پهريون — ١٨٦٦ع — لپسيا (جرمني)
* ڇاپو ٻيو — ١٩٨٥ع — ڪراچي سنڌ
* تعداد — هڪ هزار
* ٽائيٽل — راز ناٿن شاهي
* مُلهه — پنجھتر رپيا
* پبلشر — عبدالحميد آخوند
سيڪريٽري ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز،
سنڌ پراونشل ميوزيم، حيدرآباد سنڌ
* پريس — شيخ سلطان ٽرسٽ پريس، ڪراچي.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# انتساب

## ليفٽيننٽ جنرل جهانداد خان

### گورنر سنڌ جي نالي

جنهن جون بي لوث، خدمتون
سنڌ جي ادبي، ثقافتي ۽ علمي
ادارن جي لاءِ سدائين يادگار
رهنديون.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ناشر طرفان

انسان جي عظمتن جا مڙيئي آهڃاڻ سنڌس ماضيءَ ۾ مدفون آهن. جن قومن پنهنجي ماضيءَ کي ذهن ۾ رکي پنهنجي حال جي عمارت کي اڏڻ شروع ڪيو، انهن ئي پنهنجي مستقبل کي محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن اها محض روايت پسندي آهي، ته به تاريخ جي شاگردن کي، انهيءَ روايت کي پنهنجي سامهون ضرور رکڻو پوندو. ڇاڪاڻ ته انهن سچين ۽ درست روايتن تي ئي تحقيق جو اهو بنياد پئي قائم رهيو آهي، جيڪو ماڻهن جي مٽي ۾ خمير طور موجود رهندو آيو آهي. دنيا جي ٻين قديم تهذيبي ۽ تمدني علائقن وانگر سنڌ به تاريخ، علم، شعر ۽ ادب جو هڪ اهو سرچشمو آهي، جنهن تي اسان اڃا تحقيق جي گهري نظر به نه وڌي آهي. هيءُ دور، ان ڏس ۾، وڏي اهميت جو مالڪ آهي، جو اسان جا عالم محقق ۽ فاضل اديب، تاريخ جي پس منظر ۾، سنڌي شعر ۽ ادب جي ڇنڊ ڇاڻ ۾ مصروف آهن، ۽ ادب جي سماجي ڪارج تي سوچڻ ويچارڻ جو سلو ئي ته انڪور جي آيو آهي.

انهيءَ حقيقت تي سڄي سنڌ متفق آهي ته شاهه لطيف جي شخصيت ۽ سنڌس پيغام ”رسالو“ سنڌي شعر، ادب، تاريخ توڙي ثقافت جو هڪ اهڙو منور باب آهي، جنهن جي روشني موجوده دنيا تائين قائم رهندي. ائين چئجي ته لطيف جو ”رسالو“ ئي اسانجي لاءِ هڪ معياري بين الاقوامي نشان آهي ته درست ٿيندو. انهيءَ جو مطلب اهو قطعي ناهي ته ڪو سنڌي شعر ۽ ادب ۾ فقط لطيف ئي آهي. اسان وٽ قاضي قادن، ميين شاهه ڪريم، شاهه لطف الله قادري، ۽ ميين شاهه عنايت رضوي ۽ اهڙن ٻين بزرگن جا رسالا ۽ ڪلام موجود آهن، جيڪي شاهه صاحب جي شاعرانه توڙي ذهني تربيت

ڪنهن انتظار جي پنهنجو ڪس اختيار ڪيو، ۽ سنڌي زبان جي ”الف - بي“ ترتيب ڏني ۽ پنهنجي ملڪ جرمني وڃي ان جي ٽائيپ تيار ڪرائي، سنڌي جي عظيم شاعر جو رسالو شايع ڪرايو. علم سان عشق ۽ علم کي عام ڪرڻ جو اهو بي مثال عمل آهي، جيڪو اڄ به اڻين نٿون نڪور محسوس ٿئي ٿو، جيئن پنهنجي دور ۾ ٿيو هوندو. علم ۽ ادب جا اهڙا بي لوث ڪارڪن تاريخ جي ورقن ۾ سدا حيات رهن ٿا ۽ هر دور جي ذهين انسانن لاءِ مشعل راه ثابت ٿين ٿا. سنڌي زبان ۽ ادب ۾ ٽرمپ هڪ منفرد ستاري وانگر سدائين جرڪندو رهندو، ۽ پنهنجي بي غرضائي، محبت، خلوص ۽ علم سان سچائي واري روشني عام ڪندو رهندو.

ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز، سنڌ جي ماڻهن جي امنگن ۽ اظهار جو مرڪز آهي. هن مرڪز سان، لطيف جي حوالي سان، هر سنڌي ماڻهو جي محبت ۽ عقيدت قائم دائم آهي، ۽ رهندي دنيا تائين رهندي. ڪي اهله انسان ٻج ڇٽيندا آهن، ڪي ان جي آبياري ڪن ٿا، ڪي ڪونپڙ نڪرندي ڏسن ٿا، ۽ ڪي گلن جي سرهاڻ محسوس ڪن ٿا، ۽ ڪن جي ڀاڱي ۾ هر وقت ساوڪ ۽ سرهائي جو ثمر ايندو آهي. اسان سڀني کي انهيءَ ڏکي سفر جو پورو احساس انهيءَ لحاظ کان نٿو رهي، جو اسان ان عمل جي هڪڙي مختصر حصي جا مسافر آهيون. مسافر اڳتي وڌندا رهندا، پر سفر جاري رکڻو آهي. اسان سڀني کي جڳائي جو انهن پانڌيئڙن جي خلوص ۽ سچائي کي وک وک تي ياد رکون، ۽ انهن کي ياد ڪندي، جس ڏيندا رهون.

آءٌ پنهنجي طرفان سڀ کان پهرين سنڌ جي گورنر ليفٽيننٽ جنرل جهانداد خان جو دلي شڪريو ادا ڪريان ٿو، جنهن صاحب، ثقافتي مرڪز جي تاريخ ۾، پهريون ڀيرو شاه لطيف ثقافتي مرڪز جي اهميت ۽ افاديت کي، حڪومت جي سطح تي مناسب نموني محسوس ڪيو، ۽ گذريل عرس (١٩٨٤ع) جي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هيرالڊ پبليڪيشن) جو شڪر گذار آهيان، جنهن جي سنڌ جي لوڪ موسيقي ۽ ثقافت سان محبت، لطيف توڙي ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز سان عقيدت ۽ دلچسپي جي ڪري، ڪيترائي مشڪل مرحلا، نهايت سولائيءَ سان آڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ٿي. سنڌ جي ثقافت، موسيقي ۽ لطيف سان سندس عشق هڪ فطري لاڙو آهي، ۽ جنهن نموني ۾ هو سنڌي راڳ ۽ ان جي ڳائڻ ۽ وڄائڻ جي خدمت ۾ مصروف آهي، اهو ساراهه جوڳو آهي.

آخر ۾، آءٌ پنهنجي ساٿي ممتاز مرزا جي مشورن ۽ مدد جو اعتراف ڪرڻ مناسب سمجهان ٿو. ممتاز، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز سان، گهڻي وقت کان وابسته رهندو پئي آيو آهي. گذريل چند سالن ۾، هن ثقافتي مرڪز، ملڪ ۾ جيڪو مقام حاصل ڪيو آهي، ان ۾ سندس صلاحن ۽ عملي طور هٿ ونڊائڻ ۾ جوڳو حصو پئي رهيو آهي.

حيدرآباد سنڌ
۱۴-۴-۱۹۸۵ع

عبدالحميد آخوند
اعزازي سيڪريٽري
ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ارنيسٽ ٽرمپ

هڪ مشهور پيشنگوئي آهي ته ڌرتيءَ تي ٽي ڳالهيون قيامت تائين سدائين چوٽيءَ تي رهنديون. هڪ عرب جي زبان؛ ٻيو چيني هٿ يعني سندن پورهيو ۽ ٽيون جرمن جو دماغ. اسان کي تاريخ ٻڌائي ٿي ته جرمنيءَ جي سرزمين اهڙين روشن دماغ ۽ روشن ضمير شخصيتن کي جنم پڻ ڏنو آهي، جن دنياوارن کي علم ادب شاعري، موسيقي، فلسفو ۽ سائنس جي روشني بخشي. ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ به انهن غير معمولي هستين ۾ هڪ آهي، خاص طور سنڌ جي رهواسين تي سندس وڏو احسان آهي. ڇاڪاڻ ته هي پهريون يورپي عالم ۽ دانشور هيو، جنهن جي عقابي نگاهه شاهه جي رسالي تي پيئي ۽ هن نه فقط وڏي جاکوڙ ڪري رسالي کي ڇپ ڪرائي پهريون ڇاپ ۾ آندو، پر شاهه جي ڪلام ۽ پيغام کي يورپي دنيا سان روشناس ڪرايو.

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ ١٣ مارچ ١٨٢٨ع هڪ مسڪين هاري جارج ٽرمپ جي گهر ۾ جنم ورتو. کيس ننڍپڻ کان ئي جدا جدا ٻوليون سکڻ جو چاهه هيو، جنهن چاهت اڳتي هلي عشق جي صورت اختيار ڪئي. تعليم دوران هن يوناني، لاطيني ۽ عبراني زبانن جي تحصيل ڪئي. مشرقي زبانن جي مطالعي جي شوق ۾ ڪجهه وقت لنڊن ۾ رهيو. سندس خداداد صلاحيتون ڏسي چرچ مشن سوسائٽي کيس هندوستان موڪلڻ جي آڇ ڪئي ته، جيئن هو اتي وڃي، مڪاني زبانن جو مطالعو ڪري سندن ڊڪشنريون ۽ گرامر تيار ڪري ته جيئن اهي ڪتاب اڳتي هلي مذهبي پرچار ڪرڻ وارن لاءِ مددگار ثابت ٿين. جيئن ته هو پروٽيسٽنٽ مذهب جو پوئلڳ هو، تنهن ڪري مسٽر ٽرمپ اها آڇ خوشيءَ سان قبول ڪئي. آگسٽ ١٨٥٤ع ڌاري پوني وڃي، اتان جي پنڊتن کان هڪ مهيني اندر ديوناگري لپيءَ جي تعليم حاصل ڪيائين. ان کانپوءِ ۴ سيپٽمبر ١٨٥٤ع تي ڪراچي هليو ويو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سنڌ ۾ رهائش دوران ٽورمپ وقت ۾ سنڌي زبان جي مهارت حاصل ڪيائين ۽ Sindhi Reading Book نالي هڪ ڪتاب ڇپرايائين. جيترو وقت سنڌ ۾ رهيو، سنڌي نثر ۽ نظم بابت مواد گڏ ڪندو رهيو. نتيجي ۾ هن سنڌي لوڪ ادب، لغات ۽ ڪلاسيڪي شاعريءَ جو وڏو ذخيرو ڪٺو ڪيو. افسوس جو ڪراچي جي آبهوا کيس پاڻ نه پئي، تنهن ڪري بيمار ٿي پيو. مشن بورڊ علاج لاءِ کيس فلسطين موڪليو، جتي هن زندگيءَ جا بهترين ڏينهن گذاريا. ڪراچي کان ته اڪيلو ويو هو، پر وري جڏهن هو واپس ماڳ موٽي آيو ته سندس ڪنوار ساڻس گڏ هئي. کيس هڪ پٽ ڄائو. پر جلد ئي سندس خوشيون غم ۾ بدلجي ويون. ١٨٥٧ع وارن وڳوڙن جون خبرون ٻڌڻ شرط سندس گهر واري فوت ٿي وئي. ان بعد هو يورپ هليو ويو، جتي ڪجهه عرصو سئٽزرليند ۾ رهڻ کان پوءِ وطن واپس وڃي هڪ فنڪار جي ڌيءَ سان شادي رچايائين.

نومبر ١٨٥٨ع ڌاري وري ڪراچيءَ واپس موٽي آيو، جتان وڏي تڪليف سان پشاور پهتو. ٽن هفتن جي مدت اندر پشتو زبان تي ايتري مهارت حاصل ڪيائين، جو پشتو ۾ مذهبي پرچار ڪندو رهندو هو. اتي رهائش دوران هندڪو ڪشميري ۽ ٻيون مقامي زبانون پڻ سکيائين. سال کن اتي رهڻ کان پوءِ واپس وطن موٽي ويو. سنه ١٨٦٠ع کان ١٨٦٣ع واري عرصي ۾ ٻولين جي تحقيق جي آڌار تي ڪيترائي مقالا تيار ڪيائين، جي جرمني ۽ برطانيه جي معياري رسالن ۾ وقت بوقت شايع ٿيا. جن جي اهل علم تمام گهڻي تعريف ڪئي.

بيشڪ ٽرمپ ڪيترين ئي زبانن جي خدمت ڪئي آهي، پر سنڌي زبان سان کيس جيڪو عشق هو، سو شاهه جي رسالي ۽ گرامر جي صورت ۾ اسان آڏو آهي. هن وڏي محنت سان سنه ١٨٦٦ع ۾ شاهه جو رسالو لپسيا (جرمني) مان ڇپرائي، پڌرو ڪيو، جيڪو سنڌي زبان جو پهريون ڇپيل رسالو آهي، جنهن

محنت سان تيار ڪيل رسالو اڻ لڀ ٿي چڪو هو. تنهن ڪري ان ڳالهه جي سخت ضرورت هئي ته هيءُ رسالو ٻيهر ڇپرائي پڌرو ڪيو وڃي، ته جيئن شاهه لطيف جا شارح ۽ محقق ان جي روشنيءَ ۾ وڌيڪ تحقيق ڪري سگهن ۽ سنڌ واسين جي ڪتب خانن جي سونهن به سوائي ٿي وڃي.

نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز اها ضرورت محسوس ڪندي ۽ ڊاڪٽر ٽرمپ جي محنتن جو قدر ڪندي، سندس سؤ ساله ورسيءَ جي موقعي تي هيءُ رسالو ڇپرائي پڌرو ڪيو آهي. اميد ته هيءُ رسالو شاهه جي شيدائين شارحن ۽ محققن لاءِ وڏي خوشيءَ جو سبب بڻجندو ۽ هو ان مان فيض حاصل ڪندا ۽ ٽرمپ جي جاکوڙ جو قدر ڪندا.

——— نواز علي شوق



هو منهنجو تيار ڪيل سنڌي گرامر پڙهن، جيڪو جلد ئي بمبئي حڪومت جي مهربانيءَ سان ڇپجي پڌرو ٿيڻ وارو آهي.

آخر ۾ اهو چوڻ ضروري سمجهان ٿو ته سنڌي زبان جي هن بهترين ادبي شاهڪار کي ڇپرائڻ لاءِ هزايڪسيلنسي سر بارٽل فريئر، گورنر بمبئي، فراخ دليءَ سان وڏي رقم منظور ڪئي. جيڪو سنڌ ۾ ڪمشنر مقرر ٿيڻ کان وٺي، هن صوبي جي ڀلائيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهي ٿو.

اسان کي يقين آهي ته هن رسالي جي ڇپائيءَ سان سنڌي زبان جي مطالعي ۾ وڏي مدد ملندي. هن زبان کي وڌڻ ويجهڻ جا موقعا گهٽ مليا آهن، پر ان هوندي به هيءَ زبان هندوستان جي مڙني زبانن ۾ مٿاهون درجو رکي ٿي ۽ لسانيات جي ماهرن کي پاڻ ڏانهن متوجه ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿي.

١٠ مارچ ١٨٦٦ع — مرتب

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# سنڌي الف ـ ب

| هاٿوڪي | ترمپ واري | هاٿوڪي | ترمپ واري |
|---|---|---|---|
| ڀ | بھ | ڍ | ڍھ |
| ٽ | تھ | ڦ | پھ |
| ٿ | ٹ | ڪ | ک |
| ث | ٿھ | ک | کھ |
| ڃ | نج | ڳ | ڳ |
| ڄ | چھ | ڱ | نگ |
| ڌ | دھ | م | مہ |
| ڏ | ڈ | ڻ | ڻ |
| ڊ | ڏ | ۾ | مين |

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# شاھ جو رِسالو

يعني

## دِيوانُ عَبْدُ اللطيف شاھ ڀِٽائِي جو

لِپْسِيا شَھَر مَنجھِ ڇھاپيو آھي

١٨٦٦

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# سُرَنِ جي وِچُور هِيَ آهي


| | | پاسو |
|---|---|---|
| ۱ | ڪَليَانُ | ۱—۱۹ |
| ۲ | ڄَمَنْ ڪَليَاڻُ | ۲۰—۶۳ |
| ۳ | کَهَنْبهَاتُ | ۶۴—۸۳ |
| ۴ | سُرَاڳُ | ۸۴—۱۱۹ |
| ۵ | سَامُونڊِي | ۱۲۰—۱۴۰ |
| ۶ | سُنْهِڻِي | ۱۴۱—۲۱۱ |
| ۷ | سَارَنْگُ | ۲۱۲—۲۳۰ |
| ۸ | ڪيڏَارُو | ۲۳۱—۲۵۱ |
| ۹ | آبِري | ۲۵۲—۳۰۸ |
| ۱۰ | مَعْذُورِي | ۳۰۹—۳۳۸ |
| ۱۱ | ڏيسِي | ۳۳۹—۳۸۰ |
| ۱۲ | ڪوهِيَارِي | ۳۸۱—۴۰۵ |
| ۱۳ | حُسِينِي | ۴۰۶—۴۶۲ |


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

| | | پاسو |
|---|---|---|
| ۱۵ | ٻروو سنڌي | ۴۸۴ — ۵۰۳ |
| ۱۶ | مومل راڻو | ۵۰۴ — ۵۴۱ |
| ۱۷ | ڪھاڙي | ۵۴۲ — ۵۵۶ |
| ۱۸ | رامڪلي | ۵۵۷ — ۶۱۲ |
| ۱۹ | رپ | ۶۱۳ — ۶۲۳ |
| ۲۰ | ليلا چنيسر | ۶۲۴ — ۶۳۷ |
| ۲۱ | بلاول | ۶۳۸ — ۶۵۷ |
| ۲۲ | ڏھر | ۶۵۸ — ۶۸۱ |
| ۲۳ | ڪاپائتي | ۶۸۲ — ۶۹۸ |
| ۲۴ | پرڀاتي | ۶۹۹ — ۷۰۵ |
| ۲۵ | ڪھاتو | ۷۰۹ — ۷۱۰ |
| ۲۶ | آسا | ۷۱۱ — ۷۳۹ |


---



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڪَلْيَاڻ

## فَصُلُ پِهريون

١

اَوَّلِ اَللهُ عَلِيمُ اَعلىٰ عَالَمَ جو ڌَڻِي
قَادِرُ پَنهِنْ جي قُدْرَتَ سين قَائِمُ آهِ قَدِيمُ
وَالِي وَاحِدُ وَحْدَهُ رَازِقُ رَبُّ رَحِيمُ
سو سَارَاهِ سَچو ڌَڻِي چَئِي حَمْدُ حَڪِيمُ
ڪَرِي پَاڻَ ڪَرِيمُ جوڙُون جوڙَ جَهَانَ جِي ✧

٢

وَحْدَهُ لَا شَرِيڪَ لَهُ جان تهو چَئِين اِينئَ
تَان مَنجِ مُحَمَّدُ ڪَارَڻِي نِرْتون مَنجهان نِينهَ
سو تون وَڃُو ڪِينئَ نَائِين ڪَنْڌُ ٻِئَنِ کهي ✧

٣

وَحْدَهُ لَا شَرِيڪَ لَهُ جَڏِهِن چيو جِنِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڪَلْيَاڻُ ١

٢ تَنِ مَنجهِ مُحَمَّدُ ڪَارَڻِي هِيجَانِ سَانُ هِنئَنِ
تَڏِهِن مَنْجهَان اُنِ اَوَتَرِ ڪَنهِن نَـ اوليو ⁘

۴

وَحْدَهٗ لَا شَرِيڪَ لَهٗ جَنِ اُتو سَان اِيمَانَ
تَنِ مَنجهِ مُحَمَّدُ ڪَارَڻِي دِلِيَان سَانُ لِسَانَ
سِي فَائِقَ مِين فَرْمَانَ اَوَتَرِ ڪَنهِن نَـ اوليا ⁘

٥

اَوَتَرِ ڪَنْهِن نَـ اوليا سُتَرِ وِيا سَالِمَ
هيڪاڻِين هيڪُ تهيا اَحَدَ سِين عَالِمَ
بِي ٻَهَا ظَالِمَ آڪِي ڪِيَا اَڪهِين ⁘

٦

آڪِي ڪِيَا اَڪهِين نِسوهِرَوِڻِي نُورُ
لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ تَجَنِ ڪَونهِي سُورُ
مَوْلِيَ ڪِيو مَعْمُورُ اَنڪَ اَزَلَ مِين اُنِ جِي ⁘

٧

وَحْدَهٗ جِي وَڏِهِيَا اِلَّا اللّٰهَ سِين اوَرِينِ
هِنئُون حَقِيقَتَ ڪَڏِهو طَرِيقَت توڙِينِ
مَعْرِفَتَ جِي مَاتهِ سِين ڏِيسَانڌَرُ ڏورِينِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سُکھ نَ سُتَا ڪَڍِهين وِيهي نَ ورَّين
ڪَلهَنِئَّان ڪوَرِينِ عَاشِقَ عَبْدُ اللَّطِيفُ چَئِي ٭

٨

وَحْدَهٗ جي وَڏِهيَا اِلَّا اللّٰهَ اَدهَ ڪِيَا
مُحَمَّدُ رَسُولُ اللّٰهِ چَئِي مُسَلْمَانَ تهيَا
عَاشِقَ عَبْدُ اللَّطِيفُ چَئِي اِنْهِي پَهِ پِيَا
تِيلَان دهَنِيَ دهُئَا جيلَان وِيَا وَحْدَتَ ڳَڏِجِي ٭

٩

وَحْدَهٗ جي وَڏِهيَا ڪِيَا اِلَّا اللّٰهَ بَہ اَدهَ
سِي دهَرِّ پَسِي سَدهَ ڪَنِهن اَبهَاڪِي نَ تهِئِي ٭

١٠

وَحْدُهٗ لَا شَرِيکَ لَہٗ بُدهُئِ نَ بوزَّا
ڪِي تو ڪَنِين نَ سُئَا جي ڪهَتَ اَنْدَرِ کهوزَّا
ڳَاڙِ ينِدين ڳوزَّهَا جِتِ سَاکِهي تهِيندَء سَامُهَان ٭

١١

وَحْدُهٗ لَا شَرِيکَ لَہٗ اِهو وِهَائِجِ وِيٴُ
کهَتِين جي هَارَائِين تَہ هَنْدهُ تُنْهِين جو هِيٴُ
پَانَان چَوَنْدهُ پِيٴُ بهَرِي جَامُ جَنَّتَ جو ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٢

سِرُ ڍُونڍِيان دهَڙُ نہ لَهان دهَڙُ ڍُونڍِيان سِرُ ناهِ
هَٿهَ ڪَرايُون آڱرِيُون وِيا ڪَپِجِي ڪاهِ
وَحْدَتَ جي وِهانُءِ جي وِيا سِي وَڍِيا ❊

١٣

تُون جِڙُ اَللّٰهُ هيڪَڙو وَائِي ٻِي مَ سِکُ
سوُئِي لِکِيٽُو لِکُ تَهِجُو اکَرُ مَنَ مِين ❊

١٤

عَاشِقُ جِڙُ مَ اُنَ کهِي مَ ڪِي جِڙُ مَعْشُوقُ
خَالِقُ جِڙُ مَ خامَ تُون مَ ڪِي جِڙُ مَخْلُوقُ
سَمُجهِجِ سو سُلُوڪُ جو نَاقِصَائِي نِڪِتُو ❊

١٥

وَحْدَتان ڪَثْرَتَ ٿِي ڪَثْرَتَ وَحْدَتَ ڪُلُ
حَقُّ حَقِيقِي هيڪَڙو ٻولِيَ ٻِيَ مَ ڀُلُ
هو ڦُلاڇو ڦُلُ بِاللّٰهِ سَنْدو سَجِڻين ❊

١٦

مِرُڻان مِرَان پِکَهَنَان وَائِيَ ٻِيَ مَ ڀُلُ
هو ڦُلاڇو ڦُلُ بِاللّٰهِ سَنْدو سَجِڻين ❊ 4

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٧

ڀَانْهِين جَلَّ جَلَالَهٗ ڀَانْهِين جَانِ جَمّا
ڀَانْهِين صُورَتَ ڀِرَ جِي ڀَانْهِين حُسْنُ مالُ
ڀَانْهِين پِيرُ مُرِيدُ ٿِيِي ڀَانْهِين ڀَانَ يَالُ
سُوْ سَبهوئِي حَالُ مَنْجَهَائِنِ مَعْلُومُ ٿِيو ☆

١٨

ڀَانْهِين سُبْحَانِي ڀَانُ ڀَانَ ڪَرَ ڀَانُ لَهِ
ڀَانْهِين ڀَسِي ڀَانَ ڪهِي ڀَانْهِين هِيُ وبُ
ڀَانْهِين خَلْقِي خُوبُ ڀَانْهِين طَالِبُ؛ جڙ ☆

١٩

سُوْ هِيُ سُوْ هُو سُوْ اَجَلُ سُوْ اَللّٰهُ
سُوْ پِرِين سُوْ ڀَسَاهُ سُوْ وِيرِي سُوْ وَاهِرِ ☆

٢٠

سُوْئِي هِيڏَانِ سُوْئِي هوڏَانِ سُوْئِي مَنِ ٻِسِي
سُوْئِي سُوْ ڀَسِي تَنْهِين سَنْدِي سُوْجِهِ ☆

٢١

سَائِي صُورَتَ عَيْنَ جِي سَائِي صُورَتَ . نَ
تَانِ سُوْ عَيْنُ جَوْ غَيْنُ جِي مَتَهَانئُسِ نُڪَ ؛ ڏُورِ ڪَرِين ☆

5

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۲

پَڙاڏو سوئي سَڏُ وَرُ وَائِي جي لَهين
هُوَا آڳهين ڳَڏُ پَرَ بُنْدهَرُ مين بَہ تهِيَا ⁘

۳

ايڪَ قَصَرِ دَرَ لَکهَ سَهَسير تِنِسِ کِنِکهِيُون
جيڏان ڪَرْيَان پَرْکهَ تيڏار سَائِين سَامُهُون ⁘

۴

ڪوڙين ڪَايَاتُون تَنْهِن جُور کهَنِ لَکهَ هَزَارَ
جيئُ سَبهَ ڪَنْهِن جيئُ سِير دَرْسَنُ دهَارُودهَارَ
پرِيَمِ تُنْهِن جَا پَارَ کِهَڙَا ٠ ٻ ڪِينئُ چَوَان ⁘

وَاڌُ

سَبهَ سَبهَکَا پِرَ جو بُجهي
نِينْهَ نِينِين ڪَنْگَالِ ورُ
جَا چِتَايمِ چِتَ مين سَجَنُ ا تهو بُجهي
نِينْهَ نِينِين ڪَنْگَالِ ورُ
لَاتِ جَا لَطِيفَ جِي سَڏِ تَنُ ن جي سُجهي
نِينْهَ نِينِين ڪَنْگَالِ ورُ ⁘

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڪَلْيَانُ ٢

## فَـصُـلُ ٻِـئـو

١

اَکِيي اَکِهَائِيي رَنّجُ ٻرِيَنِ کهي رَسِئو
چَکِهِيَمِ چَنگائِي سُورَنِ جي سُورِيَ تَان ٭

٢

اَندهَا اُوندهَا وِيچَ کهَلَ چِهَا لَئِ کهَائِيِنِ
اَسَان ڏُکهَنْدو ڏِيلَ مِين تُون پِيَارِين پِيچَ
سُورِي جَنهِين سِيچَ مَرَنُ تَنِ مُشَاهَدو ٭

٣

سُورِيَ سَڏُ تِهِئو کَا هَلَنْدِي جِيڏِيُون
وَنجَنُ تَنِ پِئو نَالو نِينْهَ ڪِنْهَنِ جي ٭

٤

سُورِي سَڏُ کَرِي اُبهِي عَاشِقَنِ کهِي
جي اَتهِي سَدهَ پَسَنَ مِين تَـ کهَنُ مَـ پِيرُ پَرِي
سِيِي دهَارَ دهَرِي پُڇهِجِ پوءِ پرِيَتَنو ٭

٥

سُورِي آهِي سِينگَارُ اَصُلُ عَاشِقَنِ کهِي
مَرَنِ مُوتَنُ مِينهِنو تهِيَا نِظَارِي نِرْوَارُ
کُسَنَ جو قَرَارُ اَصُلُ عَاشِقَنِ جو ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٦

سُوري سِينگَارِي اَصُلُ عَاشِقَنِ کهي
لُڏِيَا ڪِي نَہ لَطِيفُ چَئي تهِيَا نِيرِي نِظَارِي
ڪوٺهي ڦِنَّارِي آئِيو چَاڙهي اُنِ کهي ❖

٧

سُورِيَ مَنهي سِينَ کِهَڙِي لِيکهي سَنِرَا
جِيلَهِنْ لَگَنَ نِينَ تَہ سُورِئَانِئِي سِيجِ تهِي ❖

٨

سُورِيَ چَڙهَنُ سِيجَ پَسَنُ اِيُءُ ڪَمُ عَاشِقَنِ
پَاهُون ڪِي نَہ ڏِسَنَ سَاهُو هَلَنِ سَامُهَان ❖

٩

سُورِيَ تِي سَنْوَارَ ڏِيهَاڙِي چَنگِ چَڙهِين
جِي مَ وِرْچِي ڇهَڏِين پَسَنَ جي پَچَارَ
پِرْتِ نَہ پَسِين پَارَ نِينْهُ جِئَانِئِي نِنگِئو ❖

١٠

پِهِرِين ٿَاتِي ڪَاتِي پَاه پُڇهِجِ پوءِ پرِيِتَنُو
ڏُکهُ پِرِيَان جو ڏِيلَ مِين وَاجَبَ جِينِيًّ وَجَاه
سِيخُنِ مَانْهُ پَچَاه جي نَالو ڪِنهين نِينْهَ جو ❖ ٨

۱۱

ڪَاتِيَ ڪُونهي ڏوهُ ڳَنُ وَڍِهِينْدَڙَ هَٿَهَ مِين
پَسْيو پَرِ عَجِيبَ جِي لِڇِڪِيوُ وَڃي لوهُ
عَاشِقَنِ اَنْدُوهُ سَدَا مَعْشُوقَنِ جو ؞

۱۲

ڪَاتِي تِکِهِي مَ تِهِڻي مَرُ مُنِيَاڻِي هوءِ
مَانَ وِرِمَنِ توءِ مُون پِرِيَان جَا هَٿَڙَا ؞

۱۳

ڪَاتِي جَا تَرِيبَ جِي سَا هَڏُ چِيرِي لِنڪُ
عَاشِقَنِ پَنْهن جو اَنْڪُ لِلّٰهِ ڪَارِنِ وَڍِهِيو ؞
بدن

۱۴

جِي تُون پَسَنَ سِکِيو تَہ ڪَاتِيَ پيِڻِي مَ ڪَنْجهُ
سُپِيرِيَان جِي سُورُ جو مَاڙْهِنِ ڏِجي نَہ مَنْجهُ
اَنْدَرِ اِيئُ اَهَنْجُ سَانڍِهِجِ سُکهَائُون ڪَرِي ؞

۱۵

جِي وَڍِهِيو هُٿِين تَان وِيهُ نَا تَہ وَتِهِيو وَاتَ وَڙن تُون
هِي تَنْهِين جو ڏِيهُ ڪَاتِي جَنْهِين جِي هَٿَهَ مِين ؞



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۶

كَاتِي جَنِ گَرِي مُون لَنوُن لَڳِي تَنِ سَان
مُحَبَتَ جِي مَيْدَانَ مِين وَنجَان پِير بَهَرِي
اَڏِيَ سِرُ دَهَرِي مَانَ کُهَنِڻُون سُپَرِين ❖

۱۷

اَکِيَان اَڏِنِ وَتِ پِڙِيَنِ سِرَ سَنْبَاهِيَا
کَاتِ تَہ پَوِين قَبُولُ مِين مَڃهَنُ پَرِيڻِي کَهَتِ
مَتهَا مُنهَاڻِنِ جَا پِيَا نَہ ڏِسِين پَتِ
کَلَالِڪِي هَتِ کُسَنَ جو کُوپُ وَهِي ❖

۱۸

جِي اَتهِي سِکَ سُرْکَ جِي تَہ وَڃُن کَلَالِڪِي کَهَاتِي
لَاهِي رَکهُ لَطِيفُ چَئِي مَتهو وَتِ مَاتِي
تکَ ڏِيڻِي پِکَ پِيئُ تُون مَنْجهَان گهوٽَ گهَاتِي
جو وَرِنهَ وِهَاتِي سو بَرو سِرَ وَتِ سَهَانگو ❖

۱۹

جِي اَتهِي سِکَ سُرْکَ جِي تَہ وَڃُن کَلَالِڪِي کَهَرِ
وَڍِهَنُ چِيرِنُ چِڙِنُ پَهَتِ اُنهِين جِي پَرِ
جِي وَڻِي پَرِيڻِي وَرِ تَہ سَوْکِهِي آهِي سَيِّدُ چَوِي ❖



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۲۰

جِي اَتِهِي سَدَهَ سُرْکَ جِي تَہ وَڙُن کَلاَلِکِي هَٽِ
لَاهِي رَکُهُ لَطِيفُ چَئِي مَتهِؤ مَاٽِي وَٽِ
سِرُ ڏِيئِي مِين سَٽِ پِيجِ کِي پِيَالِيُون ❖

۲۱

جِي اَتِهِي سَدَهَ سُرْکَ جِي تَہ وَڙُن کَلاَلِکِي کُوءِ
مَهِيسَرَ جِي مَنْدَ جِي هُتِ هَڏِهِين هُوءِ
جَان رَمْزَ پَرُوڙِيَمِ رُوءِ تَان سِرَ وَٽِ سُرْکِي سَگُهِي ❖

۲۲

نَانِي نَاهِ کَکُوهُ کِي مُلهِ مَهَانگو مَنْڊُ
سَنْبَاهِجِ سَيِّڊُ چَوِي تُون کَاتِنَ کَارَنِ کَنْڌُهُ
هِيئُ تَنهِين جو هَنْڌُهُ مَتَنِ وَٽِ مَرَنِ جِي ❖

۲۳

عَاشِقَ زَهَرَ پِيَاکَ وِهُ پَسْيِؤ وِهِسَنِ گهَنو
کَڙِي ۽ قَاتِلَ جَا هَمِيشَهْ هِيرَاکَ
لَکَنَ لَنوُن لَطِيفُ چَئِي فَنَا کِيَا فِرَاقَ
توڙِي چِکَنِنَ چَاکَ تَہ بهِي آهَ نَہ سَلَنِ عَامَ کهِي ❖



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢٣

مَ ڪَرِ سَدَهَ سَري جي جۇ تُون ٿاريِن ٿرُوھُ
پيتي جَنْهِين پَاسي تِهِٽي مَنْجھان رَگُنِ رُوحُ
ڪَاتي چَکَھُ ڪُکُوھُ لَاھي سِرُ لَطِيف چَٽي ⁘

٢٥

سَدِهِڙِيَا سَري جُون کُھُ پَچَارُون ڪَنِ
جي ڪَاتَ ڪَلَالَنِ ڪَڍِهِيَا تَہ مُوٽِيو پوءِ وَنجَنِ
پِڪُون سي پِٽَنِ سِرَ جَنْهِين جَا سَٿِ مِين ⁘

٢٦

سِرَ جُدَا دهَڙَ دهَارَ دوُگَ جَنْهِين جَا رِيکِ مِين
دهڙ
سي مَرُ ڪَنِ پَچَارَ هَڪِيَا جَنِ جي هَٿَهَ مِين ⁘

٢٧

ڍِيکِين دوُگَ ڪَڙهَنِ جِتِ ڪُنين ڪَنِکوُ نَہ لَهي
نِتي طَبِيبَنِ چَاکَ چِڪَنْدَائِي چهَڍِيَا ⁘

٢٨
ورهانڊڙ

سِسِي سي کُهَرَنِ جي وَاتِينْدَڙَ وِچَ مِين
اُو ڪِي پُڇهَنِ سَرُو جَنْهِين سَنْبَاهِيو ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢٩

اَصلُ عَاشِقَ پَاڻهِن جِي سِسِي نَہ سَانڍِهِينِ
لَاهِيو سِرُ لَطِيفُ چئي سَاهُ سَلهَاڙِيو ڏِينِ
ڪُلهَنِئَان ڪَاتِينِ عَاشِقَ عَبْدُ ٱلّطِيفُ چئي ٭

٣٠

اَصُلُ عَاشِقَنِ جو سِرُ نَہ سَانڍِهِنُ ڪَمُ
سَوَ سِسِنِئَان اَگِرو سَنْڌو دوسَان دَمُ
هِيئُ هَڏو وِچَمُ پِڪَ پِريَانْ جِي نَہ پَڙي ٭

٣١

جي مَنهِي وَتِ مِڙَنِ تَہ سَبهَ ڪَنهِين سَدهَ تهئي
سِرَ ڏِني سَتِ جُڙي تَہ عَاشِقَ اِينئَ اَچَنِ
ڪُولِيَا ڪِي نَہ لَبهَنِ مُلهِ مَهَانگا سُپِرِين ٭

٣٢

مُلهِ مَهَانگو قَطَرو سِڪَنُ شَهَادَتَ
اَسَان عِبَادَتَ آهِ نَظَرَ نَازُ پِرِيَنِ جو ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وائِي

مُنڊَ پِئَنڊي مُون سَاجَنُ ڇَڄِي سُڃَاتو
پِي پِيالو عِشق جو سَبهُڪِي سَمُجهوسُون
سَاجَنُ ڇَڄِي سُڃَاتو
پِريَانْ سَنڊي پَارَ جِي اَنْدَرِ آڳِ اُٿهُون
سَاجَنُ ڇَڄِي سُڃَاتو
جِنَّنُ نَاهِي جَڳ مِين ڏِينْهَ مِڙيئِي ڏُون
سَاجَنُ ڇَڄِي سُڃَاتو
اَلا عَبْدُ اللَّطِيف چَوِي آهِين تُونهِين تُون
سَاجَنُ ڇَڄِي سُڃَاتو ٭

---

## فَصُلُ ٽِرِٿون

١

اُتهَارِي اُتهِي وِتَا مَنْجهَان مَن آزَارَ
حَبِيبَنِي هَنِي وِتَا پِيڙَا جِي پچَارَ
طَبِيبَن تَنوَارَ هَڏِ نَ وَڻي هَانِ مُون ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢

هَڏِ نَہ وَڻي هَانِ مُون وِڃَنِ جو وِصَالُ
هِنَ مُنهن جي حَالَ حَبِيبُڻِي هَادِي تهڻو ⁘

٣

حَبِيبُڻِي هَادِي تِهڻو رَهَنُمَا رَاحَتَ
پِيرُا نِشَانِڻِي پَانَ سَان لَاٿِي ڏِيڻِي لَتَ
سُپِيرِيَان صِحَّتَ ڏِنِي مَنْجهَان ڏُکهَنْدِي ⁘

۴

اُهو ڏُکهَنْدو ڏُورِ تهِڻِي هَادِي جَنْهِن حَبِيبُ
تِرُ تَفَاوَتُ نَہ کَرِي تَنْهِن کهِي کو طَبِيبُ
رَهَنُمَا رَقِيبُ سَاتهَرِ آهِي سُپِرِين ⁘

۵

سَاتهَرِ صِحَّتَ سُپِرِين آهِي نَہ آزَارُ
مَجْلِسَ وِيرَ مِتهو تهِڻِي کوتهِينْدِي تَهَارُ
خَنْجَرُ تَنْهِن خُوبُ هَنِي جَنْهِن جو تهِڻِي يَارُ
صَاحِبُ رَبُّ سَتَارُ سوجهِي رَکُون سَاهَ جُون ⁘

٦

رَکُون تهِڻُون رَبَابُ وَجَنِ وِيلهَ سَبهَ کَنهِين

١٦

ڄُهَنْ ڇُهَنْ نہ تهِيي جَانِبَ رِي جَبَابُ
سوڙِيي سَنْڌِهِينْدُم سُپِرِين ڪِيُسِ جَنْهِن ڪَبَابُ
سوڙِيي عَيْنُ عَذَابُ سوڙِيي رَاحَتَ رُوحَ جِي ◆

٧

سوڙِيي رَاهِ رَنْدُ ڪَرِي سوڙِيي رَهَنُمَا
وَتُعِزُّ مَنْ تَشَاءُ وَتُذِلُّ مَنْ تَشَاءُ اِيئُ پَرُوڙِجِ پَنْدُهُ
صَاحِبُ رَبُّ صَمَدُ سَهِٺو جَانِئِجِ سَاهَ سَانِ ◆

٨

پِرِ مِين ڄِهَاڻُون عِشْقَ جِي اَسْبَابَ ڪهِي
ڏَارُون هِنَ ڏَرْدَ جو ڏَاڍهو ڏَسْيَاڻُون
آخِرِ وَالْعَصْرِ جو اِيئِين اُتَاڻُون
تَنْهَان پوءِ آنڻُون سِکَان تهِي سَلَامَ ڪهِي ◆

٩

ڇِي سِکِين ڇهو سَلَامَ لَئِي ڪَرِين ڇهو نہ سَلَامُ
ٻِئا ڏَرَ تَنِ حَرَامُ هِيئُ ڏَرُ جَنْهِين ڏِيکهِٺو ◆

١٠

مِٺهَاٺَان مِٺهو کهَنو ڪَڙو نَاهِ ڪَلَامُ
سُڪُوتِي سَلَامُ پِرِيَانْ سَنْدِي پَارَ جو ◆



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۱

پِرِيَانْ سَنْدِي پَارَ جِي مِڙِي مِٺَهَائِي
ڪَانهِي ڪَڙَائِي چَکِهين جِي ڇيٿهَ ڪَرِي ⁘

۱۲

جَانِي جُهِي جَنِ تو سين سُورَنِ سَنجَ ڪِي
تُون ڪِينئَ سَنْدِيُون تَنِ پَرَ سين پَچَارُون ڪَرِين ⁘

۱۳

تو تَنْهِين جِي تَاتِ تَنِ پُڻُ آهِي تُنْهِن جِي
فَاذْكُرُونِي اَذْكُرُكُمْ اِيَ پَرُوڙِج بَاتِ
هَٿهِ ڪَاتِي ڪُٺُ وَاتِ پُڇَهَنُ پَرِ پِرِيَنِ جِي ⁘

۱۴

حَبِيبَنِ هيڪَارَ مَنْجهَان مِهِرَ سَڏُ ڪِيُو
سو مُون سَبهَ جَمَارَ اوڙِنُ اُهڙِئِي تهِئُو ⁘

۱۵

پَاڻُهِي هيڪَارَ مُونهَان پُڇهو سَڄَنين
اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ چَيَائُون جَنْهِن وَارَ
سَنْدِي سُورَ ڪِنَارَ تَنَ تَڏَانْڪُون نَہ لَهِي ⁘





books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٦

پانڌِهڙو پُڇهن ڪِنهي هَٿُ حَبيبَ جو
نيڙي هيٺهان نِينهَ جي پاسي پانُ نہ ڪن
عَاشِقَ اَجَلَ سامُهان اُوچي ڳهاٽِ اَچَنِ
ڪُسَنُ قُربُ جَنِ مَرَنُ تَنِ مُشاهِدوُ ٭

١٧

ڪوٺهي ڪُهي سُپرِين ڪوٺهي ڪُهَنَ سَانُ
نيڙي هيٺهان نِينهَ جي پاسي ڪَرِ مَ پَانُ
جُلُ وِڃائي جَانُ عَاشِقَ اَجَلَ سَامُهون ٭

١٨

ڪوٺِهنُ قَرِيبَنِ جو عَيْنُ تَرِڙَنُ آهِ
هِيَ اُلٽِي ڪالهِڙي سِڪَ وَنَنْدِي سَاه
آسِروُ هَڏِ مَ لَاهِ چِهِنَنُ ڪَنْڌِهنُ اُنِ جو ٭

١٩

ڪُهَنِ تَان ڪهنڪهُرَا جَان ڪَرَ لَهَنِ تَان ڪُهَنِ
سِيٺِي مَاءُ مُنْهَنِ سِيٺِي رَاحَتَ رُوحَ جِي ٭

٢٠

ڪُهي سڙ ڪَرَ لَهي ڪوٺهي سڙ ڪُهي
سڙئِي مَاءُ مُنْهي سڙئِي رَاحَتَ رُوحَ جِي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۲۱

کُهي سؤ کَرَ لَهي کوٺهي سؤ قَريبُ
اِهَا عَادَتَ سِکهيو هَرْ زَمانِ حَبيبُ
تِڇهي سؤ طَبيبُ سوٽي رَاحَتَ رُوحَ جي ٭

۲۲

کُهَنِ ڪوٺهنِ اِيَ پَرِ سَنْدِي سَجَنين
سُورِيَ چاڙهِئو سُپرين ڏَنبهَ ڏِهَاڙي ڏِينِ
ويِتها وِرهَ وَٽينِ آءِ وَاڏهوڙِيَا وِهَانيءُ ٿُون ٭

وَائِي

تهِينْدو تَنَ طَبيبُ دَارُون مُنهِن جي دَرْدَ جو
ٻُکِي ڏِينْدُمِ ٻاجهَ جي اَچي شَالَ عَجيبُ
دَارُون مُنهِن جي دَرْدَ جو:
پرِيَنِ اَچي پَانَ کِئو سَنْدو غَورُ غَرِيبَ
دَارُون مُنهِن جي دَرْدَ جو
ڏُکهَنْدو سبهوئِي ڏُورِ کِئو مَنْجهون تَنَ طَبِيبَ
دَارُون مُنهِن جي دَرْدَ جو
اَڍِيون عَبْدُ ٱلّطِيفُ چَوِي هَاتِفُ آهِ حَبيبُ
دَارُون مُنهِن جي دَرْدَ جو ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# سُرُ جَمَنُ ڪَلْيَانُ

## فَصُلُ پَهرِيون

١

تُون حَبِيبُ تُون طَبِيبُ تُون دَرْدَ جِي دَوَا
جَانِبَ مُنْهِن جِي جِيءَ ۾ آزَارَ جا اَنْوَا
صَاحِبَ ڏِي شَفَا مِيانْ مَرِيضَنِ کهِي ٭

٢

تُون حَبِيبُ تُون طَبِيبُ تُون دَرْدَ جو دَارُون
دَوَا آهِنِ دِلِ کهِي تُنْهِن جُون تَنْوَارُون
ڪَرِيَان تهِي ڪَارُون جِينئَ بُکِيَ ٻِيَ نَه تهِئِي ٭

٣

تُون حَبِيبُ تُون طَبِيبُ تُونئِي ڏُرْتَهَنِ ڏَرَبُ
تُون ڏِئِين تُون لَاهِئِين تُونئِي هَادِي رَبُّ
آهِيمِ اِيُ عَجَبُ جِينئَ وَارِيو وِيجَ وِهَارِئين ٭

٤

تُون حَبِيبُ تُون طَبِيبُ تُون دَارُون کهِي دَرْدَنِ
تُون ڏِئِين تُون لَاهِئِين ڏَاتَرَ کهِي ڏُکهَنْدَنِ
تَڏِهِن پهَکِيُون پهَرَڻ کَنِ جَڏِهِن اَمُرُ ڪَرِيو اُنِ کهِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٥

جان ڪي ڪن طبيب دارون هن درد جا
هنيو سي حبيب اکوڙيو آلڪ ڪري ⁘

٦

هڻ حبيب هٿ ڪهڻي ٿيڪ م ٿورو لاءِ
پريم تنهن جي ڪهاه مران ته مان لهان ⁘

٧

هڻ حبيب هٿ ڪهڻي دل مين دهيري دانهه
ڪهان تان ڪوڪ ٿئي صبر آن نه سهان
ڪنهن ڪهي ايني چوان ته مون ڪهي ماريو سجنين ⁘

٨

هڻ حبيب هٿ ڪهڻي باڪا لهي بان
ماڪهين مون منهه ٿئي جهولي وجهان پان
ان پر ساجن سان مان مقابلو مون ٿئي ⁘

٩

جت حبيب هڻن ناوڪ ٻهري ٻيٽ جي
تتان طبيبن وڃا ونجي وسري ⁘

١٠

هڻين جي حبيب ڄڄتي ميا ڪري
ته پڇان ڪي نه طبيب هند ڪهاون سان تهي ڪهاريان ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۱

چوڙي چنگ ٻنگ آهي حبيبن عنبوس
ڄُڃهان ٻانُ لڳوسِ ڪنارئون ڪرُ ڪڇڻي ۔

۱۲

ڪنارئان ڪڙڪن جنهين لوهه لڱن مين
محبت جي ميدان مين پيا لال لڇهن
پانهين ٻنڌهن پٽيون پانهين چنگا ڪن
وٽان واڍهوڙين رهي اچي راتڙي ۔

۱۳

وهي اچي راتڙي تن واڍهوڙين وٽان
جن کهي سور سرير مين گهت منجهيئي گهاء
سي لڳائي لوڪاء پانهين ٻنڌهن پٽيون ۔

۱۴

اڄ پڻ ڪنجهو ڪنجهه واڍهوڙڪي منهي
جي پڻ پيين سنجهه ته هوء پنيون هوء پٽيون ۔

۱۵

اڄ پڻ کهڙي ڏانهه واڍهوڙڪي منهي
ويچ وڙائي ٻانهه چوڙي چاڪ نهارئا ۔



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۶

وِچارا واڍوڙ سَدا شاڪِرَ سُورَ سين
تائِن مَتهي توڙ اوري ڪن نَہ آسِرو ٭

۱۷

سَدا آهي سُورَ جي واڍوڙين وائي
جيڪا اُتهن مَن مين سَلِن نَہ سائي
اوڙَڪ اُهائي گولي لهن گالهڙي ٭

۱۸

سَکهن سُڌهِ نَہ سُورَ جي نَہ کهايَلَ ڪيني کهارِين
پيَلَ پاسو پَٽَ تي واڍوڙيَلَ نَہ وارِين
پَرِ مين پَچي پِرَ لِيَ هَيِ هَنجهون هارِين
سَجَنَ جي سارِين تَن رِزيو رِهامي راتڙي ٭

۱۹

سَکهن سُڌهِ نَہ سُورَ جي تهان رُنگن رَنجوري
پيَا آهِن پَٽَ تي مَتهن مامُوري
لَکِيَنَ لَنُون لَطيفُ چَئي سَدا جي سُوري
پِرَتِ جَن پُوري تَن رِزيو رِهامي راتڙي ٭

۲۰

آيَلِ اُنِ نَہ وِسَهان هَنجهون جي هارِين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آنيو آبَ اکهن مين تهَا ڏِهَه کهي ڏيکهارين
سَجَڻُ جي سَارين سي نَه کي رُون نَه چُوني کي ⁘

## وَائِي

وِرْسِيا ويچ وِچَارا دِلِ مين دَرْدُ پرِيَنِ جو
اُتهيو وِيچا مَه وِهو وَنجو ڏَربَ کهَنِي
دِلِ مين دَرْدُ پرِيَنِ جو
ٻڪي ڏِينْدَا بَاجهَه جِي آيا سُورَ دهَنِي ⁘

---

## فَصُلُ بِئو

۱

تَنَ طَبِيبُ نَه تُون جو سُدهِه نَه لَهين سُورَ جِي
سَانڍهِه پَنهِن جا ڏرَبَڙَا کهَڻُ کهَنِي مَنْجهِه بهُون
کَا نَه کهُرَجي مُون حَيَاتِي هوتَنِ ري ⁘

۲۰

وِيجَنِ سين وَائِيَ پِيا کَرِي نَه کِٿَانئُون
جي پَنْدِ پَارِئانئُون تَه سِکهَائِي سَکهَا تهِيَا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٣

وِڄَنِ سين وَاٻِيَ پِيَا ڪِري ڪَنِ نَہ پَانَ

اَکِهَا اِنَ اُهِڄَانَ پَسو سُورَ سِڄهَائِيَا ❊

٤

آهي گهَڻو اَکهَنِ جو تَرسُ طَبِيبَنِ

ڪِيو وَسُ وِڄَنِ تَان ڪِرِيَ رِي ڪِي نَہ تِهِڻي ❊

٥

اَکهَائِي سَگها تِهِيَا جي وِيتهَا وَتِ وِڄَنِ

تَرسِي طَبِيبَنِ چِيتهِي هُونَدَ چَنگا ڪِيَا ❊

٦

پَاڙِي وِيجَ هُوَا تَان مُون مُورُ نَہ پُڇِهِيَا

تِيلَانهِين پِيَا مُوڙِيَ سِيرَ اَکهِنِ مين ❊

٧

هَارِيَا تو هِرِي ڪُجُ ڪَايَا سين ڪِيو

ڪَرِين جي ڪِرِي تَہ تُون تَوَانو تِهِڻِين ❊

٨

جي ٻهَائين تَہ پرِيَنِ مِڙَان تَہ سِڪهُه چوڙَانِڪِي لَاتِ

جَسَنُ جاڳَنُ تَنِ کهي سُکهُه نَہ سَارِي رَاتِ

اُجهي ٻُجهِي آئِيَا وَائِي ڪَنِ نَہ وَاتِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻلي سوري چاڙهيا ٻيان ڪن نه بات
توڙي ڪُسن ڪات ته به ساڪي سلن ڪي نه ڪي ⁘

۹

تڙي طبيبن گهايل گهران ڪڍيو
تنهن جا چڪيا چاڪ چيهون ڪري ڪڙيون مورِ نه ڪن
دوس ڏرسن تنهن جي وڌو ٿهار ٿهپن
وڙچيو ويچ وڃن آءُ ته پريم اُبهان ⁘

۱۰

وڃن ويٺهيئي دوس پيهي ڏر آئيو
ڇحت جي سرير مين ڪلب ڪرين پيٺي
پيڙ پري ويٺي اڄن سان عجيب جي ⁘

۱۱

وڏهي جن ودهياس وري سي ويچ ٿهيا
تُرت ٻڌهانئون پٽيون روح ڪنانئون راس
هنئڙا تنهين پاس گهار ته گهايل نه ٿهئين ⁘

۱۲

هاريا ويچ مياس سڌهه نه لهين سور جي
ٻرين کهي چونڊياس ته ترس طبيبن ڇهڏيو ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۳

ويچ مَ بُکي ڏي اَلا چڱي مَ تهيان
سَڄَڻُ مَانَ اَچي ڪَرَ لاهُو تهي ڪَڏهين ◊

۱۴

وِهَنُ وِڄَنِ وَٽِ جي سِکهين تَ سَکهو تهئين
اَڳين عَادَتَ مَٽِ تَ اَکهَا عَاجِزُ نَ تهئين ◊

۱۵

هُئين تَ وِڄَنِ وَٽِ تُون ڪِينَئَ جِيئَ جَڏو تهِئين
سِرُ ڏِيئي مين سَٽِ ڪوهُ نَ ڪَيَئِ ڏرَبَڙَا ◊

۱۶

ڪُتهِبَسِ ڪُوِڄَنِ تَنَ طَبِيبَ نَ گَڏِيَا
ڏِيئي ڏَنبهَ ڏَڏِنِ پَاَنان ڏِيلُ ڏُکهوڙِيو ◊

۱۷

تَرْسُ طَبِيبَنِ جو جَڏَنِ ڪِٿو نَ يَاتِ
جو وِڄَنِ جي وَاتِ دَارُوَّ تَنْهِن ڏُرسُ ڪِيَا ◊

۱۸

دَارُون ڪَارُون جَان ڪِي ڪِيَا وِڄَنِ
بُکي ڏِينْدَا بَاجهَ جي نِهَارِي نَاڙُون
جَنِ جُون سِين لَهَنِ سَارُون تَنِ تَان ڏُکهَنْدو ڏُورِ تهِئي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۹

اَکَهنِ مِڙِي اَڄُ ڪِئو سَڌُ صِحَتَ ڪهي
ڏُورِ ڏُکَهنڌَ ابهَجُ مِهرِيَ مُنهُ ڏيکارِئو ⁘

وَائِي

اَچِي سَارَ لَهيجِ سَاجَن سُورَ تُمَارِي آنئُون مَارِي
سُورَ تُمَارِي جِي مَرَان تَان مُون ڏوهُ مَ ڏيجِ
سَاجَن سُورَ تُمَارِي آنئُون مَارِي
ڏرَبَنِ بهَرِي هَتهَڙَا دَارُون دوسْت ڪَرِيجِ
سَاجَن سُورَ تُمَارِي آنئُون مَارِي ⁘

---

## فَصُلُ تِرِٽئون

۱

هَيْ هَيِ وَهِي هَاهِ مَنَ مِين مَحَبُوبَنِ جِي
جِيرَا جوش جَلَائِيَا بُکِنِ بَرِي بَاهِ
پَسو مَڃَ مَتهَاهِ جِي وِيسَاهِ نَ وِسَهو ⁘

۲

هَيْ هَيِ وَهِي هُوهِ مَنَ مِين مَحَبُوبَنِ جِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۲۶

## جمن ڪَلِيان ۲

جيرَا جوش جَلائِيا ٻُکِنِ ڪَتِي ٻُوء
اَڄِي پَسُو رُوء جي وِيسَاهِ نَہ وِسهُو ۽

۳

ڪانڊِين ٿَانڊِين ٻَاٻُرِي ٻَچَان مَرُ پِيئِي
جيرَا جِگرَ ٻُڪِيُون شِيخُنِ مِين تِرِيئِي
وِڇَنُون وِيئِي تهِي وَهِيئِي سَڄَنِين ۽

۴

سَرُ جو سَنڌو سَڄَنِين ٻهَرَ ٻهيڏِيَ ڏِيئِي
ڪَانَ ڪَرِنگهَرُ ڪَپِئُو پَکهَنِ سِرِ پِيهِي
جيرَا جِگرَ ٻُڪِيُون پَاسَارِيُون پِيئِي
وِڇَنِئُون وِيئِي تهِي وَهِيئِي سَڄَنِين ۽

۵

سَرُ جو سَنڌو سَڄَنِين ٻَنگَان ٻَانُ ٻهَرِي
وِئُو وُجُودَان نِڪِرِي ڪَرَڪَڙَ ڪَانُ ڪَرِي
پُڇهوسِ پِيرَ ٻهَرِي تَہ ڪِي ٿهَرِيو هَتهُ حَبِيبَ جو ۽

۶

سَرُ جو سَنڌو سَڄَنِين ٻِيهَرَ ٻَانُ ٻهَرِي
ڇهِمڪِئُو سو ڇهوهَ مَان ڪَرَڪَڙَ ڪَانُ ڪَرِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيرا جِگرَ ٻڪيون لَنگهي پٿو پَري
لڱو جِيئَ جَڙي تَانِيَان تِيرُ نَہ نِڪري ⁘

٧

سَرُ جو سَنْڌو سَجْنين سِينگَ مَنْجهَان سِيلو
ترِينگڙُ ڏِکيو ڪِي نَہ ڪِي پَارِ لَنگهيو پِيلو
هَنَن سِين حِيلو جَانِبَ جيڏوڙِي ڪِٿو ⁘

٨

ڏُکهَايوُنَ ڏهَٿِين جِيرو اَنْدَرِ جِنْڊُڙِي
لَڳِي شِيخَ وُجُودَ مِين سَنْڌِي نِينهَ نَٿِين
مُشَاهِدِي تَنْهِين مُون کهِي وِڌهو مَچ مِين ⁘

٩

پُڇهُ پَتَنْگَنِ کهِي سَنْڌِيُون کهَامَنَ خَبَرُون
آئِيو وِجهَنِ آگِ مِين جِيئي پَنْهِنِ جو جِي
جيري جَنْهِين جِي لَگا نيزَا نِينهَ جَا ⁘

١٠

پَتَنْگُ چَاڻِي پَانَ کهِي نَہ اَچِي آگِ اُجهَاءِ
پَچَنَ گهَنَا پَچَائِيَا تُون پَچَنَ کهِي پَچَاءِ
وَاقِفُ تهِي وِسَاءِ آگِ نَہ ٿِيجِي عَامَ کهِي ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١١

ٻَتَنڪُ ڇَاڻي ٻَانَ کهي ٻَسي مَڃُ مَ مؤٽ
سَهَاڻي سُپيرِيَنِ جي کهرُ تَ تهڻين کهؤٽ
اَڃَان تُون اَنوٽُ کهوري خَبَرَ نَ لَهين ⁘

١٢

ٻَتَنڪَنِ ٻَهُ ڪِٿو مِڙِيَا مَتهي مَڃَ
ٻَسي لَهَسَ نَ لِڃِيَا سَڙِيَا مَتهي سَڃَ
سَنْدَا لِڃِنِ ڪَڃَ وِيچَارَنِ وِنجَائِيَا ⁘

١٣

ڇَڙهِٿو ڇَڪَاسِنِ ڇَاهِ آڳِ ٻَرَنْدي آئِيَا
وِهِسَنِ وَاڙِيَ ٻهلَ جِينئَ مُحَبَّتي مَڃَ لَاءِ
آني ٻَانُ اَڙَاءِ کهَنِي کهُوري وِڃَ مين ⁘

١٤

جي تَتو تَنُ تَنورَ جَان تَ ڇهَنْڊي سَانُ ڇهَمَاءِ
آني آڳِ اَدَبَ سين ٻَاري جَانِ جَلَاءِ
ٻُرْڙِيَان اَنْدَرِ ٻَاڙِيُون ٻَنهِن جُون سَبهِ ٻَچَاءِ
لُڇهَنَ لَهُ لَطِيفُ چَئي ٻَدهَرِ هَڊِ مَ ٻَاءِ
مَتَان لڙڪُ لَکهَاءِ وِصَالَان وِتهِ ٻَوي ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٥

اڃان تنوران ڪالهه ڪڍهياسون ٽجنين
پڻ تايانئون ٽڪرو وحدت جي وڌاءِ
محبتن متهاءِ مڇ مورانهين نه لهي ⁘

١٦

ڀڃائي ڀهاڙ جن رسائيو رڪ کهي
تنهين سنڌو ڄاڻ آهي آڪرين کهي ⁘

١٧

ڌڻون ڌڻون ڌمنوار اڄ پڻ آڪرين جي
ٻاري مڇ مجاز جو اوتيائئون انگار
ڌوڌا تهيئي مه ڌار جم ڪچو رڪ ڪنئون تهئي

١٨

ڌوڌا تون نه ڌٿين آڪ اوڌو نه ونجين
الا جي عشق جا سي تان تون نه سهين
ابهو اينئن چئين ته آنئون آڪريو آهيان ⁘

١٩

سرُ سنڌان ڪري ڇڇ ڪهر لهار جو
ڌڪن هيٺهه ڌري من ڪڌئين رڪ سين ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢٠

ڌهڪين تاتِ پِنو هِينئو لوهُه ساڏانِ جِينئَ
وِڙِچي تا نہ وِٺو سنڀارِي کهي سڄڻين ⁘

٢١

سَهين جِينئَ سَنڌانِ ڌهڪنِ مَتهي ڌهڪڙا
وَهہ وِڃائِيِ پانُ ڏِيڻي ڏَٻائون ڏُنڪرين ⁘

٢٢

مُون پَرِ انگارنِ ٻہ ڏانهِين ٻَرنِ جي
هيڪَرَ کهُورِي کهَانئِيا ٻِهَرَ ڌهُودهي مَنجهہ ڌهڳنِ
پاتان لُهارنِ ميڙِي رکهيا مَچ تِي ⁘

٢٣

ٻاڙِيوُ اُجهائِينِ پِرِين اُجهايوُ ٻارِينِ
مُون کهي تهَا مارِينِ لُنئا لُهارنِ جا ⁘

٢٤

اَڄُ آڪَڙِيَا آئِيَا سُودهَا سِرانئِي
پِيارِي پانئِي تِيغِيُون ڪَنْدَا تِکهِيُون ⁘

٢٥

اَڄُ آڪَڙِيَا آئِيَا سَاهُو ڪِي سُڄَانَ
لَاهِينْدَا مُورِيَانَ رُکُ ڪَنْدَا پَڌِهرو ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۳۶

كَنُ كَنيُون لوُهَ ٻري ڌهوڏها جِتِ ڌهڪَنِ

مَتْرِكَنِ مُنْهَ كَڍِهيا سَانْدَانِيُون كَنْبَنِ

اَڄُ پُنُ آكَڙِيَن مِيڙو آهي مَڃ تي ◇

۳۷

سَرَهَا ڊِتهَمِ سِي جَنِ جِي سَانِجَهَ آهِ سِرَانِ سَان

تيغِ تَنهِين جِي کهي كَٺُ نَ لَگِي كَڍِهِين ◇

وَائِي

جِييُّ جِيَارِيو جِيئُ جِيَارِيو كِي نَ مُنْهِن جو هَارِيو

مُنهِن جو جِيئُ جِيَارِيو

پرِيَنِ جِي پَچَارَ سِيئَنِ جِي سَنْبهَارَ جَڏَڙو جِيئُ جِيَارِ

مُنهِن جو جِيئُ جِيَارِيو

اُنجو جو عَمِيقَ مَان مُنهِن جو پرِيَنِ پوڄ پيَارِيو

مُنهِن جو جِيئُ جِيَارِيو

مَرَضُ مَرِيضَنِ تَان اِشَارِي سَانُ اُتهِيَارِيو

مُنهِن جو جِيئُ جِيَارِيو

كَرَمَ كَرِيمَنِ جِي مُون کهي اَوکِهِيَ مَان اُكَارِيو

مُنهِن جو جِيئُ جِيَارِيو




books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سَنئُون مُنهن ڪري سُپرين اُوين نِرمَل نُور نِهاريو
مُنهن جو جِيئُ جِياريو
سَائِلَنِ جِينَئَ سَڌَ ڪري اُوين طَالِعَنِ کهي تَنوَاريو
مُنهن جو جِيئُ جِياريو ⁘

## فَصُلُ چوٿون

١

هِڪُ پِيَالو بہ جَنَا عِشقُ نہ ڪري اِينئَ
لِيکهيَا جي لِکهنَ سين قُربِ رَسَنَدَا ڪِينئَ
هُوَنَ ڪِيَا هِينئَ وَانجَا پَسُ وِصَالَ کهان ⁘

٢

هِڪُ پِيَالو بہ جَنَا عِشقُ نہ اِينئَ ڪري
آئِي جي هِيڪ تهِيَا گَنَا نِينهَ ڪري
ڏِٺِي ڌهَارَ ڌهَري خُلَتَ خَنجَرُ آئِيو ⁘

٣

هِڏُ پِيَالو بہ جَنَا عِشقُ نہ ڪري اَدهَ
اِيَ تہ شَاعِرَ سَدهَ ڪِٿِي جَا قَوَّالَ سَان ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۴

جيڏان ڦاٽل ڪوڙ اکيون اوڏانهين کڻين
وِهه تنهين روز جنهين سانڪ نه ساهه جو ⁘

۵

جيڏان ڦاٽل ڪُل اکيون اوڏانهين کڻين
متهو ڪن نه مُلهه پڪ برابر پانهن جو ⁘

۶

ڦاٽل ڪمائي ڪري وِهه مؤکهي جي ڪن
وٽان ويهي تن پيچ ڪي پيالِيون ⁘

۷

هونڊو هڏ م رکهه لاءِ پياڪن پانهن جو
وٽي واٽارن کهي تون پياري پرکهه
سا لکهه لهي تهي لکهه جا تو ايندي اُن سان ⁘

۸

هونڊو هڏ م سنڌهه لاءِ پياڪن پانهن جو
پوڄ پياري پيڙا ويندا وتهيو ڪنڌهه
ته هت تنهين جي هنڌهه مؤکهي کو مان لهين ⁘

۹

کهٽن مين کهٽڪن وٽيون پٽن وهه سر ڪاڏٿون



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڀھري ساقِي ڏي پيالو پيارِ ڪھي پرِيَن
پِڪين ڪِي نہ پرْچَنِ مَتَ تڪِيانئُون مَنْجھيان ⁘

١٠

آني اُترَ وَاء مؤکِھيَ مَتَ اُپِتِيَا
مَتَارَا تَنْھِن سَاء اَچَنِ سِرَ سَنْبَاھِئُو ⁘

١١

آني اُترَ ھيٺھِ مؤکِھيَ مَتَ اُپِتِيَا
مَتَارَا تَنْھِن ھيٺھِ اَچَنِ سِرَ سَنْبَاھِئُو ⁘

١٢

وِجھِجِ وَاتَاڙنِ ٻي ڪا مَيْخَاني جِي مَاڪَ
تھينْدِي سُدھِ سَبھَ ڪَنْھِين ھَنْدھِ ھَنْدھِ پَوَنْدِي ھَاڪَ
تہ پِرھَ جَا پِيَاڪَ جي سِي اَنگَنِ آئِيَا ⁘

١٣

جي سِي اَنگَنِ آئِيَا تہ سَرو ڪَنْدَا سُنجَ
سَا ڪَا تھينْدِيَنَ اُنجَ ھِي پِيتو ھُو آنِ ڪِي ⁘

١٤

مؤکِھِي اُوچِي نہ تھِئِي اَصُلُ اوچھِي ذَاتِ
وَتِيُون ڏيئِي وَاتِ مَتَارَا تَنْھِن مَارِيَا ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٥

مؤکهِيَ مَتَارَا کَنْهِن وَڌِيَ سَانجَنِ سَارِيَا
تَہ جِي هُوَا پِنْڻوَارَا اَڄُ نَہ آيَا کُنجَڙِين ⁘

١٦

مَتَارَا مَرِي وِيَا مؤکهِي تُون نَہ مَرِين
کِيهِيَ پَرِ پَرِين ڏُکهِي ڏَاتَارَنِ رِي ⁘

١٧

مَتَارَا مَرِي وِيَا مؤکهِي تُون بِهِي مَرُ
ڌُنْهِن جو ڌوسُ ڏَمَرُ کو نَہ سَهَنْدو اُنِ رِي ⁘

١٨

سَرِي کِي نَہ کِڻوَن وِينَ مؤکهِيَ جِي مَارِيَا
کو کو وِينُ کَلَالِ جو پِٽِي سِرِ پِڻوَن
تَنْهَان پوءِ تهِڻوَن مَرَنُ مَتَارَنِ کهِي ⁘

١٩

اَنجَان کهُورِي مَاٽِ مَتَ کُنِڪَا کَتَ کهَنَا
لَاهِي وِهُ مَہ لَاٽَ مؤکهِي مَتَارَنِ جَا ⁘

٢٠

کَنْدهِ کَتَارو مُنْهِ وَتِي عَادَتَ سَنْدِيَن اِيَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تَنْهِين تِڪون ڏِنِيون جُنّبِي مَنّجهان جِيی

سَرو تَنِ سَبِيئَ جَنِ حَاصِلُ ڪِئو حَالَ کهِي ⁘

۲۱

مؤکهِیَ مَتَهَا نَہ کهُرِيَا وِهُہ نَہ وِهَاڻِيَا

سُرڪِيَ خَاطِرِ سَيِّدُ چَئي اُتي تهِي آڻِيَا

هو جِی مَکالهِنِ مُکنَاڻِيَا تَنِ جُون بَتَهَنِ پَاسي بُتَهيُون ⁘

۲۲

سِرُ ڏِيئي سَتِ جوڙِ ڪَنْهن پَرِ ڪَلاَلَنِ سين

ڪَاتِي ڪَرِتُ ڪَپَارَ مين خَنْجَرُ آڻي کهوڙِ

مَرِنَانْ مُنْهُ مَہ موڙِ وَتِي تهِي وَدهِہ لَهِی ⁘

۲۳

وَتِ وَتِ وَتِی مين مَتِ مَتِ مَنْدُ پِئو

قَدُرُ ڪَيْفَ ڪَلاَلِ جو پِيَاڪَنِ پِئو

اَچَنِ دُرْسُ دُڪَانَ تي ڪَنْدهَہ قَبُولُ ڪِئو

سُرَهَا سِرَ ڏِئو چَکهَنِ سُرْڪَ سَيِّدُ چَئي ⁘

۲۴

آتِي تهِيئُ اَنڪَارَ کهَامِي خِرِدَارَنِ سين

تَہ پَسِين سي بهَتَارَ پَرُ پِيئَتِي جَنِ سَان ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢٥

كَلاَلِنُون كَا مَتِ نَـ سِکھِئين مُون هِنئان
رُوئندي رَاتِ وِهَاء چَکَائِينْدي پَتِبُون ٭

## وَائِي

دوسْ پيهِي دَرِ آيو تهِنئو مِلَنَ جو سَاعيو
ڏِينْهين پُنجَاتُون آئِي آسَان کهِي مَوْلِي سو مُحُبُّ مِلاَيو
تهِنئو مِلَنَ جو سَاعيو
وِٺو وِڇهوڙو تهِنئو ميلاَپو وَاجِدَ وَاء وَرَايو
تهِنئو مِلَنَ جو سَاعيو
هو جَنْهِين جو ڏَسْ ڏُورَاڏو اَڄُ اوڏو سو آيو
تهِنئو مِلَنَ جو سَاعيو
عَبْدُ اَللَّطِيفُ چَوِي اَچِي عَجِيبَنِ فَضُلُ پَانَ فَرْمَايو
تهِنئو مِلَنَ جو سَاعيو ٭

---

## فَـصُـلُ پَنْجـُون

١

قُرْبُ کِبْرِيَاء مَاء مُلاَقِي نَـ تهِئي
پُورو اِيئُ پَرِيَاء صُوفِي جِي صُلحَ مين ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۲

صُوفِي سَالِمَ سِي وِيا جي اَڪْثَرِ سين اَڏِيَارَ
بَازِي بَازِنْدَڪِي آهي اَوِيسَارَ
پِريَان سين پَهڪَارَ رِنْدِيَ رَسَائي ڪَيا ❊

۳

صُوفِيَ سَيْرُ سَڀِنِ مين جِينَيً رُکِنِ مين سَاهُ
سَا نَہ ڪَرِي ڪَالهَڙِي جِينَيً پَرِيُون پَرُوڙِي پَسَاهُ
آهِيسِ اِيُ ڳُنَاهُ جي ڪَا ڪَرِي پَڌِرِي ❊

۴

ڏِني ڏُکهوُئِيا اَنْڌِني رَاضِي ٿِيُا
صُوفِي ٿِي وِيا جِينَيً ڪِي نَہ ڪَهِيَانئُون پَانَ سَان ❊

۵

صُوفِي لَا ڪُوفِي ڪو نَہ ڀَهَانئِيسِ ڪِيرُ
مَنْجَهانئِي مَنْجهِ وِڙهِي پَڌِرِ نَہ آهِيسِ پِيرُ
جَنْهِين سَانئِسِ وِيرُ ٿِهِئِي تَنْهِين جو وَاهَرُو ❊

۶

صُوفِي صَافُ ڪِئُوء ڌهُوئِي وَرَقُ وُجُودَ جو
تَنْهَان پِؤء ٿِهِئُوء جِنْرِي پَسَنُ پِرَ جو ❊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۷

صُوفِي چَائِين سَدهَ. ڪَرِين صُوفِنِ اِيَ نَہ صَلاحَ
ڪَاتِي دهَرِ ڪُلاهَ. اُڇلِي وِجهُہ تُون آڳِ مِين ⁘

۸

جي ٽوپِي دهَرِين ڪَنڌهَ. تي تَہ صُوفِي سَالِمُ ٿِيئُ
وِهُہ وَٺِي هَٿهہ ڪَري ڪو پُرِ پِيَالو پِيئُ
هَنڌهُہ تَنهِين جو هِيئُ جَنهِين حَاصِلُ ڪِئو حَالَ کهِي ⁘

۹

جُسِي مِين جَبَارَ جو خَفِي خِيمو کهوڙ
جَلِي تُون زَبَانَ سَان چَارَئِي پَهَرَ چهوڙ
فِڪرَ سِين فُرقَانَ مِين اِسْمُ اَعْظَمُ ڏورِ
بِيَا دَرَ وَنجِي مَ وورِ اِيُ اَمُلُ اِتَانهِين سُپَجي ⁘

۱۰

عَالَمُ آنڊُون سَانُ بهَرِيو تهو بهِيرَ ڪَري
پَانُ نَہ آهِي جَانُ مَانڊِرِي مَنڊَرُ پکهيڙِيو ⁘

۱۱

طَالِبُ تَصَرَ سُونَهَ. سَرُ اَنڊَرِ رُومِي رَاهِ.
مَاڙهُو اِتِ ڪِيَاهِ مَنڊَرُ نَہ پَسِين مَنڊِئو ⁘


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٢

طالِبُ قَصَرَ سُونْهَ سَرُ اِيَ رُومِيَ جي رُوءِ
جَنْهِين ڏِٺِي جُوءِ تَنْهِين ڪُجهُ ڪِي نَہ ڪِي ٭

١٣

طَالِبُ قَصَرَ سُونْهَ سَرُ رُومِيَ جوُ آهي
تَارِيُون جي لَاهي تہ مَنجهيئِي مُشَاهِدُو تِهِئي ٭

١٤

طَالِبُ قَصَرَ سُونْهَ سَرُ اِيُ رُومِيَ جي رِهَانِ
پِهرِين وِنجَائِنِ پَانُ پوءِ پَسَنِ پِرَ کهي ٭

١٥

طَالِبُ قَصَرَ سُونْهَ سَرُ اِيُ رُومِيَ جي رَاحَتَ
جَنْهِين ڏِٺِي سَتهَ تَنْهِين ڪُجهُ ڪِي نَہ ڪِي ٭

١٦

طَالِبُ قَصَرَ سُونْهَ سَرُ اِيُ رُومِيَ جي اوطَاقَ
جي پَچِين مَنْجهِہ فِرَاقَ تَہ مَنْجهيئِي مُشَاهِدُو تِهِئي ٭

١٧

ظَاهِرَ مين زَانِي فِڪرَ مين فَنَا تِهيَا
تَنْهِين کهي تَعْلِيمَ جِي قَلْبَ اَنْدَرِ ڪَانِي
حَرْفُ حَقَّانِي دَوْرُ ڪِيَانُئُون دِلِ مين ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٨

جَنِ کھي ڏَوْرُ ڏَرْڏَ جو سَبَقُ سُورَ پَڙهَنِ
فِڪرَ ڀھَرِھي هَٿھَ ۾ مَاٿهَ مُطَالِعَه ڪَنِ
پَنو سو پَڙهَنِ جَنْهِن ۾ پَسَنِ پِرَ کھي ❖

١٩

وِسِرِيوُمِ سَبَقُ ڀِهِرِين سِتَرَ نَہ سَنْڀهِرَان
اَنجَان هِييُ وَرَقُ هَيِ مُطَالِعَه نَہ تِهِنو ❖

٢٠

ڪِٿو مُطَالِعَه مُون هِييُ جو وَرَقُ وِصَالَ جو
تَنْهِن ۾ تُونْهِين تُون ٻِي لَاتِ نَہ لَحَظِي جيتِري ❖

٢١

سَا سِتَرَ نَہ سَنْوَارِينِ اَلْفُ جَنْهِين جي اَکَ ۾
نَاحَقُّ ٻِيَا نِهَارِينِ پَنَا ٻِيَا پِرِنيَ لِيَ ❖

٢٢

سِتَرَ سَائِي سَارِ اَلْفُ جَنْهِين جي اَکَ ۾
مِيمَ مَان مَعْلُومُ ڪَرِي وَرَقُ اُهوئِي وَارِ
نَاحَقُّ ڪِي مَہ نِهَارِ پَنَا ٻِمَّا پِرِنيَ لِيَ ❖

٢٣

سَا سِتَرَ سَارِيَانئُون اَلْفُ جَنْهِين جي اَکَ ۾



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لَا مَقْصُودُ فِي دَارَيْنِ اِنَ پَرِ اُتَانئُون
سَگَرُ سُتهَانئُون تهِيَا رَسِيلَا رَحْمَانَ سَان ۞

٢٤

تهِيَا رَسِيلَا رَحْمَانَ سَان سَگَرِ سُونهَنِ جي
آيُون تَنهِين کهِي وَادهَايُون وِصَالَ جُون ۞

٢٥

اَکهَرَ پَڙهِي اَبهَاڪِيَا قَاضِي تَنهَن نَہ ڪِيَا
بهِيرِئِين ۽ بهَانِئِين اِيڏان اِينئَ نَہ آهِ
اِنَ سُرڪِيَ سَندو سَاءُ پُڇهِجِ عَزَازِيلَ کهَان ۞

٢٦

عَاشِقُ عَزَازِيلُ بِئَا مِڙِيئِي سَدهِڙِيَا
مَنْجهَان سِکَ سَبِيلَ لَعْنَتِي لَالُ تهِئو ۞

٢٧

جو مُون پَڙهِئو پَانَ لَئِ سَبَقُ سَابِقَ جو
پِرِين سُنجَاتُمِ پَانهِن جو نَفْسَ جو نِهو
جنئَ عِرْفَانَ اَصْلَ مين تهِي رُوحَنِ روز ڪِئو
سوَرِيءِ وَرَقُ وِئو ڪَڏِيمِ وَڏهُ وِصَالَ جو ۞



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لَا مَقْصُودُ فِي دَارَيْنِ اِنَ پَرِ اُتَانئُون
سَڳَرُ سُٿهَانئُون ٿهِيَا رَسِيلَا رَحْمَانَ سَان ⁘

٢٤

ٿهِيَا رَسِيلَا رَحْمَانَ سَان سَڳَرِ سُونْهَنِ جِي
آئُون تَنْهِين کهي وَادهَائُون وِصَالَ جُون ⁘

٢٥

اَکهَرَ پَڙهِي اَبهَاڳِيَا قَاضِي تَنْهِن نَہ ڪِيَا
ڀهيرِٿِين ۽ ڀهَانِٿِين اِيڏَان اِينئَ نَہ آهِ
اِنَ سُرڪَي سَنْڌُو سَاءُ پُڇهِجِ عَزَازِيلَ کهَان ⁘

٢٦

عَاشِقُ عَزَازِيلُ ٻِئَا مِڙِيئِي سَدهِڙِيَا
مَنْجهَان سِڪَ سَبِيلَ لَعْنَتِي لَالُ ٿهِئُو ⁘

٢٧

جئُو مُون پَڙهِئُو پَانَ لَئِ سَبَقُ سَابِقَ جئُو
پِرِين سُنڃَاتُمِ پَانْهِن جئُو نَفْسَ جئُو نِهُو
جِنئَ عِرْفَانَ اَصْلَ مِين ٿهِي رُوحَنِ رُوزُ ڪِئُو
سُوُرِي وَرَقُ وِئُو ڪَڍِيُمِ وَڏهُ وِصَالَ جئُو ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٣٤

جِنِيَ جِنِيَ وَرَقَ وَارِئِين تِنِيَ تِنِيَ ڏِٺهو ڏوھُ
تَنْهن ڪَهَلِيَ ڪِبو ڪوھُ رَهَلِيَ رَهِئو نَہ سُپِرِين ٭

٣٥

ڪَاتِبَ لِکهين جِينِيَ لَايو لَامُ اَلْفَ سَان
اَسَان سَجَنُ تِينِيَ رَهِئو آهِي رُوحَ مِين ٭

٣٦

ڪوھُ تهو ڪَاڳَرُ ڪورِئين وِيتهو وِڃَائِين مَسُ
ڏورِ تِمَانئِي ڏَسُ اَکهَرَ جِنَانئِي جُڙِيَا ٭

٣٧

جِهَرَا چَالِيهَا نَہ چَالِيهَ تِهَڙو پَسَنُ پرِنِيَ جو
ڪَاتِبَ ڳُجَهَارِئَان ڪَرِين مَتهِي پَنَنِ پِيهَ
جِي وَرَقَ وَارِين وِيهَ نَہ اَکهَرُ اُهوئِي هِيڪَڙو ٭

٣٨

تَنُ ڪهُڏِيَ مَنُ جُڙِي ڪِي مَہ چَالِيهَا رَکهُ
ڪوھُ نَہ پُوجِئو پُوڄِين اَتهَئِي پَهَرَ اَلڪهُ
تَان تُون پَانُ پَرکهُ سَبهَ ڪِيڏَانهِين سَامُهُون ٭

٣٩

سَبهِ ڪِيڏَانهِين سَامُهُون ڪو هَنْدھُ پَالهو نَاھِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جي اَڄان اَرَڪَهه تهِيَا سي ڪَانئِرَ ڪِبَا ڪَاهِ
مُحِبُّ مَنجهِيئِي مَنِ مِانْهه مُون اَڃانَنْڍِيَ ٻُجهئُو ٭

۴۰

ڪَنْزُ قُدُورِي ڪَافِيَا جي پَڙهِي پَرُوڙِين سَبهِ
جَنُ مَنْڍِي مَاڪُوڙِي ڪهُوهَه مِين پِيئِي ڪَنهِي اُبهُ ٭

۴۱

ڪَنْزُ قُدُورِي ڪَافِيَا هَڏِهِين ڪو نَ پَڙهِيوَمِ
اُهو پَاڙُوئِي پئُو جِئَان پرِينِ لَدهومِ ٭

۴۲

ڪَنْزُ قُدُورِي چهَڏِ سِتْرُون پَڙهُ سَانجَاهَ جُون
وَڻُون تَنهِين جي سَڏِ جَنِ آهَ نَ آهِي سَاهَ جِي ٭

وَائِي

سي وَتهئُو هوتَ وَنجِنِ جهَلِيَان پَلِيَان هِٿَڙو نَ رَهِي
آنئُون جَنهِين جِي آهِيَان ڪَڙِي تهِيَان مَ تَنِ
جهَلِيَان پَلِيَان هِٿَڙو نَ رَهِي
ڪهوُرِيَان ڪهَنِين بهَتِئِين سَنْڌِي بَاجهَ بِبَنِ
جهَلِيَان پَلِبَان هِٿَڙو نَ رَهِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مُ مَرَان مَارِينِ مُون پُرْزَا پُرْزَا ڪَنِ
جهَلِيَان پَلِيَان هِٿَڙو نَ رَهي
آنڌُون مُيَاڻي کهورِي جي مُون مُحبُّ مِلَنِ
جهَلِيَان پَلِيَان هِٿَڙو نَ رَهي ❊

وَائِي

وِسَارِيُ مَ وِينَ جوبهَنَ بَ ٽِري ڏِينْهَڙَا
لُوٽهيُون سَهَنِ لوڳَ جَا وِهَانِيَ ٽِي وِين
جوبهَنَ بَ ٽِري ڏِينْهَڙَا
اَصُلُ اَسَارِنِ جَا سُٽِي وِتُّرَا سِينَ
جوبهَنَ بَ ٽِري ڏِينْهَڙَا
جيڏِيُون جي مُون وِسَهو تَ نِنڊَرَ مَ هيرِيو نِينَ
جوبهَنَ بَ ٽِري ڏِينْهَڙَا
رَاتِيُون جَاڳَنِ جي سي آنڌُون ڪَنڌَڙِي سِينَ
جوبهَنَ بَ ٽِري ڏِينْهَڙَا
آدهِيَ رَاتِ اُٿهي ڪَري جهَلِ ٽُون نِنڊَرَان نِينَ
جوبهَنَ بَ ٽِري ڏِينْهَڙَا ❊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## فَصُلُ ڇَهَـهُون

۱

ڏَاڍِي ڏِيُون ڪَرِي رُڪُنِ ڪُونْهي رَنْگُ
کهوڙِيَ هيٺهِ اُبَنْگهُ ڪَاهِڙو پَاکهَرِئين هَنِي ॰

۲

ڏَاڍِي ڏِيُون ڪَرِي رُڪُنِ ڪُونْهي چِيتُ
کهوڙِيَ هيٺهِ سُچِيتُ ڪَاهِڙو پَاکهَرِئين هَنِي ॰

۳

عَقَابِيلَ اکهِنِ مِين تو کهي بَارِي بَانَ
اُبهو اَکِرَايُون ڪَرِين مَاکِ مَارِيو مَسْتَانَ
جَانِبَ تُون زِيَانَ اکهِنِ سَان اِيڏَا ڪَرِينِ ॰

۴

عَقَابِيلَ اکهِنِ مِين تو کهي تِکهَا تِيرَ
سَاجَنَ اِنْهِي سِينگَ سَان پهَٽْيَيِ کهَنَا فَقِيرَ
بِٺو مَ مَارِجِ مِيرَ تُنْهِن جو پهِرِيونْٽِي پُورِو تهِٺو ॰

۵

عَقَابِيلَ اکهِنِ مِين تِيرَ تِکهَا تو کهي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سَاجَنَ اِنهيءَ سُورَ جِي ڪَلَ نَہ آهي ننهن ڪهي
مَارِين تهڙو مُون کهي ڇهَانِئڻو لڙهَ لَطِيفُ چَئي ⁘

٦

عَقَابيلَ آکهِنِ سَان تِيرَ چَلَايَا تڙ
ڀِڻڙو مَرُ مَاري سڙ جَنّهين جو ڀِهِرّيڙن پُورڙو نَہ تهيئي ⁘

٧

جِي هڙءِ پَاڻِنِ کَانُ کَمَانَ مِين تَہ سِينڙو سِپَرَ رَکهُہ
مُنْهَ مِين مَعْشُوقَنِ جَا چَاکَ چُٽِڪَا چَکهُہ
سُورِي ٻهَانئِي مَہ شَکُ عَاشِقُ تهِيئُ تَہ اُبَهين ⁘

٨

جِي هڙءِ پَاڻِنِ کَانُ کَمَانَ مِين تَہ سِينڙو سِپَرَ ڏِيجِ
مُنْهَ مِين مَعْشُوقَنِ جَا جهَالُو تهِي جهَلِجِ
پُهَان پَکُ مَہ ڏِيجِ عَاشِقُ تهِيئُ تَہ اُبَهين ⁘

٩

جِي هڙءِ پَلئِنِ کَانُ کَمَانَ مِين تَہ نَئِي ڏِجي سِينڙو
کَجي نَہ ڪِينڙو وَنجِي دَرِ دڙسَنِ جي ⁘

١٠

پَائِي کَانُ کَمَانَ مِينْ مِيَان مَارِ مَہ مُون
مُون مِين آهِين تُون مَٿَان تُنْهِن جڙئِي تڙ کهي لَڳي ⁘

١١

ڪَهَنيو ڇهڏِينِ ڪَانُ هَڏِ ڏَ. هَنَاڻِينِ تهَا
تهيَا ڄي نِيشَانَ تَہ پِهِرين سَان پُورَا هُوَا ❖

١٢

لوُرِي ڄِتِ لَڳومِ اُتِ اُبهوُڙِي آهِيَان
سُورِهُ پِرِين سَنْدومِ مَانَ بَاجهَائِي ڀِڻو هَنِي ❖

١٣

مُحَبَّتَ ڄي مَيْدَانَ مِين عَاشِقَ تهِيئُ آڇَامُ
سَمُهَان سَلَ سَيّدُ چَئِي ڪَنْدَه تِيرَ تَمَامُ
ڪَهِڄِ ڪو مَ ڪَلَامُ مَتَان دوسَتِيان ڏُورِ تهِئِين ❖

١٤

مُحَبَّتَ ڄي مَيْدَانَ مِين اَچِي پيرَ پِيَانَ
سِرُ وَڏِهِنُ دهَارَ دهَرِنُ اِهِي سِينْگَارَ سَنْدَانَ
ڏِينْدَا مُون ڏِتهَانَ مَتهَا مَحبُوبَنِ لَئِ ❖

١٥

مُحَبَّتَ ڄي مَيْدَانَ مِين ڪَرِ پَرَاڏُو پَٽُ
سِرُ سُورِيَ دهَرُ ڪُنگِرِي مَتَان ڪُهين ڪَٽُ
عِشقُ نَانگُ نِپَٽُ خَبَرَ ڪهَادهَنِ ڪهي پَوِي ❖



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۶

مُحَبَّتَ جي مَيْدَانَ ۾ سِرَ جو سَانْگُ مَ كَرِ
لَاهي سِرُ لَطِيفُ چَئي دوسَنِ اَڳيان دَهَرِ
عِشْقُ نَانْگُ اَپَرِ خَبَرَ كَهَادَهَنِ كهي پَوي ⁘

۱۷

مُحَبَّتَ جي مَيْدَانَ ۾ سِرَ جو كَرِ مَ سَانگُ
سُورِيَ سُپِيرِنِ جي چَڙهُ تَہ تهِئين چَانگُ
عِشْقُ آهي نَانگُ خَبَرَ كَهَادَهَنِ كهي پَوي ⁘

۱۸

مُحَبَّتَ جي مَيْدَانَ ۾ كُڏي پَوُ كَاهي
چهڏِ آسَانگا اَرْوَاحَ جا لَاهُوتِي لَاهي
عِشْقُ نَانگُ آهي خَبَرَ كَهَادَهَنِ كهي پَوي ⁘

۱۹

عِشْقُ نَہ آهي رَانڌِ تَہ كِي كَنِسِ كَبهرُو
جِيئُ جُسي ۽ جَانِ جي بهَنْڀِي جو هيڪانْڊِ
سِنسِي نيزي پَانڊِ اُچهلِ تہ اَدهَ تهِئي ⁘

وَائِي

عِشْقُ تَمَامُ بِرهُ تَمَامُ ور مَيْن لُوتِي يَارَ لُوكُو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سِجَ سُتي جَبِ نِنْڊَرَ نَہ آوي ننڊين نِنْڊَرَ حَرَامُ
وڙ مَيْن لُوڙي يَارَ لُوڪو
رَاتِيَان جَاڳَنُ صَاحِبُ سَنْڀَالِنُ اِهو فَقِيرَانڊا ڪَامُ
وڙ مَيْن لُوڙي يَارَ لُوڪو ⋄

---

## فَـصُـلُ سَـتـوُن

١

عَاشِقَنِ اَلـلّٰـهُ وِيرُوتَارَ نَہ وِسرِي
آهَہ ڪَرِينْدَي سَاهُ ڪَڍِهِن وِينْدَه نِڪِرِي ⋄

٢

عَاشِقَنِ آرَامُ ڪَڍِهِن تَانْ ڪو نَہ ڪِيُو
طَعْنِي ڪِيَا تَمَامُ حَبِيبَانِي هيڪَڙِي ⋄

٣

عَاشِقَ اِينيَّ نَہ هُونِ جِينيَّ تُون سَڀِي اَنگَڙِين
وَنجِيُو دَرِ دوسَنِ جي رَتُ ڎِينْهَانِي زُونِ
بِيَ ڪَنهِن پَرِ نَہ پُونِ مَاڪُرِ مَحْبُوبَنِ سَان ⋄



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۴

جَان عَاشِقَ مَٿهي رَتُ تَان دَعْوَا ڪَرِي مَ نِينْهَن جِي
سَاڻُو مُنْهُن سُونْهَن. ڪَٿِي سِڪَنَ اِيئُ شَرْطُ
نَ ڪِي ڪُوڙِ ڳَرْتهُ مَٿهَان سِرَ سَوْدَا ڪَرِي ❋

۵

اَڄَانْ تُو مَنجهَاءِ ڪَکهَ، ڇهُتِي رَتُ نِڪِري
مُنْهَن مِين مَحْبُوبَنِ جَا ڪِينئُ جهَلِينْدِين ڪهَاوَ
سُو تُون ڳُجَاڙِئَا، سِڪَنَ جُون سَدهُون ڪَرِين ❋

۶

سِڪَنَ اِيئُ نَ سَدهَ جِينئُ لِڪِئُو لِيَاڪَا پَاڻِين
پَئِي پِرِيَانْ جِي نَ تهِئِين مَٿهي اَنڱَنِ اَدهَ
هِيئُ پُنُ ڪُوڙِي سَدهَ جِينئُ کهِلِئُو کهَايُو سُمَهِين ❋

۷

سِڪَنُ ۽ سُورِي بَئِي اَکهَرِ هيڪَڙِي
وِهَنُ وَاتَڙِيَنِ تِي ڳهَارِنُ ضَرُورِي
ٻِنْهِين جِي پُورِي جِيئُ ڏِنِي رِيَ نَ جُڙِي ❋

۸

جِي ڪِي سِڪَنُ سِکهُ نَا تَ. پَسُ سِڪَنْدِئِين
پَاسِي تَنْهِين مَ لِڪُ نِينْهُ نَ سُنڃَاڻَنِ جِي ❋



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٩

جَان جَان سِي نَہ لِتَا جِي لِيَاڪَا لوڪَ جَا
تَان تَان تهِڻِي نَہ مَاءُ پُررِ پَسَنُ پِرَ سِين ⁘

١٠

عَاشِقَ مَعْشُوقَنِ جِي وَتِهِي وِيهُہ ڪَرِي
جِي مَہ وِرِچِي ڇهَڍِين سَنْدِي دوسَ دَرِي
ڏِينْدَہ ٻُڪِي ٻَاجهَہ جِي وِيندَہ تهَپَ تهَرِي
اَسَان تَا نَہ سَرِي تو ڪهِي سَرِي سُپِرِين ⁘

١١

عَاشِقَ مَعْشُوقَنِ جو وِهِي وِيهِجِ سِيرُ
اَچِي پُڇهَنْدَہ پَانَهِين پِرْتَان بهَرِي پِيرُ
ٻهَلَائِنِ سَنْدو ٻهِيرُ رَهْبَرُ تهِينْدَہ رَاهَہ مِين ⁘

١٢

عَاشِقَ مَعْشُوقَنِ جو وَتِهِي وِيهِجِ دَرُ
اَچِي پُڇهَنْدَہ سُپِرِين لَهَنْدِين سَرُ سُبهَرُ
ٻهَلَائِيَ جو ٻهَرُ رَهْبَرُ تهِينْدَہ رَاهَہ مِنِ ⁘

١٣

عَاشِقَ مَعْشُوقَنِ جو وَتِهِي وِيهُہ دُڪَانُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پَنِجِ پيشِ پِرِيَنِ جي پَتِي وِجهي پَانُ
تَہ تُون تَنهين سَانُ سَدَا رَهَنْدِين سُرْخُرُو ٭

١۴

عَاشِقَ مُعْشُوقَنِ جو وَتهي وِيهِجِ ڪهَتُ
جي مَہ وِرْچي ڇهَڏِيِين مُحَبَّتَ سَنْدو مَتُ
ڪَري سِرَ جي سَتِ پِجِ ڪي پِيَالِيُون ٭

١۵

عَاشِقَ مَعْشُوقَنِ جو وَتهي وِيهِجِ رَنْدُ
پِيَارِيِنْدَہ پَانَهين مَيْخاني جو مَنْدُ
ڪي مَہ ڪَڏهِجِ تُون ڪَنْدهُ اوڏو تهِجِ اُنِ ڪهي ٭

١٦

عَاشِقُ چَوُ مَہ اُنَ ڪهي مَہ ڪِي چَوُ مَعْشُوقُ
خَالِقُ چَوُ مَہ خَامَ تُون مَہ ڪِي چَوُ مَخْلُوقُ
جَانِجِ سو سُلُوڪُ جو نَاقِصَانِئِي نِنْڪِٿو ٭

## وَائِي

سُپيرِيَانْ جي سُونْهَہ جي مَحالهِہ ڪِي نَہ وَنجي
وَنجي دَرِ دوسَنِ جي سُورِيَ سِرُ هَڻجي
عَاشِقَ اَنکهِنِ چَاڙهِيَا ٻِئو سَبهُ ڪو ٻهَڄي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پُڇِهم پوءِ پرِيَتَنوَ پِهرين سِرُ سَنْجِي
عَاقِلَٿِي اوڇهُون تهِيَا بهوَرو ڪِي نَہ بهَنْجِي ✧

---

## فَصُلُ اَٺهون

۱

هَرَ هَرَ هَرَاٿِي وَنجَنُ دَرِ دوسَنِ جِي
پَاتَهِين ڏانُهُ پرِيَنِ جِي اُجهُ مَہ اَوَاٿِي
اَلْهَڙُ تهِي آڇهِ مَہ تُون وَاتَاڙُنِ وَاٿِي
لَاٿِيِنْدَءِ لَطِيفُ چَٿِي سُورَانْ سَرَهَاٿِي
ڳُجهو ڳَالهَاٿِي پِرْتِ وَٿهِجِ پَانَ مِين ✧

۲

جَان جَان نَاهِ ضَرُورُ تَان تَان طَبِيبُ نَاهِ ڪو
جِي سو سَرِٿو سُورُ تَڪَڙو وِجُ وَرِي پِٿو ✧

۳

سُورُ جَنْهِين کهِي سَرِٿو سَرِي تَنِ صِحَّتَ
مِتهِي مُصِيبَتَ اَنْدَرِ عَاشِقَنِ کهِي ✧



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۴

سِيئِي سُورَ طَبِيبَ جَنْهِين سُورَنِ سَنْجَ ڪِي
جو لِکِهِئو هُتِ لَطِيفُ چَئِي سوئِي ڪَنِ قَرِيبَ
جي نَوَازِيَا نَصِيبَ دَارُنـيَّ سي دُرْسُ ڪِيَا ⁘

٥

جَنْهِن سَرَ سَنْدو نُورُ تِيلَانْ سو سُونْهو تِهِئِي
تَنْهِن ڳَالهِ لَهِجي مُورُ جِيلَانْ لَبهَنِ سُپِرِين ⁘

٦

جي پِيَارِي پَانَ تَہ کَرهو تِهِي پَانِي پِئِين
اَڳي اِنَ نِيَانَ اَنکوتِهي ڳَا نَہ کِهِرِي ⁘

٧

اَنَ ڪِي عَيَانْ نَہ تِهِئِي ڪِي پَرُورِي کو نَہ
سَچِي جِيهِي سِوُنَ مُنهِ نَہ پِيئِي مَاڙهُئِين ⁘

٨

اَنَ ڪِي عَيَانْ نَہ تِهِئِي ڪِي پَرُورِي کو نَہ
سَا سُونْهِين تِهِئِي سوُنَ اَمُرُ عطَا جَنْهِن جو ⁘

٩

جي ڪِي ڏِنَاڻُون سو مُڪُن مُون ڳَنْڍهِ تِهِئو
مُون کهِي پُڇهَاڻُون تُون ڪِينَيَّ اِنْهِي تهوکَ سَان ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۰

جي ڪي ڏِنائُون سو سِرُ ڏيئِي سَهُه جِنْدُڙا
مَ ڇوُ ڇِهنائُون اِيئَ پُنُ ڳُنڌِهي سَجَنين ❁

۱۱

جي ڇِهنَين تان تُون مَ ڇهنُ پاء اُميري اُنِ سين
جي هوءِ اَوَڳُنُ ڪنِئِي اَسُونهين تَ تُون ڳُنائي ڳِنهُ
پانڌُ جهلي تُون پِنُ هِنَ سُنهاري سَنگَ مين ❁

۱۲

نَمي ڪهِي نِهارِ تُون ڏَمَرُ ڏوَلاءِ
تهِيئِ ساڃاهو جي اُبهين اِنْهي پير تي ❁

۱۳

ڏَمَرُ پاسوِ ڏُکهَ سين کهانْدِ کهتوري هوءِ
آکو اِيئين چوءِ تَ وَٱللَّهُ مَعَ ٱلصَّابِرِينَ ❁

۱۴

کهَمُ کهمَنْدَڙَنِ کهَٽِئو هارايو هورَنِ
چکهِئو نَ چوَنْدَنِ هو جو ساءُ صَبْرَ جو ❁

۱۵

کهَمَنْدَڙَنِ کهرِ کي چوَنْدَڙ چَنْگا نَ تهيا
وِينَنِئُون وِيدهَ پَٽِي هَتهِ نَ اَچِي ڪي ❁



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٦

هوءِ چَوَنِي تُون مَ چَوُ وَاتَانْ وَرَائِي
اَڱي اَڱِرَائِي جو ڪَري خَطَا سؤ کهَائِي
پَانْدَ مِين پَائِي وِٺو ڪِينپِوَارؤ ڪِي نَ ڪِي ⁘

١٧

هوءِ چَوَنِي تُون ڪِي مَ چَوُ وَاتَانْ وَرَائِي وِينُ
سَبهِنِي سِين سَيّدُ چَوِي مَنُ مَارِي ڪَرِ مِينُ
کهَانْدِ وَڏِيَائِي کهِينُ ڪِيني مَنْجهَان ڪِي نَ تهِئِي ⁘

١٨

ڪَنْهِين ڪِي نَ پِرَائِؤ ڪِيني مَنْجهَان ڪِي نَ
جي هُوئِي سَٿَانِي سِينگ تَ زِهَ چهِنِي جڙکهؤ تهِئِي ⁘

١٩

سُنِي وِينَ ڪَنَنِ سِين وَرَائِجِ مَ وَرِي
هَادِيَ جي هِدَايَتَ جِي آهِي اِيئَ ڪَرِي
جَنْهِين سَاهَ سَرِي تَنْهِين مَارِئو نَفْسُ مَاتهِ سَان ⁘

٢٠

چَوَنْدَڙَنِ ڪِي مَ چَئِجِ تُون وِينُ وَرَائِي سَامُهُون
ڪَا مَتِ قِيمَتَ جِيهَڙِي روزُ ڏَمَرَ کهِي ڏِجِ
وِينُ مَ وَرَائِجِ تَ سَبهَ دَرِ سُهَاڳِي تهِئِين ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۲۱

چَوَنْدَنِ چيو مَ ڪر اَڻچَوَنْدَنِ چيو وِسَارِ
اَتهَئِي پَهَرَ اَدَبَ سين پَرِ اِهَائِي پَارِ
پَايو مُنْهَ مُونَنِ مين غُرْبَتَ سَانُ گُذَارِ
مُفْتِي مَنجهِ وِهَارِ تَہ قَاضِيَ ڪَانئِيَارو نَہ ٿِئين ⁘

۲۲

جي ٻهَائِين تَہ پِرِنيُ مِڙَان تَہ ڏوهَنِئُون ڳُڻُ ٻهَانيِ
تُنْدِي مَتهَاهِين کهُتَاءِ ٻوڙُ چَوَنِي جِييُ چَڱُو ⁘

۲۳

جَنْهِين سَنْدِي جِييُ مين ٻهَتُون ٻهَتِين ٻوڙُ
کِهَڙَا ڪَرِين ڪوڙُ هِتَڙَا پَسِي تَنِ کهي ⁘

۲۴

جَنْهِين سَنْدِي ٻوڙُ مين ٻهَتُون ٻهَتِين جِييُ
تَنَ تَنْهِين سين پِييُ اوڏَا اَڏِي پَکهَڙَا ⁘

۲۵

وِيتهِي جَنْهِين وَٽِ ڏُکهَنْدو ڏَاڍهو تهِئِي
تُون سَا مَجْلِسَ مَٽِ جِي حَاصِلُ هُويئِي هَزَارَ جو ⁘

۲۶

وِيتهِي جَنْهِين وَٽِ ڏُکهَنْدو ڏُورِ تهِئِي
تَنَ تَنْهِين سَان ڪَٽِ اوڏَا اَڏِي پَکهَڙَا ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وائي

يارَ سڄڻَ جي فِراقَ ڙِي جِيڏِيُون آنئُون مَارِي
دَرِ دوسَنِ جي ڪنئِين جو هُونْدَا مُون جيهَا مُشْتَاقَ
ڙِي جِيڏِيُون آنئُون مَارِي
جَاتهي ڪَاتهي مَحْبُوبَنِ جِي آهي حُسُنَ جي هَاڪَ
ڙِي جِيڏِيُون آنئُون مَارِي
سَرْمُو ڪجي ڪَرِ اَکِهِنِ جو خَاصَ پِرِيَانْ جِي خَاڪَ
ڙِي جِيڏِيُون آنئُون مَارِي
عَبْدُ اللَّطِيفُ چَوي پِرِين اَسانْهِن جو هَميشَا آهي حِسْنَاڪُ
ڙِي جِيڏِيُون آنئُون مَارِي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# سُرُ کهَنْڀَاتَ

## فَصُلُ پهِرِيون

۱

ڀَهَلاَئِي آهِينِ پِرِينءَ ڀَهَلاَئِيءَ پَاڻهِين جِي
سَڀَاجهَا سِرِ چَڙهِنُو ڏورَاپَا نَ ڏِينِ
مُون ڏُٺُنْ مَنْڊِيُون تِهِينِ سَڄَنَ سَڃَاڻِيءَ مِين ⁘

۲

پيشَانِيءَ مِين پِرِيَنِ جِي ڀَهَلاَئِيءَ جَا ڀهيرَ
آنْڱَنِ اُڪَنْڊِيَنِ جِي ڏِي پَاٻُوهِي پيرَ
قَمَرُ پَاڙِي ڪيرَ شَمْسُ سُپيرِيَنِ سَان ⁘

۳

هِي چَنْڊُرُ اُهوئِي جو هُتِ پَسِي تهو پِرِنءِ کهِي
آڏِتَ چِنْجِ اُنِ کهِي ڏِيَانِءِ جوڙوئِي
هيڪَانْڊِيءَ هوئِي سَانْڱُ مَ پوِي سَڄَنِين ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٤

مَرُ هيڪَانڊَا هُونِ پِرِين سَانگِ مَ وَنجِنِ سِينَ
رَهِيَا آهِنِ رُوحَ مِيِن نِتُ جَنْهِين جَا نِينَ
وِمَاسِيَا جَنِ وِينَ تهوُ تَارِيَ تَگِي تَنِ هِنئُون ❊

٥

رَاتِ سَهَائِي ٻهُنيِءَ سَنئِين پَتِنِ وَڏوئِي پَنْڌُ
هَلَنْدِي حَبِيبَ ڏي گَرَهَا موُڙِ مَ ڪَنْڌُ
ٻَنْڌَڻُ سوئِي ٻَنْڌُ جو پَهُچَائِي پِرِنءَ ڪهِي ❊

٦

رَاتِ سَهَائِي ٻهُنيِءَ سَنئِين ٻهَائِي ڪهُرْجِي ٻهَلُ
آهُرَ مِين اِيلَاچِيُون چَنْدَنُ چَرِي چَلُ
مُون توئِي سِين مُگالهَڙِي پِي ڪَنْهِين مَ سَلُ
هَاهَرَ ڪَنْدو هَلُ تَ ڪهِجَايُون ڪهَرَنِ ڪهِي ❊

٧

رَاتِ سَهَائِي ٻهُنيِءَ سَنئِين پِرْتِ نَئِي پَنْڌُ پُورِ
مَيَا مَحْبُوبَنِ جِي هَلِي وَڃُون حُضُورِ
جِي چِنِگَنِ چِتَ مِين سِي ڪِينئَ سَجَڻَ ڏُورِ
اَللّٰهَ لَڳِ اَسُورِ اُنئَائِي تهِي آءٌ تُون ❊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٨

اَجُ پُنُ اَڇهاٺِي چوڏِهِنءَ مَاهَ چَنڊَرَ جِينءَ

مُون ڪهَرِ مُون پرِيَنِ جي اَچَڻَ جِي وَاٺِي

مُون ڪهَرِ وَادهَاٺِي پِيٺِي ڪهَامِ ڪهَرَنِ مين ٭

٩

اَجُ پُنُ اُمَارو چوڏِهِنءَ مَاهَ چَنڊَرَ جو

مُون ڪهَرِ مُون پرِيَنِ جي اَچَڻَ جو وَارو

سَڄَڻُ سوَبهَارو بهيجَ بهِنءَ ڪهَرِ آيِيو ٭

١٠

چوڏِهِنءَ چَنڊَرُ اُبهرِيو اُنترِيهِنءَ پَسِيسِ عَامُ

مَتهِسِ نَاهِ مَلَامُ جي ڪِي پُڇهين پُڇهُ سو ٭

١١

چوڏِهِنءَ چَنڊَرَ تُون اُبهرِين سَهَسِين ڪَرِي سِينگَارَ

پَلَڪِ پرِيَان جي نَ پَرِين جي جِيلَا ڪَرِين هَزَارَ

جِهَڙو تُون سَبهَ جَمَارَ تِهَڙو دَمُ دوسَ جو ٭

١٢

سَهَسِين سَڄَڻِ اُبهرِي چورَاسِي چَنڊَرَنِ

بِاَللّٰهِ رِي پرِيَنِ سَبهَ اُونڌَاهِي بهَاٺِيَان ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٣

چَنڊُرَ تُنْهن جِي ذَاتِ ٻَارِيَان ڪِي نَ پِرِيَنِ سين
تُون اَڇهو مَنْجهِ رَاتِ سَڄَڻَ نِتُ سوجهرو ✧

١٤

چَنڊَرَ ڇِتَائِي تُنْهن جِي سَهَائِي مُون سُورَ
لَايَان لَالَ لِنگَنِ کهي چَنڊَنَ ٻهَرِي ٻُورَ
ڪُومَانو ڪَپُورُ مُون وَاجهَائِينْدِي پِرِنِ کهي ✧

١٥

چَنڊَرَ لَڳَنِي مَنْڊَرَ سَنْجهِيَڻِي شِيحَ تهِئين
ڪَرِ اُونْدَاهِي اَنْڌهَ نَ مِلَان مَحْبُوبَنِ کهي ✧

١٦

چَنڊُرَ چَوَانِي حَقُّ جِي وِرْچِين نَ وِڇِرِين
ٻَ اَکهِيُون تِرِٿِون تَکُ تو مين نَاهِ پِرِيَنِ جِهو ✧

١٧

ڪَهَنِي نِينَ خُمَارَ مَان جَان نَازُ ڪِيَائُون نَظُرُ
سُورِجَ شَاخُون جُهڪِيُون ڪُومَانو قَمَرُ
تَارَا ڪَنِيُون تَابِعَ تهِئا ڏيکهِينْدِي دِلبَرُ
جهَڪو تهِئو جَوْهَرُ جَانِبَ جِي جَمَالَ سين ✧



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۸

اُونڌاهِي اَڌهہ رَاتِ مين پرِنءِ پَسايو پَانُ
چَنْڊُرُ ڪَتِنِ سَانُ پيهي وِٺو پَرْلَاوَ مين ॰

۱۹

تَارَا تِيلِيَ رُوھ لُڌھا لَالَنَ اُبهِرِين
جِهَڙِي تو صُبُوحِ تِهَڙِي صَافِي سَجَّنِين ॰

۲۰

تو ڏِٺُو ڪهنو نِهَارِيَان تَارَا تِينَاهِين
سَجَنَ جِيڏَاهِين تُون تِيڏَاهِين اُبهِرِين ॰

۲۱

هُنَ تَارِي هُنَ هَنْڌهِ هُتِ مُنْهِن جَا سُپِرِين
سَجَنَ مَاڪهِيَ مَنْڊِ ڪَوْڙَا تهِئَنِ نَہ ڪَڍِهِين ॰

۲۲

هُنَ تَارِي هُنَ هِيٺهِ هُتِ مُنْهِن جَا سُپِرِين
سَجَنَ مَاڪهِيَ هِيٺهِ ڪَوْڙَا تهِئَنِ نَہ ڪَڍِهِين ॰

۲۳

هُنَ تَارِي هُنَ جَاه هُتِ مُنْهِن جَا سُپِرِين
سَجَنَ مَاڪهِيَ سَاه ڪَوْڙَا تهِئَنِ نَہ ڪَڍِهِين ॰



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۲۴

تَارَا تِرَ تِرَوْکھِڙِيُون مَتهِن پهلَڙِيُون
کھُھِ سِي رَاتَڙِيُون جِي مُون پِرَ پُنَجانَان پيٿِيُون ❊

## وَاڻِي ۱

جِيڏِيُون هِيئُ ضَرُور آيَلِ کِي نَہ رَهَندو پِرِنءَ رِي
سَکھو سَاعَتَ نَہ جِنْدڙو اُتهَنِي پَهَرَ مَلُورُ
آيَلِ کِي نَہ رَهَندو پِرِنءَ رِي
مَنَ مِين مُشْتَاقَنِ جِي سَاجَنَ تُنْهِن جو سُورُ
آيَلِ کِي نَہ رَهَندو پِرِنءَ رِي
پيرِين آنُون نَہ پُڄِنِي ڏيهُہ پِريَان جو ڏُورِ
آيَلِ کِي نَہ رَهَندو پِرِنءَ رِي
وَون ويلھَ سَبھَ کَنهِين هِنٿَرَا پِرِنءَ حُضُورِ
آيَلِ کِي نَہ رَهَندو پِرِنءَ رِي ❊

## وَاڻِي ۲

اَنگَنِ آيَمِ پيهِي يَا اَلَا مُون سَارِينْدِي سُپِرِين
مُشْکُ عَطُرُ مُون پِرِين سِکِيَسِ جَمُ سَبهيئِي
يَا اَلَا مُون سَارِينْدِي سپِرِين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## ڪَهنبهاتُ ا

تَنُ جَنهين جو طَالِبُو رُوح تَنهِين سَان رِيهي
يَا آلا مُون سَارِينڊي سُپِرين
سَاجَن سَنڊِيَ سُونهَ جِي آنڻُون ڳالهِ ڪَرِيَان ڪيهي
يَا آلا مُون سَارِينڊي سُپِرين
تهڻو لُطُف لَطِيف ڇَٿي دوسُ آيو دَرِ پيهي
يَا آلا مُون سَارِينڊي سُپِرين ❖

## وَاڻي ٣

وَهلَڙِي وَڻُن مَ وِهَامِي رَاتِ رَهَائِينڊِيَسِ پِرِنءَ کِهي
شَمَعَ تهينڊِيَسِ شَبِ مين اِنَ خُوشِيَ کهَان کهَامِي
رَاتِ رَهَائِينڊِيَسِ پِرِنءَ کِهي
بَابُنِ سَنڊِيَ بَاهِ جَان بَرَان شَالَ اُجهَامِي
رَاتِ رَهَائِينڊِيَسِ پِرِنءَ کِهي
پِرِتِ جَا پِيتَمَ جِي سَا ڪِي نَ پَرُوڙِيَمِ عَامِي
رَاتِ رَهَائِينڊِيَسِ پِرِنءَ کِهي
مُون کِهي مُون پِرِيَنِ جو آهِي دَرُدُ دَوَامِي
رَاتِ رَهَائِينڊِيَسِ پِرِنءَ کِهي
آهِيَان يَارُ سَيِّدَ جو ڪا نَ رَهِي ڪا خَامِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رَاتِ رَهَائِيندِيَس پرِنءَ کهي
هو جو لَنوُن لَطِيف چٿي مُون کهي آهِ مُدامِي
رَاتِ رَهَائِيندِيَس پرِنءَ کهي
رَوْشَنُ تهيَان رُنجَ مين جي هُٿَان لَئِ اُنهي لَامِي
رَاتِ رَهَائِيندِيَس پرِنءَ کهي
کَارِي سَا قِيَامَ سَٿِين آهِ هوتُ جَنهن جو حَامِي
رَاتِ رَهَائِيندِيَس پرِنءَ کهي
آيَمِ تَنهن لوکَ سَان جي سي مُون چوَنِ سَامِي
رَاتِ رَهَائِيندِيَس پرِنءَ کهي ٭

---

## فَصُلُ ٻِئو

۱

نَاسِينڊي نِگَاهَ پِهرِين کَجِ پرِنءَ ڏي
اَحْوَالَ عَاجِزَنِ جَا تُون آکهجِ لَکِ اَللّٰهَ
رُوزُ نِهَارِنِ رَاهَ اَکهِيُون اَوَانْهن جي آسِرِي ٭

۲

نَاسِينڊي نَظرُ پِهرِين کَجِ پرِنءَ ڏي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

قَمَرَ چَنِجِ پرِيَنِ کھي نِسَتُ تھِي نِبَرُ
بِٺو بھَرُوسو نَ بھَرُ اَکھِيُون اَھَانُ جي آسِري ⁂

۳

نَاسِينِدي نِرْتِ پھِرِين کَجِ پرِنئَ ڏي
قَمَرَ چَنِجِ قَرِيبَ کھي سَارِي سَانُ سُرْتِ
بِٺو بھَرُوسو نَ بھِتِ اَکھِيُون تَنھَانُ جي آسِري ⁂

۴

نَاسِينِدي نِھَارَ پھِرِين کَجِ پرِنئَ ڏي
آنئُون جي سَنيھَا ڏِيَانئِ سي چَنِجِ چَنْڊرَ اَپَارَ
تَہ سَاجَنَ سَبھَہ جَمَارَ اَکھِيُون اَوَانھِن جي آسِري ⁂

۵

چَنِڪِيَان چَنْڊرَ چَنِجِ سَنيھَا کھي سَجَنِين
مَتھَان اَنگَنَ اُبھِرِي پرِيَنِ جي پَنِجِ
جھِينئو گَالھَائِجِ پِيرَنِ دھَرِي ھَتھَڙَا ⁂

۶

آنئُون جي ڏِيَانئِ سَنيھَا سي تُون چَنْڊرَ پَلِئَ بَنْدھُ
چَنِجِ حَالُ حَبِيبَ کھي نَئِي نِوڙَائِي کَنْدھُ
تو تِيڏَانھِين پَنْدھُ جَاڏِي عَالَمَ آسِرو ⁂



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٧

اُڀَرُ چَنڊَرَ پَسُ پِرِينَ تُہ اوڏا مُون ڏُورِ
سَڄَڻَ سُتا وِلهَہ ۾ چوڌا ڀَرِي ڪَپُورِ
پِيرين آنئُون نَہ پُڄَنِي ٻَاٻَلُ ڏِٺي نَہ ٻُورُ
جَنهِن تي چَڙهِي اَسُورُ سَنجهي سَڄَڻَ سَهَتِيَان ◊

٨

آنئُون اُڪَنڊِهِيَائِي مَرَان پِرِينَ ڀَهَلَا پَرَ ڏُورِ
ٻَاٻَلُ ڏِٺي نَہ ٻُورِ ٻَنڌَهَنَ جوڳِي پِيرِي ◊

٩

ڏَهَنِي ڪَرِينْدِين ڪَڏِهِين حَيَاتِي هِيڪَانْدِ
مَنَ ۾ مُشْتَاقَنِ جِي ڪِنِيَ رَنْجَائِي رَانْدِ
پِرِينَ ڏِيسَانْدَرَ پَانْدِ مُڇُهَ ڪَرَهِيَان ڪَنِ سِين ◊

١٠

هِنئَڙِي سَڄَڻَ سَارِيَا ڪِتهِي هُونْدَمِ هِيرَ
اَچِي لَالَنَ نَہ ڏِٺِين مَتهِي پَلَنْگَنِ پِيرَ
تهِي وِرُوهِنَ وِيرَ مُڇُهَ ڪَرَهِيَان ڪَنِ سَان ◊

١١

وَڏَپهُڙو ۽ وَاءُ ڪَرَهِي ڪهَاڏو ڪهوڙِئو
سو ڪِيني پَلَانِيَان جو اوَلَانِئو نَہ اُتهِي ◊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۲

پَلاَنِيَان پوءِ اوَلاَنِئو نَہ اُتهي
جيڏان وَڳُ وِٺو تنوءِ تَرسِي اوڏهِين ؞

۱۳

کَرَهو نَہ کَهَکَانُ پيرين آنئُون نَہ پُجِنِي
جي مُون رَاتِ رَسَانِئِين نِيٺِي سَاجَنَ سَانُ
مُون نَہ وَهِينئو پَانُ وِيٺهي نِينَ نِچوئِيَان ؞

۱۴

کَرَهَا کِسرِ چهَڏِ وِکهُون وِجهُ وَدهَنْدِيُون
هيکَرَ حَبِيبَنِ سَان مُون کهي نِيٺِي کَڏِ
ڇِهَنُ پَرِني هَڏِ آهُون اُکَنْڊهِيَنِ جُون ؞

۱۵

کَرَهَا کِسرِ چهَڏِ وِکهَ وَدهَنْدِي پَاه
مُنْهِن جو هَلَنُ اُتهِين جِتِي جَانِبَ جَاه
تو کهي چَنْدَنُ چَارِيَان پِٺو وَڳُ لاَئِيُون کهَاه
اِيٺِين اُتهَ اُتهَاه جِينئَ هُونْدِيَ رَاتِ هُتِ مِڙَانْ ؞

۱۶

کِسرِ چهَڏِ کَنْوَاتَ وِکهُون وِجهُ وَدهَنْدِيُون



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سَنئِين سُپيرِيَنِ جي وِنگِي بھَانئِ مَ وَاتَ
چھَڏِ جھوڙِي ڏِي جھَاتَ تہ ھُونڊِيَ رَاتِ ھُتِ مِڙَانْ ٭

١٧

ڪَرَھَا ڪُرَ سُنْجَانُ پيڪو ۽ پَانْھِن جو
اَصُلُ آھي آھِنْ جو نَاڙيرو نِڌھَانُ
ڪَرَھَا اَسَان سَانُ ڪِي چَنْگِيُون ڪَجِ چَنگَائِيُون ٭

١٨

آئي بَڌھِمِ وَنَ جَاہَ تہ مَانَ مُڪھِرِيُون چَرِي
ڪُڌھَاتُورڙو ڪَرَھو لِڪِئو لَائِيُون ڪھَاہ
اِنَ مَٿي سَنْڌِنِ مَاہ مُون گَالھِنِ گوڙَھَا ڪِئو ٭

١٩

مَيَا مَنجِ مِنِتھَ اَجُ مُنْھِن جي ڪَرَھَا
جھَاگِينڊي جَرَ پَٽِيُون مَتَانْ ڪَرِين ڪَتھَ
سُپيرِيَانْ جي سَتھَ مُون کھِي نيٺِي ميڙِئِين ٭

٢٠

گَلِ گَانَا يَاقُوتَ جَا مُوتِنِ گُتِيَسِ مَالھَ
ڪَڍِيفِيَ جِي ڪَرَھَا ھِيڊِي پَايَانئِ حَالَ
چَنْڊَنُ چَارِيَانئِ جَالَ جِي مُون رَاتِ رَسَائِئِين ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۲۱

ڳَلِ ڳانَا يَاقُوتَ جَا موڙتِي مَنْجهِ مَهَارَ
ڇَانگا ڇَنْدَنُ ڇارِيَانِيُ اَتهَڻِي پھرَ اپَارَ
سَنْڌِي پِيِئَ پَچَارَ جِي مُون رَاتِ رَسَائِڻِين ٭

۲۲

مَيَا تو مَهَارَ سَارِي پَايَانِيُ سوُن جِي
ڇَارِيَانِيُ ڇَنْدَنَ چوڙِيُون نَايو مِينڌِنِ ڏَارَ
سَنْڌِي پِيِئَ پَچَارَ جِي مُون رَاتِ رَسَائِڻِين ٭

۲۳

اُتهُ نَہ وَڃِي وَڳَ سِين چَرِي نَہ لَانئو
مَٿِي کهي مَجَازَ جو تهُوهِي مِين تهَانئو
پَتَاڙِي پَانئو مَرَنْدِي سِينُ نَہ مَتِيو ٭

۲۴

اُتهُ نَہ وَڃِي وَڳَ سَان چَرِي نَہ چَانْگو
لَڳِيَسِ نَـاوُڪَ نِينْهَ جِي ڊِهوڙَنئو نَانگو
ڇهَڊِي سِرَ سَانگو رِڙهِي رَنْدِ پرِيَنِ جِي ٭

۲۵

وِهِي مَنْجهِ تهو وَڳَ کهَتهُورِيَ ڏَارَ چَرِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مَاءُ مُنْهِين جي کَرَهِي پَدهَرِ پَکَ نَہ لَڳَ
جَڳَ مِين جِيهڙو جَڳَ هِنئِي سَان هُتِ چَرِي ⁘

۲۶

بهوڙ نَہ چَرِي ٻوڙ ڇهَڏِئو تُورَ تَکُون کُرِي
مُونِين هَنِي موڙِئو کَرَهو رَاتِ کَپُورُ
مِيڙ تهِئو مَعْمُورُ چَنْدَنُ چَکهِي آئِئو ⁘

۲۷

اَڄُ نَہ اَکِنيءَ ڏهَارَ کَرَهو جِنيءَ کَالهَہ هُئو
اَنڱَنِ آيو نَہ کَرِي پَاهوڙِي پَچَارَ
جِيکُسِ مَنْجهِ قَطَارَ کَا وَلِ ڇهنَائِين وِهُ جِي ⁘

۲۸

مٿِي مَاکَاٽِي وِدهو وَاتُ وَلِنِ کهِي
خَبَرَ تهِي کهِيتَرَ دهَنِنِ کهِ وِڏُونَانُ وَاهِي
کَرَهِي کَاکَتَ ڇهَڏِي وَرِيَسِ نَہ وَاٽِي
چَانگِي چَرِيَائِي وِٿِي وِچَارِي وِسِرِي ⁘

۲۹

مُتهِيُون لَهِي مُنْهَاءُ جي تَہ چَانگا ڇهِنِيُون
وَلَڙِيُون وِهُ سَاءُ اَنْجَان تَہ مَنْهَنْدِيُون ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۳۰

وَتهِي سِيتَ سُوتَ پَاءِ پَنْهِن جي کَرهِي
وَلَڙِيُون جي وَاسَ وَنَنْدِيُون پَهَرِيُون مَتهِي پَٽَ
چَانْگي چَکهِي چِٽَ تَہ پوءِ نَہ رَهَنْدو پَنْدهَ رِي ؞

۳۱

لَکهِين سَوِين چَرَنِ کَرَهَا کَنْگُو رِيتَ تِي
تِنَّان وِيسَرِيَنِ هَتهِ نَہ آيو هيکَڙو ؞

۳۲

کِي جو کيڏَانْهِين چَانْگو چَکهِي آئِيو
تَانِئو تِيڏَانْهِين نِيتهِ چهِنَايو نِکِري ؞

۳۳

کَرهِي کهِي کَئِي وِجهُ کِي بَنْدهَ پَلَنَ جَا
لِيڙُو لَانَنِ کهِي چَرِي نِمَّرَ سَانُ نَئِي
چَانْگِي سَنْدِي چِتَ مِين صَاحِبَ وِجهُ سَنئِين
اوْبَاهِئِوس اَئِين لُطْفَ سَانُ لَطِيفُ چَئِي ؞

۳۴

کَرَهَا تو کهِي کَامَ مُون سَچُو پَسِي سَنجِي
مَانَ پَرُوڙِي مَامَ سَانْگَاهِي سِيئِين وَهِين ؞



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٣٥

کهَنْبهَاتِڙِي تَرِ وَنِي اُبهِي تَڙِ وَاجهَاءِ
مَانَ اَچِنُون کَاهُ سَوَادَائِي تَجَنِين ❊

٣٦

چَانْگِي چَٺِي چُکِيَاسِ مَتهان اَکَ نَہ اُلهِين
جَنهِن وَلِ کهَنَا وِهَاتِيَا اُنَ سِين آرَ لَڳِيَاسِ
چَوڌهَارِي چَنْڊَنَ وَنَ ٻچِي پوَجَ پِيَاسِ
رَهَڙِي رَتُ کِيَاسِ هِنَ کُدهَا تُورِي کَرَهِي ❊

٣٧

آئِي اَڙَائِيسِ ڇهڊِٽو تَان ڇُهِيکَ تهٽو
کهَاڙَائِيَان کهِٽو وَنجِي پَلاَنِي پَائِيسِ
ڏَاوَنْ سو ڏَائِيسِ جِٿِين چَرِي ؛ چِنگهِي بهُنو ❊

٣٨

دو دَسْتِيُون دو پِيرَ سِينِي سَنْگهَرَ رُکَ جِي
مَاهُ مُنْهِن جِي کَرَهِي تَازِي پهُلَنِ هِيرَ
تَنْهِن کهِي کَامِنَ کَنْدِي کِيرَ جو مُونْٽِي وَتِ مَس رَهِي ❊

٣٩

کَنْهِين کَامِنَ کِيَاهُ کِينِيٌ بهَنْبهوزِلِئِين کَرَهَا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اَکھِنِ مَنھِي اَکھِيَا پِڙ مين پيرَ کَتھَاه
وَکَ کِي وِسِرِيَاه جِينئَ بَدھو تھو کھَانِي وَھين ✧

٤٠

نَنڍُون نِرُ پَاڻِي جَان مُون هِنڙو جھَلِڻو
وِڌُو چھِنَاڻِي پوڻِنئَ رَاتِ پرِيَنِ ڏي ✧

٤١

نَون نِرَ ڏھَ ڏَانِيُونِ پَنْدرَھَنْ بَنْدَ پِيَاسِ
جَڏِھِنْ سَجَنَ يَارِ پِيَاسِ تَڏِھِنْ چھرکِ چھِنَاڻِين هيکَڙي

٤٢

کھَاڻِي نَہ کھَتَنھَارُ چَنْدَنَ جَا تھو جُھوپَا کَرِي
اَکَرَ اوڏو نَہ وَڃِي سِرکھَنْڌَرَ لهِي نَہ سَارَ
لَانِي جِيَ لَگَارَ مَيو مَتَارو کِئو ✧

٤٣

چَانگا چَنْدَنُ نَہ چَرِين مَيَا پِئِين نَہ مؤکَ
اَکَرَا اوڏو نَہ وَڃِين تھُکِڻو چھَڏِين تھوکَ
لَاڻِيُون وِچَانْ لؤکَ تو کِھَڙي اَکھَرِ آڻِيُون ✧

٤٤

جِنَّان کِروڙ بَہ کَاتھِيُون پَنْجِين لَکھِين پَاء
ميو تَنْھِن مَاکَاء تھو ڏِينھَاڙِي ڏَارَ چَرِي ✧

(٨١)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۴۵

جِنَّان کِروڙِ بہ ڪَاتِهيُون پَنْجين لَکِهين پَنُ
تِنَّان ڇهَانِي ڇهُڪِيُون. مَٿي رَتو مَنُ
تَنهن وَنَ سَنْدو پَنُ ڪُومَانُو ڪو نہ لَهِي ٭

۴۶

لَکِهہ لَاکِهينُو ڪَرهو ڪوڙِين ڏِيِٿي گِدهومِ
اَنْکَنِ سُونْهَہَ تِهِنْوِمِ مُلهہ مَهَانْگو مَہ چَئُو ٭

۴۷

لَکِهہ لَاکِهينُو ڪَرهو ڪوڙِين ڏِيِٿي چُونِ
اِهَا سِتَرَ سَيِّدُ چوِي جَنهِين تَنْهِين جُونِ
تُرَتُ رَسَاٽِي تونِ جُپَلَاٽِئو نَہ پرِنَءَ مِڙِي ٭

۴۸

لَکِهہ لَاکِهينُو ڪَرهو ڪوڙِين ڏِيِٿي ڪَاهِ
اِيلَاچِيُون آهُرَ مِين مِوڪَ مَٿي کهِي پَاهِ
ڪَتهَہَ نَہ ڪَنْدو ڪَاهِ جُپَلَاٽِئو نَہ پرِنَءَ مِڙِي ٭

## وَائِي ۱

آهِنمِ گَالهَڙِيُون مَاءِ مُرَادُون پرِنَءَ سين
جي مُون پيِيُون پرِنَءَ رِي کهُهہ سي رَاتَڙِيُون



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مَاءِ مُرَادُون پرِنيءَ سين
جي مُون اوڙِيُون پرِنيءَ سين وَرُ سي رَاتَڙِيُون
مَاءِ مُرَادُون پرِنيءَ سين
پَسَنَ خَاطِرِ پرِنيءَ جي ٻَاتِيمِ جھَاتَڙِيُون
مَاءِ مُرَادُون پرِنيءَ سين
اَڏيُون عَبْدُ اَلطِيفُ چَئي کُھَنِ کَاتَڙِيُون
مَاءِ مُرَادُون پرِنيءَ سين ◊

وَاڻي ٢

سَدھين سينَ نَہ هُونِ نِينھُ نِيَاپي نَہ تھِئي
موٽَنُ جَنھين مِيھنُو پڙَ تي سِيئِي پُونِ
نِينھُ نِيَاپي نَہ تھِئي
کَارِيَ رَاتِ رَتَ پھُڙَا جَان نِينَ نَہ رُونِ
نِينھُ نِيَاپي نَہ تھِئي
جَنِ مُسَافِرَ سُپِرين سي مَرُ روِيو رُونِ
نِينھُ نِيَاپي نَہ تھِئي ◊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وَائِي ٣

تنوڙِي تَڙِپين تُون يَا آلا تو دَرَ توهه نَ ڇهَڏِيان
مُون کهِي سو مُشَاهِدو ڄي مُنهُ نَ ڏِيئين مُون
يَا آلا تو دَرَ توهه نَ ڇهَڏِيان
مُون بِنَّا دَرَ کهَنَا ڏورِيَا آهِين تُونهِين تُون
يَا آلا تو دَرَ توهه نَ ڇهَڏِيان ٭



# سُرَ آڳ

## پهِريون فَصُلُ

١

مَانَ پُڇهَنِي سُپِرِين چِتَان لَاهِ مَ چُرَ
اُنهِي جَا اَمُرَ ڪهَنُ تَ خَالِي نَ ٿهِيِن ❖

٢

مَانَ پُڇهَنِي سُپِرِين چِتَان چُرَ مَ لَاهِ
پِرِيَنِ آڳيَان پَاهَ پَلَوُ مَنُڳَنهَارَ جِنِئَ ❖

٣

مَانَ پُڇهَنِي سُپِرِين چِتَ ۾ِين رَکهِجِ چِيتُ
سِينو ڌوُئِي صَافُ ڪَرِ صَابُنَ سَانُ سُپِيتُ
سَامُونڊِري سُڄِيتُ ٿهِيئُ تَ پُهُچِين پَارَ ڪهِيَ ❖

٤

مَانَ پُڇهَنِي سُپِرِين چِتَ ۾ِين چِتَائِجِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

کَڏهِن ڪاٿي ڪَچَ کِهي ڪُوڙُ مَ ڪَمائِج
وَڃُ وِهائِج سَڀُ تُون سَوْداڪَرَ سَچَ جو ⁘

٥

مَانَ پُڇَهَنِي سُپِرِين ڇِتَان لاهِ مَ ڇوڙُ
ڪَڏهُ تُون قَلْبَ مَان ڪُتِي ڪُوڙو ڪُوڙُ
تَ هُنَ ڀهَرِ سَنْڌو هوڙُ مَتهَان تو مُعَافُ ٿِهِي ⁘

٦

مَانَ پُڇَهَنِي سُپِرِين ڇِيتَارِيَج ڇِتُ
دَائِمُ دُورْبِينِيَ مِين پَسِين تُون وِلهَا وِتُ
نِينهُ نِيڪهَارِي نِتُ مَلاَّحَ ڪَڏِ مَعْلِمَ سِين ⁘

٧

ڪَچُ ڪَمَائِمِ ڪُوڙُ ڀهَڪِمِ عَهَدَ اَللّٰهَ جا
پِنجِرو جو پَاپَنِ جو ڇوڙِيَ تَائِين ڇُورُ
مَعْلِمُ اَتهِي مُورُ ڪُورَا اِنهِي ڳَالهِ جو ⁘

٨

ڪُوڙُ ڪَمَاهِ مَ ڪُچُ اُتهِي اوڙِ اَللّٰهَ سَان
ڪَڏهُ تُون دَغَا دِلِ مَان صَاحِبَ وَٽِي سَچُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مُحَبَّتَ سَنْدُو مَنَ مِين مَاڻِڪُ ٻَارِجِ مَچُ
اِنَ پَرِ پُرِي اَڄُ تہ سَوْدو ٿِيئِي سَپَهَرو ✧

۹

سَوْدو اِهڙِئِي سَپَهَرو سُو مُون ٻَلَئِي پَاهه
وَسُ وِچَارِي نَاهِ ڪو تُون آڪا عَرْضُ اَکهَاهه
رِي هَمْرَاهِيَ هَادِيَ جِي مُورِ نہ مِلي مَاهه
لُطْفَ سَانُ لَنگهَاهه لَهَرِيُون لَهَرِنِ وِچ مَان ✧

۱۰

لُڙَ لَهَرِيُون لَسَ لِيٿَ جِتِي اَنْتُ نہ آبَ جو
جوکهو ٿِئِي مَ جَهَازَ کهي پهَرِهي اَچِي مَ پهيٽَ
لَڳِي ڳَا نہ لِپيٽَ هِنَ غَارِبِي غُرَابَ کهي ✧

۱۱

سِڙهَ سَنْوَان لَاڄُو نَنْوَان اوْلَا جَنْهِين عَاجَ
سَاٿِهِي سَپهَرِ هَلِيَا ٻهَرِي جُنْڪَ جَهَاجَ
تُون حَاصُلُ ڪَرِينَ حَاجَ وَاحِدَ وَنجَارَنِ جِي ✧

۱۲

سِڙهَ سَنْوَان لَاڄُو نَنْوَان مُهَانَا سَنْدَنَ مِيرَ


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سَاتِهِي سَپِهَرِ هَلِيا تِهِيا سَنوان سِرِ سِيرَ
جِي اَچَنِ سَانُ اُکِيرَ سِي پِيڙِيُون رَکِهِين پَاجِهَ سِين ⋄

## وَائِي ا

سَهَسِين شُڪْرَانَا ڪوڙين ٻهَالَ ڪَرِيمَ جَا
ڪَرِ تُون حَمْدُ حَڪِيمَ کِهي ظَاهِرُ زَبَانَا
ڪوڙين ٻهَالَ ڪَرِيمَ جَا
تُون ڏِيکهَارِين مُون دِهَنِي مَنَ بَاطِنَ جَابَانَا
ڪوڙين ٻهَالَ ڪَرِيمَ جَا
مَنَان مَرْدَ وِسَارِئِين صَاحِبَ جِي ثَنَا
ڪوڙين ٻهَالَ ڪَرِيمَ جَا
دوسَ رَکِهين دِلِ مِين تُون لَالَنَ لِسَانَا
ڪوڙين ٻهَالَ ڪَرِيمَ جَا
جَفَا ڏِيئِي جِيءَ کِهي تِهِيءُ فِڪِرَ مَنْجِهِ فَنَا
ڪوڙين ٻهَالَ ڪَرِيمَ جَا
تُسِي تو سِين تو ڪَري مَنَ آڪو اِحِسَانَا
ڪوڙين ٻهَالَ ڪَرِيمَ جَا
ڪَڏهِ تُون دَغَا دِلِ مَان بَانهَپَ سِين بَانهَا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪوڙين ڀھَالَ ڪَرِيمَ جا

صَاحِبَ وَٽِي سَچَ ۾ سين مَ ٿھيءُ دَانھَ دِيوَانَا

ڪوڙين ڀھَالَ ڪَرِيمَ جا

جي تَسْلِيمَ ۾ين تَحْقِيقُ ھُوَا ۾ي ڪِينئَ اَمَانَا

ڪوڙين ڀھَالَ ڪَرِيمَ جا

جَاڳِيَا جي جَبَّارَ لِءِ ۾ي ٿھِيَا سَمَانَا

ڪوڙين ڀھَالَ ڪَرِيمَ جا

فَاذْكُرُونِي أَذْكُرْكُمْ ڪَھِڙو قُرَانَا

ڪوڙين ڀھَالَ ڪَرِيمَ جا

وَاشْكُرُو لِي وَلَا تَكْفُرُونَ ڪَڏھ تُون ڪُفْرَانَا

ڪوڙين ڀھَالَ ڪَرِيمَ جا

سَڀھِ سَنْوَارِيَا سُپِرِينءَ قَوْلَ تو ڪَنَا

ڪوڙين ڀھَالَ ڪَرِيمَ جا

چَنْگِي چَشِمِ چَاھَ ۾ين مَدَحَ اِيءَ مَنَا

ڪوڙين ڀھَالَ ڪَرِيمَ جا

تَائِبَ ٿھِيو تِکِڙَا جوشَنْ جُوَانَا

ڪوڙين ڀھَالَ ڪَرِيمَ جا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## سُرَاڳُ ١

نَہ لَهين تُون لَطِيفُ ڇَڏِي اَمَنُ اَمَانَا
ڪوڙين ڀهَالَ ڪَرِيمَ جَا ﴿

## وَائِي ٢

مَنَ ۾ين تُون مَوْجُودُ آنڱُون اَڱَاهِين آهِيَان
اَکِهيُون اَکِهِ کِهي سِکِنڻو ڪَنِ سُجُودُ
آنڱُون اَڱَاهِين آهِيَان
ڄيلَان رَسِيُون بُودَ کِهي ڀيلَان تهِيُون نَابُودُ
آنڱُون اَڱَاهِين آهِيَان
مَاڙهُنِ جي مؤتَنَ جؤ صَاحِبَ هَتهِ سُجُودُ
آنڱُون اَڱَاهِين آهِيَان
اُنَ دَرِ سِيئِي اَکِهيَا جَنِ وِنْجَايو وُجُودُ
آنڱُون اَڱَاهِين آهِيَان ﴿

---

## فَصُلُ ٻِئو

١

ڄيکِي مَنْجهِ جَهَانَ سؤ تَارِيَ تَڱِي تُنْهِن جي؛



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لُطْفَ جِي لَطِيفَ چَئِي تو وَتِ ڪَمِي ڪا نَہ

عَدُلَ ڇُھتَّان آن نَہ ڪو ڦيرو ڪِجَ فَضُلَ جو ⁘

۲

سَارِي رَاتِ سُبحَانُ جَاڳِي جَنْھِين يَادِ ڪِئو

اُنِ جِي عَبْدُ ٱلْطِيفُ چَئِي مِٿِي لَڌھو مَانُ

ڪوڙِين ڪَنِ سَلَامُ آڳھَ اَچِئو اُنِ جِي ⁘

۳

سِيوَا ڪَرِ سُبحَانَ جِي جِتِ جَرُ وَھِي تھو جَالَ

سَوين سُپَجَنِ سَمُونْڊَرَ مِين مَانِڪَ موتِي لَالَ

جِي مَاسو جُڙِيئِي مَالَ تَہ پُونْجَارَا پُرِ تھئين ⁘

۴

سِي پُونْجَارَا پُرِ تھِيَا سَمُونْڊَرُ سِيئو جَنِ

آنڌائون عَمِيقَ مَان جھُورِيُون جَوھَارَنِ

لَڌھائون لَطِيفُ چَئِي لَالُون مَان لَھَرِنِ

ڪانھِي قِيمَتَ تَنِ مُلھُ مَھانگو اُنِ جو ⁘

۵

سِيئو جَنِ سُبحَانُ وِيرِ نَہ وِڙھِي تَنِ سين

تُوبَھَ جِي تَاثِيرَ سين تَرِي وِيَا طُوفَانُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏيئِي تَوڪّلَ تڪِڙو آرُ لَنگهِيا آسانُ
ڪَامِلُ ڪِشتِيبَانُ وِچَ مِين ڳَڏِيَن وَاهُرو ٭

٦

سَارِي رَاتِ سُجَانَ سَوْدو ڪَنِ صَاحِبَ سِين
ٻَانْهَپَ ٻهَرِي ٻيڙِيُون هَلِيَّا جُنْگَ جُوَانَ
پَانِيُون پَهَلِوَانَ لَحَظِي مَنْجهِ لَنگهي وِيَا ٭

٧

ٻَانْهَپَ جو ٻيڙِيَ مِين وَکَهرُ وِڌهَائُون
مَوتِي جي مَهرَانَ جا سَچَا سوُدهِيَائُون
اَلتَّائِبُ مِنَ ٱلذَّنبِ كَمَن لَا ذَنْبُ لَهٗ هِيءَ ڪهَت ڪهَتِيَائُون
اُنهِي جِيَانئُون بَرڪَتَ ٻَارَ لَنگهَائِيَا ٭

٨

جَنْهِين سَوْدِي سَچَ جو وَکَهرُ وِهَايو
خَبَرُو لَهُمْ اَلْبُشْرَى جو اُنْهِي لِءِ آيو
تَنْهِين کهي لَائِق لَنگهَايو سَانْدَارو سَمُونْڊَر جو ٭

٩

اِيءَ ڪَتِ تَوِبِنَّارَنِ سَمُونْڊرُ سوُجهَائُون



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پيهِي مَنْجهِ پَاتَارَ جي مَانِڪَ مِيڙِيَائُون
آئي ڏِنَائُون هِيرو لَالَ هَتهَنِ سَان ◇

١٠

آچهَاڙَا عَمِيقَ جا ڪَڏِيَا تُوبِڻَارَنِ
جَرُ جهَاڳِي آئِيَا ڪَارُونْبهَارَ ڪُنَنِ
سَمُونْڊُرُ سوجهو جَنِ تَنِ آئي اَمُلَ اوڙِيَا ◇

١١

وِيَا جي عَمِيقَ ڏي مُنْهِ ڪَاٺو ڏِيئِي
تَنِ سِپُون سوجهي ڪَڍِّهيُون پَاتَارَان پِيهِي
پَسَنْدَا سِيئِي اَمُلَ اَکهَڙِيَنِ سِين ◇

١٢

اڏو جهَنْڪُ نَہ جهَاڙُ مُنهِنِ جِي مَوْجَ نَہ سَهِي مَکُڙِي
مِيڙِي مَتهَائِنِ جو جهَجهو چَاڙِهِيَم بَارُ
چَوَنَ چَارِوَ نَاهِ ڪو بَدِيُون بِي شُمَارُ
ڪَپَرَ ڪَارُونْبهَارَ اُپَاڙِين اِحسَانَ سَان ◇

١٣

وِيرَ مَہ لَاٿِي وِيهُہ مَتهي آرَ اوڙَاهَ جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پِسِي پَاڙِيوَارِيُون کِجِ اَنْدِيشو اِيهُه
وِينْدو. نَہ پِسين ڏِيهُه پَتَنُ هُنَ پَارِ مَنِي ❊

١٤

اَتهَئِي پَهَرَ اوڙَاهَہ تي مُنْجُ کُرِهَہ کَارِي
وَسُ نَہ وِيچَارِي تَہ مَاگِ ڏهُکَنْدِي مَکِڙِي ❊

١٥

هِکِڙِي ٻَانهِي چِت مِين ٻِي صَاحِبُ سَنْوَارِي
ڏَنگِيُون هِنَ دَرْيَاهَہ تَان هَلَائِي هَاڪَارِي
تَرَارِيُون تَارِي سُتَرِ سَبهِيئِي کَرِي ❊

١٦

هِکَ جَا ٻَانْهِي چِتَ مِين ٻِي سِتْرِي صَاحِبُ
کَڏهِي اُونهِي کُنَ مَانَ اِيِئُ آکِي جو عَجَبُ
اِهو سَائِنِئُ جو سَبَبُ جو ٻُڏَا اُکَارِي ٻَارِ مَان ❊

١٧

هِکَ جَا ٻَانْهِي مَنَ مِين ٻِي جَا کَرِي اَللّٰهُ
پَانَهِين وِجهِي کُنَ مِين پَانَهِين اُکَارِي اوڙَاهُ
تَنْهِن وَاحِدَ کهِي وَاهَہ جو سُتَرِ سَبهِيئِي کَرِي ❊

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٨

هِڪَ جا ٻانْهي مَنَ ميں ٻِي جا اَللهُ ڪَرِي
ٻانَهِين وِجهِي ڪُنَ مين ٻانَهِين ڪَنْڌِهِيَ ني
سُتَرِ سِيئِي ڍهوئِي جي تَرَ تَوائِيَ مَڪُرَّا ⁘

١٩

هِڪَ جا ٻانْهي مَنَ ميں ٻِي ڪَرِي جوڙَ جَبّارُ
ڪَڍِهي اُونْهي ڪُنَ مان اِيئُ آڳي جو آدَهارُ
جَحازُ جوهِرِنِ جو تَنْهِن ٻهوُ نَہ ڍِئِي ٻهَتارُ
نَنْڍَها وَڏا مَڪُرَّا سَبهِ پَسَنْدا پارُ
جيڏَان مُنْهُ مَدِينَ جو سُجي مُحَمَّدُ موچارُ
سَباجهو سَتارُ سُتَرِ سَبهِيئِي ڪَرِي ⁘

وَائِي ١

ڪَنْڌِهِي سارِيَان ڪا نَہ يا اِلٰهِي ٻاجهَہ ٻِلاتِي ٻهائِيَان
ڪَنِنَ ڪانِيتِرو ناهِ ڪو اَپرِ تهِيا عِصِيَانَ
يا اِلٰهِي ٻاجهَہ ٻِلاتِي ٻهائِيَان
خَبَرَ ناهِي قَبرَ جِي نِسوُرا نِسِيَانَ
يا اِلٰهِي ٻاجهَہ ٻِلاتِي ٻهائِيَان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وَالِيءَ رَسِجِ وَهَلوُ اَڙِکَ تهيَا اِنْسَانَ

يَا اِلٰهِي بَاجهَ بِلَاتِي بهَائِيَان

سُنُ سَبَاجهَا سُپِرِين نِرْتوُن نِگَهبَانَ

يَا اِلٰهِي بَاجهَ بِلَاتِي بهَائِيَان

مَنْدِيُون پَسِي مُنْهِن جُون شَرْمَايَا شَيْطَانَ

يَا اِلٰهِي بَاجهَ بِلَاتِي بهَائِيَان

هِنَ مُنْهِن جِي حَالَ تِي هَيُّ هَيِّ کَنِ حَيْوَانَ

يَا اِلٰهِي بَاجهَ بِلَاتِي بهَائِيَان

سَائِين سُکهَانِي آهِئِين سَامُونْڊِري سُجَانَ

يَا اِلٰهِي بَاجهَ بِلَاتِي بهَائِيَان

تُرهوُ ڇهِنُ مَ تَارِ مِين رَسِجِ تُون رَحْمَانَ

يَا اِلٰهِي بَاجهَ بِلَاتِي بهَائِيَان

ٻيلِي جوُ ٻُڏَنِ جوُ مُون تِي موُتِي مَانَ

يَا اِلٰهِي بَاجهَ بِلَاتِي بهَائِيَان

وِيتهوُ پِنِي پِننُوَ ڄَِ کوُ بهيِروُ مَتهِي بهَانَ

يَا اِلٰهِي بَاجهَ بِلَاتِي بهَائِيَان

خَالِقَ خُوبُ خَلْقِيَا کوُلَنِ جَا کُڏْرَانَ

يَا اِلٰهِي بَاجهَ بِلَاتِي بهَائِيَان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## سُرَاڳُ ٢

آن پُنُ اَکھلو اُنِ مين ويٺھو پِنَان پَانَ
يَا اِلٰهِي بَاجھَ بِلَاتِي بھَائِيَان
سَبھِ سُوَالِي سَمُکھِيَا دَاتَا ڏِيٺِي دَانَ
يَا اِلٰهِي بَاجھَ بِلَاتِي بھَائِيَان
وِلھَا سَبھِ وَنْھِيَا کِيَا تُنْھِن جي جُودَ جُوَانَ
يَا اِلٰهِي بَاجھَ بِلَاتِي بھَائِيَان
مَتَان مُون کھِي چھَڏِئِين بَھُڪَنَ لَائِي بَانَ
يَا اِلٰهِي بَاجھَ بِلَاتِي بھَائِيَان
وِيرَ وَسِيلو آھِئِين دَاڙُو مين دِيوَانَ
يَا اِلٰهِي بَاجھَ بِلَاتِي بھَائِيَان
لَاءِ ڏُھَارِنِ ڏِينْھَ کھِي خيمو اَڏِئو خَانَ
يَا اِلٰهِي بَاجھَ بِلَاتِي بھَائِيَان
اُتِي عَبْدُ ٱلَّطِيفُ چَئِي سُخِ کَا سُلْطَانَ
يَا اِلٰهِي بَاجھَ بِلَاتِي بھَائِيَان

## وَائِي ٢

آيو آيو لَالَنُ آيو بھِجَ بھِنِيَ کھَرِ آيو
چُوَا چَنْدَنَ کھَتھُورِيُون لَالَنَ کھِي آوِي لَايو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻِهِجَ ٻِهِنِيَ ڪَهَرِ آيو
ٻُڏهو چَرِي ٻَاجهَ تِهِي ڪهوٽَ تَنِ ڪهُرَايو
ٻِهِجَ ٻِهِنِيَ ڪَهَرِ آيو
ڪَاهُون ڏِيٺِي ڳُجهيُون پرِيَنِ پَانَ پَرْچَايو
ٻِهِجَ ٻِهِنِيَ ڪَهَرِ آيو
لَوَڪَانئِي لِڪَ ڪَرِي مُون رَاتِ سَارِي رَانْيو
ٻِهِجَ ٻِهِنِيَ ڪَهَرِ آيو ⁘

---

## فَصُلُ ترِئُون.

١

ڪهُوهَا ڪَالهَ ڪهَنِي اُنِ وِدهَا اوَتَرَ آسِرِي
اَلَا جهُرِي مَ اُنِ جِي اوَلِي جِي اَئِي
وِچَارَنِ دهُنِي وَڪَهَرُ وِدهو ٻِيرَاِئين ⁘

٢

وَڪَهَرُ سَو وِهَاءِ جو پَئِي پُرَانو نَ ٿِئِي
وِچِينْدِي وِلَاتَ ميِن ذَرو تِهِئِي مَ ضَاه
سَوِ ڪو هُنَرُ هَلَاه آکَهَ جَنْهِن جِي اُٻهين ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٣

اوُرِيَانئِي آنِينِ مِڙيوُ مَعْلِمَ خَبَرُون
سَا سُڌهِ نَہ ڏِينِ جِتِي وَهُہ وِيدهَ ڪَرِي ؞

٤

ٻيڙِيُن تُنهن جي ٻاجهَ وَکهَرُ تَنهِن وِصَالَ جو
کهُوهَا اوُلَا تو کِيَا سَبهِہ سُونهَارَا سَاجَ
اُتِ ڪَا مَعْلِمَنِ جِي حَاجَ جِتِ پُورِنَوَارُو پَانَهِين ؞

٥

ٻيڙِي پُرَانِي وَکهَرُ ٻَاه مَہ وِتِرو
تَرِي مِين تُنَ ڏِيِيَا پَاسَنِئُون پَانِي
هِيَ هَڏِ وِهَانِي پَرَ ڪَرڻُ ڪَالهُونِي ڏِينهَہ کهي ؞

٦

تَرِي تُنَ پِيَاسِ پَاسَنِئُون پَانِي وَهِي
کهُوهو جهُرُ جهُنئو تهئو لَاجُو سَبهِہ لَڙيَاسِ
جِيلَانِ سَڌهَرُ سُکهَاتِيَاسِ تِيلَانِ وَهِي وَہَ سَامُهُون ؞

٧

وِيتهو تُنَ تُبِينسِ مَکهِہ ڏِهَاڙِي مَکُڙِي
سَنْبَاهِي سَيّدُ چَئِي مَتهي نِيڌهو نِينسِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وَٺائِي وَڏانڌِرا لاجُو لڳائِيِنِّسِ
آخِرِ اُهرِيِنِّسِ تَہ جُوکُھو تِهِٺِيئِي نَہ جَهازَ کھي ٭

٨

تُنَ تُنِيندو آءِ مَکُھ ڍَهارِي مَکُڙِي
سَنبَاهِي سَمُونڊَرَ جِي مَتَان مُورِ مَہ لاهِہ
اَڄُ ڪِي سَنجهِہ صُبَاحِ اُهرِينديِن اَتانکَهہ تَڙِين ٭

٩

اَچِي سو ڏِٺهوءِ جو کِپَرُ سُٺِي کَنَنِ ۾ سِين
سُٽِي لوڪَ لَطِيفُ چَئِي يَادِ نَہ يَارَ ڪِئوءِ
غَافِلُ تهِي غُرَابَ کهي آڙهَ ۾ تي آنڊوءِ
سو چهِتَرُ چهوڙِهي ڳَارِ ۾ پِئو پُرَانو پوءِ
جَهازُ ضَعِيفَنِ جو پَاڻِيَ ۾ پَرتوءِ
سَيّدَ سَاتهُہ سَندوءِ پُرِ بَنْدَرِ پَهچَائِيِن ٭

١٠

جُتو وَنجِي جَهَازُ ڪَڍِئو غُرابَنِ سَان
پُورِينڍِي هُنَ پَارَ ڍِي سَدهَرَ رَکِهجِ سَازُ
اَچَنِ تهَا آوَازَ سَٽَائِي سَمُونڊَرَ جَا ٭


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١١

ڏَنگِي وِچِ ڏَرْيَاھَ کِي ٻُڏِي کِي اُپِڙِي
ھُوَ جِي وَاڏهِي وَاڻِيَا سِي سُونْھَنَ سَبھِ سَڙِيَا
مَعْلِمَ مَاڳِ نَ اَڪِثِين ڦِلِنْڪِي مَنْجھِ ڦِھِرِيَا
مَلَاحَ تُنْھِن جِي مَڪُڙِيَ اَچِي چوَرَ چَڙھِيَا
جِتِي ڏھِينْکَ ڏھَرِيَا تِتِي تَارِي آھِي تُنْھِن جِي ٭

١٢

ڏَنگِيَ مِين ڏَاڻَا وَتِھِي وِجھُ وَکھَرَ جَا
وِيرِ وِڙھَنْدَه وِيسِلَا وِيھُ مَ وِيگَاڻَا
ھِيَ نِنْڌَرَ نَ جَاڻَان کَڏِھِن ھَلَنْدَه ڪُنَ مِين ٭

١٣

وَکھَرَ وَنِجَارَان ٻَانَ ٻَرَاڻُو چَاڙھِئُو
اَچِي لَھِرِيُون لَڳِيُون ٻيڙِيَ ٻِپَارَان
جَاڳُو جِي يَارَان تَ تَڙِ تَرَاڻِيَ نَ تھِيُون ٭

١٤

ٻيڙِيَاڻَا ٻِيڻِي ڳَالھِيُون تُو نَ ڦھَٻَنْدِيُون
سَجُون رَاتِيُون سُنْھِين ٻھَرِ سُکھَانَ ڏِيٺِي
صُبْحَ سَبھِيٺِي ٻَارِ پُڇھَنْدَه خَبَرُون ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٥

وَهَ تِکهَا وَهَ کهَرا جِتِ نَنگَرَ نَہ تَهَهَرَنِ
وَڏانڊِرِيُون وَهَ سَامُهِيُون جهَجهِي زورِ جُنبَنِ
نيڏهُوَّ مين نَاتَارِيُون وَنجَارَا وِجهَنِ
مَلّاحَ مَعْلِمَنِ مُون ڱَرِي سُنَائِي ڱالهَڙِي ⁘

١٦

وَنجَارَا وِيٺهِي تو نَہ سَرَنڌِي شَاهَ رِي
مَکهِ پَنهِن جِي مَکُڙِي چَنگِي کَرِ چِيٺهِي
پَاسَا پَاکهَڙِيَنِ جَا سَمُونڊُرُ تهو سِيکِي
جِي لُنڏَا مَنجهِ لِيکهِي وِيرِ وِڙهَنڌِي تَنِ سَان ⁘

١٧

نَاخُوَا نِگَهبَانَ مَعْلِمُ مُنجِي خَبَرُون
جَنِ سَارِي کهَيو سَمُونڊَرَ تِي سَپهَرَ جو سَامَانُ
لُطْفَ سَانُ لَطِيفُ چَئِي تَنِ لَنگهيو طُوفَانُ
سَنبهَارِي سُبحَانُ وَنجِي عَدَنِئُون اُکهَتَا ⁘

١٨

سُتَا سَبهِ پَئِي سَنڌِي مَعْلِمَ آسِرِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اوي پُنَ سُنهو نَاخُوا بَنْدَرِ نَاهِ بِهَڻِي

جنِ جي سَيِّدَ لَڳَ کهَڻِي سي سَبهِ لَنگهيندا اُکِيُون ٭

وَائِي

سَاتهِنِ بَدهَا بَارَ تو کهي آرِسُ اَکهڙِيَنِ مِين

پَاتَا پَاڙيوَارِئِين پَکَهَ مَنْجهِ پَاتَارَ

تو کهي آرِسُ اَکهڙِيَنِ مِين

پَتَنُ تهو پُورَ کَرِي آئِي تُنْهِن جَڙِي وَارَ

تو کهي آرِسُ اَکهڙِيَنِ مِين

سَجُون رَاتِيُون سُمهِين کهيو مَنْجهِ خُمَارَ

تو کهي آرِسُ اَکهڙِيَنِ مِين

کِي تو کَنِين نَ سُڻِي هَلَنَ جِي هَاکَارَ

تو کهي آرِسُ اَکهڙِيَنِ مِين

تَائِبَ تهڻو تکڙَا پِنو اِئَ پَچَارَ

تو کهي آرِسُ اَکهڙِيَنِ مِين

نِنْدَرَ نَ کَجِي هيتِرِي سُڄِ اَدَا يَارَ

تو کهي آرِسُ اَکهڙِيَنِ مِين

سَاٿِئِي مُکِين سَچَ کهي تُون کُوڙو مَنْجهِ قطَارَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تو کهي آرِسُ اکهڙِينِ مين

ڪِي تو کَنين نَہ سُڻِي ڪَپَرَ جِي ڪُوڪار

تو کهي آرِسُ اَکهڙِينِ مين

کهِران تهِي رِیَ کهَڙي اِلَاهِي توهَارَ

تو کهي آرِسُ اَکهڙِينِ مين

هو جو شَکُ شارِکَ جو تَنْهَان رَکهُ سَتار

تو کهي آرِسُ اَکهڙِينِ مين

كُلُّ نَفْسٍ ذَائِقَةُ الْمَوْتِ پَڙهو اِئَ پچَارَ

تو کهي آرِسُ اَکهڙِينِ مين

شِکَارُ تُونُ شَهبَازَ جو تُون تَان مَنْجهِ شِکَارَ

تو کهي آرِسُ اَکهڙِينِ مين

يَوْمَ يَفِرُّ الْمَرْءُ مِنْ اَخِيهِ جِتِ بهَجَنْدَا بهَارَ

تو کهي آرِسُ اَکهڙِينِ مين

تُرَهو چهِنُ مَہ تَارِ مين اَچِجِ تُون اَدهَارَ

تو کهي آرِسُ اَکهڙِينِ مين

لَکَ مِڙيئِي لَتِيَا هِنَّان وِيَا هَزَارَ

تو کهي آرِسُ اَکهڙِينِ مين

ڏِيئِي جَانِ جَبَّارَ کهي هُنْدَ تهِئين پِريَانْ پَارَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تو کهي آرِسُ اکهڙِيَنِ ۾ين

لِکهِئو آهي حَدِيثَنِ ۾ين ظَاهِرُ اِيئَ پچَار

تو کهي آرِسُ اکهڙِيَنِ ۾ين

وَٽين کِي نَہ وَلَنِ ۾ين کَنْبي بهَرِ تهَارَ

تو کهي آرِسُ اکهڙِيَنِ ۾ين

سَاکِينئَ هَلي تو ۾ين جَا بهَڳِي کهَان بهَتَارَ

تو کهي آرِسُ اکهڙِيَنِ ۾ين

جِنُنْ جَالَ نَہ نِبَهي سُڄِ اِيئَ سَنْبهَارَ

تو کهي آرِسُ اکهڙِيَنِ ۾ين

جِمَ وِسَارِين وِيسِلَا بهِتِنِ جِي پهُلْکَارَ

تو کهي آرِسُ اکهڙِيَنِ ۾ين ❖

---

## فَـصُـلُ چـوٿـهـون

١

سَبهِيئِي سَنئِيَ کَرِين کو مَہ مُنجهَائِين وَاٽَ

سُپِيرِيَانْ جِي سَاٽَ لَاٿو لَنْکو ميڙِئِين ❖



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢

سَبِهِينِي سُبحَانَ جي کَرِ حَوَالِي کَمَ
تِهِينءُ تَحْقِيقُ تُون تَسْلِيمَ مِين لَاهِي غَمَ وَهَمَ
قَادِرَ سَانُ کَرَمَ حَاصُلُ کَرِين حَاجَ تُون ٭

٣

چَنْگَنِ سَانُ چَنْگَائِيُون اِيهِين سَبھُکو ھوءِ
تو جِينءُ کَرِي نَہ کوءِ بُڇَھنِ سَانُ بَھلَائِيُون ٭

۴

چَنْگَا کَنِ چَنْگَايُون مَتھَايُون مَتھَنِ
سؤ وَڙُ سِيئِي کُنِ جو وَڙُ جُڙِي جَنِ سَان ٭

٥

مَيَنِ مَتھي سَمَرَا کھھيَنِ سَڌُ کَرِينِ
سَاتھُ نِبَاھِئو نِينِ اِيئَ پَرِ سَنْڌِي سَجَنِين ٭

٦

وَتھُ وِيمِي جِي جي لَهِين تَہ بِي کَارِ نَہ کَرِين کَا
سَا پَرُورِج گَالھَڙِي وَنجَارَنِ وَتَا
مؤتِي جَنِ ھَتَا آنْدَء کھَنِي اَدَبَ سِين ٭

٧

اَمُلُ آچھِ مَہ اُنِ کھي جي نَہ پَرُوڙَنِ مَتِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## سُرَاڳُ ◊

جِتِ ڪَڏِ جيئِي ڪَوْهَرِي مَانِڪُ تِتَهِين مَتِ
جَنْهِين سوْنَ سِين سَتِ تَنِ هَلِي رِيئُ رَدِ ڪِئو ◊

٨

سوْنَان وَوْنَ صَرَّافَ سِين لَڌو لَاهِ مَ لَڌِ
سوْ سَوْدوئِي ڇَهَڍِ جَنْهِن مِين جَوَاهِرُ نَاهِ ڪوُ ◊

٩

سوْنَان وَوْنَ صَرَّافَ سِينئَ لَڌو هَڏِ مَ لَاهِ
آهِي تَنِ اُونْدَاهِ جَنِ جَوَاهِرُ جَايَا ڪِئو ◊

١٠

جي صَرَّافَنِ لَڌِئو تَه تُون پُنُ لَڌِجِ سوْنَ
پِنَا قَدُرُ ڪَنْدَه ڪو نَه نِيئِي ڪَڏِيَنْدَه ڪُتِ سَان ◊

١١

اڪِهِئو ڪَاٿو ڪَڄُ مَانِڪَنِ موْتَ تَهِي
پَلِّ پَايو سَڄُ آڇِهِينْدِي لَڄَ مَرَانْ ◊

١٢

وِيَا سِي وِيْنجِهَارَ هِيرو لَالَ وِنْدِهِينِ جِي
اُنْهِين سَنْدَا پوْيَان شِيهِي لَهَنِ نَه سَارَ
ڪُتَنِ ڪُتِ لُهَارَ هَانِي اُنْهِين بِهِينِئِين ◊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۳

وَڻجَنِ مَ وِڻجھَارَ ڀَاڻِيَنِھَ جي پَرکهِنَا
ڪَنيَرُ ڀَايو اَکهِنِين لهَنِ سَبهَ ڪَنهن سَارَ
موتِنِ جي مِزاجَ جو قَدُرُ مَنجهِ ڪِپَارَ
صَرَّافَنِيُون ڏهَارَ مَاڻِڪَنِ مُلَاحِظو تهِئي ⁘

۱۴

تهَا صَرَّافَ سُجهَنِ پَانُ ڪُوَتهَائِنِ جَوهَرِي
مَاڻِڪُ ڪَرِي مُٺهِ مِين وَڙُن وَتهِي وَتِ تَنِ
تَ سَنڌِسِئِي سَيِّدُ چَوي کِهَڙو قَدُرُ ڪَنِ
پَانِيَتهُنِئِي پَرکهَنِ کِي ڪَنٿِچَنُ ڪَڍِنِ ڪَچَ سِين ⁘

۱۵

اَمُلُ اَسَارَا پَٿِي بهوڙا بهَڱُڻِي جِت
ڪوهُ نَ رُنئِي تِتِ ٻَٿِي اَدهَ هَتهِ ڪَرِي ⁘

۱۶

اَمُلُ اَسَارِي پَٿِي بهوڙِي بهَڱُڻِي جِينئَ
وَڙُن صَرَّافَنِ سِينئَ ٻَٿِي اَدهَ هَتهِ ڪَرِي ⁘

۱۷

مَاڻِڪُ مُنڌهَ هَتهَاءِ پيتِيَ مِين پُرزَا تهِئو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## سُرَاڳُ ۴

ٻجُھو تَان سَيِّدُ چَوِي لَهِي لَکَھُ سَوَا
ٻهڳِي پُنجَانَاءُ پَدَمَانِڻِي پَرِي تهِڻُو ⁘

١٨

جِتي مَاڻِکَنِ مَاڪُ تِتِ جوڙِنِ تَکِڻُو
سَنڻُون تَنِ سَبهَاڪُ اَمُلُ جَن اُپَائِڻُو ⁘

١٩

چوڙُ اُبهوڙِي چوڙه تَہ آنڱُون اُهوڙِي آهِيَان
جِي اَسِّي اَنڱَنِ هوڙه تَہ پِ لِکهِڻي کهي کو نَہ لَهِي ⁘

٢٠

چوڙِيَ پَهتُ ٿُجھَ سِين پَدھَرِ نَاهِ اَرَتھُ
پِڙه لِکَائِجِ وَتھُ پِهرُوِن پَانُ لِکَائِين ⁘

٢١

پَانَهِين لوڙَائُو تهِي پَانَهِين دَاهُون ڍِينِ
کَهرَوَارَنِ جَان کَنِنَ چوڙَنِ سَڎَ کَرِينِ ⁘

### وَائِي

جَاڳو يَارَا جِيڏِيُون تَہ پَانَ پِرِين پَرْچِي
جَاڳو جوڙسَان جِيڏِيُون تَہ پَانَ پِرِين پَرْچِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هَلَنْدِي حَبِيبَنِ ڏِي وِيلُو وِڃِ نَہ کَجِي
تَہ پَانَ پِرِين پَرْچِي
مَتهَان اوُسَرَ اُسِرِي پَتَنْگَ جِينءَ پَٿِجِي
تَہ پَانَ پِرِين پَرْچِي
عَرْضُ اَحْوَالُ اُنِ کهِي چَنْگِي بهَتِ چَٿِجِي
تَہ پَانَ پِرِين پَرْچِي
کَرِي نِيَازُ نِکِنو وَاحِدَ ڏِي وَرِجِي
تَہ پَانَ پِرِين پَرْچِي
آهِي مَوْتُ مِڙنِي تِي کوهِي کِي نَہ کَجِي
تَہ پَانَ پِرِين پَرْچِي
اَجَلُ اِينده اوچِتو جو سَدَا تهو سُجِي
تَہ پَانَ پِرِين پَرْچِي
اَڳِيَان اُونْدَاهِيَ مِين سَمَرُ سَانُ کَجِي
تَہ پَانَ پِرِين پَرْچِي
کهَنُ تُون ڦُوتُ قَبَرَ جو کهَلو تو کهُرْجِي
تَہ پَانَ پِرِين پَرْچِي
تَہ آکو عَيْبَ اَوَانهِن جَا. ڍَهَکِيَا مُجُهَہ ٻُجهِي
تَہ پَانَ پِرِين پَرْچِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڄي ڪِي وَهي وُجُودَ مين صَاحِبُ سو سَمُجهي
تہ پَانَ پِرِين پَرْچي
ڏِرِڇي ڏراه ڏهِنِيَ ڄي ڪو ٻِئِي ٻِهَڇي
تہ پَانَ پِرِين پَرْچي
اَمُنُ آهِي تَنْهِن کهي جو مَنْجهِ اَللّٰهَ ڄي اَجهِي
تہ پَانَ پِرِين پَرْچي ٭

---

## فَصُلُ پَنْجُون.

١

مُون تهي چَپْئِي ڪَانْدهَ تہ ٻهُتِي ٻهَاڙِ مَ مَڪُڙي
سِڙهَ پُرَانَا ہَانْدَ لَهَرِيُون سَهِي لَنْگهِينْدِيُون ٭

٢

لَهَرِنِ لِيکهو نَاهِ ڪو جِتِ کَپَرَ کُنَ کَارَا
آڇهَارَا عَمِيقَ مَانَ اَچَنِ اوٻهَارَا
اُتهِي اَسَارَا وِيرِ وِڙهَنْدَه وِيسِلَا ٭

٣

وِيرِ وِڙهَنْدَه وِيسِلَا اُتهِي تو طَلَبِ
سَاٿِرَ کَنْهِن سَبَبَ کَالهَ نہ وِدهِيَ کُنَ مين ٭


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٤

ڪَالهَ وِدهَاتِين ڪُنَ مِين جَاڏَا جُنگَ جَهَازَ
تُنّهِن جِي اَڄُ تَرَازَ آهِي آرَ اَکهِنِ مِين ◇

٥

آهِين آرَ اَکهِنِ مِين نَاخُوَا ڪَجِ نِگَاهَ
وَڏَا بِيڙَا ٻوڙِيَا سَائِرَ ڏِيٺِي سَاهَ
تُون مُلَاحِظوُ مَلَّاحَ ڪَجِ ڪوُ اِنْهِي ڪُنَ جوُ ◇

٦

مُلَاحِظوُ مَهرِيَانَ جوُ مُورِ مَ لَاهِ مَنَاءِ
سَامُونڊِرِي سَنبهَالِ ڪِيَ سُمَهَنَ آئِيُ سَاءِ
جهَاڳِي جَرَ مَتهَاءِ تَارِي نِينْ تَرَازَ ڪهِي ◇

٧

تَارِي نِينْ تَرَازَ ڪهِي مَنْجهَان مَوْجَ مَلَّاحَ
دَانْهُون ڪَنِ دَرِيَاهَ جُون اُونْهِي جَا آگَاهَ
سُونْهَنِ جِي صَلَاحَ هَلُ تَ وِيرِ لَنْگهِي وَڃِين ◇

٨

سُونْهَا سُدهِيُون ڏِينِ هِنَ ٻِيوَانِي دَرْيَاهَ جُون
ڪُوڙَ اوڏَائِي ڪِي نَ ڪِي رُڪوُ ٻيڙَ سَوْدِينِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## سَراڳُ ٥

عِجِزَ جو اَدهَ رَاتِ کھِي وَکھَرُ وِھَائِيِنِ
سَاٿھُ سَلاَمَتَ نِيِنِ ٿَابِتُ اِنْھِي سِيرَ مَان ❊

٩

ٿَابِتُ لَنْگھِيَا سِيرَ لَھَرِنِ لوڏِيَا ڪِي نَ ڪِي
وَنجِي پَھُتَا پَارَ ڪھِي نِرْتوُن مَنْجھَان نِيرَ
مَاڙِ پَھُتَا مِيرَ ٻَارِ لَنْگھِيَاڻُون ٻَاجھَ سَان ❊

١٠

تُون وِيسِرُو وِيرَ سَاٿھِنِ سَنْبَتِ پَنْڌھَ جِي
جوڙِي جُنْڪَ جَھَازَ ڪھِي ڪِي ڪوڏِ هَنَائِجِ ڪِيرَ
وَھِي وَڻجَارَنِ جِي بَنْدَرَ ڏَانْھُ ٻَھِيرَ
ڪَرِ تَنْھِين جِي ڪِيرَ جَنِ لَاڳِيدَارَ لَنْگھَائِيَا ❊

١١

تَرْپھُلَ پھوڙَا پَارِچَا اَڳَرَ ۽ عَنْبِيرَ
اِھَڙو وَنِجُ وَٿھِي ڪَرِي وَڻُجُ وَڻجَارَا وِيرَ
ٻھُڙِي ٻھَاڙِ مَ مَکُڙِي اَڳِيَان سَائِرَ سُڃِي سِيرَ
ڪَرِ تَنْھِين جِي ڪِيرَ سَاٿھِ جَنْھِين جِي سَچِيُون ❊

١٢

تَرْپھُلَ پھوڙَا پَارِچَا پَانِيَتھَ پَاتَاڻُون



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪُوڙهِينُون قِيمَتَ سَنڌِيُون تَنَ مِين تَاڪِيَائُون
لَاڄِنِ مَنجهِ لَطِيفُ چَئِي پِيڙَا ٻَڌِهَائُون
نَڌَرُ نَبِيَ جَامَ جو چَڙهَنڌِي چَيَائُون
جي ڇُهِي ڇهوڙِيَائُون سي ٻيڙِيُون رَکِهين ٻَاجهَ سَان ٭

١٣

قَرْپهُلَ پهوڙَا پَارِچَا پَاتَائُون پُڙِيُون
اُنهِين کهي عِنَاتُ چَوي پهيرُ نَ کَنِ پهُڙِيُون
جي ڇهوڙِي مَنجهِ ڇهُڙِيُون سي ٻيڙِيُون رَکِهين ٻَاجهَ سَان ٭

١٤

وِڃِنِئَ جو آن وِيهِي جَرِ پَلَوُ پَائِيَان
تَنِ پِيڙَا کَهَرَ سُپِرِين اوسَهِ اِينِئَ پِيئِي
جِينِئَ وَنجَارو سِين وَکَهرِين سَرَهَا سَبهِيئِي
حُرْمَتَ سَانُ حَبِيبَ جِي سُنگِيَا نَ سِيئِي
پَانو سِي پِيهِي کَهَنڌَ کَهِيڙَائُو آئِيَا ٭

١٥

تَنَ پُوجِنَا کَهَرَ سوڙِيَا جَنهِين وَاسِيَا وَار
پَرَ لَنڪَا کَاپَڙِي هُوَا تَنهِين جَا بهتَارَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آيَا سَبھِ عِنَاتُ چَوِي اُنِ پَتَنِ تھِي پَچَارَ
سَمُونْدَرَ سَاھُوکَارَ سِيلُ رَکھِي سَنْجھِ آئِيَا ॰

١٩

وِيتھِي جَرُ جھَارِيَان پَاتَھِينْ لَئِ پِرِيَنِ
خِضِرِ پِيرُ خُدَاء جو مَانَ مؤتَائِي تَنِ
وَنْجِي وِلَاتُنِ مِين جُڳَ لَنْگھِيَا کھِي جَنِ
جَنِ ڏِتھَا تَنِ چَيَا تَہ اِجھِي تھَا اَچَنِ
سَھَسِين سُرَھَايُون لَائِيَان تَنَ کھِي خَاطِرِ تَنِ
اِلٰھِي عِنَاتُ چَوِي مُحِبُّ مُون مَانَ مِڙَنِ
وَادھَايُون وَرْتَنِ کھَنْڌُ کھِيڙَاؤُ آئِيَا ॰

وَائِي

عُمْرِ سَبھَ عَبَثُ وَقْتَ وِنْجَايَمِ پَانْھِن جَا
وِيتھِي لِکھِتُو لوڙِيَان جي کِي کَنڙُو مَسُ
وَقْتَ وِنْجَايَمِ پَانْھِن جَا
تُون اَبھَاڳِنِ کھِي رَاسِ اَچِي رَسُ
وَقْتَ وِنْجَايَمِ پَانْھِن جَا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حَالُ مُنْهِن جو هِهَڙو جِهَڙو تُون پريَمِ اَچي پَسُ
وَقْتَ وِنْجَايَمِ پَانْهِن جَا

قَلْبُ ڪَارو جو تهِنْجو تَنْهِن تَان ڪَامِلَ لَاهِين ڪَسُ
وَقْتَ وِنْجَايَمِ پَانْهِن جَا ⋄

---

## فَصُلُ چهـهـون

١

تَانْگهي مين تَارِئو بَنْدهُ پَنْهِن جو تُرَهو
اُونْهي مين آنِئو ڪو نہ ڏِينْدء ڪو ٻِئو ⋄

٢

نَارُو تَرِئو وَنْجِن نَنْڍها وَڏَا وَاهَڙَا
آهي پَرِ اَتَارُنِ ڪهَڙَا مَتهِنَ مولهِيَا ⋄

٣

ڪَاٿو ڪَمَايوم موٽِيي مُون نہ وَنْجِيَا
سِيهي جو سَيِّدُ چَوي وَڪهَرُ وِهَايوم
اِهَڙو حَالُ سَندوم تو هِ تُنْهِن جي اُبهَان ⋄



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۴

بَنْدَرِ جَان بِهِتِي سُکهَانِيَا مَ سُمَهو
کَپَرُ تهو کُنَ کَري جِينئَ مَاتِي مَنْجهِ مَهي
هيڏو سُورُ سَهِي نِنْڌَرَ نَ کَجِي نَاخُوَا ⁘

۵

ڏوري لَهُ ڏَاتَارُ جَمَ وِهِين وِيسِرو
هَکِڙو هُجُ هُشْيَارُ کِهوَنِ کهوَنْڌَن اوچِتِي ⁘

٦

سُتِين کِهَڙِيَ سَارَ وِڃُ کِهوَنْڌَن وِيسِرَا
تو جيڏا تو يَارَ لَهَرِنِ لَاوَهَارَا کِيَا ⁘

٧

سُتِين سَنْجهِينِي وِڃُ کهوَنْڌَن وِيسرَا
وِيرِ وَرِي وِيئِي اَسَارَنِ تَان اوچِتِي ⁘

٨

کِهوَنِ کِهوَايو آئِي نِنڌَرَ اَبهَاڳَ کهي
جَنْهِين پَهُ نَ پَايو کَري تَوَائِي تَنِ کهي ⁘

٩

نَ کو سُکهُ نِکهَتِرِين نَ وِيسَانْدِ نَئِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جِيڪا اَچي سَامُهِين ڀِهائين سا سَنِين

مُوڙِين ڪِي نَہ مَٿِين جِنِئَ سَڄُون رَاتِيُون سُمَهِين ⁂

١٠

اَوکِهِي رَاهَہ اَللّهَ جِي اَوکِهِي اَوکِهِي ٻهَتِ

هوءِ جي ڏِيهَاڙِي ڏيهَہ جَا تَنِ پُنُ مُنجهي مَتِ

آچِهَارِ اِئَ اُپَتِ ڳُجُهہ ڪَاٿي نِيِنهَہ سَان ⁂

١١

مَہ ڪِي هيچِ مَہ هوجِ تَرْسُ مَہ تَانِ جَهَازَ ڪهِي

چَوُ ڪَلِمو مُحَمَّدَ تي تہ اَکِيَان اَچِيِئي اوڄَ

سَوکِهِي ٻهَتِ سَبُوجهَہ تُنْهِن جِي مَکِي ڏُکي مَکُڙِي ⁂

١٢

تُون جي وَٺهِين تَرَازُ تَنْهِن پَاءِ اَسْبَابُ اِخْلَاصَ جو

مَتَان ڪِي مَنُ لُوڏِئِين پَسِي جُنگُ جَهَازُ

تہ عَادَنِيُون عِنَاتُ چَوِي تُنْهِن جِي دَاصُلُ تهِئِي حَاجَ

نَاخُوَا تهِيِئُ نَوَازُ تہ آکَهُہ مَانِين هيڪَڙو ⁂

١٣

تَنَ مِين تَرَازَ توهَہ جِي کهَنِي رَکُهہ گهوڙِي

اَدَبَ ۽ اِخْلَاصَ جَا سِڙهَہ ٻَنْدِهِجِ سوڙي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وَکَهَرُ وِينَتِنِ جوَ تَنْهِن مِين پَاء توَرِي
تَہ عَادَنِتُون اوَرِي تُنْهِن جوَ تَوَاڻِيَ نَہ پَرِي ٭

١٤

توَرِي تَوَائِي توَهِہ تُنْهِن جوَ آسِرو
سَجَنَ گَرِ لَائِي کهِيرُون ڏِينَدِيسِ جِيڏِئِين ٭

١٥

وِيهُ تُون وِسَارِي چهُنڊَا چِي چهُلَنَ جَا
جوَ لَکَهَ لَهَرِيُون ڏِي کَرِ سَانْجَاهَ سَمُونڊَرَ جِي ٭

١٦

سَامُونڊِرِي تُون سَنْبَهِي سَاجوَ جهَلِ سُکهَانُ
لَنگِهي وَاء وَڏَانْدِرو مَنْجهَانْئِي مَهَرِيَانَ
جَنْهِين بهَايو پَانُ کَرِي تَوَائِي تَنِ کهِي ٭

١٧

سَنْڌَاکَرَ سَمُونڊَرَ جَا لَاجُو لَالَ وَتهِيمِ
اَچهَا اوَلَا عَاجَ جَا چَنْگَا چِترَائِيمِ
سِرّهَ سِبِي سَقْلَاتِ جَا کهُوهَا خُوبُ کهَنِيمِ
سَتَ سُکهَانَ سَرِ کَرِي چهَہ چهَجهَرِيُون اَڏِيمِ
بَارَهَنْ تِيرَهَنْ پَنْدرَهَنْ سَترَهَنْ سِينْگَارِيمِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سَارِي سِتُرَ سَيِّدُ جَنِي پُورِي پُڄَائِيمِ
مَلَّاحَ مَعْلِمَ خَبَرُون پُڇِهِي پَرُوڙِيمِ
وَسَقَاهُمْ رَبُّهُمْ شَرَابًا طَهُورًا پَائِي پَاڪُ پِئِيمِ
جَنْهِن کهِي سِکَنِ سَبهِ تهَا پِرِين سؤ پَسِيمِ
لُڙَ مِين ڪِي مَ لُڏِيمِ تَ سُنَتَرِ سَامُونڊِرِي تهِئِين ٭

## وَائِي

مُون مَارِينْدَا لَڪَ يَا وَالِي ڄَمِ مَ اُوڏِڙِي جهَڪَ
هِي جِي هُوءِ جِي مُون مَارِينْدَا لَڪَ
اَنْتُ نَ ڏِجِي عَامَ کهِي مُون مَارِينْدَا لَڪَ
پَائِيَ جَان پَارِيُون کَرِي نِينهُ وَهَائِجِي نِڪَ ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# سَامُونْڊرِي

## فَصُلُ پِهرِيون

١

ڀَڳَهَ ڀَاسِي کهَارِ آيَلِ سَامُونْڊرِنِ جي
وِجهِي جِيئُ جَنْجَارِ جِمَ وَنْجَنِي اُهِري ⁘

٢

ڀَڳَهَ ڀَاسِي ڀُڇهُ آيَلِ سَامُونْڊرِنِ جي
مَنَ مِين ڀَارِي مَڇِ جِمَ وَنْجَنِي اُهِري ⁘

٣

ڀَڳَهَ ڀَاسِي وِيهُ آيَلِ سَامُونْڊرِنِ جي
تُون وِيسِلِي وِکهَ کهَنِين هوءِ پُورِينْدَءِ پَرڏِيهِ
سَمُنْڊُرُ جَنِ سَاڙِيهُ کوهُ نَ وِيڙهِيَنْ تَنِ سِين ⁘

٤

جي اَچِين تَان آءُ هَنِي هَتهُ ڀَڳَهَ مِين
لَڳِي وَاءُ سَنَاءُ سِڙهَ سَانْبَاهِي نَ سَهِي ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۵

نَنْکَرُ جَان نَہ کھَنِن وَوُن وَهَلوُنِي نِکِري
ڄَهَنْ ڏِيهِه وَڃَنِ نَارِيُون پُورِي نَاخُوَا ×

۶

نَنْکَرَ ء نَارِئِين پَکھَ کھَنِي پَنْدهِ تهِيَا
بَنْدَرِ بَازَارِئِين سُنْڄَا سَامُونْڊرِنِ رِي ×

۷

نَنْکَرُوُن نِيڙِي مَنْ اوڙِي نَہ اُهِرِي
سَبَاجهِين سِيئِين پَاڻِي ڪُنِين کهِيز هِنئُون ×

۸

سِيئِي جوُبهَن ڏِينهَ جَڏهِن سَڄَن سَپهِرِ هَلِيَا
رَنَّان نَہ رَهَنِ سُپرِين آيَلِ کَرِيَان کِينئَ
مُون کهِي چَاڙهِي چِينئَ وِنئُو وَنِجَارو اُهِرِي ×

۹

نَہ سِي تَرِ نَہ اوطَاقَ وَاٽِي وَنِجَارَنِ جِي
سَرْتِيُون سَامُونْڊرِنِ جَا اَجُ پُنْ چِکِيَمِ چَاکَ
مَارِيَمِ هِنَ فِرَاقَ پَاڙِيچُون پرِيَنِ جي ×

۱۰

وِيَا اُهِرِي اُوه مُون کهِي ڇهَڏِي. مَاکَهِين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جُڳَنِ جَا جُڳَ ٿِيَا اُئَان نَ مُوٽِيُو ڪوهه
ڪُونڌَرُ مَارِينْدوءِ وِچَارَنِ وِٽَنِ جو ⁘

۱۱

اُونْهي مين اُهِري جَڏِهِن جي وِيَا
سَانْدَارِي سَمُونْڊَرَ جي پِهوڙِي نِيَا
وَڃِي تِتِ پِيَا جِتِ پُڄَنَ ٻِهِيڻِي نَاهِ ڪَا ⁘

۱۲

اُونْهي مين اُهِري جَڏِهِن وِيَڙَا جي
مُوٽِي مَاڪِ نَ مُوٽِيَا مَاءُ سَامُونْڊِري سي
ڪَارُو تَنْهِين ڪِهي جيڪُسِ وَهُ وَرِي وِٽُو ⁘

۱۳

اُونْهي وِيَا نَ وَرِيَا آئُون تَنْهِن مَارِي وِينَ
ڪَرِي سَامُونْڊِري سِينَ جُسِي جَارُ پِرَائِيُو ⁘

۱۴

جي وِٽَرِمِ اَجُ سي ڪَڏِهِن اِينْدَا مُون ڪهَرِين
پِرِيَان جي هُنَ پَارَ ڏِي وَڃِي دَهَڪِي دهَمُ
سَامُونْڊِرِيَ ڪُو ڏَنْجهُ مَاءُ مَارِينْدُمِ ڪَڏِهِين ⁘


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۵

اوهِريَا جِيَانْئِين ڏهُڪنِ تَنِ تَرَائِين
سَامُونْڊِرِنِ سَانئِين وَاءُ سَنَاتُو وَارِئين ⁘

۱۶

سَامُونْڊِري سَارِي مَاءُ مُنْهن جو جِنْدُڙو
بَنْدَرِ وِچارِي وَنْجِي لَايَا ڏِينْهَڙَا ⁘

۱۷

سَامُونْڊِرِنِ کو سَنْگُ آهِي ڪُونْدَرَ ڪَاڏُئُون
اَکْهُنِ چَاڙهِي اَنْگهُ وِئو وَنْجَارو اُهِري ⁘

۱۸

وَنْجِيئِي وِسِري شَالَ جو تُون سَوْدو سِکهِئين
اَنْجَان آئِين ڪَالهَه تَه پُنْ تهو سَفرِ سَنْبَهِين ⁘

۱۹

ڪُرِئو جهَلِئو رُوءِ مَتهِي مُهِرَي هَتهَڙَا
ڪهُهِ سَوْدو سَنْدوءِ جو تُون ڏهوَلِيَا سِکهِئين ⁘

۲۰

اُلوَڙِنُ نَه ڏِي وَرُ وِدهَائِين وَنْجَهَه کهي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رَهه اڄوڪِي رَاتڙِي تُون لَالن مُون لائِي
ونڃُ مَ پهوڙَائِي ايڏي سَپهَرِ سُپرِين ⁘

٢١

جيڪس نِبَرُ نينهُه سَنڌومِ جِنءَ مُون اُبِيتهِي اُنِ تهيلهِئُو
سَاعِيُو سَامُونڊرنِ جو اَکهين تَا نَ ڪِٿئُومِ
وَنڃَنُ مَنجهه هُومِ پَانُ وَرَاڪِي رَسِ سَان ⁘

٢٢

ٻيڙِيَ جِي ٻِهُنَنِ نينهُه نَ ڪِجِي تَنِ سَان
اُبِها ڏنبهَ ڏَسَنِ جِي سِرهَ چَاڙهِي سِيرَ تهيَا ⁘

٢٣

هِنڙُو ٻيڙِيَ جَان ڏُتَرِ ٻِي ڏِيهه تهئُو
پُڇهئُو تَا نَ پرِيَان ڪَرَ لَاهُو تِهي ڪَڏِهين ⁘

٢٤

تَنِ جَنهين جِي تَانگهَ سِي سَجَنَ سَپهَرِ هَلِيَا
لَڄِ لَاتِ لَطِيفُ چَئِي ڪَڏِهن اِينْدمِ ڪانگَ
ڪَنهن سَتَانِي سَانگَ پرِين پَرَڏِيهي ڪِيَا ⁘

٢٥

تُون ڪِي لَڄِ ڪَانگَ ڪَڏِهن اِينْدَا مُون ڪهَرين
سِينَنِ ڪَارَنِ سَانگَ مُون تَان ڪهَنَائِي ڪِيَا ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۲۶

سر نِسِريا پَاڻڊ اُتَر لَڳا آءِ پرين
مُون تو ڪَارَنِ ڪَانڌهَ سَهَسِين سُکهَاڻُون ڪِيُون ✧

۲۷

سَرَ لُبِيَا ڪَپِيَا کُسَرَ نِسِرِيَا
تو ڪِينيئَ وِسِرِيَا ڍهوَلَ مُنهِن جَا هَتهَڙَا ✧

۲۸

جِيڪَرَ اَچِين هَانِ تَہ ڪَرِيَان رُوحَ رُچَنڊِيُون
آيَلِ ڍهولِئِي سَانُ ڳَرِ لَڳِي ڳَالهِيُون ڪَرِيَان ✧

۲۹

آيَلِ ڍهولِئِي سَان اَچِي تَہ جهِيڙِيَان
لَاَيِيْ ڏِينهَ ڪهَنَا مُون سِين ڪِيَئِي تهوڙِڙَا ✧

۳۰

ڍهولِئو وِڱڙو ڏُورِ تهِي ڏُکهِيَا ڏِينهَ ڪُڏَارِيَان
ڳَادَرِ مَنُ مَہ چوڙِ نَا تَہ پَڌهَرِ پَوَنڊِي پرنئَ رِي ✧

۳۱

لَاهِين ڏَانهِين ڪَنِ ڳَالهِيُون هَلَنَ سَنڊِيُون
ڏِينڊَا مُون ڏُکهَنِ وَهِہ وِجهَنڊَا جِنڊڙو ✧



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٣٢

مون کهي جيارئو پرين جي ڳالهه ڪري
ڏرتهو اڄ اڏئو هنئڙو ڪوٽ ٻرج جنءَ ⁘

٣٣

وڙن ونجي واٽهه هنئڙا· ماڪ پرين جو
ڇمي ڇم چاڻهه هو جا سنڌي سڄڻين ⁘

٣٤

آنئون جن آساري متهي تڙ ڪڏاريان
مون کهي وساري شال م ونڃن اهري ⁘

٣٥

سنهي لڪ نڪ سٺين ڪجل بهرين نين
سامونڊي مون سين ڪي تو ڳالهه لنگهائيا ⁘

٣٦

هي سڄڻ سيئي جي مون ڪوڙ نهاريا
ايندم جان پيهي ته سبه لاهيندم ڏکڙا ⁘

٣٧

چمڪيون چوڏهار دهجون دهاڙيچن جون
ماءُ سامونڊي آئيا سهسين ڪري سينگار
تنهين جي تنوار تهو ڳالهاڪون ڪانگ ڪري ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وائي ۱

پرين جي پنڌ ھا، مون کھي جي جھلينديون سي نہ پڄنديون
ٻھلي ڪري آئيو ٿاٿارو ڍيھاءِ
مون کھي جي جھلينديون سي نہ پڄنديون
ڀھڳي ڪُتِ سڄي ٿھٿي لٿي جاڪھہ ڳھراءِ
مون کھي جي جھلينديون سي نہ پڄنديون
سَرْتِنِ سُورَ پِرائِيا ھاڻي ھِنَ ھَنْدَھاءِ
مون کھي جي جھلينديون سي نہ پڄنديون
تانڪي واسُ وِھائيو باروچي مُلاءِ
مون کھي جي جھلينديون سي نہ پڄنديون
تاسين ڏونگر ڏوريان جاسين دلِ اندرِ ساھُہ
مون کھي جي جھلينديون سي نہ پڄنديون
مَتِيُون مؤٽن سنديون تون ھڏِ آڇھہ مَ ماءِ
مون کھي جي جھلينديون سي نہ پڄنديون ⁘

## وائي ۲

تڙ نھاريان ٿِي مُنھن جا بندر ويڙا جي مان سِڙھہ سُڃاڻان سڄڻين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اُبيٺهي اوسهه پاڻيان ڪارڻ وڻجارِي
مَانَ سِڙهَه سُنجاڻان سڄڻين

ڪهڻو اُڪنڊهي آهيان پرڻئ پنهن جي ڪهي
مَانَ سِڙهَه سُنجاڻان سڄڻين

ڪهتهوري سمونڊر ڪهي آڻئو اَڪها ڏي
مَانَ سِڙهَه سُنجاڻان سڄڻين

آساڻي آهيان اَلا مُون ڪانڌهُ اَچي
مَانَ سِڙهَه سُنجاڻان سڄڻين ⁘

وائي ۳

آيل ڪريان ڪِينئَ مُنهن جو نِينهُ اَپلئو نه رهي
وِئو وَڻجارو نِڪري مُون کهي ڇاڙهي جِينئ
مُنهن جو نِينهُ اَپلئو نه رهي
اُڏوهي جان ڏُکهنا چڙهيا چوٽي سِينئ
مُنهن جو نِينهُ اَپلئو نه رهي
ڪُونڌر مَتهان جِنڌُڙي وريا وَلِن جِينئ
مُنهن جو نِينهُ اَپلئو نه رهي


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مَادَرِ ٻَائِي مَنْدِيُون وَڻجَان هَادِيَ سِينئَ
مُنْهِن جو نِينْهُ اَپَلِيو نَہ رَهِي ❖

---

## فَـصُـلُ سَـتـوُن

١

اَڄُ پُنُ وَايُون ڪَنِ وَڻجَارَا وَڻجَنَ جُون
اَتَهِيِي ڀَهَرَ اَتهَنَ سَاعِيو ڪَنْهِن سَپَهَرَ جو ❖

٢

اَڄُ پُنُ وَايُون ڪَنِ وَڻجَارَا وَڻجَنَ جُون
مُون اُبِيتهِي هَلِيَا بَنْدَرَ جِي تَڙَنِ
سَرْتِيُون سُورَ سَنْدَنِ مُون مَارِيندو جِنْدُڙِي ❖

٣

اَڄُ پُنُ وَايُون ڪَنِ وَڻجَارَا وَڻجَنَ جُون
هَلَنَهَارَا سُپِرِين رُڳَان تَا نَہ رَهَنِ
آنئُون جهَلِيندِي ڪِيتِرو آيَلِ سَامُونڊِرِنِ
پَنگهَہ چهوڙِي جَنِ وِدهَا ٻِيڙَا ٻَارِ مِين ❖



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٤

لَاهِيَان جي نَہ چِتان آلا اُنِ مَہ وِسِرَان
مَڙهِئُو مَنْجهَارَان جِيئُ مُنهِن جو جَنِ سَان ⁘

٥

چِتَان جي نَہ چُرَنِ آلا اُنِ مَہ وِسِرَان
مُون مَنُ آهي تَنِ مَڙهِئُو مَنْجهَارَان هِنئِي ⁘

٦

تَڙِين تَنْوَارِين مَاءِ سَامُونڊِي آئِيَا
مُون کهي جِيَارِينِ وَايُون وَڻِجَارَن جُون ⁘

٧

اوڙَلا کهَنِي اُوهِ پَکهَہ چهوڙِي پَنْدهِ پِيَا
آيَلِ سَامُونڊِرِنِ جِي آهي اَنَانڪِي جُوءِ
کَڏهِن ڏِسَنْدِيَسِ رُوءِ وَرِي هِنِ اکهِنِ سَان ⁘

٨

لَگِي اُتَرَ هِيرَ سَامُونڊِرِنِ سِڙهَہ سَنْبَاهِيَا
نَنْگَرَ کهَنِي نَاخُوَا تهِيَا سَنَاوَا سِيرَ
هِنئَڙِي نِتُ اُکِيرَ آهي کهَارِي کهيڙَائُنِ جِي ⁘

٩

لَگِي اُتَرَ اُهِرِيَا وَاهِنْدَنِ وَرَنِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آنُون ڪَهَنُوٽِي ڪهوڙِيَان سَوْدو سَامُونْڊرِنِ
اَنْڪَنِ جَنِ اَچَنِ عِيدَ وَرُ ٿهِڻي اُنِ کهي ⁘

۱۰

اَنْڪَنِ آيَمِ جَان سَرْتِيُون مُون سَنْبُکُ ٿهِيو
اَمُلُ پِرِيَنِ مَتهَان ٻَڙهِڪِيو ٻِسَّنِ ڏِيَان ⁘

۱۱

آڻِي اُتَرَ مُنْدَ هِنئِين اُڏَرَڪو نَ لَهي
وَٽِي لَاجُو بَنْدَ ٻِيهَرَ مَکهِينِ ٻيڙِيُون ⁘

۱۲

لَاجُو ٿهَا لَوَنِ اَچَنِ سِڙهَ اُپِڙِيَا
ڪَارَنِ تَنِ پِرِيَنِ وِيٺهِي وَاتَ نِهَارِيَان ⁘

۱۳

سِڙهَ سُنْجَانِڻو چوءِ مَاءِ سَامُونْڊرِي آئِيَا
مَانَ مُنْهِن جو هوءِ جَانِي هِنَ جَهَازَ ۾ين ⁘

۱۴

سِڙهَ ٿهي سِبِيَائُون ٻَنْدَرَ جي تَڙَنِ تي
سِڙهَ سِبِي سَاجَا ڪَرِي کهُوهَا ڪهَنْيَائُون


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻيڙُون ٻَحَرَ ۾ِ ڇوڙِي ڇَڏِيائُون
لَهرِيُون لَنگهِيائُون لُطْفَ سَانُ لَطِيفُ چَئي ٭

١٥

سِڙهَ ٻِهِي سِبِيائُون ٻَنْدَرَ جي تَڙَنِ تي
مَلَّاحَ مَعْلِمَ خَبَرُون پُڇِهي پُورِيائُون
سُتَرِ سُتهَائُون اُوَتَرِ ڪَنْهِين نَہ اوليَا ٭

١٦

ٻَنْدَرِ ڏِيسَان ڏِيسِ مُلهِ نَہ مِلي وَاڙِئين
فَقِيرَانِي وِيسِ اَمُلَ ڏِينِ آتوريَا ٭

١٧

پَتَنِ پوه پَچَارَ آن ڪِي سِڙهَ وِينْدَا ڪَڍِيَا
اُڪَنْڊهَ مُون اپَارَ شَالَ مُنهِن جَا موتِيَا ٭

١٨

اُبهِيُون تَڙَ پُوجِينِ وَهُون وَنجَارَنِ جُون
آئِنُو اڪها ڏِينِ ڪهَتهُوري سَمُونْڊَرَ کهي ٭

١٩

جَنْهِين ڪَارَنِ مُون تهي تَڙَ پُونجَارَا پُڇِهيَا
پُنِيُمِ اُمِيدُون سيئِي سَجَنَ آئِيَا ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢٠

وَڻِتِيُون تهيُون وَڻِنِ اَنْجَان سِڙهَه نه پَڌِرا
اُبهِي سِي مَرْکَنِ جَنِ سَنڌا آئِيا ٭

٢١

جَرِ تهَرِ ڏِيَا ڏِي وَڻِتِنِ بَنْڌهِي وَڻِتِيُون
اَلا مُون کانڌهُه اَچِي آسَائِتِي آهِيَان ٭

٢٢

جا جَرِ جاتَرُون نه ڏِئِي ڏِيَا نه مَوهِي
سَڌهُون کَوهُه کَرِي سَا پَنْهِن جِي کانڌهَه جُون ٭

## وَائِي ١

اَوِي مُون کهِي زورِ مه جهَلِئو جِيڏِيُون آئُون هَلَنْدِي هوتَ ڏِي
اُونهِي وِڙَّا اوهِرِي تَرَازُو تَارِي
آئُون هَلَنْدِي هوتَ ڏِي
مَرِي رَهَنْدِيَسِ مَاکهِين سَامُونْڊِرِي سَارِي
آئُون هَلَنْدِي هوتَ ڏِي.
سُورُ تُنْهِن جو سُپِرِين مُون مَعْذُورِ کهِي مَارِي
آئُون هَلَنْدِي هوتَ ڏِي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وائي ٢

ڪَرهَل پانِي لَجَ ڪوهُه نَہ وِيئِيَنْ اُنِ سَان
اُجَارِيَاتُون اوڙيُون ڍهُنارِيَاتُون ڍهَجَ
ڪوهُه نَہ وِيئِيَنْ اُنِ سَان
مَتَان وِهين وِيسِلِي اُتهِي ٻهُورَلِ ٻهَجُ
ڪوهُه نَہ وِيئِيَنْ اُنِ سَان
سِيئَنِ سَاجهُرُ لَڏِئو تُون هَارِي نِهَارِين اَجُ
ڪوهُه نَہ وِيئِيَنْ اُنِ سَان
ڪَالهَہ سِبَايُئْ ڪَنْجِرو اَنْڪِي پَاتْبِئِ اَجُ
ڪوهُه نَہ وِيئِيَنْ اُنِ سَان
ڪِيرُ سُنَنْدو تُنْهِن جُون اَدِي ڏَانهُون اَجُ
ڪوهُه نَہ وِيئِيَنْ اُنِ سَان ٭

## وائي ٣

وِينْدِي آنئُون هوتَنِ وَٽِ مُون وَهُه وَڻجَارَنِ سَان
پَنگهَہ ڪهَنْ مَہ پَاتِنِي جَانِي مُون لَئِ جَتَرِ
مُون وَهُه وَڻجَارَنِ سَان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وَاڻيون وَڻجَارَنِ جُون اَدِي اَڄُ نَہ هَٿِ

مُون وَهُہ وَڻجَارَنِ سَان

ڳَرَهِيَان سُورُ سَفَرَ جو هَلِي پَنْهِن جي آرْتِ

مُون وَهُہ وَڻجَارَنِ سَان

پُورِينْدِيَسِ پرِيَنِ ڏي ڳا نَہ ڳَرِينْدِيَسِ ڳهَتِ

مُون وَهُہ وَڻجَارَنِ سَان

ڏيِئي سِڙْهُہ سِيرَ تهِيَا پيِرُ نَہ لَايَائُون پَٽِ

مُون وَهُہ وَڻجَارَنِ سَان ٭

---

## فَصُلُ ٽِرِئُون

١

پُرَان مَانَ پُڄَان بَنْدَرَ مُون ڏُورِ تهِيَا

نَہ مُون هَڙَ نَہ هَنجَ ڪِي جو ڏيِئي آنئُون چَڙهَان

اِيِٿين ڪَجِ ڀَاتِنِي جَنْهِن ڀَرِ پرِنےَ مِڙَان

ڳَارُون تهِي ڳَرِيَان تو دَرِ بِيهِي نَاخُوَا ٭

٢

هَڙَ مِين ڪِي نَہ هُوَنَ هُوَّهِين هُنِ نَہ چَاڙَهِڻَا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سَارُو ڏِينهُه سَمُونڊَر تي لَهِي ٻجُ وِڌُونَ
جَڏِهِن سَائِنِءَ سَبَبُ ڪِئُونَ تَڏِهِن سُتَرَ تهيا سَيِّدُ چَوِي ٭

٣

اَسَان اُدهَارَا آنِي آوَنْڪَ چَاڙهِيا
مُنْهِ ڏِيتِي مُون آئِيَا سَامُهَان سَيَّارَا
اُبهِرَنِ شِيڪَارَا پَسِئُو وَرَ ٻِينِ جَا ٭

٤

مُون بِيٺهي تَرَ وَتِ پرِيَنِ پَکَهَ چهوڙِيَا
ڪَا مُونهِين مِين کهَتِ نَا تَ سَجَنَ سَباجها گهَنو ٭

٥

مُون بِيٺهي تَرَ هيٺهِ پرِيَنِ پَکَهَ چهوڙِيَا
ڪَا مُونهِين مِين ڏِيٺهِ نَا تَ سَجَنَ سَبَاجهَا گهَنو ٭

٦

مُون بِيٺهي تَرَ جهَلَ پرِيَنِ پَکَهَ چهوڙِيَا
ڪَا مُونهِين مِين آلَ نَا تَ سَجَنَ سَبَاجهَا گهَنو ٭

٧

مُون بِيٺهي تَرَ پَاسِ پرِيَنِ پَکَهَ چهوڙِيَا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هُوَ آللہَ کارَڻِ اُهِرِيَا آئُون دَمِ دمِ دُعَا ڪَندِياس
آهَ نَہ لَاهِيندِيَاس مُوتِي اِينْدَا مُون ڪهَرِين ❊

۸

کهيڙائُنِ ڪهَارو سَنْجهيئِي سَارِيو
آيَلِ اَمَّارو آهينَ پَرِئين پَارَ جو ❊

۹

ڪهَارِي کهيڙائُو مَنهي مِنهي مُوتِيَا
سَوْدو کَنِ نَہ سونَ جو وَڏَا وِهَائُو
مُوتِي جي مَهرْيَانَ جَا تَنِ جَا طَامَادُو
سَامُونْڊرِي سَائُو لَنْڪَا لُوپِي آئِيَا ❊

۱۰

لَنْڪَا لَنْڪَا کَنِ لَڳِ لَنْڪَا جي اوهِرِيَا
سُنِي سونُ لَنْڪَا جو سُکهُ نَہ سَامُونْڊرِنِ
پِرِهَ پَکَهَہ ڇهوڙِيَا ڪهَارِي ڪهيڙائُنِ
وَڏي بهاڳِ مِڙَنِ جي کهِيَا کَارُونبهَارَ ڏي ❊

۱۱

وَنْجَارَنِ وَرِي پِرِهَ پَکَهَہ ڇهوڙِيَا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اوليُون پَسِي اُنِ جُون پيَرَمِ مَچ ٻَري
ويندِيَسِ مَاءُ مَري سَاري سَامُونڊرِنِ کهي ✧

۱۲

وَڻجَارَنِ وَاري پِرِهَ پَکَهَ ڇهوڙِيا
کهيڙائو کهَاري سَنبهُوڙا سَيِدُ چَري ✧

۱۳

وَڻجَاري جِي مَاءُ تُون وَڻجَارو نَہ پَلِئين
آيو بَارِهين مَاهِ پُنُ تهو سَپهرِ سَنبَهي ✧

۱۴

وَڻجَاري ڪَانڌهَاءُ مُون وَرَ ويٺهي گهَارِئو
لَڳي اُتَرَ وَاءُ ڍولِئو هَلَنَ جِي ڪَري ✧

۱۵

جِي تُون وَڻجَارَا ڪَانڌهُ تَہ مُون هَڏِ مَ لَائُون لَڌهيُون
پَرَڏيهَہ مَتهي سَانُکَ اَتهَئِي پَهَرَ جَنهِن ڪِئو ✧

۱۶

پَرَڏيهِ پُورِيَائُون سَامُونڊرِنِ سِڙهَ سَنبَاهِيَا
مُون تَنُ مَارِيَائُون پَانَان وِجهي کُونڌرِين ✧

۱۷

ڏِيَنِي ڏِيَارِي سَامُونڊرِنِ سِڙهَ سَنبَاهِيَا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وِڇهنُو وَرَ وَنْجهَ کهي رُئي وِچَارِي
مَارِينْدُه مَارِي پِرهَ سُورُ پرِيَنِ جو ٭

١٨

ڏِٺهي ڏِيَارِي سَامُونْڊِرِن سِرهَ سَنْبَاهِيَا
اُنِ کهي مُنْدَ اُتَرَ جِي اوچِتِي آئِي
وِچَارِ وَائِي آهِي پَرِئِين پَارَ جِي ٭

وَائِي ١

اَچِي پَسو جيڏِيُون هِيئَ جو وَهُ مُنْهِن جي جِنْڊُڙِي
پَائِي وِتَڙَا پيرَ مين مَنْجهَان کهَرِسَ کهَسو
هِيئَ جو وَهُ مُنْهِن جي جِنْڊُڙِي
ڏِيئِي وِتَڙَا ڏَاهِ کهي سُورَنِ جو سَرْسو
هِيئَ جو وهُ مُنْهِن جي جِنْڊُڙِي
آئُون ڏورِينْدِي اُنِ کهي ڏِيئِي تَنَ تَسو
هِيئَ جو وَهُ مُنْهِن جي جِنْڊُڙِي
سَاءُ نَ اَتهَو سُورَ جو هَانِي تهِيُون هَسو
هِيئَ جو وَهُ مَنْهِن جي جِنْڊُڙِي
مَتَان وِهو وِيسِلِيُون رِڙهي اَوِي رَسو
هِيئَ جو وَهُ مُنْهِن جي جِنْڊُڙِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مُنْڌائِتيئِي مِينْهَ جَان وِيرِوُتَارَ وَسِوَ
هِيئُ جوَ وَهُ مُنْهِن جي جِنْڊُڙي ٭

وَائِي ٦

ڏُکهَ لَاهِينْدَا ڏُونْگَرَ مُنْهِن جا مُون کهي سَبهِيئِي
جوَ پَسَان سوَ بهَائِيَان پِرِيَان جوَ پَهِي
مُنْهِن جَا مُون کهي سَبهِيئِي
ڏَاڏهِي ڏاتِ جَتَنِ جِي وِيئِي ڏِيلُ ڏهِي
مُنْهِن جَا مُون کهي سَبهِيئِي
آنئُون ڏورِينْدِي اُنِ کهي رَائِي رَاتِ رَهِي
مُنْهِن جَا مُون کهي سَبهِيئِي
ڏِٺهَا وَنَ کوهِيَارِي جَا وِيئِي اُنْجَ لَهِي
مُنْهِن جَا مُون کهي سَبهِيئِي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# سُنْهِڻي

## فَصْلُ پِهريون

۱

وَهَ تِکهه وَاهُڙَ تِکهه جِتِ نِينْهَ تِکهه نِرَالِي
جَنِ کِهي عِشْقُ عَمِيقَ جو سِي خِلْوَتَ خِيَالِي
وَارِين سِي وَالِي هِنْئَڙو جَنْهِين هَتهِ کِئو ٭

۲

اَنْڌهِيَ وَڇهُون کَنْڌهِيَ وَڇهُون تِکهِيَان لَهي نَه تِکهَ
صُورَتَ سَاهَڙَ جَامَ جِي ڏِيلَ پَنْهِن جِي ڏِکهَ
وَاهُڙَ تَنْهِين وِکهَ جَنِ سَانْبهَارَا سُپِرين ٭

۳

وَاهُڙَ وَهَنِ نَوَان اَنْجَان وَهُ اَهِي تِهِنئو
کَهَرَ وِيتِهِي تِهِيُون کَهَنَا کَرِنئو سَرْتِيُون سَنْکَ سَنْوَان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

صُورَتَ جا سَاهَڙَ جِي سَا جي ڏِٺِهي آوان

هُونْدَ نَہ پَلْيُوَ مَان ڳهِرِيُون سَبهِہ ڳهَڙَا ڪهَڻِي ⁘

٤

جيڏِيُون ڏِٺهَوَ جِي صُورَتَ سَاهَڙَ جَامَ جِي

سُکهِہ تهِي سُتِيُون ڪِيِ نَہ ڪِي ڪَانْدهَنِ پَاسِي ڪِي

مُونْهَانئِي آڱي هُونْدَ ڳهِرِيُون سَبهِہ ڳهَڙَا ڪهَڻِي ⁘

٥

ڏِٺهِي جَنِ هيڪَارَ صُورَتَ سَاهَڙَ جَامَ جِي

سُکهِہ تهِي سُتِيُون ڪِي نَہ ڪِي بِهَرِي سَانُ بهَتَار

ڪهَڙِيُون ڪهَڻِنئو دهَارَ ڪَاهِي پيِيُون ڪُنَ ميِن ⁘

٦

سَاهَڙُ مُون جِينئَ سَرْتِيُون جي ڏِسو سَبهِيئِي

تَہ سُمَهو ڪِي نَہ سُکهِہ تهِي وَرَ پَاسو ڏِيئِي

مُونْهَان آڪِيئِي هُونْدَ ڳهِرو سَبهِہ ڪهَڙَا ڪهَڻِي ⁘

٧

جي ڪِي ڏِٺهو مَان سو جي ڏِٺهو جيڏِيئين

ڪهَرَ تَڙَ وَرَنِ سَانِ هُونْدَ ڳهَنَائِي ڪهوڙِي چهَڏِيَّان ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٨

ڪھَرَنِوارِيُون تَڙَنِ تي ڪھِرَنِ ڪھَنِيُونِئي
سَبھَڪا ڇَٽي آن سُنْھَنِي لَءِ پرِيَانْ پيئي
صُبحَ سَبھيئي پَسْبِيُون پاتار مين ٭

٩

ڪَنْڌھِيَ بيھِي ڪِيتِرِيُون سَاھَڙُ سَاھَڙُ ڪَنِ
ڪَنْھِين سَانگو سَاھَ جو ڪِي ڪھوڙِيَس ڪِٿو ڪھِرَنِ
سَاھَڙُ سَنْڌو تَنِ ڪھاڪھائي ڪھِرَنِ جي ٭

١٠

ڪھِرِي ڪھَڙو ھَتھِ ڪَرِي بَھُون نِھارِي بَنْڪ
سوڪھِي سَانْڌِي دِلِ کھي وَصُلَ وِدھائِين وَنْڪُ
رَاتِ جَنْھِين جو رَنْڪُ آلا سي اُڪارِئِين ٭

١١

ڪھِرِي ڪھَڙو ھَٿھِ ڪَرِي بَھُون نِھارِي بَنْڪُ
وَاَمَّا مَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ اِيئُ لَنْڪھِيَاتُون لَنْڪھُ
سِڪَنْدِيُنِ ڪھي سَيّدُ چَوِي ڪِي نَہ جھَلِينْدو جھَنْڪُ
رَاتِ جَنْھِين جو رَنْڪُ آلا سي اُڪارِئِين ٭

١٢

ڪھِرِي ڪھَڙو ھَتھِ ڪَرِي چِيلھِ بَنْڌھِي چوڙِٿو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مُنھن جو مَنُ ميھارَ ڏي پارِ وَنجي پھُتو
ڪَڙتي مين ڪَوٺو مُون کِھي مُحِبُّ مِهارَ جو ⁘

١٣

کِھرِي کِھڙُو هَتھِ ڪَرِي ٻوڙِيائِين ٻاھُون
وِيچارِي وَڏِيُون ڪِيُون وِچِ دَرياھَ داھُون
مَوتُ تُون مُحِبُّ پاھُون تاکُنِ تَکِي آھِيان ⁘

١٤

وَنِ نَ وِيٺھا کانڪَ وِچِين تھِي وِيلَا ڪَرِي
کِھرِي کِھڙُو هَتھِ ڪَرِي سُڻِي سانجھِيَ ٻانڪَ
سِيڻِي ڏھُونڌھِي سانڪَ جتِي ساھَڙُ سُپِرِين ⁘

١٥

مِنھِ جَنھِين جي مُون ڏِٺھو مُنھُ مِهارَ جو
آھِيمِ ساھَ سَنڌُون سڙ ڪِينئَ کِھڙُو کھوڙِيان ⁘

١٦

کَھڙُو ٻھَڱو تان کھوڙِيڻو مَرُ ڇورُ تھِئي ڇوڙُو
طَالِبُ اَلْمَوْلیٰ مُذَڪَرًا ٻُنْدھِي نَ ٻوڙُو
کھوڙِيڻو ڏَمُ ڪُوڙُو مُونَ ميھارُ مَنَ مين ⁘



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

١٧

ڪَهڙو ڀَهَڪو تَان ڪهوڙِئو مَرُ ٻِيئِي ٽُهِڻِي ٻَانْهِين
طَالِبُ الْمَوْلىٰ مُذَڪِرًا اِئِينَ پَرِ آسَانْهِين
پُرَان نَہ پَانْهِين مُون مِهَارُ مَنَ مِين ❖

١٨

ڪَهَڙو ڀَهَڪو تَان ڪهوڙِئو پَاڻَان هو حِجَابُ
وَاجِبُ وَڃِي وُجودَ ۾ رَهِئو رُوحِ رَبَابُ
سَاهَڙَ رِءَ ثَوَابُ آن ڪَهَنوئِي ڪهوڙِيَان ❖

١٩

ڪَهَڙو ڀَهَڪو تَان ڪهوڙِئو ڏُون ڪِي تَرُ هَڻَان
اَدَبُ اَکهڙِيَنِ ڪهي ٽهِي ڏِيهَاڙِي ڏِيَان
مِهَارَ مِيَان مُون سَنْئُون سُنْهَايمِ پيچِرو ❖

٢٠

ڪَهَڙو ڀَهَڪو تَان ڪهوڙِئو آسِرو نَہ لَاهِيجِ
لَا تَقْنَطُوا مِنْ رَحْمَةِ اللّٰهِ تُرهِي اِنَ تَرِيجِ
تہ حَبِيبَاڻِي هِيجِ پَسِين مُنْهُن مِهَارَ جو ❖

٢١

ڪَهَڙو ڀَهَڪو مُنْڌَ مُئِي وِيَا وَسِيلَا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سَارَ ڇهَڊِيَائِين سِيرَ مين هَيِ رَهِيا جِيلاَ
سُنهِڻيَ جَا سِيلاَ وَڃْڏَتَ سَبهِ وِڃَائِيَا ٭

٢٢

ڪهَڙو ٻهَڳو مُنْڍهَ مُٺِي وَسِيلاَ وِيَا
تَنهَان پوء سُتَا سُنْهِڻيَ سَڏَ مِهَارَ جَا ٭

٢٣

جَڏِهِن وَسِيلَنِ لوڙهِي ڇهَڊِي لُڙَ مين
پَـرَارَانْ پرِيَنِ تَڏِهِن پُڇهِي سُنْهِڻِي ٭

٢٤

پَانُ مَـ ڪهَڃِ پَانَ سين وَسِيلاَ وِسَارِ
لُڙُ لَنْگهَائِي سُنْهِڻِي پِرْتِ وِڃهَنْدِيَ پَارِ
سِي تُرْتُ لَنْگهِينْدِيُون تَارِ اُڪَنْڌهَ آڪهَ جَنِ مَان ٭

٢٥

پَانُ مَـ ڪهَڃِ پَانَ سَان رِي وَسِيلِي وُڙُن
مَتهَان سَائِرَ سُنْهِڻِي پِرْتِ وَتهِجِي پُڙن
نِينْهَ گِنهَنْدِي نُڙن وُڙن پرِيَان جِي پَارَ ڏِي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢٦

پَانُ مَ کَهَجِ پَانَ سَان رِي وَسِيلِي وَڌهُ
لَالَنُ تَنْهِين لَڌهُ عِشْقَ جَنْهِين جي آڳِ مِين ؞

٢٧

پَانُ مَ کَهَجِ پَانَ سَان رِي وَسِيلِي وَنْجُ
ٻهِيلو ٻهيڙي ٻهَنُ اُکَنْڌهَ کَهَنُ عَمِيقَ ڏِي ؞

٢٨

ڪانْهي آگَهَ اِهڙي جِهَڙِي مُحَبَّتَ مَنِ
اُبهِيُون اوڙِئين پَارِ تهِيُون ڪُوڙِيُون ڪَکهَ پُڇهَنِ
نَنْدِي تَنْهِين نِيڙُ تهِي جي رِيَ تُرَهِي تَرَنِ
سِکَ رَسَانِي سُنْهِڻِي اَصُلُ عَاشِقَنِ
سِي جهَلِيُون ڪِي نَ کُنَنِ پُڇهَنِ مَرُ مِهَارَ کهِي ؞

٢٩

پُڇهَنِ جي مِهَارَ کهِي پُڇهِي سِي مِهَارُ
تُرَهو تَنْهِين پَارِ عِشْقُ جَنْهِين کهِي آڳِرو ؞

٣٠

عِشْقُ جَنْهِين کهِي آڳِرو تُرَهو مَنهِي تَنِ
جي سَاهَڙَ کهِي سِکَنِ تَنْهِين جَرُ جَنْڌرُ تهِئي ؞



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٣١

تُرهو آڇهِ مَ تَنِ کهي جَنِ عِشقَ سين آڪاهَ
پُڇهي مَس مَلّاحَ سَاهَڙَ مِڙي سُنْهِڻي ⁘

٣٦

سَاهَڙُ سَا سُنْهِڻي سَائِرُ پُنُ سوئِي
آهي نِجوئِي مُجهَ مُجهَانْدَرَ ڪَالهَڙي ⁘

## وَائِي

کِهَڙي مَنْجهِ حِسَابَ هُوَنْ مُنهِن جو هوتَ رِي
ڪوِلي ٻهَچُ ڪُنَاهَ ڪهَان ڪونهي سُولُ ثَوَابَ
هُوَنْ مُنْهِن جو هوتَ رِي
نَ ڪِي تَفَاوَتَ مين نَ ڪِي مَنْجهِ رَبَابَ
هُوَنْ مُنْهِن جو هوتَ رِي
خُدَائِي خُوبُ تهي مَلَائِي جي لُعَابَ
هُوَنْ مُنْهِن جو هوتَ رِي
پَلِيتْئِي پَاڪُ تهِئي جُنْبِئو مَنْجهِ جُنَابَ
هُوَنْ مُنْهِن جو هوتَ رِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سڙ نہ ڪنهين وَتهہ ميں جي ڪِي مَنجهہ تُراب

هُوَنُ مُنهِن جو هوتَ رِي

هوءِ جي جَرڪِيا جَر تي سي تان سَبهہ حُباب

هُوَنُ مُنهِن جو هوتَ رِي

هَادِيَ سين هُنَ پَارَ ڌي رِڙهين سَانُ رِقاب

هُوَنُ مُنهِن جو هوتَ رِي

چَنبو وِجهي چوَر کهي آءُ تون چَڙهہ عُقاب

هُوَنُ مُنهِن جو هوتَ رِي

دِيدَ وِڃايَمِ دوسَ جي هَلي مَنجهہ حِجاب

هُوَنُ مُنهِن جو هوتَ رِي

ڪَثرَتَ آهي قُربَ مين اِدّعا مين اَعْرَاب

هُوَنُ مُنهِن جو هوتَ رِي

فَنا وِجهي فَمَ مين ڪارَنِ تهِيئُ ڪَباب

هُوَنُ مُنهِن جو هوتَ رِي

ڌي طَهُورا تَنِ کهي جي سِڪَنِ لَاءِ شَراب

هُوَنُ مُنهِن جو هوتَ رِي

هُوَنُ مُنهِن جو هوتَ رِي کِهڙي مَنجهہ حِساب

هُوَنُ مُنهِن جو هوتَ رِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مُتهِي ڪِيا مَرْضَ ۾ جَايَا سَبهِ جَوَابَ
هُوَنُ مُنْهِن جو هوت ري ٭

## فَـصُـلُ بِـئـو

۱

ڪَرْڪَلَ ڪُوچَ ڪُنَ ڪهَنَا جِتِ جَرَ وَاڪُو جِيَاڻِين
پَانُ اُڇهلي آبَ ۾ وَهَـ سِرِ وِڌهَاڻِين
لَهَرِيُون لَنْگهِيَاڻِين لُطْفَ سَانُ لَطِيفُ چَئي ٭

۲

ڪَرْڪَلَ ڪُوچَ ڪُنَ ڪهَنَا جِتِ ڏَهَڪو مَنْجهِ ڏَرِيَاهَ
اَچِئو اُتَاهُون ڪهِڙي سَانْگو ڪَرِي نَـ سَاهَ
سَاهَڙُ جِيَ صَلَاحَ پَارِ لَنْگهَايَسِ پَاڇهَ سَان ٭

۳

ڏَهَشَتَ ڏهَمَ ڏَرِيَاهَ ۾ جِتِ هَيْبَتَ هُلَاچو
وِچِري وِيرِنِ وِچَ ۾ ڪَاڏي وِئو ڪچو
سَاهَڙُ جَامُ سچو سَانِي تهِينْدَمِ سِيرَ ۾ ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۴

دَهَشَت دَوْرَ دَرِيَاهَ مِين جِتِ سَٿَانَا سِيسَارَ
بي حَدِ وَاڳُو ٻحَرَ مِين هَيْبَتنَاڪَ هَزَارَ
سَارِيَان ڪَا نَہ سَرِيرَ مِين طَاقَتَ توهَان دهَارَ
سَاهَڙَ جَامَ سَتَارَ سِڪهو رَسِجِ سِيرَ مِين ۞

۵

دَهَشَت دهُمَ دَرِيَاهَ مِين جِتِ ڪَرَڪَا ڪُنَ ڪَرِينِ
ٻِجهَلَ ٻَانڌِي ٻَارِ مِين اُتِ لَهَرِيُون لوڏَا ڏِينِ
سَنَاوِرَ سَامِيَا اُتِ سِينَاهِيَا نَہ سَنْڌِينِ
جِتِ وِيرِيُون وَاتَ نَہ ڏِينِ تِتِ سَاهَڙَ سِيرَ لَنْگهَاءِ تُون ۞

۶

دَهَشَت دَوْرَ دَرِيَاهَ مِين جِتِ ڪَرَڪو ڪُنُ ڪَرِي
توڏِي تَاڪُنِ وِچَ مِين مَتهَان وِيرِ وَرِي
آهِ سَاهَڙَ مُنهِن جَا سُپرِين پِرَتَان پِيرَ ڀَرِي
هَادِي هَتهُ دهَرِي تُون اُونهِي مَان اُڪَارِئين ۞

۷

دَهَشَت دَوْرَ دَرِيَاهَ جَا جِتِ ڪُنَنِ جَا ڪَرَڪَا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سِهِي کِي رِ بَ سَمُونْڊَرَ مِين مَانڊِ- دِلِ ڏَڙَڪَا
سَاهَڙَ ٿُون سُڻْ ڪَا فَرْيَادِي فَقِيرِ جِي ٭

٨

ڏَهَشَتَ ڏُورَ ڏَرِيَاهَ جِي جِتِ ڪُنَنِ جو ڪَڙَڪو
آيِمِ اُنهِي پَارَ جو دِلِ اَنْدَرِ ڌَڙَڪو
ٻِيَجِي شَڪُ سَيِدُ ڇَڏِي سِيرَ سَنْڌو سُرْڪو
وَالِي ڄَ وَڙُڪو تَہ ٻَارِ لَنْگهِيَان ٻَاجهَ سَان ٭

٩

ڏَهَشَتَ ڏُورُ ڏَرِيَاهَ جو جِتِ لُڙُ لَهَرِيُون لَسَنِ لِيتَ
آنِئو اوٻهَارَنِ مِين ٻَانْڌِي ٻوڙِي ٻِيتَ
جِتِ ڇِڪَنِ جِي ڇِپِيتَ اُتِ سَاهَڙَ سِيرَ لَنْگهَاء تُون ٭

١٠

ڏَهَشَتَ ڏُورُ ڏَرِيَاهَ جو جِتِ تِکهِيُون تَنْوَارُون
مُنْهِن جُون مَانَ مِهَارَ کهي پَهُچَنِ پُڪَارُون
سَاهَڙُ سَنْڀهَارِيُون لَهَرِنِ لوڏِي نَہ مَرَان ٭

١١

ڏَهَشَتَ ڏُورُ ڏَرِيَاهَ جو جِتِ جَانِيُون جَانَارَنِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نَہ ڪو سَنڌھو سِيرَ جو مَپُ نَہ مَلّاحَنِ
دَرِنْدَا دَرِيَاھَ ۾ وَاڪُو پِيَا وِڙهَنِ
تِجَا ٻيڙَا ٻَارِ ۾ هَلِيَا هيٺهِ وَڃَنِ
ڪو پُرْزو پَيْدَا نَہ ٿِيٺي تَخْتو مَنْجِهَان تَنِ
ڪو جو ٿَهَرْ ڪُنَ ۾ وِيَا ڪِي نَہ وَرَنِ
اُتِي اَنْتَارُنِ سَاهَڙَ سِيرَ لَنْگهَاءِ تُون ٭

•

١٢

دَرْهَڙَ دَوْنسَ دَرِيَاھَ ۾ جِتِ لَهَرِيُون ڪَنِ لوڙَا
سَوِين اَچِي سَمُونْدَرَ ۾ ٿِيَا سِيَنَاهِيَا سوڙَها
جِي تَارُو هُوَا توڙَا تَنِ هُرْبو ٻِھَايو هيڪَڙو ٭

وَائِي ١

ڪِجِ رَسَنْدِيَسِ آنُون ڪِيئَن، لَالَنَ لَايَا ڪهَڻَا ڏِينهَ
اَدَا ڙِي مِيَان اوڙِهِي پُڇِهَان آنُون تو ٿِهِي
نَہ سَمِي نَہ سُومِرِي نَہ آنُون جَتِ نَہ اوڙِهِي
ادَا ڙِي مِيَان اوڙِهِي پُڇِهَان آنُون تو ٿِهِي
آنُون نِمَاڻِي آهِيَان جِينئَ پَاپَنِ ڀَرِيَمِ پوڙِهِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اَدا ڙي مِيان اوڻهي پُڇهان آنڌُون تڏ تهي
پِرْتِ تهِينڊِيَسِ پرِين پُڇهَنڊِيَسِ پَچَارِينڊِيَسِ پوءِ تهي
اَدا ڙي مِيان اوڻهي پُڇهان آنڌُون تڏ تهي
سَنْجهي وِنڙو سُپِرِين سَاجَنُ پُڇهَان سڏ تهي
اَدا ڙي مِيان اوڻهي پُڇهان آنڌُون تڏ تهي
سَنْجهي سَاتهَه پَلاَنِڻو تُون پَلاَنِين پوءِ تهي
اَدا ڙي مِيان اوڻهي پُڇهان آنڌُون تڏ تهي
هِتَان تهي هوتُ وِڏو جَتُ پُڇهين جڏ تهي
اَدا ڙي مِيان اوڻهي پُڇهان آنڌُون تڏ تهي
هَلِيجِ هوتَ پُنْهُوَ ڏي مَنْجهَان نِينْهَ چَنْگڙ تهي
اَدا ڙي مِيان اوڻهي پُڇهان آنڌُون تڏ تهي
آتَنْ وِجهي آگِ مين مَنْجهَان جوڙِنِ جڏهه تهي
اَدا ڙي مِيان اوڻهي پُڇهان آنڌُون تڏ تهي
سَنْجهي سَاتهُه پَلاَنِڻو پُنْهُون پُڇهَائين پوءِ تهي
اَدا ڙي مِيان اوڻهي پُڇهان آنڌُون تڏ تهي
روئيڻو رُنَّان رُنْجُنِ مين هَيَ هَيَ آنڌُون هِتِ کوڙهه تهي
اَدا ڙي مِيان اوڻهي پُڇهان آنڌُون تڏ تهي ٭


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وَائِي ٢

کِهَڙو سَنْگُ سِيَاکو هَاڻي مُون هوتَنِ سَان

آنئُون هيکَلِي حُبَ مِين نَہ مُون مِٽرُ نَہ ڪاڪو

هَاڻي مُون هوتَنِ سَان

مُنْدهَہ پِيَادِي پَنْدهُ کهَنو نَہ مُون اُتهُہ نَہ ڏاکهو

هَاڻي مُون هوتَنِ سَان

چَڙهِي نَہ سَگهَان چوٽِيِين ڏُونْگَرَ ڪونهي ڏاکو

هَاڻي مُونُ هُوتَنِ سَان

پرِين پُڇهَنْدِيَسِ پَبَ مِين وَنِ وَنِ وِجهَنْدِيَسِ وَاڪو

هَاڻي مُون هوتَنِ سَان

هُو جَا پِکَ پُنْهُوَّ جِي چَٽِيَان تَنْهِن چُوَاڪو

هَاڻي مُون هوتَنِ سَان

پَسَنَ دهَارَان پرِيَنِ جي فَقِيرِ پَوِي مَہ فَاقو

هَاڻي مُون هوتَنِ سَان

وِتهِہ مَہ پَوِي وِصَالَ مِين لِکهَہ نَہ پَوِي لِيَاڪو

هَاڻي مُون هوتَنِ سَان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آتڻ وِڃِي آءٌ مين پُڇَنْدِيَسِ پَانَ پَهَاڪو
هَاڻِي مُون هوتَنِ سَان ٭

## فصل تِرِئون

١

تَڙُ تَڪَنْ تَارِ ڪِهَرَنْ اِيئُ ڪَانْيَارِنِ ڪَمْ
ڏَهَ ڏَهَ ٻِهِيرا ڏِينهَ مِين ڏِٺِي ڏورَاپَا ڏَمْ
عَقُلُ مَتِ شَرَمْ تريٺي نِينهَ نِهوڙِيَا ٭

٢

ڪهِيرَان ڪَرِي نَہ ڪُهُورَ تَڙُ تَڪَڙِ ڪِهَان نَہ لَهِي
جَنْهِن کهِي سِڪَ سَاهَڙَ جِي ٻُورَنِ مَنهِي ٻُورَ
ڪَارِي رَاتِ ڪُنَنِ مِين وَهَمَنِ ڪِي وَهَلُورَ
جَنْهِن کهِي سَانُ پريَان جا سُورَ
تَنْهِن کهِي نَنْدِي نَاهِ نِڪَاهَ مِين ٭

٣

جنَان کهِري تِنَان کهِيرُ ڪَپَرُ پُڇَهَنِ ڪُوڙَيُون



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏَمَ ۾ سين جُسو ظَاهِرَان مُون مِهَارَ ۾ سين مِيڙُ
سَا نَنْڍِي ٻهَائِي نِيڙُ جَنْهِن کهي سِکَ سَاهَڙَ جِي ⁘

٤

جِنَّان وَهي تِنَّان وَاتَ کَپَرُ پُڇهَنِ کُوڙِيُون
جَنْهِن کهي سِکَ سَاهَڙَ جِي سَا ڪهيرُ نَـ پُڇهي ڪهَاتَ
جَنِ کهي عِشْقَ جِي اوْسَاتَ ۾ سي وَاهُڙَ ٻهَائِنِ وِکَهَڙِيُون ⁘

٥

کَنْهِن جَنْهِن ڪهيرِ گهڙي جِينءَ اُوتَرَان تَڙُ تهڻُوسِ
سَالِمُ وِيٺِي سِيرَ مَان کُنَنِ کِي نَـ کِٿُوسِ
اَهَسُ اَکهِڙِيَنِ ۾ مين پِرِيَان جو پِٿُوسِ
حَقَّان حَقُّ تهڻُوسِ هُٿِي گهڙِي حَقَّ جِي ⁘

٦

هُٿِي ڪهڙِي حَقَّ جِي تونْڍِي لَاکُون تونْڙَ
نَـ مَلَّاحَ نَـ مَکُڙِي نَـ کِي ٻَدهَائِين نوْڙَ
پَاڻِي پِنِيَ ٻوْڙَ سُنْهِنِيَ لِيکهي سِيرَ ۾ مين ⁘

٧

تونْڍِيَ ٻِي نَـ تَاتِ مِهَارُئِي مَنَ ۾ مين
جي پُنُ پِيئَسِ رَاتِ تَـ هو سَاهَڙُ هو سُنْهِنِي ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٨

تَوڏِي تُنهَائِين جي سي هِتَهِين ڇهَڏِ ڄِرَضُ
سَاهَڙَ دهَارَان سُنهِنِي کهوَتِيُون کَنِ خِرَضُ
وَڏِي اِيئَ وِرسَ جِينئَ ڏَمَ وَتِ ڏِينهَ گُذَارِئين ⁘

٩

تَوڏِيَ کهي تَعظِيمَ ٻِيُنِ سَبهِنَانئِي اَکِرِي
اوڏِي تهِي اَلِفَ کهي مَنُ گَڏِيَائِين سَان مِيمَ
جيلَان ذَاتِ حَلِيمَ مِلِي تِينئَ مِيهَارَ کهي ⁘

١٠

سَارِي سِکهُ سَبَقُ شَرِيعَتَ سَنڌو سُنهِنِي
طَرِيقَتَان تِکهو وَهِي حَقِيقَتَ جو حَقُّ
مَعرِفَتَ مَرَکُ اَصُلُ عَاشِقَنِ جو ⁘

١١

صَبرُ شَاکِرَنِ اَصُلُ اوطَاقُنِ مِين
جِي وَاصُلُ تهِيَا وِصَالَ مِين سي ذَرو ظَاهِرُ نَہ کَنِ
وِهِترَ وَاهَرَ تَنِ هِنگَڙَا جَنِ هَجِي وِيَا ⁘

١٢

پَلِ پَلِ تهِي پَلِي ڏَمَ ڏِهَاڙِي کِيتِرو



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

پَسِي دَوزُ دَرِيَاهَ جو وِچان کِي نَ وَلِي
ڪارِيَ رَاتِ تَرِيبَ ڏِي مَنجهَان حُبَّ هَلِي
نَ ڪَنهِن جهوَلَ جهَلِي هُٿِي سَمَن پُورِي سُنهِڻِي ⁘

١٣

جهوَلَ نَ جهَلِي سُنهِڻِي سَائِرَ سَتَ سَنڌِيَاسِ
جَنهِن اِهڙِي جَائِي عَاجِزَان سَا مَرُ مَرڪِي مَاسِ
پَسِين جي پِيَاسِ تَہ ڪِي عِشقُ آنِٿِين ⁘

١٤

نَ ڪَا جهوَلَ جهَلِيسِ نَ تَاکهو نَ تَارِ ڪِي
ڏَمُ ڏِهَاڙِي ڪِيتِرو پَرِ مِين تهو پَلِيسِ
تَان پِٺو جِيئُ جَلِيسِ مِلِي جَان نَ مِهَارَ کِهي ⁘

١٥

تَهَ سِيَارو پَاڻِي پَارو جِتِ جَرُ جَڳهَ جهوَلَ
مَنِ اَنڌَرِ مِيهَارَ جَا هِنَڙِي آچَنِسِ هوَلَ
جِيلَان بَدهِيَسِ بوَلَ تهِي اَتَانگِي آرَ تَرِي ⁘

١٦

سِيَارِي تَهَ رَاتِ مِين جَان گهوِرِي وَسَنڌِي مِينهَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هَلُوْ پُڇُون سُنْهِنِيَ جَا كَرَ جَاتِي مَان نِينهَه
جَنْهِن كهي رَاتوڏِينهَه مِيهَرُڻِي مَنَ مِين ٭

١٧

سَانْوَنِ كهِري سَبهَه كَاهِيَ سَرَهِي بِيَارِي
تَنُ وِڍهَائِين تَارِ مِين اَرْوَاحَ جِي آرِي
جو مُحَبَّتِي مَارِي تَنْهِن كُونهِي دَانُ دَرِيَاهَه كهي ٭

١٨

بَانْڊِي جِي بِيلِي تهِئين تَه حَالُ گَرَهِيَان هِيءُ
سَكهو سَاعَتهَه نَه جِنْڊُڙو جهورِيَ مُنْهِن جو جِيءُ
سَانْوَنُ سِيَارو بهَانِيَان وَهِه پرِيَانْ جي وِيءُ
پَارِ جَنْهِين جو پِيءُ وَنجَنُ وَاجِبُ تَنِ كهي ٭

١٩

وَاهَنَ بهَرِيُون مَه پَاءِ تو پُنُ لِيكهو ڏِنّو
سَدَا سَانْوَنَ ڏِينهَڙَا اِيهِين نَه هُونْدَاءِ
وِهَانِيَ وِينْدَاءِ اوبهَرَ اُتَاهَانْ لَهِي ٭

٢٠

وَاهَنَ وَهِين نَه شَالَ سُكِي پيلاڙيُون تهِئين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پَسان تُنْهِن جي پيٽَ مِين لَانَا لُوت لِيَارَ
جِينئَ تَو سَبهَ جَمَارَ آسَائِتِيُون ٻوڙِيُون ✧

٢١

کَڙِ کَڙِ کُنَ مَ وِجهُ پَانْدهِي ٻوڙِ مَ ٻَارِ مِين
مُون تِي جَا مِهَارَ جِي سَا کِينئَ ڏهُڻَان ڏهَجُ
تَوهِ کهِرَنْدِيَسِ اَڄُ جِي اُبَتَا آرَ کَرِي ✧

٢٢

اَدَا ڙِي ٻَانْڍِي تَو کَڙهَان کِي پَانَ کهِي
سُودهِي سُدهِ سَجَنِين تَو کَا تَنِ آنْدِي
تُون ٻَاتَاڙِين پَانْڍِي اَسَان ٻَنْدهُ پرِيَنِ ڏِي ✧

٢٣

مُحَبَّتِيَ مِيهَارَ جُون دِلِ اَنْدَرِ ڌُونْهِيُون
آنِي وِجهِي آرَ مِين لُونْهَانِئَو لُوهِيُون
جي سَاهَڙَ جُون سُونْهِيُون سِيرَ سِرَارَوُ تَنِ کهِي ✧

وَائِي

مُدَّتَ تهِي مِهَارَ يَارَ سَاهَڙَ سِيرَ مِين


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اُونْهَا کُنَ اَتَانگهَہ تَڙَ اوَلِي اُنَ آدهَارَ
يَارَ سَاهَڙَ سِيرَ مِين
ڊِينهَہ ڌُهِلَا ڌَمَ سِين آنڌُون آهِيَان دهَارَ
يَارَ سَاهَڙَ سِيرَ مِين
ٻَجهَلَ ٻَانڌِي ٻَارِ کَرِي اَتِ اُبَتَا آرَ
يَارَ سَاهَڙَ سِيرَ مِين
تهيلهي کهِڙِي سُنهِڙِي آکهَہ رِي آدهَارَ
يَارَ سَاهَڙَ سِيرَ مِين
ڳَارِي رَاتِ ڳچُو کهَڙو توڏِي کِي تَنْوَارَ
يَارَ سَاهَڙَ سِيرَ مِين
سَنْبهُوڙو سِيناهِ سِين سِکهو رَسُ سَنْکهَارَ
يَارَ سَاهَڙَ سِيرَ مِين
اوَرَارَان آهُون کَرِيَان پَهُچَان شَالَ پَرَارِ
يَارَ سَاهَڙَ سِيرَ مِين
سُنِڻو جهَانئِي جهِجهِي هِنڻو سَانْبهَارَا سَنْبهَارَ
يَارَ سَاهَڙَ سِيرَ مِين
آيمِ رِيلِي رِيئَ سِين اَلَا تو آهَارَ
يَارَ سَاهَڙَ سِيرَ مِين


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تَارِ تَرَنْدِيَسِ پِرِين پَسَنْدِيَسِ وِڄنْدِيَسِ وَٽِ وَڇهَارَ
يَارَ سَاهَڙَ سِيرَ مِين

پُورِيِنْدِيَسِ پَارِ مَنِي سَهَسِين جي سِيسَارَ
يَارَ سَاهَڙَ سِيرَ مِين

ڪَوِلِي ڪَهَا ڪَهَائِي ڪَهِرِي جَڪَنِ تَهَا جَانَارَ
يَارَ سَاهَڙَ سِيرَ مِين ٭

---

## فَصُلُ چوٿون.

١

اَدِيُون سَبهِ اَنْدَامَ مُنْهِن جَا ڇَڙَنِ ڇورِيَا
لَارُنِ جَا لَنوُنْ لَائِي سَا ڪِينءَ آچهَا عَامَ
لَگِيَسِ جَنْهِن جي لَامَ سو دِلَاسَا دوسُ ڏِئي ٭

٢

چَوْدهَارِي ڇَڙَا تهَا ٻُرَنِ ٻيلَائِنِ جَا
سُتي سَنْبهَارَنِ جو پِيمِ ڪَنِ پَڙَاء
وِهَنُ مُون نَہ وَرَاء سُنِئو جهَانِيَ جهجي هِنئو ٭

11 *



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٣

چَڙَنِ چوڙِي آهِيَان سُنْهَان سُکهِ تهِي کِي نَہ
سَارِيَان سَاهَڙَ جَامَ کهِي ڏَهَہ ڏَهَہ ٻهيرَا ڏِينْهَہ
مِهَارَ مَرَنَ سِينئَ نِيَرُ پَاتِمِ نِينْهَہ جو ◊

٤

ڪَارَا ڪُنَ ڪَارِي تِکهَہ جِتِ ڪَا رِيهَرَ ڪَڙَڪَا
مَيْ مَتِي مَهِرْيَانَ مِين اَچَنِ ٻِ پَارَا ڏَڙِڪَا
وِينْدِي سَاهَڙَ سَامُهَان ڦِتَسِ جهوَلَ وَڏَا جهَڙِڪَا
کهَرِکِنِ جَا کهَڙِڪَا سُونْهَا تهِيَسِ سِيرَ مِين ◊

٥

کهَرِکِنِ کهجَايَاسِ ٻيلي پَاسِ ٻُرَنِ جي
چهِنِکَنِ جي چهِجَ کِٿو تَنِ وَارِي وَهِ وِدهِيَاسِ
لَاکهو لُطْفُ ٱللّٰهِ جي اَچِي آبِ کهِرِيَاسِ
سَرْتِيُون کَنْهِن سَبهَاگَ کهِي سِکَنُ سِکهِيَاسِ
وَسَان جِيئَ وِيَاسِ مِلِيَسِ تِينئَ مِهَارَ کهِي ◊

٦

کهَرکن خُوش کِيَاس مُحَبْتِی میهَارَ جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پسن ڪارڻِ پرنءَ جي ادهِيَ اُتهيَاسِ
سُڀِي جا ڳَاهَاسِ سَانْبهَرَ سُپيرِيَنِ جي ○

٧

جِيَارِيَسِ سَنْبهَارَ ڪوُهُ ڪَرِينْدُمِ ڳَڏِ جي
وِيرُوُتَارَ وُجُودَ مين پرِيَمِ جِي پَچَارَ
سَڄَڻَ هُونِ مَ دهَارَ جي هِنَڙِي مين حَلُ تهِيَا ○

٨

ٻِيلِي ٻَارِ ٻُرِي مُون ڪهي ڇَڙَنِ ڇوُرِڻُو
مُحَبّتِيَ ميهَارَ جي سُڀِي شَاخَ ڇُرِي
مَتهي جهوُڪَ جهُرِي پَرَنْدِيَسِ ٻَارِيچَنِ جي ○

٩

هُنَ ٻهَرِ سُيَمِ هُوهِ سُڀِيَ سَنْبهَارَنِ جي
ڇِتُ ڇَڙَنِ ڇوُرِڻُو جهَنْڪِ تهِڙَمِ جُوهِ
مُحَبّتِيَ ميهَارَ جي بِٱللّٰهِ ٻِيِيَمِ ٻُوهِ
وَنجِي رُوهِ ٻَرُوهِ ڊِيکهَان دوُسَ مِهَارَ ڪهي ○

١٠

هُنَ ٻهَرِ سُيَمِ هَاڪَ سُڀِي سَنْبهَارَنِ جي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مُحَبَّتِيَ ميهارَ جي چَڙَنِ چوڙِيَا چاڪَ
اُنهِي جي اوطاقَ وَنجَڻُ واجِبُ مُون تهِڙو ❖

١١

ڪيڏَهُنْ کهَنْڊُ ڪُڙَنِ ڪيڏَهُنْ اُتهِي ويٺِيُون
تيڏَهُنْ تهِيُون چَرَنِ جيڏَهُنْ پُٺهِ مِهارَ جي ❖

١٢

ڪِتهِي تهِڙو ميهارُ ڪِتهِي تهڙو کهَنْڊُ ڪُڙِي
ڪِتهِي ڏُونْهِي ڏوسَ جي ڪِتهِي تهِڙو پَرِيون پارُ
جِينئَ مُون سَبهَ ڄمارُ جَرَ مين جهوٽُون لَڌِيُون ❖

١٣

وڇهِنِ سين ويٺهِي سُورَ وِيَا چي سُنْهِڻي
آن ڪاتهِي ڏيٺهِي ميهِنِ جي مِهارَ سين ❖

١٤

پُڇِڻو پکهَنِ پانْدَ ويٺهِي رُنْي وَڇهِنِ سَان
ڪوُهُ ڪَرِينْدِيَسِ ڪانْڌهُ کهَرُ بهَڳو تَان کهوڙِڻو ❖

١٥

اُڇِيَ پايو بانهَ ويٺهِي رُنْي وَڇهِنِ سَان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لَاڻيَان لَالَ لِنگَنِ کهِي اَوِي جِي چَرڻ ڪانهَ
آنئُون آوَانهِن جِي دانهَ سَدَا ٻهُڻَان سَڙِري ٭

۱۶

ٻيلِڻَان جِتِ ٻهَڪِيُون آيُون اُتِ وَرِي
ڪانهي ٻِي ٿَرِي مِيهِنِ کهِي مِهَارَ رِي ٭

۱۷

مِيهَارَان مِرگَ پِيتَائِين پرِيمَ جِي
تَنْهِن مُنْدهَ مَتْوَالِي ڪِي سَنْڍِي سَاڻ سُرگَ
لَڳِيَسِ ڪَامَ ڪِنگَ لُوهَانِڪِي لَطِيف چَئِي ٭

۱۸

مِيهَارَان مَهي پِيتَائِين پرِيمَ جِي
اُرگَ سُرگَ سَيِّدُ چَوِي لَڳِيَسِ ڏُوتُ ڏَهِي
سَگهِي تَا نَ سَهِي مِلِي جَان نَ مِهَارَ کهِي ٭

۱۹

مَرِي مَ مِيهَارُ وَتهَانُ وِلهُو مَ تهَئِي
وَچهِنِ جِي وَچهَارَ جو وِنگُو تهِئِي مَ وَارُ
سَاهَڙُ مُون سِينگَارُ مَارُهُنِ لِيکهي مِيهِنو ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۲۰

ميهون هِنَ ميهارَ جُون آلا سَبهِ ٻَچَنِ
وَڇهون ڄي ڪيرَنِ سَان سَدَا تهِيُون شُونْهَنِ
مُون کهي مَانِکِيُنِ تَارِي هَنْيو تَارِ ميين ❊

۲۱

ميهُون هِنَ ميهَارَ جُون آلا سَبهِ ڇنَنِ
ڪَارِيُون کُنْڌهِيُون ککَڙِيُون وَاراکِئو وِهَنِ
جُوءِ جَا جَانَارَنِ ڄي ٻيلاَن ٻَهِ ٻَهِ کَنِ
اَچِي رِيلِ رَهَنِ مُون سَانْبهَارَا سِپِرِين ❊

۲۲

چَاهَڪَ چَرِي تَارِ تَرِي آيُون مَتهي آرَ
کوڙين کَنڌهُ کهَنَنْدِيُون سُنِي سَڏُ دهَنَارَ
ميهُون سَانُ مِهَارَ پَرْچِي پَارِ لَنْگهِينْدِيُون ❊

۲۳

چَاهَڪَ چَرِي تَارِ تَرِي آيُون مَتهي پيٽَ
لَڙُ لَنْگهِينْدِيُون ليٽَ کَلِمِي جي قَرَارَ سَان ❊

۲۴

چَاهَڪَ چَرِي تَارِ تَرِي آيُون مَتهي کُنَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪوڙين ڪَرَ ڪهَنَنْدِيُونْ ساهَڙَ جِيَ سَمَنَ
ميهُون سَانُ اَمُنَ پَرْچِي پَارِ لَنْگهينْدِيُون ٭

٢٥

ڇَاهَڪَ ڇِرِي تَارِ تَرِي آيُون مَتهي ڪهُوهَ
سُڻِي سَڏُ سَاهَڙَ جو رَاضِي تهينْدَا رُوحَ
ميهُون سَانُ صُبُوحَ پَرْچِي پَارِ لَنْگهينْدِيُون ٭

وَائِي ١

مُون ڪهي ڪَامُ جهَلي سَبهَڪَا پَانُ پَلي آن وِينْدَڙِي نِينْهَ اُڇهِلي
وِينْدَڙِي پَارِ پرِيَنِ جي مُون ڪهي ڪَامُ جهَلي
آن وِينْدَڙِي نِينْهَ اُڇهِلي
تَنُ وِدهَائِين تَارِ مين آدهِيَ رَاتِ اُڇهِلي
آن وِينْدَڙِي نِينْهَ اُڇهِلي
پَسِي ڏُونْهِيُون دوسَ جُون مُنْهِن جو جِيئُ جَلي
آن وِينْدَڙِي نِينْهَ اُڇهِلي
ڏَمُ ڏِيهَاڙِي ڪيتِرو پَرِ مين تهو پَلي
آن وِينْدَڙِي نِينْهَ اُڇهِلي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وَائِي ۲

آتَنَ مين سَبهِ وِيهِي دُعَا كَرِيجو جيڏِيُون
ڪانهي بَسِ بَهِيرَ کهي هَلُ چَلُ وَنجِي پيئِي
دُعَا كَرِيجو جيڏِيُون
رَاهه مُسَافِرُ سَبهُكو كو نَ ڏِتهوسُون هِتِ ڏِيهي
دُعَا كَرِيجو جيڏِيُون
سَارِينْدَا صَلَوَاتَ کهي قَبَرَ مين سَبهِ پيهي
دُعَا كَرِيجو جيڏِيُون
كوڙهَانُو كرِيمَ جو ڳالهِ پُڇهَنْدَمِ كيهِي
دُعَا كَرِيجو جيڏِيُون
اَللّٰهُ هِكُ مُحَمَّدُ بَرْحَقُّ شَلَ اُتِ چَوَان اِيهِي
دُعَا كَرِيجو جيڏِيُون
نَوَازِينْدو نورَ سين شَلَ نَاكِسَ کهي اُتِ نيئِي
دُعَا كَرِيجو جيڏِيُون ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## فَصْلُ پَنْجُون.

١

سَانْدَهِه سَبهُه دَرِيَاهُه پَرِي ڪَنْڌِي پَارَ جِي
ڇَهڪِي ڇهوڙِلَ مين ڪهِري ڄَڻِي جِيئَ وِتَاهُه
پَسِڻُو ڍوهُه ڏڪِي هِنڊُو آرَ مَتهي اَرْوَاحُ
جِي توهُه تهڙِي تو ڏاهُه تَه وِيرِ وَهِينڌو نَاهِه ڪِي ❁

٢

سَانْدَهِه سَبهُه دَرِيَاهُه پَرِي ڪَنْڌِي پَارَ جِي
ڪَنْبِڻو هِنڊُو ڪَمَا حَقَّ آرَ مَتهي اَرْوَاحُ
دِلَاسِي دَارِينِ جِي سَانْچِڻو سَانْچِي سَاهُه
جِي توهُه تهڙِي تو ڏاهُه تَه وِيرِ وَهِينڌو نَاهِه ڪِي ❁

٣

سِڪَنوَارِنِ سُتهِرُو جِي دَهَشَت سِين دَرْيَاهُه
اوڙَڪُ اُنْهِنِ جو نَه رَهِي آرَ پِنْجَا اَرْوَاحُ
وِينڌِي سَاهَرُ سَامُهُون صَدِقِي ڪَنْڌِيُون سَاهُه
جَنِ کهِي حُبَّ لُونْهِي جِي آهِه سَاهَرُ سَانِي تَنِ سَان ❁



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٤

کهريَا ٻَنِي چَڙهِيَا اِيهين اَتهيئِي
مَنُ مَتي مَهرِيَانَ ميِن پَرُ تَرپُو ڏيئِي
تَہ مِهارُ مِليئِي سَنبهُوڙو سِينَاهِہ سَان ٭

٥

آدهِيَ اُدهَانَا سَرتِيُون سُکهَہ مِهَارَ جَا
لَنگهي سِيرَ سَنوَان تهيَا سَاهَڙَ سِيبَانَا
ٻهِنِيَ تي ٻهَانَا پَسَان مَانَ مِهَارَ جَا ٭

٦

آدهِيَ اُدهَانو هِنئَو مُون هَتهَنِ مَان
وَهِہ پِئو وَاهَنَ تَري سَاهَڙ سِيبَانو
ٻهيجَ ٻهِنِيَ ٻهَانو پيئَ جو پَسِي آئِيو

٧

لَهَرِنِ لَکهَہ لِبَاسَ پَاڻِي پَسَنُ هيکَڙو
اُونهي تَنهن عَمِيقَ جِي وَارِي چهَڏِ وِمَاسَ
جِتِ نَاهِ نِهَايَتَ نِينهَ جِي اُتِ کهُوهِہ پَنهِن جِي خَاصَ
تَڙِنِ جِي تَلَاسَ لَاهِہ تَہ لَالَنَ لَڪِ تهئِين ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٨

جيڏاهُ چِتَ چاهُ ڪهَنو آرَ پِـ اوڏاهِين
وَنجي وَهُ وَاڳا ڪِٿو نِڪهو نيڏاهِين
مِهارُ مِلائِين لَهَرِنِ مَنْجهِه لَطِيف چَئِي ✧

٩

اَکهِيُون مُنْهُ مِهارَ ڏي جَنِ رَکهِيُون جوڙي
رِيَ سَدهَ سَيِّدُ چَوي تارِ گهِرِيُون توڙي
تَنْهِين کهي ٻوڙي سَائِرُ سَگهي ڪِي نَـ ڪِي ✧

١٠

پَلِيَان پَلِٽو نَـ رَهي نِرْتون نِينهُ نِبَارُ
گهِرَان گهورِٽو جِنْدُڙو اُتهَلَ مُون اوپَارُ
جَنْهِين مَنِ مِهارُ هَلَنُ تَنْهِين حَقُّ تهِٽو ✧

١١

پَسُ پَسَان پَري تهِٽو اوري سَنْدُنَ آرُ
دَرْيَاهُ رِيَ سَهَاڙَ ڏِسَنُ ڪهَنو ڏُهِلو ✧

١٢

پَسُ پَسَان پَرِئِي تهِيا اوري آرُ سَنْدُونَ
ڏِسَنُ ڪهَنو ڏُهِلوُنَ دَرْيَاهَ رِيَ سَهَاڙَ کهي ✧



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٣

ڪَاڏِي وَڃَان وڙهه جِنيءَ وَهَنُ وَچهَارَنِ مَٿِڻو
ڏودهِي پُڇهِي ڏِيهَه ڄَا ڄَرَ سِرِ اُبهِي جڙهه
سِڪَنْڊِي سَيِّدُ چَوِي ڪِيهَان ڪِٿو چڙهه
سَاهَڙَ سَانْڪ سَنْدوڙه اَچِي اوڙاهُون تهِڻِي ⁘

١٤

پَسَنْدو ڏَمَ ڏَهَڪَارُ ڪونْهِي هَڏِهِين هِنَ ڪهِي
پُسَاڻِي نَه پَانْهِن جو سُونْهِنو سِينگَارُ
ڪَارَنِ مُنْڌهَ مِهَارُ ڪَارِيَ رَاتِ ڪُنَ تَرِي ⁘

١٥

ڏَمُ ڏِيهَاڙِي ڏِي سَنْڌَا مِيهَرَ مِيهِتَا
جهَلِيَمِ تهِي جهوڙِي مِين پَلَيْ پَايو سِي
مَرُ جَان چَالِيهَه چِڻِي سَنْگا سُپِيرِيَنِ جِي ⁘

١٦

جِيهَرَ لڙڪُ جهَپِ ڪَرِي زَرُو جَاڳَ نَه هوءِ
اوڙهِيَرَ اُتهِڻو اَڊِيُون پَهُه پرِيَانْ ڏِي پوءِ
ڪِجو چوَنِمِ ڪوه تَه مَرڪُ بهَايَان مِيهِنو ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٧

تَہ کَرَ کَنْهِن نَہ سُٺِي جِي سِيرَ نَہ کھِرِي سُنْهِنِي
هِتِ حَيَاتِيَ ڏِينْهَڙَا هَڏِهِنْ تَا نَہ هُٿِي
چُکِي تَنْهِن چَڙِي کِي جو ڏِنُسِ اُنِ ڏُهِي
سُنْهِنِيَ کهِي سَيّدُ چَوِي وِدهُو قُرْبَ کُهِي
هُوْهِين هُونْدَ مُٺِي پَرَ ٻُڏِيَ جَا پِينَا تهِيَا ◊

١٨

ڳَا جَا کُنَ کَرِينِ ٻهِنِيَ ٻهُنُ جهُنُ پَانَ مِين
اَکهِيُون تَنْهِن آبَ کهِي تهِيُون آدهِيَ اُکِيرِينِ
تُوڙِي تِکُون ڏِينِ تَہ ٻِ اُنَ اُنْهِين کهَان نَہ لَهِي ◊

١٩

کِيرِ کُن آنُون کِيرَ کِيرَ ڏَمَرَ سَهِي ڏَم جَا
تَضَارِيَ کِيرَ دهَرِي مَتهِي پَانِيَ پِيرُ
ٻهِينَرُ ٻهِنِيَ وِيرَ لِدهَا تهِي لوَڙِيَان ◊

٢٠

اَجِي ٻَڌَان تَہ پُنُ ٻَنِ مَرُ اوْلَجَان اُنَ پَارَ ڏِي
کَنْدهِيَ اَجِي سُپِرِين مَانَ ٻَرِبَرِ کَنِ
مُيَائِي سِبن تَنِ جِيکَرَ اُتهِي نِکَرَان ◊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۲۱

لَهِرِ مِڙيِنِي لَالُ وَهَنُ کهَتهُوريَان وِتِرُو
اوُبهَارَا عَنْبِيرَ جَا جَرَ مَان اَچَنِ جَالَ
کُنَنِ گهِري کَالهَه سِکَ پِريَانْ جي سُنْهِنِي ٭

۲۲

کَنْدهِيَ جهَلِنُو کَانُهَ عَاشِقُ اُبهو آهُون کَري
تو کِينئَ ٻوڙي سُنْهِنِي ٻِيلي مُنهن جي ٻَانْهَ
دَرِيَاهَ تو تي دَانْهَ ڏِينْدُسِ ڏِينْهِ قِيَامَ جي ٭

۲۳

جيکي ڏِٺُهِيْ تَارِ مِين کَنْدهِيَ سو کهجِ
جَرُ وَڏو جهَاجهِ کهَنِي پَانْدُ مَ پُسَائِجِ
سَاهَڙَ سَنْدَائِجِ تَه ثَابِتُ لَنْگهِين سِيرَ مَان

۲۴

گورَا ٻَنِي پَارَ هِنئو حَيْرَت مِين پِئو
وِهَان تَه وِيرَمَ تهِئِي نِينْهَ مِين پَوي نِهَارَ
وَنجَان تَه وَاڪو تهِئِي پَاتِيَ پَوي پَچَارَ
هُتِ تهِي وَاعِدِي وَارَ هِتِ سُوٿون ڏِٺَنِمِ سَرْتِيُون ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢٥

جا هَڙَ اَنْدَرِ جِيءَ سَا هَڙَ سَاهَڙَ ڏِنِي سَاهَہ کِھي
سَا هَڙَ ڇھُڙِي نَہ سَاهَہ جِي سَا هَڙَ سَاهَڙَ رِيءَ
سَاهَڙُ مِيڙِ سَمِيعَ تہ سَا هَڙَ ڇھُٽِي سَاهَہ جِي ✧

## وائِي

آيَلِ پُنهِيُون مَان مَاءُ مُرَادُون وڙ پُنهِيُون
جِهَڙِي پِريَان ڳالهَڙِي تِهَڙِي ٻِي نَہ ڳاءِ
مَاءُ مُرَادُون وڙ پُنهِيُون
جِي ڳجِي تہ ڪوڙِ تهِڻِي جِي سُجِي تہ سِيباءِ
مَاءُ مُرَادُون وڙ پُنهِيُون
وِڙُن دَاتَا سَندِي دَرِ تِي شُڪُرُ جَنهِن جڳاءِ
مَاءُ مُرَادُون وڙ پُنهِيُون
ڪَانهِي حَدَّ حَمْدَ جِي تہ ڪَرِيَان قَادِرَ لَاءِ
مَاءُ مُرَادُون وڙ پُنهِيُون
ڳَنِي ڳَنِيَان ڪِيتِرِي وَڏِي وَڏَا يَاءِ
مَاءُ مُرَادُون وڙ پُنهِيُون
سڙ مُونهَان مُورِ نَہ تهِنْزَ جِيڪِي تو جڳاءِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مَاءِ مُرَادُون وڙ پُنِيُون

تو سَنْجِيُون تو سَنْدِيُون سِکَنِ تونِّي سَاءِ

مَاءِ مُرَادُون وڙ پُنِيُون

اُنجَ تُنْهِن جي اُنجِيُون لوڇِنِ توهِي لَاءِ

مَاءِ مُرَادُون وڙ پُنِيُون

دِلِ دَاهُنِ ري نَہ رَهِي مُون کهي مَاتهِ جُکَاءِ

مَاءِ مُرَادُون وڙ پُنِيُون ؞

## فَصُلُ چهَهُون

١

ساهڙَ جا سِينگَارَ مُون اَنِلِکهِيَا آکِي هُوَا

نَہ کُنْ فَيَکُونُ هو نَہ کا ٻِي پَچَارَ

مَلِکَنِئَان مَهَنْدِ هُئِي توڏِي جي تَنْوَارَ

مُحَبَّتَ سَانُ مِهَارَ لَايَائِين لَطِيفُ چَئِي ؞

٢

سُنْهِنِي کهي سِينگَارَ مُون اَنِلِکهِيَا آکِي هُوَا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

كُنْ فَيَكُونُ كُو نَہ هئو نَہ ڪا ٻِي ٻَچَارَ
مَرْڪِي سَانُ مِهَارَ لَايَائِين لَطِيف چَئِي ٭

٣

ڪهيرَ لَنگهئو ڪهَارِي مِيثَاقَانْ مِهَارَ سَان
اَلَسْتُ بِرَبِّڪُمْ قَالُو بَلٰی پَرِ اِهَائِي پَارِي
ڏِسِئو ڏيکهَارِي پِرْتِ پِرِيَانْ جو پيچِرو ٭

٤

اَلَسْتُ اَرْوَاحَنِ کهي جَڏِهِن چَيَائُون
مِيثَاقَانْ مِهَارَ سَان لَڌِهِيُون مُون لَائو
سو مؤتِي کِينئَ پَاهُون جو مَحْفُوظَان مَافُ تهِئو ٭

٥

اَلَسْتُ اَرْوَاحَنِ کهي جَڏِهِن چَيَائُون جِينئَ
قَالُو بَلٰی قَلْبَ مَان تهِي وَرَانِي تِينئَ
مُحَبَّتِی مِيهَارَ جِي آنئُون نِهوڙِي نِينهَ
سَرْتِيُون سَاهَڙَ سِينئَ هَلَنُ مُون حَقُّ تهِئو ٭

٦

اَلَسْتُ جو اَرْوَاحَنِ کهي جَڏِهِن اَمُرُ کِئو اَحَدَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هو مَنَ ڪَاڏهو مِيهَارَ ڏي سُنْهِڻِيَ سِڪَنَ سَدهَ
دِلو دَوْرَ دَرْيَاهَ جي ڪِئو اِيرَازي اَدهَ
جيڪي آئِسِ ڏَانهُ عَدَدَ سو پَارِئو مُنْدهَ پَاتَارَ مِين ٭

٧

اَلَسْتُ اَرْوَاحَنِ کهي جَڏِهِن فَرْمَايو فَتَّاحَ
هو مَنَ ڪَاڏهو مِيهَارَ ڏي سُنْهِڻِيَ سِڪَنُ سَاهَ
دِلوْ دَوْرَ دَرْيَاهَ جي ڪِئو اِيرَازي اَدَاهَ
جيڪي آئِسِ ڏَانهُ اَللّٰهَ سو پَاري مُنْدهَ پَاتَارَ مِين ٭

٨

اَلَسْتُ اَرْوَاحَنِ کهي جَڏِهِن فَائِقَ فَرْمَايو
هو مَنَ ڪَاڏهو مِيهَارَ ڏي سُنْهِڻِيَ کهي سَاعْيو
دِلو دَوْرَ دَرْيَاهَ جو اوڏَانهِين آيو
جيڪي هَادِيَ هَلَايو سو پَاري مُنْدهَ پَاتَارَ مِين ٭

٩

اَلَسْتُ اَرْوَاحَنِ کهي جَڏِهِن اُتَائِين
هو مَنَ ڪَاڏهو مِيهَارَ ڏي سُنْهِڻِيَ سَدَائِين
جيڪي آئِسِ اوڏَاهِين سو پَاري مُنْدهَ پَاتَارَ مِين ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٠

اَلَسْتُ اَرْوَاحَنِ کي جَڏهِن جا ڳَايو جَلِيلَ
سَنْئِين رَاهَ سَيِّدُ چَوي سُتهَائُون سَبِيلَ
وَحَدَتَ جي وَادِيَ ۾ کوڙين کي قَلِيلَ
دَرْيَاهَ جي دَلِيلَ لوڙهي لَاوَهَارا ڪِيا ◊

١١

کهَامَان پَڇَان پَڇُرَان لُڇهَان ۽ لوچهَان
تَنَ ۾ تونْسَ پرِيَنِ جي پِنَان نَہ ڍَهَرَاپَان
جي سَمُونڊُرُ مُنْهِ کَرِيَان تَہ سُرْکِيَائِي نَہ تهِئِي ◊

١٢

کهَامَان پَچَان نَہ مَرَان سَڙَان سَارِي رَاتِ
بَنِ ٻِٽَائِي وِجهِي کَرِ پرِيَان سَنْدِي تَاتِ
شِيخُون سَنْدِيُون سَجَڻين اُبهرَنِ آڌِيَ رَاتِ
نَہ کي هَتهِ نَہ سَاتهِ ڏِيهَاڙِي ڇَنْکِ ڇڙهَان ◊

١٣

کَارِي رَاتِ کِڇُو کهَڙُو اَنْتَرِيهِنءَ اُونْدَاهِي
چَنْڊُرَ نَالُو نَاهِ کو دَرْيَاهَ ڏَڙَ لَائِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ساهَڙَ ڪارَڻِ سُنْهِڻي آدِهِيَ ٿِهي آئِي
اِهِي ڪَمَ اِلاهِي نَہ تَہ ڪُنَنِ مين ڪِيرَ ڪِهِري ◊

۱۴

ڪاري راتِ ڪَڇو ڪهَڙو نَہ ڪا سِينَهِہ سَانُ
وِينْدِي وِيرَمَ نَہ ڪَري پِرِيَانْ ڪارَڻِ پانَ
مُحَبَّتِيَ لِءِ مِهِرْيَانُ سُڪِي سَبهُ پَٽُ ٿِهِي ◊

۱۵

ڪاري راتِ ڪَڇو ڪهَڙو مَتهَان وَسِي مِينْهُہ
هِڪُ ٻهَوُ ٻِيرَاهِ جو ٻِئو سَنْبهَارَانِ شِينهُہ
شَالَ مَہ ڇهِڄي نِينْهُہ ڪِهرَان ڪهورِئو جِنْڊُڙو ◊

۱۶

اوْرَارِ نَہ پَرَارِ وِچَارِيَ وَهُہ وِچَ مين
سُڪِيَ ڏِنِيَ سُپِرين ٻِئو مِڙِيئِي تَارِ
ڪُنين ڪِي مَہ نِهَارِ ٻُڏَنِ سين ٻَاجهَہ ڪَري ◊

۱۷

هِنَ پَارِ نَہ هُنَ وِچَارِيَ وَهُہ وِچَ مين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نيشُ نِهَارِي نَـ ڪَهِري تَنْهِن مين پِيَسِ تُنَ
اَلا سَانُ اَمُنَ آرِ ڪَنْهِن اُڪَارِئين ٭

١٨

سَهَسِين سَائِرَ ٻوڙِيُون مُنْدهَ ٻوڙِئو مِهْرِيَانُ
وَهَ وِنجَايو پَانُ هَنِي ڪَنْدهُ ڪَپَنِ سين ٭

١٩

سَهَسِين سَائِرَ ڳَجَنِ توءِ سُهُڄَ نَـ مَتي سُنْهِنِي
تَـ ڪِينئَ نِينهَ چِهِڄَنِ پَرِ تَنْهِين پرِيَنِ جي ٭

٢٠

سُپِيرِيَان جي تُرَهِي ٻُڏِين هَتهُ مَ لَاءِ
مُڄَ تها چَونْدَاءِ تَـ آسَانْ تو اُڪَارِئو ٭

٢١

سُپِيرِيَان جي تُرَهِي ٻُڏِين توءِ مَ لَڪُ
جي ٻهَائين پرنئَ مِڙَان تَـ پُورِ اُبَتي وَڪُ
پَاء تيڏَاهِين پَڪُ نَاهِ جيڏَاهِين نِجهِرو ٭

٢٢

سُڪِيَ جي سَانْبَاهِ مين جَڏِهِن ٻُڏِيُون جي
سَاهَڙُ تَنْهِين ڪهِي ٻيلِي ٻِنْهِين ڪَنْدهِئين ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢٣

سُکِيَ ڄي سَانْبَاهِه ۾ِين ٻُڌِين تَان وَڃِي ٻُڌُ
کَکھَ کَانْڌِيرا کَاتھِيُون ۾ِيڙِي ٻَنْدھُ مَ مَڏُ
ھُتِ نَہ کو ٻساھَڙَ سَڌُ نَہ کا سُڄِي سُنّھِنِي ٭

٢٤

سُکِيَ ٻُڌِيُون ڄي سَاھَڙُ سَانِي تَنِ جو
لَھَرِنِ ۾ِين لَطِيف چَئي کُلھَنِ چَاڙھي نِي
ڄي پُڇَھَنِ پَنْدھُ پَرِي تَنِ اُمَانِي اوڙھُون ٭

٢٥

لَڙِکِي لَنُون نَہ سُنْڃَاتو رَانْدِ ٻھَايَائِين رَازَ کھِي
اَندھو اُلُوھِيَتَ کھَان آھِي اِيئُ اُمَاتھو
ضَمِ سو نَہ شُمَارَ ۾ِين جو لِکِھيَان اَڄُ لَاتھو
تھِيُسِ نِمْرُودُ سَان نَا تو پِنّسِ سُھِنْدِ سَيِّدَ سِين ٭

٢٦

ٻِنو دَرُکو نَہ سُنْڃَاتَان تُون جو آھِين تو کھي مَنْکَان
اِلَاھِي عِنَايَتَ سِين تھو نَوَازِين نِمَانَا
کڙتھَائِين کَانَا اَندھَا کَرِين آکَ ۾ِين ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وائي ۱

جيڏيون آئون تا نہ چوندي لو ڏکھ ڏوراپو سجڻين
سيڻن کهي صريح لو ڏکھ ڏوراپو سجڻين
ساڻک نہ وڃن سپرين مِنتهہ مڙڻن مان
لو ڏکھ ڏوراپو سجڻين
ڀينر ڀيڻي هُج جي آھ کوهيارِي ڀين کا نہ
لو ڏکھ ڏوراپو سجڻين
سو تون صاحب آهين جو ڀيراڻين ڀان
لو ڏکھ ڏوراپو سجڻين
سُوالي سُکهيا داتا ڏيئي دان
لو ڏکھ ڏوراپو سجڻين ؞

## وائي ۲

کا جا ڳالھ هُئي سا جي لوک سُڻي
لو ٻاروچي جي مَن مين
سُرِ سکرِ پُر پيچري تون جا ڏيهہ سُڻي
لو ٻاروچي جي مَن مين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سُنْهِڻِي ۹

سَسُئِي سَنْکَهر پَتِنِين کِيرُ چَوَنْدَوْ مُئِي

لَوْ ٻَارُوچِي جِي مَنَ مِين

پَنْدهُ کَرِينْدِي پِرَ ڏِي کَڏِهِن کَا نَ کُهِي

لَوْ ٻَارُوچِي جِي مَنَ مِين

اَوَانْ کَا ڏِتِهِي ڏوتِهِيَا هُوتَنِ وَتِ هُئِي

لَوْ ٻَارُوچِي جِي مَنَ مِين ✧

---

## فَصْلُ سَتُون

۱

تَرِ کِهرِيُون تُورُ تُوءِ مَنَ کَاڏهُو مِيهَارَ ڏِي

ڏَاڏهُو ڏورُ دَرْيَاهَ جو سِکَنَ وَڏو سُورُ

مَنَ مِين مَوْجَ مِهَارَ جِي پَهَسَ پِرِيَانْ جو پُورُ

مَنْجهَان جَرَ ضُرُورُ کَچِي شَلَ کِي مَ تِهِنِي ✧

۲

ٻوڙِين جِي ٻِئِين تُون دهَنِي ٻِي جِي دَعْوَا هَلِي نَ دَمُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هِنَ مُنْهِن جي حَالَ جو مِيهَرَ تي مَعْلَمُ
رَکهُ ٻَانْهِيَ جو ٻهَرَمُ جا اَچِي پيئِي اَجهوڙِ مين ٭

٣

دَائِمُ جا دَرْيَاهَ مين سَا مَڇِي مَنْگي کهُوھَ
آهيسِ اِيءُ اَنْدوھُ تہ پَاڻِي کِتهَان پِيَان ٭

٤

کَانْڌِهِي کَنْکَ تهِيَاسِ وَهَنُ جَنَارو سُنْهِڻِي
ٻَکهَا ڄِي ٻيٺَنِ جا کُلهَا تَنِ ڏِنَاسِ
اَکهين مَلَکَ ڏِٺهَاسِ توءِ مَنَ کَاڌهو مِيهَارَ ڏِي ٭

٥

اُبهو تَنِ مِهَارُ مَلَّاحَنِ سَڌَ کَري
آن پُنُ وِجهَان هَتهَڙَا اَوي پُنُ وِجهو جَارُ
کهوڙِيُون کَارُونْبهَارُ مَانَ مِلَنئُون سُپِرِين ٭

٦

مِهَارُ مَلّاحَنِ کهي بِيتهو آچهِي اَچهَ
آن پُنُ وِجهَان هَتهَڙَا اَهي پُنُ وِجهو رَچهَ
سَنْڌِيَ کُنَ کُنِچهَ مَنَ هُوَنِ سَلَامَتَ سُپِرِين ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٧

مِهَارُ مَلّاحَنِ کهِي اُبهو کَرِي سَڌَ
اَدَا اُنهِي پَارَ جَا موڙِي اَڇو مَڌَ
وِيَا ڄِي وَهَ ڪَڌُ هَلو تَہ ڌورِيُون اُنِ کهِي ❖

٨

ڄِتي بهيرَ بهِرَنِ بهَرِيُون پُونِ بهَنْوَارِيُون
تَانْگهَ نَہ لَڌهِي تَارُئين مَپُ نَہ مَاتِئَرِنِ
ڪَنْڌهِيَ اُبهَا ڪِيتِرَا سِيڻَاهِيَا سَنْگَنِ
تُون ڪِينئَ تَنِ تَرِنِ اَڇِنو اَسَارِي کهِرِين ❖

٩

پَرِنئَ بهَرِ دَرْيَاهَ پَسُ ڄِي پَارِ پَوَنْڊِيُون
بَنْڌهُ تَوَڪُّلَ جو تُرَهو آهَرَ سَانُ اَللّٰهَ
جَنِ ڄِي سَاهَرَ سَانُ صَلَاحَ سِي کِي نَہ ٻُڏَنْڊِيُون ڪَڌِهين ❖

١٠

پَرِيُون پَرِنئَ بهَرِ پَسُ ڄِي پَارِ پَوَنْڊِيُون
آنِئو وِجهِي آرَ مِين وَنَ ڄِي پَوَنِسِ وَرِ
سَنْبَاهِي سَمُونْڊَرَ ڄِي قُطْبُ ڇَئِي ڱَا ڪَرِ
تو بهَائِين آن کهَرِ پَرَ آهِين آرَ اَکهِنِ مِين ❖



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١١

سَنْبهَارَان سَڏَ ڪِئو اُبهَا چَوَنِمِ آءُ
هِڪُ تِکهوڙِيي تَارِ وَهي ٻِيَا لُڙَ لَهَرِيُون ؟ وَاءُ
سَانِي جَنِ اَللّٰهُ ٻُجهَان سي نَہ ٻُڏُنْدِيُون ٭

١٢

سَانْبهَارَان سَڏَ ڪِئو اُبهَا چَوَنِمِ اَڄُ
هِڪُ تِکهوڙِيي تَارِ وَهي ٻِئو هَنهِ ڪَمِينِيَ ڪَڄُ
سَانِي جَنْهِين سَچُ ٻُجهَان سي نَہ ٻُڏَنْدِيُون ٭

١٣

هَارِي حَقُّ رَکهِجِ سَانْبهَارَان سَاهَڙَ جو
خوَابَ خِيَالَ خَطِرَا تَنِ کهي تَرکُ ڪَرِجِ
اَنْدَرُ آهِينو ڪَرِي پَرِ مِين تُون پَسِجِ
اِنْهِي رَاهَ رَمِجِ تَہ مُشَاهِدو مَانِئين ٭

١٤

هَارِي رَکهِجِ حَقُّ سَانْبهَارَان سَاهَڙَ جو
خَابَ خِيَالَ خَطِرَا تَنْهِين ڏِيجِ تَرکُ
ڪَرِين غَيْرُ غَرَقُ تَہ مُشَاهِدو مَانِئين ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٥

سَانْبهَارَان سِيٺِي تَنُ جَنْهِين جو طَالِبُو
مُون پِريَان نِيٺِي پَنگهِٽُو پَانَ ڳَري ٭

١٦

سانْبهَارَان سَنْدَانَ وَنَ پَسِي وِهِسِي هِنٺِڙو
چِهَنَا مَنَهَ مِينْهِيُون وَنْهِيَا وَتهَانَانَ
اَکهڙِيَنِ عِنَاتُ چَوِي لَائِي لَنوُن سِيئَانَ
کَڙهَان تهِي کِينَانَ جِينءَ کهَنو اُکَنْڍِهِي آهِيَان ٭

١٧

لَوَا ڍِتهَمِ لَاڙَ سَانْبهَارَان سَاهَڙَ جَا
هِنٺِڙو هِتِ نَه وِنْدُرِي ڍهَرَارِنِئُون ڍهَارَ
مُنْهِن جو مَنُ مِهَارَ پَنگهِٽو پَانَ ڳَري ٭

وَائِي ١

وَنجِي وِنْدُرَ جِي وَنَنِ اوڏِي آيَسِ جَان پِرِيَانْ جِي پِيچِرِي
تو جي اوڏَا ٻهَائِيَا سِي ڏُونگَرَ ڏُورَ ڏِيجَنِ
اوڏِي آيَسِ جَان پِرِيَانْ جِي پِيچِرِي


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## سُنهڻي ٧

منڊِي نہ هُيَنَ مَنَ مِين تہ ڪيچان ڪوهُہ اَچَنِ
اوڏي آيَسِ جان پريانْ جي پيچِري
مَنَ مُنهِن جي سِين ڪِئو هي پَهُہ ٻاروچَنِ
اوڏي آيَسِ جان پريانْ جي پيچِري
سُونهَنِ سَنگهَرَ پَٽِئين مَنهَہ مَعْذُورِنِ
اوڏي آيَسِ جان پريانْ جي پيچِري
وِنڌُرَ وَائِي جا وَهِي مُون کهي سَا نہ سَلَنِ
اوڏي آيَسِ جان پريانْ جي پيچِڙي
آئي بَدهَا اوتهِئين مونِي کهي بِهِ مَيَنِ
اوڏي آيَسِ جان پريانْ جي پيچِري
لاتهَائُون لَطِيفُ چَوِي لُڌُون سِرِ لَکَنِ
اوڏي آيَسِ جان پريانْ جي پيچِري ⁘

## وَائِي ٢

آيَلِ آيَلِ تهِي جِيَان لَا جي سَارِينِمِ وڙ سُپِرِين
مَتهَان سَاهَڙَ صَدِقو آن ڏهِي ڏمَ ڏِيَانْ
جي سَارِينِمِ وڙ سُپِرِيَن



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سَنڻون سُنْهَائِين پيچرو مُون کهي مِهارَ مِيَان

جي سَارِينِمِ وڻ سُپِرِين

مَتهَان مَانِکَ هيکَڙي اَمُلَ اَتهَ ڏِيَانْ

جي سَارِينِمِ وڻ سُپِرِين

اَچين عَبْدُ ٱلطِيفُ چَئي تہ جَانِبَ نِتُ جِيَانْ

جي سَارِينِمِ وڻ سُپِرِين ⁘

---

## فَصُلُ اَٺـهُون

١

ٻُڌَنْدِي ٻُوڙَنِ کهي کِي هَاتِکَ هَتهَ وِجهَنِ

پَسُو لَڄَ لَطِيفُ چَئي کِيڏِي کهي کَکهَنِ

تُوڙي کَنْدهِيَ کَنِ نَہ تہ سَانُنَ وَڃَنِ سِيرَ مين ⁘

٢

کَچَا کَانَا کَانهَ جي ٻُڌَا کَڌهَنِ ٻَارِ مَان

يَا لَنْگهَائِنِ لَطِيفُ چَئي يَا دهُرَانْ کَرِنِ دَانْهَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪَمَا حَقُ ڪَکَهَنِ جِي آهِي مُڪَالهِ اَمَانَهَ
يَا ڏِٺَنِ ٻُڌَنِ کهِي ٻَانْهَ نَ تَہ سَانُن وَنجَنِ سِيرَ ٻِين ❁

٣

ڄَان ڪِي ڪَنْڌِهِيَ ڪَانْهَ تَان تَانِي ٻَنْڌِهِجِ تُرَهُو
هَتهُ پِرِيَانْ جِي هَتهَ مِين ٻِي کهي ڏِجِ مَ ٻَانْهَ
سَنْڌِي ڪَپَرَ ڏَانْهَ ڪِي تو ڪَنِين نَ سُڻِي ❁

٤

هَاوَانَا هُلَنِ ڪَپَرَ ڪَارُونْبهَارَ جَا
لَهَرِيُون لُٽَ لَطِيفُ چَئِي ٻهيلِي ٽِي ٻهُلَنِ
جِي ڳَجِي سَانُ کَهَنِ آکو تَنِ اُٻَاهِڻِي ❁

٥

آهِين هِتِ اَمَانَ ٻَنْڌهُ تُرَهو تَارِ جو
لَهَرِنِ لُٽَ لَطِيفُ چَئِي جهَلِيَا جُنْڪَ جُوَانَ
اُونْهِي تَرِ اُکهَتِيَا آڏِيَ پَائِي آنَ
جِي پِنَا مُنْهِ مَهْرِيَانَ تَنِ ٻَانْڌِيُنِ ٻِيتُ نَہ اُجَهِي ❁

٦

ڳَجهو ڪَنَا ڪُنبهَارَ اوڳِي کهَلِي اُتهِنَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪِي تَو ڪَهين نَہ سُڻي ڀهيلي تي ڀُهلِڪارَ
لوڙهِيا لَکهَ لَطِيفُ چَئي ڪوڙين ڪارُونڀارَ
اُڪارِين ڏاتارَ آرَ آنانگان وارِئين ◆

٧

ڳِچي سانُ ڪَهِي ڀَڪو ڀُڄهِيءِ نَہ سُنهِڻي
لَنگهِئو لَڙَ لَطِيفُ چَئي وَڇهِنّارِن وَهِي
سا ڪِينئَ نِينهَن نَهِي جَنهِن کهي نِينهَن نَہ ڌهوڪِيو ◆

٨

اُونهِي مِين اوُهِري ڪَهِي ڳِچي سانُ
سَبهَڪَنهِن جو سَئِڊُ چَوِيءَ ڀُڄهي نَہ پَرِيانُ
عِشقَوارِيُون عَبدُ اللطِيفُ چَوِي سَدهَ نَہ ڪهَلَنِ سانُ
جَنهِين پاسِي پانَ سِي اَوَتّانَ اُڪهَتِيُون ◆

٩

اَنکَ لَڳي رَنگُ بَتِلِئو ڪو جو ڏاغُ دِلِي
مُون تان سَهِي نَہ ڪِئو مَنجهان ڇهوهَ ڇهِلهِي
اللهُ وَڪِيلُ الغافِلِينَ تَرِئو وَنجان تهِي تارِ مِين سَندِي ٻَحَرَ بِلِي
اُهو مِيهَرُ شالَ مِلِي جو سَنڀهورِڙو سِيئاهِ سان ◆



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٠

اَنگَ پَسِي رَنگُ کِٿو ڪو جو دَوَرُ دِلِي
بَربَرِ ٻيلِي نَہ تهڙو ڪُجهُ مَنجهِہ ڪِلِي
تَرَان تهي تَارِ ڪَهَنو تُنهِن جي ٻهَرَ ٻِلِي
سو ميهَارُ مِلِي آهِيَان جَنهِن جي آسِرِي ٭

١١

ٻهَانِيمِ نَہ ٻهيلو مُون کهي دهَاوَ دهُتَارِتو
اَنِکهي مَتهي اُسِرِي ڌِنو رُوحَ رِيلو
تيلَاهِين وِيلو پِيمِ وَاهَنَ وِچَ مِين ٭

١٢

ڪَڌِهِيا جي ڪُلَالَ سِي پَسِي خَالَ خُوشِ تهِئَن
پَانِيَ چِتَرَ پُسَاٿِيا دهَاوَ نَہ جهَلِي دهَمَالَ
سُپَکُ ٻهَانيز سُنهِڻِيَ جو ٻهَنَ جي جَمَالَ
اَنِکهي جَا اَحوَالَ مَعلُمُ تهِيَا مَهِرِيَانَ مِين ٭

١٣

ڪُجهُ تَان ڪوهُ پَکو نَظَرُ پِرِيَنِ جو
سَاهَڙُ مُنهِن جو سُپِرِين ڌَمَ ڌِتهِيٺِي ڌوهُ
چهِتِرَ جي چهوڙُ تَہ پُورِينڊِيَسِ پَارِ مَنِي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۴

اَنِکھو تَان کوهُه ڪِڇو آيمِ ڪَمِ
جِيئَ جَنْهِين جَا جَمِ پَکَا سِي نَہ پُڇهَنْدِيُون ٭

۱۵

پَکَا رَجهَہ کُنْبهَارَ جَا پَکِي نِهَانْئِين
مُون کهي تِيَانْئِين بهِيلو بهَانْکِي آئِيو ٭

۱۶

ڪِچِي ڪَتَرُ نَہ جهَلِئو بهِيلو پِئو بهُرِي
سَارَ چهَڏِيَائِين سِيرَ مِين بَانْهُنِ ڪِي نَہ بُرِي
لَتِي لَهَرِيُون وِيئِيُون چَوْدهَارِي چُرِي
هِنئڙِي مَنْجهِ هُرِي مَاهِيَتَ مَلَکَ اَلْمَوْتَ جِي ٭

۱۷

ڪَچِي ڪَٺُ نَہ جهَلِئو بهِيلو پِئو بهَڄِي
مَاهِيَتَ مَلَکَ اَلْمَوْتَ جِي مَنْجهِ وُجُودَ وَڄِي
سَاهَڙَ کهي سَچِي آهِيَ اَنِکهِي جِي اَحْوَالَ جِي ٭

۱۸

ڪَچِي ڪَٺُ نَہ جهَلِئو بهِيلو سَهِي نَہ بهَرُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هَٿين پيرين ڪُرِئين ٻانْهُن ڇهَڊِئو ٻَرُ
سَاهَڙَ سِڪَهو وَرُ پِيئِسِ مُنْهِ مَهِرْيانَ جي ⁘

١٩

ٻهيلِي ٻهُلَائِي پَسِي ڇِتَرَ ڇَرِي ٿهي
ٻَرِٻَرِ ٻُڌِي سُنْهِڻِي وِيرِنِ مين وَائِي
ڪَچِي ڪِيرَائِي لَالَ لَهِرِنِ وِچَ مين ⁘

٢٠

پَڪو ڪهَڃِ پَانَ سَان ڇَڱو ڇِتَائِي
ڪَچو ڏِيج ڪُنْڀهَارَ ڪهي مُنْهَ تِي مٽَائِي
سو سُنُ هِنئي سَان سُنْهِڻِي جو فَائِقُ فَرْمَائِي
مَوْجُون مَنْجَهائِي مَائِين نِٻئي مَهِرْيَانَ جُون ⁘

٢١

ڪو جو وَرِٿو وَاءِ جِينئَ ٻَلُ ٻَانْهُنِ ڇهَڊِئو
آڪِي هِنَ تَرَّان اُونْدَاهِيَانئِي اُڪِرَان ⁘

٢٢

هَنَنْدِي ٿهَڪَمِ هَٿهَ هِنئَڙِي هُجُون ڇهَڊِيُون
لَکهَ لَهِرِنِ کَڏِجِي مَوْجُون وَرِيُون مَٿهَ
نِيَمِ ڪُنَ قُوَّتَ ٻهِرُ ٻهَلِيرَا سُپِرِين ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢٣

هِنئڙي هُجُون ڇهَڏِيُون ٽُوٽَ رَهِيَمِ ڪَا نَ
مُون تي مونِجِ مُون پِرِين سَاهَڙَ جَامَ سُڄَانَ
آهِيَان کهَنو اَڄَانَ ٻهرُ ٻهَليرَا سُپِرِين ٭

٢٤

ٻهرُ ٻهَليرَا سُپِرِين ٻهَلَا مِين ٻهِيرَاهِ
تو رِيَ تَارِي نَاهِ ڪَا وَالِي تو رِيَ وَاهَ
سَاهَڙَ جِيئَ صَلَاحَ تَارِي ڪَڍهِيُو تَارِ مَان ٭

٢٥

تَارِي ڪَڍهِي تَارِ مَان صُلحُ سَاهَڙَ جو
اُتي اَچِي ڪِي نَ ڪِي ٻيلِپو ڪَنهن ٻِي جو
مِيهَرَ ڄَمِ مُنهِنْ جو ڪو اوکَرُ ڪَنهِين آرَ مَان ٭

وَائِي ١

مُون پَانِيَ جِي سَارَ آنئُون جَا وِينْدَڙِي وَتِ وَڇهَارَ
ڏمُ مَ جَاڳي لو مُون پَانِيَ جِي سَارَ
مُون کهي تِتي مِيڙِئين جِتي ڪُنڊهِنِ جِي تَطَارَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## سُنهڙي ٨



ڏمُ مَ جاڳي لڙ مُون پانِيَ جي سارَ
ٻرَنِ ٻيلاٽِنِ جا ساٺبهارَان سَنبهارَ
ڏمُ مَ جاڳي لڙ مُون پانِيَ جي سارَ
وِتهه مَ پِري وِصالَ مِين سَباجها سَتارَ
ڏمُ مَ جاڳي لڙ مُون پانِيَ جي سارَ
کهرِ کهرِ کِلا جا وَهي پاڙي پَنڌهَ پچارَ
ڏمُ مَ جاڳي لڙ مُون پانِيَ جي سارَ
تا کُنِ تَکِي آهِيَان سِکهڙ رَسُ سَهاڙَ
ڏمُ مَ جاڳي لڙ مُون پانِيَ جي سارَ ٭

## وَائِي ٢

وِيتهِي کِي نَ وِساري سَا مُحَبّتَ وِدهَڙِي مَاري
ڊِيوَانِي يَارڙ مَسْتَانِي دِلبَرُ جَانِي تهڙ جِيَاري
سَا مُحَبّتَ وِدهَڙِي مَاري
جَنِهن کهي سِکَ سَاهَڙَ جي سَا کهَايَلِ کهرِ نَ کهَاري
سَا مُحَبّتَ وِدهَڙِي مَاري
ڏمُ ڏهيلڙ ڏکهڙ سِرَ مِين تهڙ سَنْتهَا مَاري



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سا مُحَبَّت وِڌھَڙِي مَارِي
ٻيلِي پَاسِ ٻَرَنِ جِي تَنِ کَھَرْکِنِ وِڌھِيَسِ کَھَارِي
سَا مُحَبَّت وِڌھَڙِي مَارِي
ٻيلِي ٻِنْھِين کَنْڌھِئِين مُحِبُ مِينْھُون تھو چَارِي
سَا مُحَبَّت وِڌھَڙِي مَارِي
ھُوءِ ھُونْکَارُون پَوَنِ پُکَارُون تَڙَتِڙِ ڏوِسُ تَنْوَارِي
سَا مُحَبَّت وِڌھَڙِي مَارِي
ھُوَ جَا پِکَ پِرِيمَ جِي آھِيَان تَنْھِن اَسَارِي
سَا مُحَبَّت وِڌھَڙِي مَارِي ٭

---

## فَصُلُ نَائُون

١

جَرِ تَڙِ تِکھَ تَنْوَارَ وَنِ تَرَنِ وَائِي ھِيکَڙِي
سَبھِيئِي چھِيھَ تھِيَا سُورِيَ سَنْھِڙَا وَارَ
مِڙِي مَنْصُورَ ھَزَارَ کِھڙَا چَاڙِھئو چَاڙِھِئِين ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢

سَنْبَهَتِ پَچَارَ پرِيَنِ جِي سَنْبَهَتِ هوت حُضُورُ
مُلِڪُ مِڙِي مَنْصُورُ کُهي کَهَنْدِين ڪيتِرا ٭

٣

چَوَنِمِ جِي هيڪَارَ تَہ مَہ وَڃُن موٽِي سُنْهڻِي
هُونْدَ ڏُونْهِيَ پَاسِي ڏوسَ جِي کَهَارِيَان سَبهَہ ڄمارَ
بَانْڌِهَنَانْ ٻِيهَارَ هُونْدَ نَہ لِنگين لَاٿِين ٭

٤

جَان تَان کَهَرَان مَہ وَڃُ جَانْڪِي موٽُ مَہ سُنْهِڻي
ٻِيُون ٻهيڙي ٻهَنْجُ هيڪِڙَائِي هَتهِ ڪَرِي ٭

٥

مَہ هُنجُ وَتِ مِهَارَ مَتَان موٽِين سُنْهِڻي
سَاهَڙَ جَا سِينگَارَ مَتَان ڏَمَ ڏِيکَهَارِئين ٭

٦

جِي تُون ٻيٽَ ٻهَاٽِين سي آيَنُون آهِينِ
نِيٿُو مَنُ لَاٿِينِ پريَان سَنْڌِي پَارَ ڏِي ٭

٧

جِي تِيَامَ مِلَنِ تَہ ڪَرَ اوڏَا سُپِرِينِ
تِنْهَان پَرِي سُڄَنِ وَادَهَايُون وِصَالَ جُون ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٨

وَڃَان ڪِي نَہ وَرِي هُونْدَ رِيَ ڇَڻي رَهِي رَهَان
ڏُونْهِيَ پَاسِي ڏوسَ جِي مَاڳِي پَوَان مَرِي
صُورَتَ سُونْهَہ کھَان کِيَسِ چِتَ چَرِي
وِصَالَان فِرَاقَ جِي سُڃِي ڳَالهِہ ڳَرِي
ٻِيلَانْهِين تَرِي مُنْهُہ ڳِنهڻُو مُوتُڻُو وَڃَان ٭

٩

آنُون ڪِي نَہ ڄَاڻَان اِينِئَ تَہ جَرَ ڪهِرِڻِي جڙکهو تهِڻِي
قَضَا جَا ڪَرِيمَ جِي تَنْهِن کهَان ڪَنْدهُہ ڪَڍِهِيو ڪِينِئَ
هِڪُ لِکهِڻِي ٻِئُو نِينهَہ آئِي اوْلِيَسِ اوْلِ مِين ٭

١٠

ڪَانِي نَہ ڪَانْهَہ نَہ ڪو ڏوهُہ قَلَمَ جو
اَنکُ اُتِي اَنڪِئو جِتِي نَہ رَسِي ٻَانهَہ
ڪَنْهِن کهِي ڏِيَان ڏَانهَہ جِينئَ قَضَا قَلَمُ وَاهِئُو ٭

١١

تَڙَنِ جَا طَعْنَا سَامُهَان ڏِٺَمِ سَرْتِيُون
دَرْيَاهَہ دِيوَانَا سُنُ حَقِيقَتَ حَالَ جِي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۲

تَران لِيۡ طَعۡني مَتهي وَهۡ وَاڳا ڪِئو

آئي وِدهِيَس آرَ ۾ دَرۡيَاهۡ ديوانِي

تَلَمَ جي ڪانِي آئي اوَلِيَسِ اوَلِ ۾ ٭

۱۳

تَرَان تَان مَرَان وَرَان تَان وَهۡ وِتِرو

هِنڱِڙِي ۾ هوتَنِ جا اَچَنِ کهوزَ کهَنَا

پَسِئو پَاڙيوارِيُون ڏِسِئو ڏوهۡ ڏَرَان

وِچَان ڪِي نَ وَرَان ڪَنۡڌهِيَ مُنۡهن جو ڪَارَنِي ٭

۱۴

نَ ڪو سَنۡڌهو سُورَ جو نَ ڪو سَنۡڌهو سِڪَ

عَدَدُ نَاهِ عِشۡقَ پُڄَانِي پَانَ لَهِي ٭

۱۵

عَدَدُ نَاهِي عِشۡقَ جو سُنِي تهيئُ سَانِي

ڪَانهِي پُڄَانِي مَهَنۡدَان مُنۡڌهَ مِهَارَ جِي ٭

۱۶

سِڪَ تُنۡهن جي سُپِرِين جِينئَ تَرَان تِينئَ تَارِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تونْهِين رَهين رُوحَ مِين تونْهِين اَنْگَڻَان ٻَارِ
پِرِين تُنْهِن جي پَارِ مُون وَاجهَائِينْدِي وَرِهَ ٿِيا ॰

١٧

سِکَ تُنْهِن جِي سُپِرِين کَپي ۽ کوري
سَکهَاڻِ نَہ چوري ڏَاڏهو ڏِٺُرُ نِينهَ جو ॰

١٨

سِکَ تُنْهِن جِي سُپِرِين اَنْدَرِ ٿِي اَجهَل
ٻَرَهِکِنُو ٻَاهِرِ کِري کهُوري کهَائِين کهَل
رِيَ سِيرَاهِيَ سَل مُون کهي ڏِنا سَجَڻِين ॰

١٩

سِکَ تُنْهِن جي سُپِرِين اَنْدَرِ ٿِي اَجهَائَ
مَنْجهِينِئِي ٻهَرِيا مَاءُ پَلْتِيَا پَارُون کَرِي ॰

٢٠

سِکَ تُنْهِن جِي سُپِرِين سَکهَان تِينئَ سَکهَ
آڏو ڏِيجِ مَہ لَکَ مُون هيکَلِيَ وَلهَا ॰

٢١

سِکَ سِکَنْدَنِ لَاهِ وِڇوڙِيَا مِيڙِ پِرِين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اِيڏِي سَڪهہ سَچَا ڏهَنِي تونِي کهي جڳاءِ
تَنُ جَنهِين جو سِيکَڙو ڀِيهر تَنهِين کهي پاءِ
مِيڙَانِي جو مَاهُ ڪَانگُ لَونڊو ڪَڍِهِين ❊

٢٢

ڏِٺهي تهِيَمِ ڏِينهَ ڪوهُ جَانَان ڪِهڙَا پرِين
نِينِ بهَرجِي نِينهَ پَلٽِيَا پَارُون ڪَرِي ❊

٢٣

ڏِٺهي ڏِينهَ تهِيَامِ ڪوهُ جَانَان ڪِهڙَا پرِين
وَلِنِ جِينَي وَرِيَامِ ڪُونڌَرَ غَمَ پرِيَنِ جَا ❊

٢٤

ڏِٺهي ڏِينهَ تهِيَامِ ڪوهُ جَانَان ڪِهڙَا پرِين
سَهَسِين سِجَ اُلهِي واجهَائِيندِي وِيَامِ
تَنهِن سَالَ تهِيَامِ جَنهِين سَاعَتهَ نَ سَهَانِ ❊

٢٥

ڪهَرُ نَ وَرُ نَ وَتهُ ڪَا آهِيمِ مَنِ مِهَارُ
اِنَ اوسِيڙِي اُتهِيَانِ سَنجهِي ڪَرِي سِينگَارُ
پرِين تَنهِن جو پَارُ پَسَان مَانَ پرِ ڪَنهِين ❊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## واٽي ١

هوڙيڄ هُشيارُ خبرداڙ تِرڪَنِ آهيٺِي تَڙَ مين
کهَڏُون کهُوبا چِکَ چِڪنديُون تُون ڪِي نَٽِي نِهارِ
آدهِيَ سي اُڪَرنڊِيُون اَکهِيُون جَنِ ڪاپَارَ
تِرڪَنِ آهيٺِي تَڙَ مين
مُون سؤ مَلّاحَنِ ڪهَان تَڙَ اَنَانگا تَارِ
هؤتُ هَلَنڊِنِ کهَتِئو وِهَنُ مُنڊهَ وِسارِ
تِرڪَنِ آهيٺِي تَڙَ مين
کهُهِ آتَنُ ٻَنِ جيڏِيُون ڏيرانِيُون ڏُٺَارِ
پَکو کهَنِجِ پَانَ سَان وَڻُن پرِيَنِ جي پَارِ
تِرڪَنِ آهيٺِي تَڙَ مين
وينڊي وَاتَارُنِ کهي پَٽِيَ کِي مَ پچَارِ
پَوَنڊِنُ مُنهِ مِهَارَ جي ڏَمَ وَتِ ڏِينهَ مَ کهَارِ
تِرڪَنِ آهيٺِي تَڙَ مين
سَاهَڙَ کهي سُنهِنِي ٻَجهَلَ آڏِي ٻَارِ
تَارِ تَرَنڊِنُ لُڙَ لَنگهينڊِنُ عِشقَ جي آدهَارِ
تِرڪَنِ آهيٺِي تَڙَ مين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## سُنهِڻي ۹

پَانڌُ مَ ڇهَڏِج پِرَ جو پِهين جي مَنجهِ پَاتارِ
تهينڌء سَڌُ سَاهَڙَ جو توڏِي تهيءُ تيَارُ
تِرِکَنِ آهيئِي تَڙَ مين ؞

## وَائِي ۹

مَڏَت تهيءُ مِهَارَ يَارَ سَاهَڙَ سَائِرَ سِير مين
اُونَها کُنَ اَتَانکهَ تَڙَ اوڙِلِئين ڏي آدهَارَ
ڏِينهَ ڌُهلا ڏَمَ سين آنڌُن آهِيَان دهَارَ
يَارَ سَاهَڙَ سَائِرَ سِيرَ مين
ٻِجهَلَ ٻَانڌِي ٻَارِ کَرِي اَتِ اُبَتا آرَ
تِتِي کهِري سُنهِڻي آکهَ جِيَ آدهَارَ
يَارَ سَاهَڙَ سَائِرَ سِيرَ مين
کَارِي رَاتِ کُچو کهَڙو توڏِيَ کِي تَنوَارَ
سَنبهُوڙو سِينَاهِ سين سِکهو رَسُ سَنکهَارَ
يَارَ سَاهَڙَ سَائِرَ سِيرَ مين
اوڙَارَان آهُون کَرِيَان پَهُچَان شَالَ پَرَارِ
سُنِي جهَانئِ جهِجهِي هِنئو سَانبهَارَان سَنبهَارَ
يَارَ سَاهَڙَ سَائِرَ سِيرَ مين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آيَمِ رِيلِي وِيئُ سِين الا تو آهار
تَارِ تَرَنْدِيَس لَڙَ لَنْكِهِينْدِيَس وِينْدِيَس وٽ وَچهَارَ
يَارَ سَاهَڙَ سَانِرَ سِيرَ مِين
پُورِينْدِيَس پَارِ مَنِي سَهَسِين كَرِي سِينكَارَ
كَوِلي كَهَاكَهَائِي كَهِرِي جَكِهَنِ تَهَا جَانَارَ
يَارَ سَاهَڙَ سَانِرَ سِيرَ مِين ٭

---

## چهڙتكو

۱

سَاهَڙَ دَهَارَان سُنْهِنِي ادهوتِي آهِي
كُنْڌِهِيُون جو كَاهِي پَاسِي تَنْهِين پَاكَ تهِئِي ٭

۲

سَاهَڙَ دهَارَانْ سُنْهِنِي نِسوُرِي نَاپَاكَ
نِجَا سَتَ نَاهِ كَرِي اُنْهِي جِي اوطَاقَ
هوء جِي كهِيرَ پِيَاكَ پَاسِي تَن پَاكَ تهِئِي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٣

ساهڙ دهاران سنهڻي هيئ جنبي آهي جو،
هن پاڻي سبين پاڙهن جو مور نہ متهو دهو.
جي پريڻ پاسي هوءِ تہ ڪر توڏي تڙ ڪنو ٭

٤

ساهڙ دهارانَ سنهڻي هيئ تان چڪي زال
توڏي تپ چڙهئو هئي هنئي جي حال
جڏي ري جمال اکهي تهي آهون ڪري ٭

٥

ساهڙ دهارانَ سنهڻي آهي مين آزار
دم پاسي ڏکهندو صحت وت سنڪهار
توڏي سنڌي تن جي دوا منجهہ ديدار
جي پسي منهہ مهار تہ سکهياڻي سڀي تهئي ٭

٦

متان کهرين سنهڻي اڄ درياهہ مين اتهي دم
ڪاري رات ڪنن مين کهڙو اتهي ڪم
متان جاڳي دم پڇهي پاڙيوارين ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٧

چي پُڇهي پاڙيوارِيون ڪوهُه ڪرِيندو ڏَمُ
ڪارِيَ راتِ ڪُنَنِ مين آهي ڪانيارِيَ جو ڪَمُ
هِيئُ هَڏو ؛ چَمُ ڪهوڙِئو مُحِبُّ مِهارَ تان ❊

٨

جَان جَان هُئِي جِڙي وِرچِي نَـ وِيٺهي
وَنجِي پُنُ پِيٺهي سِڪَندِي وَتِ سَجَڻين ❊

٩

جان جَان هُئِي جِڙي وِيٺهي نَـ وِيسانڊِ
لُڙهِي لَهَرِنِ پَانڊِ مُيائِي مِهارَ ڏِي ❊

١٠

وَرُ اُونڌاهِي راتڙِي چانڊُروڻِي چانڊُرا
اوڙِي ميهارا مُنهُه مَـ پَسان ڪو بِئو ❊

11

سَدَا پُڇهُه مَـ سُنهِڻي اُونڌاهِي اَدهَ راتِ
پرِيانُ ڏِي پِربهاتِ وَڃُون ڏيٺهارِي ڏِينهَ ڪهي ❊

١٢

ڏِينهَائِي ڏُمَرُ ڪري مَتهي مُحَبَّتَ مُون
تَنْهن ڪهي اَچِي تُون پرِيَمِ ڪوهُه نَـ پَلِئين ❊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٣

ساهڙُ سُڪي مين تهنجو پاڻي منجهه پُنهو
سَنڌو ڪِجَ ڪُنو ڌارِ تَرَنڊو ڪيتِرو ✧

## وائي

ميهَرُ تا نہ مَٽي ڙِي اَڊِيون چهاڄي لوڪُ لَٽي وِٺو
پيئِي آهِيان ڪُنَ مين تُون سَاهَڙ آءِ سَٿي
ڙِي اَڊِيون چهاڄي لوڪُ لَٽي وِٺو
ڪَسُ لاهِينڊمِ ڪارَڻي مَتهان ڦَلَبَ ڪَٽي
ڙِي اَڊِيون چهاڄي لوڪُ لَٽي وِٺو
جَانسِين پَهُچَانْ پِرَ ڪهي تَانسِين جِيئُ جَٽري
ڙِي اَڊِيون چهاڄي لوڪُ لَٽي وِٺو
پِنجو چوِي پَونڊِي سبهڪنهن خَبَرَ اِنَ ڪهَٽي
ڙِي اَڊِيون چهاڄي لوڪُ لَٽي وِٺو ✧



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# سارَنگُ

## فَصُلُ پهريون

۱

آڪنو آهي لَڳهہ پَسُ لَطيفُ چوي
وُٺو مينھُ وَڏيهڙو ڪَڏهن ڏهَنَ ڪاهي
ڇهنا ڇهڏي پَٽ پِهز سَمَرَ سَنْباهي
وِهو مَہ لاهي آسِرو اَللهَ مان ∘

۲

اَڪَمَ ڪِيَا اَللهَ لَڳهہ پَسُ لَطِيفُ چَوي
پَلَرَ جي پالوتَ سان پَٽَنِ جهلِيَا پاهَ
واليَ وَڏائي ڪيَا مَتهي ڪَسَنِ ڪاهَ
سانگِنِ وَرِيَا ساهَ اُتهنَ آبُ اَکنڊِرو ∘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۳

آکَمَ اِيئَ نہ اَنگ جهَڙو پَسَن پرِنئَ جو
سَهَسين وُٺهو سارَنگ جانِي آيو جوءِ مين ۞

۴

جانِي آيو جوءِ مين ٺهنو قَلبُ قَرارِ
وِيلو وِڇانئي وِٺو ڪَري غَمُ ڪُڏارُ
نِظارو نِرّوارُ پِيئَ پَسايو پانهِن جو ۞

۵

اُنُون ڪَڪَرَ ڪَڏهِنيُون اُتَرَ ڏي آهِينِ
ڪَري آکَمَ آئِيُون تہ مُنّدَ نہ مَٿائِينِ
مَتهان لُڪَ لَطِيفُ چئي ڪُونڌَرَ ڪَنوائِينِ
پَلرِ پِيارِينِ وَسائي آبُ اَکُنّدِرو ۞

۶

اَڄُ بِهِي اُتَرَ پارَ ڏي ڪَڪَرَ ٺهو ڪَري
وَسائي واٽُنِ تي خالِقُ کهَنّڌَ بهَري
پاراران پَري ساڻڪ مَ وَڃِن سِپرِين ۞

۷

اَڄُ بِهِي اُتَرَ پارَ ڏي ڪارا ڪَڪَرَ ڪَرَ ڪِيسَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وِڄون وَسَنَ آئِيُون کَري لَالَ لِبِيسَ
پرِين جي پَرَديسَ مُون کهي مِينهَنِ ميڙِيَا ٭

٨

اَڄُ بهي اُتَرَ پَارَ ڏي ککَرَ کِي چوڙتِي
مُندَائِتي مِينهَ جِي کهِوَنِ نَہ کهوڙتِي
آءُ لَالَنَ تُون موڙتِي کهوڙِيَا رُسَنَ ڏِينهَڙَا ٭

٩

اُتَرَانَ تهي آئِيُون کَري هَکَلَ هُوءِ
بهَري تَلَ تَرَائِيُون جوڙِي هَلِيُون جُوءِ
پَسو جَا پَٽَنِ ميں کهَتهُورِي خُوشبُوءِ
اَچِي رُوءِ بَرُوءِ اُتهِيُون رَوضي تَان رَسُولَ جي ٭

١٠

رَوضي تَان رَسُولَ جي کِٿو وِڄڙِيَنِ وَارو
بهَريَانُون بهيرِ پَٽِي نَظَرَ سِين نَارو
هَادِي بهَرِ حُکَمَ سِين هِي تَڙُ تَاسِيَارو
نِرمَلَ نِظَارو پِيئُ پَسَايو پَانُهِن جو ٭

١١

پِيئُ پَسَايو پَانُهِن جو نِظَارو نَاکَاهَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لَتھو ڪَٽُ قُلُوبَ تَان تھِي وِرُوھِنَ وَاھ

اُميدُون اَرْوَاحَ پِيئَ پَسَنْدِي پُنِيُون ٭

١٢

سَارَنْگَ سَارَ لَھِيجِ اَللهَ لَڪِ اُنْجِنِ جِي

پَانِي پوَجَ پَٽَنِ مِين اَرْزَانُ اَنُّ ڪَرِجِ

وَطَنُ وَسَائِجِ تَہ سَنْگھَارَنِ سُکھُ تھِئِي ٭

١٣

سَارَنْگَ سَائِي سِترَ جھَڙِي لَالِي لَاکھَ جِي

اِينئَ سِي اَبُرَ نِنْگِيا جِينئَ سِي چُنِيَ چِٽَرَ

بَرْسِئُو پَاسِي بھِتَ بھَرِيا کُنَ کِرَارِ جَا ٭

١٤

سَارَنْگَ کھِي سَارِينِ مَاڙھُون مِرکَھَ مِينْھِيُون

آڙِيُون اَبُرَ آسِرِي تَاڙَا تَنْوَارِينِ

سِپُون جِي سَمُونْڊَرَ مِينَ نَٽِين سِجِ نِھَارِينِ

پَلَرِ پِيَارِينِ تَہ سَنْگھَارَنِ سُکھُ تھِئِي ٭

١٥

سَارَنْگُ سِينْگَارِي وِجُون وَسَنَ آئِيُون



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رَن کهي کهوَنِ خُوشِ کِئو جا کَکَرَ مِين کارِي
چَڙنِ چانگارِي لَاتهُمِ کَتُ قُلُوبَ تان ⁘

## وَائِي

مَنهن جي سَيِّدُ سَارَ لَهَندو مُون کهي آهي اُميدَ اَللّه مِين
سِجدي پِئي سُپرِين زَارِي زورِ کَندو
مُون کهي آهي اُميدَ اَللّه مِين
اُمتَ کَارَنِ اَحمَدُ سو اُتِ پَرمَل پَاکُ پَنندو
مُون کهي آهي اُميدَ اَللّه مِين
سُوڙهَ دهکاءِ تهيندو اکهِيُون سَبهِ سَچُ کَڍهَندو
مُون کهي آهي اُميدَ اَللّه مِين
مِيڙو تهيندو مؤمِنين اُتِ مُحَمَّدُ مِيرُ مَلهَندو
مُون کهي آهي اُميدَ اَللّه مِين
نَفسَان نَفسِي سَبهُکو کَرِي دَاتا دَرِ ڏروڙندو
مُون کهي آهي اُميدَ اَللّه مِين
نِيهت ڏِيندُس مَولو اُتِ بَدِيُون بَخشَائِيندو
مُون کهي آهي اُميدَ اَللّه مِين ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## فصل ٻيو

۱

ڀلي ڀت ٿي آئيو سارنگ سهڄ منجهاءِ
کهڙيون کهٽنبار جيئن وڄون اُتر واءِ
سرها سبز ٿيا ڍرامن ڍهب ڪيا
ٻيهري ٻٽن تا ڀهريائين ڪن ڪرار جا ⁘

۲

ڀهريائين ڪن ڪرار جا وٺهو واريا سو
ڪهوڙي ٿي کهوڙن ڪنو ڄنڪو چوماسو
ماڪانئي تان موٽنو ڏيئي ٻمن ڪجهي پاسو
خالق ڪنو خاصو ڇيهو ڇکي ڪنڌهين ⁘

۳

ڇيهو ڇڪنو ڪنڌهين ڪيائين ڪنڪ ٿي ڪل
هڏا ڪُٺان هليو ڀهري ترايون تل
آنڌائين آب اُڇل مٿهي باغ ٻهار ڪري ⁘

۴

اڄ رسيلا رنگ بادل ڪڏهنا برجن سين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سَازَ سَارَنْگِيُون سُرُنْدِڙَا وَڄَايَائُون ٻَرَ جَنْگَ
ضُرَاحِيُون سَارَنْگَ پَلْٽِيُون رَاتِ پَڌَهَامَ تِي ؞

۵

مِينْهَانْ ۽ نِينْهَانْ ٻِنِهِي اَکَهُرِ هِيڪَڙِي
جِي وَسَنَ جَا وِيسَ کَرِي تَہ کَکَرَ کَنِ کِيهَانْ
ٻَادَلُ تهِي ٻِيهَانْ جِي آکَمَ اَچَنَ جَا کَرِي ؞

۶

ٻَادَلَ تُمْ پِي کَرَنَ کَنَکَ جِتِ مِڙَنِ
ٽَنْکَ ٻهِنِي تَرَ سَنْکَ پُسَنِ تَہ پِ سَڄَنَ جِتِ پَوَنِ ؞

۷

کُنْکَنِ کَانْدَهَہ چِتِ کِئو جهُڙُ پَسِئو جهِجَنِ
وِرَنِ رِي وَانْڌهِنِ اَڌِيَا پَکهَا سِي مَہ پَسَنِ
اُتَرُ ڏَرَاهِي اُنِ جَا تَہ کَنْهِن کهِي کَارُون کَنِ
وَارِثُ وَرِي تَنِ اَچِي شَالَ اوُلُو کَرِي ؞

۸

کُنْکَنِ کَانْدَهَہ چِتِ کِيئو جهُڙُ پَسِئو جهُنْکَنِ
سُنِئو رَڙِ رَعْدَ جِي کَلِيُون ٿِهِيُون کَنّبَنِ
کَلِيُون کِي نَہ کُڇهَنِ وِڇَارِيُون وَرَنِ رِي ؞



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وَائِي

سُرَهَا سَارَنْگَ ڏِينهَ سَنْدَاء سُرَهَا سَارَنْگَ
مُنْدَ مِينْهَن جي مَنْڌَل مُوچَارَا ڦُرْبُون يَارِ كِيَاء
سُرَهَا سَارَنْگَ ڏِينهَ سَنْدَاء
مَتهان مُنْجْ كِي مِيكهَ مَلَارَا
مِينْهَ كهُرَنِ تهَا مَالَنِ وَارَا
تو مَان وِرْچَنِ كِي نَ وِچَارَا لَالَنَ كو رَنْگُ لَاء
سُرَهَا سَارَنْگَ ڏِينْهَ سَنْدَاء
كهوتَ كَجِي آء سَنْبَهُ سِكهو تهِيئُ
جَڏو جِيَارِ جَڏَنِ جو جِيئُ
حَالُ ڏِسِين تهو مُنْهِن جو هِيئُ
رِنِ پَٽِ مُلِكَ رِجَاء
سُرَهَا سَارَنْگَ ڏِينْهَ سَنْدَاء
سَدَا اُهِيئِي تو كهِي سَارِنِ
جي نَ كَڏهِن مَنْجهِ كَامَ كُذَارِن
دِلِيُون پَنْهِن جي سِين دهَنَ دهَارِن
اُنِ جِي كَا وَرِنَاء
سُرَهَا سَارَنْگَ ڏِينْهَ سَنْدَاء



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سَارَنگ ٣

عبۡدُ ٱللّٰهِ چَوي اسِي اَنجَايَا
آبَ پِڻّنَ جا ڏِينھَڙَا آيَا
بَادَلَ بَرِ سِرِ هَرۡکَنۡھِن بھَانيَا
هَنّدھِ هَنّدھِ پھَرُون پَاء
سُرَهَا سَارَنگ ڏِينھَ سَنّدَاء ⁘

## فَضُل تَرنُون

١

کُنۡيَرَ کَتِ سِکھَنِ چَلنَ جي چَاھِ پَنِي
هِنُڌَوَا حَيۡرَتَ مِين پِيَا لَالِيۡ کھِي لَبَنِ
جمکَنِ چَوۡڌَسِ چَنّڊَرَ جِينَي وِجُڙيُون وِهسَنِ
لَوۡچِنِ تھَا لَطِيف چَئِي پَسَنَ لَيِۡ پِرِيَنِ
کَيۡسَرِ قَرِيبَنِ سَچُ کِي سَنۡبَاهِي سَانُ کھِيرُ ⁘

٢

مُنۡدَ تھِي مَنّڌَلَ مَنّڌِيَا کِي اوۡهِيڙَنِ اوۡڙکَ
چھَاچھَرِ تھِي چھَنَبَ مِين مِينھُون چَرَنِ مُوۡڪ
سَرۡهِيُون تھِيُون سَنۡکھَارِيُون پوِيڻ پَائِنِ طوۡق



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ميهَا ڇبهڙ ڦهُنڪيون جتِ تهنن سڀهيئي ٿهون
لاهين مَٿهان لوڪ ڏولائي جا ڏينهڙا ٭

۳

مُنڊَ تهي مَنڊَل مَنڊيا تاڙي ڪي تنوار
هارِن هر سنباهيا سرها ٿيا سنگهار
اڄ مُنهن جي يار وسن جا ويس ڪيا ٭

۴

مُنڊَ تهي مَنڊَل مَنڊيا آيو جهڙ جهاتي
هِڪُ اَرزانُ اَنُّ تهئو ٻيو مکهن منجهه ماتي
ڪَلمي سين ڪاتي لاتهم ڪس قلوب تان ٭

۵

ڪنڪو جِنان ڪوڙ ڪري ڪاهيائين ڪاهوجي ڏاهُه
وُٺهو مينهُه وڏپهڙو سري ٻهرِيائين ساهُه
ڏيئي پٽنِ پاهُه ٻهريائين ڪن ڪِرارِ جا ٭

۶

ڏيئي رِڄُ رانگن ڪهي ڪِيائين لوٽِنِي تي لَلُ
ڏلهي ڇهڏيائين ڏن ڪهي پائي ٻهريائين پَلَ
آنڊي آب اُڇهَل موڪَل تهي مينهَن ڪهي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٧

مُون جهُڙُ ڏِٺهو اُبهَ مين ڏهوليَا لَڳَ مَ لاهِ
اَڃِنِ آبُ اَڳي ڪِٿو وِڃُون اُترَ وَاءِ
ڇهِنِ ڇهڏِي پَتِ پَاءِ اَڻِ اُتاهِين پَکهَڙَا ○

٨

مُحِبَّ مُنْهِن جَا سُپِرِين آڻِينْدُءِ اَللّٰهُ
تو کهي سَارِي سَاهُ اُکَنْڌِهِئو آهُون ڪَرِي ○

٩

وَسُ بَادَلَ وَسُ جَان تو وَسَنْدِي وَسَ تهِئِي
اُڃَايُون شَاهُ عِنَايَتُ چَوِي رَاتِ تَنْهِين کهي رَسُ
نِينَ تِرِمَنْدَا پَسُ وَسُ تَه وَرَنِ سُپِرِين ○

١٠

پَاڇهَاتِرِيَّان پَئِي تهِئو آڪَاتِرِيَّان اَڳِرو
ڇُڪَسِ سَبهِ چَئِي تَڏِهِن مَوْلِي مِينْهَ وَسَائِيَا ○

١١

آڪَمَ ڪِئو اَڃِنِ مُحِنَ سَانْوَنَ مِينْهَ جِينئَ
پَاسِي تَنِ وَسَنِ جِي سَبهَ جَمَانْدَرَ سِڪِيَا ○



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وائِي

اَکھِيون مِيکھَ مَلارَ صُورَتَ تُنْھِن جي سَبھُ جَڳُ مؤھِئو
سِنْجدو فِيلَ فِي اَلْحَالُ کِئو پَسِي مُطْلِبَ نُورُ نِرازُ
ڄاڻَنَ وَقْتِ ڄامَ جي کِرِيَا کُنْگِرا کوٽَ کُفارَ
صُورَتَ تُنْھِن جي سَبھُ جَڳُ مؤھِئو
آکِي سَبھِ اُبھَنِ جو تو کِھي کارِيو سَبْزُ سَتَارَ
وَلَسَوْفَ يُعْطِيکَ رَبُّکَ تو سِين قَادِرَ کِيَا قَرارَ
صُورَتَ تُنْھِن جي سَبھُ جَڳُ مؤھِئو
قَادِرَ پَانَ قَسَمَ کِيَا خَاکِ قَدَمَنِ جا گُلْتَارَ
آھِنِ کَرَمَ کَرِيمَ جا اَحْمَدَ سَانُ اَپَارَ
صُورَتَ تُنْھِن جي سَبھُ جَڳُ مؤھِئو
اَنَنْڌِھيَا جي اَبْرَ کِھي سَرِھَا ٿِيا سِي سَنْگھارَ
مؤکَلَ ٿِيِي مِينْھَنِ کِھي دوسَ ھَٿَھانَ دِلِدَارَ
صُورَتَ تُنْھِن جي سَبھُ جَڳُ مؤھِئو ٭

---



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## فَصلُ چوٿون

۱

سَجَنَ سَانْوَڻَ مِينْهَن جَان جهُڙِڪَنِ ڀَاسِي جهُوڪ
ڏِينْدَا ڀَاهُه ڀِٽَنِ کِي مَنْجهَان مِينْهَنِ مُوڪ
لَسَ ڦِيَارِنِ لُوڪَ آڪَمَ ڪِئُو اَکِهَنِ کِي ⁘

۲

اَڄُ ڀِي اُتَر ڀَارَ ڏِي ڪَکَرَ تهُو ڪَري
وَسِئُو سِي ڀَهِري جِي ڏَرَ ڏِينْهَن کَهَائِيَا ⁘

۳

اُتَرَانْ تَهِي آئِيُو تَنْهِن ڪَکَرَ لَاتهُمِ ڪَسُ
وُٺهو مِينْهُن وَڏِڦِهُڙو ڪِئُو جهوڙاني جَسُ
قَيْصَرِ چِي ڪَلَاتَ مِين رَاتِ تَنْهِين کِي رَسُ
نِينَ تِرمَنْدَا ڀَسُ وَسُ تَه وَرَنِ سُپِرِين ⁘

۴

وَاهِنْدَانْ وِڄُون تهِيُون ڪُڙِيُون ڌُهَنْ کَهَنْبهَاتَ
ڪُنْڌِهِيُون ڪَاهِي ڪَسِ ڪَرِئُو وَڇهُون ڪَرِئُو وَاتَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سَنگهَارَنِ سُکُھ تِهِنَوَ لَتهي اُنَ اُسَاتَ
جھُڙَ پھُڙَ ڏيئي جھَاتَ پُسَائِيندو پٽيون ٭

۵

ڪَانڌَھ مَ ڪُھُڙَ ڪھوڙِ مُون جھُڙَ ڏِٺهو اُبهَ ۾ين
سِترَائُون سَانُوڻَ جو جُوڻِيجو ڇي جوڙِ
لَاتهَمِ ڪُونڌَرَ ڪوڙِ مُون کهي کهوڙِنِ خُوشِ ڪِئو ٭

۶

سڄو صَافُ نَ اُبهِري سَرَلِي وِڇَان سڄُ
مُنهِ چَڙهِئو مَاڙهُنِ کهي ڏِٺي وَادهَائي وِڄُ
هِنئَڙَا کهَپُ مَ کهجُ سِکهَا مِلَنڌءِ سُپِرين ٭

۷

ڏهَتِ ڏهَرِي پَٽِ پِبيُون تهيَا وَلهَارَنِ وِيئَ
سِڄُ چَنڊُرُ نَ پَاڙِيَان سِينَنِ جي شَبِيهَ
جي جَانِي اَنڌَرِ جيئَ سي پِرِين پِيهِي کهَرِ آئِيَا ٭

۸

ڏهَتِ ڏهَرِي پَٽِ پِبيُون وِڄُنِ ڪِئو وَاجهُ
پَکهو پَنهِن جي پِرَ لَئِ سِبِي کَرِ سَاجهُ
سڄَڻُ سَبَاجهو بهيڄَ بهِنِيَ کهَرِ آئِئو ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۹

ڏَهتِ ڏَهرِي پَتِ پِيئُون وِڄُنِ ڪَيَا وَرَنَ
اُونْهِي تهِي عِيسوَ چَوِي ڇهَاڇهَرِ سَبهَڪَنْهِن ڇهَنَ
جي مُحِبَّ اَنْدَرِ هَا مَنَ سي پِرِين پيهِي کهَرِ آئِيَا ٭

۱۰

ڏَهتِ ڏَهرِي پَتِ پِيئُون وِڄُنِ ڪَيَا دهَرَمَ
قَادِرَ وَڏَائِي ڪَيَا ڪُنْڌهِنِ سَانُ ڪَرَمَ
سَنگهَارَنِ شَرَمَ رَکهُ مُنْهِن جَا سُپِرِين ٭

۱۱

وَسِي سَارِي رَاتِ صُبُحَ جو سَاهُ کهَنِئُو
مَنْجهِيئِي مِينهُ پِرِيَنِ جو جي تَنَ مِين هُوئِئِي تَاتِ
تَ وِهَانِيَ پِرِبهَاتِ هُونْدَ بَادَلَ بَسِئِي نَہ ڪَرِين ٭

۱۲

مُوتِي مَانْڌَانِ جِي وَارِي ڪِيَائِين وَارَ
وِڄُون وَسَنَ آئِيُون چَوْڏِسِ تهِي چَوْدهَارَ
ڪِي اُتهِي هَلْيُون اِستَنْبُولَ ڏِي ڪَنْهِين مَنجِيَا مَغرِبَ پَارَ
ڪِي چِمڪَنِ چِينَ تي ڪِي لَهَنِ سَمَرَقَنْدِنِ سَارَ
226

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪي رَمِي وِيئُون رُومَ ڏِي ڪي ڪابُلَ ۽ قَنڌَهارَ
ڪي دِلِّيَ دَکَهَنِ ڪي پُورَبَ پَشَمِ ڪُڙَنِ مَتهي ڪِرِنارَ
ڪَنهِين جُنبِي جيسَرَميرَ تان ڏِنا بِيڪهانيرِ بَڪارَ
ڪَنهِين ڀُڄُ ڀِهجَائِڙَ ڪَنهِين ڍَهَٽَ مَتهانئِي ڍارَ
ڪَنهِين اَچِي عُمَرڪوٽَ تان وَسايا وَلهارَ
سانئِيَمِ سَدائِي ڪَرِين مَتهي سِنڌُ سُڪارَ
دوسَ مِتها دِلدارَ عالَمُ سڀُهُ آبادُ ڪَرِين ۞

۱۳

مؤِتِي مانڊَانِ جِي ڀَهِري ڪَيائِين ڀِهجَ
وِڄُون وَسَنَ آئِيُون سارَنگُ چَڙِهئو سِجَ
تَنهِن نُورِيَ نَوازِيو ڏُونَا ڏِيئِي ڏِجَ
ٻِجَ کهَنِي پَٽِ هَلِيا هارِي مَنجهان هِجَ
راضِي مَنجهان رِجَ عالَمُ سڀُهُ آبادُ ٿِيئو ۞

۱۴

مؤِتِي مانڊَانِ جا ڀَهِري ڪَيائِين ڀَهَرَ
وِڄُون وَسَنَ آئِيُون ڪوڏَانْ کهَنِي ڪَرَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مينهون پَانَ مُرَادِيُون تهَدهَا چَرَنَ تهَرَ
وَڏي اوهِ آئِيُون پُٽهِيَ لَائي پهَرَ
سَارِي اَچِڻو سَامُهيُون ڏِنَن کهِيرَ سَحَرَ
سَانُ وَادهَائِنِ وَرَ پرِيَنِ پَرْچَنَ جَا کِيَا ◊

۱۵

حُکُمُ تهِنڻو بَادَلَ کهِي تَہ سَارَنگ سَاتهہَ کَجِنِ
وِجُون وَسَنَ آئِيُون ترَهہَ ترَهہَ مِينهہَ ترمَن
جَنِ مَهَانگو لَهِي مِيڙنو سِي تهَا هَتهہَ هَڻَنِ
پَنْجِنِ مَنْجَان پَنْدرَهَنَ تيِيَا اِيئَ تهَا وَرَقَ وَرَن
ڏُکَارِيَا ڏِيهَنِ مَان شَلَ مُوڙِي سَبهِہ مَرَنِ
وَرِي وَڏِيَ وَسَ جُون کيُون ڳَالهِيُون ڳنوَارَنِ
سَيّدُ چي سَبهِنِ آهِہ توهِہ تُنْهِن جي آسِرو ◊

۱۶

اَنْدَرِ جهُرَ جهورِ وَهِي بَاهَرِ کَکَرُ نَہ کوءِ
وَسَائِينْدِي وِڄَڙِي حُبَّ جَنْهِين کهِي هوءِ
لَالَنُ تَنْهِين لوءِ سِي اَکَانِيَن نَہ اَکهِيُون ◊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۷

اَندرِ جهڙ جهورِ وَهي بَاهَرِ برَسي بُوند اپار.
وَتِ جَنهين جي يَارُ سي اوَڪانِين نہ اَکهيُون ٭

۱۸

آڪَنجِي آئِيُون اُتران ڪَري اورِ
جي پرين هُوڙا ڏُورِ سي مُون کهي مِينهَنِ ميڙيَا ٭

## وائي

سَارَنگ سَانُونَ لَايَا وِي اَلا رِمجهِمِ بَادَلَ ڪِيَا بَهَارَا
آئي مُنڌ موسِمَ مِينهَنِ جِي پرُورَ پَٽَ پُسَايَا وِي
جهٽِ پَٽِ شَابَسِ تهيُون ڇهتِڪَارُون رَتِ پَٽ رِڃ رِجَايَا وِي
اَلا رِمجهِمِ بَادَلَ ڪِيَا بَهَارَا
وِڄُڙِنِ وِيسَ وَسَنَ جَا ڪِيتَا سَرَ سَاوَلِ تهِيَا سَاوَا وِي
گُلَ پهُلَ ڪَاهَ تهيُون گُلزَارِيُون وَلَڙِينِ پَانڌَ وَرَايَا وِي
اَلا رِمجهِمِ بَادَلَ ڪِيَا بَهَارَا
کهورَنِ ڪِي دِلِ خُوشِ خُوشَالِي بَدَّلِنِ بَهَرَ بَنَايَا وِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مَنَ کھڙيا سڀ مَوليِ ميڙِيا اوَسَر نِيا سڀ آيا وِي

آلا رِجھِھِم بَادَلَ کِيا بَھارا

بَلَنڊُ بھَلايُون ڏِسُ بھَلِي جُون چَوُجي چَلَت چلايا وِي

صَاحِبُ سَرَھو رَکھُ سَدائِي سَبھ تھيا کَمَ سَجايا وِي

آلا رِجھِم بَادَلَ کيا بَھارا ◊

---






books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# کيڏارو

## فصل پهريون

١

سانباهو
سعيو

ڏِٺهو مُحَرَمُ مَاهُ سَونَکو شَهْزَادَنِ ٿهئو
جَاني هيکُ اَللّٰهُ پَانَ وَنَنْدِيُون جو کَري ⁘

٢

ڏِٺهو مُحَرَمُ مَاهُ سَونچو شَهْزَادَنِ پِٺو
مَکي مَدِيني مَارُهئين رُنئو مَتهيئي رَاهَ
تَنْهِن وَاحِدَ کهي وَاهَ جو حُکَمَ هِهَرَائي کَري ⁘

٣

مُحَرَمُ مونِتي آئيو آيا کي نَ اَمِيرَ
مَدِيني جَا مِيرَ ڏَاتَرَ مُون ڏيکهَارِئين ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۴

مُحَرَمْ مؤتِي آئيو آيا. تا نہ اِمام
مَديني جا جام مَوْلا مون کهي مِيڙئين ◈

۵

مِيرَ مَدِينانْ نِکري ڏيرا ڏِنائُون
کاٿهي پاٺي کاهہ کهي ماڙهُون مُکائُون
چڙهنْدي چيائُون تہ تهينْدِي وِيڙهہ وَڏانْدِرِي ◈

۶

مِيرَ مَدِينانْ نِکري رِڙهيا مَتهي رَنْدَ
کهوڙا تَنِ کهوڙَنِ جا پُريا مَتهي پَنْدهَ
جِتي رَهِيا رَاتڙي سي سُکَنْدهَا هَنْدهَ
کُلْهَا کَرِنْکَهَرَ کَنْدهَ جهلَنِ جهُونْجهارَن جا ◈

۷

مِيرَ مَدِينانْ نِکري آيا نہ موٽِي
کارا بوڙِج کپڙا آدا نيروٽِي
آن تَنْهِين لِءِ لوٽهي جي مِيرَ مُسافِرَ تهيا ◈

۸

مُخْتِي شَهادَتَ جِي مَلارُ مِڙوئِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏرو ناهِ يزيدَ جو آثارُ اُهڙيي
ڪُسَنَ هوڪوڙيي اَصُلُ اِمامَنِ جو ٭

٩

ڪَتي شَهادَتَ جِي مِڙوئِي مَلارُ
ڏرو ناهِ يَزِيدَ کهي عِشقَ جو آثارُ
ڪُسَنَ جو قرارُ اَصُلُ اِمامَنِ سان ٭

١٠

ڪَتي شَهادَتَ جِي سُنُ شادِيَ جو ڏِينهُ
ڏرو ناهِ يَزِيدَ کهي نِسوروئِي نِينهُ
مَرَنَ اُتهوئِي مِينهُ عَلِيَ جي اولادَ تان ٭

١١

ڪَتي شَهادَتَ جِي نِسوروئِي نازُ
رِنڊ پَرُوڙنِ رازُ قَضِيو ڪَربَلا جو ٭

وائِي

اَڄُ مِيرَ مومِنَنِ جا مَدِينو ڇهڏِيي هَلِيا
مَدِينو ڇهڏِيي هَلِيا سِي مَدِينون لَڏِي هَلِيا
سِڄُ چَنڊرُ مُصطَفا ڏِيي يَڪدِلِ ڪَڏِي هَلِيا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هَيِ هَيْ اَنڌهارُ ٿيھو اُنِ رِیَ تارا لَڏي هَلِيا
اَڄُ مِيرَ مؤمِنَنِ جا مَدِينو ڇَڏي هَلِيا ⁘

## فَصُلُ ٻيو

۱

جھيڙو لاهِ يَزِيدَ عَلِيَ جي اَوۡلادَ سان
سا نہ پَسَنۡدِين عِيدَ جا هُونۡدِي مِيرَ حُسِينَ سان ⁘

۲

جَنۡهِين جهيڙِيو ڪالهہ عَلِيَ جي اَوۡلادَ سان
هَيِ تَنۡهِين جي حالَ جي جَماتِي يَزِيدَ جا ⁘

۳

جَنۡهِين جهيڙِيو اَڄُ عَلِيَ جي اوۡلادَ سان
پَئِي تَنۡهِين کھان ٻهڄُ جي جَماتِي يَزِيدَ جا ⁘

۴

ڪِلي وِيرَ ڪَٽَڪَ مِين هَيِ جي حَسَنُ هو
نہ ٻهيڙو ٻهاءِ تي هُنۡتَ پَٽَنۡڪَ جِينئَ پِيو
آهي ڪِيرُ ٿيو جو ڪَرے هَلاڪُون مِيرَ حُسينَ تان ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۵

ڪِلِي وِيرَ ڪَتَڪَ مِين سَاهُو سَبهِ نَہ هُونِ
پِڙَ تِي سِيئِي پُونِ مؤتَنُ جَنْهِين مِيهِنو ❊

۶

ڪِلِي وِيرَ ڪَتَڪَ مِين ڀهَاڪُرُ جو پَائِي
اَنجَان تَنْهِن کهِي جِنَّنَ جو آسَانْڪو آهِي
سُورِهُہ چَائِي جو رُڳوئِي رِنِ کهِرِي ❊

۷

حَسَنُ نَاهِ حُسِينَ وَتِ بِيلِي نَہ بَانْهُون
سَاڙِيهُہ شَهْزَادَنِ جو آهِي اَڳَاهُون
يَزِيدُ جُلَاهُون تِيلَان کَرِي تَکِڙِيُون ❊

۸

حَسَنَ مِيرَ حُسِينَ جِي سُئِي جَنْگِ جَهَانَ
اُڏَانَا اُورِ کَرِي کَارِين پَکهِين کَانَ
پِئُ ڏاڏَا پَانَ سَيِّدَ سَبهِ مَلهَائِيَا ❊

۹

حَسَنَ مِيرَ حُسِينَ کهِي رُنئو تَرِنِ تَوَلَنِ
کهَرِ مَاڙهُون جهَنْگِ مِرُون اُبهَنِ مِين مَلَکَنِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پَکهِنِ پَانُ پَچهاڙِئُو تہ لَڌِيَا هوتَ وَنجَنِ
اَلا شَهْزَادَنِ سوبهُون ڏِئين سَچَا ڌهَنِي ٭

١٠

حَسَنَ مِيرَ حُسينَ جو جَنِ نہ هِنئڙي جَارُ
خَالِقُ رَبُّ جَبّارُ کِي نہ مَرهِيندو تَنِ کهي ٭

١١

پَاوَنْکُ بِيٺهو پِڙَ ميں هَنِي هَزَارِي هولُ
هِيرِي لَالَ جَوْهَارَ سيں کَامِلَ سِرِ کَنْکولُ
رَتورَتِ تولَ مولهيو مِيرَ حُسينَ جو ٭

## وَائِي

سَارو ڏِينهُ رِنَ ميں رَهِيَا سي اِمَامَ
رِنَ ميں رَهِيَا سَارو ڏِينهُ رِنَ ميں رَهِيَا
تون جَان وَنجيں کُونجڙِي هَيْ هي نَانِي ڏِجِ سَلاَمَ
مون کهي وِيرِنِ وِيڙهِئُو هَيْ هَيْ مَوْلا مِينهُ وَسَاءِ
سَارو ڏِينهُ رِنَ ميں رَهِيَا سي اِمَامَ ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## فصلُ ٽرٽون

١

ڪُوپا ڪِلي ڪوڙِيا رَاوت ڪِي نه رَهَنِ
سَاهُنِ سِرَ گهوڙِيا اڳيان اِمَامَنِ
جَاهِدُو فِي سَبِيلِ اللّٰهِ ڪَمُ اِهوئِي ڪَنِ
حُورُون هَارَ ٻَنْدهَنِ سِهرَا شَهِيدَنِ کهي ○

٢

ڪُوپا ڪِلي ڪوڙِيا سَاهُو سِلَاحِ دَارَ
هِڪِڙا ڀهَائُرَ ڀِٽا ڀهَاتِريا ٽريَا جَانِي يَارَ
اَرْڏَنِ مِين اِحسَانُ ڇَوِي صُوبَا تهِيَا سَرْدَارَ
حُورُنِ ٻَدهَا هَارَ سِهرَا شَهِيدَنِ کهي ○

٣

ڪَامِلَ ڪَرْبَلَا مِين اَهَلِ بَيْتَ آيَا
مَارِي مِصِرِنِ سِين تَنِ ڪَافِرَ ڪَنْبَايَا
سَچُ سي ٻِيبِيَ جَايَا هِڙَا سُورهَ سُپِرِين ○

٤

ڪَامِلَ ڪَرْبَلَا مِين آيَا سَيِّدَ شَبِيرَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

..اري مِصرن سين ڏهونڍهه ڪِيائون ڏهيرَ
ڌهليا تهي دِليرَ حَملو پَسي حُسينَ جو ⁘

۵

ڪامِلَ ڪَربَلا ميں آيا جُنگ جُوانَ
ڌهرتي ڏڪي ڌهڏي ٿهرٿهليا آسمانَ
ڪَرهِ هُئي ڪانَ هو نِظارو نينهَه جو ⁘

۶

ڪامِلَ ڪَربَلا ميں آيا اَڄُ اَميرَ
ريهي ويرن سامُهان تِکها هيائون تير
هُئي اِها تَقدِيرَ اِمامن سان اڳهين ⁘

۷

ڪامِل ڪَربلا ميں پان آيا پيهي
پَهُه ڪِيائون پانَ ميں مُقابِلِ ويهي
قَضا هِيَ ڪيهي هُئي هِيَ تهي حُسين سان ⁘

۸

دوسَ ڪُهائي ڏاڍُلا مُحِبَّ مارائي
پانَ پِيارَن کهي تهو تَختيون سهائي
..بين مَنجهه آهي ڪا اُونهي ڳالهه اسرار جي ⁘

۹

ڪانڌهه ڪراڙين ڪپڙين ورَ وَناهِنو آ؛
جت سانگِن جي سَنهه، وِهي اُتِ وِکهه وَدهَنڌِي پاءِ
تان تان ٻهوُءَ ٻهانئِ جان جان نونڌِين نه جَڙهين ۔

۱۰

جهلندِيون اَچِن جهوليُون جهونجهارِن جُون
پايو ٻک ٻهارَ جا اُنِ جُون وَهُون وَاڪا ڪن
پٽي پار ڪنڌهن رنِ ڪِجي رازُو تيهِنو ۔

۱۱

ڏِٺهو ڪالهه ڪَنهين جهونجهارِکو جيگڙُو
هاٿين هڏ ڦِهائيا رِيلُو رَتَ ڏيهين
ٻهاڙن سا سَنئين جيان جهِئِ جڙکيو تهڻي ۔

۱۲

ٻهگو آن نه چوان مارئو ته وِسهان
ڪانڌهه منهه مين دهڪڙا سيکينڌِي سَهان
تان ٻهي لِڄ مران جي هُرِنس ٻٿهه مين ۔



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وائي

اَڄُ نہ آيو اِمَامُ وَا وِيلَا مؤمِنَا مَاتَامُ وَا وِيلَا
اَنُّ نہ پَائِي اُنِ کهِي نہ کو اُتهُنَ مِينهُ
هُوَا سَتَائِيِ جَنْگِ مِين نَوَنْ رَاتِيُون ڏَهَ ڏِينهَ
مؤمِنَا مَاتَامُ وَا وِيلَا اَڄُ نہ آيو اِمَامُ وَا وِيلَا
ڏُلْڏُلُ کهوڙو شَاهَ جو مَتهِسِ لَالُ پَلَانُ
اَڄُ شَهْزَادِي لَڏِنو سَيِّدَ سِڄَ نہ مَائِي
وَا وِيلَا مؤمِنَا مَاتَامُ اَڄُ نہ آيو اِمَامُ وَا وِيلَا ٭

---

## فَصُلُ چوٿهُون.

۱

ڪَا جَا ڏَهَرِي ڏَهَنگهِرِي ڪو جو وَرِئو وَاء
عَلِيَ شِيرَ وِيَاء رِنَ مِين پيِئَنَ رَاتَڙِي ٭

۲

مَرُ مَرَانُ آنئُون پيئِي تُون مؤتِي آءٌ مَ ڪَانْڍَهَ
مُجهَنِ تو پُنَّاء ڪُجهُ ڪَنِم جيڏِيُون ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۴

کهوڙَن ۽ کهوٽَنِ جِنَ تهورا ڏِينْهَڙا
کَڏهِنْ مَنْجهِ کوٽَنِ کَڏهِنْ وَاهِي رِنَ جا ٭

۵

جَنَّتَ سَنْدِيَنَ جوء فَائِقَ هَلْيَا فِرْدوسَ ڏي
فَانِي تهِيَا فِي اللّٰهِ سِينِ هُوء مِين پِيَا هوء
رَبَّ پَسَايُونْ رُوء اُنْهِين جِي اِحْسَانَ سَان ٭

۶

ڪَارِي ڪَکَرَ هيٺهِ مُون جهپِڙِينْدَا ڇهَڏِيَا
ڪَارَا ڪُنْدَ هَتهَنِ مِين سَرَلَ وَڇهيرا هيٺهِ
تهِيئُ تَنْهِين سِين ڏيٺهِ موٽَنُ جَنْهِين مِيهِنو ٭

۷

رَاوَتَ ڪُڏِي رِنَ مِين کهَنِينْ کهِيلُونْ ڪَنِ
وِجهَنِ دهَڙَ دهَڙَنِ تي هُونْگَارِئو هَنَنِ
کهَنَنِ ڪَنْدهَ بهَڄَنِ رِنِ ڳَجِي رَاڙو تهِئو ٭

۸

حُرُ هَلِي آئِيو هُنَ پَارَانْ مَانْجهِي مَرْدَانو .
آهِيَان عَاشِقُ آڳِ جو پَتَنْگُ پَرْوَانو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مان رَاضِي ٿيِئي رَسُولُ رَبَّ جو نَبِي تو نانو
هِيئَ سِر سَمانو کهوتَ متهانٿُو کهوڙِيان ٭

۹

هُئي هِدَايَت حُرَ کهي اَصُلَ مين اَمُرَا
چڙهي آيو جَنگِ تي هَنئي هَانبَارَا
اِينٖدِي اُتَائِين اِمَامَ کهي کهوڙيِسِ آن متهَا
لَا يُكَلِفُ ٱللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعُهَا جيکَا پُجَندَمِ سَا
کهوتَ پِہ لَکو کهَاءِ هو بهِي شِيرُ شَهِيدُ ٿيئو ٭

## وَائِي

کِنو مَلَکَنِ رِنِ مَاتَامُ وَا وِيلَا مِيرُ حُسينُ سِدهَارِئو
ٿيئو مَلَکَنِ رِنِ مَاتَامُ هَيِ هَيِّ وو شَاهُ حُسِينُ سِدهَارِئو
کَرْبَلَا جي پڙ مين خِيمَا کهوڙِيائُون
جَا تَقْدِيرَ رَبَّ جِي سو لِکهئو لوڙِيائُون
وَا وِيلَا مِيرُ حُسِينُ سِدهَارِئو
کَرْبَلَا جي پڙَ مين آيَا اَجُ اَمِيرَ
جهُڙَ وَرَاکِي جهَلْيَا طَرحَ سَنْدِيَ تَقْدِيرَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هَيْ هَيْ ورَ مِيرُ حُسِينُ سِدِهَارِئو

پَسِي تَخْتِي مِيرَ حُسِينَ جِي رُنئو نَبِيَنِ زاروزارُ

مَلَکَ فَلَکَ دهَرْتِي دهُبِي تهِي اُبهَنِ مَتهِي اُچهنِکارَ

وَا وِيلَا ورُ شَاهُ حُسِينُ سِدِهَارِئو

فَرْزَنْدَ عَلِيَ جا دَادُلَا چيو بِيبِيَ فَاطِمَتَا

خُونُ چِهکِينْدِيَسِ کِي نَہ چهَڏِينْدِيَسِ جَانِي آن جو قِيَامَتَا

هَيْ هَيْ ورُ شَاهُ حُسِينُ سِدِهَارِئو

فَرْزَنْدَ مُنهِن جا لَاڏُلَا مُون تَان کوڙِ نِپَايَا

بِيبِيَ جَنَّتَ خَاتُوْ پَارَ کَڍهِي کرِ لَايَا

وَا وِيلَا ورُ شَاهُ حُسِينُ سِدِهَارِئو ٭

---

## فَصْلُ پَنْجُون.

١

ڏَاڙهِي رَتِ رَتِيَاسِ ڏَنْدَ تَہ ڏَاڙهُوَ گُلَ جِينئَ

چوڏِهنئَ مَاهَ چَنْڊرَ جِينئَ پڙ.مين پَاکڙِيَاسِ

مِيڙِي مين مُحَمَّدَ جي مَرُ مَرْکِي مَاسِ

تَنهِن سُورهَ کهِي شَابَاسِ جو مَتهِي پڙ پُرْزَا تهِئي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢

ڏاڙهي رَتِ رَتِيَاسِ ڏَنْدَ تَہ موتِنِ جَان مُڪتِيَاسِ
چوڏِهِنءَ مَاهَہ چَنْڊَرَ جِينءَ پِڙَ مِين پيشَانِيَاسِ
اَللّٰہُ نُورُ السَّمٰوَاتِ وَالْأَرْضِ جُلْبو زِيبُ ڏِنَاسِ
سِيمَاهُمْ فِي وُجُوهِهِمْ مُنْهَہ مِين مَنِ تهيَاسِ
ڪَڪِرَا ڪَرْبَلَا جَا مَادَرِ تهي مِيڙِيَاسِ
پهتَنِ تَان رَتَ پهُڙَا عَلِيَ تهي اُکهَتهَاسِ
مِڙِئي مُعَافُ ڪِيَاسِ خَالِقَ بَدِلي خُونَ جي ٭

٣

ڪُوفِنِ قَهَرُ ڪِئو تهيَا جَمَاعَتِي يَزِيدَ جا
پَلِيتَنِ کهي پِڙَ مِين وَرْنَهُ وَرِ پِئو
سَدهَرُ هونَ سِهو شِيرُ شَهَادَتَ رَسِئو ٭

٤

ڪُوفِي ڪَرْبَلَا مِين پَانِي نَہ پِيَارِينِ
اُتي عَلِيَ شَاهَہ کهي شَهْزَادَا سَارِينِ
نِڪِرِئو نِهَارِينِ تَہ چَڙهُ مُحَمَّدَ عَرَبِي ٭

٥

ڪُوفِنِ ڪَاڪَرُ لِکهِئو وِچِ وِجهِي اَللّٰہُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اَسي تَابعَ تُنْهِن جا تُون اَسانْهِن جو شَاھُ
هيڪَرَ هيڏي آءُ تَہ ڪَرِيُون تَختُ تَابِيني تُنْهِن جي ؞

٦

پِرهَ پَکِهي آئِيو ڪَرْبَلَا مَان کِهي
رَوضي تي رَسُولَ جي تَنْهِن اَچي هَانْکَ هَئِي
تَہ ڏِتِهَمِ رُڪَ رَئِي چَڙهُ مِيرَ مُحَمَّدَ عَرَبِي ؞

٧

پِرهَ پَکِهي آئِيو صُبْحِ سَوَارُو
رَوْضي تي رَسُولَ جي کِيَائِين نَارُو
تَہ مَانْجهِنِ سِرِ مَارُو چَڙهُ مِيرَ مُحَمَّدَ عَرَبِي ؞

٨

پِرهَ پَکِهي آئِيو ڪَرْبَلَا مَان کَالهَ
آهي بهَرِيُو رَتَ سِين هَيُّ مَنْجهَان حَالَ
کهوَتَ وِنَاهِيَا کَالهَ بِيلِي مِيرَ حُسِينَ جا ؞

٩

ڪَرْبَلَا مِين ڪُوڪَ سَاجهُرُ شَهْزَادَنِ جي
عَالَمَ جا مَلُوڪَ رُڪَ رُوکِي جهَلْيَا ؞



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٠

ڪَرْبَلا ڪڪوريِ ڏلْڏلَ رَتا پير

سَٺون ڏِينْدي شِيرَ مَتهان سِجَ مُرْڪِنو ٭

١١

چارِ تَرَارِيُون چِيلهِ سِين بَنْڌهي بَہ پاڪُون

اَکِيَنِ جُون اَکُون ڪُوْنرَ کِلي مِينِ مؤکهيُون ٭

## وَائِي

يَا عَلِي عَلِي سِرِ يَتِيمَنِ جي آئِي

آيو حُڪُمُ اَللّٰهَ جو يَا اِمَامَ

يَا عَلِي عَلِي سِرِ يَتِيمَنِ جي آئِي

ٻَنِ وِڇهوڙو مَوْتَ جو يَا اِمَامَ

هَيِ رو اَلا چَارِئِي پَهَرَ جُدَائِي

آيو حُڪُمُ اَللّٰهَ جو يَا اِمَامَ

آتهرَ پَتهرَ ميڙي سَائِين اَلا بِيبِيَ ديکِ چَڙهَائِي

جَنهين ڪَارَنِ چَاڙهيَائِين سِي ڪَرِنِ لَڙَائِي

آيو حُڪُمُ اَللّٰهَ جو يَا اِمَامَ

يَا عَلِي عَلِي سِرِ يَتِيمَنِ جي آئِي ٭

---



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## فَصُلُ ڇهون.

۱

ڪَونَرَ ڪِلِي جا ڪوڏِيا جاڪِي تائِين جِيئُ
مَتهان آئِنِ اُسِرِي رُکَ پِيالو پِيئُ
ڳاهُ ڳُجهن جو تهِيئَ وِيتهِي جَنِ وَرِهَ تهِيا ⋄

۲

پاکَ جَنهين جا پيرَ کهَٽانُ هيٺهِ نَ کهوڙِيا
تَنکَ تَرارِنِ تِڇهِيا ڇهَنِٽو پُورنِ ڇهُکِيرَ
ڏهُونڍهَ تَنهِين جا ڏهِيرَ ڳُجهَڙِنِ ڳرِ لائِيا ⋄

۳

ڇهَپَرِ جِينئَ پهُونُ تِينئَ رِنُ ڳُجهنِ ڇهانِٽو
وَونکا وَونکَنِ ڪَڍِيا ڏروڙِٽو ڏِٺَنِ ڏَرِهُونُ
مُنهانِئِنِ وَهُونُ نِيرَ مَهَتِيُون ڪَنڍِيُون ⋄

۴

ڳُجهُون ڳوتهِ نَ هُونِ وَتَنِ ڪِلِي ڪوڏِيُون
حَسَنَ مِيرَ حُسِينَ کهِي لَمِٽو لَنوُن ڏِينِ
ڳُتا اُکهِيلِينِ ڇوتا چُوڙِيارِنِ جا ⋄



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٥

ڳجهن ڳارو راتوڏينهان رن مين
ٻهنئو ڳجهن پان مين ڪنهن منهه ڪيڏارو
کهائن کهڪارو ڪانئڙ ٻنهو ڪنو تهئي ⁘

٦

ڳانئو ڳجهه نه کهاء مينهي ماس نه هيروين
تنهين لئي واجهاء ڪلنڪيون جن ڪپار مين ⁘

٧

اکهيون ڪڏهه مه ڳجهڙي تارا تون مه کهاء
ٻنهو نه ڏسين پٽ مين ريکهيارو راء
جنڙي تنهن جوان جي نون سا نون کهاء
رات جنهين جي ماء روئي پرنئو رب کهي ⁘

٨

کهنبه کهسني ڳجهڙي لنگين پوئي واء
امبرن متهاء جنهن تو پهلين چهانئون نه ڪيون ⁘

٩

سورڻ مرين سوبهه کهي ته دل جا وهم وسار



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هَنُ بهَالو وِڙهه بهَاڪرِين آڏي ڏهَالَ مَه دهَارِ
مَتهَان تيغِ ترَارِ مَارِ تَه مَتَارو تهِئين ❊

۱۰

هَنَنُ هَڪلَنُ بيلي سَارِنُ مَانجهِن اِيئَ مَرَڪُ
وِجهَن تَان نَه فَرَقُ رُڪَ وَهَنْدِيَ رَانْدِ مِين ❊

۱۱

ڪهوڙو ڪهوتَ پَلاَئِئو مَتهِسِ زِينَ دهَري
عَلِي شِيرُ پُترَنِ ڪهي اُبهو سَڌَ ڪَري
اَڄَانْ ڪِينئَ ڪَري جو اَمرُ اِلاَهِي آئِيو ❊

۱۲

آيَا اُجَارِنِ تَنْڪَ تَرَارِيُون تيورَا
سَانْڪِيُون سَاهُنِ هَتهَ مِين ڪُلْهَنِئَان نَه لَاهِينِ
اُبهَائِي آهِينِ مُنْهَائِين مَرَنَ تي ❊

۱۳

بهَجي آئِين بهَجنَا تُون لَڄَائِين يَارَ
وِيتهِيُون ڪَنِ ڪُوَارَ مُنْهَ مَتهَاهِين جَنِ جَا ❊

۱۴

مُنْهَ مَتهَاهِين جَنِ جَا سِي پِٽِئو ڪَڏهَنِ پَارَ
چِيڏِيُون هِنَ جهُونْجهَارَ اُجَارِي اَڇهَا ڪِيَا ❊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٥

بھَجِي آئين بھَجَنا مُون لَڄَايَيِ سِينَ
وِيٺھيُون وِجھَنِ ۾ِينَ مُنْھَ مَتھَاھِين جَنِ جَا ⁘

١٦

چَنْڊَرَ وِھَانِيَ چَڙھِيَا مَلھَ مَدِينَانْ مِيرَ
اُنِ سِين طَبَلَ بَازِيُون تَبَرُون ڪُنْدَ ڪَتَارَا ڪِيرَ
عَلِيَ پُٽرَ اَمِيرَ ڪَنْدَا آرَاڙُو رُڪَ جو ⁘

١٧

چَنْڊَرَ وِھَانِيَ چَڙھِيَا مَلھَ مَدِينَانْ ڪھوٽَ
تَنِ سَان طَبَلَ بَازِيُون تَبَرُون ڪُنْدَ ڪَتَارَا ڪوٽَ
عَلِيَ پُٽرَ اَموٽَ ڪَنْدَا آرَاڙُو رُڪَ سَان ⁘

١٨

چَنْڊَرَ وِھَانِيَ چَڙھِيَا مَلھَ مَدِينَانْ جَامَ
تَنِ سَان طَبَلَ بَازِيُون تَبَرُون تِيرَ تَمَامُ
عَلِيَ پُٽرَ اَبھَامَ ڪَنْدَا آرَاڙُو رُڪَ سَان ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وائِي

مَاتَامُ اِمَامَنِ جو ڪرڻو مَاتَامُ شَهِيدَنِ جو ڪرِڻو
روئِي روئِي اَکهِيُون رَتَ سِين ڇهو نہ ڀهرِڻو
جيڪِي اِمَامَنِ سَان ٿِيو سو پَانَ ڏهَنِيَ پِيُدَا ڪِيو
پَانِي پَلِيتَنِ بَنّدِ ڪِيو روئِي روئِي اَکهِيُون رَتَ سِين ڇهو نہ ڀهرِئو
مَاتَامُ اِمَامَنِ جو ڪرڻو مَاتَامُ شَهِيدَنِ جو ڪرِڻو ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# آبِري

## فَصُلُ پَهِرِيون

١

اَوَّلِ آخِرِ آهِ، هَلَنُ مُنْهِن جو هوتَ ڏِي

ڀوڙهِئو سَنڌو ڀوڙهِيَتِينَ وَالِي کي مَ وِڃَاءِ

سڄو مُون تهوڙو لَاءِ، جِينئِ جِنڙي مِلَانَ جت کهي ٭

٢

ڏَري ڏَاري سَتَ سُورَنِ جي سَسُئِي

سَا پِيئي پُنهو ڏي پِرَمَلِ پهَارِي

لَالَنَ جِي لَطِيفُ چَوِي سُونُهَن سَتِي سَارِي

پِرَ پِٿِيون پَارِي مَارُوءَ مِين مُنُدهُه مَنِي ٭

٣

جي سَجَائِي سِکَ تَه ڀِي سِکي سَسُئِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پِيتائِين پِنْهُو سِين هَڏِ نـ ٻهَڪِيَسِ هِڪَ
اِنَ تَرَّ مَنْجهَان تِڪَ پَانَانْ ڏِني اُنجَ تهِٻَي ⁘

٤

پَسِي جوتِ جَمَالَ جِي جَنْهِين پِيتِي پِڪَ
اَپِرِ اَڪَانْجهو تهِٺو سُورَ تَنْهِين کهِي سِڪَ
هَڏِ نـ ٻهَڪِيَسِ هِڪَ سَدَا سَائِرَ سِيرَ ۾ين ⁘

مُحَبَّتَ جَنْهِين جي مَنَ ۾ين اُنجَ تَنْهِين کهِي تَارِ
پِي پِيَالو اُنجَ جو اُنجَ سِين اُنجَ اُتهَارِ
پَنْهُون پَانَ پِيَارِ تـ اُنجَ سَان اُنجَ اُجهَائِيَانْ ⁘

٦

مُحَبَّتَ سَنْدو مَنَ ۾ين پُرِ پِيَالو جَنِ
پِنَّنَ پَرَّچَا نَاهِ ڪَا ڪَنْهِن جَنْهِن ڏَاهِ ڏُٻهَنِ
تَنْهِن نِهَايَتَ نَاهِ ڪَا جَنْهِن سُنجَا سُنجَ وَنجَنِ
ٻيلَانْ اُنجَ مَرَنِ سَدَا سَائِرَ سِيرَ ۾ين ⁘

٧

سَدَا سَائِرَ سِيرَ ۾ين اَنْدَرِ لَهِي نـ اُنجَ


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پَسَنُ جو پرنءَ جو سَا سَبهائِي سُنجَ
ٻيلان مَرنِ اُنجَ سَدَا سَائِرَ سِيرَ ۾ين ﴿

۸

سَاجَنَ ڪَارَنِ سُنجَ مَرُ قَبُولِي سَسُئِي
اَندرِ جَنهِين اُنجَ پَانِي نَہ اُجهي اُنِ ڪهي ﴿

۹

پَانِيَ مَتهي جهوپِڙا مُورکهہ اُنجَ مَرِنِ
سَاهَہ اوڏا سُپرِين لوچِي تَا نَہ لَهَنِ
دَمُ نَہ سُنجَانَنِ، دَانهُون ڪَنِ مُتهَنِ جِيئَءُ ﴿

۱۰

سَسُئِي ڪِي نَہ سَجهوءِ اوري آرِيَ سَانُ
ڪَرِي پَکهہ پُنهُوَ سين پَادِهَارِيَائِين پَانُ
جَتِ وِنجَائِيُءِ جَانُ ٻَانبهَنِ ٻروچَنِ سَانِ ﴿

۱۱

لَڳِي ڪوسو وَاءُ لوڪ مِڙيئِي لَهَسِئو
اُبهَنِ مَنجهَان آئِيو هِيِ هَيِ جو هُڳَاءُ
پَکهن پِچَارِئو پُنهُ پُنجَانَاءُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رَسِنَو سُورُ دهَنارَ کهي جَانَارَنِ وَٽَا،
مِرَنِ مَوْتُ مَنجِئَو اَپرِ اَفسوسَا،
ہَر ہَرِ کَنِ ٻَکهَا اُکَنڊِهِيا آرِيَ لَئِ کهَنو ⁘

۱۲

مَهَنْدِ موٽهَاجِي کَرِي ٻُتهِيَ پِيرُ کهَنِجِ
کُہيلِيَانِي کِجِ ڏِي هُجَ مَ هَلَائِجِ
پَانَانْ دهَارَ پِرِيتَنَو سَسُئِي سَانُ وَتهِجِ
اوڏِي عَزَازِيلَ کهي وِجهِي ٽَون مَ وَنجِ
نَا اُميدِي نِجِ تَہ اوڏِي تهِئِين اُميدَ کهي ⁘

۱۳

مَهَنْدِ موٽهَاجِي کَرِي هُجَ وِنجَائِي هَلُ
عُذرِ خوَاهِيُون عَاجِزِيُون سَسُئِي کَنْهِن مَ سَلُ
ڏُونْگَرَ ڏورِ ڏَاکهِڙَا لَنْوَنْ رِيَ کوٺهي لَلُ
اِيئُ ٻهَلَائِيَ جو ٻهَلُ جِنئَ پَاسِي تهِنْ پَانَ کهَان ⁘

۱۴

وِيهُ مَ مُنْدهَ ٻهَنْبهورَ مِين هَاڙهِي هَڏِ مَ هَلُ
کُوڙِي کِجِ مَ کَڏِهِينَ سَچِي ڳَالهِ مَ سَلُ
تَنْهِن جَانِبَ کَانِ مَ جَلُ سُکهُ وِسَارِ مَ سَسُئِي ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٥

سُکِهي تهيئُ مَ سَنِري پَيِ پَسِي ڏُکَهَ مَ ڏَرُ
پَتِي کَرِ مَ پَاڻِهِن جو گهوڙِي هَڏِ مَ کَهَرُ
مَارِي هَڏِ مَ مَرُ ڇِهُنِ جِيئُ جِيَارِئين ٭

١٦

سُکِهي تهيئُ مَ سَنِري ڏُکِهي تُون نَ ڏرين
اوڙِي هَڏِ نَ اُبَهِين پُورِين تَا نَ پَرِي
سَرَتِيُون تهو نَ سَرِي بِنْهِينَ رِي بَانْبهَنِ کِهي ٭

وَائِي

تَنَ مَنَ مَنْجهِ تَنْوَارَ اِي يَارَ سَدَا آهِي سُورَ جِي
مَرْضَ تَان مُون کِهي تهِيَا حَڪِيمَنِ هَزَارَ
اِي يَارَ سَدَا آهِي سُورَ جِي
دَوَا آهِين دِلِ جِي وَارِثُ وَاقِفڪَارَ
اِي يَارَ سَدَا آهِي سُورَ جِي
آنِي ڏِي عَلِيلَ کِهي تُون مَعْجُونُونَ موچَارَ
اِي يَارَ سَدَا آهِي سُورَ جِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏِيَان خيرُ خِزَانَ ۾ِ ڀِي تو مَنجهه بَهَارَ
اِي يَارَ سَدَا آهي سُورَ جي
بَنْدِيَانِي ڀَهنبهورَ ۾ آنُٺون سَا آهِيَان دهَارَ
اِي يَارَ سَدَا آهي سُورَ جي
سَدَا چِنِکَنِ چِتَ ۾ جِينءَ سي ڪَهَنڊِنِيَ لَارَ
اِي يَارَ سَدَا آهي سُورَ جي
آهي عَبْدُ اَللطِيف کِهي تُنْهن جي پيءَ پچَارَ
اِي يَارَ سَدَا آهي سُورَ جي ⁘

---

## فَصُلُ بِئو

١

پَسِي ڏُونگَرَ ڏَاڙهَ جِنءَ مَ هَلَنَ ۾ هِيٺِي تهَئين
مَجَازِيَانِيُون مُوٽِيُون سُنِي پَنْدهَ پچَارَ
پوٺِي پَاڻِ پرَ لِي حَقِيقَتَ جا هَارَ
سِکِهي لَهَنْدهه سَارَ آرِيَانِي عِنَاتُ چَوِي ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢

پَسِي ڏُونْگَرَ ڏَاهِ جِمَ هَلَنَ ۾ هِينئي وِهين
لَانْچِي لَکَ لَطِيفُ چَئِي پُٺهِيَ ڪِيچِنِ ڳَاهِ
پُڇِهِي پُورِجِ سَسُئِي بَلوڇَاڻِي بَاهِ
اِنْهِي وَرَّاٽِي وَرَ جو آسِرو هَڏِ مَ لَاهِ
جو اَکِهِنئُون اوڏو آهِ سو پِرِين پَرَاهُون مَ چَئُو ⁘

٣

هِتَان کهَنِي هُتِ جَنِ رَکهِئُو سِي رَسِيُون
سَاجَنُ سُونْهَ سُرْتِ وِکهَانئِي وِڃهو کهَنُو ⁘

٤

جِيڪُسِ يَادِ پِيَاسِ وَرَ وَنِجِي وَنِڱَارِ ۾
جَلْدُ جَرِيدِي پَنْڌَ ۾ اَدِيُون اَڄُ تهِيَاسِ
وَنِجِي ڪِيچِ پُنِيَاسِ ٻَارُوچِي جِي ٻَاجهَ سين ⁘

وَاقِفِ نَ وَنِڱَارَ جِي ٻَارِي سُڄَڻِ ٻَرَ
وَرُ وَسِيلَا سُپِرِين تهَکِيَسِ ڏُورِي تهَرَ
لَهِجِ لَالَ لَطِيفُ چَوِي ڪَانڌَ مُٺِيَ جِي ڪَرَ
وِلهِي ڪَرِي وَرَ مَتَان مَارِئِي ڇهَڏِئين ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۶

وَاقِفَ نَہ وَنِکَارَ جِي اکَ نَہ ڏِيھُ ڏِٺھومِ
ڏُونگَرَ ڏوَراپَنِ ٻِين رِیَ کَاتِيَ کُٺھومِ
جِيلَانْ ڄَحِبُ مِٺھومِ تِھِي جھوُلُون کَرِيَان جھَمِپِرِين ؞

۷

وَاقِفَ نَہ وَنِکَارَ جِي پَانِيَ کَھَنِيَ نَہ پَاءِ
جَبَلُ جَلْدَايُون کَرِي تِکھَہ ڏِيکھَارِي تَاءِ
لَکِي لُکَ لَطِيفُ چَوِي مَعْذُورِنِ مَتھَاءِ
اُتِي اوڏو آءِ جِتِي ھوُتَ ھيکَلِي آھِيَان ؞

۸

وَاقِفَ نَہ وَنِکَارَ جِي جِتِي، جَبَلُ جوُرَانُو
اُتِي عَبْدُ ٱلْلَطِيفُ چَوِي سُڄِي سَفَرُ سَتَانُو
پھِرُونِئِي پَانُو سَولُو کَرِين سَانھَہ جو ؞

۹

وَڏا وَنَ وَنِکَارَ جَا جِتِ جَانُو جَمْرُ جَرُ
کوُسَا تَپَنِ کَکِرَا دھوُمَ تَپِي تھِي دھَرُ
وِيچَارِي ڏِٺِي وَرَ پيرُ نَہ لَھِي پِرَ چو ؞

17*



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۰

وَڏا وَنَ وَنِڱارَ جا جِتِ نانَڪَ سُڄَنِ نِيلا
اُتي عَبْدُ ٱلَّطِيف چوي ڪيا هيڪَلِيَ حِيلا
جِتِ ڪُڙِمَ نَہ قَبِيلا اَتِ رَهبَرَ رَبَّ رَاهَ مِين ؞

۱۱

وِيچارِيَ وَنِڱارُ اِڪَ نَہ ڏِٺهو ڪَڏهِين
مِهرَ نَہ ڪا مارُهِئين هو سَبهُہ هِنْدُوڪارُ
جِتُ ڪيائِين يارُ سُورَنِ ڪارَنِ سَرْتِيُون ؞

## وَائِي

مَعْلُمْ حَالُ حَبِيبَ مون کهي دَرْدُ قَدِيمِي
دَرْدُ جَدِيدِي حُبُّ حَبِيبِي
اهنجو آزارَ ڪهان تو رِيَ تهِيَسِ طَبِيبَ
دَرْدُ جَدِيدِي حُبُّ حَبِيبِي
شَادِي ڏِي صِحَتَ جِي غَمِي لاهِ غَرِيبَ
دَرْدُ جَدِيدِي حُبُّ حَبِيبِي
ڪَاهِلِ آهِيان ڪُوڙِي نُورِي ڏِيمِ نَجِيبَ
دَرْدُ جَدِيدِي حُبُّ حَبِيبِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حَامِي آهين هِنَ جو اَچين شال عَجِيبَ
دَرْدُ جَدِيدِي حُبُّ حَبِيبِي
آنئُون اَوانْهن جي آهيان نارِ مَنْجهِ نَصِيبَ
دَرْدُ جَدِيدِي حُبُّ حَبِيبِي
دَوَا آهين دِلِ جي پُڇهَمِ سَبهِ طَبِيبَ
دَرْدُ جَدِيدِي حُبُّ حَبِيبِي
الا عَبْدُ اللّطِيف چوي كوري لاهِ قَرِيبَ
دَرْدُ جَدِيدِي حُبُّ حَبِيبِي ⁘

## فَصْلُ ٽرِئُون

١

پُنْهُون ڇهَڏِئُو پوءِ جَانِبُ جَبَلِ ڪُولِئِين
ٽيلاهُون ٽڪُون ڪرين ٽيلاهِين تُون جوءِ
سَاجَنُ سُڃَ نِهَارِئِين ڏُکهي ڏوهُ ڪِئُوءِ
هَاڙهي هوتُ نَہ هوءِ وَڃِي پُڇهُ وِيتهَنِ ڪهان ⁘

٢

ڪوڻهي اُتِ ڪوهيَارُ جِتِ تو بهوڙي بهانئِيو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پَنڌُ مَ ڪَرِ پَهاڙَ ڏي وُجودَ ئِي وَڻِڪارُ
ڏهاريَا ڀهانئِي ڏهارُ پُڇُ پِرِيَانَ ڪَرِ پَانُ تُون ٭

۳

سُڀهيئِي سَارِي سَسُئِي ڪُهِر ڪُنڌِين تُون ڪهُورِ
وَنجي ڏُورِ مَ ڏورِ ڏَرَانَ مَنجهه ڏوسُ تهِنُو ٭

۴

ڏَرَانَ مَنجهه ڏوسُ تهِنُو تُون موُتِي پُڇُ پَاهُون
عَبَثَ اَڪاهُون وَنجِنُو ڪُوڻين ڪانڌهَ ڪهِي ٭

۵

پَرَ ڪهَرَانَ پَاسو ڪَرِي پُڇُ پِرِيَانَ ڪَرِ پَانُ
سو تَان تونِئِي سَانُ جَنهِن لَيِ جَفَاتُون ڪَرين ٭

۶

سُونِهِي ڪهَلِنُو سَانُ سُونِئِي ڏورين سَسُئِي
ڪَڏهِنَ ڪَنهين نَ تهِنُو جُلَنَ مَنجهَانئِي جَانُ
پُڇُ پِرِيَانَ ڪَرِ پَانُ تَ تُون تِيَائين لَهين ٭

۷

جو تون ڏورين ڏُورِ سو سَدَا آهي سَانُ تو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لَالَنَ لِئِ لَطِيف چَوِي مُنْجِهِي تهِيئُ مَعْذُرِ
مَنْجهَانْ پَهَ پَرْوڙِ تَہ تو مَنْجهِ آهِيسِ تِکَڻو ٭

۸

وَڃِين ڇهو وَڻِکَارِ هِتِ نَہ ڏورِين هوتَ کهِي
لِکو نَاهِ لَطِيفُ چَوِي ٻَاروچو ٻِي پَارِ
نَايو ٻِينَ نِهَارِ تَہ تو مِين ٻيرو ڏوسَ جو ٭

۹

کُوڙيُون پُڇهَنِ کيچُ هوتُ نَہ ڏورِنِ هِتَهِين
جَنِ پُنهُوَّ سِين پيچُ تَنِ پيرِين پَنْڌُ وِسَارِئو ٭

۱۰

هَلُ هِنئِي سِين هوتَ ڏِي پيرِين پَنْڌُ وِسَارِ
کَاشِيدَائِي کَارِ کِي نَہ رَسَائِي کيچَ کهِي ٭

۱۱

هَلُ هِنئِي سِين هوتَ ڏِي پيرِين کَرِ مَہ پَنْڌُ
رَائِي پُڇهُ مَہ رَنْڌُ رِڙهُ رُوحَانِيَ سَسُئِي ٭

۱۲

هَلُ هِنئِي سِين هوتَ ڏِي ڇهَپَرِ هَڏِ مَہ ڇهُلُ
آرِيَانِي اَمُلُ کَايَا مِين کَانْڌهُ تهِئِي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٣

هَلُ هِنئَي سِين هوتَ ڏي ڇهپَرِ ڇهُلُ مَ تُون
مَنّجهان لَدهو مُون کوهِيارو کِيچَ ڏهَنِي ٭

١۴

هَلُ هِنئي سِين هوتَ ڏي سِسِي کهَنُ مَ سَانُ
جَنهِين ڀهَانِئو پَانُ سي آرِيَانِيَانّ اوري رَهِيُون ٭

١٥

کَيَىُ پَنّدهَ پُڇهَا تو کِيڇِنِ ڪَارَنِ کِينئَ
بي خُودِ هَلِجِ ٻَرَّ مِين آنُّون ڇَوَان تهو اِينئَ
سِکَنُ سَاجَنَ سِينئَ مَتَان مُتهِي ڇهَڏِئِين ٭

١٦

مَتَان مُتهِي ڇهَڏِئِين پرِيتَنُو پَانَان
جَاپَنَ جِينئَ جَانَان تُون پُنُ هوئِجِ تَنِ سَان ٭

وَائِي

هِيَ جِي هَلّيَا هوتَ سَنّهَارَا مُون نَہ وَهِينَا پُنّهُوَ سَنّکِينَا
سَسُئِي پُڇهِي سَاتهَ جَا اوطَاقُون اوتَارَا
مُون نَہ وَهِينَا پُنّهُوَ سَنّکِينَا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڇهڪا ڇهڪيرن جا مين سر مڙچارا
مون نه وهينا پنهو سنگينا

آن کي وينڊا ڪڏيا آريائي هن پارا
مون نه وهينا پنهو سنگينا

مون کهي نينڊا پان سين ڪامل ڪر اجارا
مون نه وهينا پنهو سنگينا

اديون عبد اللطيف چوي دوس آيا دلدارا
مون نه وهينا پنهو سنگينا ⁘

## فصل چوٿون

١

هيج نه هوندو جن سي ڪينئ وندر ويندیون
ويهنو وچ رهن سهبين سڌهنواريون ⁘

۲۰

سڌهانتي سبهڪا ٻکهه نه ٻاسي ڪا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيهي تيهي ذاتِ جي جنبش ناهي جا
مون سين هلي سا جا جيئ مِتهوزِي نہ ڪري ٭

۳

ڪانهي جنبن جاء تہ ڪا هلي هوت ڏي
مون سين هلي سا جا جيئ مِتهوزِي نہ ڪري ٭

۴

آتن منجهہ پريان هو سبهني جيڏيين
مون سبهاڳي سان ڪير ڇهلندي ڇهپرين ٭

۵

سکهنواري سدھ متان ڪا منڌھ ڪري
اندر جنهين ادھ ڏونگر سي ڏوريندِيون ٭

۶

ڏونگر نہ ڏوري سگن جون سدهون ڪري
کهر ويٺي کهوري متهان پرين جنڌڙو ٭

وريتيون ٻيھ ورڙ آن نہ ورنديس ور ري


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جَاڏي هِنَ جَبَلَ جو تَانگهِينڊِيَسِ تَرو
جَتَنِ سَانُ ڏَرّو نِينهَن نِبيرو نَہ تهِئي ⁘

۸

وَنجو سَبهِ وَرِي اَوِي جي وَرَنِوارِيُون
ڦهڙَاڻي فِرَاقَ جي سُڃي ڳَالهِ ڳَرِي
ٻُنبهَانَ جَنِ ٻَرِي ڏُونگَرَ سِي ڏورِينڊِيُون ⁘

۹

وَنجو سَبهِ مُوڙتي اَوِين جي وَرَنِوارِيُون
ڪَا نَہ هَلَنڊي ڪِيچَ ڏِي ڪَرِئو مَہ ڪهوڙتي
وِدهَمِ ڪَا ڇهوڙتِي ڀَاتمِ جوڳُ جَتَنِ سَان ⁘

۱۰

اَڄُ مِلَنڊِيَسِ مَاءُ ڏَاڇهَا ڪَنڊِيَسِ ڪَپڙَا
جِيجَا جوڳِيَاڻي تهِيَان مُون ڪهي ڀَلَ مَہ پَاءُ
هوتَ ٻَروچِي لَاءِ ڪَنين ڪُنِرَ پَائِيَان ⁘

۱۱

مُون ڪهي ٻهَائين ٻهَاجَ ڏِيرَ ڏُورَانَا هَلّيَا
اڪِيَان اُتهِي اُنِ جي خُوبَ نَہ ٻِڪَمِ ڪهَاجَ


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ميڙِي آپَ سَرْتِيُون ڌ ڪِي ڪَايَمِ ڪَاجَ
سَا مُون هَٿَهَان ڌَ ٿِهِي جِيڪا رَسَمَ رَاجَ
آيَلِ آئُون اَڪَاجَ ٻِوُلَ ٻَرُوچِي وِتِرُو ⁘

۱۲

تو جو ٻِوُلَ ٻَرُوچَ وِيهِي ڪِيو وَڻِڪَارَ مِين
سوٽِي پَارِجَ هُوتَ وِلِهِيَ مُون مَعْذُورِ سَان ⁘

۱۳

ٻِهرُون تُون پَارِجِ پَارِنُ پُوءِ پُنْهُوَ تِي
ٻِوُلِ مَ وِسَارِجِ هُو جو ڪَيُنِ هُوتَ سَان ⁘

۱۴

تو سِين ٻِوُلَ ٻَهُون سَسُئِي سَاجَنَ جِي ڪِيَا
ڪَنْدُءِ تو ڪَهُون جَان نَالو ڪِيڙُوءِ نِينْهَ جو ⁘

۱۵

سُنِي ٻِوُلَ سَنْدَانَ جِمَ سُمَهِين سَسُئِي
ڪَنْدِئَن ڪُوهُ ڪِيئَانَ جُسِي اُنِ اوُرَانْڪهِيَا ⁘

۱۶

سِجَ اُلَتهِي سَسُئِي رَتَ وَرِنو رُوَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پھي نہ پانڌھي ڪو جنھن ڪر پڇي لوءِ
موڙھي ونجي توءِ مونکي جي کا نہ ڪري ⁘

۱۷

ڇھلان مر ڇھپن مين چاک پران پونم پرکنا
متان کا منڌھ ڪري مونکي جي مراک
چت سنڌو مون چاک ھاڙھي ھڏ ھني ڪنو ⁘

۱۸

پيرين پيم پھرکنا روھ مين کھنو رنئوم
پاراتو پرنۓ کھي تپي تان نہ ڏنوم
چکي تھي چيوم سواھرو سجنين ⁘

۱۹

چکي کھي چني کا جا کاني جيڏيون
ونڙو ساتھ وھي تو ننڌرائي نہ لھي ⁘

۲۰

چکس سبھ چني ماڙھون شھر ڀنڀور جا
سا مونکي کي نہ مني جنھن جو جانب جت وتھي ويا ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۲۱

مؤتَنَ جا مَذْڪُورَ جَانَ ڪِي چِيَسِ چِيڏِئِين
پَرتِ پِهِرِين پُورَ نِيڻِي پُڄَائِي پُنْهُوَ کهِي ۽

۲۲

مؤتَنَ جِي مَصْلَتَ مُون کهِي ڏِنُو مَ جِيڏِيُون
نِهَارِيِنْدِيَسِ نِڪِنِيَان آرِيَانِي اَلْبَتَّ
ڪَنْدِيَسِ اوتَ عَيْبَ جِي لَڪَنِ ڏِيِنِي لَتَ
سَرْتِيُون شَرِيڪَتَ آن ڪِينئَ آڪَنِ سَان ڪَرِيَان ۽

۲۳

مؤتِي مَرَان مَ مَاءُ مؤتَنَ کهَان آکِي مَرَان
لُوچِي لَالَنَ لَاءِ شَالَ پَوَنْدِيَسِ پيرَ تِي ۽

۲۴

عِنَاتَا اُتَاهِين جَانِي جَنِئُو بَنْدُهُ
آهِي کهَنُو اَوْکهُو فَقِيرِيَ جو فَنْدُ
چَکهِين تَ چَرِئُو تهِئِين مَيْ خَانِي جو مَنْدُ
ڪِينئَ کَڏهِيو کَنْدُهُ مَنجهَان سَنْکَ سَيَڏُ چَوِي ۽



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وائي

شَادِيَ جو سِينگارُ آيَلِ مَرَکُ مُنْهِن جو مُون پِرِين
آهِي مُکُھ ڳچِيَ مِين ڊِٺِي هَالوڙَا هَارُ
آيَلِ مَرَکُ مُنْهِن جو مُون پِرِين
آهِي اَکارِيَنِ کهي جَانِبَ جو جِنسَارُ
آيَلِ مَرَکُ مُنْهِن جو مُون پِرِين
آهِين کهَاڄُ ٻکهِيَنِ جو تُون تَان طَعَامُ تَيَارُ
آيَلِ مَرَکُ مُنْهِن جو مُون پِرِين
اَعْلىٰ اُچو عَالَمَ مِين سو دوسَانو دِيدَارُ
آيَلِ مَرَکُ مُنْهِن جو مُون پِرِين
حُسْنَ هوتَ پُنْهُوَ جي ڪَکورِئو کوهِيَارُ
آيَلِ مَرَکُ مُنْهِن جو مُون پِرِين
سِيجَ کِيَائُون سُرَهِي وَاسِيَائُون وَنِکَارُ
آيَلِ مَرَکُ مُنْهِن جو مُون پِرِين
چهَپَرَ چهَاٿُون مُکِيُون عَطرُ تهِئو آوَارُ
آيَلِ مَرَکُ مُنْهِن جو مُون پِرِين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آبري ٥

کوڙين ٿيا ڪيترا ناڻي تان نناز
آيل مرڪ مُنهن جو مُون پرين
کهوريان کهر کهتي تان اچي جنان آدهاز
آيل مرڪ مُنهن جو مُون پرين
اديون عبدالطيف چوي ملئو مُون من تهاز
آيل مرڪ مُنهن جو مُون پرين ٭

---

## فصل پنجون

١

ٻهڄي ڄان ڀنڀور کهان ڏونگر ڏورڻو مون
ڪاهي رسيس ڪيچ کهي ڄتي پان پُنهُون
سڀهت آهين تون قضا ڪنڌيس ڪنهن سان ٭

٢

ڏنا ڄڻن لي جيڏيون ڏيرن مون کهي ڏکهه
ڀهگيس ڄان ڀنڀور کهان تان سور مڙيئي سُکهه
لتهي متهان لکهه پُنهُون تهيس پانهين ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٣

پَنْهُون تهِيَسِ پَانَهِين وِٺو سَسُئِيَ جو شَرَمُ
هيڪَلِيُون هَلَنِ جِي ڀَهجِي تَنِ ڀَهَرَمُ
جو وِنْدُرَ مَنْجهِ ڪَرَمُ سو سَوْدو سَرِيُسِ هِتَهِين ⁘

٤

پَنْهُون تهِيَسِ پَانَ وِٺو سَسُئِيَ جو سِينْگَارُ
مَنْ عَرَفَ نَفْسَهُ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهُ اِهوئِي آچَارُ
جو وِنْدُرَ مِين وَاپَارُ سو سَوْدو سَرِيُسِ اِتهِين ⁘

٥

پَنْهُون تهِيَسِ پَانَهِين وِيٺِي سَسُئِيَ جِي سُونْهَ
خَلَقَ الْآدَمَ عَلَى صُورَتِهِ اِهَا وَنَنِ مَنْجهِ وِرُونْهَ
چَرِيَ مَنْجهَان چُونْهَ ڪهَنِي هوتُ هَنْجِ ڪِئو ⁘

٦

وِيٺِي سُونْهَ سَسُئِيَ جِي پُنْهُون تهِيَسِ پَانَ
سَبهِنِي جِي سَيِّدُ چَوِي آهِي اُتِ اَمَانَ
ڀَنْڀورَ جَا ڀهَانَ آڌَا عَجِيبَنِ ڪهِي ⁘

٧

وَهَمَ وِسَارِيَاسِ نَا تَـ پُنْهُون آن پَانَ هُئِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پانَ وِنجَايمِ پَانهِن جو پِيِي پريَانَّ جي پاسِ
رَتِي عِلّمَ نہ رَاسِ دهَاران پَسَنَ پِرَ جي ٭

٨

ڪَانين ڪَاهِينّدِيَاسِ مؤتَان تَان ڪُرَ ميهِنو
بَانّهِي بَاروچَنِ جِي سَنّڪُ نہ سَاهِينّدِيَاسِ
اَلْفِرَاقُ اَشَدُّ مِنَ ٱلْمَوْتِ هِتِي نہ هُونّدِيَاسِ
آهَ نہ لاهِيندِيَاسِ جِنّرِي جَتُ ڏِسِي مَران ٭

٩

جِنّنُ جَتَ دهَارَانِ مَعْذُورِ جو مَس تهِيِّي
چَانگَنِ سِرِ چَڙهِي وِيَا سَاتهِي سَوَارَا
اَکهِيُون اوٺَارَا پَسِڻو رُوُنِ پُنْهُوَ جَا ٭

١٠

هيکَرَ هُوُنُ چهَڏِ تہ اوڏِي تهِئِين عَجِيبَ کهِي
مَا رَاَيْتَ شَيْءٌ اِلَّا مَا رَاَيْتَ ٱللّٰهَ نِيئِي اَجهَا اوڏَاهِين آڏِ
تہ هوتُ تنهَان هَڏِ پِرِين پَاسِي نہ تهِئِي ٭

١١

هوتُ تُنْهِن جي هَنْجَ مِين پُڇهِين ڪوهُ پَهِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وفِي اَنْفُسِكُمْ اَفَلَا تُبْصِرُونَ سوجهي كَر سهي
كَڏهِن كَا نـ وَهِي كَا هوتُ ڱوَلِنَ هَتَ تي ٭

١٢

هوتُ تُنْهِن جي هَنْجَ مين پُڇهين كوهـ پَريَانُ
وَنَحْنُ أَقْرَبُ إِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ ٱلْوَرِيدِ تُنْهِن جو توئي سَانُ
پَانْهِن جو آهين پَانَ آڏو مَحِبِّنِ كهي ٭

١٣

وَوْڙيَمِ سَبهِـ وَتهَانَ اُنهي جَتَ مُقابِلِ جيڏِيُون
لِكُلِّ شَيْءٍ هُوَ ٱللَّهُ اِهو سَنْدُسِ اُهنجَانُ
سَبهَـ مين پُنْهُون پَانَ ڀِنو سَرْتِيُون سُجهي كو نـ كو ٭

١٤

جَانِي سُنجَانِي وِهَان كِينئَ مَاتهِـ كَري
اَنْدَرِ آڳِ عِشق جي اَپَرِ اُدهَانِي
اَلْعِشْقُ نَارٌ اِذَا وَقَعَ فِي ٱلْقَلْبِ كهورِيَ جينئَ كهَانِي
آهي آريَانِي ڀِنو سُجهي كو نـ بَروچ ري ٭

١٥

كَڏهَ پُنْهو كَاهي چَاتِي رُوحُ چَرِئو كِئو

18*



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اُتهي رِيتهِي اُتهين سُتي پُنُ سَاهِي
اَلْعِشْقُ حِجَابٌ بَيْنَ ٱلْعَاشِقِينَ لَا شَکَّ چهَڍِ لَاهِي
سؤ آريَاڻِي آهي بِئو سَرْتِيُون تُجهي کو نہ مُون ؞

١٦

ڀِهينرَ آئُون ڀهوڙِي مُون سَنْکُ سُنجَاڻِي نہ کِئو
ڏِينْدَا مُون ڏيرَ وِيَا جهِجهَنُ ؛ جهوڙِي
لَڳِي جَنِ لوڙِي ڏُونگَرُ سي ڏورِينْدِيُون ؞

١٧

اِڏِيُون آئُون اَجَانِ مُون سَنْکُ سُنجَاڻِي نہ کيو
هُونْدَ نہ سَتهِيَمِ هيتِري کوهِيَاري جِي کَانَ
رَتِيَ جِي رِيهَانِ جِيئَ اَڙَايمِ جَتَ سَانَ ؞

## وَائِي

پُنْهُوَّ پَرِيشَانُ رُِي نہ کو جَامُ نہ خَانُ
هَيْ هَيِ حَالُ مُنْهِن جو پُنْهُوَّ پَرِيشَانُ
مُون کهي بَکَ بوتَنِ جِي نَاکِي ڀهَاڻيَان نَانُ
هَيْ هَيِ حَالُ، مُنْهِن جو پُنْهُوَّ پَرِيشَانُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شَهَرَ پَٽَ ڀِهَانئِيَان مُون لِيکهِي مَيْدَانْ
هَيْ هَيِ حَالُ مُنْهِن جو پُنْهُوَ پَرِيشَانْ
رُنَّان تهِي رِنَنِ مِين آرِيَ لَئِ عُرِيَانْ
هَيْ هَيِ حَالُ مُنْهِن جو پُنْهُوَ پَرِيشَانْ
پِٽِيَان مُنْهُ پَسَنَ لَئِ هِتِي تهِي حَيْرَانْ
هَيْ هَيِ حَالُ مُنْهِن جو پُنْهُوَ پَرِيشَانْ
آهِي آرِيَ ڄَامَ جو مُون کهِي کَارِي کَانْ
هَيْ هَيِ حَالُ مُنْهِن جو پُنْهُوَ پَرِيشَانْ
ڏِيوَانِيَ جِي دِلِ مِين سُورَنِ جو سَامَانْ
هَيْ هَيِ حَالُ مُنْهِن جو پُنْهُوَ پَرِيشَانْ
وِڇهِڙِ پِکَ پِينَارِ تِي پِرِيَمِ کهَائِي پَانْ
هَيْ هَيِ حَالُ مُنْهِن جو پُنْهُوَ پَرِيشَانْ
ڪَڏِهِن تهِينْدُو ڪِيڄَ مِين مُنْهِيَ جو مَکَانْ
هَيْ هَيِ حَالُ مُنْهِن جو پُنْهُوَ پَرِيشَانْ
آهِين عَبْدُ ٱللَّطِيفَ کهِي اَکِيَان تُون اَکِوَانْ
هَيْ هَيِ حَالُ مُنْهِن جو پُنْهُوَ پَرِيشَانْ ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## فصل چوٿون

١

جُدائِيَ جو جامُ ڏِنائُون ڏُکِيَ کِي
مَنڱَلُ مُنْهِن جي مَنَ ۾ بارِڻُو هوتَ حَمامُ
آنَکِ تِهِنُو آرامُ ڪاڪَلُ پَسِي ڪانْڌَهَ جو ✧

٢

دَرّدُ نَہ لَهِي دارُئين زُلْفَنِ زورُ ڏِنوءِ
ڪاڪَلُ ڪالهَ ڏِٺوءِ رُخْسارُ تَنْهِن رُوپَ سان ✧

٣

ڀَنّڀو جو ڀَنّڀورَ ۾ ڪاڪَلُ ڏِٺُمِ ڪالهَ
هَئِي تَنْهِين جا حالَ زُلْفَنِ جي زافُ ڪِيا ✧

٤

پَرِينْدِيئِي پانَ وِٺو زُلْفَنِ ڪِيَسِ زافُ
سَنْڌُو ڪاڪَلَ قافُ ماري مَعْذُورِنِ کِي ✧

٥

هَاڻي نَہ جِيان جِيڏِيُون زُلْفَنِ زافُ ڪِيَاسِ
ڪاڪَلَ آنئُون ڪُٺِيَاسِ ڀَنّڀو جو ڀَنّڀورَ ۾ ✧



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٦

ڪَاڪَلَ ڪُتِهِي جَا ڪَهِپَهَنُ تَنْهِن ڪِي نَہ تِهِيْٺي
مَنْجِهِ شَهَادَتَ سَا لُڌِي ؛ لَاڏَ ڪَرِي ✧

٧

ڏَکهَا ڏُونْگَرَ جَامَ مَہ ڪَرِ مَعْذُورِنِ سِين
تُو تِي لَڄَ لَطِيفُ چَٿِي آهِي سَنْدِي عَامَ
مَارِ مَہ چَٿِي مُوتِهَاجِ کهِي وَنْهِيَا ڪَانْڌهَ ڪَلَامَ
پَرْچِجِ پِيَادِنِ سِين اَلَههَ لَڪِ اِمَامَ
جَا نَوَارِي اَوَانْهِن جِي نَامَ سَا هُوتَ مَہ چهَڏِجِ هِيڪَلِي ✧

٨

ڏَمَرَ ڏُونْگَرَ جَامَ مَہ ڪَرِ مُوتِهَاجِ سِين
ڪِيهِي ڪُلْفَتَ تَنْهِن سَان جَا ڪُوڙِي آنهِن جِي ڪَامَ
وَرِجِ تُون وَرِيَامَ مُنْهِن جو اَچَنُ آنْگَرِي ✧

٩

ڏَکهَا ڏُونْگَرَ لَاهِہ اَکَ مُٺِي سَسُٺِي
آرِيَانِيَ سِين آهِہ ذَاتِي سَنْگ ضَعِيفِ جو ✧

١٠

پَکَ پَٽَانٺي ڪُنْرَا ڏُونْگَرَ مَتهِي ڏِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پيچَتِيا پيرَ فَقيرِ جا سِيڙون تهيا سي
جهڙي تِهڙي حالَ سين پُري پُنْهُو ڏي
وَنجي مانَ مَني ٻانُهيَ ٻَنْدهَنُ جَنِ سان ⁘

١١

پيرَ پَٽانئي ڪُنڊرا ڏُونگر مَٿهي ڏي
پانْ نَ پَسي پهٽِنُو ڪَڙهي ڪِيچِنِ کهي
هارُهيانْ هوتَ پَري ڪوهُ جانان ڪِينئَ لنگهيان ⁘

# وائي

مون انْدهيَ ڏي اِينْدا هوتَ سَلامَتَ سُپرين
پَلَئِ لائي پانْهن جي نيڪي اُتِ نِينْدا
هوتَ سَلامَتَ سُپرين
سَنْگ نَ ڪَنْدا سُکهَ سين سُورَ سَنْگِينا تهينْدا
هوتَ سَلامَتَ سُپرين
رَکِهي گَلُ گَلَ تي نِينْهَ نِياپو ڏِينْدا
هوتَ سَلامَتَ سُپرين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پِرتِ نِينْدا پانَ سِين چهوري تا نَ چهَڏِيند!
هوتَ سَلامَتَ سُپرين ◊

## فَصُلُ سَتُون

١

ڏُورِ مَ ڏيهُ پِرِنءِ پيرُ پَنْهن جي پِرَ جو
وِهَنُ وَاتَّرِيَنِ تي کِيچَنِ رِيَ کِهو
وِنْڌِرِ جو وِنءُ سو آلا واري اِنيِين ◊

٢

ڏيهُ ڏِهَانئِي ڏُورِ پَرَڏيهَان پِري تهيا
سِيئَنِ کارَنِ سَسُئِي پيئِي پَراهِين پُورِ
تون وَڃين هوتَ حُضورِ مُنْهِن جو جِمْنُ جِيلاهين تهئو ◊

٣

ساڻهُ سَکِي مِين سُورَ جي پُنْهون وِئو پُونئي
رَهُ قَضا دَمُ کوئِي تَ هيکَرَ هيکانْدِهي تهيا ◊

٤

هَڏُ نَ ساڻهُ سَدهِيرَ دِلِ دَرمَانْدِي دوسَ ري



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مُون پَاتَائُون پِرّتِ جو زورَاوُر زَنّجِيرُ
جِيئَ جُسو جَاڪِيرَ هَانِي مِلّڪَ هوتَ جِي ﴾

٥

عُمرِ سَبهِ عِشّقَ سين پُنّهُون جِي پُڇهَنِ
رِيسَ رِيزَالِيُون تَنِ سين ڪُجَاڙِي ڪهي ڪَنِ
مَارِّڪِ جِي مَرَنِ وَڏو طَالِعُ تَنِ جو ﴾

٦

وَڏو طَالِعُ توءِ جِينئَ لَڳّس پيرِ پُنّهُوَّ جِي
سَسُئِي اِنَ سُهَاڳَ ڪهي روئيو روئيو روءِ
وِيتِهِي هِتِ مَ هوءِ جِي هَلِين تَان هوتُ لَهِين ﴾

٧

وِيتِهِنِ نَاهِ وَرَاڪو سُتِنِ ڪونهِي سَنّڪُ
هوتُ هَلَنّدِنِ ڪهَتِئو اَنّڪهِنِ چَاڙهِي اَنّڪُ
جِي بَاسِنِ بهَنِي بهَنّڪُ سي رِڙهِي جَامَ رَسِيُون ﴾

٨

وِيتِهِي وَرِ نَہ پُونِ سُتِي مِلَنِ نَہ سُپِرِين
سي مَرُ روئيو رُونِ جَنِ مُسَافِرَ دوسَ تهِيَا ﴾


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۹

ڪَڙهي ۽ ڪَري پَرِ مين پيرُ پُنهُوَ جو
سِڪَ ٻَڌِهَائِين سَنڌِرُ جَانِبَ لَاءِ جَڙِي
لَڪَنِ سِرِ لَطِيفُ چَئي مُنڌهَ چِيرِي ۽ چَڙهِي
پَڙَئُو تَا نَه پَڙِي جِينئَ عُمرِ سَبهِ اِئِين ڪَرِي ٭

۱۰

ڪِينئَ ڪَڙِيَان پيرَ ڪَڪِرَا ڪِچَ ڏهَنِيَنِ لَئِ
اِيئَ ڏَوُن ڏِيئِي ڏِيرَ ٻَانَان پَرَاهُون وِيَا ٭

۱۱

ڪَڙِ پُنُ پيرَ سَنڌَانَ ڪَڙهُ پُنُ ڪِچَ ڏهَنِيَنِ لَئِ
اِنهِيَ پَرِ اُتَانَ نَه پَوَنڌِئُن مُنڌهَ پَهَاڙَ مين ٭

۱۲

سُورَنِ سِجهَائِي چِيلهِ ٻَنڌِهِئُو چوٽِئِين چَڙهِي
سَنڪِ پِرِيَان جي سُڌِئِي مِيڙِي مِلَائِي
لَڌهَائِين لَطِيفُ چَئي لَالَنُ لِيلهَائِي
ٻَانڀهَنِ ٻَاڏَائِي حُبَّانُ وَارِئُو هوتَ ڪهِي ٭

۱۳

رَائِي ڪَئِي رَنجُورِ ٽَڪَرَ تَان ٽَاڪِئُو چَڙهِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لانچي لَڪَ لَطِيف چوي هَلِي ڏانهن حُضُورِ
رَهيا سَبھ رُنجِن ميِن سَسُئِيَ جا سالُورَ
سَاجَن ميڙِيس سُورَ سُکھَ نَہ ميڙِيس سُپرِين ٭

۱۴

مَنجهان پِرْتِ پَرُوڙِ سُبهَ مَ پُڇهجِ سَسُئِي
ويهِي وَڏِي ڏهڪَ مان دهُنِي وِجهجِ دهُوڙِ
تَہ تون مَانين مُورِ جي پَنڌِ اِهائِي پارِئين ٭

۱۵

لُڇهِي ڪِي نَہ ڪُڇهِي آتِي مُنڌهَ انڌوهَ مين
پَرِ مين پير پُڇهِي لَالَن جو لَطِيف چَئِي ٭

۱۶

پَرِيئِي تان بَارِ پهُوڪِ تَہ لَڳِي اَنبرين
هِتِي جي هُوَن جُون وَاتُون سَبھ وِسارِ
سَنُورِي سَرڪارِ نِيئِي رَکهجِ نَاهِ مين ٭

۱۷

تَڏُ بَنڌهِي تون ڪِي نَہ پَهُچَنڌِئَن پُنهُوَ سين
جي سِيڌو سَاهِن سَسُئِي تهِنَن تَهْبَارُون تِينَ
مُنهِي تهِيئُ مِسڪِين هِمَتَ هوتَ وِنجَائِيي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وَائِي

ڄيڏِيُون جا جَڙَ لاتامِ ڄيئَ جَتَنِ سَان ڄيڏِيُون
سَا سَرْتِيُون سِيبَانَامِ تَنْهِن جِتَنُ جَاڪِيَامِ
ڄيئَ جَتَنِ سَان ڄيڏِيُون
مَهَرَ جا مَيَنِ جي سَنْجهي هَٿهِ هُيَامِ
ڄيئَ جَتَنِ سَان ڄيڏِيُون
سَاجهُرُ سُٽِي سُکهَ مِين وِسُوڙهي وِيَامِ
ڄيئَ جَتَنِ سَان ڄيڏِيُون
ڪوڙِين ٻهَالَ پُنْهُوءَ جا ڪَنْٺهي مَنْجهه ڪَڙِيَامِ
ڄيئَ جَتَنِ سَان ڄيڏِيُون
سُتِي سَنْگهَرَ پَٺِيِين جَنْهِن سِگهِڙي سَارَ لَدِهِيَامِ
ڄيئَ جَتَنِ سَان ڄيڏِيُون
هَڪَلَ هوتَ پُنْهُوءَ جي سَگَرَ مَنْجهِ سُيَامِ
ڄيئَ جَتَنِ سَان ڄيڏِيُون
ڏوريندي مَنْجهِ ڏُونگَرِين اُتِ تهَهَرَ تهوٻهَ تهِيَامِ
ڄيئَ جَتَنِ سَان ڄيڏِيُون
ڪِيهُون ڪُهِن پَٺِيِين ڪُوڪُون ڄالَ ڪِيَامِ


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جِيئَ جَتَنِ سَان جيڏيُون

هوُتَانِيَ هَتھَ ڪهَنِي سَاجَنَ سُنَايَامِ

جِيئَ جَتَنِ سَان جيڏيُون

ڏُکھُون بُکھُون ڏَاکوڙَا ڪَارَنِ جَنِ ڪِيَامِ

جِيئَ جَتَنِ سَان جيڏيُون

اَدِيُون عَبْدُ اللَّطِيفُ چَوِي اَنْگَنِ سِي آيَامِ

جِيئَ جَتَنِ سَان جيڏيُون ⁘

---

## فَصُلُ اَٺُون

١

اَدهَرَ نِدهَرَ اَبهَرِي اَسُونْهِين آهِيَان

لُڙِکَ لَالَ لَطِيفُ چَئي وَرَ لَئِ وَهَايَان

هيجَان هَنجھُون حَبِ مِين هوُتَنِ لَڳِ هَارِيَان

جَانِبُ زَارِيَ سِين پُنھُون پَهَايَان

پِيهَان پَچَايَان جي مُون نِٺُرَ پَانَ سَان ⁘

٢

اَدهَرَ نِدهَرَ اَبهَرِي آهِيَان اَسُونْهِين


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پرڏيهي پرين ڪِيا مَرَنَ لَءِ مُونهين
سَسُئِيَ کهي سَيّدُ چوي تَانگهُنِ ۾ ٿونهين
هَاڙهي ڪِينئَ هُونهين ري سَمَرَ سَدهُون ڪَرين ❖

٣

اَدهَرَ نِدهَرَ اَبهَرِي لَسُونهين آنئُون
چِيتَا چُهُرَ چُنجُنِ ۾ ٻَرُ ۾ ٻَلاَئُون
مونٿُ پُنهُون پَاهُون مَتَان مُحِبَّ مَرِي رَهَاڻِ ❖

٤

اَدهَرَ نِدهَرَ اَبهَرِي اوڳِي آوَائِي
ڪِي نَہ ٿُهَارِي تَڪَرِين سَانُسِ سَگهَائِي
لَاکَاپَنِ لَطِيفُ چوي مُنْدهہ رَاتِي رَهَائِي
جَلَنُ جَڏَائِي آري .لَاهِ اَصِيلِ تَان ❖

٥

اَدهَرَ نِدهَرَ اَبهَرِي ڪَمِ نَہ ڪُومَاتِي
سَا ڪِينئَ وِهي وِيسَلِي جَا ڪهَاٽِي کهُومَاتِي
پيٺِي پَلَءِ پُنهُوَ جي اُسَنِ ۾ آتِي
جَا لُکهُنِ لُوسَاتِي سَا سِڄَ چڙهَندِي سَسُئِي ❖



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٦

اَچِي عِزْرَائِيلَ بِسْتِي جَاڳَائِي سَسُئِي
ڊوڙَائِي ڏَلِيلَ تہ پُنْهُوَ مَاڙْهُون مُوڪِلِئو ؎

٧

مُنْڪِرَ ۽ نَڪِيرَ کهي جَڏِهِن ڏِٺهَائِين
آڳِيَان اُتهِي اُنِ کهي پُنْهُون پُڇهَائِين
اَدَا اِهَائِين کو وِئو سَاٿهُ سَڄَنَ جو ؎

٨

بهَانِيَائِين تهي ڀهورِ پُٺهِيَ ڪيچِنِ ڪَڪِرَا
رَاتِيو مِڙِيئِي رَتَ سَان ڪَارَنِ ڪَانْڌهَ ڪَکورِ
جَتُ وَڃِي تهو زورِ اُپَڙُ تَان اوڏِي تهِئِين ؎

٩

پَئِي تهِي پَتِمَالُ سَا مُنْڌهَ مَرِي نہ جِئِي
ٻُرِي هِنَ ڀهَنْڀهورَ سِين هَڏِ نہ ڳَرهِي حَالُ
لَالَنَ جو لَطِيفُ چَئِي وِسَارِي نہ وِصَالُ
ٻهِرِي ڪِجَاسِ ٻهَالُ هِيَ ڏَاهِ ڏورِينْدِي ڪيٽِرو ؎

١٠

جهَتِ پَٽِيَ پِهُه جهَنْڪِ هَاڙهِي پُڇهُہ مَہ هوتَ کهي


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سُورَ سُپيلِي سَسُئِي لَکَ تَنهِين سَان لَنْکهِه
سُپيريَان جِي سَنْکِ مُنْدهَه ميڙَائُو تَڙ تهِئِي ❊

١١

تَکِيَائِي تهَرَ تهِيلهِه ڇَڙهُه چِکهِيَائِي چڙتِئين
هَلَنْدِي هوُتَ پُنْهُوَّ ڏِي بهَوُّ مِڙيِئِي بهِيلِ
اُتهِي رَائِو رِيلِ وِيتهِنِ تَان وَارِي وَرِي ❊

١٢

هِيئَ کِسِي هِيئَ کَسُ هِيئَ پَنْهَنُ هِيئَ پِيچِرُو
وِيچَارِيَ وَڏو کِٿو وِينْدَنِ پُتهِيَ وَسُ
لِيڙَنِ جو لَطِيفُ چَئِي ڏُونْگَرِ آهِي ڏَسُ
جَکَ مِين رَهِيُسِ جَسُ سَگَرِ تهِي سَرْدَارَ جِي ❊

## وَائِي

هوُتَ سِي هَلَنَهَارَا جِيڏِيُون کِينئَ کَرِيَان مُون اُنِ سِين
کُهِه پَلَنْکَ بَنِ مَاڙِيُون مَرُ سِي تهِنْئِمِ کَارَا
جِيڏِيُون کِينئَ کَرِيَان مُون اُنِ سِين
سُونْهَنِ سُپِيرِيَنِ جَا آتَنَ وَتِ اوُتَارَا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جيڏِيون ڪِينئَ ڪريان مُون اُنِ ہيين
آهِيَان پوڙهِيَتِ پُنهُوَ جِي ڪَنڌِيَسِ ڪُنِرَ ڪَارَا
جيڏِيون ڪِينئَ ڪَرِيَان مُون اُنِ ہيين
پيرُ مَ ڇهڏِجِ پِرَ جو هَيِ هَيِ هَتهَ اَسَارَا
جيڏِيون ڪِينئَ ڪَرِيَان مُون اُنِ ہيين
ڪِيچِنِ ڪَرَهَ پَلاَنِيَا مَيَا تهِيَا مُون مَارَا
جيڏِيون ڪِينئَ ڪَرِيَان مُون اُنِ ہيين
اَڏِيُون عَبْدُ اللَّطِيفُ چَوِي مِلِيَا مُحِبُّ موچَارَا
جيڏِيون ڪِينئَ ڪَرِيَان مُون اُنِ ہيين ٭

## فَصُلُ ٽـانئُون

١

وِيهُ مَ وِسَارِي پُڇهَا ڪَرِ مَ پَنْڌهَ جِي
نِرْمَلُ نِهَارِي هَلَنْدِنِ تَا نَ هَتهِ ڪِٿو ٭

٢

اَوَجهَڙِ اَسُونهِيَنِ ڏِيهُ ڪهَنوڙِيِ ڏورِٿو
سَگَرِ رِيَ سُونهِنِ پهُتِي ڪَا نَ پَنْڌهُ ڪَرِي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٣

وَاوَ وِڃَايُمِ سو پُٽهِيَ جَنْهِن پَنْڌُ ڪَرِيَان
ڇهَتَا ڇهپَرَ پرِيَنِ جو پير پَرْتِيَان تو
بَرِ بوَرَاٿو جو سو لَڳي مَتَان لَتِيَين ✧

٤

وَاوَ وِڃَايُمِ ڪَالهہَ پُٽهِيَ جَنْهِن پَنْڌُ ڪَرِيَان
وَنجَنُ مُون وَاٽِين پَنُو هوُتَنِ ڪَارَنِ حَالَ
جَبَلُ ڏورِيَان جَالَ ڪَارَنِ پيرَ پُنْهُو جي ✧

٥

ڪهوڄُ مَ اُجها ڪهيهَ ڪِرْڊِ پَسُ ڪُنْڪَنِ جي
ڏُکهِي مَنْجهَان ڏيهَ نِکَرُ نَاهِ ڪُلهي ڪَري ✧

٦

ڏورِ مَ تون ڏورِيجِ صَبْرُ ڪَرِ مَ سَسُئِي
پَرَنُ ڇهَڏِ پيرَنِ سين وِهَنُ وِسَارِيجِ
سُکهَنِ جَا سَيِّدُ چَوي لَاکَاپَا لَاهِيجِ
هِنئي سَانُ هَلِيجِ تَہ پَنْڌُ پَاسي ڀهَرَ نِبِري ✧



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٧

وِيتَهِيَس وِکَھَ ڏ اُپڙي تُون آريَاڻِي آءٌ
ڇِڪِيَ تو سِين چَاھُ پَاسي ٻَهَر پِيئِي رِڙهي ٭

٨

کُهِيَ جَا کَهَيَائِين تَنْهِن وِکَھَ وِڃِهي کَئِي
ڇِهِڪِيَ ڇِهَنَائِين پَنْڌُ مِڙِيئِي پَبَ جو ٭

٩

سَوُ کوھُ ڪَري سَبهَکَا تُون ڪهُوِيي کَهَڄِ وِکَھَ
تَانِ مَنْجهَان تِکَهَ تَہ پَنْڌُ پَاسي ٻَهَر نِبِرِي ٭

١٠

وِٿو جَاڳَائي جَتُ وِيرِي کَنْهِن وِلَاتَ جو
سَنْڌُو سُورَنِ خَطُ ڏِنُم هوتَ هَتهَنِ سِين ٭

١١

ڏُهِلَا مُون ڏِينهَ تهِيَا پِيئِمِ جَامَ جَيُون
کَنْڍي پَنْڌُ پَهَاڙَ ڏي تهِيمِ رُوحُ رَيُون
لُڇهِئو تهِيَان لَطِيفُ چَوِي کَارَنِ دوسَ ڏهِيُون
ٻهَانْيَان لَکَ لِيُون جي سُورَ پرِيَانَ جَا سَانُ مُون ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۲

هيڪلِيَائِي هَانِ پُورِينْدِيَسِ پُنْهُوَ ڏِيَ
ڪَنْدِيَسِ ڪوهِيَارَلَ سين رُچِي رُوحَ رِهَانِ
رُلي ڇهُلي ڇهَپَرِين ڪَنْهن پَرِ لَاهِيَان ڪَانِ
آهِيَان ڪهَنْوَ اَجَانِ سُورَ پِرِيَانْ جا سَانُ مُون ٭

۱۳

هيڪلِيَائِي هيلهَ پُورِينْدِيَسِ پُنْهُوَ ڏِي
آڏا ڏُونْگَرَ لَڪِيُون سِيڙهِيُون سُنْجِنِ سِيلهَ
تَ ڪَرَ بيلِي آهِنِ بيلهَ سُورَ پِرِيَانْ جا سَانُ مُون ٭

۱۴

دوسُ ڏِٺهَائِين دِلِ سين وِرْچِي تَا نَ وِهِي
لَانچِي لَڪَ لَطِيفُ چَئِي پَنْهَنِ مَنْجهِ پِهِي
سَنْڌِي نِينهَ نِهِي ڪِي سُرْخُرُو سَسُئِي ٭

## وَائِي

ڏِينْدِيَسِ مَانْهُ مِرُنِ کهي آنْسُون جَرَّا جِيئُ ڪَرِي
اِي هوتَ ڏِينْدِيَسِ مَانْهُ مِرُنِ کهي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏيٺي ٻاهه ڀنڀور کي آيس تو ڪري
ڏينديس ماڻهه مرن کي

آءُ اوراهون سپرين ونڃ م پيئي پري
ڏينديس ماڻهه مرن کي

آريانيءَ پنهو ري سرتيون مون نه سري
ڏينديس ماڻهه مرن کي

جندڙي پايو جان مين ڏکي ڏکهه ڏري
ڏينديس ماڻهه مرن کي

مون ڏٺي م وسهو ورچي تا نه وري
ڏينديس ماڻهه مرن کي

ڏکيءَ کي ڏيکارئو ڍهاران منهه مري
ڏينديس ماڻهه مرن کي

پيالي پرين جي موهيس ميٺهه ڪري
ڏينديس ماڻهه مرن کي

آريءَ جي عشق جي آندر آڳ ٻري
ڏينديس ماڻهه مرن کي

تو کي توءِ نه ڇهڏيان جي ونڃان ٻهنئي تري
ڏينديس ماڻهه مرن کي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

دهَڙُ وِڄهَنْدِيَسِ دهُوڙِ مين مَتهڙ دهَارَ دهَرِي
ڏِينْدِيَسِ مَانْهُ مِرُنِ کهي
هَلَنُ سُنِي هوتَ جو ڏُکهي پَسُ ڏرِي
ڏِينْدِيَسِ مَانْهُ مِرُنِ کهي
پِرِين کهَڄِ پَانْهون جُون اَکهيُون پَاجهَ بهَرِي
ڏِينْدِيَسِ مَانْهُ مِرُنِ کهي
اَدِيُون عَبْدُ اللَّطِيفُ چَوِي مَنَ کَا مِهرَ کَرِي
ڏِينْدِيَسِ مَانْهُ مِرُنِ کهي ❖

## فَصُلُ ڏهون

١

آءُ اوڙاهُون سُپِرين وَنِڄُ مَ اَکَاهُون
تهَکِي کهَنِي تهَرَنِ مين پَاکَارِي پَانْهُون
دَرْدَنِ جُون دَاهُون مُونَ مَارِينْدِيُون موٽُ تُون ❖

٢

آءُ اوڙاهُون سُپِرين وَنِڄُ مَ پِيئَ پَرِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مُون ڏِٺهي مُون وِسهو وِرچِي تا نہ وَري
دهَارَان مُنهَہ مَري ڏُکهِيَ جي ڏِيکهَارئين ٭

٣

آءُ اوڙاهُون سُپِرين پَري وَنڃُ مَ پيئُ
هوتُ مَرَنڌِيَسِ ڇهَپَرين تُون جِيَاپُو جيئُ
هوتَ مَ ڇهَڏِڄِ هيئُ پُنهُون پِيَادِي پَنڌهَ مين ٭

٤

آءُ اوڙاهُون سُپِرين ڏُکهِيَ ڏُکهُ مَ ڏِڄِ
پيهِي کهَرِ پُڇهِڄِ تہ هوتَ هَلاکَتَ نہ تهِئي ٭

٥

آءُ اوڙاهِين سُپِرينِ ڏُکهِيَ ڏِڄِ مَ ڏَاکهُ
وَتِ ڇهَڏِي مُون وَاکهُ آرِي وِئين عِشْقَ جو ٭

٦

ڇهَنُ وَرَ وِسَارِئين آرِي لَڱِ اَللّٰہَ
تو کهِي سَارِي سَاءُ اُکَنْڌهِئو آهُون کَرِي ٭

٧

ڇهَنُ وَرَ وِسَارِئين صَبْرُ نہ سَارِيَان
تو کهِي نِهَارِيَان آءُ مُنهِن جا سُپِرين ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٨

هَتهَان هَڏِ نَہ ڇهَڏِيَان صَبْرُ شُڪُرَانو
ذَوْقُ زَمَانو مُون وَرَ وِئو وِسِرِي ⋄

٩

صَبْرَ ۽ شُڪُرَ کهِي ڪَاڙِي آنئُون ڪَنْدِي
آهِيَان جَنهِن سَنْدِي سو تَہ کهُرْڇِي سَانُ مُون ⋄

١٠

صَبْرَ ۽ شُڪُرَ کهِي وَتهِي آنئُون وِيتهِي
ڏُکهِيَ سَان ڏِيتهِي ڪا ڪَ اَڇِي ڪَڏِهِين ⋄

١١

صَبْرَ ۽ شُڪُرَ کهِي هَتهِ ڪِيو مُون هَانِ
پِرِيَمِ اَچِي پَانَ پهَتِيَ کهِي پُڇهِجِ تُون ⋄

١٢

ناهِ جَمِيعَت جَانِ کهِي هوتَ پُنجَانَا هَانِ
اَلّا سِيئِي آنِ جَنِ سَاءِ ڇَکهَايُمِ سِکَ جو ⋄

١٣

ناهِ جَمِيعَت جَانِ کهِي پُنْهُوَّ پُنجَانَا
سِي مُون سِيبَانَا جَنِ سَاءِ ڇَکهَايُمِ سِکَ جو ⋄



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وَائِي

مُون کهي تَان جهَلَ مَ پَايو جيڏِيُون آنُون هَلَنْدِي هوٽ ڏِي
هِي بَارُ بهَنْبهوڙ جو سِر لُوٽهِيَ تَان لَاهِيو
جيڏِيُون آنُون هَلَنْدِي هوٽ ڏِي
آهِي عَاجِزِنِ تي پَسَنُ سَنْدُنَ سَاعيو
جيڏِيُون آنُون هَلَنْدِي هوٽ ڏِي
کِي نَ وِهَنْدِيَس کُنْڌَ مِين نَ مُون پِيئُ نِپَايو
جيڏِيُون آنُون هَلَنْدِي جوٽ ڏِي
وِهَارِي وَطَنَ مِين شوڌِيَ کهي مَ سِکَايو
جيڏِيُون آنُون هَلَنْدِي هوٽ ڏِي
کُتهَلِ کَجَاوَنِ مِين چَاڙهي هوٽَ هَلَايو
جيڏِيُون آنُون هَلَنْدِي هوٽ ڏِي
اَدِيُون عَبْدُ اَلطِيف چَوي مَوْلي مُحِبُّ مِلَايو
جيڏِيُون آنُون هَلَنْدِي هوٽ ڏِي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## فصل يارهون

۱

ڪَنُ تهيئ ڪيچِنِ ڳُجهڙو ڳُجهُ مَتان ڳُجهَنِ
اِشارَتون اُنهين جون سُڪُوتانْ سُجَنِ
وَتان ويهي تَنِ سُنُ تَ سوز پِرائِيين ◇

۲

سُنُ تَ سوزُ پِرَئِيين آءِ چَيائون اَڄُ
ٻولِي ٻي نَ سِکِيا پائان چَونْدَءِ ٻهَجُ
واڇي وَتِ مَ وَڄُ ٻُنْدَهُ تَ ٻِيائِي لَهين ◇

۳

ٻُنْدَهُ تَ ٻِيائِي لَهين آئُون اُتِ نَ آهِ
ڳُجهَنُ ڪَڏهِي لاهِ ڪَنُ تهيئ ڪيچِنِ ڳُجهڙو ◇

۴

ڪَنُ تهيئ ڪيچِنِ ڳُجهڙو ڳُجهُ مَ ڳُجهائُون
رَهِنُو نَ رَتِيَ جيتِرو اُنهين وَتِ آئُون
وَڏهي وِڌهائُون هو جو وَنُ هُوَنَ جو ◇



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٥

ڪَڏِهن پَڇِجي ڪَنُ تهِي ڪَڏِهن تهجِي وَاتُ

ڪَڏِهن تهجِي ڪَاتُ ڪَڏِهن تهجِي ٻَڪِرو ٭

٦

ڪَتَارو ॥ ڪوسُ اَنُڪَنِ آرِيَ جَامَ جي

ڏِيَتَ آهي دوسُ مَارَڪَ مين مُٺِنِ جي ٭

٧

ڪَا مُون ڇُڇِهَاهُه ڪِهَنِيُون ڪُهُرْجَنِوَ اوتِهِمَا

هِي وَنَ نَه لَهَنْدَا هُوءِ وَنَ اوڏاهين ڪهَنَا ٭

٨

اَکِهِيُون لَتَ اوزَاتِيُون ڪَنْهِن پَرِ ڪَتِّيَان پيرُ

لَٿُون لَاهِيندو ڪيرُ مُون جِهَتِيَ مَعْذُورِ ڪهَان ٭

٩

اَکِهِيُون آرِيَ جَامَ جُون اَنْدِهِيَ سين آهِينِ

هُوءِ جي وَنَ وِنْدُرَ جا سي مُون سُنْهَائِينِ

ڏِسِنو ڏيکهَارِينِ پيشَانِي پُنْهُو جِي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۰

اَکِيُون آرِيَ جَامَ جُون آهِنِ اَنڌِيَ سَانُ
پَسِي کَنڊِيُون پَانُ پيشَاني پُنهُوءَ جِي ٭

۱۱

سَڌَ مَ کَرِ سَڌَنِ رِيَ هَلَنَ رِيَ مَ هَلُ
جَلَنَ رِيَ مَ جَلُ رُوَنَ رِيَ مَتَان رُئِين ٭

## وَائِي

ٻَارُوچَان ٻَاجهَ کَهَنِي آن تهِي ڇهُلَان مَتهِي ڇهَپَرِين
مُون پَنهِنِ جِي پِرِتَ سين وِينڌِيَس وَاکَ وَنِي
آن تهِي ڇهُلَان مَتهِي ڇهَپَرِين
مَرُ تَان پَوِيمِ مُنهَ مين سَنڌِي پِيءَ پَنِي
آن تهِي ڇهُلَان مَتهِي ڇهَپَرِين
کُونهِي هِنَ ڀَنڀورَ مين ڏهَارَان دوسَ ڏهَنِي
آن تهِي ڇهُلَان مَتهِي ڇهَپَرِين
هَتهَان هَڏِ نَ ڇهَڏِيَان مُون آرِيَ جِي پِ اَنِي
آن تهِي ڇهُلَان مَتهِي ڇهَپَرِين
آهِي هوتَنِ هَتهَ مين سَنڌِي جِيءَ جَنِي


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آن تهِي چهُلاَن مَتهِي چهَپَرِين
ڪِي نَ وِرمِيا ڪِتهَئِين جُلْيَا جَنُ هَنِي
آن تهِي چهُلاَن مَتهِي چهَپَرِين
مُون ڪهي ڪوٺهئو پَانَ ڏِي هَادِي هَتهُ ڪهَڻِي
آن تهِي چهُلاَن مَتهِي چهَپَرِين
پُنْهُوَّ دهَارَان پَبَ مِين بِيلِي نَاهِ بَنِي
آن تهِي چهُلاَن مَتهِي چهَپَرِين
توَرِيَ تِيلُ نَ پَاٺِيَانِ نَ ڪَا سِينْدِهَ پهَڻِي
آن تهِي چهُلاَن مَتهِي چهَپَرِين
اَدِيُون عَبْدُ الطِيفُ چَوِي لَڪِيَمِ تَنَ تَنِي
آن تهِي چهُلاَن مَتهِي چهَپَرِين ⁘

---

## چهوٽڪِي.

۱

اُتهِئو ۽ اُتهِيَاڪَ ڪَالهوَڪو ڪَاڏِي ڪَيو
وِٺو جَاڳَائِي جِيڏِيُون هِيڻُ بِرِهَ جو بِي بَاڪَ
چُرپُرُ ڪَارِي چَاڪَ سُورَ سُمْهَارِي ڪِي نَ ڪِي ⁘



books.sindhsalamat.com	www.sindhsalamat.com

۲

سَنڌِيُون سُورَ ڪَرِينِ ھَڏَ پُنُ ڏُکَھَنِ ھوتَ لِئَ
پرِيَنِ جي پَانَ ڏِنا ٻي سُتِي سُکھُ نَہ ڏِينِ
جي مَاڙھُنِ کھي مَارِينِ تَنِ سُورَنِ کھي سَڌَ ڪَرِيَان ٭

۳

سَدَا وِدھِيَمِ سُورَ جِي اَکِيَان کوھِيَارِي
جو نَجَسُ نِکَالِي سو پُنھُون وِجھو پَانْدَ مِين ٭

۴

جَان سَاسَاٽِين سَسُئِي تَان وِيسُ وَرَنِ جو کَرِ
لَاھِي لَڄَ لَطِيفُ چَوِي تھِيڻُ ٻيکھَارِيَانِي ٻَرَ
وِينْدِي پَوَنْدءِ وَرِ اَکِيَان ھوتَ حُضُورَ مِين ٭

سَسُئِيَ کھي سَڌُ تھِئو جَنْھِن پَرِ اوَلَانو
پَنْدھُ پُنجَانو اَنَکوڻھِي کَا نَہ کَرِي ٭

۶

پَسو پَرَاوَنِ سُورَنِ آڏِي سَسُئِي
پَرَاوَا پَنْھِن جَنِ وِجھَنِ وِيچَارِيَ تي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٧

مُنْڌهَ نَہ مَنْجهان تَنِ پَسِي لَکَ لُڏَنِ جِي
جَا پَرِ کَهَاهوڙَنِ سَا پَرِ سِکهِي سَسُئِي ◊

٨

مُنْڌهَ مَہ مَنهِ وِيهُہ اُبهِي اُسُرُ اُسَ مِين
تو ٻِيئِي ٻِينَ کَيَا ڏُورِ جَنْهِين جو ڏِيهُہ
پَاڙِي پَاڙِي پِيهُہ وَٽُ پُڇَنْدِي پِرِنئَ کهِي ◊

٩

ٻِيلِي نَاهِ ٻهَنْبهورَ مِين کو سَسُئِيَ جو سَهِي
ڏمَرُ ڏِيرَنِ مَنَ مِين کَنْڏَا اِينئَ کَهِي
لَنْگهَائِي لَطِيفُ چَوِي کهَنجِ تُون جَامَ کهُهِي
هِيئَ مَعْذُورِ هَڏِ مُئِي تُون کَامِلَ وَنجُ مَہ کِيڏِهِين ◊

١٠

اوَلَاکَنِ آچِي مَعْذُورِ ٿِي مَارُو کِٿُو
مَتَان وَرَ وِسَارِئِين مَنْجهَان کُرَ ڪِڇِي
سُپَکِ تهِيئُ سُورَنِ سِين پَهُچَنْدِئَنْ پَچِي
مَنْجهَان رَمْزَ رَچِي تهِينْدِئَنْ لَالَ لَطِيفُ چَوِي ◊


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وَائِي ١

ڪَالهِيُون هوتَ ٻَروچِي سَانُ مُنْهِن جي جِيئَ جُون جيڏِيُون جيڏِيُون

چهُلِي پيتهِيَسِ چهَپَرِين سَنْڳَ تُنْهِين جي سَانُ

مُنْهِن جي جِيئَ جُون جيڏِيُون جيڏِيُون

چَڙهِي ڏاڏهين ڏونگَرِين پُرْزَا ڪَنْدِيَسِ پَانُ

مُنْهِن جي جِيئَ جُون جيڏِيُون جيڏِيُون

رُلِي چهُلِي چهَپَرِين يَارَ وِڃَايُمِ جَانُ

مُنْهِن جي جِيئَ جُون جيڏِيُون جيڏِيُون

هَتهَان هَڏِ نَ چهَڏِيَان سَنْڌِ نِينْهَ نِدَانُ

مُنْهِن جي جِيئَ جُون جيڏِيُون جيڏِيُون

نَصِيبُ ڪَرِئو سَسُئِيَ کهي پُنْهُوَ وَتِ وَتهَانُ

مُنْهِن جي جِيئَ جُون جيڏِيُون جيڏِيُون ⁘

## وَائِي ٢

پَلَڪَ نَ رَهي دِلِ تو ري وَرُ مِيَان صَاحِبَ خَانَ ٻَروچَا

20



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اُتهه چارِينديس اُنِ جا مَنجهان تَڪَرَ توري
وَرُ مِيَان صَاحِبَ خَانَ بَروچَا
ڏِينديَسِ مَاسُ مِرُنِ کهي مَتهَان ڪُلهَنِ ڪوري
وَرُ مِيَان صَاحِبَ خَانَ بَروچَا
ڪَانگَ ڪهنندمِ ڪِيچَ جا مَانُهه چُنجُنِ سين چوري
وَرُ مِيَان صَاحِبَ خَانَ بَروچَا
آرِيَانِي عَبدُ اَلطِيف چَوي اَچي مِلَندمِ اوري
وَرُ مِيَان صَاحِبَ خَانَ بَروچَا ٭

## وَائِي ٣

مِيَان ڪيچِيا ڪَرهَه مَه ڪاهِيو آئون آرِيَانِيَ عَرضُ چَوَندِي
ڪَري هوتَ هَلَنَ جي لُوتهِيَ کهي مَه لُڇهَايو
آئون آرِيَانِيَ عَرضُ چَوَندِي
وَسِيلو وِلهِيَ جو اَٿِين آڪَانڊهو آهِيو
آئون آرِيَانِيَ عَرضُ چَوَندِي
پَاسي مِين پَرِتِ جي آني اُتهه جهڪَايو

آئُون آرِيَانِيَ عَرْضُ ڇَوَنْدِي
وِلهِيَ جي وِهَانُوَ مين وَاڃَتَ سَبهِ وَڃَايُو
آئُون آرِيَانِيَ عَرْضُ ڇَوَنْدِي
اُکهَاڙِي آتَنَ مين پَنهِن جي پَانَ پهَرَايُو
آئُون آرِيَانِيَ عَرْضُ ڇَوَنْدِي
سَائِنئَ کَارَنِ سُپِرِين صُورَتَ کهي مَ سِڱَايُو
آئُون آرِيَانِيَ عَرْضُ ڇَوَنْدِي
سَاکِنَ تهي شَهَرَ مين مَعْذُورِ کهي مَرْکَايُو
آئُون آرِيَانِيَ عَرْضُ ڇَوَنْدِي
پُنهُوَّ جَامَ پَرِيتِ سين ويهي سُورُ وِرَاهِئُو
آئُون آرِيَانِيَ عَرْضُ ڇَوَنْدِي
لَاهِي بَارَ بهَنبهورَ مين وَهَندڙ کهوٽُ وَنَاهِئُو
آئُون آرِيَانِيَ عَرْضُ ڇَوَنْدِي
پُنهُوَّ جَانِجهَّرَنِ کهي رَندهِي کهِنّنَ کهَارَايُو
آئُون آرِيَانِيَ عَرْضُ ڇَوَنْدِي
پَرِنَائِي پُنهُوَّ کهي نيکهيتِي نِکهرَايُو
آئُون آرِيَانِيَ عَرْضُ ڇَوَنْدِي


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻيلي ٿِي ٻانڀڻَ سين ڏِکهيَ ڏيجُ ڏِکهارِئو
آئُون آرِيانِيَ عَرْضُ ڇَوَنْدِي
اَڊِيُون عَبْدُ اَلّطِيفُ چَوِي ٻَجَنَ کهي سَارَاهِئو
آئُون آرِيَانِيَ عَرْضُ ڇَوَنْدِي ٭

---






books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# مَعْذوري

## فَصُلُ پِهريون

١

هَلَنْدي هوت پُنهُوَ ڏي کُهِهجَنِ کي کُهوتِيُون
پَنهَنُ تَنهين پَٽُ تهِڻي جي لِئِ لالَن لُوتهِيُون
سَبهِ سَهيلِيُون سِکَ کهي چُنْجهُون ۽ چُوتهِيُون
بانُبهَنِ تهِيئُ بُوتِيُون تہ کُتا کهِنِي کيچَ جا ❊

٢

کُتا کهِنِي کيچَ جا سَنْدا جي پُنهُوَ
اکهين هُونْدَ اَسُونهَ جي جانارَنِ يادِ پَوين ❊

٣

تَنِ پيئي جانارَنِ يادِ جي پازهيلَ پُنهُوَ جامَ جا
سَنْدِي لالَن لادهِ مُيا پَوي مُنْدهَ تي ❊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۴

جاڳايس جنبور ڪُتي تريبن جي
ٻهي ٻهُنڪي اُتهتو ڪهُري منجهان ڪهُور
سبهه لاهيندو سُور ڪِري هِن ڪريب تان ⋄

۵

نہ ڪي آهيون چوهڙا نہ ڪي آهيون چوڙ
هاڪاما ء هوزڪُتا ڪرين تهو ڪن تي ⋄

۶

ڪُتو چي تريب جو آهيان سادهُ صحي
پهرين بات ٻهي پُڇهان پوءِ پانڌهن ڪهان ⋄

۷

ڪُهين تان تون ڪُهُ ڏس مہ چُوهڙيا
سنڌا آهيڙيا آن نہ سهنڌي هتهڙا ⋄

۸

ڪُتو ڪهوڙو ڏهوندهہ جو اسان ڪُتي ڪي نہ
ڇهُتي آهي چين ڪارائي جي ڪُن مين ⋄

۹

ڪُتو ڪرتي هڌيون جوانُ مرڍُ جگر ڪهاه
اَلدُّنيا جيفَةٌ طالِبُها كِلابٌ ايئُ هِنتي سين لاه ⋄



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٠

يَارُ ڏِٺَهائُون يَارَ جو پُٺِهيَ پيرُ ڪَڙِينِ
ڀِهِرِيَا نَہ فَرْمَانَ ڪهَان اِنْهِينَ مَنِ آهِينِ
ڏِسِي نَہ ڏَاڙهِينِ شَبَانَ جِي سُکهَہ کهِي ⁘

١١

شَبَانَ سِينڌهَارِيًا ٻَجِهيًا تهِي ٻَهَنِ
ڀِهِرِيَا نَہ فَرْمَانَ ڪهُون مُلهُہ نَہ مُوٽِيٽَڙنِ
ڪونْهِي ڏوهُہ ڪُتَنِ ڏَاڪَارِيَا ڏَاڙهِينِ تهَا ⁘

١٢

ڏَکهَا ڏُونگَرَ جَا مِرُون مَرُ.تهَا مُون ٻِي ڪَنِ
پَوَنّدَا ڪِي نَہ پَرِتِ ٻِي هِنَ جَا سَدهَرَ تهَا سُڄَنِ
سَکَائِيَ جِي سَيِّدُ چَوِي آهِي سُدهِہ سَبهِنِ
هُونّدَ نَہ هِتِ ٿَرَنِ پَرَ ڪو قَرَابَتَ ڪَمُ ڪِٿو ⁘

١٣

ڪَمِ قَرَابَتَ جَنِ جِي هِتِي آيَمِ هِينئَ
رِفَاقَتَ رَاڱِنِ.جِي پَهُتَسِ پَانْهَنَ سِينئَ
مَاڙهُون مُلَاحِظو تَنْهِن جو ڪِيچِي ڪَنْدَا ڪِينئَ
ذَاتِ نِسورِيَائِي نِينْهَہ پَرَ سَدهَرَ سِين سَنْکُ تهِئو ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٤

سَدِهَرَ سِين سَنۡکُ کَرِي پَرَ ڪَهَنۡڍِين پِيمَّاسِ
کِيرَ ٻَانۡڀَڻِ کَنِ جِي کِيرُ ڄَاڻِي کِينَاسِ
هُونۡدَ نَہ سِنۡڌُھ سُيَاسِ ھِنَ پُرِئِين کِيَسِ پَڌِرِي ٭

## وَائِي

وَسَان تِهِي وِيَاسِ آيَلِ لَڱُمِ ٻَانۡ ٻَرُوچَ جو
پُرۡزَا پَبَ وَنَنِ مِين پِتهُون تِهِي پِيمَّاسِ
آيَلِ لَڱُمِ ٻَانۡ ٻَرُوچَ جو
نَہ پُنۡ کَاڏهو کِچِ ڏِي تُوڙِي مَاھ مُيَاسِ
آيَلِ لَڱُمِ ٻَانۡ ٻَرُوچَ جو
اَهِي آرِيَ آسِرِي نَہ کُو پِئُہ نَہ مَاسِ
آيَلِ لَڱُمِ ٻَانۡ ٻَرُوچَ جو
آيَمِ اَنۡڌِهِي لُوکَ سِين مُتهِي آنۡئُون مُتهِيَاسِ
آيَلِ لَڱُمِ ٻَانۡ ٻَرُوچَ جو
پِيئَمِ پُنۡهُوَّ جَامَ سِين کُتهِي آنۡئُون کُهتِهِيَاسِ
آيَلِ لَڱُمِ ٻَانۡ ٻَرُوچَ جو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پنهِ وڄ وِصال ۾ سڀِجهي آئُون سُتِياسِ
آيَلِ لَڳُمِ ٻانُ ٻِروچَ جو
اَلا اُنِ مَ وِسِرَان ڏِٺهي جَنِ جِياسِ
آيَلِ لَڳُمِ ٻانُ ٻِروچَ جو
ٻَانُ وِڄايُمِ پيرَ تي ڇِهُتِي آئُون ڇهُتِياسِ
آيَلِ لَڳُمِ ٻانُ ٻِروچَ جو
پيَسِ وَرِ وِصالَ ۾ جَانڪِي تَان جِمِندِياسِ
آيَلِ لَڳُمِ ٻانُ ٻِروچَ جو
اَدِيُون عَبدُ اللطيفُ چوي مُحِبَنِ سين مِلَندِياسِ
آيَلِ لَڳُمِ ٻانُ ٻِروچَ جو ٭

---

فصل ٻيو

۱

ڏُکِهِي ڏَمَرُ نَاهِ ٻُکِهِيَ کِهِلَ نَ اُڃهي
اُکهاڙِيَ وِهَانئِ وِنُو ويچارِ وِسِرِي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۲

آدِيُون وَڙُ اُکَهاڙَ وِهَانئَ جَنْهن وِسَارِئو
جِيڏِيُون چِهَڏِي جَاڙَ سِرِ نَنْگِيُون تهِي نِڪِرو ✧

۳

سَبهِ نَنْگِيُون تهِي نِڪِرو لَاڄَ چهَڏِي لوبهْ
سُپِيرِيَانْ سِين سوبهَ نِنْڏُرون کَنْدِي نَ تهِئِي ✧

۴

سَبهِ نَنْگِيُون تهِي نِڪِرو پَرَهَنَ چهَڏِي پوءِ
مَهَنْدِ مِڙِنِئَان هوءِ کَهِي جَا کِينَ کهَنِي ✧

۵

کَهِي جَا کِينَ کهَنِي پِرِنئَ پُهچِي سَا
وِيهِي وِرْچِي جَا وَصُلُ تَنْهِن وِنجَائِيو ✧

۶

وَصُلُ تَنْهِن وِنجَائِيو سِينْدهِ سُرْمِي سِينئَ
سَا مُتهِي لِيلَان جِينئَ مَنِيو مَٿُ جَنْهِن کَيو ✧

۷

هُونْدِئَان هوتْ پَرِي اوڏو آهِ اَنْهُونْدِ کهِي
سَاجَنُ تَنِ سَرِي لَاسِين لَڏِينِ جِي ✧



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٨

لَائِي خَنْجَرُ لَاجو هِنَ خَنْزَرَ کهي هَنُ
سَدهُنِ جُون سَيّدُ چَوي وَتهُون سَبهِ وِکَنُ
پيرُ پَرُوڙي کهَنُ تَہ هَلَنَ ميں هوڙي وَهين ٭

٩

هوڙنِ هَاڙهو لَنْگهِئو تهيئُ جَرِيڊِي جوءِ
هُونْدِ جَنْهين سين هوءِ هوتُ نَہ هُونْدو تَنِ سَان ٭

١٠

هوڙنِ هَاڙهو لَنْگهِئو مُتهِي مَوَ سَتُ چهَڏِ
لَنوُن سين اُتهي لَڏِ کِينَ رَسَاني کِيچَ کهي ٭

١١

هوڙنِ هَاڙهو لَنْگهِئو کهوڙيُون پَاسي کهوتَ
کِيچِ تَنْهين کهي کوٽهَ کِينَ جَنْهِين جي کُڇهَ مين ٭

١٢

هوڙنِ هَاڙهو لَنْگهِئو کهوڙِيُون جي کهُمَنِ
هَانجِي سِي نَہ هَجَنِ ڏهَارَان سِکَ سَيِّدُ چَوي ٭

١٣

نَہ کا هِتِ نَہ هُتِ کا کهوڙِيَ سَنْڌِي ڳَالهِ
کِي نَہ پَهُتِي مَالِ حَالِ پَهُتِي هوتَ کهي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وَائِي

هَلُ هوُتَنِ کارَنِ حالَ شَلَ سَگَرِ تهِينْدِئَن ساٿهَ جي
پيرَ پَنْهِن جي پِرِنِئَ لَءِ کوڙِ رَتائِين کالهَ
شَلَ سَگَرِ تهِينْدِئَن سَاٿهَ جي
چَڙهَنْدي سِرِ چوٽِيُن لَکَنِ کِنُڙِسِ لالَ
شَلَ سَگَرِ تهِينْدِئَن سَاٿهَ جي
جي ڀَائِين جو وِڇوڙي تهِيان وِصالَ
شَلَ سَگَرِ تهِينْدِئَن سَاٿهَ جي
پُرِي پَٻَ وَڻَنِ مِين وِڄهِڄ کا وَرالَ
شَلَ سَگَرِ تهِينْدِئَن سَاٿهَ جي
ڪِيچان آيو ڪافِلو مَٿهي مِيَنِ مالَ
شَلَ سَگَرِ تهِينْدِئَن سَاٿهَ جي
اِينْدَء بُوء بوُتَنِ جي تُون تان جهَلِج پَٻَ پَهالَ
شَلَ سَگَرِ تهِينْدِئَن سَاٿهَ جي
جِتِي جَمَاجَنِ کهي جَبَلَ تهِئَنِ جَنْجَالَ
شَلَ سَگَرِ تهِينْدِئَن سَاٿهَ جي
پُڇهي پِيادِنِ کهي اُتي آرِيانِي اَحْوَالَ


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شَلَ سَکَرِ تهِينْدِئَن سَاتهَ جي
اَدِيُون عَبْدُ ٱلّطِيفُ چَئِي سَجَنُ مِلَنْدُمِ شَالَ
شَلَ سَکَرِ تهِينْدِئَن سَاتهَ جي ٭

---

## فَـصُـلُ تـرِٿـوَن

هَلَنْدِي هَاڙهو مَنِي کَرِنَا کوهَه پِيَامِ
اَرْڏَا آرِيَ جَامَ رِي کُونْدَرَ کُڌَرِيَامِ
لَکِيُون لَکَ لَطِيفُ چَئِي اوڙَانْگهِنَ آيَامِ
پُرَنُ پُنْهُوَّ پُٽهِ مين اِيَءَ سَعَادَتَ سَنْدِيَامِ
مَتهِسِ کَمَ وِدهَامِ وِهَان تَا نَه وَسُ پِئو ٭

٢

هَلَنْدِي هَاڙهو مَنِي ڏَکَنِ مُنْهِن جا ڏوهَ
هوء اوچهَنَ سِرِ اُتهَنِ تِي هِيَ پَنْدهِ پِيَادِي پوء
لِيڙَن رِي لَطِيفُ چَئِي کِينَنَ کَنْدِيَسِ کوهُ
اَکِيَان رَائو سُڄِي روهُ وِهَان تَا نَه وَسُ پِئو ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۳

هَلَنۡدِي هَاڙهو مَنِي سِسِي ڏِينۡدِيَس سَاهُ
لَکَنِ تَان لَطِيفُ چَئي پَانِيَ نِيُمِ پَاهُ
کَنۡدو بَاجهه اَللهُ وِهَان تَا نَه وَسُ پِئو ٭

۴

هَلَنۡدِي هَاڙهو مَنِي کُسَ تَان کِي نَه کُسَان
لَکَنِ تَان لَطِيفُ چَئي رِڙهِي مَانِ رَسَان
پُنۡهُون شَالَ پَسَان وِهَان تَان وَسُ نَه پِئو ٭

۵

پَائِي حَالُ هَلِي وِيَا کَنۡهِن کهي سُورَ سَلَان
کهَنِئو لَڄَ لَطِيفُ چَئي لَکَنِ مَنۡجهِ لُڇَهَان
پَانۡدهِنِ پيرَ پُڇَهَان وِهَان تَا نَه وَسُ پِئو ٭

۶

وَدهو کِي مَه وَنَاءِ اُوچَا ڏُونۡگَرَ مَه تهِئو
تِرِمو مَه نِيئَاءِ تَه پِيرُ نِهَارِيَان پِرَ جو ٭

۷

وَرِي مُون وَنَاهَ کَا سُدهِ سُنۡهَپَ جِي نَه ڏِهو


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اِيءَ.اِهائِي ڪَالهَڙِي شَجَرَ سُنبِجَاهَ
ڇوڙتِيَ ڇَاڙهِيجَاهَ تَہ مُوڙهِيَ ڪو مُنْهُ تهِئِي ٭

٨

وَرِي مُون وَنَاء کَا سُدهِ سُنْهَپَ جِي نَہ ڏِهو
وِجهِي وَرَاکَنِ ۾ مَعْذُورِ ڪهِي مَہ مُنْجهَاء
مَنْجهَان پَهَنَ پِيَادِيَ ڪهِي هَادِي تهِي هَلاَء
پرِيَنِ سين پَهُچَاء تَہ لَکِينَ لُوتهِي نَہ تهِيَان ٭

٩

وَرِي مُون وَنِکَارَ کَا سُدهِ سُنْهَپَ جِي نَہ ڏِٺو
آهِي اَسُونْهِنِ جِي مَتهِي تو مَيارَ
وِيڙهِيَا وَرَاکَنِ سين لَکَنِ جَا لِيَارَ
ڪَرِيَان تهِي ڪُوکَارَ کَنْڌَنِ کَانْڌِيرَنِ جَا ٭

١٠

کَنْڌَا مُون پيرَنِ ۾ توڙِي لَکهَ لَکَنِ
اَنْکَرَ اَنکُوتهِيُون نِمَرِيُون ڇهِپُون پيرَ ڇهِنَنِ
وِينْدِي ڏَانْهَہ پرِيَنِ جُتِيَ ذَاتِ نَہ پَائِيَان ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۱

جُتِي سي پَائِينْدِيُون جَنْهِين پيرَ پِرِين
لَاتِهي سَبهَه پَرِين سَسُئِي سُپِيرِينِ کهي ○

وَائِي

وَنجي وَنجي وِترِي تِتي جِتِ پيرُ ڏِتهَائِين پِرَ جو
مَري رَهَنْدِيَسِ مَاگهِين نَہ تَہ هَادِي اَچِجِ هِتي
جِتِ پيرُ ڏِتهَائِين پِرَ جو
مُون کهي ڇهڏِي هَلْيَا کَا پيئَنَ مَنهِي پِتي
جِتِ پيرُ ڏِتهَائِين پِرَ جو
پِتهُون تهينْدِيَسِ پَتَ مين مَنْجهَان نِينْهَ نِرْتي
جِتِ پيرُ ڏِتهَائِين پِرَ جو
جَنْهِن ڇهيڙِي وِدهِيَسِ ڇهَپَرِين سو پَسَان کوهِيَارُو کِتهي
جِتِ پيرُ ڏِتهَائِين پِرَ جو
هوءِ وِيَا وَنِکَارَ ڏي هِنَ بهوِرِيَ بهَانْيَا هِتي
جِتِ پيرُ ڏِتهَائِين پِرَ جو
آمَا لِيمَا پهُلَ پهَارُهَا هُوَا کَانْگَا رَانْگَا جِتي
جِتِ پيرُ ڏِتهَائِين پِرَ جو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لَکَنِ مَنۡجھِ لَطِيفُ ڇَٽِي آن مِلِيَسِ سَان سُرۡتِيَنِي
جِتِ پِيرُ ڎِتهَائِين پِرَ جو ⁘

---

## فَصۡلُ چوٿون.

١

مري جِيئُ تَہ مَانِئين جَانِبَ جو جَمَالُ
تهِنۡين هُونۡدَ حَلَالُ جي پَنۡدِ اِهَائِي پَاڙِئين ⁘

٢

مَرُ تَہ موچَارِي تهِنۡين اَجَلَان اَڳي اَڄُ
جَانۡکِي هُنۡين جِمِري تَان مُنۡدهَ بهَنۡبهوَرَانۡ بهَڄُ
پَنۡهُوَّ سَانۡ پَهَڄُ تَہ مَلَکَ الۡمَوۡتُ مَانِئين ⁘

٣

مَرُ تَہ موچَارِي تهِنۡين جِيئُ نَہ آڎو جَت
هَارِي کَرِ هِمَّتَ تَہ دَمُ ڎِيئِي دوسُ لَهِين ⁘

۴

مَرُ تَہ موچَارِي تهِنۡين وِيهِي وِجهُ نَہ وِيرُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٥

مَرُ تَہ مؤچَارِي تهِئين وِيهِي جِيئُ مَہ جَزَءِ
مُنْدهَ مَرَنَان پوءِ پَهُچَنْدِئَن پُنْهُوَ کهِي ⁘

٦

اَجَلَانْ اَڳي سَسُئِي مُنْدهَ جِئَرَائِي مَرُ
تَوَلِيَانْ تَنْهِن مَہ تَرُ جَنْهِن رُوحُ وِنجَايو رَاهَ مِين ⁘

٧

مَرَنَانْ اَڳي جِي مُئَا سِي مَرِي تهِئَنِ نَہ مَاتُ
هُونْدَا سِي حَيَاتُ جِئَنَانْ اَڳي جِي جِيَا ⁘

٨

جِئَنَانْ اَڳي جِي جِيَا جُڳِ جُڳِ سِي جِئَنِ
مؤتِي کِي نَہ مَرَنِ مَرَنَانْ اَڳي جِي مُئَا ⁘

٩

اُوچَا اُتَاهَانْ کهَنَا جِئَنَ کهِي جَبَلَ
مَرَنَ مُون سِين هَلُ تَہ پُتهِيَ تو پَنْدهُ کَرِيَان ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۰

تو سَنْگُ سَاهَ کهڻَنَ سِين جِئَنُ کوشِي جَاءِ
مَرَنَ مُون سِين آءُ تَ پُٺِهِيَ تو پَنْدُ کَرِيَان ٭

۱۱

تو سَامَاڻِجِي سَسُئِي مَرَنُ کِئُو مُرْدَارُ
کُپَرِ سِين کوهِيَارُ لُوتِهِي تو لَڄَائِيو ٭

۱۲

پِرِ مِين پَڄِي پِرِنِيَ کهي مَرِي نَ جَاتو،
مُوتُو مُنْدهَ نَ سوءِ کَنْدهُ لُڄَاڙِئَان کَاتِئِين ٭

## وَائِي

دَرْدَ مُنهِن جِي جَا دَارُون وِڙ مُوتُ سَبَاجهَا سُپِرِين
مَنِ لَگِيُون مُون وِسِهو مُحَبَّتَ سَنْدِيُون مَارُون
وِڙ مُوتُ سَبَاجهَا سُپِرِين
مَاڻِتِرَنِ مُون سِين کهَنَا کهَنَ کِتَرَا کَارُون
وِڙ مُوتُ سَبَاجهَا سُپِرِين
سُکهَنِ مُون سِين کِي نَ کِئُو سُورَنِ لَدهِيمِ سَارُون
وِڙ مُوتُ سَبَاجهَا سُپِرِين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مُنْهِن جُون شَهَر بهَنْبهوُر مين پَلِ پَلِ پَوَنِ پچَارُون
وِڙ موتُ سَبَاجهَا سُپرِين
اَدِيُون عَبْدُ ٱلْطِيف چَئِي لَڳيُمِ تَنَ اَنْدَرِ تَارُون
وِڙ موتُ سَبَاجهَا سُپرِين ٭

---

فَصُلُ پَنْجُون

١

هَتهين پيرين مُونَڙين هَلِجِ سَانُ هِنئِين
عِشقُ آرِيَ جَامَ جو نِبَاهي نِئِين
جَان جَان تهي جِئين تَان تَان پَاڙِج کو مَ پُنْهُوَ سَان ٭

٢

هَتهين پيرين مُونَڙين کهِجِ بهَرِ کَپَار
مَتَان چهوري چهَڏِئين پرِيَتَني پچَارَ
تو کهي سُدهِ سَسُئِي سَنْدِي لَنُون لَکَارَ
جي هُوَنِي هوتَ هَزَارَ تَہ بهِ پَاڙِج کو مَ پُنْهُوَ سَان ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٣

هتهين پيرين مُونَڙين کهجِ بهَرِ کُدَامَ
وِچِ وَسِيلو نَاهِ کو اوري آرِيَ جَامَ
لاَئِجِ هِنئِي هَامَ پَاڙِجِ کو مَ پُنهُوَ سَان ٭

٤

هَتهين پيرين مُونَڙين پُري کَجِ پَرَکهَ
قَدَمُ کهجِ دهَنِيَنِ ڏي پَاه وَدهَنْدِي وِکهَ
جي هُوئِي هوتَنِ لکهَ تَہ پَاڙِجِ کو مَ پُنهُوَ سَان ٭

٥

هَتهين پيرين مُونَڙين سُرِجِ سَانُ پَسَاهَ
هوتُ کَڏِهِيِّ حَبِّ مين رَهَبَرُ مَتهي رَاهَ
جَان جُان سَانُئِيِّ سَاهُ تَان پَاڙِجِ کو مَ پُنهُوَ سَان ٭

٦

تَهَدِهِيَ تهکِي نَہ وِهِي تَتِيَ کَرِي تَانَ
وِدهَائِين وَنِکَارَ مين سَسُئِيَ پَانُ سُکَانَ
پُڇهي پَهَ پَکهِنِ کهَان پيئي مُنْدهَ پَريَانَ
تَنِ ڏِنَسِ ڏيههَ وَنَنِ جا اَللّٰہَ لَکِ اَهُنجَانَ
مَانَ پَرْچِي پَانَ اَچِي آرِيَاڻِي وَرِي ٭

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٧

تُوڙِي وِلاڙُون ڪَرِين تُوڙِي هَلِين وِکَھَ
تَہ بِہِ لِکِهِيُ مَنۡجھَان لِکَھَ ذَرَو ضَايَا نَہ ٿِئِي ٭

٨

لِکِهِيُو جو نِراڙِ سو اَنۡکُ کِيَاڙِيَان نَہ ٿِئِي
پَاڙِيُو وِيٺِي پَاڙِ جِيکِي لَالَنَ لِکِهِيُو لوھَ مِين ٭

٩

جِتِي جِيتِرِيُون لِکِهِيُون لوھَ قَلَمَ مِين
تِتِي تِيتِرِيُون کِھَڙِيُون کَھَارِنُ آئِيُون ٭

١٠

کَيَائِين کِيچِنِ لَئِ جُسو جَلَاوَت
ڇِهَڏِي پِيٺِي ڇِهَپَرِين هَارِي سَبھَ حُبّتَ
هُئِي نِمَانِي نِسَت پَنۡدھُ وِڌھَائِين پَانَ تِي ٭

١١

ڏُکِهِيَ ڏورِنُ پَانَ تِي وِيچَارِيَ وِڌھو
ڏِيلُ تَنۡهِن جو ڏُکَھَ سِين سَبھوئِي سِڌھو
هُوسِ اَگَ لِڌھو پوءِ تِهِي کَرِي پَنۡدھَڙَا ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٦

پَنڌهُ نہ پَنڌهَنِ جيترو کِي نہ سُجَنڊِي کِيھَہ
جيکَرَ کَرِيَان رِيھَہ پَرَ چَونڊَا مُنڌهَہ چَرِي تھِي ٭

١٣

چَوَنِمِ مَرُ چرِي تھِي پَرَ چِي سَڌَ سُنِينِ
وَرُ مُون کھِي ڏِينِ مَاڙهُون اَچِئو مِيهِنَا ٭

١٤

مَاڙهُون ڏِيئِي مِيهِنَا مُون کھِي کَنڌَا کوهُہ
ڇهو ڇهوڙِيَان ڇهوهُہ جِينئَ پِتھُون تھِينڊِبَس پِيرَ تِي ٭

## وَائِي

وِيهُہ مَہ وَاتَ وِرِچِي اَلَا جِينئَ کَهَنڊِئَنْ تِينئَ لَهَنڊِئَنْ اَلَا
کَنهِين کَهِي کَا اَچِي اَلَا جِينئَ کَهَنڊِئَنْ تِينئَ لَهَنڊِئَنْ اَلَا
اَمُلُ بهَانِيَان اُنَ کهِي سَاجَنَ مُون کهِي جَا چِئِي
اَلَا جِينئَ کَهَنڊِئَنْ تِينئَ لَهَنڊِئَنْ اَلَا
پِيرَ پَٿَائِي کَوْنرَا رَائِي تھِنڙَسِ رَچِي
اَلَا جِينئَ کَهَنڊِئَنْ تِينئَ لَهَنڊِئَنْ اَلَا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مَنْهُ کَرِ مَعْذُورِنِ ڏي پُنْهُون جَامَ پَرْچِي
آلا جِينءَ کَهَنْدِئَنْ تِينءَ لَهَنْدِئَنْ آلا
مُون کهي تَنْهِين مَارِئُو جَتَنِ جا تهي اُتِي
آلا جِينءَ کَهَنْدِئَنْ تِينءَ لَهَنْدِئَنْ آلا
وِنْدُرَ وَاتُنِ تِي کَانْدهِي تهِينْدَمِ کِيچِي
آلا جِينءَ کَهَنْدِئَنْ تِينءَ لَهَنْدِئَنْ آلا ❊

---

## فَصُلُ چَهَـرُن

۱

جهَلِي تَا نَہ رَهَان دهَارَان پَسَنَ پِرِ جِي
اَپِرِ عَاجِزِ آهِيَان لَالَنُ جَان نَہ لَهَان
فَرْدَا مُون پهِتُو کِيو وَعْدِي ڏي نَہ وَهَان
صُبَحَ سِينءَ نَہ سَهَان تُونِي مِيڙِين تُونِي مَارِئِين ❊

۲

فَرْدَا مُنْدهَ پهِتُو کِيو رُوکَڙِ کهَڻِي نَارِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هِيَ جَا وَاڳَ وِلهِيَ جِي ڊيرَ ٿ ڏي وَارِ
جَان تَان مُٺهِي مَارِ جَان تَان ميڙِ مُٺهِيَ کهِي ⁘

٣

مُٺهِي تهِي مُدَعَا کهِري مَوْتُ تهِئو مَوْجُودُ
اَڃين تَان اَڄُ ڪَرِيَان سَهَتَ جو سُجُودُ
جَانْڪِي نين وُجُودُ جَانْڪِي ميڙِ مُٺهِيَ کهِي ⁘

٤

جَانْڪِي ميڙِ مُٺهِيَ کهِي جَانْڪِي مُٺهِي مَارِ
ڏُکهِيَ کهِي ڏيکهَارِ هيکَرَ هوُتُ اَکهِڻِ سَان ⁘

٥

ڏُکهِي تهِي ڏَدهوَرَ لَهَسِي لَئِ پُنهُوَ جي
ڏيٺِي آڳِ اَتوَرَ سَبهَ نَ سَاڙِي سَسُئِي ⁘

٦

ڏُکهِي ڏُکهُ وِسَارِ سِڄَ پهِٽِي کَرِ سَسُئِي
پَٽِيَ پير نِهَارِ تَ آرِيَانِي اُتَان لَهِين ⁘

٧

ڏُکهِي ڏُکهُ مَنهِي کَرِي وَڻُن چهَپَرِ پيهِي
ڪَڏِبُئِي ڏيهِي سُودهِيُون ڏِينْدهِ خَبَرُون ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٨

ڏُکِيَ ڏِينهَانِي مُٺِيَ مَٺِي هَنهَڙا
تَنهِن پَرِ نَہ کَهانِي جَنهن پَرِ جُڙِي جيڏِٺين ٭

٩

ڏِسَنُ ڏِکَهان اَکِرو سَسُٺِي آنِ مَہ شَکُ
تهِيٺُ ٻانهِي بهَرِ اوٺِيون لُڏُ مَہ پَسِي لَکُ
وَرُ پُنهُوءَ سين پَلَکُ کُهِهِ ٻارَهَنُ مَاهَہ ٻِنِ سَان ٭

١٠

هَرْدَمُ هوتَ پُنهُوءَ جو ڏِسَنُ ٻهَانٺِجِ ڏِکَهَ
وَرُ پُنهُوءَ سين پَلَکَ ٻِنِ ٻارَهَنُ مَاهَہ ٻِنِ سَان ٭

١١

تهوَرَ وِرَمِي تهِيٺُ وَڃَنَ وِيرَمَ نَہ سَهِي
ڏِيٺِي مَرْجِ ڏُونگَرِين جَتَنِ کَارَنِ جِيٺُ
هَڏِ نَہ هُونْدو هِيٺُ کَرِ سَاهُ پِرِيَانْ تَان صَدِقو ٭

١٢

ڏُکِيَ سَنْڌِيون ڏُونگَرِين آڌِيَ آهُون پُونِ
ڏَارِي جو ڏُونگَرَ کَهِي سو کِي چِيو چُونِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آرِيَ جي آرْمَانَ ۾ مَاڙهُون مِرُون رُونِ
اِنَ پَرِ سيئي هُونِ هِنئڙا جَنِ هَڄِي وِيَا ∘

١٣

ڏُکِيَ سَنْڌِيُون ڏُونْگَرين پَسو پِٺُون پُونِ
مُٺي پُنجَاتَانْ مُنْڌهَ کهي رؤجهَ رُنجُنِ ۾ رُونِ
ٻهُنَا اِيئين چُونِ تَہ مُٺِيَ آسَان کهي مَارِٿِئو ∘

١٤

ڏُکِيَ سَنْڌِيُون ڏُونْگَرين اُڇِهنگَارُون آچَنِ
هَنِيِ سَانْگَ سَسُئِيَ کهي کِلئو کِٿئو کِيچَنِ
جي هَتهَان هئوتَ مَرَنِ هئوتُ تَنْهين جي هَنْجَ ۾ ∘

١٥

ڏُکِيَ سَنْڌِيُون ڏُونْگَرين وَنَ تَرَنَ وَايُون کَنِ
وَٿَان وِيهي تَنِ وَڏِهِيَ سي وَاڏهوڙِئًا ∘

١٦

وَڏِهِيَ سي وَاڏهوڙِئًا رَتُ نَہ ڏِتهو تَنِ
مَوْتُ قَبُولِئو اُنِ ڏِتهو جَنِ ڏُکِهيَ کهي ∘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٧

ڪِي ڄي ڏکِيا ڏي پارَاپا کهي پانڌهِڻين
سُورِ ٻهَرّيَائِي ٻي مَالهِ ڪَيَائِين جَنِ سَان ⁂

١٨

ڪَنِ جو وَڏهِيَ وَڏهَ وَرُ وِدهَائِين وَڏهَ ٻين
ڏُکهُ ڏکِهيَ کهي ڏَڙهُ جَنِ ڏِٺِهي ٻي ڏُکهِيا تهِيَا ⁂

١٩

وَڏهِيَلِ تهِي وَايُون ڪَري ڪُتَهَلِ ڪُوڪَارِي
هِيَ هَنجهُون هَڏَنِ لَئِي هَارِي هُنَ ٻُنُ پَنهِن جَا سَارِيَا ⁂

٢٠

ڏُکهِيَ تهِڻو ڏُڪَارُ توڙِي وَسَنِ مِينهَڙَا
صَاحِبَ هَتهِ سُڪَارُ هِنَ وَسِ آهِنِ هَتهَڙَا ⁂

٢١

ڏُکهِيَ تهِنو ڏُڪَارَ ٻينَنِ ڏِيهُ سُڪَارِئو
ٻَاروچَانو ٻَارُ سَبهوئِي سُهَاوَ سَان ⁂

وَائي

اَچِي اَلَنَ لَتِ مِيَان مُٺِيَ جو لوڙهُ لَکَنِ ميِن

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هو کهان ڪَهتهورِي هيرَٿون الڙ مِيَان مُون مين صَابُنَ ڇهڪ مِيَان
مُٺِيَ جو لوڙهُ لڳَنِ مين
آرِيَاڻي اَچِي ڪَري ڪا کهڙي تُون جَتر مِيَان
مُٺِيَ جو لوڙهُ لڳَنِ مين
ڪَهتهورِي ڪَهشْبوه سَان هَارِيَاڻُون هَٽِ هَٽِ مِيَان
مُٺِيَ جو لوڙهُ لڳَنِ مين
دَرْدُ مُنْهِن جي دِلِ جو تُون ڪَامِلَ اَچِي ڪَٽِ مِيَان
مُٺِيَ جو لوڙهُ لڳَنِ مين
اَدِيُون عَبْدُ ٱلّطِيفُ چَوي سِرَ تَاڻِين آهي سَٽِ مِيَان
مُٺِيَ جو لوڙهُ لڳَنِ مين ∗

---

## فَصْلُ سَتُون

۱

آنڌُون نَہ ڳَڏِي پِرِنئَ کهي ٿهوَرَا ڏِينْهَ ٿهِيَا
رَاتِين رُوزَ وِيَا عَبَثُ آرِيَ جَامَ رِي ∗



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۲

آنُون نَہ گَڏِي پِرِنءَ کهي سَهَسين سِجَ وِيَا
هَلَنَ وِيرَ هِتّان ڏيکهي شَالَ دَمُ ڏِيَان ۽

۳

آنُون نَہ گَڏِي پِرِنءَ کهي تُون تهؤ لَهين سِجَ
مُون جي ڏِيَانيءَ سَنبهَا نيڻي پِرِيَان کهي ڏِجِ
وَنجِي کيجِ چِتِمِ تَہ وِچَارِي وَاتِ مُٺي ۽

۴

آنُون نَہ گَڏِي پِرِنءَ کهي پؤيؤن تهڻؤ پَسَاهُ
سِکَان سَکْرَاتَ مين رؤيؤ پُڇهَان رَاهُ
شَالَ مَہ وَنجِي سَاهُ دهَارَان پَسَنَ پِرَ جي ۽

۵

آنُون نَہ گَڏِي پِرِنءَ کهي عُمْرِ تَان وِيڻي
وِلهِيَ ڏِينهَہ وِنجَاڻِيَا سَرْتِيُون سَبهِيڻي
پِيرِيَ مين پيڻي اکهيُون آرِيَ ڏي کهَتَان ۽

۶

آنُون نَہ گَڏِي پِرِنءَ کهي جؤبهَنُ وِڻؤ جَاڙَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آڏا آرِيچَنِ کهي چاڙهيگا ؛ چاڙهَه
مُون مُتهِيَ کهان نہ تهِئي وَڏِپَنَ مَنجهه وِلهَاڙَ
عُمرِ سَبهَه اَوَاڙَ وِييَمِ تهي وَاکا کرِيَان ٭

۷

آنڊُون نہ کَڏِي پرِنيءَ کهي هي پُنُ ڏِينهُه وِٺو
نِهوڙِي نَانبهُنِ سِين مُون کهي نِينهَه نِٺو
مُتهِيَ مَوْتُ تهِٺو پِيئُ پِيئُ کَنڌِي پَنڌهَه مِين ٭

۸

آنڊُون نہ کَڏِي پرِنيءَ کهي آيو عَزرَائِيلُ
جوڙَانِي سِين جِيڏِيُون نہ کو قَالُ نہ قِيلُ
آيو مَوْتُ دَلِيلُ مَارِينڌو مُرَادَ سَان ٭

۹

آنڊُون نہ کَڏِي پرِنيءَ کهي مَتهَان آيو مَوْتُ
وَاجهَائِينڌِي وَرهَه تهيَا هَڏِ نہ کَڏِيُمِ هوتُ
جِيکُسِ تهينڌِيَسِ مَوْتُ مَنَا هِنَ فِرَاقَ مِين ٭

۱۰

وِلاَڙِتو وَنَنِ چڙهي کُجهُنِ تهينڌِي ڳَاهُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سَسُئِيَ سُورِيَ چَاڙهِئو پرِيَان لَئِ پَسَاھُ
هوء مِرُون هِيئُ مَانْھُ کِي نَہ کَمِيلِيَ رَکھِئو ٭

۱۱

وِلاَڙِئو وَنِين چَڙهي رَہ پَسِيو تهِي رؤہ
وِچَان جو وِچِ پؤہ سؤ کَنهِن پَرِ کَهي لَاهِيَان ٭

۱۲

وِلاَڙِئو وَنِين چَڙهي اُنجُهنُ مَتهي اَچُ
لَالَنَ کَارَنَ لَچَ بَاسِيَائِين کَرْدَارَ جِي ٭

۱۳

وِلاَڙِئو وَنِين چَڙهي ڏِٺو پَتوِلِي لَانکَ
تَارِيَ تَارِيَ چِهَانگَ سَسُئِيَ موڙ ڄَهَنِ جي ٭

۱۴

وِلاَڙِئو وَنِين چَڙهي پَسِيو سُکهَہ سَنْدَاسِ
آدهِيَ وَنجِئو آکهُڙِي نَہ کو پِيُ نَہ مَاسِ
سوُڙِي سؤ سِينَاسِ پَرِي پَرَاڏَا کَرِي ٭

۱۵

وِلاَڙِئو وَنِين چَڙهي ڏَاڍهو ڏوُرِي ڏُورِ
سُپِيرِيَانْ جي سُورِ پَرِي پَرَاڏَا کَرِي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٦

پَري پَرَاڏَا ڪَري اوري نَ آهي

ڪَنْتَرِ ڳَا ڳَاهي پَهُچِي هِنَ پَٽِيَ کهي ⁘

١٧

رُڃُنِ ۾ين رَڙِ تهي ڪَرَ ڪوڙِلَ جِي ڪُوڪَ

وِلوُلوُ ؛ وُوڪَ اِيئَ تَان آهِ عِشْقَ جِي ⁘

١٨

رُڃُنِ ۾ين رَڙِ تهي ڪَرَ چَٽُوٽ جِي چَانگَارَ

اِيئَ عِشْقَ جِي اُبِڪَارَ نَعْرُو آهي نِينْهَ جو ⁘

١٩

رُڃُنِ ۾ين رَڙِ تهي جهَرِڪي ڪَري جوءِ

هِيَ نَ عَوْرَتَ هوءِ اِيئَ تَان آهَ عِشْقَ جِي ⁘

٢٠

رُڃُنِ ۾ين رَڙِ تهي ڪَرَ ڪَرڪِي ڪُونْجَ

نَعْرُو مَنْجهِ نِڪُونجهَ اِيئَ تَان آهَ عِشْقَ جِي ⁘

٢١

رُڃُنِ ۾ين رَڙِ تهي ڪَرَ سَارنْگِي سَازَ

اِيئُ عِشْقَ جو آوَازُ مَاڙهُون رَکهنِ مُنْدهَ تي ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وَائِي

تَنَ مَنَ مَنجهہ تَنوارَ هو يارَ سَدَا آهي سِڪَ جِي
تهيُون چِڪَنِ چِتَ مين جِينئَ سِي ڪهَنڍِئَ لارَ
هو يارَ سَدَا آهي سِڪَ جِي
لَڳي اُنجَ اَکهِن ڪهي سِکهو موُٽُ سَتَارَ
هو يارَ سَدَا آهي سِڪَ جِي
پَسَان ڪِي نہ پرِيَتَنو ڪَاڏي پِرَت پچَارَ
هو يارَ سَدَا آهي سِڪَ جِي
بَنڊِيَاڻِي بهَنبهورَ مين آهِيَان توهُون ڏهَارَ
هو يارَ سَدَا آهي سِڪَ جِي
مُون کهي چهَڏِ مَہ چهپَرِين آرِيَاڻِي آڌهَارَ
هو يارَ سَدَا آهي سِڪَ جِي
آهي عَبدُ اَلطِيفَ کهي تُنهن جِي پِيئَ پچَارَ
هو يارَ سَدَا آهي سِڪَ جِي ٭

---



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڏيسي

## فصل پهريون

١

مُتهِيَسِ جهَلِ مَهَارَ کُتهِيَسِ کاهِ مَ کَرهو
مُون نِمَاڻِيَ جي نِجهِري بهيرو کَجِ بهتَارَ
سَاجَنَ توهَان دهَارَ ڏِتهمِ ڏِينهُ قِيَامَ جو ٭

٢

ڏَاکهنِ ڏيرَنِ ڏُونگَرَنِ ترِنهِين ڏِنمِ ڏُکهَ
سي سَبهِ بهَانيَان سُکهَ هيکَنڊهِ کَارَنِ هوتَ جي ٭

٣

ڏَاکهَنِ ڏيرَنِ ڏُونگَرَنِ ڏُکهَنِ آئُون ڏدهِي
پُچهَان پير پَنهُوَ جو وِجهَان وِکهَ وَدهِي
لِکهِئي آئُون لَدهِي نَ تَ پَتِيَ کِيرَ پَنڊهَ کري ٭

22*



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٤

ڏاکُهَا کِي مَ ڏرو اَنجَان آرِيَانِي اَکِي تهڙو
مُورِڙون مَنجَر ٿَارِيُون چَانْکَا تهَا چَرو
آن تَان حَرَفُ هَرو مُورَانِڙي مُعَافُ تهڙو ٭

٥

اَنکَن مَتهي اوڀرَا جَڏِهن ڏاکهَا ڏِتهَيُ ڏِينهَ
وَٿهي سَڙک سَسُڻي وِيهُ وِهَانِيَ سِينئَ
چوڙِيَ سَان چَانگَنِ کهي جَڙي زَنجِيرَن جِينئَ
تَ هوتُ تُنهن جو هِينئَ هُونْدَ پُنهُون نَ نِيَاڻُون پَانَ سَان ٭

٦

اَنکَن مَتهي اوڀرَا جَڏِهن ڏاکهَا ڏِينهَ ڏِتهَاء
کُنجُون جي کُرڪَنِ جُون کَنهن جَنهن لَلِ لِکَاء
صُبَاحِني سَنڌَاء تهِڻي سَارُونِي سَسُئِي ٭

٧

اَنکَن مَتهي اوڀرَا جَڏِهن ڏِتهَيُ اُتهَ
ڏَانيُ نَ ڏاکهَنِ کهي اوڪِي سَانُ اَکَتهَ
تَ هُونْدَ نَ تُنهن جي هَتهَ سُورَ پِرَايَا سَسُئِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٨

اُنڪَنَ مَتهي اوپرَا جَڏهِن ڏِٺهَيُ ٽونڊَا
وَاڪيِّ نہ وَارَنِ سَان تَنِ ڪورَنِ جَا ڪونڊَا
اَڪَنِ جَا لونڊَا هُونْدَ نہ سَٺهَيُ سَسُئِي ◆

٩

ڇهَاڄي ڏِنڱَا ڏيرَ مُنْهن جو ڏِينْهُ ڏِنڱوئِي مَ ٽهڻي
اُٺهَنِ ؟ اوٺهِنِ ڄي ڇهَانْوَ هِينئو وِيرُ
هِيَ ڪَميِنِي ڪيرَ جَا اَمُرَ ڪهي آڏِي ڀهِري ◆

١٠

ڏيِسي سِينَ ڱجَنِ پَرَڏيِسي ڪِهَڙَا پِرين
لَڏِڻو لَاڏُونَا ڪَرِڻو پَنْهن ڄي ڏيِسِ وَڃَنِ
پُنڃَاڻَان پِرِيَنِ ڱجي بَسِ ڀهَنْڀهور ڪهَان ◆

١١

ڏَاڪهَنِڻُون ڏيرَنِ ڄي هُونْدَ آنْدَا بَڙْدَ ڀهَنْڀهورَ مِين
ڇِيرِي ڇيلِ ڇَڙَا ڪِيَا وَهَ پَٿي وَهَنَنِ
ڪهُڙِيَ ڪهُڙِڪو اُنِ جو سُتي سُٿو سَبهِنِ
ڏَاڏهَنِ سَانُ سَيِّدُ ڇَٿِي پِيَادِيُون نہ پَهُڄَنِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جَنِ جو پيرُ نہ لَڳو پَٽَ ٻي تَنِ آيَمِ سَانُ اُٺهَنِ

ڪُنڪَنِ ۴١، ڄُنڪَنِ مُنْدهَ آسُونْهين ميڙِٿين ٭

۱۲

اَڳي اُٺهَ رَڙَنِ مُون ٻهيرِيَ مَاٺهَ ٿهي

پَلاَنِيندِي پَانَ مين ڪُڇهُو ڪِي نہ ڪُٿهَنِ

ڳَا ڄَا مَامَ مُٺهَنِ ھِنِ پُنُ ھُٿِي ھُنِ سَان ٭

۱۳

ڍهُرَانِٿِي ڍهَارِيَا مِترَ مُنْهِن ڄا نہ ٿهيَا

مَنْدِي ڏيرَنِ مَنَ مين مُون کهلِٿو کهيکَارِيَا

صُبْحِ ٿهِي سَارِيَان تہ اُٺهَ نہ اوطَاقِنِ مين ٭

۱۴

اُٺهَ مَہ اورِي آنِ آنٿُون ڏَاکهَنِ ڏِدهِي آهِيَان

ھَنِي ھَٺهُ ھَيَنِ کهِي پَرِي نِيٺِي پَلاَنِ

ھوتُ مُنْهِن جو ھَانِ پُنْهُون نِيَاٺُون پَانَ سَان ٭

۱۵

جَتَا شَالَ جِٺو جِٺو ٿهَا جَاڙُون ڪَرِٺو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻانڀڻ کي ٻروچ ري ٻيلي ناهه ٻيو
ڇِهنَ تا نه پيو هيءُ سنگ نه ڇهڻ ڇيهڙو ٭

١٦

ڄتن جا جيلان تهي سَاٿ پڇايئي سسُئي
آيس آرِيَ ڄامَ جا تَرِ توڙا ٽيلان
اُنِ کي ناڪيليون نڪنِ مين دُهريون دَليلان
سِرِ ٻنڌيو سيلان تهي لايو نينهن نِنڌرون ڪري ٭

١٧

ڄتن ڪُڇُ ڄتن جو آيا ڪي ايندا
وَٺِي پُنهُون پانهن جو وَٽان تو ويندا
دَمُ نه ڏيندا سِڌهارِيندا ساٿيهه ڏي

١٨

هي جي آيا هيرَ مون اڳ نه ڏٺا ڪڏهين
آئون ترسان هوءِ تکڙا پٽِ نه لائن پير
ڀنڀوريس ٻرنِ مين پسي پانڌين سير
آءُ آريَاني اُسري اَتهي واهَرَ جي وير
هي ڪيئي ڪيرَ تون پارسَ ربع پَٻ مين ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٩

جَتَنِ يَارَانو کيچِنِ مُون سِين کو نَ کِٺو
نَالِي سُيَسِ هوتَ جي مَتهِم يَارَانو
تِيناهِي طَعْنو ڏِينْدَا مُون ڏِيرَ وِيَا ٭

٢٠

جَتَ هَڏِهِين هُتِ مُون هِتِ هِنئَڙي مِين حَلُ تهِيَا
چَنْگلَ جَنهِين جَا چَوْپهَرَا رَاحَتَ تَنهِين جِي رُتِ
کُنْکَنِ جِيَ کُفْتِ چهيڙِي وِدهِيَسِ چهَپَرِين ٭

٢١

جَتَنِ وِدهِيَسِ جَارِ نَہ تَہ هُيَسِ نِمَانِي نِکِنِيَان
تهنَڙَا پَانَ قَرَارِ مُون مَنُ کَڏِي کُونْدَرِين ٭

٢٢

جي جَانَان جَتَنِ پوءِ پَتَانْدَرِ هِيترو
آئُون کِينئَ مِلِي تَنِ سَرْتِيُون سُورَ پِرَائِيَان ٭

٢٣

کوَرَا وَنجَنِ کَامَ ڏيرَنِ سَنْدَا ڏيهَ تي
توڏَنِ جي تَرَ بهيڙَ مِين تَرِيُون تِرکَنِ تَا مَ
اوتهنڙَا آرَامَ لَنْکهِي پَتَ پَرِي تهِيَا ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢٤

ڪَهَ سِرِ تهِڻي مَ ڪُسَ پَنِي پَوِي مَ پِرنيَ تي
جَنْهِن سِرِ سَاجَنُ سُپِرِين تَنْهن اُتهَ مَ لَڳي اُسَ
پُنْهُون پَاڪَ پُرْسَ هوتَ نَہ ڪِجَنِ هيڏِيُون ٭

٢٥

اُسَ مَ لَڳي اوٺهِيِن ليڙِنِ لُڪهَ مَ لَڳُ
اَلا آرِيجَنِ کهي ڪوسو وَاءُ مَ وَڳَ
جَتَ جهَجهَا مِين جَڳَ مُنْهِن جي پِرْتِ پُنْهُوَ سَان ٭

٢٦

لَڏِينْدِي لِبَاسُ جَتَنِ جِيڏوئِي ڪِينو
اَچِي آرِيَ جَامَ جو وَنَ وَنَ مَنْجهَان وَاسُ
جي مِرُون کهِڻِمِ مَاسُ تَہ بهِي هَڏَ هَلَنْدَمِ هوتَ ڏي ٭

٢٧

اُٺهَ وِيرِي اوٺهَارَ وِيرِي ترِيَان وِيرِي تهِڻَّمِ ڏيرَ
چوٿهون وِيرِي وَاءُ تهِئو جَنْهِن لَٿِيَا پُنْهُوَّ پيرَ
پَنْجون وِيرِي سِجُ تهِئو جَنْهِن اُلهِي ڪِي اَوِيرَ
چهَهُون وِيرِي چهپَرُ تهِئو جَنْهِن سَنْوَان ڪِيَا نَہ سيرَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

### ڏيسي ۱

۳۴۶ سَتُون ويرِي چَنْڊُر تهڻو جو کهڙِئو نہ وَڏِيَ وِير
وَاهيرِي جي وِيرَ تهي ڇهُلُون ڪَرِيَان ڇهَپَرِين ⁘

### وَائِي

ڏَاکهَنِ ڏِيرَنِ سَانُ ڪَرَهَنِ ڪِيچَنِ سَانُ
مَتَان ڪَا ڀِي لَنُون لَائي
آنئُون سُتِي هُوءِ وِنُّڙَا ڪَرَهَلَ ڪَاهي
مَتَان ڪَا ڀِي لَنُون لَائي
آسَنَ آکِيَان اُنِ جي بَرِبَرِ ڪِٿو ٻَاڏَائي
مَتَان ڪَا ڀِي لَنُون لَائي
چَتُرَ ڏِيٺِي چِتَ کهي وِنُّڙَا هُوتُ ڇهَپَائي
مَتَان ڪَا ڀِي لَنُون لَائي
جِيڪَا هُيَنَ مَنَ مِين سَا پَنْهِن جي وِيَا پُڄَائي
مَتَان ڪَا ڀِي لَنُون لَائي
اَدِيُون عَبْدُ اللَّطِيفُ چَوِي اِينْدُمِ وَاڳَ وَرَائي
مَتَان ڪَا ڀِي لَنُون لَائي ⁘

---



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# فَصُلُ ٻِيو

١

اَڄُ ٻُڌِي وَسَائِي اوٺُڙِين مَٿِي مَارُڳَ مَاڪَ
پُنْهُون نِيَاڻُون پَانَ سِين تَاڙِيُون ٻَهَنجِي طَاقَ
هَيْهَاتِ هَيْهَاتِ لِمَا تُوعَدُونَ سُنجِي ٿِي اوطَاقَ
ڇُڪِيَ ڇوڙِي ڇَاڪَ هَاڙهِي هوتَ هَلِي وِيَا ❊

٢

مِڙِي مُنْڌَهَ ٿِي آئِيُون سَاهِيڙِيُون سَهَجَا
اَلسَّفَرُ قِطَعَةٌ مِنَ ٱلنَّارِ هَارِي هوتُ هِتَا
سَنْڌُ صِرَاطَ ٱلْمُسْتَقِيمَ جو اَٿِي نَ اَڪِيَا
سي ڪيچِي نِينْدَ ڪِيَا جو تُنْهِن جو نِينْهُ نِفَاقَ سَان ❊

٣

جَڏِهِنْ ڪُنْ فَيَڪُونُ ڇَئِي نِيَا آرِيَانِيَ اَرْوَاحَ
اَنْڌُ اَڪِيئِي لِکِيو مُنْهِن جو مِيثَاقَا
مَنْ طَلَبَ شَيْئًا جَدَّ وَجَدَ اُتو عَلِيَ شَاهَ
اَنجَان هِنَ حَدِيثَ جو مُون آسِرو آهِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پَنْهُوَ جي پَيْزارَ تان مُنْهِن جو مَوْتُ مُباحُ
سَرْتِيُون دُعا ڪِجا تَہ مَن ميڙائو مُون تهڻي ❊

٤

سَبهَنِي سِياهِي آهي آرِيَ جامَ رِي
ڪَڏِهِن پَسِي ڪا نَہ ڪا رِيَ لالَنَ لالائِي
دُودُ دِلِ تان دُورِ ڪَرِي ڪَرِ ساجَنَ صَفائِي
مَنْ لَا شَيْخَ لَہُ فَشَيْخُہُ هُوَ شَيْطانُ اُنَ رِيَ اُونْداهِي
هو جا هَلِي هيڪَلِي سا ڪيرَبَ ڪَنْوائِي
بِلَا شَيْخٍ مَنْ يَمْشِي فِي طَرِيقٍ ڪَمَنْ يَمْشِي فِي ٱلْبَحْرِ بِلَا
سَفِينَۃٍ اِهَڙِي اَوائِي
تَنْهِن رِيَ تَوائِي ڪوڙِين تهِيُون ڪيتِرِيُون ❊

٥

بَرِ وَڏِي بارِ ڪهَنِيُون وِڃهو نَہ وَنِڪارُ
ليڙَنِ جو لَطِيفُ چَئي ڪهيو مُنْدهَ مَدارُ
وَنَنْدُنَ تہ وَرِ ڪَنْدا نَہ تَہ اَڪِينِ جي اِخْتِيارِ
ڪاڏِي تهِنْءَ ڪوهِيارُ ڪِتهِي تهِي هَنهَ ڪهَنِي ❊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٦

ڪيڙي ڪيچاڻِن ڪوڙا ڪَسِ هَلاَئِيَا
لَڙِيو چَڙهِئو چوٽِيِين ڪَڙِئو ڪوهَ ڪِڙَنِ
سُونهَنِ جي سَرْدَارَ سِين توڏا مَ تَڙِجَنِ
لُطْفَ سَانُ لَطِيفُ چَوِي لَنْگهِئو بَرُّ بوٽَنِ
تَنِ کِهَڙو غَمُ کُنْگَنِ هوتُ حِمَاتِي جَنِ جو ٭

٧

جَاڳَائي جَتَنِ ڪوڙا ڪَسِ هَلاَئِيَا
ڦِهُچَنَ رِيَ ڦهَاڙَ مِين اُتهَ مَ آڳِتِجَنِ
لَتَاڙِي لَطِيفُ چَئِي لَنْگهِئو بَرُّ بوٽَنِ
کِهَڙِي ڇهڪَ چَانْگَنِ هوتُ حِمَاتِي جَنِ جو ٭

٨

ڀَهِرِي تهَا ڀهَرِينِ سَاتهِنِ سَنْڌَرَ هَتهَنِ مِين
ليڙَنِ جو لَطِيفُ چَئِي مُون کهِي مَنْجهُ نَ ڏِينِ
هوتُ پُنْهُون تهَا نِينِ اَنَسُونْهِيَ جو آجِڪو ٭

٩

اڙڳَارِينِ نَ آنِرَا بَدهَا چَرَنِ نَ ٻُورُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لِيڙَنِ کهي لَطِيفُ چَئي هَلَنَ جو مَذْکُورُ
مَيَنِ کهي مَعْمُورُ آهي اُنُ تُنَ اَکِئين پَنْدهَ جِي ◇

١٠

وِيٿهي ٻُکي ٻَاپهَ جهوڙِلِ جهَنڱَ جهُنِي کِي
آيَمِ تَنِ اُتهَنِ سَان جَنِ جَا پِيرَ دهَدهَا دهَڙَ دَاپهَ
لَنگهِيَا لَکَ لَطِيفُ چَئي توڏَا، تَڙِ ٻَنڱَ طَافَ
کيرِ لَنگهِينديُون کَافَ هِي ٻَرُ ٻِرهْمَنِ ٻَاسِئو ◇

١١

هَڻِ هَڻِ کِئو هَاه تهِي پَانُ هَڻي سِرِ پَانْهَڻِين
لَدهَائِين لَطِيفُ چَئي جَتَنِ سَنْدِي جَاه
شُکُرُ ٻَارِ سَنْدَاه جِينئَ سُڄَاڙِي سَاٿهُ مِڙِئو ◇

١٢

ڏُکَ دَهَلِيَا جِتِ گوڙَا هَلَنِ نَہ کَسَ مِين
چَوسَالِيَا نَہ چَلْيَا تهِي تَونْکَ نِهَارِي تِتِ
سُودهِي اُنهِين سَيّدُ چَوِي پوءِ پَچَارِنِ پِرْتِ
اِنَ اَنَانْگِي پَنْدهَ جِي کَا نِيشَنِ پَوِي نِرْتِ
سَسُئِي وَڏِي سَتِ جَا اِهڙِيَ پِرِ پَنْدهُ کَرِي ◇



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٣

پُنُ تهَا پَلاَئِينِ اوڙهِي اَڄُ اُبهَکهُڙَا
پَهَ پَارسِيُون پَانَ مِين ڏِيرَ ڍِهَاڙِي ڏِينِ
هوتُ پُنْهُون تهَا نِينِ بَاروچِي بولِي کِٿو ٭

١٤

پُنُ تهَا پَلاَئِينِ اوڙهِي کهَنو اُبَاهِرَا
هوءِ جي هَلَنَ سَنْدِيُون ڳَاهُون ڳَالهَائِينِ
مُون کهِي تهَا مَارِينِ سَجَنَ سَانْبَاهو کِٿو ٭

## وَائِي

آءٌ پُنْهُون پيهِي وِنْڙَا سُورَ سَبهيئِي
جِيَسِ جِيَسِ جِيڏِيُون مُنْهِن جَا آءٌ پُنْهُون پيهِي
ڳَالهِيُون کَنْدِيَسِ کُجهَه جُون مُنْهَه مُقَابِلِ وِيهِي
جِيَسِ جِيڏِيُون مُنْهِن جَا آءٌ پُنْهُون پيهِي
کهَتهُورِيَ بَارَ بهَرِي آيَا ڏُونْگَرَ ڏِيهِي
جِيَسِ جِيڏِيُون مُنْهِن جَا آءٌ پُنْهُون پيهِي
سَرْکَشِي سَرْدَارَ سَان مُون کَمِينِي کِيهِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

دِيسِي ۳

جِيَسِ جِيڏِيُون مُنْهِن جا آءَ پُنْهُون پيهِي

هُتِي شِڪَسْتِي سَسُئِي رَازَ پُنْهُوَ جِي رِيهِي

جِيَسِ جِيڏِيُون مُنْهِن جا آءَ پُنْهُون پيهِي

اَدِيُون عَبْدُ ٱلْطِيفُ چَوِي سُجَنَ آيَمِ سِيئِي

جِيَسِ جِيڏِيُون مُنْهِن جا آءَ پُنْهُون پيهِي ٭

---

## فَصُلُ تِرِٽُون

۱

اَلَهَ ڪَارَنِ اوٺِهِنَا ڪَرَهَا مَ ڪاهِئُو

جَانِبَ جَڏِي جِيئَ جو آڪَانڌَهو آهِئُو

لَاڪَاپو لَاهِئُو مَتَان مُنْهِن جو سُپِرِين ٭

۲

اَلَهَ ڪَارَنِ اوٺِهِنَا لِيڙَا نِئُو مَ لُرَ

نِئُو نِمَانِي پَانَ سِين ٻَانْهِي جهَلِي ٻُرَ

مُون کهِي مَارِي مَنْجهِ تهِي سَنْدِي هوٺَنِ هُرَ

ڪُجْهِ لَايَان ڪُرَ ڪِيچَان اورِي جِي وَرَان ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٣

ڪيچان اوري ڪيترين مَعذورين مُون
وَاتُون وِيهَه تهيُون ڪوهه ڄاڻان ڪيهي وِيا ٭

٤

ڪيچان اوري ڪتهيئين وَنُ نہ ويساهين
ڪميڻي ڪيچن لَئِه ٻورج پَراهين
تاڻج ٻيڏاهين وَارج ڪا مَ وَرن جي ٭

٥

اَلا اَچن اُوهه جن آئي مَنُ سَرهو ٿيئي
پَسان مانَ پَر ڪنهين جتن سنڌي جوءِ
لَنگهي لَک لَطيف چئي سُڃاڻ هوتن هوءِ
ڪوڙي ٿهيان ڪلبوءِ جي سڄاڻان ساٿهه ڌڻي ٭

٦

ڪيچان آيو قافلو رَاتِ مونچاري رُوءِ
ٻوٽي ! ٻلوچ جي رَڙهي پَسان رُوءِ
ڪوڙي ٿهيان ڪلبوءِ جي مون نِئو پانَ سان ٭

٧

ڪيچان آيو قافلو ٻهليرو ٻهاڻيان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پَنِي جا پيرَنِ جِي سَا لِنکَنِ کهي لاَيَان
چَنْبِيلِي چَايَان جِي مُون نِٿو پَانَ سَان ✧

٨

کيچَان آيو قَافِلو طَرَحَ مؤچَارِيَ توڏَ
سِينکَارِيَا سَيِّدُ چَوِي کَرَهَا مَنْجهَان کوڏَ
لَکهَ لَهِي تهِي لوڏَ جِيجَا تَنِ جَتَنِ جِي ✧

٩

کيچَان آيو قَافِلو جَامَنِ سَنْڌو جَامُ
پَسَنْدِيئِي پُنْهُوَّ کهي آکهنِ.کِٿو آرَامُ
نَاتَرِ چَاڻِيَان نَامُ جِي مُون نِٿو پَانَ سَان ✧

١٠

کيچَان آيو قَافِلو جُنّکَ سُنْهَارِيَ جوڙَ
تَلْيَارَا توڏَنِ کهي کِچِي سُونْهَنِ موڙَ
دَوْلَتَ چَاڻِيَان دَوْرَ جِي مُون نِٿو پَانَ سَان ✧

١١

جهُوڙَا جَنِ جهلَنِ مِين هِيرِي لَکهَ هَزَارَ
لَگَا وَاتَ وَنَنِ جا پُنْهُوَّ کهي پَالاَرَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آن کي وينديا ڪَڏيَا اِهڙيَ سِتر سُوَارَ
لَنڪِهي ڪَالهَه قطَارَ تون آئِي اَڄ نِهَارِئين ✧

١٢

مِڙمَانَنِ مَهَرِي آئي جهوڪِيَا جهوڪَ مين
چَاڙِي چَنبَنِ مين وِيَا جِينئَ بَازُ سَٽي بَحَرِي
ڪوهِيَارو تَهَرِي وِٺو نِهوڙِي نِنڌَرَ مين ✧

١٣

ڪيچِي ڪَالهَه کَهِي وِيَا اَدِي آدهِيَ رَاتِ
جَاڳَان تَان جيڪِي تهِنوَ وِهَانِيَ پِرِبهَاتِ
پهوڙَائو نَقِيرِ کهي ڏِنو جَتَانِيَ جَاتِ
رَفِيعُ ٱلْدَّرِجَاتِ پَرَمَلُ پُنهُون ميڙِئين ✧

١٤

مُون بهَانيو مُون وَتِ هَميشَا هُوندَا پِرِين
ويڙهو ڏيٺي ويڪِرو پَهَرِي وِيَا پَتِ،
سِرَ جَنهِين جي سَتِ وِکِيمِ تهي وَنِگَارَ مين ✧

١٥

مُون بهَانيَا مِڙمَانَ هَميشَا هُوندَا پِرِين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪُهي ڪَبيلِي هَلْيا ڪُهَلَ ڪَياتُون ڳا نَہ

ڏيئِي وِيا ڏاهِ ڪِهي سُورَنِ جا سَامانَ

جورؤ رَاتِ جُوانَ جيڏيُون جَتَ ڪَري وِيا ٭

۱۶

ٻهَانيمِ جي سَرْوَانَ ڇهُلاٿينْدَمِ ڇهَپَرين

تَہ ڪهَانيمِ هُونْدَ پَلانَ اُتهَ ڪُڏايمِ اُنِ جا ٭

۱۷

ڪَاڏي مُنهُ مَڪْرَانَ جو ڪَاڏي ڪيچُ ٿهٿو

هِهَڙو سَاٿهُ ڀهَنڀهورَ تَان ڪَڍِهِن ڪو نَہ پٿو

هَنِي ڪَامَ ڪوهِيارؤ ڇوري چِتُ وِٿو

جَنهِين جَتُ نِٿو تَنِ اُتهَنِ کهوري آهِيَان ٭

۱۸

ٻِرهَ مَنَايَسِ ٻَرٌ نَا تَہ سِڪِي ڪيرَ سَدهُون ڪَري

کهَلو ڏورِيَاٿِين ڏُکهَ سِين ڏيرَنِ لَڳِ ڏُونڪَرَ

وَرِي آئِسِ وَرُ تَڏِهِن سَفَرُ مُٺِيَ جو سَابِ پٿو ٭

۱۹

وَرَ مِين ڪونهِي وَرُ ڏيرَنِ وَرُ وَڏو ڪِٿو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نِهارِيندِيَسِ نِکِنِيَان ٻوٽَنِ ڳارِنِ ٻَرُ
آڏو ٽِکَرَ تَرُ مَٿَان رِوَهه رَتِيُون تهِيُن ٭

٢٠

وَرَ وَرَاڪَا وِچَ مِين لَڪَنِ آڏَا لَڪَ
هِوَء جِي آڏَا حَقَّ سِي ڪَنڊَا ڪَوهه ڪَنڊِنِ کهِي ٭

## وَائِي

هوتَ نَہ ٻهَانُيمِ هِينئَ آئُون جَا مَارِي مَحَبَّتَ تُنهِن جِي نِينهَہ
ڇهَڏِي تُون کَو ڇهَپَرِ وِينڊِين هوتَ نَہ ٻهَانُيمِ هِينئَ
لُکهُون لَڳَنِ کَوسِيُون ڏَاڍَهَا تَپَنِ ڏِينهَہ
ڇهَڏِي تُون کَو ڇهَپَرِ وِينڊِين هوتَ نَہ ٻهَانُيمِ هِينئَ
عِشقَ آرِيَ جَامَ جِي ڪِيَسِ نِمَائِي نِينهَہ
ڇهَڏِي تُون کَو ڇهَپَرِ وِينڊِين هوتَ نَہ ٻهَانُيمِ هِينئَ
جهُونڪَارِينڊِي جهَنڪَ مِين ڏوٽهِنِ ڏِٺهِي ڏِينهَہ
ڇهَڏِي تُون کَو ڇهَپَرِ وِينڊِين هوتَ نَہ ٻهَانُيمِ هِينئَ
آن جَا ڇهَڏِي ڇهَپَرِين سَا ڪِيمِ رَسَنڊِي ڪِينئَ
ڇهَڏِي تُون کَو ڇهَپَرِ وِينڊِين هوتَ نَہ ٻهَانُيمِ هِينئَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وِلهيَ هِتِ وَسَاڻِيَا سَنْدَا مُحَبَّتَ مِينْهَ
ڇِهَڏِي تُون کڙ ڇهَپَرِ وِينْدِين هوتَ تَ ڀهَانْيمِ هِينئَ
اَڊِيُون عَبْدُ اللَّطِيفُ ڇَوِي مَنَ پَهُچَان سِينَنِ سِينئَ
ڇِهَڏِي تُون کڙ ڇهَپَرِ وِينْدِين هوتَ نَ ڀهَانْيمِ هِينئَ ؞

---

## فَصْلُ چوٿهون

١

وَارڙ وَرُ وَٽهِي وِيَا آرِيَ جا اَظْلَامَ
آنَداڻُون آرِيَ جا پُنْهُوَ ڏِي پَيْغَامَ
پَهَ کَيَاڻُون پَانَ مِين مُونْهَان مَخْفِي مَامَ
سَنْبهُوڙَا سَاتهُ کهَڻِي وِيسَاهِي وَرِيَامَ
کَاکِيُون رَاتِ قِيَامَ جِيڏِيُون جَتَ کَرِي وِيَا ؞

٢

وَارڙ وَرُ وَٽهِي وِيَا جَابِرَ کَرِي جوڙُ
ڀهِيڏِي تهِڻو ڀهَنْبهوڙُ حَشَرُ کَرِي هَلْيَا ؞



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۳

وَارُو وَرُ وَتِهي وِيَا ڪَرِي ڏيرَ ڏمَرُ
هَارِي تهِڻو حَشَرُ پُنا قَوۡلَ قِيَامَ جا ⁘

۴

وَارُو وَرُ وَتِهي وِيَا ڏيرَ ڪَرِي ڏورو
سَاجَنَ رِيَ سَرۡتِيُون آتَنُ اُدهوڙو
نِينۡهَ سين نِسورو حَشَرُ ڪَرِي هَلۡيَا ⁘

۵

وَارُو وَرُ وَتِهي وِيَا جوڙي سين جابِرَ
صَبۡرُ ڪِينَئَ صَابِرِ اَچِي عَجِيبَنِ رِي ⁘

۶

وَارُو وَرُ وَتِهي وِيَا ڏَاڙهِيَ ٻهَنۡبهَا ڏيرَ
ڏِينۡدِيَسِ ڏَاڏهين ڏونۡگَرِين اُنهين لَءِ اُلير
ڪِيِ پَهُچي ڪيرَ وَنجَنَ سَان وَسُ ڪَرِيَان ⁘

۷

سَنجهي مُون نَہ سَنۡبهَالِئو تہ ڪِي اوتِهي ڪَنۡڌَا اِينَئَ
کُهي ڪَمِينِي ڪِينَئَ جيڏِيُون رَاتِ جَتَنِ ڪِي ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٨

سَنْجهي مُون نَہ سَنْبهَالِئُو صُبُحِ سَارِيَمِ سُورَ
جَتَنِ لاءِ ضَرُورَ کهَتَا کهَارِيَمِ ڏِينهَڙَا ۽

٩

سَنْجهي مُون نَہ سَنْبهَالِئُو صُبُحِ مَارِيَسِ سُورَ
آڌِيَ رَاتِ اُڌَمِئُو ڏِنَّنِ پَلْتِئُو پُورَ
جَتَنِ جي ضَرُورَ مَادَرِ مَارِي آهِيَان ۽

١٠

سَنْجهي مُون نَہ سَنْبهَالِئُو مَارِيَسِ سُورَ صُبُوحِ
نِينَ هِيرَايَمِ نِنْڊَرَ سِين جَتَنِ لَنگهِي جُوءِ
هَانجُو کَرِي هُوءِ آڌِيَ رَاتِ اُٿِي وِيَا ۽

١١

آڌِيَ رَاتِ اُٿِي وِيَا کَرَ رَکهِيَائُون کيچَ
ٻَارُوچَانِي پيچَ مُنهِن جو مَن مُنْجهَائِيُو ۽

١٢

جَڏِيَ وَتِ جَالِي مَانَ لِلّٰهَ کَارَنِ لِکهَ سِين
آهِي آرِيَ جي آسِرِي هِتِ هُتِ حَوَالِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عَيبَ مَنَ مَان آڳرا مَنَ نِرمَل نِڪالِي
پَرٽِيانِي پَالِي ڪَامِلُ نِيندو ڪِيجَ ڏِي ⁘

١٣

پَرٽَنِ پَالِيَاسِ بَانبهَنَ بِيٽِي آهِيَان
حُسُنَ هوَتَ پُنهُوَ جِي مَارِي مَوٽَ وِدهِيَاسِ
جَانِڪِي تَان جِنَندِيَاسِ پِيٽَسِ وَرِ وِصَالَ جِي ⁘

١۴

پَرٽَنِ جِي پَاڙِي جَاڙَ ڪُڏَارِيَمِ جِيڏِيُون
جَنهِين مُون کهِي مَارِئو سُورَنِ سِين سَاڙِي
اِيرَاڏِي آئِي سَانڪِنِ سِين سَنڪُ ڪِئو ⁘

١٥

اَسِي پَانَ پَرِٽَ پورهِيَتَ جَامَ پُنهُوَ جا
هوَتُ کهَتهورِيَ هِيرِئُون مُون مِين صَابُنَ چهَٽَ
آتَنَ مَنجهِ اُکَٽَ شَلَ کِمِينِيَ جِي کَا مَ تهِئِي ⁘

١٦

کَڏِئو دهوبِنِ دهوءِ پُنهُوَ کَپڙو هَتهَ مِين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اُتي آرِيَ جَامَ جو آيُسِ قَاشِدُ ڪوه
اِيئُ ڪَامِلَ ڪَمُ سَنڌوه جِينئَ پَهَسَ پُڄَائين پوه پِيَا ◊

١٧

نَـ ڪو ڪِچُ ڀَهَنڀوُرُ نَـ ڪو مَائِترُ مُنڌهَ جو
هوُرُ مِڙَيئِي هِنَ کهي هوُتَنِ ڪوُنهي هوُرُ
زَارِيَ دهَارَان زوُرُ هَلي ڪو نَـ جَبِيبَ سَان ◊

١٨

ڇهوُرِي نِڌوُرِي نَـ ڪو مَائِترُ مُنڌهَ جو
سَوين هَلَنِ سَاٿهَ سَان ڪَمِي ڪوُرِي
آن پُنُ آهِيَان اُنِ مين لَنگهِي لوُرِي
لَنگهَائِي لُطْفَ سَان ٿهَرَنِ جَا ٿهوُرِي
آهِيَان اَجوُرِي تُنْهِن جي جوُرِيَ جَبَلَ لَنگهِيَان ◊

١٩

آيَلِ ٻَاروُچَنِ جِي رُنَّان پُڇهَان رَاهَ
وَارِي وَسِي وَاتَ وِيئِي مَتهَان موُرِئو ڪَاهُ
مِرَنِ ڪَرِيَان مِنَتهوُن ڪهِينِ نَـ مُنْهِن جو مَانْهُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هيڪلِنِ جو حَبِيبُ ڇَوِي ٻِيلِي آهِ اَللّٰهُ
جي سَرْتِيُرن وَنجي سَاهُه تَہ تهِيَان حَوَالِي هوتَ جي ٭

## وَائِي

ڇهَا ڪهي تهَا ڪَرَهَ قطَارِئو وَاڳَ وَتهي وَرُ وَارِئو
وڙ مُون نِمَانِيَ تَان ڪِي نَہ ڇَيو
رَهو رَاتِ ڀهَنڀهورَ مين تَان ڪَا کهَڙِي هِتِ ڪهَارِئو
وڙ مُون نِمَانِيَ تَان ڪِي نَہ ڇَيو
سِڪِي جَنهِن سَنْڳُ ڪِٿو تَنهِن مَعْذُورِ ڪهي مَہ مَارِئو
وڙ مُون نِمَانِيَ تَان ڪِي نَہ ڇَيو
سَائِنئَ ڪَارَنِ سُپِرِين دوسَ دَرْسَنُ ڪَارِئو
وڙ مُون نِمَانِيَ تَان ڪِي نَہ ڇَيو
موڙِي مَنجَرَ تَارِيُون چَانْڪَنِ ڪهي اَوِي چَارِئو
وڙ مُون نِمَانِيَ تَان ڪِي نَہ ڇَيو
اَبهَرِي عَبْدُ ٱلْطِيفَ ڏِي وَاڳَ وَنهِيَلَ اَئِين وَارِئو
وڙ مُون نِمَانِيَ تَان ڪِي نَہ ڇَيو ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## فَصُلُ پَنجُون.

١

جِينئَ سؤ هَرَنُ هُماءُ سَرگَرْدَان سَنْڌِسَارَ ۾ين
هؤ دهَڙُ دهَرْتِيَ تَہ رَکهِي هِي دهَڙَ سِرِ دهَرِي نَہ پَاءُ
تؤ ٻهِي تَنِ وَٽَاءُ کِي سُورَ پِرَايَا سَسُئِي ٭

٢

رَاتِ ڏِٺهَائِين رؤجهَ ٻهَائِي کِہ اوٺهِي آئِيَا
پِرِيَتَنِي پِرِيَنِ جِي سِکَنَ کِي سَہؤجهَ
هُئِي کهَنؤ اَبؤجهَ پَرَ سُورَنِ سِيَانِي کَئِي ٭

٣

رؤجهُنِ ڏِٺهِي رَاتِ هؤتُ گولِينْدِي حَبِّ ۾ين
کيچِنِ جِي کَرِي تهِي تؤہ تَنْهِين جِي تَاتِ
ٻَارؤچَانِي ذَاتِ مَنَان مُئِيَ نَہ وِسِرِي ٭

٤

جَبَلَ ۾ين جَانَارَ سَرَهَ گَڏِبَ سَسُئِي
ٻهِنِيَ پؤہ ٻهَنْبهؤرَ ۾ين ٻَانْبهَنِ جِي ٻَاکَارَ
هؤتَانِي هيکَارَ مَولَا مُون کهِي ميڙِئِين ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٥

سَرَهَه ڳڌيَ سَسُئِي سوڙهِي مَنجهه سَهِي
طَرَح پُڇهَنْدَءِ تَڪِڙي بَاروچِي ٻَئِي
آئي ڊِينْدَءِ هَتهَ مِين ڪِتَابَتَ ڪَهِي
پَنهِن جِي پَانَ هَتهَنِ سَان وَاچِينْدِئَن وَهِي
سَمَرُ جَنِ صَحِّي تَنِ ڪونهِي اَوْڪهُه عِنَاتْ چَوِي ٭

٦

سَمَرُ جَنْهِين سَانُ هوتُ حِمَاتِي تَنِ جو
ڪَرِي چهجَ چهپَرَ مِين پُنْهونِ اِينْدو پَانَ
تهِينْدِي رِيجهَ رِهَانِ لَحَظي مَنْجهِ لَطِيفُ چَئِي ٭

٧

پَسِي سِي سَرَهِي تهِي جِي مَيَنِ لَنْگهِيَا مَسَ
حُبَّ جَنْهِين کهِي هوتَ جِي وِنْڌُرَ تَنْهِين کهِي وَسَ
تِتهُ تَنْهِن کهِي نَاهِ کو لَکَ مِڙيئِي لَسَ
سَنْدِيَ چَانْگَنِ چَسَ پِيرَ تهَرَنْدَءِ پَبَ مِين ٭

٨

سَسُئِيَ لَنْگهِئو سو مَڙِدَ جَنْهِن مَاتُ ڪِيَا
جَبَلُ وَڏو جو نُونِ مِڙيئِي نِينْهَ کهِي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٩

جَبَلُ مَارِي جَکَھَ جو آڏو آرِيچَنِ کهي
توڙِي لَکَنِ لکهَ تَہ بهِ سَبهِ لَنگهينديَسِ سِکَ سَان

١٠

جَبَلُ جيڏوئي آڏو آرِيچَنِ کهي
وَرُ وَتهِي وَاتَ تهِيَا بُرْپِهَت بِروهِي
رُنجِنِ مين روئي پَسَان شَالَ پُنْهُوَ کهي ٭

١١

جَبَلَ سُجِنِ جَالَ آڏا آرِيچَنِ کهي
هَاڙهِي ڏَانهُ هتهَ کهَنئو چهَپَرِ مِڙَان شَالَ
کيچِي وِنَّرَمِ کالهَ تِينئَ تهي ڏونگَرَ ڏورِيَان ٭

١٢

چهَپَرُ چهَمَرُ بهَاڻِيَان کَانبهين سو کَارو
پَبُ وِجهَنْدِيَسِ پُٺهِ تي صُبُحِ سَوَارو
وَنجَنُ مُون وَارو کِي نَہ وِهَنْدِيَسِ کُنْڌَ مين ٭

١٣

چهَپَرَ ۽ چهَمَرَ تهَا لَکَهَ لَکَنِ پَانَ مين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## ڏيهي ،

آڏا ڏونگر ڪرڪرا ويڌھ وڻڪايون وَر
آنئون پيادي پَٽيين نماڻي نِڌھر
سُورِي جتِ سڱر اُتِ ٻاتاڙن ٻيلي تھئين •

## وائي

سِيڌيُون آنئُون هلنديُ ويندي هوتَ ڏي
مُنھِن جو هِنڙو تھو هُنِ سارِي
هوتنِ هلنُ مَنَ مين ڪير ڪھڙي هِتِ ڪهاري
مُنھِن جو هِنڙو تھو هُنِ سارِي
آسَر ٻهري آهِيان مَنَ وَالِي آئيسِ وَارِي
مُنھِن جو هِنڙو تھو هُنِ سارِي
پَنڌھ اَنانڪا پَٽيُون مُون ڪهي ڪوهِيارو تھو ڪارِي
مُنھِن جو هِنڙو تھو هُنِ سارِي
سچو سُخنُ سُپرين مَنَ پَنھِن جو پُنھلُ پارِي
مُنھِن جو هِنڙو تھو هُنِ سارِي
جيرو اَندَرِ جِنڊڙي وِئو ٻاروچل ٻارِي
مُنھِن جو هِنڙو تھو هُنِ سارِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڊيسي ۲

وِدھا ڪَم ڪَرِيمَ تي ھِنَ وِچارِ وَارِي
مُنھِن جو ھِنڙو نھو ھُنِ سَارِي
اَدِيُون عَبْدُ اَللطِيفُ چَوي وِھَنْدُمِ ڪِي نَہ وِسَارِي
مُنھِن جو ھِنڙو تھو ھُنِ سَارِي ؞

---

## فَصُلُ چَھَوُن.

۱

آڏَتِرْچھَا اُھَرا ڏُونْگَرَ ڪھي ڏاڪا
ڪِيَمِ آھَ عَجِيبَ ڪھي سِڪَ مَنْجھان سَا ڪَا
پِيئِي ھَتھِيڪِي ھوُتَ ڪھي ڪُوڪَ وَنِجي ڪَنِ ڪَا
مُنْھِن جو وَسُ ڪَرَنُ وَاڪَا بُنْدھَنُ ڪَمُ ٻَروچَ جو ؞

۲

آڏَتِرْچھا اَھَرا وِنْدُرَ وَرَاڪَا وَرَ
حُبَّ جَنْھِين ڪھي ھوُتَ جِي سَا ڏورِينْدِي ڏُونْگَرَ
پَھُچَاٺِين پَرْوَرَ لُطْفَ سَانُ لَطِيفُ چَئي ؞



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٣

آڏَتِرْڇها اَهُرَا ڏُونگَرَ کهِي ڏَاڪَا
وَتهِي وَرُ وَاتَ تهِيَا بَرِّ چَڙهِي بَاڪَا
پهَتِيَا پِيرَ فَقِيرِ جَا چَڙهَنْدِي چَڙهَاڪَا
هُوَّنَ جِيئَ اَنْدَرِ جَا ڪَا سَا وِيَا پُڄَاڻِي پَاڻهِن جِي ◊

٤

آڏَتِرْڇها اُهِرَا ڏَاڪَا ڏُونگَرَ کهِي
هوءِ جِي وَرَ وِنْدُرَ جَا سِي مَارِينْدَا مُون کهِي
هَاڙهو هِينِئَ کهِي لَنگهَائِجِ لَطِيفُ چَئي ◊

٥

آڏَتِرْڇها اُهِرَا وِنْدُرَ وَرَاڪَا وَاڪَ
اُڄهَايَسِ اُتهَنِ جِي پهوڙَائِي فِرَاقَ
پُنهُون پَرْمَلَ پَاڪَ وَالِيَ لَڪِ وَرِيجِ تُون ◊

٦

آڏَتِرْڇهَا اُهِرَا وِنْگَا وَرَ وَاٽُنِ
جِيرَا جِگِرَ ٻُکِيُون آرِيَ لَئِي آٿَنِ
ڪَسِي ڪَنْوَاٽَنِ سَنْبهُوڙَا سَيِّدُ چَوِي ◊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٧

ڪوڏرِ نه ڪاتي جنهن سان ٽڪرُ ٽاڪيان
جيڪو جبلُ لنگهيان سو هيبت جو هاٿي
پرين جا پاٿي سا جڙ جڙي نه لهي ٭

٨

ڪرڙا ڏونگر ڪهه ڪهڻي جت ٻڙ ٻت ٻيران
ڏاهن ڏاهپ وسري ٿيا حريف ٻهي حيران
سُستي لنگهڻو سيدُ چوي محبت سان ميدانُ
جنهن جو آرياڻي اڪوانُ تنهن جي ڪانهي ٻاڪهه ٻهير مين

٩

ڪرڙا ڏونگر ڪهه ڪهڻي جت واٽن تي واري
آڏا لڪ لطيف چئي ٻڙ سجڻ ٻاري
جا منزلن ماري سا قادر ڪيم رسائين ٭

١٠

ڪرڙا ڏونگر ڪهه ڪهڻي جت جبل ڪوناڪون
ليڙن جون لطيف چئي ٽونگ تنوارون پون
جن ڏٺو پير پنهون جو سي نه ڪي رون نه چون
هوندن منهي هون لاڳاپا هن لوڪ جا ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١١

ڪَرِڙَا ڏُونگَرَ ڪَهَه ڪَهَنِي جِتِ مَاتهَرِ مَتهَاهِين
اُتِي عَبۡدُ ٱلّطِيفُ چَئِي تهَا سُڄَنِ مِرُون مُهَائِين
تُون آرِيَانِي آهِين مَنَهه مَعۡذُورِنِ جي ◊

١٢

ڪَرِڙَا ڏُونگَرَ ڪَهَه ڪَهَنِي جِتِ رِنُ تَتو رَائو
تِتِرُ تهِئِي مَه تَنۡهِن ڪهي شَلَ ڏُونگَرَ مِين ڏَائو
جَڏِهِن جَامُ پُنۡهُون جَائو تَڏِهِن تهِئو سَوَلو طَالِعُ سَاتهَه جو ◊

١٣

جَاڳِي جَاڳِي سَسُئِي جَان هِيڄَان هَتهَه وِدهَاه
سُتِي سيجَ پرِيَنِ رِي پُنۡهُون پَتهَرِ نَاهِ
اُتهي اِينئَ چَيَاء تَه ڪهوڙَا ڪهَرِ نَه سُپِرِين ◊

١٤

سِڪِي جَان سُتِيَاسِ تَان سِڪَ سُنۡهَنُ نَه ڏِئِي
جَاڳِي سُتِيَسِ جَنِ لِئِ سِي آيَا تَا نَه اُتهِيَاسِ
بهينَرُ آنئُون بهُلِيَاسِ نَه تَه سِڪَ سُنۡهَنَ چهَا لَڳِي ◊

١٥

مَانِڪُ مِتِرُ سَنۡدِوِمِ اُونۡدَاهِيَ مِين سوجهِرو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

حَشَرَ ويلهَ حِسابَ مين ڇهَڏي نَہ ويندوم
سَاري سَڌُ ڪَنْدوم ڪوهِيارو ڪيچ ڏهَني ❖

## وائِي ١

ڪُهمَانْ جاڳَ جَبَلَ مِيَان جيڏيُون جَانِبَ جَت لَئِ
ڏوريندِيَسِ مَنْجهِ ڏونگَرين ڪَنْدِيَسِ آنئُون اُڇهَلَ مِيَان
جيڏِيُون جَانِبَ جَتَ لَئِ
هيڏي شَهَرَ ڀنڀورَ مين رَهَان نَا هِڪ پَلُ مِيَان
جيڏِيُون جَانِبَ جَتَ لَئِ
پُنْهُون پَانَ نَہ وَنِڃَنو ڪو مُنْهِين مين وَلُ مِيَان
جيڏِيُون جَانِبَ جَتَ لَئِ
اوڏي تهيئُ عَبْدُ اَلّطِيفُ چَوِي هوتَنِ ڪَارَنِ هَلُ مِيَان
جيڏِيُون جَانِبَ جَتَ لَئِ ❖

## وائِي ٢

ويندِيَس ڪيچِ ڪَهِي سِينَنِ سَانُ سَهِي
وڃ ٻهينرُ آنئُون جِنْدِيَسِ تَا نَہ جَتَنِ ري



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وِهَان ڪِينئَ مَاتهِ ڪَري هيڏو سُورُ سَهِي
وڃ ٻهينرُ آئُون جِنّدِيَسِ تَا نَ جَتَنِ رِي
هيڏي شَهَرَ ڀَنْڀورَ مين سَارِيَان ڪو نَ سَهِي
وڃ ٻهينرُ آئُون جِنّدِيَسِ تَا نَ جَتَنِ رِي
اَڪِيَان آرِيَ جَامَ جو وِنْڙو سَاتهُ وَهِي
وڃ ٻهينرُ آئُون جِنّدِيَسِ تَا نَ جَتَنِ رِي
صُبْحِ ڏُونگرَ ڏورِيَان ڪَنهن پَرِ رَاتِ رَهِي
وڃ ٻهينرُ آئُون جِنّدِيَسِ تَا نَ جَتَنِ رِي ❊

---

## فَصُلُ سَتُون

١

ٻُرو فَادَا بَاتِ جَنِ جِي تهَانْڪِ رَوَان شِيشِي
ڏِٺَنِ پَارْسِيُون پَانَ مِين اِڙَان بَلِيشِي
لِيڙا رَاتِ لَطِيف چَئِي نَنْڍهَا ؛ نِيشِي
پُنْهُون پَرِوشِي ڪِ پِيَادِنِ جِي پَنْدهَ مِين ❊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢

ٻُروَ ٻِڪيرَڊْ ٻَامَ ٻَلِيڃَان ڪَامَ ڀِرُوڙِي مَامَ
تَوْدِي تَوْمَان خُشْتَڪَان ڪِ تو ڇهُلِي ڇهَپَرَ جِي لَامَ
اَجهي جَنْهِين سَامَ ڏُرَهَا ڏُرَهَا ڪَنِ جي ٭

٣

جيڪَرَ رَوَان رَوش مَروشِي مَحْبُوبَ ڏِي
مَنَان ڪُشِي مو لُڊِي ڊِيوَان ڀُنْهُوَ دوسْ
تَوْڪَوْ خَانَ مِين ڪوشْ سُنِي مَانَ سِڪهِي تهيَان ٭

٤

فَادَا پهِيريَاتُون مَهَارُون مَيَنِ جُون
مَروشِي جَبَلَ رَوَان وَاٿِي وَارِيَاتُون
مُون ڪهِي مَارِيَاتُون ٻَاروڃِي ٻزلِي ڪَرِي ٭

٥

ٻُروَ ٻِڪِيرَڊْ ٻِي تهَا ڏِينِ ٻَارْسِيُون ٻَانَ مِين
مُون لوڏَانٿِي لَکهِيَا تَـ هَانجو ڪَنْدَا هِي
مَارِينْدَا مُون ڪهِي ڀُنْهُون نِيندَا ٻَانَ سَان ٭

٦

ڀُنْهُوَ سِين ڀِرتِ جو ڪو جو ٻِهِمُ ٻِٿومِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڀنڀي هِنَ ڀڀنڀورَ ۾ وِڻُ وِهُه ٿيئُومِ
مَتِيُون مُٺَنَ سَنڌِيُون ڪاڪِيُون ڪِي مَ ڏِئُومِ
سَرْتِيُون سَاهُه سَندُومِ تهئُو حَوَالِي هوتَ جي ❖

۷

ڏَاجَنِ تي ڏَاجا ڏِنَائُون ڏُکِيَ کهي
لَگَسِ نَاوُکَ نِينهَه جي قَلْبَ اَندَرِ ڪَا جَا
ٿهَرَنِ ۾ تها جَا کَري مُنْدهَ مِرَنِ سَان ❖

۸

ڪو مُنهُه ڪُتهَلِ آئِيو هِيَ وَسِ نَ وِچَارِي
هوتَ تُنهن جي هَتهَ ري پهُچي نَ پَارِي
اَچِين جي آرِي تَ پَانڌِ پُڄِي لَکَ لَنگهِيَان ❖

۹

ڪو مُنهُه ڪُتهَلِ آئِيو نَاهِ وِچَارِيَ وَسُ
هوتَ تُنهن جي هَتهَ ري ڪوڙِيَ تهِئي نَ ڪَسُ
ڏُکهُه ڏُکِيَ جو ڏِسُ تَ مُوڙهِيَ ڪو مُنهُه تهِئي ❖



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وائي

لَگِي مَنِ لَغارَ وڻ يَارَ لُنوَّن لُنوَّن مين لَالَنَ جي
آنئُون سُتِي هوءِ هَلِيَا سَنْجهي تِهڙَا سُوارَ
وڻ يَارَ لُنوَّن لُنوَّن مين لَالَنَ جِي
جيڪِي اوِرنُ پرِنئَ سَان جيڪِي پرِنئَ پچَارَ
وڻ يَارَ لُنوَّن لُنوَّن مين لَالَنَ جِي
ڪُهِه سي جِنَّنَ ڏِينْهَڙَا جي پرِيَنَانئِي دهَارَ
وڻ يَارَ لُنوَّن لُنوَّن مين لَالَنَ جِي
جُتِي آهِي جَانِ مِين سَنْدِي عِشقَ تَنْوَارَ
وڻ يَارَ لُنوَّن لُنوَّن مين لَالَنَ جِي
ڪَهنوَ اُڪَنْڍِهِي آهِيَان تَنِ جَتَنِ جي جِنِسَارَ
وڻ يَارَ لُنوَّن لُنوَّن مين لَالَنَ جِي
ڪَڏِي وِينْدِيَسِ ڪُسَ مِين ڪَاڪِيُون سَانُ قَطَارَ
وڻ يَارَ لُنوَّن لُنوَّن مين لَالَنَ جِي
مِيحُون مُحَبَّتَ سَنْدِيُون هِنئَڙِي مَنْجهِ هَزَارَ
وڻ يَارَ لُنوَّن لُنوَّن مين لَالَنَ جِي
ڪَانگَنِ قَطَارُون ڪِيُون چُڪِيَ ڪهي چَوْدهَارَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وڃ يَارَ لُنوَّن لُنوَّن مِين لَالَنَ جِي
اَچِي عَبْدُ ٱلّطِيفُ چِئِي دَمِجِ تُون دِلِدَارَ
وڃ يَارَ لُنوَّن لُنوَّن مِين لَالَنَ جِي ❖

---

## ڇهوڻِڪو.

١

ڪَڏِهِن تَان ٻَاجهَه پَئِي تُون سَاجَنَ مُنْجُ سَلَامَ
سِڪَ تُنْهِن جِي سُپِرِين ڪِئُو تَنُ تَمَامُ
هَتهين هَاجَ وِهُه تهِي نِينِين نِنڊَرَ حَرَامُ
ڏوسَ نَه سَهَان ڏَامُ تُون وِنْڌُرَ تهو وِيلَا ڪَرِين

٢

سُرَهِي مَنْجهَان سَاتهَه آئِي ٻَاسَ ٻهَنْبهوَرَ مِين
پِيتهَا ٻَازَارِنِ مِين لَاٿِي جَتَ جَبَاتَ
سَنْڌِيَ هوَتَ حِمَاتَ ڪِيچِ پَهُتو قَافِلو

٣

بَرِّ مِرِّيِئِي ٻوءِ ڇهپَرَ ڇهَاڻُون مُڪِيُون



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻهه ٻهه ٿهي ٻهنبهوز مين ھُندھ مڙيئي ھوھ
رانن ورِي رُوه ڪوندرَ لٿها ڪولڻين ٭

۴

جڏهن پيئي ٻاس ڇھپر هوت پُنهوءَ جي
اڏيُون آريجن جا ون ون مُڪا واسَ
آيل پُني آسَ پُنهُون پهُتو ڪيچ مين ٭

۵

آيل اوطاقُون ڪري ڪيڇي ھليا
سُڪيُون نه سيئَن جُون ماڪن تان ماڪون
نِسوهِريُون ناڪون سَنجي وِيا سُور جُون ٭

۶

جتن سان جانڪون سَرتيُون مُون سَنڪ ٿهئو
ڪري ڪوهيارو وِئو تن ڇهني تانڪون
آئون پن تڏانڪون اڌهه ڏکوڙي آهيان ٭

۷

مَتان ڪا ٻڙي ٻول ٻروچي وسهي
هوند نه سُتيس سَرتيُون ويهي رَهيس ورِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڄَتَ مُنھن ڄي جُوءِ ۾ مِين ڪھَارِنِ مَانَ ڪھَڙي
ٻِڇِنِ آن نہ ڪَڙي ٻَرَ ڪَنْھن ڏِڍھِيَ ڏَاوَنُ ڏَاڻِيز ٭

٨

ڏِيرَنِ ڏوُھُ نہ جيڏِيُون مَاءِ مِڙيِئِي مُون
آنئُون اَسُونھِي ھوءِ سُونھَان پِرِين ٻھَلَا پَرٻھُون
اَصُلُ آرِيَ ڄَامَ ڄو پَانْڌُ پُڄِتوُسُون
ڄَنِ ڄو تُونھِين تُون سِي پِيَادِيُون پَھُچَائِيِين ٭

٩

اَدِيُون آنئُون نہ تِينئَ جِينئَ پِرِيَتَنُو پِرِنئَ سِين
ٻَنْڌِھي سُنْبَسِ سوُڪھو ڇھَلُوَرُ ڇھَاتِيَ سِينئَ
ڪَرَھَا ڪَاھِي ٻِڇِي مُونھَان وَڃَنِ ڪِينئَ
ڏوُھُ مُنھِين ڄي ڏِينْھَ پُنْھُوَ ڪھِي ڪَا مَ ڇَوي ٭

## وَاڻِي

ڇھوَرِي ڇھَڏِ مَ ڇھَپَرِين ٻَاروچَلَ ٻَانْھِي
ڄَانِبَ ڄِھَڙو ڄَڳَ مِين نَاھِي ڪو ڻَانِي
ڇھوَرِي ڇھَڏِ مَ ڇھَپَرِين ٻَاروچَلَ ٻَانْھِي
پُنْھَلَ نِڻو پَانَ سَان پوُرھِيَتِ پَرْتِيَانِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## ڊيسي. ڇهوٽِڪو



ڇهوڙِي ڇهَڏِ مَ ڇهَپَرِين ٻَارُوچَلَ ٻَانْهِي

پئورهِئو ڪَنْدِيَسِ پِرَ جو ٻهَرِينْدِيَسِ پَانِي

ڇهوڙِي ڇهَڏِ مَ ڇهَپَرِين ٻَارُوچَلَ ٻَانْهِي

هوتَ مَ ڇهَڏِئو هيڪَلِي هِيَ جَا وِنْڌُرِ وِڪَانِي

ڇهوڙِي ڇهَڏِ مَ ڇهَپَرِين ٻَارُوچَلَ ٻَانْهِي

آڊِيُون عَبْدُ اللَّطِيفُ چَوِي اِينْدُمِ آرِيَانِي

ڇهوڙِي ڇهَڏِ مَ ڇهَپَرِين ٻَارُوچَلَ ٻَانْهِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڪوهياري

## فَصُلُ پهريون

١

ڪُوڙهُ نَہ جَاڳَنِ لِکَهَہ سِين سُمْهِي نِنْڊَرَ ڪِيَاهَ
اُتهِي پَهُچُ پِرِنِئَ ڪهِي وِهَنُ تُو نَہ جُڳَاهَ
مُتهِي مِرْمَانَنِ سَان وِيهِي رَاتِ وِهَاءِ
جِيلَان نِنْڊَرَ ڪِيَاهَ تِيلَان رُوزُ رَهِين تهِي رَاهَہ مِين ❊

٢

ڪُوڙهُ نَہ جَاڳَنِ لِکَهَہ سِين چهو سُتِئَنَ سَبهَہ رَاتِ
اوڙَڪِي اوتهِنڙَنِ جَا تهِي پَهَہ پُڇهين پِرَبهَاتِ
تهِيئُ تَنْهِين جِي سَاتهِہ تَہ بهوڙِي ڪَنْهِن بهَاڳِ مِڙِين

٣

ڪُوڙهُ نَہ جَاڳَنِ لِکَهَہ سِين سُتِئَن رَاتِ سَجِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هِنَّان هوتانِن جو وِٺو خَزِينو کَهَڄِي
ڀُورِي تون نَہ ڀَهَڄِي سَبَبِ ڪَنهِن سَاته مِڙِين ⁘

۴

ويهي وَٽَان تو وِيَا تَنوَارِٺو توڏَنِ
نِنڊَر نَوَازِنَّنْ اُنِ جي شَابَسِ تَنِ مُوڏَنِ
رِڙهِي رَسُ روڏَنِ اَڄُ تهَا وَنجَنِي سَسُٺِي

۵

غَافِلِ غَفْلَتَ ڇهوڙِ تون اَنَاسِي اوجهِرِين
هوءِ ڇِپَانَا ڇِرِي وِيَا وَنجِي پَهُتَا توڙِ
نيٺِين نِنڊَر اُکهوڙِ جَمَ وَنَنِ مين وَاکا ڪَرِين ⁘

۶

سَنجهي رَهِين سُمهِٺو غَافِلِ مَنجهِ ڪهَرَنِ
ليڙَنِ جو لَطِيف چوي کَرْکَلُ سُنْيُئِي نَہ ڪَنِ
سِي ڪِينئَ مُحِبَّ مِڙَنِ سَنجهي رَهَنِ سُمهِٺو ⁘

۷

اَلُونِي اَکهِنِ آيَم نِنڊَر اَبهَاکَ کهي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هَاڻي هِنَ ڀَنڀورَ مِين ڪَهَارِيَان ڪَارَڻِ ڪَنِ
اَدِيُون اوڙَهِتَڙَنِ هِنئِي سَان هَاڃو ڪَيو ٭

٨

جَڏِهِن سُتِيُون جي پَنهِرِ پِيرَ ڏِرڪهَا ڪَرِي
تَڏِهِن تَنهِين کهي سَاٿهَ سُتيئِي ڇهَڏِيو ٭

٩

سُتِئَن پيرَ ڏرڪهَا ڪَرِي وَڏِي جاڙَ ڪِيَاهِ
ڏَڙَ ٻَڙِ ٻِيهِي ڏوسَ جي سُرُ ٻُرُ تو نَه سُيَاهِ
اَصُلُ آرِيَ جَامَ جي سَڳِي تُون نَه سِيَاهِ
پُنهُوَ سِين پِيَاهِ تهي نِبهَاڳِي نِنڊُرون ڪَرِين ٭

١٠

اِهو ڪَمُ ڪَمِيڻِن جي سُمهَڻِ پيرَ ڏِرڪهَا ڪَرِي
لوڇين ڇهو نَه لَطِيفُ چي هَارِي لَڳِ هوتَنِ
نِنڊَرَان نِبهَاڳِنِ کهي تهَا اوٻهَالاَ اَچَنِ
سي پُنهُون ڪوهُه پُڇهَنِ جي سَنجهي رَهَنِ سُمهِئو ٭

١١

سُتِئَن سَوَارِي وِيڙهي مُنهُه مُٺَنِ جَان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## ڪوهياري ا

ڏٺهي نہ ڏيرن جا چوڏهاري چاري
مارينديءَ ماري پرهہ سور پريَنِ جو ○

۱۲

سُتَن سنجهيئي مُنهُن ويڙهي مُنَّنِ جان
اوچاڳو اکهِنِ کهي جاتي نہ ڏيئي
هتهان تو پيئي تهي ڪجهہ ڪيچِنِ کهي ڪرين ○

۱۳

اوجاڳو اجان ڪَيُمِ ڪمينِنِ جينئَ
اساري اهڙي پر پيئي ڪيچِن سين ڪانِ
بانهي چايو پان تهي سَجُون راتيُون سُمهين ○

۱۴

ننڊرون ڪينئَ لهن هاري مُنڌهَ لطيف چوي
تو سيئي سين ڪيہ پهَ اوچتا جنِ
ڪڏهن ڪي نہ سُجَن ويسليُون ورن سان ○

## وائي

ڪِلا ڪا مہ ڪري وڙ لِکهئو تا نہ ٽري



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مُنهن جي شَهَرَ بهَنبهورَ ۾ين وڻ ڪِلا ڳا مَ ڪَرِي
جو سِينگارُ سَرِتِيُن سڀ مُون نَاهِه گَرِي
مُنهن جي شَهَرَ بهَنبهورَ ۾ين وڻ ڪِلا ڳا مَ ڪَرِي
جِهَڙِي تِهَڙِي حَالَ سَان وَنجَان پيرَ ڀَرِي
مُنهن جي شَهَرَ بهَنبهورَ ۾ين وڻ ڪِلا ڳا مَ ڪَرِي
جَنهِن وَنَ هيٿهَان وِيهِي هَلْيَا سَجَنَ سَانگُ ڪَرِي
مُنهن جي شَهَرَ بهَنبهورَ ۾ين وڻ ڪِلا ڳا مَ ڪَرِي
لَامُون تَنهِن وَنَ سَنْدِيُون لوڏِٿو لَايَان گَرِي
مُنهن جي شَهَرَ بهَنبهورَ ۾ين وڻ ڪِلا ڳا مَ ڪَرِي
قَضَا جَا ڪَرِيمَ جي ڪَنهِن تَان ڪِي نَ ٽَرِي
مُنهن جي شَهَرَ بهَنبهورَ ۾ين وڻ ڪِلا ڳا مَ ڪَرِي
جيڪِي لِکهِيو لوهَ قَلَمَ ۾ين پَاڙِيَان سڀ پَڙِي
مُنهن جي شَهَرَ بهَنبهورَ ۾ين وڻ ڪِلا ڳا مَ ڪَرِي
اَدِيُون عَبْدُ الطِيفُ چَئِي شَلَ قَادِرُ ڪَرَمُ ڪَرِي
مُنهن جي شَهَرَ بهَنبهورَ ۾ين وڻ ڪِلا ڳا مَ ڪَرِي ⋄

---

٩٦



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# فَصلُ ٻِيو

١

ڏُونگَرَ تُون ڏاڏهو تهو ڏاڏها ڏاڏهائيون ڪَرين
مُون تَنَ اَنْدَرِ اِينئَ وَهين جِينئَ وَنُ چِيرِي واڍهو
هِيئُ ڪَرَمَ جو ڪاڏهو نَ تَه پَٿَرِ ڪيرَ پَنْڌُ ڪَرِي ۽

٢

ڏُونگَرَ ڏُکَه سَنْدَاءِ پِرِيَنِ گَڏِجَانَ تَه چَوَان
ٻِهِنِيَ تَهِمَّنِ ٻَهْنَوَارُون ٻِئا وِنْگا وَرَ سَنْدَاءِ
چَنْگِي ڪَا نَه ڪِيَاءِ پِيرُ وِنجَايُئِي پِرِينءَ جو ۽

٣

ڏُونگَرَ ڏَسُ پِرِينءَ جو مُون ڪَافَ نَه ڏِنِين ڪو
قَطَارِئو ڪالهَه وِيَا تَوڏَا وَٽَان تو
هوتَ مُٺِيَ جو هو ڪو سَاجَنُ اُنْهِي سَاتهَ مِين ۽

٤

ڏُونگَرَ ڏَسُ پِرِيَنِ جو ڪَافَ نَه ڏِنِين ڪَلَ
ڪِي قَطَارِئو ڪالهَه وِيَا تَوڏَا تَوِٽِي جهَلَ
سُٽِي هوتَ هَڪَلَ مَنَ ٻُنْڌِهِي ٻَارُوچو وَرِي ۽



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۵

ڏونگر ڏوراپو پھرين ڏينديس پر کھي
پنهن پير پٿون کيا ترِيون چھنيون تو
ٻاجھارا ٻاجھ نه ٻيئي قدر مُنهن جو کو
واکو کنديس وو ته مون سين جبل تھو جاڙون ڪري ٭

۶

ڏونگر مون نه ڏکھوء آن آڳ ڏکھوڙيي آهيان
ساريان کو نه سکھوء سور کھناٿيي سنبھران ٭

۷

ڏونگر ڏکھوين کھي دلاسا ڏجن
کھنو پڇھجي تن کھي وتان جن هوت وڃن
تون کينئي سندا تن پانھن پير ڏکھوڙپين ٭

۸

ڏونگر ڏکھ پٿيي مون تو سين ڳالھ کٿيي
پانان آنٿون مٿيي سوز سناٿيي پر جو ٭

۹

ڏونگر مون سان رو کڏھي پار پنهو جا

سَڄَڻُ هوءِ هيڪَڙو وِٺو ڀوڙائِڇي سِڙ
ڪَنهِن کهِي ڏِيَان نَہ ڏوھُ مُون اِيرادِي اِينئِ ڪِئو ❊

۱۰

ڏُونگَرَ ڏُکوِيُون تو وَتِ اوڙِنَ آئِيُون
هوءِ جِي اَچَنِ ڀوڙايُون ڏِجَنِ دِلاسا تَنِ کهِي ❊

۱۱

ڏُونگَرَ ڏُکوِيَنِ کهِي مَڪِلِ سُڪا ڪُوڙهَا
هوءِ جِي پَنهَنَ پَبَ جا سِي ڀهَڄِي تهِيا ڀورَا
ڪُونڌَرَ جا کوڙَا وَڃَنِ جانِ جُدَا ڪِئو ❊

۱۲

ڏُونگَرَ ڏِينهَانئُون پَانُ مَتهان تو کهوڙِيان
جو تو مَنجهِ رِهَائِيُون سَدَا ٻَاروچَنِ جُون ❊

۱۳

ڪِي جِي ڪَڍِهِيا پَارَ ڏُکهِيَ ڏُونگَرَ پَانَ مِين
سُنِئِي سَا تَنْوَارَ مِرُون پِنَا مَامِرِي ❊

۱۴

ڏُونگَرَ ڀهُنِئِنِ ڪِيرَ سَڄَڻَ مِيڻُون ڏُونگَرِين
هِڦَرَا سِينَ سُڌِهِيرَ ڪِي نَہ لَهَنْدِئَنْ ڪِي پِنَا ❊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٥

ٻَئِي وِيٺا رُونِ ڏُکِي ڏُونگَر پَانَ ۾
ڪَنهِن کِي ڪِي نَہ چُونِ مَنجهِنَ جو پِرِيَتَنو ◆

١٦

اَڄُ پُڻُ وِيٺو روہ ڏُکِي ڏُونگَرُ پَانَ ۾
ڪوهِيَارِي جو ڪوہ اَچي سُورُ اُڌَمِئو ◆

## وَائِي

آهِيَان جَنِ سَنڌَڙِي مُون کِي سِي نَہ ڇَڏِيندَا
ڀَائِيندِيَسِ پُنهُوءَ کِي آن ڳِچِيَ پَائِي ڳَنڌَڙِي
مُون کِي سِي نَہ ڇَڏِيندَا
وِيٺِي آهِيَان وَاٽَ تِي آهِيَان آسَرَ وَنڌَڙِي
مُون کِي سِي نَہ ڇَڏِيندَا
پِرِنءَ پُنجَانَان هِتِڙِي رَتِي تَا نَہ رَهَنڌَڙِي
مُون کِي سِي نَہ ڇَڏِيندَا
ڪَرَمَ سَانُ ڪَرِيمَ جِي آن پِرِنءَ مِلَنڌَڙِي
مُون کِي سِي نَہ ڇَڏِيندَا ◆

---



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## فصل ٽرئون

١

روئيو ويٺھي راڳ اَمرِ اوريان نہ جُڙي
لاتھا مُون ڏيھہ وَٽن تان لاڳاپا ۽ لاڳ
ڏونگرُ سي ڏوريندِيُون جن اندرِ ٻري آڳِ
ھوتاني ھن ماڳِ مُون کھي ڇھڏِ مَ ڇھپرين ❊

٢

مُون کھي ڇھڏِ مَ ڇھپرين ھتِ ھوتاني ھانِ
اوڏي مُندھ اُٿھنِ کھي اَلھَ کارنِ آنِ
پورھيُو ڪندِيس پانَ اڳيان آريچنِ جي ❊

٣

مُون کھي ڇھڏِ مَ ڇھپرين ھوتاني ھن ھَندھ
تو سين پَوَنْدِيس پندھ ڏيندِيس باھہ ڀنڀور کھي ❊

٤

مُون کھي ڇھڏِ مَ ڇھپرين ھاتِڪ ھوتاني
توڙي لَڳِ ڪھاني ڏکھي ڏوري ڏونگرين ❊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٥

مُون ڪهي ڇھڏِ مَ ڇھپرين پٺوءِ رَهايسِ پانَ
جي ٻُھلايُون ٻھانَ تَنِ ڪهي رَسُ رَسيلا رَاھَ ۾ ⁘

٦

سُتي پَوَن ڇھرِڪَ آيَلِ ٻَاروچَنِ جا
وِٺو وِهَاڻِي وڙ ڙِي تَنْھن ڪوهيارِي ڪِڙِڪَ
ڏَڙيُون ڌڻيُون تَنْھن ڌِهڪَ جَڏِيَ جِڻَنُ نَ تَهِنجي ⁘

٧

سُتي پَوَنِ ڇھرِڪَ آيَلِ ٻَاروچَنِ جا
پُنْھُوَ جي پيڪانَ جُون رَاسِيُون سَجُون رُڪَ
هَيَمِ هوتَ ڪِڙِڪَ لوچَان لوھُ نَ نِڪِري ⁘

٨

جيهي جي تيھِي تَ ٻَانْهي ٻاروچَنِ جِي
حُجَتَ هوتَ پُنْھُوَ سين مُون ڪَميڻِيَ ڪيهِي
اَصُلُ آرِيَ جَامَ جي پَلَئِ آنڱُون پيئِي
هُوءِ جا پَاڙِن پيرَ ۾ين تَنْھن آن جُتِيَ نَ جيهِي
وِسَارِي ويهِي تَنِ ڪيچِنِ ڪهي ڪِينئَ رَهَانَ ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٩

هُٿِي جِي نَہ هُٿِي تَہ ٻَانْهِي ٻَارُوچَنِ جِي
اِنَ سَنْگَ پَٽَانْدَرِ سَسُئِي سَنْدِيَنَ تهي سُٿِي
هُنِ تَان لَڄَ لُٽِي پَرَ هِنَ جو هَلَنُ هوتَ ڏِي ♦

١٠

ڪُوڙِي ٻَانْدِي ڏَاهَہ زَرِ کِدهِي جَتَنِ جِي
اَڄُ پُنُ عِنَاتُ چَڙِي هَتهِ آرِيَانِيَ آهِ
سو مُون سَڌُ سُهَاهَ جِي ٻَانْهِي ڪوٽهِنِ پَانْهن جِي ♦

١١

ڪَنِيزَڪِ ڪِيچِنِ جِي ٻَانْهِي ٻَانهوٽِي
ٻَٽِي ٻَارُوچِي هَتهَ مِين چَڳِنِ سِرِ چوٽِي
ٻَانبهَنِ ڪهي موٽِي پُڇهَنْدو پَبَ دهَنِي ♦

١٢

ڪَنِيزَڪِ ڪِيچِنِ جِي ٻَانْهوٽِي ٻَانْهِي
سِي ڪِينئَ وَنجَنِ وِسِرِي جِي جِيئَ اَنْدَرِ جَانِي
اَنْگَنِ اَمَانِي شَلَ ڪِيچِنِ جِي ڪَا مَہ تهِئِي ♦



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وائي

مُون کهي نِينْدَا سَانُ ٻارُوچا ٻاجهه پِئِي
ڏِينْدَا مُون ڏُکهيَ کهي اَللهَ لَڳِ اُهِنجَانُ
مُون کهي نِينْدَا سَانُ ٻارُوچا ٻاجهه پِئِي
لَا تَقْنَطُوا مِنْ رَحْمَةِ ٱللّٰهِ پرِيَنِ چيو پَانَ
مُون کهي نِينْدَا سَانُ ٻارُوچا ٻاجهه پِئِي
اِنَّ ٱللّٰهَ يَغْفِرُ ذُنُوبِ جَمِيعًا سچو اِيئُ پَريَانُ
مُون کهي نِينْدَا سَانُ ٻارُوچا ٻاجهه پِئِي
اَدِيُون عَبْدُ ٱلّطِيف چَوي اِهڙو آهِ اَکوَانُ
مُون کهي نِينْدَا سَانُ ٻارُوچا ٻاجهه پِئِي ⁘

---

## فَصُلُ ڇهَهُون

١

کهَائِو نِوَائِو اَدِيُون آريچَنِ جو
لَنگهي پَٻُ پَري تهِيَا ڇهَڏِي رِنُ رَائو
ڏيئي پهوڙَائو وِيَا وِيچَارَي سُپرِين ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢

ڪهَاٺي ڍَوَاٺِي اَڊِيُون آرِيچَنِ جِي
ڪَنهن پَرِ کَهِي لَنْکِهِيَا جَبَلَ جهَاجهَاٺِي
ڄيڪُسِ وَاجهَاٺِي هَاڻِي مَرَنْدِيسِ هوتَ کهِي ٭

٣

هَلَنُ سَهَان نَہ هوتَ جو کُهِہ وَنجَنَ وَاٺِي
ڪهَنِٺو بَنْدَ خُرْزِيُون کَسِنِ مَہ کَجَاٺِي
اَتَاَلا عِنَاتُ چَوي اُنِ جَا سُونْهَنِ رَکِهِيَاٺِي
ڏِسَنُ ڏُونْگَرِيَنِ جو تَنَ کهِي تَسَلاٺِي
مَارِ مَہ تُون مَاٺِي تَہ رُوٺِي هوتُ رَهَاٺِيَان ٭

۴

هَلَنُ سَهَان نَہ هوتَ جو وَنجَنُ آنمُون کهورِيَان
هُوَّنِ هَمِيشَا هِتَهِين تَہ ڏُونْگَرَ ڪوهَہ ڏورِيَان
اَکِهنِ سَانَ اوڙِيَان پَسَان شَالَ پُنْهُوَّ کهِي ٭

٥

هَلَنُ سَهَان نَہ هوتَ جو وَنجَنُ مُون نَہ وَسِ
اَلا آرِيچَنِ جِي کوٺِلِي ميڙِين کَسِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پِرِين پَنُوهَارَ تو پُڇَان ڏُونگَرِيَان مُون ڏَسِ
اَکِهنِ جي آرَسِ مُنڍهَ جيهَائِي جوڙَ کِي ◇

٦

هَلَنُ سَهَان نَہ هوتَ جو وَنجَنُ مَہ وارِٿو
رَهو رَاتِ ڀَهنڀورَ مِين تہ ڪَا ڪَهڙِي ڪَهارِٿو
مَعْذُورِ کهِي مَہ مَارِٿو سِکِي جَنهِن سَنْڪُ کِٿو ◇

٧

مُون کهِي جَنهِين مَارِٿو آن کِي گَڏِيَا سِي
تَنَ مِين طَاقَتَ نَاهِ ڪَا اَدِيُون اُنهِين رِي
سُورَ سَلْتَمِ سِي جِيلَان گَالهِ گَرِي تهِي ◇

٨

مُون کهِي جَنهِين مَارِٿو سُنجَاتَمِ سِيٺِي
پُنْهوُّ پيکَانَ پَچهَنڊِيَا پَلَنِ تَان پِيٺِي
وِچَنِنُون وِيٺِي تهِي وَهِينِي سَجَنِين ◇

٩

مُون کهِي جَنهِين مَارِٿو سِي سُنجَاتَمِ پَاٿَان
لوهُو لِنْکِين نَاهِ کِي سَنڍهَ مِڙيٺِي سَانَا
دَارُوُّ جَا دَانَا ڏِنَمِ هوتَ هَتهَنِ سَان ◇



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٠

پَرۡتَوو پُنۡهُوَ جو ڪِي ڇهَائِين ڪِي اُس
تِريبَانِي ڪُس آهي ڪهرِ ٻڪرڙي ◊

١١

پَرۡتَوو پُنۡهُوَ جو سَهَائِي سِيَاهُ
مُنۡهُ ڏيئِي مون آئِيو رَنۡگارَنۡگِي رَاهَ
پِهرِين ڏِينۡدَءِ پَاهُ پوءِ رَنۡگِينۡدَءِ رَنۡگ مين ◊

١٢

پَرۡتَوو پُنۡهُوَ جو جهُڙَ جِينئَ جهالاَ ڏي
آنئُون تَنۡهن آرِيَ کهي وَتهِئو وَاتَ رُنَّان کهَنئو ◊

١٣

پَرۡتَوو پُنۡهُوَ جو رُڳِيَائِي رَاحَتَ
ڀهَانۡيَان ڏِينۡهَ ڀهَنۡوَانۡرهُون سَاجَنَ لَئِ صحَّتَ
مِتهِي مُصِيبَتَ آهي آرِيَ ڄَامَ جي ◊

## وَائِي

ٻَاروچِي سَانُ ٻَڙِي جيڏِيُون هيڪَڙ تهِيَان هيڪَانۡدهِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چَڙهِي نَ سَگهَان چوٽِيُن يَارَ بِنَا دِلِ مَانْدِي
هِيڪَرَ تهِيَان هِيڪَانْدهِي
پَهُچَائِجِ پُنْهُوَ کهي هِيَ پِيَادِڙِي پَانْدهِي
هِيڪَرَ تهِيَان هِيڪَانْدهِي
ڀهِيَنْرُ هِنَ ڀهَنْڀهورَ مِين آنُئون اِيرَادِي آندِي
هِيڪَرَ تهِيَان هِيڪَانْدهِي
پورهِيَتِ پُنْهُوَ جَامَ جِي آنُئون ٻَانْدِنِ جِي ٻَانْدِي
هِيڪَرَ تهِيَان هِيڪَانْدهِي
ڪَرَمَ سَانُ ڪَرِيمَ جِي ڪِيچِي تهِيندَمِ گَانْدهِي
هِيڪَرَ تهِيَان هِيڪَانْدهِي ؞

---

## فَصْلُ پَنْجُون

١

رِيَ ڦَرِيبَنِ ڦُوتُ ڪِئو وِيٺهِي وِرهَ چَرَان
اِنَ اَهِنْجَانْ اَکهِين مَادَرِ چهو نَ مَرَان
اَنِيُون جو نَ اَوَان سو مُون سُورُ سَرْتِيُون ؞



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com
Soorih Mirani

٢

ري ڦريبن ڦوٽ ڪٿو وره چران ويٺهي
ٻانڀڻن کهي ٻروچ ري ٿهي ڏکهن ٻيئن ڏيٺهي
ٿو ڀنڄانان سپرين آنئون آهيان سڀهيٺي
جا مهٽن مريٺي سا سرٽيون ڪي نه سکهي ٿهٺي ۰

٣

سرٽيون ڪي نه سکهي ٿهٺي ويٺهي جا وره
چٽ جنهن جو چورُ ڪٿو ڏکهويو ڏکهن
ڀنڄانان پرين اديون اکهي آهيان ۰

٤

اديون اکهي آهيان پرين ڀنڄانان
سي ڪوهيارا ڪين ويا ساجن سنيانا
جي سسٽي سيبانا سي ونجي ڪيڇ قرارنا ۰

٥

حقيقت هن حال جي جي ظاهر ڪريان ذري
لکي ماٿهه مرن کهي ڏونگر پون ذري
ونجن ون ٻري اوٻهڙ اٻهري ڪي نه ڪي ۰



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٦

حَقِيقَتَ هِنَ حَالَ جِي جِي ظَاهِرُ ڪَرِيَان زُبَانَ
لَڳِي مَاتهِ مِرُنِ کهي رَهِي سُورُ شَبَانَ
هُونْدَ تَاڪَرِ ٽِڪِي گا نَہ جَبَلُ سَبهُ جَلِي وَڃِي ٥

٧

جِي حُبَ نَہ هَلَنُ سِکهِيَا سِي جَڏَا مِيڙِ جَلِيلَ
لَنگهَائِين لَطِيفُ چَوِي جَنْهِين ڦُوتُ قَلِيلُ
وِسَارِي وَسِيلَ مَتَان مَارَڪِ ڇهَڏِئِين ٥

٨

سَارِيَان تهِي سَبِيلَ پُرِ تَقْصِيرُون پَانَ مِين
مَتَان مُون کهي ڇهَڏِئِين آرِي جَامَ اَصِيلَ
وَرُ وِلهِنِ جَا وَسِيلَ اَچِي رَهَبَرَ رَسُ تُون رَاهَ مِين ٥

٩

اَچِڻُ اَچِڻُ چُونِ وِيهُ وِيَا تَان کهوَرِيَا
سَرْتِنِ سَانگُ سُکهَنِ سَان مُون کهَا رَتُ نَہ رُونِ
اُوهُ مَرُ وِيٺهِيُون هُونِ مُون سَانگَاٽِيَا سُورَ تهِيَا ٥

١٠

سَرْتِيُون سُورِيتِنِ جَان ڪوهُ تهِيُون پَتهَرِ پُونِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

کھاء نہ لکن کھٽ مِينَ رِٿي مَان تھيُون رُونِ
چيتارِئُو نہ چُونِ پَارَ مُنْھِن جي پِرِنِيَّ جَا ٭

وَائي

توڙي ڏِينِ مہ ڏِينِ اَلوَ مِيَان آنئُون اُنْھِين جي آھِيَان
زورُ ھِنَ ضَعِيفِ سِين کَامِلَ کوھُ کَرِينِ
اَلوَ مِيَان آنئُون اُنْھِين جي آھِيَان
جَتَ مُنْھِن جي جُوءِ مِين جَانِبَ مَانَ جَتْرِينِ
اَلوَ مِيَان آنئُون اُنْھِين جي آھِيَان
پِکَ پَدَمَنِّيَان اَڱِري سُرْکِي مَانَ سَنجِينِ
اَلوَ مِيَان آنئُون اُنْھِين جي آھِيَان
بَانْھِي بَارُوچَا پَنْھِن جي سَگَرِ مَانَ سَڏِينِ
اَلوَ مِيَان آنئُون اُنْھِين جي آھِيَان
پيرِين آنئُون نہ پُڄِنِي کَرَھَلَ ھُو نہ جھَلِينِ
اَلوَ مِيَان آنئُون اُنْھِين جي آھِيَان
اَڍِيُون عَبْدُ اللَّطِيفُ چَوِي نِينْھُ نِبَاھِئُو نِينِ
اَلوَ مِيَان آنئُون اُنْھِين جي آھِيَان ٭

---



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## فصل ڇهون

۱

ڪنهن پر رُنّان پرينءَ کي روئي نہ ڄاڻان
مون کي ڪئو ڀيڻا هنجهن هاريان هنجڙا ⁘

۲

ڪنهن پر رُنّان پرينءَ کي اندر ناهہ اساٽ
لڙڪا لڳن تي ويري مون کي واٽ
ڇپر مين ڇوڇاٽ ڊٿم ڏکوين جا ⁘

۳

ڪنهن پر رُنّان پرينءَ کي پڇن ناهہ پچار
اندر تهي آهون ڪري کامي منجهہ ڪمار
ڳريب جي ڳفتار ٻي بهت ٻاروچن مين ⁘

۴

ڪنهن پر رُنّان پرينءَ کي پار نہ ڄاڻان پنڌ
ڪيچن ڳارن ڪنڌ نايو تهي نعرو هڻان ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۵

ڪَنْهِن پَرِ رُنَّس ... ڪَهِي پَارُ نَہ جَاڻَان پِيرُ
ٻِهينرُ مُون ٻهيڙُو تِهِنُو سُورَنِ لَاتو سِيرُ
آرِيَ لَئِ اُلِيرُ نَاچُ ٻهَانگيرَنِ جو ◊

۶

ڪَنْهِن پَرِ رُنَّان پِرِنَّ ڪَهِي رُوَنُ مُون رِيَاءِ
ٻَرَنِ مَنْجهِ ٻُڪَاءِ ٻِيَ ٻهَتِ ٻُڌهُمِ جِيڏِيُون ◊

۷

مَ جُو سِنْڌِي تَنِ ڪَهِي جوش جَلَايَا جي
طَالِبَ جي تَحْقِيقَ جا نِينْهُ تَنْهِين وَتِ نِي
ٽِريڏِي ٻهَائِين ٽِرِي هو تَان آهِي هيڪِڙو ◊

۸

ٻِنَّا ڏِيٺِي ٻِٺِنِ ڪَهِي هَلِجِ پَاسِي هيٺ
وَرُ نَہ سَهِس وِيڪَ تُون ٽريڏِي ٽِريَائِي ڪَرِين ◊

اَنْجَان تُون اَوَاتَ وَاٽَان پَاسِي وِيسِلِي
مَنْهِي تِهِينُ سُوَاتَ تَہ مَنْجهَان دِلِ ڏُکَ لَهِين ◊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٠

پَانھِين پَسِي پَبُ مَٿَان ڪَا مُنْڌهَ ڏِٺي
اَکِيَان ڪَهَڻُ مَ ڪَهَبُ اِيئَ قَالِي آڏو کِچَ ڪهي ؞

١١

ڏَاڏهِي لُڪهَ لَڳَنِ جِي پَٽَنِ پِوي پَچَاءُ
ڇهَپَرِ ڪوُسو وَاءُ هَرِيَا تَنْهِن هِينَا ڪِيَا ؞

## وَائِي ١

اَلو بهَلو ڪوهِيَارِي سَانُ آنُئون جَا ڪَنْڌِيَسِ زَارِي
ڪِي نَ جِنْڌِيَسِ جِيڏِيُون سُورَ پِرِيَانْ جِي آنُئون مَارِي
آنُئون جَا ڪَنْڌِيَسِ زَارِي
اُتهَ [illegible] هَلْيَا جِي بوُتَا هوُڙَا بَارِي
آنُئون جَا ڪَنْڌِيَسِ زَارِي
ڪِرِي ڪوهِيَارو هَلِئو مون قِيَامَتَ ڪَارِي
آنُئون جَا ڪَنْڌِيَسِ زَارِي

26*



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مَانَ وِرَّمَنِ وِچ مين اوِلانِي سَبهِ آرِي
آنئُون جَا ڪَنڊِيَسِ زَارِي
هِنْدُنِ جَان هوِلِي ڪَرِي مُون ڍهورِ مَتهي تَان وَارِي
آنئُون جَا ڪَنڊِيَسِ زَارِي
لَالَن لَڳِ لَطِيفُ چِي وَاجهَائِي تهِي وِچَارِي
آنئُون جَا ڪَنڊِيَسِ زَارِي ⁘

## وَائِي ٢

اهِيَان ڏُونگَر ڏوِرِي مَارُهُون چَوَنِم بهورِي آلَا
تَنهِن ڪوهِيَارِي ڪَهَلَ پَوِي جَنهِن جِي آهِيَان ڪهورِي
مَارُهُون چَوَنِم بهورِي آلَا
نِئُو نِمَانِي پَانَ سين چهپَرِ چهڍِئُو مَ چهورِي
مَارُهُون چَوَنِم بهورِي آلَا
رُوئِي رَنْگِينْدِيَسِ رَتَ سين سَانُ چُوَاڪَنِ چورِي
مَارُهُون چَوَنِم بهورِي آلَا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اَڊيُون آرِيجَنِ جو لِڪُ لَڳو مُون لوڙِي

مَاڙهُون چَوَنِمِ ٻهوڙِي آلا

نَا لَائِقِ سَان لَطِيفُ چي قَادِرُ ڪَرَمُ ڪَندو ڙِي

مَاڙهُون چَوَنِمِ ٻهوڙِي آلا ٭






books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# حُسينِي

## فَصُلُ پِهرِيون

١

تَان کِي ڳَوْرِي چَلُ جَان لَاڙَائُو سِجُ تِهڙو
هَاڙهِي ڏهَارِي هَلُ وَنجِي کِيچِنِ جو پِڌو ⁘

٢

لَڙُ مَ لَاڙَائُو تِهڙو کُهتُون کوهِيُون چِهڏِ
لَاهِ مَ لَڏو لَڏِ تَ ڳَاڙهِي سِجِ ڳَالهِ مِڙِين

٣

لَڙُ مَ لَاڙَائُو تِهڙو هَلِي کَرِ هِمَتهَ
سِجُ سَامُهون مُنهَ مِين مَتَان کَرِين کَتهَ
سُپِيرِيَان جِي سَتهَ ڳَاڙهِي سِجِ ڳَالهِ مِڙِين ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٤

لَڙُ مَ لاڙائُو ٿهِڻوَ وَنَ چُونڊِيندِي وَڃُ
آهِي اِيئُ اُهُنجُ هَاڙهِي هَلَنْدِنِ جوَ ⁘

٥

اُلَهِي سِڄَ اَوِيرَ ڪِي ڏِٺهَائِين ڏُونڱَرَ
سَسُئِيَ کهِي سَيِّدُ چَوِي هوَ سُورَنِ جوَ سَمَرُ
ڪُٺهَلِ رَکهِٿوَ ڪَرُ وِڇَارِيَ وَنِڪَارَ ڏِي ⁘

٦

اُلَهِي سِڄَ اَوِيرَ مَ ڪَرِ مَعْذُورنِ تِي
پَسِي مَرَانِ پِيرَ ڏُونڱَرَ ٻَارُوچَنِ جَا ⁘

٧

وِٺوَ ٻَارُوچوَ نِڪِرِي هَانِي ڪَرِيَان ڪِينئَ
سِڄَ اُلَتهِي سِينئَ سَٿُون ڏِينْدِيَسِ سُڃَ مِين ⁘

٨

وِيٺهِي مُون وِٺوَ لَڙِي سِڄُ لَڪَنِ تَانَ
آن ڏوَرِينْدِي ڪِيتِروَ پَنْهَنَ پِيرُ پِٺوَ
سُورَنِ سَانُ سِهوَ اَچِي تهِيُمِ جِيڏِيُون ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٩

سَرْتِيُون سُجي سُنج مَتَان کا مُون سين هَلي
پَاڻي نَاهِ پَنْڌُ کهَنو اَکِيَان رَاتو کهَاتو رُنج
ڄچهَنُ مَرِي اُنج ڪَاڏي پَارَاتو پِرِنءَ کهي ٭

وَائِي

جي هُونْدَ ڏِتهَائُون وو جيڏِيُون حَالُ مُنْهِن جو هِهَڙو جِهَڙو
چَڙهِي نَہ سَکهَان چوٽِيئِن مَارَکُ مَتهَاهُون
وو جيڏِيُون حَالُ مُنْهِن جو هِهَڙو جِهَڙو
ڏُکهِيَ سَنْدِي ڏِج مين ڏُونْکَرُ ڏِنَائُون
وو جيڏِيُون حَالُ مُنْهِن جو هِهَڙو جِهَڙو
وِينْدِي کَيُون وَٽِن سين سَسُئِيَ سُکهَائُون
وو جيڏِيُون حَالُ مُنْهِن جو هِهَڙو جِهَڙو
وَٿهِي پُنْهُون پَانَ سَان اَچَان جي آئُون
وو جيڏِيُون حَالُ مُنْهِن جو هِهَڙو جِهَڙو
ڏِينْدِيَسِ ٿَارِيَ سَبهَکَنْهِين وَنَ وَنَ وَادهَايُون
وو جيڏِيُون حَالُ مَنْهِن جو هِهَڙو جِهَڙو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هِنئَڙو ڏاڙهُوَ ڪُلَ جَان رِيهي رَتائُون
وڙ ڇيڏِيُون حَالُ مُنْهِن جو هِهَڙو ڇهَڙو
هوءِ ڇي پَنْهَنَ پَبَ جا سِي مَنِيا مُڪَائُون
وڙ ڇيڏِيُون حَالُ مُنْهِن جو هِهَڙو ڇهَڙو
هُوَنِ سَلَامَتَ سُپرِين گهوڙِي سَا آنئُون
وڙ ڇيڏِيُون حَالُ مُنْهِنِ جو هِهَڙو ڇهَڙو
اَڊِيُون عَبْدُ اللّطِيفُ چَوِي مُون کهي پَنْهِن جو ڪِيَائُون
وڙ ڇيڏِيُون حَالُ مُنْهِن جو هِهَڙو ڇهَڙو ⁘

## فَـصُـلُ ٻِـئـو

١

ڪِي دهَڙَ تَتِي مَاءُ ڪِي ڄَرَ سَنْڌِي سَڄَنِين
هَلِي آئُون وَڃَان ٻِنْهِين ڇيرَنِ وِچَ مِين ⁘

٢

مَنهَان مَنْهي مَڄُ ٻَرِيمِ ٻَارُوچَنِ جو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خسيني ۲

مُون کهي طَعْنَا تهِيُون ڏِنُو جِينئ نـ پَروڙِيو سَچُ
اَمَڙِ اوڙي اَچُ تَـ سِترَ سُنَايَانئِ سُور جِي ⁘

۳

مَتهي مَنْجهَان مِينْهُ پَسو پَانئِ جَان وَهِي
مُون بهَانْيو نِينهُ پَرَ جِبهِيُون جِيرِي سَنْدِيُون ⁘

۴

مَنْجهَان مُنْهِن جِي رُوحَ وَنجِي سَاجَنُ وِسِرِي
تَـ مَرُ لَڳِي لُوهَ تَرَ بَابِيهو تهِي مَرَان ⁘

۵

لَڳِي مُون کهي لُوهَ وِرهَ وَاتُون لَاتِيُون
رَازُ جَنْهِين سَان رُوحَ سو کوهِيَارو کيِچِ وِئو ⁘

۶

وَهِي چُوَاڪا کِئو تِرمَنِ نِيڻين رَتَ پهُڙَا
مُون کهي ڏَوَ ڏِنو اَئِين تهَا وَنجو سَاتهِيَا ⁘

۷

اَمَڙِ کهُهِ کهَروءِ مُونْهَان وَنجِي سَاتهَڙو
مُنْهِن جو تَان بَرِئو هِنئَڙو ڏِئي وَتِ جَان ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۸

اَمَرِ وَنجِي آنِ چَرِکھو آتَنَ وِچ مَان
کَتِيُمِ جَنْهِين کَانِ سو کوهِيَارو کيچِ وِئو ❖

۹

پَهِي کَا نَہ بَجَاء اَمَرِ مُنْهِن جي آسِرِي
ڏيِئِي لَتَ چَرِکھي پُونِيُون پَانِيَ پَاء
کَتِيُمِ جَنْهِين لَاء سو کوهِيَارو کيچِ وِئو ❖

۱۰

کَتَنُ بَنِ کَپَاهَ آتَنُ کهُهِ جيڏِيُون
سَاجَنُ مُنْهِن جو سَاهُ هَانجِي مَنْجهِ هَنِي وِئو ❖

۱۱

آتَنِ چَوَنِمِ کَتُ تَانِيَان تَنْدُ نَہ نِکِرِي
پَانَان رُوئِي رَتُ چَرِکھو مُون چِکَ کِئو ❖

۱۲

کهُهِ هَاڙهو بَنِ هوتُ کهُهِ پُنْهُون بَنِ پرِيَتَنو
مَادَرِ مُون مَوْتُ پَسَنَ مَان پِرَائِيو ❖



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٣

ڪُھه ٻوليِ ٻنِ ٻروچ ڪُوڙي ذاتِ جتنِ جي
مُون ڪِهي ڇڏي لوچ پيهي وِيا ڇهپرين ⁘

١٤

جنءَ جنءَ تپي ڏينهُن تنءَ تنءَ تانيان پنڌهه مين
هو آ ڪانجھو نينهُن ٻانڀڻنِ ٻروچنِ سين ⁘

١٥

جان جان ٻهجي راتِ تان تان تانيان پنڌهه مين
ٻهوري ٻي نه ٻات جيڪا سا جتنِ جي ⁘

١٦

جان جيئين تان جلُ ڪانهي جاء جلن ري
تني تهدهي هلُ ڪانهي ويلهه وهن جي ⁘

## وائي

ڪوهِياري جي ڪاء مارينديم من اندر ڳالهڙي
چڙهان ڏونگر چوٽيئين سپيريان جي ساء
مُون ڪهي من اندر جا ڳالهڙي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نِهَارِ بِنْدِيَسِ نِکِنِيَان هَاڙهو هوتَنِ لَاه
مُون کهي مَنَ اَنْدَرِ جا ڳَالهَڙِي
پَانْدهِڙَا پيرَ بهَري پِريَانْ کهي پهُچَاه
مُون کهي مَنَ اَنْدَرِ جا ڳَالهَڙِي
مَڙْلَا مُون کهي ميڙِئين سَنْدِي جَانِبَ جَاه
مُون کهي مَنَ اَنْدَرِ جا ڳَالهَڙِي
هوتَ هَلِنَا آنئُون وِهَنِي تَہ کَا اِينئَ جُڳَاه
مُون کهي مَنَ اَنْدَرِ جا ڳَالهَڙِي
سَسُئِيَ جي سِرِيَ کهي اوڏَاهِين اُتهَاه
مُون کهي مَنَ اَنْدَرِ جا ڳَالهَڙِي
پيرَانْدهِيَ پُنهُوَ جي مُنهِن جو لوڙهُہ لَٿَاه
مُون کهي مَنَ اَنْدَرِ جا ڳَالهَڙِي
اَلَا عَبْدُ اللَّطِيف چَوي اِهَا آس پُڄَاه
مُون کهي مَنَ اَنْدَرِ جا ڳَالهَڙِي ٭

---



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## فَصُلُ ٽِيون

١

ڪٿ ڪُهَنڊِيءَ ڪَهُوڙُ آيُمِ ٻَارُوچَنِ جَو
ڇَڏِينِدِيَسِ ڀَنڀورُ هِنِئُو هِتِ نَہ وِنڌُرِي ❊

٢

ڀَنڀورَان ٻَهَرِ ٿِهِي مُون جِي سَڌَ ڪِيَا
سِي جِي هوتَ سُڻَا تَہ هُونْدَ نَہ وِٺو نِڪِرِي ❊

٣

ڀَنڀورَ جَنِ سُکَهِنِ مُون کِهِي سَاٿِيَا کَهَارِئو
هَاڙِهِي سَانُ ڏُکَهِنِ تَان کِي ڏُونگَرَ ڏُورِيَان ❊

٤

ٻِهِينَرُ ڀَنڀورَان ٻَهَچِو تَان اُٻَهُو
آکِي هِنَ مَاڳَانْ سَرْتِنِ سُورَ پَرَائِيَا ❊

٥

ٻِهِينَرُ هِنَ ڀَنڀورَ مِين دوزَخَ جو ڏُونهو
سَوَارُو سُونهو ڇُڄِهِي پُورِجَ سَسُئِي ❊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٦

ڀِينَرُ هِنَ ڀَنْڀورَ ۾ کَهايَلِ تهِي کهارِيَان
سَڄَڻَ جي سانْگِ وِيا سي تهِي آن سارِيَان
اُهي ڪِينئَ وِسارِيَان جي وَٽان مُون واٽَ تهِيا ❊

٧

ڀَنْڀورَان اَجهاڙُ سَرْتِيُون سَکَهَرُ ڀانئِيَان
مُون سين تَنْهِن ڀَهاڙُ ڏُکهان هَڏِ نَ ڏورِئو ❊

٨

اَجهاڙَان ڀَنْڀورُ سَرْتِيُون سَکَهَرُ ڀانئِيَان
آرِيانِي اَتورُ ڏِٺهِم جَتُ اَکهِنِ سين ❊

٩

لَڳي لاڳاپي ڀورِي مُنْڍَ ڀَنْڀورَ جي
پِرِين وِڃائِي تهِي ڏُکهِي ڏورِي ڏونْگَرِين ❊

١٠

کُلهِي ڀهاتو کَنْجِڙو مَتهو اُکهاڙو
مُنْهِن جو ڪَڄاڙو ڀينَرُ هِنَ ڀَنْڀورَ ۾ ❊

١١

ڀُلِئو سَنْهُه ڀَنْڀورُ جو پُٺِهِيَ هوتَ نَ هَلِئو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## حُسيني ٣

ڪُوڙتهہ سُنڄاتؤ ڪِي نَہ ڪِي آرِيَانِي اَتؤرُ
مَانِٺؤ تَنْهِين مؤرُ جَنْهِين ڏِيکهِٺؤ ڏِلِ سَان ٭

١٢

جَنْهِين ڏِيکهِٺؤ ڏِلِ سَان پُٺِهِيَ سِي پِيئُون
تَہ پُڻُ تهِي وِيئُون جِي پُنْهُوَّ پَانُ لِڳَائِيؤ ٭

١٣

ٻُرؤ هؤ ٻهَنْبهؤرُ جؤ آرِيَانِيَ اُجَارِٺؤ
لَاتهؤ سَبهَ لؤڪَ تَان هَاڙِهِي ڌهَنِيَ هؤرُ
ڇهؤرِيُون ڇهُرِڻُ سِکهِيُون پِرِين ڪِيَاٺُون پؤرُ
آيؤ سؤ اَتؤرُ جَنْهِن ڏُکهِيُون ڏِکهَ وِهَارِيُون ٭

## وَائِي

لَڳؤ مَنجهِ لَڪَنِ آيَلِ تَازؤ پِيرُ پُنْهُوَّ جؤ
نَہ ڪَنْهِن وَاوَ وِڄَايؤ جهؤرِٺؤ تَا نَہ جهَڪَنِ
آيَلِ تَازؤ پِيرُ پُنْهُوَّ جؤ
ڪهِهَ ڪهَتهؤرِيَان اَڪِرِي هَارِي جَا هؤتَنِ
آيَلِ تَازؤ پِيرُ پُنْهُوَّ جؤ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بوراٽو بَرَنِ جو رِڙهِڻو مَنجهه رَنڍَنِ
آيلِ تازو پير پُنهُوَّ جو
لُطفَ سانُ لَطِيف چَوي ڪَنڌو وَرِ وِلهِنِ
آيلِ تازو پير پُنهُوَّ جو ٭

---

## فَصُلُ چوٿون

۱

لَڄَايَا مُونهان سَاجهُرُ اُٿِي سِينَ وِيَا
پِيٺَن ڀهَنڀهورَان سُڌِ مُنهِن ڄي ذَاتِ ڄي ٭

۲

ڄي هُيَس آئون ٻانهِي ٻارو‌چَنِ ڄي
تـ هُونَدَ نـ ڇهڏِيَائُون ڏکِيَ ڪهي ڏُکهَنِ مِين ٭

۳

آئُون ڄي هُيَسِ هَڏُ اَڏِيون آرِيچَنِ جو
تـ سَاٿهَ لَڏِينڊي سَڏُ هُونَدَ ڪوهِيَارا ڪَرِينِ مُون ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۴

هُيَسِ جي سِيَاهه نَـ هُونْدَ کَيمِ ڏُکهُـ ڏيرَنِ تي
اَدَبَ وِچَان اُنِ سين ڳَارِ نَـ کَيَمِ ڳَاهه
پَرَ ذَاتِ مُنْهِن جي مَاءُ ڳِجي تهِي کيچِنِ کهي ✧

۵

اونِهِن اُمَارو مُون جهَلِينْدِي نَـ رَهِيَا
سَاتِهِنِ سَوَارو کِٿو کِجِ اَکهِنِ مين ✧

۶

سَاتِهِي توه هَلَنِ پَتهَرِ جي وَارَ کَرِيَان
جيکُسِ ٻَارَوچَنِ ڏِٺهو عَيْبُ اَکهِنِ سَان ✧

۷

سَاتهِنِ سَٿِين نَـ جَاڳِي پوه ڳُجَاڙِيَّان روه
اِيئَ پَرِ کُپَرِ هوه جِنئَ هوه سَانگِي تُون سُسَهين ✧

۸

سَاتهِي نَـ پَسَان سي جي هُوَمِ هِنِٿي توئِي
هَانِي کَنْهِين جي وَنجِي اَنْکَنِ اُبهَان ✧



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۹

آن کي سَاٿهي ڏِٺهَ جي مُون وِيڙهہِ وِنجَائِيا
رُنَّان رَتُ مَنجُهَ هَانِي تَنِ پِرِيَنِ کهي ⁘

۱۰

کَهَان تَان کيچَان پَرِي وِهَان تَان وَتِ مُون
ٻِهلِي ڏُورِيَمِ ٻهُون عَبَثُ آرِيَ جَامَ کهي ⁘

۱۱

سُمهَان تَان سِرَ هِيٺهِ کَهَان تَان کيچَان پَرِي
ٻَارُوچِي سِين ڏِيٺهِ جيڏِيُون جَنهِين پَرِ تهِي ⁘

## وَائِي

ڏُونگَرِ تهِي ڏُورِي وِنْدُرِ تهِي وَرْڙِي
جَتَنِ لَئِ جِيڏِيُون ڏُونگَرِ تهِي ڏُورِي
سُورَ ٻهَائِي نهِيَسِ سُڄَ مِين جَامَ پُنهَلَ کَهَان اوْرِي
جَتَنِ لَئِ جِيڏِيُون ڏُونگَرِ تهِي ڏُورِي
اُتهَ چَارِينْدِيَسِ اُنِ جَا تَکَرَ پَاسِ نِيئِي تُورِي
جَتَنِ لَئِ جِيڏِيُون ڏُونگَرِ تهِي ڏُورِي


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مَهارُونِ تَنِ مَيَنِ جُون خُوبُ خُشِيَ مَان تهِيَ جوڙي
جَتَنِ لَيِ جيڏِيُون ڏُونگَرِ تهِي ڏوري
ڪَاهِي ڪَڏهَ ڪيچِنِ جي ڪِي نَ ڳُجهي تَڙَ توڙي
جَتَنِ لَيِ جيڏِيُون ڏُونگَرِ تهِي ڏوري
اَدِيُون شَاهُ عَبْدُ اللّطِيفُ چَوي آءُ آرِي جَامَ اوري
جَتَنِ لَيِ جيڏِيُون ڏُونگَرِ تهِي ڏوري ٭

---

## فَصُلُ پَنجُون

١

ليڙَنِ لَنگهِي لَسَ مُون ڀهَانْيَا مَتهي وِيَا
وَتهِي وَرُ وَاتَ تهِيَا پُنْهُون جَامُ پَهَسَ
هُوَا وَڏِي وَسَ ٻَاروچَا ڀهَنْڀهُورَ مِين ٭

٢

وَڏِي وَسَ هُوَا ٻَاروچَا ڀهَنْڀهُورَ مِين
وَنِجِي ڏُورِ پِيَا سَانْگَنِ لَڳِي سُپِرِين ٭

٣

سَانْگِ پَنْهِن جي سَاه ٻَانْهِي تهِي ٻورَا ڪَرِيَان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۳

وَاڪِيُون جي وَرَنِ سين تَنِ سَرْتِنِ سِجَ سُهَاءِ
مُون کهي ظَعْنَا تهِيُون ڏِٺو مُون جَان مُتهِيُون نَہ مَاءِ
آرِيَ جي آڪاھَہ رُلَايَسِ رَاهُنِ مين ٭

۴

مَاءِ وِهَانوَ وَارِ کهَنُ پَتهَرَنِي پَانْهِن جي
جي کِي ڏِنُيَّ ڏِيجَ مين سو سَبهوئِي سَارِ
وَنجَان تهِي وَنڪَارِ ڏِٺهُمِ پير پُنْهُوَّ جو ٭

۵

چهِپُون چهَپَرَ کهَتَ پَنْهَنَ پَتهَرِنِيُون بهَانئِيَان
سِيئَنِ جي سَهَتَ ڏُونڪَرُ ڏوڙِي مُون تهِٺو ٭

۶

ڏِنِي سِکَ سَسُئِيَ کهِي پيلِيَانِي پَروچَ
لوڪَ وِچَائِي لوچِ تَہ پَهُچَائيئِي پُنْهُوَ کهِي ٭

۷

مُسَافِرَنِئُون مَاءِ وِرهُہ وِهَايُمِ وِترو
اَچِي تهِيَمِ اوچِتِي تَنِ سَانگِنِ سين سَانجَاهَہ
آيَلِ جهَلَ مَہ پَاهِ هِنئُو هوتَ هَنِي وِيَا ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٨

ڪِينئَ آڙَائِيَ پَانڌُ پَلئُو پَرڏيهنِ سَان
مَتيُون مُنجھيِ سَسُئِي ڪَيُءِ ڪوهيَارو ڪانڌُ
رُلي ٻهَانئِي رَانڌِ عِشقُ آرِيچَنِ جو ٭

٩

مُنهن جو پَاڙِيچِنِ ڪُجھُ ڪو نَ ڏهَڪِئو
پَاسِي وِيهِي پُنهُوَ جِي ذَاتِ سَلِٽِي جَنِ
تِيلَان ٻَارُوچَنِ نِدهَرَ ڇهَڏِي نِنڊَرَ مين ٭

١٠

حُسينِيَ جي هَاڪَ مَادَرِ مَارِي آهِيَان
ڏِينهَان ڏورِنُ ڏُکهَ سِين رَاتِيَان چِکَنِ چَاڪَ
ڏِرجَان ٻهَرِ فِرَاقَ مَتَان پَوِيمِ پِرِنئَ سِين ٭

١١

جيڪي فِرَاقَان سو وِصَالَان نَ تهِئِي
اَچِي اوطَاقَان مُون کهي پِرِيَنِ پَرِي ڪِئو ٭

١٢

ڦيرِي آنئُون فِرَاقَ مُون کهي وِصَالَان وِچِ پِئو
جي تهي چِڪِيَا چَاڪَ سي پِرِنئَ ڪَڏِجي پُورِيَا ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وائِي

پَاڙيچُون کَا پچَارَ مُنْهِن جَا ڏيرَ ڏَمَرِ کَنْهِن ڏيهِه وِيَا
ويٺِي ڳُوڙها ڳَاڙِيان تَنِ جَامَنِ لَاءِ ڄمَارَ
مُنْهِن جَا ڏيرَ ڏَمَرِ کَنْهِن ڏيهِه وِيَا
کَرِ کَا کَانْگَ اَچَنَ جِي تَنِ جِي کَا تَنْوَارَ
مُنْهِن جَا ڏيرَ ڏَمَرِ کَنْهِن ڏيهِه وِيَا
مُٺِي مَارِي هَلِيَا کِيچِي کَاهِي قَطَارَ
مُنْهِن جَا ڏيرَ ڏَمَرِ کَنْهِن ڏيهِه وِيَا
سِيئَنِ لَاءِ سَيِّدُ چَوِي جهجَسِ سَبهَ ڄمَارَ
مُنْهِن جَا ڏيرَ ڏَمَرِ کَنْهِن ڏيهِه وِيَا ⁘

---

## فَصُلُ چوٿون

### ١

آيَا آسَ ٿِيَامِ بَارُوچَا ڀَنْڀوُرَ مِين
پَسِي پهَرَ پُنهُوَّ جِي نَهَ سِين نِينَ ٿَهَرِيَامِ
کُونْدَرَ سَبهِ وِسِرِيَامِ سُکهَنِ شَاخُون مُکِيُون ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۲

ڏيکارِيس ڏکَنِ ڪُونڌَرَ ڪَسُ پريَنِ جو
سُونهارِي سُورَنِ کِي هيڪانڊهِي هوتَ سان ⁕

۳

ڪَنهِين ڪَنهِين ماڙهُئِين ڪُونڌَرُ وَڍِي وَتِهُ
بَنڌِهِي ڪوڙِ ڪَرِتهُ سَاتهو ڳَجِي سُورَ جو ⁕

۴

سُورَ مَ ڏِي ڏهُونَ آنئُون اکِهِين ڪَهَرِي
جَا پَرِ پَانِيَ لُونَ سَا پَرِ مُنهن جِي جِنڊڙِي ⁕

۵

سُورَ مَ وَنڃِجاءِ سَڄَنَ جِينئَ سَانڪِ وِيا
پِرِنءَ پُنڃَانَاءِ آنئُون اَوانْ سِين اوڙيان ⁕

۶

سُورَنِ سَانڪَارو ڪَڏهِن تَان ڪو نَه ڪِئو
آيَلِ اوبهارو بَاڻِڙ بَڌهو بوڙَ وَهِي ⁕

۷

سَانڪَارو سُورَنِ ڪَڏهِن تَان ڪو نَه ڏِنو
بَاڻِڙَ بوڙَ وَهَنِ ڪَالهُونَانْ اَڄُ ڪهَنَا ⁕



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٨

سُورَ نَہ سَانگَاھِينِ ڏِٺَن اُدھَمَا اوچِتَا
مُون کھي مُون پِرِيَنِ جَا اَمِيَا آھِينِ
لَڄُون جي لَاھِينِ سِيئِي تھِنِمِ سَامُھَان ٭

٩

سُورَنِ لَدھو سَنْجھُ پَانَھين پِيھي آئِيَا
کَنْھِن کھي ڏِيَان مَنْجھُ مَرُ تھَا چِکَنِ چِتَ مين ٭

١٠

سُورَ نَہ مَتِجِ سَاء آئُون نَہ وِکَنِي آھِيَان
وَنجو نَہ وِيلھَ کَنْھِين وِرِھَ مُون وَتَاء
تُون پُنُ تَڏِھِن جَاء جَڏِھِن ھيکَانْدِھِي تھِيَان ھوَت سَان ٭

١١

سُورَ بھِ بھَتونْبھَتِ ھِئَ چِنِکِٹو کِي پِٹو
پِرِيَتَنِي پِرِيَنِ جي مَاء مُنْجھَايَمِ مَتِ
بھِينَرُ بھَلِيَ بھَتِ لَکُمِ بَانُ بَروَچَ جو ٭

١٢

لَکُمِ بَانُ بَروَچَ جو کَرَھَا تھِيَا قَضَاکَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اوکهي جَا اُتهَنِ کهي سا مَينِ ٻوي مَ مَاکَ
اَکهَڙيَنِ خُوراکَ پَسَنْ پَرَڏيهِنِ جو ✧

١٣

لَڱَمِ ٻَانُ ٻَروچَ جو اَمَڙِ پَلِ مَ مُون
روڙيي رَنگِينْديَسِ رَتَ سين ڪيچَان اوڙي ٻهُون
مَادَرِ مَنهَان مُون لَکَنِ لوڏُون لَائِيُون ✧

١٤

ڏُکهُ لَڱو ڏُونگَرُ ٻَرِٺو ٻهينَرُ کهَانِيي ٻهُون
مَنَان لَاتهو مُون سَنْڌو جِتَنَ آسِرو ✧

١٥

ڏُکهوڙيُون ڏِيهَان جِيکُسِ لَڌِي وِيڙيُون
هَانِيِ کَنْهِين کهَان پُڇهَان پرِيَنِ خَبَرُون ✧

١٦

ڏُکهِيُون جَان نَ مِڙَنِ تَانِ تَان ٻهُنَنُ نَ تهِڙي
ٻِيُون هُوهِين هَتهَ هَنَنِ رُونْدِيُون رُونوَارِيُون ✧

١٧

سُورَ وِرَاهِيَا سَرْتِيُنِ جي وِراهِيَا وَنجَنِ
ٻِيُون کوڙهُ ٻُجهَنِ جَنِ سَنْدَا تن سَامُهَان ✧



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بِهيڙي بِهيڙي بَنْدُ سُورَائِتِي سَنْدِرُ
ڪِجُ اَڪَانُهون پَنْدُ مَتَان لَکَنِ سَان لَڳِي مَرين ۞

١٩

بِهيڙي بَنْدُ بِهَارَ سُورَائِتِي سَنْدِرُ
ڏُونْگَرُ توهَان ڏهَارَ ڪا نَ ڏورِينْدِي ڏُکهَ سِين ۞

## وائِي

مُنهن جي حُجَت نَاهِ حَمَات ڪَانْهِي وَاتَ جِيجَا تَنِ جَتَنِ سَان
کهَاتِيَ کهِي کهَانئِي تهِي جِيري جِي جَرَاتَ
ڪَانْهِي وَاتَ جِيجَا تَنِ جَتَنِ سَان
تَارُو پِيرُ پُنْهُوَ جو لُڙِئُو مَنْجهِ لُڙَاتَ
ڪَانْهِي وَاتَ جِيجَا تَنِ جَتَنِ سَان
آهِيمِ آرِيَ جَامَ جِي اَنْدَرَ مَنْجهِ اُسَاتَ
ڪَانْهِي وَاتَ جِيجَا تَنِ جَتَنِ سَان
کهَنِئُو نِينَ نِهَارِيَان ڳوڙهَنِ بهَرِيَا ڳَاتَرَ
ڪَانْهِي وَاتَ جِيجَا تَنِ جَتَنِ سَان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## حُسينِي ٧

٣٢٨ آئُون سَتِي هوءِ هَلِيَا كاهِيائُون كَنْوَاتَ
كَانْهي وَاتَ جِيجَا تَنِ جَتَنِ سَان
سَبَبِ تَنْهِن سُنْي وِيَا جُوتهي ڏِنِيَمِ جَاتَرَ
كَانْهي وَاتَ جِيجَا تَنِ جَتَن سَان
اَدِيُون عَبْدُ اللَّطِيفُ چَوي لَالَ ڏِتهَاڻِينَ لَاتَ
كَانْهي وَاتَ جِيجَا تَنِ جَتَنِ سَان ؞

---

## فَصْلُ سَتُون

١

پُڇَهن سي پَسَنِ جَڏِهن تَڏِهن پِرِنِءَ كهي
ڏورِينْدِيُون ڏِسَنِ اَنْگَنَ مُجِيبَنِ جَا ؞

٢

پُڇهيِ تَان پُورِ نَا تَ پُڇهِنِو هوءِ مَ پِرِنِءَ كهي
ڏورِنَوارِيُون ڏُورِ هَڏِ نَه آهِنِ هوتَ كهي ؞



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٣

ڏورِيان ڏورِيان مَ لَهان شالَ مَ مِلان هوت
مَنَ انڊرِ جا لوت مُحِهَنُ سا ماتِهي تِهِئِي ٭

٤

ڏورِيان ڏورِيان مَ لَهان سَاتِهي ڪالهوتا
لاهي لاڏُونا سفرِ ڪنهن سانگِ وِيا ٭

٥

آئُون ڏورِياڻِي شالَ مَ لَبهين پِرين هُئين پَري
هَڏِ نَ ساهَ سَري تَنَ تَسَلِّي نَ تِهِئِي ٭

٦

آئُون ڏورِياڻِي شالَ نَ لَبهين تَنَ مَ مِلين تُون
لُنُوَّن لُنُوَّن مَنجهان مُون لوچَ تُنهِن جي نَ لَهِي ٭

٧

آئُون ڏورِياڻِي شالَ نَ لَبهين سَاجَنَ مَنجِ سُوالُ
سُکھُ نَ اَچِي ساهَ کهي تِهِئِي جانِ زَوالُ
وِهَانِيَ وِصالُ شَلَ اُتهان آرامِي ڪَرِي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۸

چھڏيمِ ھُجَ ھَلَنَ جي چُڪَمِ چاڙھيڪا
اَڏيُون آڙيڪا ھِنڙي پِيَمِ ھوتَ سين ⁘

۹

چھڏيمِ ھُجَ ھَلَنَ جي چاڙھيڪَنِ چڙھي
آڙيڪَنِ اَڙي پِيَمِ ھوتَ پُنھُوَ سين ⁘

۱۰

چھڏيمِ ھُجَ ھَلَنَ جي چاڙھيڪا چکيامِ
آريانِيَ جي ڏُونگَرَ مين کھَنا ڏِينھَ لڳامِ
پُڇھجِ پرين سَنڌامِ وِيتھِيَسِ وِکھَ نہ اُپِڙي ⁘

۱۱

وِيتھِيَسِ وِکھَ نہ اُپِڙي اَڄُ آريانِي تُون آءُ
چُڪِيَ تو سين چاھُ پاسي ٻھَرَ پيٺي رِڙھي ⁘

۱۲

جي ڪا ڪَنڌِي نِينھُن مُون جان ٻارُوچَنِ سين
سِڪَنُ سارُو ڏِينھُن چڙھَنُ چاڙھيڪَنِ تي ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٣

جي ڳا ڪَنڌِي سَنڱُ مُون کهَا ٻَارُوچَنِ سِپين
اَنکهُنِ چَاڙهِي اَنڱُ رُوَنڌِي سَا رَت پھُڙَا ٭

١٤

جي ڳا ڏِينڌِي مَنجھُ مُون جَان ٻَارُوچَنِ کهي
مَتهَان ڳَلَنِ هَنجھُ ڪِي نہ لاهِينڌِي ڪَڍِهِين ٭

## وَائِي

مُون کهي ڇهپَرِ مَہ ڇهَڏِيَا ٻَارُوچا پَلَءِ لَڳِي آهِيَان
ڇهوَرِي ڇهِنِي آهِيَان لَنگهَنَ ڇهوڙَائِيَا
ٻَارُوچَا پَلَءِ لَڳِي آهِيَان
پُنهُون مُنهِن جو آن سِين سَاتهَ سَلاَمَت نِيَا
ٻَارُوچَا پَلَءِ لَڳِي آهِيَان
مُون تَان وَڙُ وِڃَائِيو اَئِين پَنهِن جو وَڙُ ڪَرِيَا
ٻَارُوچَا پَلَءِ لَڳِي آهِيَان
جهُڙِي ڪو وِيسُ ڪَرِي سِکهِڙِي سَارَ لَهِيَا
ٻَارُوچَا پَلَءِ لَڳِي آهِيَان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

خسيني ۸ ۴۳۲

آرِيَانِي عَبْدُ اَللطِيف چَرِي مُون تي وَهَلوُ وَرِ ڪِجَا
ٻَاروچا ٻَلِي لَڳِي آهِيَان ٭

---

## فَصُلُ اَٺـھـوُن

آتَنُ اوُرَانگھِي وِيَا آنئُون تهِي مَرَان مَاء
پِنھُون تهِينْدِيَسِ پير تَان هَيُ هَيُ ڪَري هَاء
جِنْنُ مُون نَہ جُڳَاء پرِيَنِ تَان پَاسوُ ڪِئو ٭

۲

آتَنُ اوُرَانگھِي وِيَا اَنْگَنِ مُون اَفسوُسُ
ڏِيوَانِيَ سِين ڏوُسُ سَاتهِي آهِي سُنجَ مِين ٭

۳

آتَنُ اوُرَانگھِي وِيَا پُٺهِيَ توُڏَنِ تَانِ
وِهُ مَ مُنْدهَ ڀَنْڀوُرَ مِين هُنِ پُڇَنْدِئَنْ هَانِ
رَاتِي مَنجھِ رِهَانِ هَلُ تَہ تهِپنِئي هوُتَ سِين ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٤

آتَڻُ اوڙانگهي وِيا ڪَري ڪَمِينِي ڪِينءَ
هاڻي ڪُهُڙجي هِينءَ جو ڏِجي ٻاهِه ڀَنڀوڙَ کي ⁘

٥

آتَڻُ اوڙانگهي وِيا ڀَارِي ڇِهَڏِي پوءِ
آرِيچا اُتهَنِ تي هِيَ تان جَڏِي جوءِ
ڪِي هَلِي ڪِي هَتهَ کهَٽِي ڪِي رِڙهي ڪِي روءِ
ڪو وَڃِي پُنهُوَ کهي چوءِ تَہ مُتهِيَ ماتَمُ آئِيو ⁘

٦

ڄَاڻِي سُڄَاڻِي مُون کهي ڇهَڏِي هَلِيَا
اَڏِيُون آرِيچَنِ لَئِ آنئُون کهوري جِينءَ کهَاڻِي
ڀَانئِهَنَ مِين ڀَاڻِي هَارِيُون هَارِنُ آئِيو ⁘

٧

ڄَاڻِي سُڄَاڻِي مُون کهي ڇهَڏِي هَلِيَا
آنئُون ڪِينءَ ڇهَڏِيان ڀَانئِهن جو اَڏِيُون آرِيَاڻِي
ٻهَرْيُمِ جو ڀَاڻِي سو ڪِيچِنِ ڪَمِ نَہ آئِيو ⁘

٨

ڄَاڻِي جي ڄَاڻومِ تَہ ڪو ڀَوَنْدو فَلَڪُ فِرَاقَ جو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نَہ اَکھرُ اِرادي جڙ ھُونَدَ ڏھُرانڻي ڏھوڙتوءِ
پوءِ تان ڪو نَہ پُٺوءِ ھَڏِ ڪشالو ڪيمَ ڏي ✧

۹

وَارُو وَڃَنِ تَھَا سيڻَ تُنھِن جَا سَسُڻِي
اِھَڙَا بَاروچَا ڪي نَہ لَھَنڌِڳَنْ ڪي ٻِئا ✧

۱۰

وَارُو وَرَائي تو پَانھِن جَا نَہ ڪِيَا
ٻھوڙِي رَنجائي ھُونَدَ نَہ پيڙي ھيترِي ✧

۱۱

جِنَّان وَارِي وَڳَ اوٺھِي تھِيَا ڇھُلڪِيُون
مَتھي تَنھِن مَارَڳَ پَٽِي پُرْزَا نَہ ٿھِئين ✧

۱۲

ڏُکھَائِينْدِي ڏُونھَڙَا مُنْدھَہ سيڻَانِي وَڃُ
اِيئُ پَرِيَانُو مَہ ٻھَنجُ سَاٿھُ چَڙھَنْدُو لَڪِئيس ✧

۱۳

ڇھِنجُ مَہ قطَارَان سَاٿھُ چَڙھَنْدُو لَڪِئين
ڪَڇھُنْ تھِڻِنِ ٻِئا وَڳَ وَاھِٽِرِي نَہ لَھِين ✧



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۴

ڪَا جَا ڪِيَائُون وَاٽِي وَاڙِي وِڱُنِي
آيَلِ تَنْهِن آنٽُون ٻِڙلِيَ ٻَاتَاڙِي ڪَٽِي ∘

۱۵

وَاٽِي وَاڙِي وِڱُنِي ٻِڙلِي ٻِي نَہ ڪَنِ
اَلّا ڪِيجَ دهَنِيَنِ مُون سِينِ ٻِري نَہ مَامِرو ∘

۱۶

ڪَا جَا آئڏِي ڪيچِيٽين وَنِگَارَان وَاٽِي
سُٺِي مُون سَاٽِي نيٻين نِنْڊَرَ وِهُہ تِهِي ∘

۱۷

پُڇهين جِي دوسْتُ تَہ پَاسِي ڪَرِ پَرْهيزَ کهِي
ڪَڏِيُئِي جِي هوُتُ تَہ ڏِينَ سَبهِيٽِي ڏُورِ تِهِي ∘

۱۸

هَلوُ ! مَلهوُ ڏُکهُہ مَہ پَسوُ ڏوُتِهِيَا
سُونْهوُ جوُ سَاتهَہ جوُ سوُ مُون هوُتُ سَلوُ
آن پُنُ تهِٽِي ٻهَلوُ آن ٻهِي ڳَڏِجَانْ ٻِرَ کهِي ∘



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

## وَائِي

هِتان تهي هَلَنْدِيَسِ مِيَان سَامُهِين سَاڙِيهَ ڏِي
وَڏا پينڌا پَنْدهَ جا مَنْزَلَ مَانِينْدِيَسِ مِيَان
سَامُهِين سَاڙِيهَ ڏِي
اَلا هَرَ عَجِيبَ کهي وَنجِي لَکَنِ مَان لَهَنْدِيَسِ مِيَان
سَامُهِين سَاڙِيهَ ڏِي
جِيڏِيُون جوڙُ جَتَنِ جو جَڏِهِن آتُون تهينْدِيَسِ مِيَان
سَامُهِين سَاڙِيهَ ڏِي
حَجَائِتَا هوتَ کهي ڏورَاپَا ڏِينْدِيَسِ مِيَان
سَامُهِين سَاڙِيهَ ڏِي
فَرْيَادِيُون فِرَاقَ جون پُنْهَلَ کهي چَوَنْدِيَسِ مِيَان
سَامُهِين سَاڙِيهَ ڏِي
اَڍِيُون عَبْدُ ٱللَّطِيفُ چَوِي مَنهِ آتُون مِلَنْدِيَسِ مِيَان
سَامُهِين سَاڙِيهَ ڏِي ○



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## فَصُلُ نَائون

۱

ڪَاتِي تَا نَہ ڪَنْهِين مَنُ وِجهُلِنَ وَڍِهِئو
مَارِيَسِ سُورَ تَنْهِين جو نَہ جِيَارِي جِيڏِيُون ⁘

۲

ڪَاتِيَ تَا نَہ ڪُٺهو مَاءُ مُنْهِن جو جِنْدُڙو
جَنْهِين مَاءُ مُٺهو سِي جَتَ نَہ پَسَان جُوءِ مِين ⁘

۳

جِيئُ مُنْهِن جو جَنِ اَڪَڙِيَارو وَڍِهِئو
پُنجَانَان پِرِيَنِ سِبَان تَان سَجو نَہ تهِئِي ⁘

۴

اَچِئو مَرُ اَچَنِ ٻَارُوچَا ڀَهَنْڀهورَ مِين
پُٺهِيَ لَڳِي جَنِ ڪَمِينِي مَاڙهُون تهِي ⁘

۵

رو وِسَارِي رَانْدِ پَهَ پَرُوڙِج سَاتهَ جَا
هوتَنِ سَان هيڪَانْدِهِ هُئِيَنْ ٻَہ ٽِري ڏِينْهَڙَا ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۶

رُوُنءُ رَاڙُو مُون نِمَاڻِيَ جِي نِجهِرِي
کُتهَلِ کهِي قَلْبَ ۾ِين قَرِيبَ جُو ڪَاڙهو
هُوتَنِ لِئِ هَاڙهو رِجَائِيندِيَسِ رَتَ سَان ⁘

۷

رُوئِي ڪَنْدِنّ ڪوڙهُ هَانِي ڪو هُوتُ وَرِي
جِيڏِيُون جِيڏوئِي ڪِٿِئو سَائِسِ سِين سِتوهُ
ڏُرِهِي اَتهَوَ ڏروهُ مَتَان ڪَا مُون سِين ڪَرِي ⁘

۸

رُنَّان رَانْدِ کهِلَان تَان کهَامِي هِنِئو
اَکهَڙِيُون وِيسَانْدِ پِرِنءَ ڳَڏِجِي ڪَنْدِيُون ⁘

۹

اَکهِنِ ٻِي نَہ کِٿو جو رَتُ نَہ رُنَئُون
اُبهِي ڏِٺهَائُون پهوڙَايَا سُپِرِين ⁘

۱۰

کهَانِيُون لُوتهِيُون اَکهِيُون ڪُچهِٿو کِي نَہ ڪُڇهَنِ
مُتهِيُون مَاٿهِ نَہ ڪَنِ هَنّيُون رَهَنِ نَہ هوتَ رِي ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۱

وَسِي وِسَائِيُون رَتُو رُوئِي پِرِنءَ کَهِي
پِيئُون کهَنَنِ پَبَ ڏِي نَظُرُ نِمَائِيُون
سِي کِينءَ پِيلِيَائِيُون جَنِ وِينْدو هوت نَہ وَارِئو ٭

۱۲

کهَانِئِي مَ کهَانِئو مُتهِيَ مَنکَرُ مَ ڏِئو
هيکَرَ اُجهَانِئو ڏِيئِي ٻَرَ لُهَارَ جَان ٭

۱۳

کهَانِئِي کهُورِي هِيتهِ وِيتهِي رُئِي رَتَ پهُڙَا
کَا مُون تهِئِي ڏِيتهِ ٻِيهَرَ ٻَارُوچَنِ سِين ٭

۱۴

پُنْهُوَ پِيرَڙِيُون کهَرِ کهُمَنْدَڙِيُون ڏِٺهِيُون
سِي مُون سِيرَڙِيُونِ نِتُ نِهَارِنُ پِيئِيُون ٭

۱۵

مَارِئو جي مَعْذُورِ تَہ هيکَارِي هوُرُ لَهِي
سَاجَنَ اَوَانْهِن جي سُورِ کِي نَہ جِنَّان تهِي کِيچِئَا ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٦

ڏ ڪِي تهِي جِنان نَہ ڪِي مُٺِي آهِيَان
سَاجَنَ سَاهُ ڏِيَان، توکھي سَارِٺو سُپِرِين ٭

١٧

تُون جي ڪَالهَہ مُٺِي تَہ ڪَالهَٺِي ڪَڏِئَن پِرَ ڪهي
ڪَڏِهِن ڪَا نَہ سُٺِي تَہ ڪَا سَڪهِي ڪَڏِي، سَجَنِين ٭

١٨

اَڳِي پِڙ مَران مَرُ مَران مَارِڊ مِين
مَتهي پَوِي پريان خُونُ مُنهِن جو جِيڏِيُون ٭

١٩

مَرُ مَتهَا ڏِيئِي پُنهُوَ ڪَارَنِ پَبَ مِين
سَرْتِيُون سَبهِيئِي وَاڪهَانِي وِيٺهِيُون ٭

٢٠

تَنْهِين تُون نَہ سِيَاهِ جي ڪوهِيَارا ڪِيچَ جَا
اَنڪهُنِ چَڙهِي آءُ جي نَالو ڪِنهِين نِينْهَ جو ٭

٢١

مَنهَان ٻِيئُ جَتَنِ ڪهوڙِٺو ڪهوڙِي سَسُئِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۴۴۱

پَاڙيچَنِ پَنْھُوَر جي تِھي ڳَارُون ڪَري تَنِ
مَنَان ڳَا ڪَنِ ٻي شُڪِري ڀَنڀُورَ جي ✧

## وَائِي

سَل ھَاڙھي ٻَوي ٻَچَارَ پيئِي تَنْوَارَ ڪَمِينِيَ جي ڪَڇَ مين
اُتھَ چَارِينْدِيَس اُنِ جَا مَيَان جهَلِي مَھَارَ
پيئِي تَنْوَارَ ڪَمِينِيَ جي ڪَڇَ مين
اَڙِيَا آھِنِ اَنْڪَ مين ھِنَ وِچَارِيَ جَا وَارَ
پيئِي تَنْوَارَ ڪَمِينِيَ جي ڪَڇَ مين
سَسُئِي ميڙِين سَاتھَ کِهي شَرَمَ سَانُ سَتَارَ
پيئِي تَنْوَارَ ڪَمِينِيَ جي ڪَڇَ مين
ڪَمِينِيَ جو ڪَڇَ مين ڪُونْھِي ڌَھَنِڻَان ڌَھَارَ
پيئِي تَنْوَارَ ڪَمِينِيَ جي ڪَڇَ مين
مِيَنِ جي شَاھُ عَبْدُ اللَّطِيفُ چَئِي ڪَاڍِي وِيئِي قَطَارَ
پيئِي تَنْوَارَ ڪَمِينِيَ جي ڪَڇَ مين ✧

---



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## فَصُلُ ڏهون

١

وَاڪِڻو وَاڪِڻو وِڪهَ پَابُوهِڻو پير ڪهَڻي
سي نَہ چَڙهَنْدِيُون ڏِڪهَ مُوڙهِيُون پيرِ مَرَنِ جي ٭

٢

وِجهُ وَدهَنْدِي وِڪهَ مُچهُنْ لِڪهَ لڪهَائِيِين
ڏُکهُ تَنْهِين کهي ڏِکهَ حُبَّ جَنْهِين کهي هوَتَ جِي ٭

٣

وَاکو هَڏِ مَہ لَاهِ سَڌَنِ مَتهي سَڌَڙَا
مَانَ تَنْهِن جِي ڪَاهِ سَگَرَ مين سَارَ تهِڻي ٭

٤

سَڌَنِ پُتهي سَڌَڙَا وَاکو مَنْجهِ وَنِين
سَجَنُ پَنْدهِ ڪهَڻي مَانَ ڪوهِيَارو ڪُوڪَ سُڻي ٭

٥

ڪوهِيَارو تهِي ڪَاتُ مُيُون مَارِنَ آئِيِو
هُڻِي مَرُ هوَتُ حَيَاتُ آنُون مُيَائِي ڪهوِرِي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٦

وِهين ! وِيلا ڪَرِين اِيئَ نـَ اُڪَنْڌَ آهِ
سِي لاڳاپا تُون لاهِ اوري اُبهارِينِ ڄي ❊

٧

وِهين ! وِيلا ڪَرِين سَڏِين سانگاتُو
هارِي آپاتُو تو سِين سُونهَنِ نـَ سَسُئِي ❊

٨

ٻاڙِي ناهِ ٻرُوڙَ تـَ ڪا راتِ رَنْجائِي ڪُڌِرِي
ٻانبهَنِ ٻَروچَ جِي ڪَهائِي وِدهِي ڪُهورَ
هِڪَ سَسُئِي ٻِيا سُورَ وِيا پِٽِينْدا ٻانَ ۾ين ❊

٩

ٻاڙِيچِي رُوئِي چاڪَ مُنْهن جا چوڙِيا
ٻُکهَرُ وِجهَنْدِيَسِ ٻِرَ جو دهَڪَنِ ۾ين دهوئِي
ساجَنَ سَبهوئِي ساهُ آوانْ تان صَدِقو ❊

١٠

اَڄ نـَ مُون قَرارُ ڏِٺُهمِ سَونْچو ساتهَ ۾ين
ٻَنْدهَنِ وِيٺها ٻارُ مَتهي سازِهَ سُپِرين ❊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١١

ڪَيَا وِچَارِيَ وَسَ ڪَارَڻِ ڪوهِيَارِي ڪهَنَا
ڪهَنو پُڇهي پَانڌهِئين سَنْڌَا ڏيرَنِ ڏَسَ
لَمِبُو ڏورِي لَسَ سَتِي سَڱرَ پَٽِئين ⁘

١٢

تُوِي ڪَا ڪِجَاهُ وَرِ ڪَمِينِيَ تِي ڪِيچِئا
آنئُون اَوَانهِن جِي آهِيَان ٻَنْدِي ٻِي سَمَرَا
اَچِي ڪوهِيَارَا ڏي دِلاسو دِلگيرِ ڪهِي ⁘

١٣

تُون ڪَا وَرِ ڪِجَاهُ ڪَمِينِيَ تِي ڪِيچِئا
آنئُون اَوَانهِن جِي آهِيَان ٻَانهِي ٻَاروچَا
دِلاسِي دوسَا مَنَان مُون ڪهِي ڇهَڏِئو ⁘

١٤

هوءِ جِي سُورَ سُخَنِ سِي مُون پِينگهي مِين پِرَائِيَا
سَانْڌهِينَاسِ سُکهَنِ سُورَنِ ڪَارَنِ سَرْتِيُون ⁘

١٥

سِرْجِي تَان سُورَ سَامَانِي تَان سُکهَ وِيَا
اِهِي ٻَئِي ٻورَ نِمَانِيَ نَصِيبُ تهِئَا ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٦

مُونْهَان مَنْهَنْدِ تهيَا سُورَنِ ٻَڌهَا سَنْڌِرَا
هَلڻ تَان ڏورِيون اُنِ کهي وِنْڌُرِ جي وِيَا
ڪَنْڌِيَسِ ڪِي نَہ ٻِنّا هوتَ مَتَّائِي اَکِيَان ❊

١٧

نَہ ڪَا تَاتِ نَہ توتِ ڪَا نَہ ڪَا تَاتِ تَنْوَارَ
ڪَانْهي ٻِڙْتِ ٻِجَارَ لَنُّون وِجَارِيَ لَڏِڻو ❊

١٨

نَہ ڪِي طَالِبَ تَاتِ جَا نَہ تَہ آهِي ٻَاتِ تَيَارُ
ڏورِيَانِ ٻوي ڏُکَارُ کهيڙَائُو کهَنِي وِيَا ❊

١٩

جي ڪِي طَالِبَ تَاتِ جَا تَاتِ بِهِہ تَنْهِين وَتِ
هَڏِهِن ڪَانْهي هَتِ کهوڙِ تَہ کهَرَانِڻِي لَهِين ❊

٢٠

ڪَنْهِن جَنْهِن نِينْهَہ لَڌهَا. جِنءَ مُون وَاجهَائِينْدِي نَہ وَرِڻو
جِيڪِي مُون ڪَنْڌَا سو جَانِبَ ڪَرِڻو جِنْرِي ❊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢١

مَتَان تهِڻِين مَلُولِ کِي نَہ آگَاڻهُون آهِيَان
ڏِسَنَ مِين کَرَ ڏُورِ حَڏَّ ڀِنهِين جِي هيکَڙِي ❖

٢٢

آن جِي ڏِٺهَا هُونِ تَہ اَلَهَہ کَارَڻِ ڳالهِہ کَرِڻُو
ٻِينَ مُنْهِن جَا رُونِ رَاتوڏِينْهَان اُنِ کهِي ❖

٢٣

اَڄَان رَاتِ رَتوءِ کوڙِ کوهِيَارِي کَنْجِرُو
روڙِي پُسَايوءِ صُبَاحِڻِي سُورَنِ سِين ❖

٢٤

سَرْتِنِ سِهِجَ مَنْجهَاءِ کوڙِ ڏهَکَايَمِ کَپِڙَا
تَڏِهِن مُنْهِن جِيَ مَاءِ تهِي پَنْهَنَ آڇهَا پَٻَ جَا ❖

٢٥

کَڏِهِن کَڏِهِن جِيڏِيُون کو پَهُ اَچِڻُو پوءِ
سو پُنُ سَاڙو هوءِ هِيئُ جو سَاهُ سَرِيرَ مِين ❖

٢٦

کِيَمَ جِي کِيچِنِ لَئِ تو تَان کِي نَہ کِٿوءِ
وِچَاڻِي وَڏهِڻوءِ وِکهَ نَہ کهَيَيْ هيکَڙِي ❖



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وائي

هو اَرمانُ اُتهن مِيان سَسُئيَ جي سُورَنِ لَئِ
ڳاوا ڪرهن تي جوڙيا جال جتن مِيان
سَسُئيَ جي سُورَنِ لَئِ
پيرُ نہ ڇڪن پوءِ تي تهَا ڳامن سَان ڪُٺجن مِيَان
سَسُئيَ جي سُورَنِ لَئِ
مَهارُون مَيَنِ جُون آهِنِ وَاڳُون وَسِ دهَنيَن مِيان
سَسُئيَ جي سُورَنِ لَئِ
تَڪَرَ مين ٽونڪار تهي صُبُحِ ساتهڙن مِيان
سَسُئيَ جي سُورَنِ لَئِ
سَانگُ تہ تُنهن جو سَسُئي هَاڻي هوت نہ ڪن مِيَان
سَسُئيَ جي سُورَنِ لَئِ
اَڊيون عَبدُ الطِيف چوي سِي مَرُ محبُ ملن مِيَان
سَسُئيَ جي سُورَنِ لَئِ ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## فَصُلُ يَارَهُون

۱

سُپيرِيَان جي گَالهَڙِي رُڳو رَنجَائو
ڏُونگَرِ ڏولاَئو ڏِينْدَا مُون ڏيرَ وِيَا ◆

۲

آرِيَ اُتَنَ جِينئَ اُونئَ تَان اوُتهِنِ نَ ڪِئو
ڪِڇِ پَهُچِنو ڪِينئَ اِهَڙَنِ اَبَاجهَنِ سَان ◆

۳

جِينئَ اُتَنَ آرِيَ جَامَ اُونئَ تَان اوُتهِنِ نَ ڪِئو
بَڙهِڪِي بَاهِرِ نِڪتِي گَاڏِرِ مَنْجهَان گَامَ
سِسِي ڏِنَائِين سَامَ سُتِي سَگَرَ پَتِئِين ◆

۴

لَڪِيُون آن بهرِ لِکهَ ڪِي نَ ڪوهِيَارَا وِرْمِيَا
جَنْهِين سَنْڌِيَ سِڪَ رُنمِ رَاتِ رَتَ پهُڙَا ◆

۵

لَڪِيُون آن لَڳا پَلَوَ ڪِي پَانْدِهِنِ جَا
مُونْهَان ڪهَنيرو مَاهُ رُوَنْدَا سِي رَتُ وِيَا ◆



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٦

ڪِوَ جوَ لَڪَسِ ڪَانُ ڪيچِنِ جي قُرْبَ جوَ
تهي نِمَاڻي نِيشَانُ، ڇَهڊي سَاڻڪوَ سَاهَ جوَ ❊

٧

ڏوٽهِنِ ڇَپُسِ ڏُورِ ڪِجِ آڳَانُهون پَنْڌُ تهڻوَ
پَانَان ڇَڙهِي پُورِ وِڪَهَ وِڌَهَائِين وِتِري ❊

٨

ڏوٽهيا ڪوَ اوٽهِنِ جوَ مُون ڪهي اُهُنجُ ڏِٺوَ
سَجُ ڪِي سَاتهَ نِٿوَ پُنْهُون مُنْهِن جوَ پَانَ سَان ❊

٩

سَسُئِيَ جي سِرِيَ سَان ڪِجِ دَهَنِي ڪَانْدهِي
پَسَنَ ڪَارَنِ پرنِئَ جي مُنْدهَ هُئِي مَانْدِي
لَڪِنِ تَان لَطِيفُ چَئِي اِيرَادِي آنْدِي
پُنْهُوَّ پيرَانْدِي نِمَانِيَ نَصِيبُ تهِئِي ❊

١٠

ڪهوَڙَنِ هَئِين سَبهَڪَا اُتهَنِ هَئِين آنُئون
جَا نِينْهَ ڪِنْهَنْدِي نَانوُن سَا مُون ڪهَا پَوَنْدِي مَامِرِي ❊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١١

لُڪڙيارِيُون آنگرِيُون ٻاروچاڻو ٻهيرُ
اَچي پَسو جيڏِيُون تَاڙو پُنهُوءَ پيرُ
وِيچارِيَ سَان وِيرُ جَتَنِ جيڏوڙيي ڪِئو ⁘

١٢

لُڇهَنُ نَہ لاهِينِ ڪُونڌَرَ هِنَ غَرِيبِ تَان
پَرِ مِين پَچائِينِ جِيجَان جوشَ جَتَنِ جا ⁘

١٣

هو تهو وَنجِي هوتُ آنئُون ڪِي اَکبهَرِي تهِيَان
مَتَان چَوِي بَلوچُ ڪَمِيڻِيَ مَان ڪِي نَہ تهِئو ⁘

١٤

ڪَمِيڻِيَ هَتهَان تهِئَنِ مُورَانئِي مَنڊِيُون
تُون ڪَرِ پَانَ وَڙَان موٽُ سَٻَاجها سُپِرين ⁘

١٥

نَہ ڪِي تهِيَان سَنڪَ مِين نَہ ڪِي سَنگِينِي
آهِيَان ڪَمِيڻِي ذَاتِ ٻَاروچِي نَہ جُڙَان ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٦

ڪِيمِ مَ خَبَرَ هوءِ هِنَ مُنْهِن جِيَ ذَاتِ جِي
مَتان پُنهُوَ پوءِ لَڳَ مُنهِن جِي لوءِ مِين ٭

١٧

لَتهو ڪَمُ ڪيچِنِ جو ڇهڏِي هَلّيا مُون
الا آهِين تُون هوتَنِ تان هيڏِي ڪَئِي ٭

١٨

سَوُ سُکَهَنِ سَاتِي ڏِيَان سِرُ پُنُ ڏِيَان سَتِ
جِي مُون مِلِي مَتُ تَ وِرِهُ وِهَايَان هيڪَڙو ٭

١٩

ڏُکهَ سُکهَنِ جِي سُونْهَ کهورِئو سُکهُ ڏُکهَنِ رِي
جَنْهِين جِيَ وِرُونْهَ سَجَنُ آيو مُون کهَرِين ٭

٢٠

سَوُ سُکهَنِ ڏِيئِي وِرِهُ وِهَايِمِ هيڪَڙو
مُون کهِي تَنْهِن نِيئِي پيرُ ڏيکهَارِيُمِ پِرَ جو ٭

٢١

حُسِينِي حُسِينَ لِئِ بِيبِيَ پَانَ ڇَڏِي
تَنْهَان پوءِ تهِي خَبَرَ سَبهَ خَلْقَ کهِي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وَائِي

مَنْهن جو سَاهُ وِٺو سِينَانَ آيَلِ وِهَان کِينئَ ڀهَنڀهورَ مِين

مُون کهي وِيَا نه وِسِري نِينَهَن ڀهَرِيَا نِينَانَ

آيَلِ وِهَان کِينئَ ڀهَنڀهورَ مِين

سو کِينئَ هِنَرّو جهَلِيَا جهِجهي مَرُ کِينَانَ

آيَلِ وِهَان کِينئَ ڀهَنڀهورَ مِين

مَادَرِ پَايو مُنْڌرِيُون کُوکِيَان مَرُ کِينَانَ

آيَلِ وِهَان کِينئَ ڀهَنڀهورَ مِين

اَدِيُون عَبْدُ اللَّطِيفُ چَئِي وَنجِي مَانَ مِڙَان

آيَلِ وِهَان کِينئَ ڀهَنڀهورَ مِين ٭

---

## فَصُلُ ٻَارَهون

١

ڏِتهُو جي ٻروچ مُون جَان هوتَ اَکهِنِ سِين

تَه مُون کهي چَئِي لوچِ پَانَ پِيتهِيُون ڇهَپَرِين ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢

هوتَ نَہ ڏِٺهَائُون ڏورَ نَہ ڏِيَان جيڏِيُين
مُون جِينئَ رُنَّائُون مَتهِي ڏِيئِي هَتهَڙا ⁂

٣

ٻَارُوچو ٻِيَ بهَتِ جيڪُسِ ڏِٺهو جيڏِيُين
مُون کهَا مُوڙهِيُنَ مَتِ پَسَنڌِيئِي پُنهُوَ کهِي ⁂

٤

ٻَارُوچو ٻِيَ رُوءِ جيڪُسِ ڏِٺهو جيڏِيُين
سَنجهِي ۽ صُبُوحِ هُونَدَ نَہ وِتَّرَنَ وِسِرِي ⁂

٥

آن جِي ڏِٺهِي جيڏِيُون پُنهُوَ جِي پَاٻُوهَ
نَہ سَنجهِي ۽ صُبُوحَ سُورَنِ کِيُون سَکِيُون ⁂

٦

جِي هُنَوَ هوتَ پُنهُوَ سِين مُون کهَا مُلَاقَاتِ
نَہ ٻَانهُنِ وِجهِي وَاتُ رِيهُون کِيُوَ رُنجَ مِين ⁂

٧

جِي تو ڪَالهَائِي مَاءِ ٻَارُوچَا پُڇهِيَا
تَنهِين جِي وَائِي هُونَدَ نَہ وِيَو وِسِرِي ⁂

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٨

اِجِ معذُورِئِي هُوَان اَلا چَنگِي مَ تهِيَان
رِڙهَان ؟ رُوَان پُٽهِيَ سَگَرِ سَاٿهَ جِي ٭

٩

جي ڏُونگَرَ مِين ڏُکهَ سي پَدهَرِ پَوَنِ مَ پِرنَئَ رِي
وِهَنُ مُون وِهُ تهِتُو کِيرِ سَانڍِهِينڍِيُون سُکهَ
هُوَمِ هوتَنِ سين جُکهَ سَچو سَنگُ نَ سَارِيَان ٭

١٠

پِيُون سَبهِ سَنگِينُون سَرتِيُون مُون چُکهَ هِنئِي سين چَاهُه
اَندَرِ آهِيمِ مَکالهِڙِي کوهِيَارِي جي کَا
لَکُمِ ڏَرِو وَاءِ سَچو سَنگُ نَ سَارِيَان ٭

١١

رِوءِ رِوءِ کَندِي وَتُ مَتَان رِوءِ وِسَارِئِين
پَانِي هَارِ مَ پَدهِرو رُوئِي هَنجهَان رَتُ
صَبرُ وَڏو سَتُ سِکهَا مِيڙِي سُپرِين ٭

١٢

رِوءِ رِوءِ وِڏُونَا رِوءِ رِوءِ وَنجَنِ نِنگِيَا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٢

مون سانگيانيءَ جا سپرين ٻَچُ ڪِي سنڀوڙا
لاتهُمِ نَہ توڙا ماهَ اوسيڙو اُنِ جو ⁘

١٣

وڙهه وڙهه پُنُ ويٺي رُنِ ڪارنِ جا هُٿي
پُنهونءَ سين پيٺي روئندي ڪيرَ رَتَ ٻهڙا ⁘

١٤

ڪهوڙا ڪهنيءَ ٻهنيءِ وڙهه وڙهه وڃن ٻنڪيا
ماڌرِ متهان مون ڪانڪ لوندا ڪڍهين ⁘

١٥

سدا وِڌهيم سُورَ جي آکيان ڪوهياري
جو نِجس نِڪالي سو پُنهونءَ وِدهو پانڌ مين ⁘

١٦

ماتهه مارينده پرنئي جي متان رُئين رَتُ
چهوري چهڏ مَہ سَتُ همتهه هوتُ وِنجائيو ⁘

١٧

سرتيون سنهوئي نهئو اندر آريانئي
ويتهي پسان پانَ مين ڏونگر ڏينهانئي
هيس هوتنِ هانئي سي ڪيچي ڪڍيمِ ڪهه مين ⁘

١٨

سسئِي کهي سَڌُ تهنئو اَسان اوڙانئو

پَنّڌھُ پَنّجَانئو اَنـڪـوڙتـهِي کَا مَہ ڪَرِي ⁘

١٩

جِنئَ جِنئَ جهَلِي جَگُ تِنئَ تِنئَ مُون تاڪِيڊ تهڻي

کهَڙِيو تهو ڪالهِيُون ڪَري وِهِسِي پُرِئو وَڳُ

آرِيَانِي اوڙَڳُ ڀهَنّبهوڙان ڀَهَرِ تهِي ⁘

٦٠

اَوَجهَڙِ وَتَان آنئُون ٻِئُون سَبهِ سَگَرِ سَاتهَہ جي

جَا نِينّهَہ کِنّهَنّدِي نَانءُ سا مُون ڪهَا پَوَنّدِي مَامِري ⁘

٢١

مَاڪهين جي مُٿِي نَہ هُونّدَ نَہ پِينِي مَامِري

ڇهَڏِئو جي کُهِي نَہ هيڪَارِي هوُرِ لَهِي ⁘

٢٢

نَہ کِي رُنُوَارِيُون نَہ کِي اوسَارِينِ

مُونّهِين ڪهِي مَارِينِ مُونّهِين سَنّدَا ڏُکهَڙَا ⁘

٢٣

ٻَدهو ڪَنّهِن ٻَانّدهَانِ هِنئڙو هوتَانِنِ سَان

کَا جَا پِينِس کَانِ نِبيرِيَانئِسِ نَہ نِبيرِي ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢٤

ڪوڙهُ ڄَاڻَان ڪوڙهُ ٿِيڻو ڪِيڏَهُن ٿِي وَڃَان
هَٿَ ڪَرَايُون آڱُرِيُون موڙِٽو سَڀِ ڀَڃَان
ٻِنِ کَهَرِ کَهَنجَان مُون هَارِيَ هوتُ وِڃَايو ⁘

٢٥

ڄَان ڪِي آيَسِ اَکَانئِين تَان اُٿِين اُڀِي آهِيَان
پِرّتِ پَرَاهِين هَارِي مَرَان نَہ جِيَان ⁘

٢٦

سَرّتِيُون سُورَ پِرِيَنِ جَا سُنجُنِ ۾ شَامِلَ
ڪوڙهِيَارِي ڪَامِلَ مُون کِي ڏُکُ ڏيکَارِڻو ⁘

٢٧

ڍُونگَرُ ڏَنَا نُونِ مُون پَهَرَ کَهَان پُڇِڻو
هيڪَلِيُون هَلَنِ جي ٻِي تَان تَاڪُنِ سَنڌِي نُونِ
اَوکِي آهِي ٻهُونِ سُونّهَنِ رِي نَہ سُٿِرِي ⁘

٢٨

اَکِين اُوڙَاهُو سَهَسِين آهِنِ سُڃَ ۾
ٻَرَّ ۾ ٻوڙَائُو کَهَنُ پِيَادِي پَانَ سَان ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢٩

ٻَاروچا ٻِنّا ڪَهَنَا مُنْهِن جو پُنْهُون سِرُ سَبهِنِ
ڇَانڪي تي چَڙهِي ڪَرِي ڪَنْدو وَرِ وِلهِنِ
مَنهي مَعْذُورنِ دوسُ دهَرِينْدو هَتهَڙَا ⁘

٣٠

ٻَاروچا ٻِنّا ڪَهَنَا مُنْهِن جو اَجهو آرِيَانِي
ڇُونڊي رَکهِيمِ چِتَ مِين سَاجَنُ سُنجَانِي
جَا وِنْدُرِ وِڪَانِي تَنْهِن جو موتَنُ مَسَ تهِئِي ⁘

٣١

هُوَ جَا کهورِي کهوتَ جِي تَنْهِن کهِي جَرِي چُونِ
اُکهَاڙِيون آتَنَ مِين هوتَ پُنجَانَان هُونِ
پَڙهَا تَنْهِين جَا پُونِ ڏِتهو جَنِ اَکهِنِ سَان ⁘

٣٢

ڏِتهُمِ اُتِ اَکهِنِ سَان مَانَ ٻَاروچا هُونِ
جَنْهِين دهَارَان پُونِ مُوڙِيَ سِيرَ اَکهِنِ مِين ⁘

٣٣

سَجَنُ ڏِتهو جَنِ موتَنُ تَنْهِين مِينْهِنو
اِيئُ مَرڪُ مَعْذُورنِ جي مَرَنِ پرِيَان جي پيرَ تي ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۳۴

وَرَ لَکهَنِ جِي لوڙَ کهوڙِيَا سَنْکَ ٻهَنْڀهوڙَ جَا
اَمَرِ تُون جِي آڇهِئين سِي کَمِ نَہ اَچَنِ ڪوڙَ
هِنڙِي مُنْهِن جِي هوڙَ ٻَڌهِي ٻَاروچَنِ سَان ◇

۳۵

ڪو جو آهِيسِ ڪوڙُ ٻَاروچَاڻِيَ ذَاتِ سَان
جِي هوءِ چَوَنِسِ ٻوڙُ تَہ جِيئُ سُنَاڻِي جَڳَ مِين ◇

۳۶

ٻَهِلِي کَرِي تهِڻومِ هِي سَنْگُ ٻَاروچَنِ سَان
وَنِجِي ڪِيجُ ڏِٿهومِ پُٺهِيَ لَڳِي جَنِ جِي ◇

۳۷

اَڏِيُون کَا اِينْدِي ڇهَپَرِ مُون سَنْگُ تهڻو
لَاڻِينْدِيَسِ لِنْکَنِ کهِي مَلِيرُون مِينْدِي
وِنْڌُرِ آنئُون وِينْدِي آرِي جَامُ اَڇهو کَرِي ◇

۳۸

وَنجَنْ تو وَارِي ٻُرَنْ ٻُنْهوُ ٻُٿهِ مِين
کَرَهَ ڪوهِيَارِي سُٽِي تو سَٻهِ وِيَا ◇

۳۹

هاري هنئو م لوڻ سُکهہ پوندئن سسُئي

ڪوهيارو تو ڪوڻ اچي ڪرهہ قطارئو ◌

۴۰

پيلي ناهہ ڀنڀور مين ڪو سسُئي جو سهي

ڏمر ڏيرن من مين ڪندا اِيئ ڪهي

لنگهائي لطيف چئي ڪهج جام ڪُهي

هيئ معذور هذ مُئي تُون ڪانڌهہ م ونجِ ڪيڏهين ◌

۴۱

ڪوهيارو ڪينان ڪير ونجي ڪاڏي ونڃان

مُون ڀهائنو سينان ڇهپر ڪنڌيس پنڌهڙا ◌

۴۲

ڪوهيارو ڪاري پنڌهہ اناڱا پتيون

سي ڏهہ ڏيکهاري جي اُڳ نہ ڏِٺها ڪڏهين ◌

۴۳

سڄڻ ڏِٺهو جن تن ڱجي سر مُڱهہ ڪِئو

ٻنون ڪوهہ ٻجهن تذُر اِن ڪيماهہ جو ◌



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٤٤

ڏُکوڙين اُھنجان ڪُلھن پھاتو ڪنجرو
وڃن ڪُونڌر ڪَڍيا لوڪ نہ آڇھن پاڻ
سُورن آسان سانُ ننڌھيئي نيڻھُ ڪِئو ٭

٤٥

ٻيئنبھوران ٻھر تھي مون جي ڪيا سڌ
ٻاروچاڻي لڌ لڪ سويرا لنگھيا ٭

## وائي

ڪارون وس ڪيام ڙي ھي ھي وڃ لڌي ڏور ويام
مُنھن جو ھوت نہ موٽيو وڃ ڪارون وس ڪيام
ٻنڌھن ٻاروچن جا ٻيڻکھي منجھ پيام
مُنھن جو ھوت نہ موٽيو وڃ ڪارون وس ڪيام
ڪئي تاشد ڪيچ ڏي محبن لاءِ مُڪام
مُنھن جو ھوت نہ موٽيو وڃ ڪارون وس ڪيام
سدا سپيرين جا سانڌھن سور پيام
مُنھن جو ھوت نہ موٽيو وڃ ڪارون وس ڪيام.

[١٠]

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## حُسيني ۱۴

۴۱۲

هوت هلندي جي ڪيا نه ٻي سڌ سيام
منهن جو هوت نه موٽيو وو ڳارون وس ڪيام
اديون عبد اللطيف چئي آرياڻي اندام
منهن جو هوت نه موٽيو وو ڳارون وس ڪيام

---



# سُورَٺِھ

## فَصُلُ پَھرِيون

١

اَللهَ جي آسَ ڪَرِي هَلِئو هِنَانئِين
چَارَنَ ٻَڌِها چَنگَ ڪِهي جهُوڙَا ۽ جَهَانئِين
ڏوٓلِي رَاوَ ڏِيَاچَ جي ڏُورَان ڏِٺَهَانئِين
وِينَتِيُون وَاحِدَ کِهي تَنْهِن وِيرَ ڪِئَانئِين
تَہ سَپَاجَهَا سَانئِين رَاءِ رِجَهائِين رَاڳَ سَان ٭

٢

پَرَڏِيهَان پَنْڌُ ڪَرِي هَلِي آيو هِتِ
جَاجِڪُ ٻِيهِي اُتِ سِرَ جُون سَدَائُون ڪَرِي ٭

٣

پَرَڏِيهَان پَنْڌُ ڪَرِي هَلِي آيو هُو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اُوچو تُون آڪاسَ تي آن ڀهوٽو مَتهي ڀهو
ڪِينئَ تُسَنْدِين تُون هي سِرَ سُوَالي مَنْڪَنو ٭

۴

پَرَڏيهان پَنْڌهَ ڪَري آيُسِ آڳاهِنئَ ماءِ
جي وِهانِيَ ويرَمَ تهِنْي تَ مون هيرِني هلاءِ
سُونهارا سورَٺ وَرَ تون ڪابهِ هِنبي سين لاءِ
سو مَنْڪَنهارُ مَلْهاءِ جو وڃان ويرِ آئيو ٭

۵

پَرَڏيهان پَنْڌهَ ڪَري هلي آيو هيئُ
مالُ نَ مَنْڪي مَنْڪَنو جاچِڪ مَنْڪي جيئُ
وَڏهِ وَهلو تهيئُ ساعتهَ صَبْرُ نَ سَهان ٭

۶

پَرَڏيهان پَنْڌهَ ڪري سُنِي آيُسِ شانُ
مَنْڪان ڪِهڙِيَ مَتِ سين نِسورو نادانُ
سو ڪو ڏِيارِيُون دانُ جو طَمَا ڪهي تَرڪَ ڪري ٭

۷

تو دَرِ آيُسِ رَاجِيَا هِهڙو وَتهي حالُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اونائِي عَلِيلَ جو سَڀاجهَا سُوَالُ
اَنڪَنَ مَٿهِي آنهِن جِي ڪَهِي ڪِڙ ڪَوَالُ
ڀَهَلا ڪَرِي ڀهَالُ اَمُنُ ڏِٺو اِنَ ڪهِي ○

۸

تو دَرِ آيَسِ رَاجِيَا ٻِئا دَرَ ڇَهَڏِي ڏورِ
سَائِلُ تهو سَيْنَ هَنِي هَرْدَمُ آن حُضور
ٻِئو نَہ مَنْڪِي مُورِ اَمُلُ ڏِٺو اِنَ ڪهِي ○

۹

تو دَرِ آيَسِ رَاجِيَا جَاجِڪُ وَٿهِي جِيئُ
ڪَنَا نَارِنِ حَامِيَه هَانِ ٻَچَائِجِ هِيئُ
نہ وَالِي ڏِيَارِيِنِي وِيئُ جِتِ آهِي جَنَّاتِ عَدَن جِي ○

۱۰

تو دَرِ آيَسِ رَاجِيَا ٻِئا دَرَ ڏِيِٺِي ٻِنِ
ڪَهَان جو ڪُمَاچَ سِين سو سِرُ سَڀَاجهِي ڪَن
جَا مَنْڪَ مُنهن جِي مَنِ سَا تو ڪهِي مَعْلُمْ سَبهَڪا ○

۱۱

ٻِئا دَرَ ڏِيِٺِي ٻِنِ ڪهِي آيَس تُنهن جي دَرِ

سوَرَٺِهه ۱

سُونْهَارَا سوَرَٺِهه وَرَ کَا مُنْهِين جِي کَرِ
ڀَلَا ڀِيرِي ڀَرِ پَالهو پَانْڌُ پِئْنَارَ جو ۞

۱۲

آءُ مَنهَاهُون مَنْگَنَا چَڙهِي مِين چَوْڏوَلَ
تو کهِي کهوَتَ کهُرَائِيو رَاجَا مَنْجهِ رَتوَلَ
ڀِيجَلَ تو سِين ٻوَلَ وِهَانِيَ وَڏهِنَ جِي ۞

۱۳

کِي جو ڀِيجَلَ ٻوَلِئو ڀهِنِيَ وِيهِي ڀهَانَ
رَاجَا رَتوَلَنِ مِين سِيبَانو سُلْطَانَ
آءُ مَنهَاهُون مَنْگَنَا مُقَابِلِ مَيْدَانَ
کهوَرِيَانِ لَکهَ لَطِيفُ چِي قَدَمَ تَانَ قُرْبَانَ
مَنهو هِيئُ مِهْمَانَ هَلِي چَوُ تَ هُتِ ڏِيَانْيِ ۞

۱۴

رِي مَصْلَتَ مَنْگَنَا کَٿَرَ کِي نَ اَچَنِ
نُورَ تَجِلو نُورَ سِين نَمِئو نِينَ پَسَنِ
خِيمَنِ مِين کهَنْگهَارَ جِي چَانْڊرُوَنَا چِمْکَنِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لَدِهَائِين لَطِيفُ چَئي سَندَا ڏانَ ڏِسَنِ
تِيلَان مُلڪَ ڌِهَنِيَن سَنجِئو مَنگَڻهارَ ڪَهي ◊

١٥

نِرتَان تَنَدُ نِيَازَ سِين بِيَحَلَ بَرَاتِي
رَاجَا رَتُولَنِ مِين وَرِنَاتِي وَاتِي
ڪُوتَهَايَاتِين ڪُوتَ مِين بَارِتُ بَاجَهاتِي
رَاجَا رَاگَاتِي هَرُدُوتِي هيڪُ تَهِيَا ◊

١٦

نِرتَان تَنَدُ نِيَازَ سِين بَرَاتِي بِيَحَلَ
رَاجَا رَتُولَنِ مِين اُونَاتِي اَمُلَ
رَازُ ڪِيَاتِين رَاوَ سِين ڪَنهِن مُوچَارِيَ مَحَلَّ
اِنَّا اَحمَدُ بِلَا مِيمَ چَئي سَيْنَ هَتِي سَائِلَ
ڪَنهِن ڪَنهِن پِيتِي ڪَلَ تَہ هَرُدُوتِي هيڪُ تَهِيَا ◊

١٧

ڪَنهِين ڪَنهِين مَاڙهُئين پِيتِي ڪَلَ ڪَاٿِي
رَسِيَا جِي رَمَزَ ڪَهِي تَنِ پَارَسِي پَاتِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سورَٺ ١

٤٢٨ اَلاِنْسَانُ سِرِّي وَانا سِرُّهٗ وَرِّتي اِيئَ وائي
رَاڄا رَامڪائي هَرْدوئي هيڪْ تهئا ⁘

١٨

رَاڄا رَنْگِ مَحَلَّ مِين جَاڄَڻْ سَرزَمِين
جَا هَيَائِين هَتهَنِ سِين سَا سُئي بَالَا بِينَ ،
جِتِ اَچَنِ نَہ اُڙِدَابِيگْنِيْون اُتِ ڪوٺهَايو اَمِينَ
تَارِي ڏِئُوسِ نَڪِرُو جَوْهَرَ پَائي زِين
ٻِئُو تَان مَنگِي ڪِي نَہ ڏهَارَان سِرَ سَيَدُ چَئي ⁘

١٩

رَاڄا رَنْگِ مَحَلَّ مِين ٻَهَرِ ٻَارِيَهْ ٻاڪارِي
تَنْدُ تُنْهِن جِي مَنْگَنَا مُنْهِن جو چِتُ وِڌهو چَارِي
اَڪيو ٻَيْتُ عِنَاتُ چَئي وَهَلو ڏِي وَارِي
هِيئُ سِرْ سِينگَارِي پَاتهَ پَلَوْ تو پائِيَان ⁘

وَائِي

٤٦٨ وڃ وڃ سورَٺِ تهِي سَارِي
جَانِي ڪِٿَڙ جُدَا سورَٺِ تهي سَارِي

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

هَنْ نُون تَنْدُ طَرِيقَ جِي وَاڄٿ ڪرِ وَارِي ٤١٦
ڏِينْدُوسَانئِ ڏِيَاڄُ چِي هِيئُ سِرُ سِينْگَارِي
هَيْ هَيْ سُورَٺِ تِهِي سَارِي
هِيئُ جو آيو مَنْگَتو سو مَنَارَا مَارِي
ڏوسَ ڏوسَنِئَان ڏُورِ ڪَرِي تهو ڏَيَا ڏيکَهارِي
هَيْ هَيْ سُورَٺِ تِهِي سَارِي
ڪرِ نُون يَادِ ڏهَنِئَ کِهِي وِيھ مَ وِسَارِي
ڪَنْڌهُ مُنْهِن جو ڪَاٿِٿو نِينهَ سَنْڌِي نَغْرِي
هَيْ هَيْ سُورَٺِ تِهِي سَارِي ❊

---

## فَصْلُ بِيو

١

بَاٿهَ پِهرِنئَ رَاتِ جو ڳَڙهَ پَاسِي ڳَايو
تهِنْو ڪوڙُ ڪِرنَارَ مِين تَہ ڪو اَتَائِي آيو
سَالِڪَ سَازَ سُرُودَ سَان ڪِي جو ڳَمَايو
ٻِيڄَلَ ٻولَايو تَہ سِرَ سُوَالِي آهِيَان ❊ ١٦٠

۲

ٻِيجَلَ کهي ٻِيَ رَاتِ مين سَڏَايو سُلطَانَ
اَڳي ڪو نہ آئِيو ٻهيرِ تُنهِن جي ٻهَانَ
جَانِئَان جِيئُ جُدَا ڪِٿو طَرَحَ تُنهِي جي تَانَ
مُون وَٽِ مَالَ مَتَاعُ جِي ڪَهِي آهي ڳا نہ
تو ڏهِ ڏِيَان مَنگنَا رُوحَ رُچَنڊَا دَانَ
مِيَان مِهرَبَانَ چوري چَنگُ چَٽِ ڪِي ⁂

۳

رَاجَا کهي ٽِرئِيءَ رَاتِ جو ٻُنڌهَايو ٻِيجَلَ
سَوين آهِنِ سَنسَارَ مين ٻِيَا ٻهي دَاتَا دَلَ
پَرَ آيُس مَنَ اُجهَلَ تِينَاهِين تو کهَرين ⁂

۴

چَارَنَ چوٿهِيءَ رَاتِ مين اَچُ آئِين جِيئُ
تُنهِن جو قَدَمُ پَدَمِ نہ پاڙِيَان جي تُون تهِئين جميعُ
دَانَ دَلوچَا دِلِ وَنِيَا وَٿهي رَاضِي تهِيئُ
هيرَ ڏِيَائِي تهو هِيئُ ٻِٿو صُحَ سَرَايو ڏِيَائِي ⁂



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٥

پَرٽِئو پَنجِنئَ رَاتِ مِين رُپو سُونُ سَبِيلَ
پَلَنْکَ پَتهَرَنِيُون پَالْکِيُون نَوَنْ لَکهَ نَانِي نِيلَ
دَاتَا وَٿهَان نَہ دَانَ کهي وُٺُن پهيرَائِي فِيلَ
آکهِيُمِ جو اَصِيلَ سو سِرُ ڏِي تَہ سُرَهو ٿهِئِين ⁘

٦

چهَهِنئَ رَاتِ چهَکَائِئو سَالِکَ سُورِي سَازُ
ڳَايَائِين کِرِنَارَ مِين کَرِي آکهَہ سِين آوَازُ
صُبُحَ جو سَيِّدُ چَوِي رَاجَا تو سِين رَازُ
صُبَاحِنِي سَرْفَرَازُ مِيَان کَنْدو مَنْگَنِي ⁘

٧

بهَانِئِين بهَتَ کهَنَا مُون تَان مُورِ نَہ مَنگَنو
تَازِي طَبِيلَنِ مِين کهوڙَا کهَرِ کهَنَا
هَاتهِيَ کَارَنِ هيکَڙِي آنُون کَا تَنْدُ هَنَان
جَا مَنهِي تو مَنِيَا تَنهِن سِرَ جو آهِيَان سِيکَڙو ⁘

٨

سِرُ مَنگي سِرُ کهُرِي سِرَ رِي ٿهِئي نَہ صَلَاحَ


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏيئينءُ نه ڪڏري تهڙو ٻاري ٻير ملاح
نائيءَ نٻابڻ جا تهڙ سورنءُ ڪڏهي ساهه
خالق سنجهه صباح ڪنءُ نه ڇڏيندو ڪيتهين ٭

٩

موتي مڱڻهار شال نه اچين ڪڏهين
اتهين ٻيهر عظيم جو ڪنڌو منجهه ڪپار
جو تو سنهه حمار هنيا ڇهتر پنن سين ٭

١٠

سو سرن پاڻي جي نند برابر توريان
اتل اوڏاهين تهني جيڏهين ٻيحل ٻولائي
سگهڻو هڏ آهي سر مين سجڻ ناهه ڪي ٭

١١

ٻاسنڪ جنهن پاسي ڪنءُ ڏنو ڪي نه ڏياج
منهنجين اي ماج نه وڃي ڏور ڏکه تهني ٭

١٢

ڏنو ڪي نه ڏياج تهو سائل سيکائي
منهن تي موتائي متهو هنيس منگڻي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٣

محلين آيو منگڻو ساز ڪڇي سرندو
سر جي سدا سُر مين کهور هڻي ڪڙندو
مٿهي ري ملوڪ جي چارڻ نه چرندو
جهوناڳڙهه جهرندو پوندي جيانئي جهروڪ مين ⁘

١٤

محلين آيو منگڻو ساز ڪڇي سري
آڳي تند طنبور مين پڻا ڪوڪ ڪري
هنڌهين ماڳين هوءِ تهي تنهن جي ٻيجل ڏانهن ٻري
سسي تنهن سلطان ڪهان اچي ڪهوٽ ڪهري
جهوناڳڙهه جهري پيئي جهاني ڏيڙوڪ مين ⁘

١٥

سو جيئڻ منگڻهار م هوءِ جو تو مٿهي سر سٿهو ڪنو
جو من ملهه مور نه سڄي اچي سو ڪيڙيوءِ
جهڪاجهڪ ڏنوءِ ڏونگهو ڏاتارن کهي ⁘

١٦

مٿيڻو مٿاهين کهوريان مٿهو تو مٿهان
سو مون نهئي نه هٿهان جنهن ٿون لائق منگڻا ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۷

ڪا جا ڳالهه ڳري ٻيجل ٻڌائي مون
پيٽ ۾ جنهن ڪِرنار ۾ تن تان ڳري
ڪي تو پنڌ پري ڪي منگ جهلينديون منگتا ◊

۱۸

منگ نه جهليان مورهين نه مون پنڌ پري
ڳِنهي آيس ڳالهڙي ڳجهي تو ڳري
سا سمجهه سورٺ ور وينديس ڪي نه وري
پريان پير ڀري تو لئي آيو آهيان ◊

۱۹

منگ نه تسي منگڻو نه ڪا ملڪ نه مال
آهيس اِئي خيال ته ڏيٺهي تهيان ڏاتار سان ◊

۲۰

ڏاتار ۽ منگڻي ڪو نه وسيلو وچ
ساڻي تار تنڌ جي ساڻي چارڻ چت
هِتي ٽوڙي هُت ڳالهه مڙيئي هيڪڙي ◊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۲۱

ٻُڌُ پَنهِن جي ٻُڌَ سين رِنڌَ رَسَائي لاه
اَجَلُ بيٺو آهِ پُٺِيءَ تو پَلاڻيو ✧

۲۲

چَارَڻَ ٻولِجِ ڪِي ٻِڌو جو کُهِڙيُءِ سو کهوڙِيَان
ڪهَنُ سورَٺِ ڏَ پِڙي جي تَنڌُنِ سين تورِيَان
ٻُجهي اَتهِمِ ڳالهَڙي آءُ اوڙي تان اوريَان
ڪُلهَنِيَان ڪَورِيَان ڪِي جَاڄِڪَ جُسِي سين ڏِيَانءُ ✧

۲۳

چَارَڻَ چَنگُ ٻَنکُ لَهِي وَڄايو وِنَانُ
سِرُ ڏَ هَڏِ آسانُ پَرَ مَنگَنهَارُ مَٿهي وَهِي ✧

وائي

تُنهِن جي تَنڌُ تَنوار يَارَ مُون مَنُ موهِيو
مَلهي آئين مَنگَنا ڳُجِي مين ڳِرنَارَ
يَارَ مُون مَنُ موهِيو
سِرَ جي سَدا ڇهَڏِ تُون ڏِيَانءُ ڏِيجَ اَپَارَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سورَٺِهه ٣



يار مون من موهيو

دانَ ڏِياني ڏهرا هزارين هزارَ

يارَ مون مَنُ موهِيو

الا عَبْدُ اللطيف چي پسان پرين پارَ

يارَ مون مَنُ موهيو ❊

## فصل ٽرسون

١

سَرْدِيَ سَالِمُ نہ رَهان کرمِيَ تهيان ڪداز

اَمَنْ ڏِيجِ امانَ تون سَائِلَ هَنِي سازُ

رَبّانِي کهي رازُ خالِص ڏي خليل جو ❊

٢

سَرْدِيَ سَالِمُ نہ رَهان کوسِي سَهان کا نہ

اَمَنْ ڏيجِ امانَ تون دُور ڪري ڀِنا دانَ

پانو کهائِي پان وچهِ پڪ پِنارَ ٿي ❊

٣

ترِيِڻي ٻرچا پان ميں تنڌ دتارو کنده



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تنهن جيھو ناھِ ڪِي جو تو چارَن ڪيو پَنڌُ
ھي شُڪرُ اَلْحَمْدُ جو متھو ڪھُڙيِءِ مَنگَڻا ٭

٤

مَرُ ته آئين مَنگَڻا مام پَروڙيِ مُون
جيَ ڪا ڪاھَ ڪالهايَءَ سا سَبھَ سَمُجھيسُون
تَنهن ميِن تَسِمِ تون جي ڪِي پَوي پَٽ مين

٥

چارَنُ چَنگُ ڪَلهي ڪُري رَمي رَهنُو رات
سَدا جي سَيِدُ چوي وَائِي ڪيائين وَاتِ
ڏيھَ ڏناٰئين ڏاتِ ميڙي مَنگَنهارَ کي ٭

٦

چارَنَ چَنگُ ڪُلهي ڪَري پيرَ پُري پاتا
سَدا تَنهن سَيِدُ چَني وَائِي ڪيائين واتا
اُن تي رَاءِ راضِي تهنجو دِلِ وَڏِي داتا
مُرڪِي مَرُ ماتا رَاٰ رَاوَ ڏِياچَ جي ٭

٧

چارَنَ تُنهن جي چَنگَ جو عَجَبُ آهيمِ اِيءُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هَنين اُبهو هَتهَنِ سان جمرو رَکهنو جيئُ
راتِ مُنْهن جو رِيئُ ڪَاتِنو تو ڪُماچَ سانْ ٭

٨

جاجِڪَ جهُونا ڳَڙهَ مِين ڪو اَتائِي آيو
تنهن ڪامِلَ ڪَڍهِي ڪِينرو وِيهِي وَڄايو
شَهَرُ سَجِرْنِي سُرَ سِين تَنْدُنِ تَپايو
دائِون دَرمانْدِيُون ٿِيُون ٻاتِن ٻاڏايو
مارُهنِ ٿِهِي چايو تَه مانْدِري آهي مَنْگَنو ٭

٩

مَٿهِي اُتي مُنْهن جي ڪوڙين هُونِ ڪَپار
تَه وارِتو وارِتو وَڏهِيان سِيي ڪهِي سَرُ وارَ
تان پُنْ تَنْدُ تَنْوارَ مُونْهان مَتهاهُون مَنْگَنا ٭

١٠

ٻِيلي ٻَٿِي ٻارَ جان مُون ٻِيٺِين هَنِي نِهارِيا
چوِري رکهيمِ چِتَ مِين ڏِسِنِ جا ڏاتارَ
هي سِرُ توهان ڏهارَ ٻِيجي ڪَنْهن نَه ٻولِيو ٭

١١

پِسي ٻاتِهُ ٻِر تهنو سَنْدو تَنْدِنِ دَمِ جُوڏُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مَنْکَ وِهَائِي مَنْکَنَا مَتهو هِئُرِ مَوْجُودُ
پَلْکَ آهِي بُودُ نَاقِصِي نَابُودَ ۾ ॥

١٢

کهَاڃي کيرَتِ کيئرو وَاجهو وِلَاتِي
هَئِي تَنْدُ حُضُورَ ۾ تَنْهِن پَارِسَ پيِرَاتِي
ڏِسَنْدِيهِي ڏِيَاڃَ ڪِهي ظَاهِرُ تهنْئو ذَاتِي
کَڏهِي تَنْهِن ڪَاتِي وِدهو کرِٽ ڪپَارَ ۾ ॥

## وَائِي

متهو ۾ کهيکَارَ يَارَ ڏَانْ ڏِينْدِوَسَانيِ مَنْکَنَا
حَاجِکَ جهُونَاکَڙهَ ۾ هَلُ تَـ تهيُون يَارَ
يَارَ ڏَانْ ڏِينْدِوَسَانيِ مَنْکَنَا
مَنَان مُنْهِن جِي ڪَا کرِين کِلَا ۾ کُفْتَارَ
يَارَ ڏَانْ ڏِينْدِوَسَانيِ مَنْکَنَا
لَڃَنْدِي تهو لَاهِيَان کِينِي مَنْجهِ کپَارَ
يَارَ ڏَانْ ڏِينْدِوَسَانيِ مَنْکَنَا
هَرَ هَرَ وِڏهِيَان هيکَڙو تَنْهِن جِي سَانْ تَنْوَارَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

يَارَ ڏَانُ ڏِينْدِوَسَانيُ مَنْکَنَا
اَڍِيُون عَبْدُ اَلْطِيفُ چَئِي لَکَسِ لَنُوُن لَکَارَ
يَارَ ڏَانُ ڏِينْدِوَسَانيُ مَنْکَنَا ٭

---

## فَصْلُ چوٿون

١

تَانُ نَہ آهِي تَنْدُ جو رُون رُون کَرِي رَاز
هَنَنْدَڙَ سَنْدَا هَتهڙا سَبهُکو چَئي سَازُ
سَتَ ڏِيٿِي شَهْبَازُ تِهِيئَ تَہ تهوَکُ پِرَائِيين ٭

٢

تَنْدُ تُنهِن جي تَانَ کَهِنُو سو قَبُولُ پِئو
سِرُ نَہ آهي سَتِ مِين پَرَ پِئو کِي مَنْجهِ دَانَ
خَاکَ مِٿِيَ کهَان بهَانَ کَاتِيَان پوء کُجهُ نَهِين ٭

٣

کُلُ چِهنو کِرِنَارِ جو پَٿِن تهِيُون پَٿِين
سَوِين سورَٺِهِ جيهَڙِيُون اُبهِيُون اوسَارِينِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چوڙتا چارَنَ هَٿَ ۾ سِرُ سِينڪارِئو ڏينِ
نارِيُون نازَ ڪَرِينِ تہ راجا راتِ رَمِ ڪيو ○

۴

ساري راتِ سائِنءَ کي ڳَرُهَ ٻهر ڳايائِين
اُتَهَسِ مانِڪَ مِينهَن جان هَٿ نہ ڇهُتهائِين
تهي لائِقُ لَڌهائِين جِنءَ هو مِيرَاسِي مَنگَنو ○

۵

جي مِيرَاسِي مَنگَنا آنئُون پِنُ مَنجهان تَنِ
ڪِي ڪَهُه مُنهِن جي ڪَنِ جِرَفَتَ مَنجهان اُنِ جي ○

۶

جو تون ڏِئين نہ ڏِياچَ لاهِئو هيُ سِرُ سَبهُکو ڏِئي
ڪِي جان ناهِ جِهَڙِي حاجَ جا سَنَدَ تهڻي سُوالِئين ○

۷

سُرَٺِه مُٺِي سُکَهُ تهِٺو جِيمَا کَهَنيا کهَنگهَارَ
نہ کو راڳُ نہ رُوپُ کو نہ کا تَنَڊُ تَنوَارَ
تَنهَان پوءِ مَنگَنهَارَ ڏِنو سِرُ ڏِياچَ کهي ○

۸

سُرَٺِه مُٺِي سُکَهُ تهِٺو جِيمَا هَنيا کهَنگهَارَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نِهِٺو رَاڱُ رُوپُ سو لِڱِي تَنْدُ تَنْوارَ

سو ڌَهَتِين پَٽِين پَارَ پَسِٺو رَاجَا رَاضِي تهٺو ⁘

۹

رَاجَا رَاضِي تهٺو تَنْهن ڏِنَا وَڏَا ڏَانَ

مونِي کِيَائِين مَنْکِنِي طَرَحَ تَنْبِي جي ٿَانَ

مُون وَتِ مَالَ مَتَاهَ جِي کَمِي آهِي کَا نَه

کَارَنِ رَبَّ رَحْمَانَ سِرُ وَڏهي سُلْطَانَ ڏِي ⁘

۱۰

وَتِهِه سِرُ تهيئُ سَرَهو مَ کِي آءِ مَ ڱَانُو

جَاجِکَ تو مَتهَاءِ مِلْکَ مِڙِيئِي کهورِيَان ⁘

۱۱

مَتهِي اُتِي مَنْهن جي جي هُجنِ سِر هَزَارَ

تُنْهِن جي سَانُ تَنْوَارَ هَرْدَمُ وَڏهِيَان هيکڙو ⁘

۱۲

جو لَاڱو لِڱِي تَنْدُ سِين سو کِي پَلَّ پَاءِ

مُون کهي نَه مَوَتَاءِ آندُون اَڱَانْهِين آهِيَان ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وائي

ڏنو راوَ ڏياچ هيءُ سرُ صاحِبَ تان صَدِقو
ڇهَڏِي هَلِئو هِتهين رانيُون پَنهِن جا راجَ
هيءُ سِرُ صاحِبَ تَان صَدِقو
اَکهئو دَرِ اَللهِ جي کوڙين پُنَسِ کاجَ
هيءُ سِرُ صاحِبَ تَان صَدِقو
مَنکِي وَدو مَنگَڻي کَهِي سَانُ کُمَاچَ
هيءُ سِرُ صاحِبَ تَانُ صَدِقو
اَدِيُون عَبْدُ اللَّطِيفُ چَئي تهِيَسِ کَمَ سَکاجَ
هيءُ سِرُ صاحِبَ تَان صَدِقو ⁘

---



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# بَرْوو سِنْڌِي

## فَصْلُ پَهْرِيون

١

ڇهَاڪهِي وَڄِي ڇهو تهو ٻيلِي ٻَنِ جو تهئين
وَتهه تُون ڪَنّجَڪ ڪَرِيمَ جِي جَڳ جو وَالِي جو
سَوڪهو هُونّدو سو جَنهن جو عِشّقُ اَاللهَ سَان ⋄

٢

پَرَوَسِ تهِيمِ پَرِيَانُ پرين وَسِ نَہ پَانهِن جِي
لَڱو ڪِي نَہ لَطِيفُ چِي ڇهَپَرُ ڇهَاتِيَ سَانُ
پرين ڏِيڪهَارِي پَانُ خُوشْ ڪَرِي وِيَا خَابَ مِين ⋄

٣

ڌهَرْتِي ڌُونَهه جِينئَ سِرَ پَرِ سُپيرِيَنِ جِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۴۱۵

اَڳُو آهِ لَطِيفُ چَئي تَنُ پِرِيَانْ سَان ٿِيَنئِ
حَاصُلُ ٿِئي هِينئَ قَرِينو قَرِيبَ حو ⁘

۴

اَڳِيَ جو لَطِيفُ چَئي نَہ ڪو قَالُ نَہ قِيلُ
لِکِئي لَامُون کهوڙِيُون ٻِينين وَهِي نِيلُ
هِنڙَا ٿِيئُ فَقِيرُ ڪَالهَ قَرِيبَنِ لَڌئو ⁘

۵

ٻَهَلِي ڪَيَئُ ٻَهَلَا پِرِين اِيئَ نَہ مُنَاسِبُ هوءِ
لَائِي چِتُ چَرِئو ڪَرِي پَانُ ڪَڍِي وِئين پوءِ
تَوڙِي حُبَّ نَہ هوءِ تَہ ٻهہ هوتَ نَہ ڇَڃَنِ هيڏِيُون ⁘

۶

ٻَهَلِي ڪَيَئُ ٻَهَلَا پِرِين مُون نَہ جَاتو هِينئَ
هِنئو هِيرَائِي هَٿهہ ڪَرِي تو ڪهي ڏِيَان ڪِينئَ
سَا سِکَ سَلَان ڪِينئَ جَنْهِن اَنْدَرِ آکهيڙا ڪِيَا ⁘

۷

اَڄْ پُنُ اَکهڙِينِ پَنْهِن جَا سَڄَنَ سَارِيَا
ڪَلَنِ تَان ڪوڙهَن جُون ٻُونْدُون ٻَس نَہ ڪَنِ
سَنْڌِي سِکَ پِرِينِ لوڪَ ڏِٺهيئي نَہ لَهِي ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٨

ڪِي اوڏائِي ڏُورِ ڪِي ڏُورِ تَان اوڏَا سُپِرِين
ڪِي سَنّبِرْجَنِ نَہ ڪَڏِهِين ڪِي نَہ وِسِرَنِ مُورِ
جِينءَ مِينْهِ ڪُنّڌِهِيَ پُورِ تِينءَ دوسّ وَرَاڪَو دِلِ سِين ٭

٩

مَاڙهُون ڪهُرَنِ مَالُ آنئُون سَبهُ ڏِينّهُ ڪهُرَان سُپِرِين
دُنّيَا تَنّهِن دوسَ تَان فِدَا ڪَرِيَان فِالْحَالُ
ڪِيَسِ نَامَ نِهَالُ پَسَنُ تَان پَرِي تهِئَو ٭

١٠

هِيرَائِي هَٿهِ ڪِئَو هِنسَّرَو حَبِيبَنِ
ٻَنّڌِهِي ڪَچِيَ تَنّڌُ مِين سَلهَاڙِئَو سِينَنِ
وِجهِي پيچَ پِرِيَنِ هِنسَّرَو هَٿهِيڪَو ڪِئَو ٭

١١

صُورَتَ ڪهَنئَو سُنّهِنَا طَعّنَا سَنّڌَنَ تَوهَ
رِيلَو ڏِيئِي رُوحَ جَو ڪهَائِي سَو ڪهَامِي مَرِي ٭

١٢

صُورَتَ سَنّڌِيَنِ سَالَ پَانَ مُصَاحِبَ سُپِرِين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مَوْلِي ڏِنَنَ مُنْهَ ۾ نُورِي نِينَ نِهَالُ
سَنْڌِي خَابَ خِيَالَ مُون مَنُ مَسْتَانو ڪِئو ⁘

١٣

هوڏ ڇهڏي هوڏي جي مُون ڪهر اَچين سُپِرِين
ڳالهيُون ڳَرهَنَ جيهَڙيُون آهِنِ تَنَ وَنْدِيُون تو ڏي
جي وِهين ڪَڏُ ڪوڏي تَہ ڏوڙ سُنَايَانيَ دِلِ جو ⁘

١٤

ڪَڏِهِن تَاڙيُون ڏِينِ ڪَڏِهِن ڪُهلَنِ دَرَ دوسَنِ جَا
ڪَڏِهِن اَچَان اَچِنُ نَہ لَهَان ڪَڏِهِن ڪوٺهِئو نِينِ
ڪَڏِهِن سِڪَان سَڏَ ڪهِي ڪَڏِهِن ڳُجهَانْدَرُ ڳَرهين
اِهڙَائِي آهِينِ صَاحِبَ مُنهِن جَا سُپِرين ⁘

١٥

ڪَڏِهِن تَان ڪو نَہ تهِئو آثَارو تَنْهِن عِشْقَ جو
ڇوْبَنِ مِنَتهُون ڪَرِي سِڪَنُ سِيکهَارِئُومِ
تَنْهَان پوءِ تهِئُومِ جِئَرِي پَسَنُ پِرِنيءَ جو ⁘

١٦

تُون صَاحِبْزَادو سُپِرِين آنئُون نِسوُرو نَوْڪَرُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

بِي حَدِ کَرِيَان بَنْدَکِي هَتهَ بَنْدِهِي حَاضُرُ
ڇهَنِ ڇهَڏِينْدِيَسِ کِي نَہ کِي دوسَ اَوَانْهِن جو دَرْ
مُون تَان مِهرَ نَظرُ پرِين لَاهِ مَہ پَانْهِن جو ⋄

## وَائِي

هوتُ نِيئَان دِلِ جو بَنْدُ لو بهَلو جِيڏِيُون
هِيڏَان هوڏَان سُپِرِين کَاڏِي وَارِيَان کَنْڌهُ لو
بهَلو جِيڏِيُون
چَڙهِي ڏَاڏهِين ڏُونْگَرِين رَاهَ پُڇهَائِين رَنْڌُ لو
بهَلو جِيڏِيُون
سَاجَنُ سَبْهِنَان سُنْهِنو مُون کهِي سَائِنيَّ جو سَوْکَنْڌُ لو
بهَلو جِيڏِيُون
اَڏِيُون عَبْدُ ٱللَّطِيفُ چَوِي مِيڙِينْدُمِ صَمَدُ لو
بهَلو جِيڏِيُون ⋄



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## فَصْلُ ٻِيو

١

جَانِبَ تُون چِيڏو آهِين شَانَ شَهُورَ سِين
مُون ٻي کَرِ مُنْهِن جَا پرِين تو هُ تُسِي ٻيڏو
هِي کَامِلَ کَمُ کِيڏو جِيئنَ نَوَازِينَم نِگَاهَ سَان ⁘

٢

جَانِبَ مُنْهِن جِي جِيئَ مِين تُنْهِن جِي طَمَا پوءِ
وَتْهُه کَاتِي وَڏهِ اَنْگَڙا اَدَبُ کَرِ مَه کوءِ
ڀَهَانيَان ڀهَالُ سَنْدوءِ جِي سَاجَنَ سَنئُون نِهَارِئِين ⁘

٣

سَاجَنَ هِينئَ نَه جُڳَاءِ جِينئَ مَارِئُو موٽِئُو نَه پُڇِهِين
رَتِي•رَتَ نَه سَنْجْرِي سِکَ تُنْهِن جِي سَاءِ
اَسَان تَوْئِي لَاءِ تهِي پَرِ مِين پُوڄَائُون کِيُون ⁘

٤

جَڏِهِن پَرِي تهِي يَادِ مُحَبَتَ سُپِيرِيَنِ جِي
تَڏِهِن فَرْيَادُون فَرْيَادَ نَاکَهَ وَنجَنِ نِکهَتِيُون ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۵

ڪَڙو مَنجهه ڪَڙي پَائِي لَهَار لِپيٽِيو
مُنهن جو جِيءُ جَڙي سُپيرِيان سُوکهو ڪِيو ⁘

۶

نَازَ مَنجهارَان نِڪِرِي جَڏِهن پِرين ڪَري تهو پَنڌُ
ٻهني پُنُ بِسمِ اللّهِ چَئِي رَاهَ ٻهي جُهمَرُ رَنڌُ
اُبهيُون کهَنِي اَدَبَ سِين وَتهي خُورُون خَيْرَتَ هَنڌُ
سَائِنءَ جو سُوڳَنڌُ جو سَاجَنُ سَبهنَان سُنهِنو ⁘

۷

سَاجَنَ سِپَاهِي آئُون اَوَانهِن جو آهيَان
اَچَان وِيلهَ سَبهَڪَنهِين وَنجَان وَاجهَانِي
لَالَنَ تو لَائِي کهيڪَارِيم کهَرَنِ کهي ⁘

۸

بِرِهَه جِي بَانِي ڪَنهِن کهَان سِکهِنِين سُپِرِين
آئِي ڏِينْدَءِ هَتهَه مِين مَسُ قَلَمُ ڪَانِي
حَرَفُ پُڇهَنْدَءِ هيڪِڙو ظَاهِرُ زَبَانِي
نَن اَکِيَان جَانِي کهَڙِي ڪَنْدِين ڪَالهَڙِي ⁘

۴۹۱

۹

ڦانِي نِي ڦانِي دُنْيا دَمُ نَه ھيڪَڙو
لِتِي لوڙھُ لَتُنِ سين جوڙيندَءِ جانِي
ڪوڏَرِ ءَ ڪانِي آھي سِرَ سَبھَڪَنْھين ٭

۱۰

نِينَ سَقِيلا سُپِرين ٻھَونَر ٻھَرُون ٻھالا
چِلْيَا پھَٽ فِراقَ جا اَنْدَرَ ميِن اَعْلَى
سو يارُ مِيڙين يَالا جِنْھِن جِي مُحَبَّتَ ڪانِ سِکِي سِنئو ٭

۱۱

اَڄُ پِڻُ اَنْکِيَمِ اَنْکَ ھَتھان حَبِيبَنِ جي
جَا پِرِ سوڙي سَنْکَ سَا پِرِ تھِي سُورَنِ سَان ٭

۱۲

اَڄ پِڻُ جُڙِيَمِ جوڙَ دوسِ پِيھِي دَرِ آئيو
سُکھَنِ اَچِي ڏُکھَنِ کھِي مُحْکَمُ ڏِنِي موڙَ
جا پِرِ کھِتِري کھوڙَ سا پِرِ سُورَنِ سَانُ تھِي ٭

۱۲۱

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وَائِي ۱

مَوْلُو ڪَنْدو مَاڙِ مُنْهن جِي اَللهُ ڪَنْدو مَاڙِ
هَادي ڏيئِي هَتھَڙَا اَچِي چِڪَنِ مَنْجهَان چَاڙِهِ
مُنْهن جِي اَللهُ ڪَنْدو مَاڙِ
ڪِشْتِي ڪَمِيڻِي جِي اَللهَ لَڪ اُڪَارِ
مُنْهن جِي اَللهُ ڪَنْدو مَاڙِ
هُو جو وِيرِي وَاتَ جو سو سَائِيِن نِيئِي سَاڙِ
مُنْهن جِي اَللهُ ڪَنْدو مَاڙِ
ڪَلِمِي سَانُ ڪَرِيمَ جِي سَڀهِ لَنگھِينْدَا پَارِ
مُنْهن جِي اَللهُ ڪَنْدو مَاڙِ
اِلا عَبْدُ اللطيفَ کھي ذَاتَرَ ڏِيهُه ڏيکهَارِ
مُنْهن جِي اَللهُ ڪَنْدو مَاڙِ ٭

## وَائِي ۲

ھَانِي اِينْدو اَلا مُنْهن جو سَڄَڻُ شَالَ اِينْدو
اَکِهنِ لَائِي اَنْڌِهيُون نِيئِي وَسِنئَ مِين وِجهَنْدو
اَلَا مُنْهن جو سَڄَڻُ شَالَ اِينْدو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نِمانِيَ جو نِجهرو ٻاسي ٻانَ اَڏِيندو
اَلا مُنهن جو سڄڻُ شالَ اِيندو
مَتهان لَکِن ساتهَڙو صَحِي سَلامَتَ نِيندو
اَلا مُنهن جو سڄڻُ شالَ اِيندو
مَنهَندِ تهِيندو مُصْطَفا پُتهِيَ لوَکَ لَڏِيندو
اَلا مُنهن جو سڄڻُ شالَ اِيندو
اَچي عَبْدُ اَلْطِيفَ کهي دوسُ دِلاسا ڏِيندو
اَلا مُنهن جو سڄڻُ شالَ اِيندو ٭

---

## فَصلُ ترِٽون

١

عِشْقُ اِهَڙي ذاتِ جو مانجهِي مُنجهائِي مَيَنِ کهي
ڏِينهَان ڏورِنُ ڏونگَرين رُونُ سڄيائِي راتِ
اُتهي وِيتهي تاتِ مِيان محْبُوبَنِ جي ٭

٢

جَنهِن جي دهَنِيان دهارَ ٻهِينِي ناهِ ٻهَنبهورَ مين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪميني جِي ڪا نہ ڪَيَيْ سَاٿهَ لَڏِينديِ سَارَ
آءٌ عَالَمَ جا سَرْدَارَ وَارِج ۆاکَ وِلهِي تِي ◇

٣

يَارُ سَڏَائِي سَڀُڪو جَانِي زُبَانِي
آهِي آسَانِي پَرَ ڪَمَ پِٽِي ڪَلَ پَوِي ◇

٤

آدَمِن اِخْلَاصُ مَٽَائِي مَاتهو ڪِٿو
ڪو نہ ڪهَائِي ڪَنْهِن جو سَنْڌو مَاڙْهُو مَاسُ
دِلْبَرَ هِنَ دُنْيَا مِين وَنجِي رَهَنْدو وَاسُ
پِٿو سَڀُ لَڪَ لِبَاسُ ڪو هِڪَڏِلِ هُونْدو هيڪَڙو ◇

٥

شُڪُرُ مِليَاسُون سُپِرِين جِمْرِي جَانِي يَارَ
وِيٺهِي جَنْهِين وَتِ مِين ڪوڙِين تهِيَا قَرَارَ
دهَنِيَم ڪَرِ مَہ دهَارَ پَاڙو تَنِ پرِيَنِ ڪهَان ◇

٦

جَڏَانڪَرَ جَانِي سَجَنَ سَانْڪِ سِدهَارِئو
رَاتِين رَاحَتَ نَاهِ ڪَا ڏِينْهَان حَيْرَانِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آئُون پَنْهِن جي پِر تان کوڙين قُرباني
رَضا رَبّانِي کَرِيان وَسَ وِصالَ کهي ⁘

٧

دِلِ جو دِلبَرُ هيڪَڙو کهڻا تا نَ کِجَنِ
دِلِ ٻهي ڏِجي هِکَ کهي ٽوڙِي سَوَ سِکَن
سي چِلُولا چَڄَنِ جي دَرِ دَرِ لائِنِ دوسِتِي ⁘

٨

مُنْهِن جي مَنْدائِنِ جي کَلَ پِرِيان پيٺِي
کَڏِهِن کوسَا نَ تِهڻا ڏوراپا ڏيٺِي
سَاڄَنَ سَبِهِيئِي ڏَهَکِيمِ ڏهولَ ڏهِلائِيُون ⁘

٩

ڏاتَرَ مُون ڏيکهارِ هوتَنِ جو حُضورُ
پرِيَنِ پَرْچَنَ جو موٽَائِي ڪِٿو مَذْکُورُ
ايئُ دوسَنِ جو دَسْتُورُ جِنئَ چهڻا چهنَنِ ڪِي نَ ڪِي ⁘

١٠

ڪِنئَ سِکهِئِين سُپِرِين کَاسَائِکِي کَارِ
تِکهِي کَاتِي هَتهِ کَري مُڏِيَ سِين مَ مَارِ
چوري چَاکَ نِهَارِ جي سوَرَنِ سَانگهيرا کَيا ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وائي.

سَڄَڻُ ٻَارُوچي جي ذَاتِ دِلْبَرُ ڪوهِيَارِي جي ذَاتِ
اُتهَ ڪُنْگَائِي هَلْيَا وَائِي ڪَنِ نَہ وَاتِ
سَڄَڻُ ڪوهِيَارِي جي ذَاتِ
جَانِي جَتُ وَتهِي وِيَا رِنَ مين پِيَنَ رَاتِ
سَڄَڻُ ڪوهِيَارِي جي ذَاتِ
ڪُهي ڪَمِيڻِي هَلْيَا اَدِيُون آڌِيَ رَاتِ
سَڄَڻُ ڪوهِيَارِي جي ذَاتِ
مِلَانِ مَحْبُوبَنِ کهِي وِهَانِئَ پِرِبهَاتِ
سَڄَڻُ ڪوهِيَارِي جي ذَاتِ
اَدِيُون عَبْدُ ٱلطِيفُ چَئِيَ ڏَاتَرُ ڏِينْدو ڏاتِ
سَڄَڻُ ڪوهِيَارِي جي ذَاتِ ؞

---

## چهوٽِڪو.

١

دِلِيُون جو دِلْبَرُ سو ڪَمِينوِئي ڪِي نَہ تهِئي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اَڪُ آمُوُ نَہ ٿِھئِي تُوڙِي ڦُھُٽِي ڪَرِي ڦَرُ
ڪَلَرَ مَنجھَانئِي ڪِي نَہ ٿِھئِي تُوڙِي ڄَالَ ٻِنارِينَسِ ڄَرُ
ڏِسُ مَہ ڳَانوُ ڪَمَانڊَ جو سَائوُ ٻَسِي سَرُ
سوُٻِھِي ڏَھَارِ نَہ شِڪِروُ جَنھِن کھِي ٻَکھُہ نَہ ٻَرُ
ڏِٺِي ٻِنَا ٻَانھِن جو ڏِسُ کھِي اُونڌَاھو ٿَھَرُ
ٻَاڪُ ڪَپِڙوُٺِي نَہ ڪَرِي جُوٺھو ٻَانِي ڄَرُ
نَصِيحَتَ تَنھِن نَادَانَ کھِي ڪَرِي ڪِي نَہ اَثَرُ
ڏُورِ تَنھِين کھَان ڏَرُ مَتَان ٻوءِ ٻِشِيمَانُ ٿِھئِين ؞

٢

ڪَمِينِي سَان ڪوُ ٿِھِي حِيلَا ھَزَارِين ڪَرِي
کھُھُنِٻِي جَان خُوشُ ڪَرِي ٻَانُ ڪَڍِھِي وَنجِي ٻوءِ
لَڳِيَ ڏِينڊوُ لوءِ مَاڙھِنِ آڏوُ مِيھنَا ؞

٣

ڪَمِينوُ ڪَپِڙَا ڪِٺوُ ڏِسِي ٻَنھِن جو ڏِيلُ
ڏِسِٺوُ ڏِسِٺوُ ڏِيلَ ڏِي ٿِھو ڏوڙَائِي ڏَلِيلُ
تَہ مُون جِيھو مُلڪَنِ مِين ڪوُ ھُونڊوُ قَلِيلُ
جَڏِھِن ڳَڏِيُسِ اَصِيلُ تَڏِھِن وِڃَا وِيَسِ وِسِرِي ؞

۴

اَصُلُ وَتِ اَصِيلَ وَنجِي ڪَارِي ڇَٽِي ڪُڌَارِ
تُون تَنهِين سَان ڪَهَارِ جَنِ کِهي عَقُلُ اَشْرَافَنِ جو ٭

۵

جيڪَرَ لِکهان لَالُ خَطُّ پَنهِن جي رَتَ مُون
لِکهي مُنجَان پِرَ ڏِي هِيئَ حَقِيقَتَ حَالُ
تُون مَاکهي تُون مِصِرِي تُون بَهلَاڻِي بهَالُ
شَالَ مَـ پِري ڳَالُ مُحَبَّتَ جو مُنهِن جَا پِرِين ٭

۶

لِکهيمِ تو ڏي خَطُّ پَرَ جي هوسِ پِکهنڙو
آيُسِ مَنهَنڊِ ڪِتَابَ جي هُونڊَ اُڏَامِي سُتَتُ
تَـ رَازَان رُٺِي رَتُ جي هُجِي قَلَمُ وَاتِف قَلْبَ جو ٭

۷

حَبِيبَنِ هِيري پِکهي پَاتو پِنجِرِي
سو اُڏَامِي عَرْشِين وِٺو کَهَنبهَ سَبهي کهيڙِي
لَکِيَسِ نَاوُکَ نِينهَ جي کَامَ وِدهو کِيرِي
دَانهَ پِيٺِي ڊِيرِي تَـ هِي کَبُوتَرُ کِينِ وِٺو ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٨

مَسُ مَنْهَانِکِي ڏِيهَه ۾ِين ڪِي ڪَاڳُرُ نَاهِه قَلَمُ
ڪِي ڪَاتِبُ ڪوٺهي ڪوٽهَه ۾ِين ڪِي سَاجَنَ تهيُئِي شَرَمُ
وَنجِي ڪُونڌَرُ غَمُ جي هِڪ پُرزو پِرتِ مَان لِکهو ٭

٩

ڪَنَا مَنجهِه قَرَارَ هُوَا ۾ِيڪَانڌهَا سَنڪَ ۾ِين
سِي ڳَاهِي ڳَاهَه فِرَاقَ جي ڪِيَا دهَارُودهَارَ
نَ جَانَان ۾ِيهَارَ ڪِينئَ ۾ِيلو تهينڌو سَجَنِين ٭

١٠

موٽِي هِنَ مَذْڪُورَ جِي ڳَالهِه نَ ڪَرِين ڪَا
پِٺو هُٿِين پَاتَارَ ۾ِين تهي لَهَرِنِ لَکهَه لَڳَا
خَبَرَ ڏِنُون خَاڪُو چَوِي سُپِيرِيَان جِي سَا
تَ ڪِهڙَا ڪَمَ ڪِيَاه جو مَتهَان ۾ِينِي ٻَنهِين ٭

١١

چي ٻُڪِيرَا بَحَرَ مَان ڪَڍهِئو خَاڪُو ڪهيڙَاوِنِ
وَٽهِي نِيَاٺُون صَرَّافَ وَٽِ ڏَڙِي ڏَلَّالَنِ
ڏُرُسُ دهَرِيَاٺُون ڏُڪَانَ تِي وِنڌهِي وِينجهَارَنِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سُور چِکَهايَائُون سَاءُ سَنڌو اوزَارَنِ
سِيرَهِ ڏِيٺِي سَامُهُون پَرُودهوَ پرِيَنِ
تِيلَا مَحُبُوبَنِ جَوۡهَرُ ڇَٽِي کِهَنِي جوَڙِٿو ٭

١٢

جَوۡهَرُ ڇَٽِي جَڙِٿو پرِيَنِ کِهَنِي پَانَ
نَاهِ اَسَان کهي اوڏهِين کَا سَنڌِي اَنۡدَر آنَ
جِينَا کَانۡهِي قَرِيبَنِ کَانِ تِينَا مَتهي ݙَکَ ݙَکَالهِيُون کَرِيُون ٭

١٣

تِيرَهِينَ صَدِيَ تَالَ پَسُ ڏِيکهَارِيَا پَانۡهِن جَا
کوَتهِي کَنۡهِين ڏِي وَنۡجِي سَنۡڀَهي کَانِ سُوَالَ
اَکِيُون ڏُکهوَيِوَ ڏَاڏهِي کَنۡدوَ سَنۡڌِي حَالَتَ حَالَ
هِتِ هِيٺِي اَحۡوَالَ تُون رَکهِين هَادِي پَاکَ حَيَاتُ ڇَوِي ٭

١٤

تِيرَهِينَ صَدِيَ تَاءُ پَسُ ڏِيکهَارِئوَ پَانۡهِن جوَ
وِڃهوَ سَهي نَہ وَتِ ۾ين ٻهَاءُ سَگَي کهي ٻهَاءُ
ڏُنۡيَا دَارَ کَرِيبَ سَان کَنۡدَا کِيرَبُ کَهَاءُ
هِتِ اِهوَ پَرۡٻهَاءُ رَکهِين هَادِي پَاکَ حَيَاتُ ڇَوِي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٥

ڀَھَرُ اَڪِيَاڙِيَ ٻِيڙِئُو تھِي ڀَنڊَا ڀِڙِيَاڙِي
رَاڪَ رِھَائِيُون رَسَ وِيَا تھِي تَالَ وَڄِي تَاڙِي
سُونھَنِ سَنڌِيَ سَتھَ ۾ تھَا آوَڙِنِ اَنَاڙِي
ڏَانُ لَھَنِ دَرِبَارِنِ ۾ ڀھَڙَوَا ٻهَاڙِي
تھِي دِلِ ٻَھُون ٻَاڙِي ڀَسِي ڦيرُ فَلَڪَ جو ؞

١٦

يَارَانِي يَارَنِ مَنجھَان اُڪَاٽِي وِيئِي
مَاءُ ٻھَڙِوِي ڏھِيُ جِي ڳَالھِ ڪَرِيَان ڪيھِي
مَوْلِي جِيْ مُلْڪَ ۾ ڀَسو جَا ڀِيئِي
ٻُوتِ اَکھِيُون ٻِيئِي کُڇھُ ڪَنھِين سَان ڪِي نَہ ڪِي ؞

١٧

رَءُ نَہ ڪِجِي رَنَ ذَاتِ سَان جِي جِيلَا ڪَرِي هَزَارَ
ڪَامِنَ ڪُوڙَنِ وَتِ آھِنِ ٻھَتِين ٻھَتِين تَارَ
اَوّلِ ٻَنڌِھَائِنِ مُڙِسَ کھي پوءِ ڦھَاسَائِنِ يَارَ
آھِ مَاتھِ ٻھَلِي موڇَارَ اَصْلُ اِھَڙِيَ ذَاتِ کھَان ؞

١٨

ڏَھَنِ وِيرِنِ وِچَ ۾ آيو آھِ اِنْسَانُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پِھريون وِيري پاڻھن جو آھِ نَفسُ نِجس نادانُ
ٻيو وِيري تنھن سين شامِلُ آھِ شَيطانُ
ٽِيون وِيري وِترو آھِ مُحَبَت زالَ زِيانُ
چوٿون وِيري تھا چَوَنِ ٻيٺو ٻي فَرمانُ
پَنجون وِيري پيٽُ آھِ جو نِتُ نِتُ کُھري نانُ
ڇھون وِيري اُنَ آھِ لَڳِ پاڻي پَريشانُ
سَتون وِيري شھوَتَ آھِ جَنھن ڪيا ھَزارين حيرانُ
اَٺون وِيري آڪِرو آھِ تَڪَبُرُ ۽ طُولانُ
نائون وِيري نِنڊَرَ آھِ جو غفلت جو ڪُڌرانُ
ڏھون وِيري ڏمرُ آھِ جِھلُ وَڏو جولانُ
اِنھين ڏھني وِيرنِ وِچَ مان جو ڪھتي جَنڪِ جُوانُ
آن سِرُ ڪَريان ڪُلبانُ تنھن سُورِھَ تان ساھُو چوي ٭

## وائِي

آئون ڪِينئَ سِجھَ وِڇھايان جيڏيُون جي جانان تہ مُون نالِ نہ نِيندا
آ، پُنھَلَ تُون وَنج مَہ پَري پاڻ ڳجي مين تھي پايان
جيڏيُون جي جانان تہ مُون نالِ نہ نِيندا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۵۰۳

رَاتِيان ڏِينهَان ڀَنْهن جي ڀِرَ لَڳِ ڪوڙِين ڪانْگ اُڏايان
ڇيڏِيُون جي ڄانَان تَہ مُون نَالِ نَہ نِينْدَا
مُون سِين مِڙِي هَلو سَرْتِيُون پرِيَنِ کهي پَرْچَايَان
ڇيڏِيُون جي ڄانَان تَہ مُون نَالِ نَہ نِينْدَا
ڪَارَنِ ڪَانْڌهَ ڪوهِيَارِي جي وَنِ وَنِ تهِي وَاجهَايَان
ڇيڏِيُون جي ڄانَان تَہ مُون نَالِ نَہ نِينْدَا
اَچِي مِلَنْدَمِ عَبْدُ اللطِيف ڇَٽِي آسَ اُمِيدَ نَہ لَاهِيَان
ڇيڏِيُون جي ڄانَان تَہ مُون نَالِ نَہ نِينْدَا

---



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# مُومَلَ رَاڻو

## فَصْلُ پِهَرِيون

١

شَمَعَ ٻَارِينْدِي شَبَ اَچِي پِرِهَ شَاخُون کَڏهِيُون
مِڙِئِي مَرَان تهِي مَيْدهَرَا رَانَا ڪَارَنِ رَبَ
تُنْهِن جِيَ تَاتِ طَلَبَ تهِي ڪَانْگَ اُڏَايَان ڪَاڪِ تَان ⁘

٢

اُبهِي اُبهَارِيَامِ نَکهَٽرَ سَبهِ نِڪِي وِيَا
هِڪُ مَيِنڌو مَيْدهَرو سَڄِي رَاتِ سَارِيَامِ
ڪُونڙهَا ڪَلِ ڪَاڙِيَامِ سُورِجَ شَاخُون ڪَڏهِيُون ⁘

٣

ڏِيَا ٻيلَ پهُليلَ جَا ٻَارِيَمِ تَائِين ٻَانْگَ
ڏهولِئڙو ڏهَٽَ رَهَائِيو ڪَنْهِن سَٿَانِي سَانْگَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چاڪِي تي چَڙهي آءُ تُون لَالَ وَرَاڻي لَانْکَ
کوڙين ڀهَتين ڪانْکَ اُڏَايَامِ اَچِجِ تُون ٭

۴

وَتِ سوڍِينْدي وَلَهَا وِڻو تيل ٻَرِي
موٽُ مُسَافِرَ سُپِرين چَاڪِي تي چَڙهي
رَاڻي کَانِ رَڙِي وِيئِي وِهَامِي رَاتَڙِي ٭

٥

کَتِنِ کَرَ موڙِيَا تِريڙُو اُبهَا ترِيئِي
رَاڻو رَاتِ نـَ آئِيو ويلهَ ٽَرِي وِيئِي
ڪُهِڙ سَا کَارِي رَاتَڙِي جَا پِرِيَنِ ري پيئِي
مُون کهي ڏُکُ ڏِيئِي ڏهوڙِلئو ڏهَتِ قَرَارِئو ٭

٦

سوڍِي ري سَرْتِيُون پِئو ٻهتنِ مين ٻهَنْکُ
اُٻَاٽِجِي اَجُ وِٺو رَانَا تو رِيَ رَنْکُ
هِنئي سين هَانجو کَرِي پِئو اوسِيڙي اَنْکُ
مُون تُوڙِي سين سَنْکُ پُڇهَائِيو پُڇهَانِ پَهِي ٭

٧

ڏهَاڙِي کهَنَا اَچِنِ مُون سوڍِهي وِنَکَسِئو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## مُومَلَ رَاڻو ۱

ڪا جَا لَاڻِي مَينْڌَهِري لَالِي ڪهِي لِنڪَنِ ٥٠٦
رَاڻو اَکهَڙِيَنِ وِسَارِيَان نَہ وِسِرِي ○

٨

رَاڻو ڪَا رَاتِ وِڻو ڳُجهِي ڳَالھِہ ڪَرِي
سوڍهِي بِڪِرِ سَرْتِيُون هَڌِ نَہ سَاهَہ سَرِي
وَنجِي مَانَ وَرِي آسَائِتِي آهِيَان ○

٩

سوڍهِي سُتِي لڙءِ ڪَا جَا مُون سِين ڳَالھِہ ڪِي
سَا جِي پَڌهَرِ پَوءِ تَہ سَرْتِي سُمَهِي ڪَا نَہ ڪَا ○

١٠

رَانَا تُنْهِن جِي رَاهَہ تهِي ڏِينْهَاڙِي ڏِيکهَان
رَانِي جِي رِهَانِ جُون رُوحَ اَنْدَرِ رِيکهَان
مُحَبَّتَ جُون مِيکهَان تو سِين لَالَ لِپيتِيُون ○

١١

آءِ رَانَا رَاحَتَ ڌهَانءَ ڌهَرْتِيَ جَا ڌهَنِي
سِکَنِ تهِيُون سُهَاڳَ کهِي سوڍهَا تُنْهِن جِيَ سَنهَہ
مُون تَان لَاهِ مَ هَتهَہ ڪَامِلَ ڌهَنِي ڪَاڪِ جَا ○



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٢

رَاڻي رِيبَارو تو ڏَهُنَ مُڪو تِڪِڙو
لوڌرَاڻيا لَطِيفُ چي ڪِي مَاڻِجِ موچَارو
صُبحِ سوَارو ڪاڪِ ڪَرِيندو ڪَرهو ٭

١٣

رَاڻو رَبُّ رَاضِي ڪَرِي مَانَ وَرَائِي وَاڪَ
چَنڊَنَ سِينَ چِڪَ ڪَرِي مُومَلَ لِنبِي مَاڪَ
سوڊِهي جي سُهَاڪَ ڏَهَتُ مِڙِيئِي ڏَهَڪِئو ٭

وَائِي

مَيو تُون موٽَاء مُون رُوئَندي رَاتِ وِهَاء
سَائِنئَ ڪَارَڻِ سُپِرين مَيو تُون موٽَاء
ڪهَرَ مُهَارَا ڪهوڙيا سُرهَا مُون نَہ سُهَاء
سَائِنئَ ڪَارَڻِ سُپِرين مَيو تُون موٽَاء
ڪَاڪِيَان وَنجُ مَ ڪيڏَهِين رَانَا تو نَہ رِهَاء
سَائِنئَ ڪَارَڻِ سُپِرين مَيو تُون موٽَاء
سَتِهَمِ سَاهيڙِنِ جَا طَعنَا توهِي لَاء



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## مُومَلَ رَانُو ٦

۵۰۸ سَائِنئِ ڳَارَنِ سُپِرِين مَيڙِ تُون مڙُنَاءِ
سوڍَهَا سُکِهيَانِي تِهيَان اَڇِي پِيرَ پَڙِچِي پَاءِ
سَائِنئِ ڳَارَنِ سُپِرِين مَيڙِ تُون مڙُنَاءِ
آسَائِتِيَ کِهي عَبْدُ اللَّطِيفُ چَئِي مَوْلَا مُحِبُّ مِلَاءِ
سَائِنئِ ڳَارَنِ سُپِرِين مَيڙِ تُون مڙُنَاءِ ⁘

## فَصُلُ ٻِئُو

١

جِهَڙَا گُلَ گُلَابَ جَا تِهَڙَا مَتِهِنَ وِيسَ
چَڙتَا ٻِيلَ چَنْبِيلِيَا هَاهَا هُو هَنْبِيسَ
ٻَسو سُونْهَ سَيِّدُ چَوِي ٻِينْهَ اَچِنِ ٻِيسَ
لَالَنَ جِي لِبِيسَ آتَنِ اَنْگِنِ نَہ اُجِهي ⁘

٢

جِهَڙَا پَانَنِ پَنَ تِهَڙِيُون سَالُون مَتِهِنَ سَائِيُون
مَڙِهيَا کِهَنُو مُشْکَ سِين چَڙتَا سَان چَنْدَنَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سونْهَنِ رُپِي سوَنَ ۾ين سَنْدَا ڳامِنِ ڳَنَ
ڪِيَائِين لَالَ لَطِيفُ چَئِي وَڏَا وِيسَ وَرَنَ
مَنْجهِ مُرْڪِي مَنَ سوڍَهِي ۾ين سَنْڪُ ڪَرِي ⁘

۳

سوَنَ وَرَنِيُون سوڍَهِيُون رُپِي رَانْدِيُون ڪَنِ
اَڪَرَ اوطَاقُنِ ۾ين ڪَهَتهورِيُون ڪهَڻُنِ
اوتِيَائُون عَنْبِيرَ جَا مَتهِي طَاقَ تَڙَنِ
ٻَاتَنِ ٻيلهُون ٻَدهِيُون ٻَسِي سُونْهَ سَنْدِيَنِ
تهِيَا لَاهُوتِي لَطِيفُ چَئِي ٻَسَنَ لَءِ ٻرِيَنِ
اِجهِي تهَا اَچَنِ ڪَاڪِ ڪَڪورِيَا ڪَاپَڙي ⁘

۴

هوءِ جِي ڪَاڪِ ڪَڪورِيَا ڪَاپَڙِي تَنِ لَهِي نہ لَالِي
کهَرِي کهِيبَ خَمَارِيَا مَءِ پِي مَوَالِي
ڪَرِي حَاصُلُ هَلْيَا ڪَيْفِيَتَ ڪَمَالِي
وَتَنِ وِصَالِي لوڏَرَانِيَا لودهِي تهِيَا ⁘

۵

لوڏَرَانِيَا لودهِي تهِيَا وَتَنِ مَنْجهِ وِصَالَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اَڄُ اَرُتو اَکِهيِن ڪَاڪِ پِيتَائُون ڪَالهہ
وِيٺِي وِيچَارَنِ وِسِري صُبحَ جِي سَنْڀَهَالَ
پَرِي ڪَهَان پَاسِي تَهِيَا مَامُوئِنِ مِثَالَ
جَانِبَ جِي جَمَالَ رَنْگِي پَسُ رِيٽو ڪِيَا ⁘

۶

رَچِي جِي رِيتو تَهِيَا ڪِي نَہ اُبَاتِّجَنِ اوءِ
ڪُهُنبُهہ نَہ ڪَهَارِي تَنْهن کِهي جو هَالاَرِي هوءِ
توڙِي ڌهوبِي ڌهوءِ تَہ پِہ لاَلِي تَنْهن نَہ لَهِي ⁘

۷

جَنْهن تَڙِ دَوْڙِي ڌهونِ ڇُوا چَنْدَنَ چِڪَ ڪِٿو
اَچَنِ ڀهَونَرَ ڀهَنْڀهورِيَا پَانِي تَنْهِين پُونِ
رَاوَلَ رَتو رُونِ ڪو وَهُہ لَگو وَاسِئِين ⁘

۸

چَنْدَنَ سِين چِڪَ ڪَرِي رَانْيَائِين رَانِ کِهي
هَانِي اُنْهِين ڀهِينِئِين وِرهُہ وَرَاڪَا ڏِي
سوڏهو سُنجَ ڪَرِي مُومَلَ مَانِي هَلِئو ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٩

رُوءِ راڻي جي ناهِ ڪو سُوڌو سَوائِي
لوڌراڻِيءَ لَطيف چئي لاڳي تَنهِن لائِي
ڪانهي ڀِي وائِي تهڙو مِڙيئي مينڌرو ٭

١٠

رُوءِ راڻي جي ناهِ ڪو سوڌو سَڀهِني سُونهَن
لاتهائِين لَطيف چئي مَتهان دِلِ ڏُونهَن
ڪانهي ڀِي وِرُونهَن تهڙو مِڙيئي مينڌرو ٭

١١

رُوءِ راڻي جي ناهِ ڪو سوڌا ڀِنا سُڄاڻ
نِسوريئي نينهن جي ڪَشياڻُون ڪمان
ڇَڏي وِيا ڇهوڙَ مين ڏَعواڻُون ڏِيوان
ڀِي رَهيائِي ڪا نَه تهڙو مِڙيئي مينڌرو ٭

١٢

ڪاڪِ ڇَڏِياڻُون ڪُنڊَ تي پاڻان وِيا پَري
تَنِ ڪهي ناتَرِ ڪوڙهُه ڪري جي لوڌراڻِيان لَنگهي ويا ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٣

جَان جَان نَاهِ نَصِيبَ ۾ مُومَلَ مَينڌَهرو
پَوَنْڌُء جِمَ پَاڻون وَرِين مَنْجهَان پِرْتِ پَرو
رَاڻي لَاء مَ رو ويهُ تَہ سِکْهو وَاڳين ⁘

١٤

مُومَلَ نَہ آهي مَينڌَهرو جَان مَنْجهِ نَصِيبَ
مُون کهي مُون حَبِيبَ طَعْنوئِي تُنْهن جو ⁘

١٥

آنئُون طَعْنِي سوڌهِي تُنْهِن جي تُون طَعْنوئِي مُون
سو کِي سَرِئوسُون جو سَرْتِيَ کَنْهِن نَہ سَرِئو ⁘

١٦

سُنِي طَعْنو تُنْهِن جو حَالُ وِڃَايمِ حَقُّ
لَکهين لوڌهِي آئِيَا سوڌهي لَاتهُمِ شَکُّ
ڏِنُمِ کَاکِ کَهَکُ سِکهو موٽِجِ سُپِرِين ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وَائِي

ٻيٺِي ٻيٺِي ڏِيج پَانْڌِيءِ پِرِنءَ سَنيهو
ڪَالهَ ڪُومَانَا ڪُلَڙَا سُڪَا مَتهي سِج
پَانْڌِيءِ پِرِنءَ سَنيهو
تو لِءِ هَنْجُهون هَارِيَان هي جي مَنْجهَان هِج
پَانْڌِيءِ پِرِنءَ سَنيهو
جِنءَ آن ٻهيرو نہ ڪِئو تِنءَ مُون مُٺِي سُنِج
پَانْڌِيءِ پِرِنءَ سَنيهو
نِمَاڻِيءَ جي نِجهِري پيهِي تُون پُڇهِج
پَانْڌِيءِ پِرِنءَ سَنيهو
اَوْکِهِي عَبْدُ ٱلّطِيفُ چَئِي آچِي آدهَر ڏِج
پَانْڌِيءِ پِرِنءَ سَنيهو ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## فَصلُ ٽِيون

۱

رَاڻي جي رِهَاڻِ، مَان ڪو آديسي آيو
چوڏهِينءَ چَنڊَ جان ڪِيو سَامِهَ سَهَائو
لَٿو اُونداهو جوڳِيَ سَندي جوت سَان ○

۲

رَاڻي جي رِهَاڻِ، مَان ڪو آيو آديسي
تَنهن ڪهَتُورِيَ سَان وِلاتَ سَبهَ وَاسي
سوڍهو سَناسي اُتاهُون تهِي آئِيو ○

۳

ڪَالهَ ڪَڏِئوسُون ڪَاپڙي جهَڙو مَاهَ مُنيرُ
فَيضُ فِراقُ فَقيرُ جوڳي جَاڳَائي وِئو ○

۴

ڪَالهَ ڪَڏِئوسُون ڪَاپڙي بَابُو بِيکهَارِي
سَامِهَ سِيلهو سِرَ تي مَالهَا مُوچَارِي
ڏِيئي ڏيکهَارِي پهَتي دِلِ فَقيرُ وِئو ○



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٥

ڪَنهه ڪَڍِئُوسُون ڪاپَڙِي، پَهَرُ سَچَ ڪهَان پُوءِ
پَسْيو سُونْهَه سامِيَ جِي رَتَ وَرِنو رُوءِ
جو مُنْهُ مُومَلَ جِي پُوءِ مُڙِئَنُ تَنْهِين مَسَ تهِئِي ٭

٦

ڪَالهَ ڪَڍِئُوسُون ڪاپَڙِي بَابُو بَانَ بهَرِي
سَائِي سَالَ ڪُلهَنِ مِين سَامِيَ سُوَنَ سَرِي
خَبَرَ ڏِنُون ڪهَرِي ڪا مُومَلَ جِي مَجازَ جِي ٭

٧

ڪَالهَ ڪَڍِئُوسُون ڪاپَڙِي بَابُو رَنْگِ ڀَڀُوتُ
سَرِئُوسُون سُڪُوتُ جوڳِيَ سَنْدِي ذَاتِ ڪهَان ٭

٨

بِيڪهَارِيَ ڪهِي بَرَّ مِين وِئو ڪهِيپُ چَڙهِي
ڪَالهِيُون ڪَنْدِي ڪَاڪِ جُون ڪُوڙهَا پِيَسِ ڪَڙِي
ڪَا جَا اَنْڪُهَ اَڙِي جِنِئَ چهُٽَا پهَتَ چهُڙِي پِئَا ٭

٩

سَچَ صُبَانِي جَا ڪَرِي سَامِيَ سَائِي رُوءِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اَچي تهِي عَطُرَ جِي مَنْجهَان مُنْکَت بو،
سَا ڏيکهَارِئُون جُوءِ جِنَّان لَاهُوتِي لَالُ تهِئو ⋄

١٠

سَجُ صُبَانِي جَا کَرِي سَامِيَ سَا وَنِکَ
سَهِي نَه سَکهَان سَاعَتَ کَا تَنْهِن جِي رَاسِنِ جِي رَوْنَق
کِي رَتِيَ لَاکهَ مِين کِي ڏِنِيَ پَانَنِ پِکَ
مُون سوڍهَلِ جِي سِکَ کَپَرَ کوڙين جهَلِئو ⋄

١١

جوڳِيَ جَاڳَائِي مَارِي وِدهو مَامِرِي
لَنوُن لوڏَائِي کَنْدهِيئين اَمَئِي آهِي
وَنجو جِي کَاهِي نَه تِکُون پِسو نِينْهَه جُون ⋄

١٢

جوڳِيَ تِي جَرَّاءِ نِسوُرُوئِي نِينْهَه جو
پَتَنْگَ جِنِيَّ پَيْدَا تهِئو سَامِي سَجَ وَرِنَاءِ
آيو کَاکِ تَرَّاءِ کُنْوَارِنِ کَکوڙِئو ⋄

١٣

آءِ لَانگوڙِيَا لَالَ کَنْهِن پَرِ ڏِتهِيَ کَجَرِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آبَ اَرَتُو اَکهِيُين لُڙِکَ وَهَائِين لَالَ
ڏِتَهَيُ جي جَمَالَ سِي سَامِي کوڙهُ نَ سَلِئِين ✧

١٤

ڳُجَرِ کهي ڳَنڀيرَ جُون آهِنِ تَارَنِ مِين تَبَرُون
هَنِي تهِي حَاکِمَنِ کهِي زورَ مَنجهَان زَبَرُون
کَاکِ مَتهِي تَبَرُون پَسو پَرَڏيهِنِ جُون ✧

١٥

ڳُجَرِ کَارُوڙِنِ اَچِئو اوڏِي اُبهِي
مَتهَان پيئِي تَنِ بَدهَا بَانَ هَنَنِ جي ✧

١٦

ڳُجَرِ کهَنَا کهَائِيَا پَانَان جهَلِيَائِين کهَاءُ
مَيڌهَرِي هَتهَاءُ لَڳُسِ کَانُ کَپَارَ مِين ✧

١٧

مُومَلَ کهِي مَجَازَ جَا اکهِنِ مِين اَلمَاسَ
نَ کي عَامَ نَ خَاصَ جي وِيَا سِي وَڌهِيَا ✧

١٨

مُومَلَ کهِي مَجَازَ جَا اَکهِنِ مِين اَنبُورَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٨ه

هُنِي تِهِي حَاڪِمَن کِهِي پَٽِ نِهَارِئو پُورَ
ڪهوٽَ پِهِرِئَي ڪُهُورَ جِي وِيَا سِي وَڍِهِيَا ❊

١٩

مُومَلَ مَارِي مِيرَ آهِيڙَنِ کِهِي آڪِرِي
سوڍِهِيَ ڪِهَنَا سَنڱَائِيَا پَڙهِيَا پَنڊِتَ پِيرَ
هُنِي تَنهِين کِهِي تِيرَ مَنِيُون جَن مَتهَنِ مِين ❊

٢٠

اَڄَان بِهِيرو هيڪَڙو پَسِبِي مُومَلَ
وَتِهِي وِينڍء پَانَ سِين ڏِينڍء نَہ مڙڪَلَ
وِيهُنِ تِهِي وَڃَائِيَا تَانَنِ سَانُ طَبَلَ
جَنِ ڪَلَنڪِيُون هُيُون مِين ڪَلَ سِي وِيَا ڪَنبَنڊَا ڪَاڪِ ڏِي ❊

٢١

چَڙهِيَا چَارَئِي يَارَ سوڍَهَا شِڪَارِي
پِهِڪِرَ سَانُ پِهِتِي ڪِي سوڍِهِي سوپَارِي
وِيَا ڪَاهِينڍَا ڪَاڪِ ڏِي جِتِ مُومَلَ موچَارِي
موٽِيَا نَہ مَارِي ڪُونرَ لَتَاڙِي ڪَاڪِ جَا ❊

۴

جَا پَرِ پيرين مُون سَا پَرِ مَتهي سَجَڻين
لِڱَ لَڱبَا ڌُوڙِ مين اُبهي ڏِٺهَاسُون
ڏِينهَ مِڙيئي ڏُون اُتهِي لوچِ لَطِيفُ چَئي ؎

۵

لَڌِئو لَطِيفَنِ پَلاَئي پَنڌهِ پِئا
هَٿهَان حَبِيبَنِ ڪَڍِهن ڪو نَہ ڏُکهوئِيو ؎

۶

رُسُ مَہ رُسَنُ کهوڙِئو اُتهُہ اوڙَاهُون آنِ
ليڙِي جو لَطِيفُ چَوي تَنْڪُ سَوَارو تَانِ
شَرْمَنْدِيُون سَبهين پَرين پُٺهِيَ لاَئِجِ پَانَ
اَچِي مُشْڪَ مَانِ تَہ سوڍَهَا سُکهِيَانِي تهِيَان ؎

۷

رُسُ مَہ رُسَنُ کهوڙِئو اُتهُہ اوڙَاهُون چهوڙِ
تو رِيَ ڪَاڪِ ڪَڙِي تهِي سَانُ سِرْکهَنْڊَرَ سوڙِ
اَچِي چَنْدَنُ چوڙ تَہ سوڍَهَا سُکهِيَانِي تهيَان ؎



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۸

رُسُ مَ رُسَنُ کھوڙِئو پَرْچُ مَ وَنُ پِري
مارِيَسِ پِھَٽَ فِراقَ جي جُوتُھِ جي ذَرّي
لالَنَ جو لَطِيفُ چَئي سُونْھائِي سَري
آيَسِ تو ڳَرِي تَہ سوڌا سُکِھيانِي تِھيان ⁘

۹

رُسُ مَ رُسَنُ کھوڙِئو رانا ڇَھَڏِ رِياءُ
مِيتِ مَنْڌايُون موٽُ تُون ڪَري نِرْتِ نِياءُ
لالَنَ جو لَطِيفُ چَئي ڪُونْھِي سُونْھَ سِياءُ
اَوڳُنَ ڏھڪي آءُ تَہ سوڌا سُکِھيانِي تِھيان ⁘

۱۰

رُسُ مَ رُسَنُ کھوڙِئو ڇَھَڏِ رانا رِيڏائِي
مُنْھِن جي مِيتِ مَيْڏھرا عاقِلَ اَکِلائِي
لِپيتِ تُون لَطِيفُ چَئي ڪامِلَ ڪِچائِي
ڪَرِ مُعافُ مَنْڌائِي تَہ سوڌا سُکِھيانِي تِھيان ⁘

۱۱

ڪاڪِ ڪَڙھِي وَنَ وِيا جَلِي مُنْھِن جي جانِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رِڙهي کَامَ کِهِسْڪِئُو مَارِيَسِ تَنْهِن کُمَانَ
هَڏِ نَہ جِيَان هَانِ سِکهو مُوتِجِ سُپِرِين ٭

۱۲

ڪَاڪِ ڪَڙهِي وَنَ وِيَا ٻَرِيَا مَحَلَّ مَاڙِ
سُوڌهي جي سَرِتِيُون وِڌهِيَسِ وَهَہ وِيرَاڙِ
سُورَنِ لَاَيَا سَانْگَ سِکهو مُوتِجِ سُپِرِين ٭

۱۳

ڪَاڪِ ڪَڙهِي وَنَ وِيَا ٻَرِيَا رَنْگِ رَتُولَ
تو پُنْجَانَان سُپِرِين هِنْڙي اَچَنِ هَوْلَ
جي مُون سِين ڪَيَئِ قَوْلَ سي سِکهَا پَاڙِج سُپِرِين ٭

۱۴

ڪَاڪِ ڪَڙهِي وَنَ وِيَا لُوڙهو لوڙَانو
تو پُنْجَانَان سُپِرِين آتَنُ اُجهَانو
مُئِنِ سَان مَانو تو نَہ مُنَاسِبُ مَيْدهَرَا ٭

۱٥

ڪَاڪِ نَہ جهَلِيَا ڪَاپَڙِي مُوهِيَا نَہ مَحَلَّنِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻانهن ۾ ٻانهن جي ٻنڌڻ ڪي نه ٻجهن
لکين لاهوتين اهڙيون اوري ڇڏيون ٭

۱۶

اهڙيون اوري ڇڏي ويا لاهوتي لکهه
پايو پٽن ويٺيون ڪاڪ ڌڻيانيون ڪکهه
پيئي ايئ پرکهه نه سوڍيون سڀاڻي هليا ٭

۱۷

ڪاڪ نه جهليا ڪاپڙي موهيا ڪنهين نه مال
سوڍيون سڀاڻي هليا اهڙا جنهين حال
جي جهورن ڏنا جهال نه ٻهه لاهوتي لکهي ويا ٭

وائي

تان تون وٺ سنڀي ساٿي ميان ڪاڪ هليو ڪڍين
لکين لوڏراڻي مري منهي وات ويا تهي
ساٿي ميان ڪاڪ هليو ڪڍين
جنهن کهان ٻجهان سو چوي آيو ڪو نه اڻان تهي
ساٿي ميان ڪاڪ هليو ڪڍين

ا ڀ

ڪوٽِهانُو ڪَرِيمَ جو آيو ڀِهي پَريَان تهي
سَاتهِي مِيَان ڪاڪِ هَلِيو ڪَڍِهين
اَدِيُون عَبْدُ اللّطِيف چَئي پِريَنِ پَاسِ پُرَان تهي
سَاتهِي مِيَان ڪاڪِ هَلِيو ڪَڍِهين ۰

---

## فَصُلُ پَنْجُون.

١

نَه وَارِثُ نَه وَلَهو نَه سَنْگُ نَه سِيَاڪو
تو پُنجَانَان سِپِرين آيمِ اوَلاَڪو
پَانْدِهِئَا پَارَاپو ڏِجا ڏَهَاتِي ڏهول کهي ۰

٢

ڏِجا ڏَهَاتِي ڏهول کهي سِنبِهو سَارِ
مُون کهي پهَتُ فِرَاق جو مَيْدهَرا مَارِي
اُچِين جي وَارِي کَرَهو کَمِينَي ڏي ڪَرِي ۰

٣

تُون کَرَهو کَمِينَي ڏي سوڏهَا وَارِ سَجَان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

كوُهُ كَرِيَان مُون كَاكِ کَهِي تَنَ تَوَنِّي ڏي تَانَ
لَاهي غَيرُ کُمانَ اَنْکَنِ آءَ اُکَنْڍِيَنِ جي ٭

٤

اَنْکَنِ آءَ اُکَنْڍِيَنِ جي پُرْچِي پِيَارَا
پَلَکَ پَرَاهُون نَه سَهَان چِيئَ جَا جِيَارَا
نِينْهَ جَا نَظَارَا سَنجِ تَه مُون سُورُ لَهِي ٭

٥

سَنجِ تَه مُون سُورُ لَهِي اَکِهيُون بهَرِي بَاجهَ
رَانِي جي رِهَانِ کهِي وِيٺهِي وِجهَان وَاجهَ
سوڍهَا لَهِي سَاجهَ پَسْ تو شَکِي تَکِيَا ٭

٦

پَسُ تو شَکِي تَکِيَا وِيهِي وِچهَانَا
پَسْيو پَرْچِي هِنئو حَبِيبَنِ هَانَا
هِکُ ڏکها ڏاڏَانَا ٻِئو مُزِتُئو نَه مَيْدهَرو ٭

٧

کَرِي مَوتَ مَيْدهَرو جي لوڌَرَانِيَان لَالُ
کهَرُ سَجُوٺِي کهوزِيَان هَنڌهُ پَنْهِن جو حَالُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رَاڻي دهَارَان رَاڄَ ۾ مُون نہ ڪهُرْڄي مَالُ
سوڍهي کهي سُوَالُ ڪَرِيَان تهِي قُرْبَ جو ◊

٨

سوڍهَا سُورَ سِجهَائِيُون اَکهِيُون آبُ نہ ڪَنِ
رَاڻي جي رِهَاڻِ کهي وِرُونِيُون وَنجَنِ
سي ڪِينئَ مَچَنِ جي تو سوڍهَا سُورِيَ چَاڙهِيُون ◊

٩

مُومَلَ وِيتهِي مَيْدهَرَا سَدَائِي سَارِي
وَلِيُون جي وَاسَ وَنَنْدِيُون چَانْگِي کهي چَارِي
جَڏِهن تَڏِهن سُپرِين اِينْدُمِ اوْتَارِي
سوڍهي سِين سَارِي ڳَالهِيُون ڪَنْدِيَسِ مُجهَ جُون ◊

١٠

سوڍهَا تُنْهِن جي سُورَ اَنْدَرِ اَنْگهُون لَاٿِيُون
رَانَا رِهَاڻِنِ جَا تهَا مَارِنْمُون مَذْڪُورَ
طَعْنَا ڏِنَنْسُون تُورَ اَڄُ تہ پَرْچُون پَانَ ۾ ◊

١١

مُون کهَرِ اَچين جي تهِي مَيْدهَرَا مِهْمَانُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آئي جهوڪِيَان آڳِ مين ڄيري وِڃهي جَانُ
تَائِي تَنُورَنِ مين پِيرين هَنَان پَانُ
پيڪَنِ سُودهو پَانُ گهَرُ تَڙُ کهوڙِيَان پِرَ تَان ⁘

١٢

اَڄُ نَ ڳالهائُونَ هُونِ ڏِينهَاڙِي نِجهِرِي
پَسُو جو پُهُ پِٿُونَ آتَنُ سُنجو اُنِ رِي ⁘

١٣

اَڄُ نَ پَسَان سي آتَنِ ڪَتِيُمِ جَنِ سَان
هَانِي تَنهين کهي ڪَنْڌهِيَ ڪَاڪِ نِهَارِيَان ⁘

١٤

تُون ڏهَاٽِي ڏهَتَ دهَنِي ڏهَاٽِي تُنْهِن جو ڏهَتُ
پَاڻِي تَرَاجِيَ تورِيَان مُلْڪُ نَ تُنْهِن جو مَٽُ
لَاهِي ڪَسَرَ ڪَٽُ اَچِي کهوڙِ ڦَنَاتُون ڪَاڪِ مين ⁘

١٥

کهوڙِ ڦَنَاتُون ڪَاڪِ مين رَانَا وِيهُ رَهِي
مَاڙهُون جي مَحَلَّنِ جَا سُوڏهَا ڪَرِ سَهِي
وِينْدِيَ ڳَالهِ وَهِي وِکِرِ پَوَنْدِين وَلَهَا ⁘


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٦

آکهُون ڏرَاکهُون سِرکهَنڌرَ شَاخُون جِتِ جَوکهَا چَنڊَنَ کَوَنرَ
مَٿي سِي مَانِيَا جِتي ٻِهرَنِ تهَا ٻهَوَنرَ
کُنوَارِيُون ۽ کَوَنرَ کَاهِ نَہ پَسُون کَاکِ جَا ۽

١٧

هَلو هَلو کَاکِ تَڙِين جِتي نِينهَن اُڇهَلَ
نَہ کَا جهَلَ نَہ پَلَ سَبهُکو پَسي پِرِنءَ کهي ۽

١٨

هَلو هَلو کَاکِ تَڙِين جِتي کهَڙڇي نِينهُن
نَہ کَا رَاتِ نَہ ڏِينهُن سَبهُکو پَسي پِرِنءَ کهي ۽

١٩

هَلو هَلو کَاکِ تَڙِين چَڙهَا جِتِ چَڙهَنِ
کوَڙِين رَنگَ رَچَنِ پَارِوڙِيَ پِکَ سِين ۽

## وَائِي

کِي جو کَاکِ تَرَاءِ چَانگي چَرَهو چَکهِٿو
کَرَهو سَرَهو ڏِينهَن مِين نَہ تَنهِن ڏَرَپُ نَہ ڏَرَاءِ
چَانگي چَرَهو چَکهِٿو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مُومَلَ رَانو ٩

ساهُ پرائي آئيو لَالِي لوڏرانِيَا،
چانگي چَرَهو چکهِڻو
کَرَهي ڪَانيٺها رَتا نَاٿين نَاڪيلا
چانگي چَرَهو چکهِڻو
وَڪ واسِيَائِين پَانهن جو سَبهوئِي سُرَهِيَا
چانگي چَرَهو چکهِڻو
تُون ڏَهاتِي ڏهت دهَنِي تُون رَانو تُون رَاءِ
چانگي چَرَهو چکهِڻو
مُومَلَ موتِهاجُون ڪَرِي عَاجِزِيُون اڪِيَا،
چانگي چَرَهو چکهِڻو
آءِ تُون عَبدُ اللَّطِيف چَئِي موتِي هِنِ مَحَلَا
چانگي چَرَهو چکهِڻو ⁘

---

فَصُلُ چـهَـهُون

١

ڪِي نَه سَانگَاهِيمِ سُپِرِين جَاڙُون ڪِيَمِ جي
سوڏَهَا مُون کهي سِي موتِي مُنهَ مِين آئِيُون ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۲

ڪِي نَ سَانڱاهِيُمِ سُپِرِين جَاڙُون ڪِيَمِ جِتِ
سوڍَا مُون کهي تِتِ موٽِي مُنْهَ مِين آئِيُون ◇

۳

مَاتهِ موچَارِي خَبَرَ جِي مُومَلَ مُون مَتِ
صَبْرُ تهِئو سُپَتِ مُنْهن جِي حَقِ مَيْدهَرَا ◇

۴

سوڍَا صَبْرُ تُنْهِن جو مُومَلَ مَتِ تهِئو
تو جو ڪَالهَ ڪِنْو تَنْهن مَنْدِيُون مِيتِي چهَڏِيُون ◇

۵

تو سين بَدهِيَسِ تهِي جِي مُنْهَ مِين مَنْدِيُون نَ ڏِٺِين
ڍولِيَا جِي ڍَڪْيَيِ سِي مَتَان عَيْبَ اُپَٽِٺِين ◇

۶

جِنِءَ مُنْهَ مِين مَنْدِيُون نَ ڏِٺِين تو سين تِئِءَ بَدهِيَاسِ
سوڍَا اِنَ سُهَاڳَ کهي وِيٺهِي وَاجهَايَاسِ
ڍولِي آنئُون ڍَڪِيَاسِ ڏِيٺِي پَانْدُ پَنَاهَ جو ◇



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۷

ڏهوڙِلي ڏَهَڪِي آهِيَان هُيَسِ اُکهَاڙِي
ڏِيٺِي لِکهَ لَاڙِي کَکَرُ کِيَائِمِ کَاکِ جو ٭

۸

ڏهوڙِلي ڏَهَڪِي آهِيَان هُيَسِ اُکهَاڙِي اَکَ
جوڙِي مَنْجهَان جَکَ کَکَرُ کِيَائِمِ کَاک جو ٭

۹

ڏهوڙِلي ڏَهَڪِي آهِيَان هُيَسِ اُکهَاڙِي آنئُون
رَکهِي پَنْهِن جو نَانئُون کَکَرُ کِيَائِمِ کَاکِ جو ٭

۱۰

سوڍَهَا صَبْرُ تُنْهِن جو مَرکُ لَجَائِنِ
چَپَنِ سِين چي چَوَنِ اَدَبُ کَجي اُنِ جو ٭

۱۱

سوڍَهَا صَبْرُ تُنْهِن جو لَجَائِنِ مَرکُ
نَہ کُڇهَنَ سِين نَکُ رِيَ رُکَ رَاتِي وَڍهِئو ٭

۱۲

سوڍَهَا صَبْرُ تُنْهِن جو سَبهنِي سِيکهَارِي
مُومَلَ جي وَارِي کوڙهُ جَانَان کِينئَ تهِئو ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٣

سوڍا صبرُ تُنهِن جو سِيکهارِي سَهَس
پُڇِي منجهان پهسَ مُون کهِي نَصِيبَ نِيٺِي جهَلِئو ⁘

١٤

سوڍا صبرُ تُنهِن جو مارو کهِي مومَل
کُپَرِ منجهان کَلَ پِيَمِ پِرِين تُنهِن جي ⁘

١٥

سوڍا صبرُ تُنهِن جو مُون کهِي نَصِيحَت
رِيلو کَندِيَسِ رَتَ مَيدهَرا تو منهَندا ⁘

١٦

سوڍا صبرُ تُنهِن جو ٻي عَقلَنِ عَقُلُ
آهِي اکَ اَمُلُ ماتهِ تُنهِن جي مَيدهَرا ⁘

١٧

سوڍا صبرُ تُنهِن جو ٻي عَقُلَ آني بازِ
سَندِي صبرَ سازِ توبَه کارِيَمِ تکِڙِي ⁘

١٨

سوڍا شَرمايُون پَسِئو عَيبَ اکِيان
نَکَ نِرجَايُون هُيُون مُنهن جي حَقَّ مين ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۹

مُوتِي آيو مُنْهَ ۾ سوڍَها شَرَمْ جَنِ
سي لَڄَايُون لڄَنِ پَسْيو عَيْبَ اکِيَان ٭

۲۰

اَڍِيُون آتَنوَارِيُون نِرْجَا نَکَ تِهِيَا
وَڌِيَا تَا نَہ وِيَا پَانَان مُوِرِيَا مُنْهَ ۾ ٭

۲۱

مُوِري مُنْهَ وَڏَا تِهِيَا وَڌِيَا تَا نَہ وَڃَنِ
اَڍِيُون اَنَاسِنِ تَنِ کُوجِهنِ کهي کُوهُ کَرِيَان ٭

۲۲

جَنْهِين سَنْڌِي مُنْهَ ۾ سَوِين سَهَسَ نَکَنِ
تَنِئَان وَڌِئُو هيکَڙو تہ کِهَڙو تهورو تَنِ
سي مُرُ سُنڄَائِي سُونْهَنِ بهَلِي بهِيڻَکَ بهَرَمَ جي ٭

## وَائِي

آ، رَانَا رَهُ رَاتِ تُنْهِن جي چَانگَلَ کهي چَنْدَنُ چَارِيَان
رَاتِيَان ڏِينْهَان رُوحَ ۾ تَنَ تُنْهِين جِي تَاتِ
تُنْهِن جي چَانگَلَ کهي چَنْدَنُ چَارِيَان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٥١٣٥
وِيٺهِي نِتُ نِهَارِيَان اَچِين جِي پِرَبهَاتِ
تُنْهِن جِي چَانگَلَ کهِي چَنْدَنُ چَارِيَان
مُون کهِي آهِي مَيْدهَرَا وَائِي تُنْهِن جِي وَاتِ
تُنْهِن جِي چَانگَلَ کهِي چَنْدَنُ چَارِيَان
اَڏِيُون عَبْدُ ٱلّطِيفُ چَئِي ڏَاتَرُ ڏِينْدُمِ ڏَاتِ
تُنْهِن جِي چَانگَلَ کهِي چَنْدَنُ چَارِيَان ⁘

---

## فَصْلُ سَتُون

١

ڏَهَتِ مَ وَنِجِ ڏهوَلَ کَانْيَارِيُون کَاکِ کَرِي
آنئُون اَکَهِين آهِيَان بَدهِي تُنْهِن جِي بوَلَ
توکهِي سَارِي سُپِرِين رُنُئمِ مَنْجهِ رَتوَلَ
هِي تِکَانَا توَلَ وِسَهُ مُون وِهُ تهِيَا ⁘

٢

لوڌَرَانِئَان لَطِيفُ چَئِي کهَٿُون کهَيَائُون



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چهَڏي جِيلا هَلِيا مُومَل مَانِيانُون
ڀهيرو ڀهَگانُون آسَنِ آرامِي تهِيا ⁘ ٥٣٩

٣

ڀهيرو ڀهَڃُ مَ ڪاپَڙي لَاهِي وِيهُه مَ لَاڪَ
تَان مُون هِنئَڙو مَاڪ جَان تُون جَائِي جوءِ مِين ⁘

٤

سوڍهِي سِرُ ڏِنو هِتِ ڪَرَ ڪهَرُ سَکهِئو
رَانِي جِي رِهَانِ کهِي سِکِي سَاهُه ڏِنو
پِسَان ڪو نَه ڀِئو تو رِيَ اکهَڙِيَن سِين ⁘

٥

سوڍهِي مُنهِن جِي سَاهَ سِين جيڏِيُون جِينئَ کِٿو
ڪَڙِي مُون ڪَاکِ تهِي آتَنُ وِسرِئو
پِسَان ڪو نَه ڀِئو تو رِيَ اکهَڙِيَن سِين ⁘

٦

جيڏِيُون مُنهِن جِي جِيئَ سِين رَانِي رِنُ کِٿو
قَلْبُ ڪَاکِ ڪَندهِنِ مِين پُرْزَا تهِي پِئو
ڄُهَان ڀَهَرِ وِٿو هِنئو هَندهِ نَه اڪِئين ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٧

مِيَان مَيْدھَرَا موٽ تُسِي مَرَھِ مَنْدَائِيُون
تُون ڪهَنَ۾ جو ڪهوٽُ مُون وَرَائِي نَہ سَرِي ❊

٨

ڪَرَھَا ڪَارَڻِ ڳَاھَہ تو کهِي ڏهَنِڻِ ڏهَارِڻُو
سَارِي ڏِيجِ سَيِّدُ ڇَڻِي لوڏَرَانِيَ تَان لَاھَہ
مُقَابِلُو مُومَل سِين ٿِيندو سُنْجهِ صُبَاحَ
سوڍهِي جِيئُ صَلَاحَ ڪَوْنَرَ چَرَنْدِين ڪَاڪِ جَا ❊

٩

نَنْڌهو تَان ڪوڙهُ پَرَ وِکهِين آهِي وِتِرو
وَنجِڻُو ڪَاڪِ ڪَنْدهِنِ مِين پَهَسَ پکهِيَ جَان پڙہ
اِنَ کُرَ سَنْڌو ڪوڙہ مَيڙو مَاٿهو نَہ ٿهِڻي ❊

١٠

رَاڻو ڀهَائِين رَانْدِ وَنجِڻُو ڪِينئُ وَتَرَائِيِين
وَرُ وِڏونو اِيَهِين جِينئُ پَرَ پُجِنِيُ پَانْدُ
هَيُ ڀهَڳِي هيڪَانْدهِ سوڍهو سَارِيندِيُنْ ڪهَنو ❊

١١

ڪِيڏَان ڪَاهِيَان ڪَرَھو چَوْڏِسِ چِتَرَانو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## مُومَلَ رانڻو ۷

۵۳۱

مَنْجهيِئي ڪَاڪِ ڪَڪُوري مَنْجهيِئي لوڏَرانڻو

رانڻو ۽ رَانڻو رِيَ رَاڻي پِئُو نَاهِ ڪِئُو ⁘

۱۲

ڪيڏان ڪَاهِيَان ڪَرهو چِترَانڻو چَوْدهَارَ

مَنْجهيِئي ڪَاڪِ ڪَڪُوري مَنْجهيِئي بَاغَ بَهَارَ

ڪَانْهي پِي تَنْوَارَ تهڻو مِڙيِئي مَيْدهَرو ⁘

۱۳

لُوتهِيَسِ لوڏَرَاڻي پَسو جو پِرِنئَ رِي

جيڏيُون جيهَائِي ڪِي رَاتِ رُسِي رَاڻي

هَلِبو هَاڻي وِيرَا ڪَاڪِ وِهِ تهِي ⁘

۱۴

لوُدِهي لَکهَه اَچَنِ رُوءِ رَاڻي جي نَاهِ ڪِئُو

هِڪُ اَکهِيُون پِئَا اَنْگَرَا پَرِ مين تهَا پَچَنِ

سي ڪِنئَ مَيْدهَرَا مَچَنِ جي تو سوڏهَا سُورِيَ چَاڙهِيَا ⁘

۱۵

حَالُ کهوَرِيَان مَالُ کهوَرِيَان کهوَرِيَان لوڏَرانڻو

هِيَ فِدَا تهِي فَقِيرِ جو شَلَ رُسِي نَه رَانڻو

مُنهِنِ سين ٽمانو ڪِي نَه مُنَاسِبُ مَيْدهَرَا ⁘

۵۳۸

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٦

جِي هُوَا ڪوڙِيَا ڪَاڪِ جَا سُتَا سِي سُونْهَنِ
لوڌَرَانِڻَان لَطِيفُ چَئِي لَڏِئو لوڌرَڙِيَنِ
سِي موٽِي مَسَ اَچَنِ جِي آتَنِ آرَامِي تهِيَا ⁘

١٧

تَنِ بَاغِنِئَان بَسِ جِي ڪَنْدهِيَ ڪَاڪِ ڪَڪوڙِيَا
سوڌهِي رِيَ سَرْتِيُون ڪَاڪِ نَ اَچِي ڪَس
رَانِي پَائِي رَسِ تَنُ بِيڙِيَ جَان تَانِئو ⁘

١٨

سَهَسِين جِڻَان سِڪَنِ تِنِئَان مُومَلَ موٽَنْ لِکهِئو
سِي هُوهِين يَارَ جِنَ جِي ڪُوڙِي ڪَاغَذَ آئِيَا ⁘

١٩

وِيتهِي نِتُ نِهَارِيَان رَانَا تُنْهِن جِي رَاهَ
شَلَ موٽَائِي مَاڪَنِ مِين آنِينْدهِ اَللّٰهُ
سوڌهَا تو ڪَنِ سَاهُ نَ تَ رَانَا کهَنَا رَاجَ مِين ⁘

٢٠

جَنْڪَ جِنِئَ تهو چوءِ سوڌهو تِنِئَ نَ سِکهِئو
رَانو تِنِئَ نَ رُوءِ ڪُوڙهو جِنِئَ ڪَلِ ڪِرِي ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢١

جِنيءَ اِينْدِي مُوٽِيِن مَيْدَهَرَا وَڏِي جاڙَ ڪِيَاءِ
وَرِنو نَہ هوءِ وَلَهَا هُونْدَ ڪتري مُون جاڳاءِ
تَہ سُتي جِي سَانجَاهِ سوڍَهَا سِڪهِيَائِي تهِيَان ◊

٢٢

نَنڍَون نِيَاپو آئيو رَاڻي وَڻَان رَاتِ
لَڌِهِيسُون لَطِيفُ چَئِي ڏَاتَرَ ڪَنَا ڏَاتِ
ڪِهَڙِي پُڇهين ذَاتِ جِي آيَا سِي اَکهِيَا ◊

٢٣

ڪَڪورِي ڪَاڪِ وَهِي رَاڻَا ڀهَانِيءَ مَ رَتُ
سوڍَهَا اِيءُ شَرْبَتُ نِسورو نِينهَن جو ◊

## وَائِي

ڪِنيءَ ڪِرِيَان ڪَاڏِي وَڃَان مُون کهِي سوڍهو سَجهُ نَہ ڏِي
اَچِڻو آتَنَ وَارِيُون مُون کهِي طَعْنَا ڏِئنِمِ تِي
مُون کهِي سوڍهو سَجهُ نَہ ڏِي
پَٿَرِ وَارَ وِڇَائِيَان رِڃهِي رَاڻي کهِي
مُون کهِي سوڍهو سَجهُ نَہ ڏِي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

کهَارَايَان کهِيرڙِليُون چَارِيَان چَانگي کهي
مُون کهي سوڙهو سَجهُه نَ ڏِي
رَاڻو رَاتِ رُسِي وِئو کَرَ تهي کُلَ مَتهي
مُون کهي سوڙهو سَجهُه نَ ڏِي
اَدِيُون عَبْدُ اَلّطِيفُ چَئي اِينْدَمِ هوتُ هِتي
مُون کهي سوڙهو سَجهُه نَ ڏِي ٭

---






books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڪَهَاڻڙِي

## فَصْلُ پِهرِيون

١

مُون سِي ڏِٺَا مَاءِ جَنْهِين ڏِٺو پِرِنءَ کهِي
ڪَرِي نـ سَگهَان ڪَا اُنهِين سَنْدِي ڳَالهَڙِي ⁘

٢

مُون سِي ڏِٺَا مَاءِ جَنْهِين ڏِٺو پِرِنءَ کهِي
رَهِي اَڇِي رَاتِڙِي جُنْگَلِ سَنْدِيَ جَاءِ
جَنْهِين جِي سَانجَاهِ تُرَهو تهڻِي تَارِ مِين ⁘

٣

وِيئُون پَبِ پَٽِي کهِيرُون کَهَاهوڙِنِ جُون
آنئُون تَنِ ڏوٽهِنِ جو پُڇهَان پيرُ پَهِي
رُنڃِنِ رَا، رَهِي ڏُونگَرَ جَنْهِين ڏُورِيَا ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٤

پَاران پُڇهي آءِ خَبَرَ ڪهَاهوڙِن جِي
جِنِيءَ جوش ڍِنَائُون جَانِ ڪهي لِڳَائي لوڪَا
ڏوتهِنِ ڪَنهِن ڏُکهَا سُنهِي سُکهُ نَہ مَانِڻو ٭

٥

تُون هَڏِ ڳُجَارِيَاءِ سَنجهي سَاعِتُو نَہ ڪَرِين
سَوَارَا سَنڌَرَ ڪهَنِي ڪهَاهوڙِيءِ وِيَا
آنِيندِين ڪِيَا ڏُتهُ ڏُورَاڻِي ڏِيهَ جو ٭

٦

ڏوتهِي هوءِ ڏِينهَ ڏُونگَرَ هوءِ لَکِيُون
ڪَنهِن جَنهِن لَدهَا نِينهَ جِنِيءَ پِنَا لُوسَنِ لُکهَ مِين ٭

٧

ڏوتهِي سَا ڏورِينِ جَا جُوءِ سُڃِي نَہ ٻُدهِي
پَاسَا مَتهِي پَانهَنِين ڪهَاهوڙِي ڪهوڙِينِ
وِيَا اُتِ وَوڙِينِ جِتِ نِهَايَتَ نَاهِ ڪَا ٭

٨

ڪهَاهوڙِي ڪهِجَنِ پَسِيو پوڙهِيَتَ وِيسِرَا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏوتهيِنِئان ڏورِ وِيا رُڃُنِ جي رَهَنِ
ڪا اَمُلَ آهي تَنِ مُون پِريَانَ جي ڳَالهَڙِي ؞

٩

بَڪُلْيَا ٻهُونَنِ ڌهَڙْڪِي ڳَڏِئو ڌهوڙِ مِين
ڳَالهِيُون ڳَهلِي لوڪَ سِين پَڌهَرِ پَٽِي نَہ ڪَنِ
ڪا اَمُلَ آهي تَنِ مُون پِريَانَ جي ڳَالهَڙِي ؞

١٠

ٿُون وَڃُن وِيهِي آءِ اَنْگَنِ آڏهُوتِنِ جي
جوشَ ڏِنَائُون جِيءَ کِهي لِڳَائِي لوڪَاءِ
ڏوتهِنِ ڪَنْهِن ڏُکهَاءِ سُنْهِي سُکهُ نَہ مَانِئو ؞

١١

ڪِي ڪو کهَاهوڙِي ڇهَپَرَ مِين سَڏُ تهِئو
اَڪِي تهِي سُئِي اُنْهِي سَنْڌِي ڳَالهَڙِي ؞

١٢

ڏُتهُ کهَنَائِي ڪَنِ اِنْهِي اوڙَاهِين ڏِيهَ جو
سَنْڌَا کهَاهوڙَنِ ٻَرِي سُڃَنِ پِيچِرَا ؞



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٣

جي ڪو ڏُٺهُ ڪَري تہ ڏُونگرِ ڏورنُ ڏاکهڙا
ڇهپَرُ ڪَنهن نہ ڏي سُکهَڻُون سُتَنِ کهي ۞

١٤

مُون ڪهَاهوڙِي لَکهيا ڪهَڙِي نہ ڪهَارِينِ
وَاحِدَ لَڳِ وِلهَنِ مِين رويو جَرُ هَارِينِ
ڪُونڊَرِ ڪُڌَارِينِ جي ڏوتهِي ڏُکهَ ڳَڏُ تهِيا ۞

١٥

مُون ڪهَاهوڙِي لَکهيا وِيهي وِيرَمَ نہ ڪَنِ
ڏِينهَ تَتي مِين ڏُونگرِين ڳَارَنِ قُوتَ ڪَهَنِ
جهَنگَلَ مِين جهُنگَنِ جي ڏونهي ڏُکهَ ڳَڏُ تهِيا ۞

١٦

مُون ڪهَاهوڙِي لَکهيا سُڻهَنِ ڪِي نہ پَٽِي
سَمَرُ ڪَيائُون سُنجَ مِين ڏورِي ڏُٺهُ لَهِي
وِيَا اُتِ وَهِي جِتِ نِهَايَتَ نَاهِ ڪَا ۞

١٧

رَاتو رُنجَ رَهُون جِتي پِيْنهَان نِڪَنِي


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لَڳِئو پيرَ پَٿَهرَ سِين ڇهڄِئو ٿهڻِ ڇهُون ۵۴۹
تُون، ڪا سارَ لَهُون هوتَ ڪَمِيڻِي سُپِرين ⁘

۱۸

ڪَهاهوڙِنِ کَهڻِي ساجهُرُ ٻَڌا سَنْڌِرا
ڏورِينْدِي مِين ڏُونگَرِين ڪِيائُون پانُ پَنِي
ڏُکهَنِ ڏِيلُ هَڻِي ڇهُهُ لَڌائُون ڇهَپَرِين ⁘

۱۹

کَهڻَنِ نَہ ڪَهَڪانُ پَنْڌهِ پَراهين هَلِيا
ڏوٿِهَڙا ڪَنهِن ڏُٿهَ کهي جُنْبِيا ڏِي جابانُ
ڪَهاهوڙِنِ اُهڃانُ اَنْگِ نَہ سَڄِي اَڱَڙِي ⁘

۲۰

کَهرْکَنا لاهي سُکهِ نَہ سُتا ڪَڏِهين
اوسِيڙو آهي ڪَهاهوڙِنِ کهي پَنْڌَهَ جو ⁘

۲۱

سُکا مُنْهَ سَنْڌَنَ پيرين پُرانا کهيسِڙا
سا جُوءِ ڏُورِي آئِيا سُونْهَا جِتِ مُنْجهَنِ
کُجهان کُجهُون ڪَنِ تِنْهان پَراهين پَنْڌَهَ جُون ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢٢

سُکَا سَنڌَرَ ڳچِنِ ۾ کهَرکَنَا پيرين
ترِمَنڊِي ٻيٻين آن کِي کهَاهوڙِي گڏِيَا ٭

## وَائِي

وَسَائِيندَڙِي مِينهُ مَانَ مِلَان کهِيِ سڄَڻين
آنُون مِلَنڊِي پرِنئَ کهي رَاتِيَان ڏورِي ڏِينهُ
مَانَ مِلَان کهِيِ سڄَڻين
مُون پرِيَنِ مِيڙِٿين روجهَڙِيُون مِيڙين مِينهَ
مَانَ مِلَان کهِيِ سڄَڻين
اَکهِنِ آکَمَ لَاٿِيَا کَرَ مُنڊَائِتَائِي مِينهَ
مَانَ مِلَان کهِيِ سڄَڻين
مَادَرِ موٽِيِ نَہ وِهَان مُون پرِيَان سين نِينهَ
مَانَ مِلَان کهِيِ سڄَڻين
اَڊِيُون عَبۡدُ ٱلطِيفُ چَوِي وِينڊِيَسِ سَاجَنَ سِينئَ
مَانَ مِلَان کهِيِ سڄَڻين ٭

---



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## فصل ٻيو

۱

پٿو جَنِ پَرو ڳَنڀي ڏونگر ڳامَ جو
ڇهڏي کهيپُ کهرو لوچي لاهوتي تهيا ❊

۲

پيٿي جَنِ پَرکهَ ڳَنڀي ڏونگر ڳامَ جي
وَاري سَبهِ وَرَق لوچي لاهوتي تهيا ❊

۳

پيٿي جَنِ پَتي ڳَنڀي ڏونگر ڳامَ جي
ڇهڏي نِندَرَ کهَني لوچي لاهوتي تهيا ❊

۴

پيٿي جَنهين بُوه ڳَنڀي ڏونگر ڳامَ جي
ڏوري سَا جُوه لوچي لاهوتي تهيا ❊

۵

جَنهين پيٿي بَاسَ ڳَنڀي ڏونگر ڳامَ جي
ڇهڏي سَبهِ لِبَاسَ لوچي لاهوتي تهيا ❊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٦

پيئي جنِ پرورَ ڪنجي ڏونگرَ ڪامَ جي
ڇهڊي سبهه ضرورَ لوچي لاهوتي ٿيا ◇

٧

ڪنجھ ڏونگرَ ڪامُ پيهي جنِ پرورِيئو
ڪري تنُ تمامُ لوچي لاهوتي ٿيا ◇

٨

کِھڙو اٿهي ڪامُ ڪنجي ڏونگرَ ڪامَ مين
متان ڏونگر ڏوريئين اُجهين ڪوهه عوام
پسي تنهن پهاڙ کهي اچي نہ آرامُ
هيا کهاء حرامُ کهامُ تہ ڪهاڻي ٿيئين ◇

٩

پيرُ پرورِي پاء ڪنجي مين ڪُنَ کهنا
ڪهاڻي کهرا ويا نہ ڪا اوڏي ماء
جنهين ڏِٺهي جاء تنهين موٽَنُ ميهنو ◇

١٠

ڏيهه ڏيهاڻي ناهه جتي پيرُ پکهيان
تِتي ڪهاڻيان ور ڏيئي وڙ چونڊيا ◇



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١١

جِتِ نَہ پَکھِيَ پيرُ تِتِ ٽِمڪِي ٻاھِڙِي
ٻِٽُو ٻارِينْدُو ڪِيرُ کَھاھوڙِکِي کِھيرَ رِي ⁘

## وَائِي

آئُون جِيھَائِي ذَاتِ تُون پَانُ سُنجَاڻِجِ سُپِرِين
اوُيُون آڍِيسِ جُون ٻھَرِيَان سَارِي رَاتِ
تُون پَانُ سُنجَاڻِجِ سُپِرِين
جِي ٻَانْھِي ٻڙلِنِ ٻَاجھَ سِين تَہ ڪَرَ لَڌِھِيمِ ڏَاتِ
تُون پَانُ سُنجَاڻِجِ سُپِرِين
تَانْسِين ڏُونْگَرَ ڏورِيَان جَان نَہ وِھَامِي رَاتِ
تُون پَانُ سُنجَاڻِجِ سُپِرِين
ڪَنْدِيَسِ عَرْضُ اَللّٰهَ کھِي صُبَاڻِي پِرَبھَاتِ
تُون پَانُ سُنجَاڻِجِ سُپِرِين
آدِيُون عَبْدُ ٱلّطِيفُ چَوِي مُنْھِن جِي مُحِبَّنِ سِين مَضْلَاتِ
تُون پَانُ سُنجَاڻِجِ سُپِرِين ⁘

---



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## فصل ٽرئون

١

اُچي پيا آتَ ميں وَاتَ وِڄائِي جَنِ
سي ٻيرانَ ٻَڙنِ ميں اَنڌهَا تِهنُو اُٻهَنِ
کهَنَنِ آڌو تانِتُو ڪُنڪنِ جِينَئِ ڪهَمَنِ
فِرَاتِي فَرمَانَ جو آهي ٻَرُ ٻوڙَنِ
لَنکهَا تهِنُو لَاهُوتَ کهي سُتَا پِيا سِکَنِ
ڪهَپَتِ ڪهاهوڙنِ آهَ اُني جِي نَ لَهي *

٢

ڌسي ڌوري ڌُونکَرِين وَاتَ وِڄائِي جَنِ
ڪُرَنڊَان ڪِي پَرُوڙيُو رَنڊِ نَ ٻي رِڙهَنِ
پيِٺي ڌَارَ دَيُون ڪِٺُو پِيرتهِ تَا نَ پُڇهَنِ
دهُوڙ پِريَانْ لِيَ دهَارَ ڪِٺُو وِچَارَا وِجهَنِ
خَبَرَ ڪهاهوڙنِ آهي لِکهَ لَاهُوتَ جِي *

٣

وِجهي وَڻُن مَ وَاتَ ڪهي ڪهِج ڌهُنْ ڪوَاتَ
اُجهي مَنجهَان آتَ اِيسِي تهي آءُ تُون *



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۴

ڪُپيرِيَ ۾ين پيرُ ڪَنھين پَانوَ پيرِڻين
جِنّان مُنْجھَنُ مَاڙهُئين سَجَنَ تِنَانِ سيرُ
اِنَ ٻھُنيءَ سَنڌوَ ٻهيرُ ڪوڙين مَنْجھَان ڪو لَهي ❊

۵

ڪُپيرِيَا پَرِي تھِيَا اَٻُدھِي ٻُڌھَائُون
اُنھِي ڪهي آئُون هِنَرَ.ڏِسِي آئِيوَ ❊

۶

سُونْھَپَ ۾ين سَپَ ڪهَنَا مَنْجھ نَه مَاڪهِي هوءِ
پَروَ تَنھِين پوءِ جو اُجھِي پَرِي اُنِ تَان ❊

۷

ڏورِي ڏورِي ڏِيھُ مَاءِ ڪهَاهوڙِي آئِيَا
مَيَنِ پيرِين ڪهِيھَ ڪوھُ جَانَان ڪَنْھِن پَارَ جِي ❊

۸

جھَنْگَلِ هَلْيَا سِي نَه ٻھُلْيَا رَاهَ هَلِيَا پھُرْجَنِ
اَوَجھَڙِ سِي نَه پَوَنِ ٻِيئي جَنھِين ڇھَڏِيُون ❊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٩

جَهَنڪَلُ کَهامِي پَٽُ ٿِهُٺو پَکِهِي ڇهوڙا لِڪَ
سِيڪَڙُو ۽ سِڪَ ٻَٽِي ڳَڏِيا پَانَ مِين ؞

١٠

جَهَنڪَلُ آهيڙِنِ کهي ڀهَنڊُنُ ڪِٿو روُءِ
نَ ڪُتا نَ ڪوڙِڪُون چَڙهِٿُو اُبهو ڇوءِ
هَانِي هِنَانْ پوءِ لَڳِي لوڙُو نَ ٿهِئين ؞

١١

جَهَنڪَلُ آهيڙِنِ کهي ڀهَنڊُنُ ڪِٿو روُنْدَوُ
نَ ڪُتا نَ ڪوڙِڪُون چَڙهِٿُو اُبهو چَوَنْدَوُ
هَڏِهِين نَ هُونْدَوُ هِنَانْ پوءِ عَالَمَ مِين ؞

١٢

ڪُتا نَ ڪُوڪَارَ نَ سِي سَڏَ شِڪَارِئين
پِٽِئو ڪَڏهِي پَارَ جَهَنڪَلُ آهيڙِنِ کهي ؞

١٣

وَرُ سَا سُنجِي ويڙهِ جِتِي سَجَنُ هيڪَڙو
سوُ مَاڪوڙِي ڀهيرِ جِتِي ڪُوڙِ ڪُمَاڙهُئين ؞



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٤

وَڙ سا ڪَارِي رَاتِ جِتِي رَاهَ ڪُمُ تِهِنِي
نَ ڪا اُنْهِي جِي تَاتِ هِيَ پُنُ وَڃِي وِسِرِي ٭

١٥

ڪَارِي رَاتِ اَڇهو ڏِينهُ اِيءَ صِفَتَ نُورُ
جِتِي پِرِنءَ حُضُورُ تِتِي رَنْگُ نَ رُوپُ ڪو ٭

١٦

تَحْقِيقُ تُون ڀَرِي مَتهِي رِيَ ڪَهَنجِ
ٻَانْهُون ٻِئِي لَاهِي ڪُشْتِي ڪَمَائِجِ
جا هَاجَ هَتهَنِ رِيَ نَ تهِئِي سا تُنْڊُو تهِي ڪَرِجِ
تَنْگَنِئَان ٿَارِي سَنْڌهَنِئَان سَارِي چَنْگُلَنِ رِيَ چَلِجِ
هَڪَلَ حَقِيقَتَ جِي ٻُڌُو تهِي ٻَنْڌهِجِ
اَنْڌهو تهِي پَسِجِ مُشَاهِدُو مَحْبُوبَ جو ٭

١٧

وَائِي وَڃِيمِ شَالَ ڪَنَنِ سَان ڪِي مَ ٻُڌَان
ٻهَلو ڪَرِي ٻهَالَ تَ اَکهِنِ سَان اَنْڌهو تهِيَان ٭

١٨

ڏُونگَرِين ڏِڄَنِ اَڄُ پِ رَئِيُون اُنِ جُون



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## ڪُهاهوڙِي ٣

ڍوٿهڙا ڏُٺَهَ ڪهي آنَ اَنِين اَچَنِ
خِيمَا ڪهَاهوڙَنِ اَڄُ نَہ اُنهِين. ڀهِينِئِين ٭

١٩

ڏُونگَرِ نَہ ڏوٿهِي ڏُونگَرُ سُنڄو ڏوٿهِنِ رِي
پُڇهَان پَرو تهِي ڪِي ڏوٿهِي ڏُٺهَ اَچِنا ٭

٢٠

ڪهَاهوڙِي ڪهَرَا سُودهِي خبر پَکهِنَان
سوجهي جَنِ ڪِيَا مَتهِي اَنگَنِ آهِرَا ٭

## وَائِي ١

سِيَاڪو سِينَانَ ڀهوَرِي تو پَانُ سُڃَاڻِي نَہ ڪِٿو
موَٽِيو مَاڳ نِهَارِيَان ڪِهَڙِي مُنهِ ڪِينَانَ
ڀهوَرِي تو پَانُ سُڃَاڻِي نَہ ڪِٿو
هُونَدَ نَہ پِيتِيَن هيتِرِي وِيئِيَن جي سِينَانَ
ڀهوَرِي تو پَانُ سُڃَاڻِي نَہ ڪِٿو
وَارِيَ جِنئَ وِڃِرِي هِينئو ڪِنِڪِئو لَئِ ڪِينَانَ
ڀهوَرِي تو پَانُ سُڃَاڻِي نَہ ڪِٿو
آتَنِ مُنهِن جَا اَنڱڙَا ڪَهِلَ نَہ پَرِي ڪِينَانَ
ڀهوَرِي تو پَانُ سُڃَاڻِي نَہ ڪِٿو ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وائي ٢

جا ڳِي اکھڙيَنِ اوانْ اوجاڳو نہ ڪيئو
اَکھڙيُون پِريَنِ لِئِ ترھَہ ترھَہ ڪيئو ترمَنِ
اَوانْ اوجاڳو نہ ڪيئو
جي سَنْجھيئِي سُتيُون ِسي مَرُ سُور سَھَنِ
اَوانْ اوجاڳو نہ ڪيئو
تون اَنَاسِي اُجھرين ھوءِ تھا ھوتَ ھَلَنِ
اَوانْ اوجاڳو نہ ڪيئو
اَديُون عَبْدُ اللطِيفُ چوي مِلان ِسين مُحِبْنِ
اَوانْ اوجاڳو نہ ڪيئو ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# رامڪلي

## فصل پهريون

١

نُوري ۽ ناري جوڳِيڙا جهانَ ميں
ٻِري جن ٻاري آئُون نہ جِنّدِي اُنِ ري ⁘

٢

جوڳِيڙا جڳتر مين هُوا مَنجهِ هَمام
آرامان الڳُ تهِيا اوڏا نہ آرام
ڪِياٺُون قِيامَ آئُون نہ جِنّدِي اُنِ ري ⁘

٣

لکهين ڪِيا لِسانَ سين لاهُوتِن لوڙا
کهوڙا ڙِي کهوڙا آئُون نہ جِنّدِي اُنِ ري ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۴

ڳوٺِيَان ۾ ڳَنڍِهِيَانَ وِيَا وِيرَاڳِي نِڪِرِي
مُحَبَّتَ جَا سَنڍِيَانَ آنُون نَہ جِئَنڍِي اُنِ رِي *

۵

مَرَان مَتهو پِتِيَان نِهَارِيَان نِينَانَ
سُخَنَ جِي سَنڍَانَ آنُون نَہ جِئَنڍِي اُنِ رِي *

۶

وَارِي وِيرَاڳِنِ ڪهِي وِيلهَ مَہ وِسَارِجِ
قَدَمَ ڪَاپَڙِيَنِ جَا لِيلهَائِي لَهِجِ
پِيرَتِ پَسِئُو پَتَ جِي وَنجَنَ ڪهِي وَنجِجِ
رَاتوڏِينهَ رِڙهِجِ آنُون نَہ جِئَنڍِي اُنِ رِي *

۷

قَدَمَ ڪَاپَڙِيَنِ جَا لَڳَا مِين لَاهُوتَ
جَنهِين سِين يَاقُوتَ آنُون نَہ جِئَنڍِي اُنِ رِي *

۸

وَاجَتَ وِيرَاڳِنِ جَا مُون وَتِ وَڏِي وَتهُ
سِؤنُ سَبهِيئِي سِنڱِيُون پَسِي ڪِي نَہ مُنڪُئُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وِيسَاهِي وِيلهَ ڪَنْهِين پُورَبِ وِينْدو پَٽُ
هُلْ ڪِيَائُون هَٽُ آنئُون نَ جِتَّنْدِي اُنِ رِي ٭

٩

وَاجَٽَ وِيرَاڳِنِ جَا مُون وَٽِ وَڏو مَالُ
مَقَالاَنْ مَهَنْدِ تِهِيَا ڪونْهِي وَٽِنَ قَالُ
حَاصُلْ جَنْهِين حَالُ آنئُون نَ جِتَّنْدِي اُنِ رِي ٭

١٠

سُتِي سِڄَ هُيَاسِ مُون کِهِي آهَ اُتهَارِئو
جَنْهِين جَاڳَايَاسِ آنئُون نَ جِتَّنْدِي اُنِ رِي ٭

١١

جَانْڪِي مُون کِهِي نِين پَکَهَ پَاٽِي پَانَ ڏِي
پَهَ پَرْوزِيَان پَٽَ جَا ڪِينَرَ مَنْجهَان ڪِي
هَاٽِي جِي هَيِين آنئُون نَ جِتَّنْدِي اُنِ رِي ٭

١٢

جَانْڪِي مُون کِهِي تَانِ پَکَهَ پَاٽِي پَانَ ڏِي
هوءِ جِي هَيَنْ هَانِ آنئُون نَ جِتَّنْدِي اُنِ رِي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٣

جَانڪِي مُون ڪهِي نِئو پڳهه پَائِي پَان سين
ٿُوتُ مُنهن جو ڪَاپِڙِي سِنڱِڙِيَنِ سِهو
ڪَا پهِري پهُوڪَ ڏِئو آنئُون نَہ جِئندِي اُنِ رِي ⁘

١٤

سُودهو سِنڱِڙِيَنِ سين ڪِي جو ڪهِيَائُون
هو جو هَنيَائُون آنئُون نَہ جِئندِي اُنِ رِي ⁘

١٥

ضُمُ سِنڱِڙِيُون ڪهَنِي وِيَا ڏُکهَائِي ڏُور
تهيا ڏِيٿهَائِيَانِ ڏُور آنئُون نَہ جِئندِي اُنِ رِي ⁘

١٦

ضُمُ سِنڱِڙِيُون ڪهَنِي وِيَا وَڄَائِي وِير
ڏوريَان ڏوريَان نَہ لهَان تَنِ ٻيرَاڳِنِ ٻهِير
جَنِ جِي آسَنَ مَنجهه عَنبِيرَ آنئُون نَہ جِئندِي اُنِ رِي ⁘

١٧

ميڙئو ٻهَانَ ٻهَرِيُون ڪِئو جوڳِي جَلَائِينِ
سَامِي سِنڱِڙِيَنِ سين خُودِيَ ڪهِي ڪهَائِينِ
هوءِ جي تَارَ تنگَائِينِ آنئُون نَہ جِئندِي اُنِ رِي ⁘

٥٠١

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٨

پَسِيوَ آسَنَ اُنِ جا اَچِي نَه آرَامُ
ڪِينَرَ ڪُٿهي آهِيَان تَنهِين جِي تَمَامُ
مُون ڪهي تهتو مَاتَامُ آنئُون نَه جِنْدِي اُنِ رِي ∘

١٩

پَسِيوَ آسَنَ اُنِ جا اُدهِمَا اَچَنِ
ڪِينَرَ ڪَاپَڙِين جا صَنمِ تهَا سَجَنِ
جي رَائِي مَنجِهه رَهَنِ آنئُون نَه جِنْدِي اُنِ رِي ∘

٢٠

آسَنَ وَتِ آهُون ڪَرِيَان وَسِ نَه مُنْهن جي وَاتْ
لَڪَم لَاهُوتِنِ جو مَنجهَان ڪِينَرَ ڪَاتْ
هَلَنَ ڪهي هَيْهَاتُ آنئُون نَه جِنْدِي اُنِ رِي ∘

٢١

پَسِئو آسَنَ اُنِ جا بَانْهنِ وِجهَان وَاتْ
هو جي ڪَهِيَا ڏِي تَلَاتَ آنئُون نه جِنْدِي اُنِ رِي ∘

٢٢

وَتِنَ وِيٺهي آهِيَان ڏِسِئو ڪِي نَه ڏَسَانَ

 

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تَنْهن ڇيهوڙِيي ناهِ ڪِي سَا جَا سُونْهَ سَنْڌِيَانَ
پَسِڻُو ڪِي نَہ پَسَانَ آئُون نَہ جِئَنْدِي اُنِ رِي ٭

۲۳

بَابُو بِيڪهَارِي تهيا اَڄُ نَہ آسَنَ وَتِ
کُودِي ڪهَانئِي هَلِيَا پيرُ نَہ لَايَانُون پَتِ
هَيِّ هَيِّ جَنْهِين هَتِ آئُون نَہ جِئَنْدِي اُنِ رِي ٭

۲۴

بَابُو بِيڪهَارِي تهيا بهَڄِي ڇهَڏِيَانُون پَانْ
نِسوهِروئِي نِينْهَ جو نَانْگنِ وَتِ نِدَانْ
سر ڪهَنْڌرْ جَنْهِين سانْ آئُون نَہ جِئَنْدِي اُنِ رِي ٭

۲۵

نَانْگَا نَانِيَ هَلِيَا سَامِي سَبهِيئِي
وِهَڪ مُون وِيئِي آئُون نَہ جِئَنْدِي اُن رِي ٭

۲۶

نَانْگَا نَانِيَ هَلِيَا وِچَارَا وِيَا
ڪِينرَ ڪَاپَڙِيَنِ جَا صُبحِ تَا نَہ سُنَا
هوءِ جي هِتِ هُوَا آئُون نَہ جِئَنْدِي اُنِ رِي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢٧

نَانڪَا نَانِيَ هَلِيَا چيلهِيَا چيلهه بَنْدِهَنِ
هوء جي هِتِ هَلَنِ آئُون نَہ جِنْدِي اُنِ رِي ⁘

٢٨

نَانڪَا نَانِيَ هَلِيَا هِنگلاجَان هَلِي
ڏيکهِي جَنِ ڏُئَارِڪَا مَهيسِنِ مَلهِي
آڪهَہ جَنِ عَلِي آئُون نَہ جِنْدِي اُنِ رِي ⁘

٢٩

جُسِي سَنْدو جوڳَ رِي مُون نَہ کهُرْجِي مَاء
سَامِي مُنْهِن جو سَاهُ آئُون نَہ جِنْدِي اُنِ رِي ⁘

٣٠

ڪَالهوڪو ڪَاڏِي وِئو سَنْدو جوڳِنِ جوش
پَسِي تَنْهِن پَٽَ کهِي هَڏِ نَہ رَهِئو هوش
آسَنَ مِين اَفسوسُ آئُون نَہ جِنْدِي اُنِ رِي ⁘

٣١

نَہ کِي کهَڻنِ پَانَ سَان نَہ کو سَانُئَن پَانُ
اِهَڙو جَنِ اُهُنجَانُ آئُون نَہ جِنْدِي اُنِ رِي ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٣٢

پَانهِين وِيٺهَا پَانَ هين پرِ هين ڪنِ پَرِيَانْ
اِهَڙوُ ڏنِ اُهْنجَانْ آنئُون نہ ڄِمْنْدِي اُنِ رِي ؞

٣٣

پَانهِين وِيٺهَا پَانَ هين پَرِ هين پَرِيَانِين
هوءِ جي هَلَنَ سَنْڌِيُون ڪَاهُون ڪَالهَائِين
وَنجَنْ وِنجَائِينِ آنئُون نہ ڄِمْنْدِي اُنِ رِي ؞

٣٤

وِيرَاڪِنِ وَرَنْ ڏِسَنْ ڪهَنو ڏُهلو
ٻوڙِنِ ٻوڙِنَ سين ٻِٺو سَنْڌو ڦاڙِنِ ڦَنْ
ڪِي ڪهُرْجِي ڪَنْ آنئُون نہ ڄِمْنْدِي اُنِ رِي ؞

٣٥

جَرَ وِنجَائِي جوڙِيْين ڪَلَ سين آهِينَ ڪَمُ
آسَنَ مَنْجهہ عَدَمُ آنئُون نہ ڄِمْنْدِي اُنِ رِي ؞

٣٦

وِنجَاڻِي وَاٽَ تهِيَا جوڙِڪِي جُڳَانِي
هُوَا جي هَانِي آنئُون نہ ڄِمْنْدِي اُنِ رِي ؞



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وائي

سَنْڌَڙِيَانَ سِکهِڙِي مَنَاهِه مُجُهَڙِي مُون مَارِينْدِي کَڏِهِين

جَا وَجَائِين جَتَڙَا نَه تَنْهِن نَڙهَ جِهَڙِي

مُون مَارِينْدِي کَڏِهِين

مُڙْلِيَ کِهِي جَنْهِن مَاتْ کِئو تِلْ نَه تَنْهِن تُنْبَڙِي

مُون مَارِينْدِي کَڏِهِين

تَوڏِي تَرِي جَنْهِن لِيَ نَه سو کَهَنْڊُ کهَنْڊَڙِي

مُون مَارِينْدِي کَڏِهِين

ڏَارِئو جَنْهِن ڏِيَاجَ کِهِي تَنْدُنَان سَا نِکهَڙِي

مُون مَارِينْدِي کَڏِهِين

نَه سِرِي نَه سِنْڌهُ کَا نَه کَا هِنْدهُ هِهَڙِي

مُون مَارِينْدِي کَڏِهِين

مِٺهَائِيَان مِٺهِي کهَنو چَوَنْدَا جَنِ چَکهَڙِي

مُون مَارِينْدِي کَڏِهِين

وَڻُن اُونَاڻِي اُنِ کهِي وِيهُه مَه کهَنُ وِکهَڙِي

مُون مَارِينْدِي کَڏِهِين

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ٻي حَدِ بَابُو سِي تهيَا ٻُرَنْدِي جن ٻُڌهَڙي
مُون مَارِينْدِي ڪَڍِهِين
جَا سَارَاهِيَلَ سُبْحَانَ جِي تَنْهن وَاکهَانَ کِهَڙِي
مُون مَارِينْدِي ڪَڍِهِين
سَهَسِين سُرِوَدَنِ کهي پَانَان پوءِ وِجهَنْدَڙِي
مُون مَارِينْدِي ڪَڍِهِين
کهُنڊِيَارَا مِرُون مُوهِيَا هِيَ مَاڙهُون مُنهَنْدَڙِي
مُون مَارِينْدِي ڪَڍِهِين
اَدِيُون عَبْدُ ٱلطِيفُ چَوِي هِيَ مُنَّا جِيَارِينْدَڙِي
مُون مَارِينْدِي ڪَڍِهِين ٭

---

## فَصُلُ ٻِيُو

١

ڪِيمِ ڪَاپَڙِيَنِ جِي پِهِرِين ڏِينْهَ پَرُوڙَ
سَکهَان سَاعَتهَ نَہ هِيڪَڙِي چَارَئِي پَهَرَ چُورُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سَدائِي سَيِّدُ چَوي هُوَنِ سَناسِي مِين سُورَ
جوڳِي سَانُ ضَرُورَ لِڳا ٻهُنَنِ لوَکَ مِين ٭

٢

وِيهِي وِيراڳِنِ جو ٻِي ڏِينهَه ٻُڌِمِ حَالُ
تَنِ جا ڌهاڳا ڌوڙِ ٻَکُلِيا جُوانَنِ جِنڊُ زوالُ
اُنِ جَانِي جَتَائُون ڇَهڏِيُون چوڙتا چنڪِيَ چالَ
وِيچَارا وُجُودَ جِي ڪَنهِن سان ڪن نَہ ڳالهِ
نانگا ٿِيا نِهالُ لِڳا ٻهُنَنِ لوَکَ مِين ٭

٣

ترِئِين ڏِينهَه تِمڪائِينِ ڌُونهِيُون دائِرَنِ مِين
مِيڙِئُو ڪڙَج ڳَاتِهيُون جوڳِي جَلائِينِ
سَنڌِيُون ڪهامَنَ خَبَرُون آدِيسِنِ آهِينِ
ڳُجِهه نَہ ڳالهائِينِ لِڳا ٻهُنَنِ لوَکَ مِين ٭

٤

چوٿِين ڏِينهَه چَوڪَانَ مِين ڪَنهِن جَنهِن پَهِه پِيا
وِسَمَ پرِيَانُ جي وَڌِهِيا تَنَ مِين ڪهِڻَنِ ڪهِيا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اَنڌرِ آڍيسنِ ڏٺي اڇنِ جوش جها

سامِي سڙنْ تپيا لِڪا ٻهْنْنِ لوڪَ مِين ⁘

٥

ڪَنْهِن جَنّهِن پُورَ پچّائِيا پَنْجِين ڏِينْهَ پِئِي

اَنْڌرِ آڍيسِنِ ڪهِي سُورَنِ شَاخَ ڪَئِي

مُحَبّتَ جِي مَيْدانَ مِين لَاشَڪُ پِيا لِهِي

اُن ڪهِي سَارِي رَاتِ سَيّدْ چَئِي ڪُونْدرَ مَنْجهِ ڪئِي

ڪرِنُو سِينَ سَهِي لِڪا ٻهْنَن لوڪَ مِين ⁘

٦

پِما ڪَنْهن پَريانْ مِين ڇهِين ڏِينْهَ ڇهِنِي

اِنْڌر آڍيسِنِ ڪهِي ڌهَرَانِئِي ڌهَنِي

پرنِيُ پَاسَارَا ڪَيا ڪهَائِين خَاڪَ ڪهَنِي

پِنِنُو ٻَنْجَ ڪَنِي لِڪا ٻهُنَن لوڪَ مِين ⁘

٧

سنْبِين ڏِينْهِ سَيّدْ چَوِي ڌهَاڳَا ڌهوتَائُون

اُبِهِي اَلَکهَ سَامُهون ٻَانْهون ٻَڌهَائُون

روح پَنْهِن جو رَامَ سِين پَرِ مِيڙ پُوتَائُون

ڏاڍ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وڏي ڪنهن ولات جا اهڃا آندائون
ڪهڻنءُ ڪهندائون لڳا ٻهڻن لوڪ مين ؛

۸

اٺين ڏينهن اُڀي ويا جوڳي جا، ڄڃا،
سا پر سامي سکيا جا پر جوڳي جُڳا،
ويروتار وجود مين اُن ڪهي رام رهنوئي آهه
ڪنهن ڪمائي لاءِ لڳا ٻهڻن لوڪ مين ؛

۹

نائين ڏينهن نينان اوڃاڪي اُجاريا
سباجهي ڀاڳ ڪي سُڃاڻي سينان
جني نظر نانهن جو اُتي اوتاران
اهي اُهڃاڻان لڳا ٻهڻن لوڪ مين ؛

۱۰

ڏهين ڏينهن ڏکهه تپيا پرين پانڌيا پس
ورق جو وصال جو سو واري ڪيائون وس
لڌائون لطيف چئي سندو ڪرو ڪس
جوڳين ڪهڻنءُ جس لڳا ٻهڻن لوڪ مين ؛



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١١

ڪَارِهين ڏِينهَه ڪَرَمُ وَرِٺو وِيرَاڳِنِ جو
جوڳِنِ جَاترَائُون پُنيُون هَلِي وِيَا حَرَمِ
دَائِمُ جهَلِيُو دَمُ لِڪَا ڀِهُنَنِ لوڪَ مِين ٭

١٢

ٻَارِهين ڏِينهَه ٻَئِي مَنَ مُرَادُون پُنيُون
جوڳِي هِنَ جَاترَاءِ کهي تهي سِکِيَا سَبهيئِي
سَمَانَا سيئِي جي ڪُرَ ڪَڍِجي آئِيَا ٭

## وَائِي

ڪَلهَه پَئي آئِيَا هو مَاءِ آئُون هَلَنْدِي اُنِ سين
حِرْصَ هَوَائِيَ جَنِ جي سُکهين تَا نَه سَنْدَائِيَا
هو مَاءِ آئُون هَلَنْدِي اُنِ سين
تَنِ تَکِيَا تَا ڪي ڇهَڏِيَا جي اِهي وِرِهَه وَڌهَائِيَا
هو مَاءِ آئُون هَلَنْدِي اُنِ سين
ڏو شَڪُون تَکِيَا وِهَانَا جَنِ وِرَاهِيَا
هو مَاءِ آئُون هَلَنْدِي اُنِ سين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هَلوَ تہ پَسُون اُنِ کھي جَنِ لُنڪَ لَاھُوتِنِ لَاتِيَا
ھوَ مَاء آنئُون ھَلَنْدِي اُنِ سِيِن
اَدِيُون عَبْدُ ٱلّطِيف چَئِي اَنْکَنِ مُون آئِيَا
ھوَ مَاء آنئُون ھَلَنْدِي اُنِ سِيِن ۞

---

## فـصـل تـرئـون

۱

کَنْھِن جَنْھِن سَنَاسِي سُورَ جي وَھَلُوَرَ وَتَنِ
اَتھَئِي پَھَرَ اَلکھَ جوَ کوَ وَڏھُ وِيرَاڳِنِ
سَدَائِي صَاحِبَ ٻھَئِ تھَا کَاپَڙِي کَنْبَنِ
جي رَاتوَڏِينَھَ رَمِنِ ھَلوَ تہ تَکِيَا پَسُون تَنِ جَا ۞

۲

کَنْھِن جَنْھِن سَنَاسِي سُورَ جي وَتَنِ مِين وَھَلُوَرَ
بَاھَرِ ٻوَلِي ٻِي پھِرِي کھَٽَ مِين کھَايَلَ کھُورَ
چِتَ جَنْھِين جَا چُورَ ھَلوَ تہ تَکَيَا پَسُون تَنِ جَا ۞



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۳

سدائي سفر ۾ مَن رمَن منجهي راهه
ڀُڙن ڀورب ڀَنڌهه ڏي مَنجهه مَوالي مَاهه
جنِ جي الکه سين آکاهه هلو ته تکيا پسون ڏنِ جا ٭

۴

ڪَن ڪت ڪاپت ڪاپڙي ڪنوتيهيا ڪَن چير
سدا وهَن سامهَان عَاشِق اُتر هير
تسيا ڏيئي تن کي سَازِباڻون سَريِر
هنو جي فنا تيها فقير هلو ته تکيا پسون تن جا ٭

۵

ڪَن ڪتَ ڪاپت ڪاپڙي ڪن جي ڪنائين
لاهُوتي لَطيف چوي مَائن ته مَثانين
هنو جي خودي کپي کهائين هلو ته تکيا پسون تن جا ٭

۶

ڪن ڪت ڪاپت ڪاپڙي ڪنوتيهيا ڪن ڪتَ
ڏونٽيا جن ڏکيهانيا هلي منجهي هت
خائن جنهين جي کهت هلو ته تکيا پسون تن جا ٭

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٥٧٣*

٧

ڪَنَ ڪُتَ ڪَاپُتَ ڪَاپَڙِي لَانْڪُوتِيَا لَالَ
لَاهُوتِي لَطِيفُ چَوِي مُوهِيَا ڪَنْهِن نَہ مَالَ
هِيَڙَا جَنْهِين حَالَ هَلُو تہ تَڪِيَا پَسُونِ تَن جَا ◌

٨

ڪَنَ ڪُتَ ڪَاپَتَ ڪَاپَڙِي ڪَنُوتِهِيَا قَنْدَهَارَ
هُو، هَلِيَا هِنْگلَاجَ ڏِي بَانُو چِهَڏِي بَارَ
جِي ڪِي نہ قَبُولَنهَارَ هَلُو تہ تَڪِيَا پَسُون تَنِ جَا ◌

٩

تَڪِيَا پَسُون تَنِ جَا هَلِي مَنْجهَان حَالَ
ڪُوڙِين ڪَنُوتِن جَا ٻِهِينُرُ ٻهَايَان ٻهَال
سَامِنِ جِي سَنْڀهَالَ مُنْهِن جو چِتَ چَنْگو ڪِئُو ◌

١٠

تَڪِيَا تَاڪِيَانُون وِيَا رَمَنْدَا رَامَ ڏِي
کِهجَان خَبَرَ نہ لَهَان تَنْ آدِيسِنِ آنئُون
ڪَنْهِن ڪُونَرَ ڪَيَائُون ڪَاڏِي وِيَا ڪَاپَڙِي ◌

١١

سَامِي کَهَامِي ٻِرَ لَٰ ڪُسِي تِهِيَا ڪَمَابُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جھَڙو ڏِسَنِ ڏوھَ ڪھي تِھَڙو ڪَنِ ثَبَابُ
اوتِنِ اَرْتِي ڪَاڏُئُون مَنْجھَان اَکھنِ آبُ
سَنْڌو ذَاتِ حِبَابُ تُون ڪِينئَ پُڇھين تَنِ ڪھَان ⁘

١٢

سَامِنِ سَمرُ سُوز ڪھَنَنْدَڙ ڪَبرِيَنِ مِين
جَڙِي بَدھَائُون جَانِ تِي پيغَامَنِ جَا پُور
آڏِيسِي اَسُوز وَجَائِي وَاتَ تھِيَا ⁘

١٣

سَامِي مَڙھِي سَنْدِيَا، سَامھُون مُون سِيلھَ تھِي
سَا ڪُوھَ اَڏيَا، جَان تُون نَانگا وَنجين نِڪِري ⁘

## وائي

آسرو آھي مُوتِي اِينْدَا مُون نَه ڇھَڏِينْدَا پَانَ پَسَنْدَا
اِينْدَا آڏِيسِي وَرِي ڏُوھِيُون ڏکھَائِي
مُون نَه ڇھَڏِينْدَا پَانَ پَسَنْدَا
پَنْھَر وَارَ پرَ لَيِ وِيھَ تُون وِڇھَائِي
مُون نَه ڇھَڏِينْدَا پَانَ پَسَنْدَا

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## رامڪلي ۴

٥١٥ ڏکـ لاهِينْدا ڏيل جا ڳجهڙ ڪالهائي
مُون نہ ڇـڏِينْدَا پانَ پَسَنْدَا
مُون ڪهي نِينْدا پانَ سِين هي سَنْگ سانْگاهي
مُون نہ ڇـڏِينْدَا پانَ پَسَنْدَا
اَدِيُون عَبْدُ اللّطِيف جَبي اُو اِهَڙِوئِي آهي
مُون نہ ڇـڏِينْدَا پانَ پَسَنْدَا ٭

---

## فـصـلُ چـوٿـون

١

جي ڀهائين جوڳي تهيان تہ سَنْگ سَبِهيئي ڇـِهن
وَنجي دَرِ دوسَنِ جي نانگا ڪِي نہ نِن
پٽ تَنْهين جي پِنْ جَنِ ٻُجهي نہ ٻُجهنو ٭

٢

جي ڀهائين جوڳي تهيان تہ سَنْگ سَبِهيئي ٽروڙِ
جي جاڙا نہ جاپَنْدا جيئُ تَنْهِن سان جوڙِ
تہ نون پُهچين توڙ مُحَبَّتَ جي مَيْدَانَ ۾



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٣

جي ڀانئين جوڳي تهيان تہ پر ڪُرُوٌ جي پارِ
هَوائُون هِنگلاجَ ڏي وينْدي سَبهِ وِسارِ
نانڪا ناٿهُ نِهارِ سامِي وَڏِيَ سِڪَ سين ⁘

٤

جي ڀانئين جوڳي تهيان تہ طَمَا ڇهڏِ تمامْ
ڪوڙَا جي ڪوڙَنِ جا تَنِ جو تهيئُ غُلَامُ
صَبُرَ جي سَرْواهِيَ سان ڪَرِ ڪِيني ڪهي ڪَنْلَامُ
تہ نانڪا تُنهِن جو نامُ لِکهجي لاهُوتَ مين ⁘

٥

جي ڀانئين جوڳي تهيان تہ تَرڪُ طَمَا ڪهي ڪَرِ
وَڏهي وَهَمَ وُجُودَ جا خَاصّي دهِيان دهَرِ
تہ ڪَنْهن پَهُچين پَرِ لِکهجين تُون لاهُوتَ مين ⁘

٦

جي ڀانئين جوڳي تهيان تہ تهيئُ ڪُرُوٌ جي ڪَسِ
ڏُکهہَ پانَ ڪهي ڏَسِ سامِي وَڏِيَ سِڪَ سين ⁘

٧

جي ڀانئين جوڳي تهيان تہ مَنُ پُوري مَنْجهِ مَارِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٨٨٥

دَائِمُ ڏُونهي دِلِ ۾ مَنَ ۾ مالها وارِ

سَهُه سَبهَڪا آرِ آڪي جي آدَبَ ۾ ◊

٨

جي ڀَانئين جوڳي ٿِيَان تَہ ڪِي مَ پِيالو پِيءُ

ناهِ نِهاري هَٿِ ڪَرِ آنئُون اُتي نَہ ٿِيءُ

تَہ سَنڌو وَحدَتَ وِيءُ طَالِبَ توڙان مانئين ◊

٩

جي ڀَانئين جوڳي ٿِيَان تَہ مُنهَ ۾ مُنڊَرائُون پاء

ڪَنين ڪِي نَہ وِڃَائِيو جَنِ ۾ ڪوڙين ڪَکَرَ وِڌهاء

ڇَڏِ چَادَرَ بَنڌُ چَمِڙا جُتِي تو نَہ جُڳاء

تَہ سَامِڙا سَنڌِيَاء ڪُرَ وَتِ ڪِلا نَہ ٿِئِي ◊

١٠

جوڳِنِ جوڳُ سُهاء جوڳُ پِ سُونهي جوڳِئين

جوڳِنِ سَنڌِيَ جَانِ ۾ ڳُجهُ ڳُجهاندَرُ آهِ

هَاءِ مُون کهِي وَاءِ جو آنئُون جوڳُ نَہ سِکهِي ◊

١١

جوڳَ نَہ جوڳو تُون ڪَرين پَچَارُون جوڳِئين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هڪڙو پَنڌُ پرينِ ڏي ٻِي تَتِي ٻهُون
سَامي سِينَن ڏُون رُوُنْدَا رَتُ وِيَا ٭

۱۲

جوڳي هُونِ مَ. جِنَّرَا پَاڻِي جوڳَ مَ جيءُ
هَارِيَا هِنِ ڪَنَنِ سِين سُنُ سَنِيهو هِيءُ
وِڃَائِي وُجُودَ کي پَانَان پَاسِي ٿيءُ
هَڏِهِين ڪونهِي هِيءُ اَسَارَا آنئُون چوين. ٭

۱۳

جَا جِيَارِي جوڳَ کي سَا مَارِهنِ مُصِيبَتَ
سَامِنِ سُورَ صِحَّتَ جي پُورَبِيَا پَروڙِيُنِ ٭

۱۴

جوڳي تُنهن جي جوڳَ مِين ڳالهه کُهڙجي ڳُجُ
وَڏِهنو چِيرِئو چِچِرِئو پَرِ مِين اُبهو ٻُجُ
سوُنِي ٻَارِجِ مَڄُ جو آتِشَانُ آبُ ٿِيِنِي ٭

۱۵

جَان تَان جوڳي ٿِيءُ نَه تَه نِرِّجَا وُون نِڪِري



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڇهڙ تهڙ ڪَن ڪَپاٽِيين جو نہ سَهَندِين سِيئُ
ٻَهَڄَ پَراهُون تهِيئُ مَتان ٻِنّا لَڄاٽِيين ⁘

۱۶

جوڳِي تهنِ نہ يارَ ڪَنهِن سِين قرابَتِي
مُون مُلاقِي تَنِ جو جَنِ پُورَبَ جِي پَچارَ
اُتهَئِي پهَرَ نہ اُنِ جي آهِ نانِي ڏانهُہ نِهارَ
لاٿِي وِيا لَطِيف چئي اَنْدَرَ مان اَپارَ
سامِي سانُ سَتارَ لاهُوتِي لال تهِيا ⁘

۱۷

ڪوٺا جي ڪِراهَ جا جُوتها سِي جوڳِي
پهِتَلَ اُوءِ پهوڳِي جَنهِين شِڪَمَ ساڻْڍِيا ⁘

۱۸

جُدا هو مَ جوڳَ ري جِنْدانْ جوڳُ مَ لاهِ
ڪُوڙِي ڪِجِ مَ ڪَڏِهِين سَچِي ڪا مَ سَلاءِ
پَهَچَنْ پارِينْداه مَتان رامُ رُساٽِيين ⁘

۱۹

ڪَنَ ڪوڙاٿِي ڪاپَڙِي جِنْدانْ تهِيئُ مَ جوءِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سِرَ سِپَاهِنِ وِڪِيَا سڙڪِ نَہ سَامِي سڙه
جي ڪِي پُڇهين پُڇُهہ سڙ ڪُنڪَا نِينَنِ کهڙه
وَنجُ لَاهُوتِيُ لڙه عِجز کهي آڏو ڪَرِي ✧

۲۰

ڪَنَ ڪُوڙَائِي ڪَاپَڙِي جِنْدَانْ تهيئُ جُوَانُ
ڳَاهِہ تَہ لَڳِيئِي ڪَانُ ٻَانْڪَنِ هَتهَان نِينْهَہ جو ✧

۲۱

نِسورُو تُون نَاهِہ جو دِلِ مِين دُودُ دُکهَاه
آتِي آڪِ عِشْقَ جِي لَاهُوتِي تهِي لَاه
جِنْدَانْ تهِي جَاڳَاه جِينئَ آتِشَانْ آبُ تهِئين ✧

۲۲

ڪَنَ ڪُوڙَائِي ڪَاپَڙِي اِيئُ زَنَانُو جوڳُ
سَامِنِ سُنجَانَنُ پِٺُو هِڪَ ڏِيهِي ٻِٺُو ڏوڳُ
جَنْهِين ڀهَانيُو ڀهوڳُ رَامَ تَنْهِين کهِي رِيٺُو ✧

۲۳

هڙه جي ڪَنَ ڪَپَارَ مِين سُودهو سِي نَہ سُنَنِ
اَنْدَرِ جي آهِنِ سُنُ سَنيهڙ اُنِ سِين ✧



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢۴

هِي ڪَنَ ڪَاڌِهَا وِڪِنِي ڪَنَ ڪِي ٻِئَا ڪِنْهِجِ
تَنْهِين سَانْ سُنهِجِ پرِيَانْ سَنْڌِي ڳَالهَڙِي ⁘

## وَائِي

وِيهُه مَ وِيسَرِي تُون ڪِي جَاڳِي اوڙِ اَللّٰهَ سَان
مُحَبَّت جِي مَيْدَانَ مِين سُجِي ڳَالهِه ڳَرِي
تُون ڪِي جَاڳِي اوڙِ اَللّٰهَ سَان
سِي پُنُ رُوَنْدَا رَتُ وِيَا مِلِيَا جِي مَرِي
تُون ڪِي جَاڳِي اوڙِ اَللّٰهَ سَان
سُتِي سَجَڻُ نَ مِلِي آهِي اِيئَ ڳَرِي
تُون ڪِي جَاڳِي اوڙِ اَللّٰهَ سَان
اِنَ اوسِيڙِي آدِهِيَ اُتهِنِ تَنْهِين وَاڳَ وَرِي
تُون ڪِي جَاڳِي اوڙِ اَللّٰهَ سَان
اَدِيُون عَبْدُ ٱلّطِيفُ چَوِي اِينْدَا شَالَ وَرِي
تُون ڪِي جَاڳِي اوڙِ اَللّٰهَ سَان ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## فصل پنجون.

١

مُونا طُورِ سَيْنَا سَدَا سَنَاسِنِ
سَجْدَا سَيِدُ چوي ڪوڏا ڪوڏِڙيَنِ
فَكَانَ قَابَ قَوْسَينِ اَوْ اَدْنيٰ تهَا نَانْگَا اِيئَ نمَنِ
كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانِي بَاقِي كِي نَہ بَچَنِ
اَللّٰهُ وَلِيُّ الَّذِينَ آمَنُو يُخْرِجُهُمْ مِنَ ظُلْمَاتِ
اِلَى نُورِ اِنْهِي پرِ پُرَنِ
خَرَ مُوسَا سَيْئًا تهَا جزَكِي جُنْكَ جَلَنِ
مَا زَاغَ الْبَصَرُ وَمَا طَغَا اِهڙَىَ رَوِش رَوَنِ
مُشَاهِدو مَحْبُوبَ جو اُتي آديسِنِ
رِي پسَنَ رِي سُنَنَ رِي وِصَالَ وِهَنِ
رِي پُرَنَ رِي ٻوِلنَ اِهڙَىَ چَالَ چَلَنِ
سَيِدُ چَوي سَنْدِيَنَ تُون كَلَ پُڇهِيَن تهو كِهڙِي ٭

٢

مُونَا طُورِ سَيْنَا سَدَا سَنَاسِنِ
پُورَبِ كهيَانُون نَہ پَانَ سِين ٻُغضَ ٻيراگِينِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رِدَا آهي رَازَ جي اوُجَرُ آدِيسِنِ
قُرْبُ ڪَاپڙِينِ نَهَ چوُتِيَ سِين ڏهَڪِئو ⁘

٣

مُونا طُورِ سَيْنَا سَدَا سَنَاسِنِ
طَالِبُ ٱلْمَوْلَىٰ مُذَڪَراً اِيئَ ڪَلَامُ ڪِيَائُون ڪَنِ
سِڪَنَ ڪهِي سَبهِين پَرِين ٻُجهِي ڏِنَائُون ٻَنِ
اَلْفُ آدِيسِنِ چُونْڊي رَکهِئو چِتَ مِين ⁘

٤

مُونَا جَنِ مِحرَابُ جُسو جَامِعُ تَنِ جو
قِبْلي ڪهَاءِ قَلْبُ ڪَري تَنَ ڪهِي ڪِيَائُون تَوَابُ
تَحْقِيقَ جِي تَڪْبِيرَ هَنِي جِسمُون ڪِيَائُون جَبَابُ
تَنِ ڪِهَڙو ڏوُهُ حِسَابُ جَنِ هِنمُڙو هَادِيَ حَلُ تهِئو ⁘

٥

مُنْهُ مِحرَابُ پرِنئِ جو جَامِعُ سَبهُ جَهَانُ
اُڏَامِي اُتِ وِئو عَقْلُ ۽ عِرفَانُ
سَبهوئِي سُبحَانُ ڪَاڏي وَنجِي نِيَتِيَانُ ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٦

پَايو مُنهُ مُونَنِ مِين وِيٺا سِي وِهُسَنِ
جوڳِي جَاتُرون ڪَنِ آيَا اُلوهِيَتَ مِين ❁

٧

آيَا سِي اُلوهِيَتَ مِين لَاهُوتُ لَنگهِئو جَنِ
مَنْجهَان تَنِ جُسَنِ حَرَفُ نَ سُجهي هيڪَڙو ❁

٨

رَاهَہ شَرِيعَتَ هَلِيَا فُقُرُ طَرِيقَتَ تهِئُونَ
حَالُ حَقِيقَتَ رَسِيَا مَعْرِفَتَ مَڪَانُونَ
نَاسُوتُ مَلَڪُوتُ جَبْرُوتُ اِهو اِنَامُ ڏهِئُونَ
پَسُ لَاهُوتُ لَنگهِئُونَ هَاهُوتَان مَتهي هَلِيَا ❁

٩

نِڪِيَا نَاسُوتَان مَنِيَائُون مَلَڪُوتَ کهي
جوڳِي جَبْرُوتَان وَڃَائِي وَاتَ تهِيَا ❁

١٠

جَنِ اُجهِئو تَنِ ٻُجهِئو وِيٺهي ڪَڍِيُنَ وِيرُ
ڏورِي ڏِٺهَائُون ڏُکهَہ سِين پَانَ مَنْجهِيئِي پِيرُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لَتهؤ تَنِ لَطِيفُ چَوِي جُسِي جو زَنْجِيرُ
ڪِي نَہ ڏِٺهؤ هو ڪَاپَڙِيُن ڪَابُلُ ۽ ڪَشْمِيرُ
سَچُ جَنْهِين جو سِيرُ تَنِ ڪُرو وِيٺهِي ڪَڍِئو ⁘

١١

نَا اُمِيدِي آڏِئو اوچهَنُ آڏِيسِنِ
ڪَڏِهِن تَارِيَ پُٺهِ تي ڪَڏِهِن هيٺهِ هَلَنِ
سَامِئَڙَا سَمُونْڊَرَ مِين تُنْبِيَ جِنءَ تَرَنِ
جي وَاڱو وَاتِ وَنجَنِ تَہ ڪُسَنِ ڪُڇهَنِ ڪِي نَہ ڪِي ⁘

١٢

لَالُونِئِي لَالُ تهِيَا لَالُ لَنْڪهِئُوئِي جَنِ
عَدَمَ جِي اوڙَاهَ تي ڪِيَا آسَنَ آدهُوتِنِ
ڪَرْدَانِئو ڪُنْڪَنِ ڪِرْدِ جي ڪِيَانَ سِين ⁘

١٣

نَا اُمِيدِي نِجهرو عَدَمُ اوتَارُونَ
رَضَا رَاڄُ سَنْدُونَ مُورُ نَہ مَنْگَنِ ڪِي ٻِئو ⁘

١٤

ڪهَڙِي پُڇهين ڳالهِہ ڪَرَ نَہ ڪَا اَڄُ صُبَاحَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وَڙُن تَنْهين سين وَاڳِئو جو پَسين مَنْجهِه پَسَاهَه
رَمُ رَبَّانِي رَاهَه مَنهي حَالَ هُشْيَارُ ٿِيئُ ٥

١٥

ڪِهَڙِئو تَڪَبُرَ. تَڪِيا جِيلا ڪِئو هَلَنِ
مُوڙهَا تَا نَ لَهَنِ لِيي رَاهَه لَطِيفُ چَوِي ٥

وَائِي

تَنِ ڪُرَنِ ڳَهرَ وِڃَائِي هو مَائِي جوڳِنِ مُون سين جِي ڪِيَا
ڪَرِي مَرجِ ڪَاپِڙِي ڪُرُوَ وَتِ ڪَدَائِي
هو مَائِي جوڳِنِ مُون سين جِي ڪِيَا
اِشَارَتُون اُنِ جُون وَڙُن ڪَهِڙِي تُون ڪَهَائِي
هو مَائِي جوڳِنِ مُون سين جِي ڪِيَا
نِنْڊَرَ تَنْهين کِهي نَاهِ ڪَا جَا آدِيسِنِ اُٺهَائِي
هو مَائِي جوڳِنِ مُون سين جِي ڪِيَا
آهِي اِنْهي ڳَالهِ جِي رَاوَلَ اِيئَ رُبَاعِي
هو مَائِي جوڳِنِ مُون سين جِي ڪِيَا

ڄيڪَائِي ڄيڪ تهِيَا ٻُنْدهَنِ ڪَا ڏ ٻِيَائِي
هو مَائِي جوڳِنِ مُون ڀين جي ڪِيَا
اَکِهنِ آرِسُ ڇهَڏِئو دِلِ مِين نَاهِ دَغَائِي
هو مَائِي جوڳِنِ مُون ڀين جي ڪِيَا
إِنَّ ٱللَّهَ وِتْرا يُحِبُّ ٱلْوِتْرَ اِيئَ اُنْهِي لِيْ آئِي
هو مَائِي جوڳِنِ مُون ڀين جي ڪِيَا
رِجِهَائِي رُمُوزَ ڀين ڪهَاهوڙِنِ آنئُون ڪهَائِي
هو مَائِي جوڳِنِ مُون ڀين جي ڪِيَا
اَلا عَبْدُ ٱلَّطِيف چَوِي مُون ڀين صَاحِبَ ڪَرِ سَنَائِي
هو مَائِي جوڳِنِ مُون ڀين جي ڪِيَا ⁘

---

فصل ڇهون

١

ڪَنْهن جَنْهن ڪُتهَا ڪَاتَ جِنئَ سَامِي ٻُورُ ڏ سَيرَا
ڏِينْهَان ڏُکهِي ڏِيلَ مِين سُورَ سَجَائِي رَاتِ
جوڳِيانْ سَنْدِي ذَاتِ جِيجَان آهِ جَڏَائُڙِي ⁘

٥٨٦

٢

رُوحَ ۾ رَهِيُنَ رَامُ ٻَاهَرِ ٻُولِنِ کِي ٻِڌو
پِيَالو پُرِ ڪَرِي جوڀُ پِيتَائُون جَامُ
تَنْهَان پوءِ تَمَامُ تَنِ تَڪِيَا تَاڪِي ڇهَڏِيَا ⁘

٣

رَامُ رَهِيُنَ ۾ رُوحَ ٻَهَرِ ٻُولِنِ کِي ٻِڌو
سَدَائِي سَفَرَ ۾ مَتهَا تهِئَنَ مُوءِ
سَامِئَڙَا صُبُوحَ سَارِيَان ڳهَنو سَتِّڏُ چَوِي ⁘

٤

مَتهَا مُوءِ تهِيَانَ سَدَا سُوَاتَّا ڪَاپَڙِي
ڪوتهِي ڪَنْهِن نَ پُڇهِيَا اَنْدَرِ اَنْدوهِيَانَ
جِي ڪَا جِمَارَانَ سَا مَنْجهِ ڪُونْدَرَ ڪُڏِرِي ⁘

٥

وِيٿهي جَنْهِين وَرِهَ تهِيَا مَتهِي سِين مِيرِي
اَکهِيُون جَنّهِن جُون اَلَکهَ ڏِي ٻهُنيِ ڏِي نَ ٻهيرِي
ڪَارَانِئَان ڪَڪَا تهِيَا جَرَاتِئَا جِيرِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لُڙِڪَ لَالَ لَطِيفُ چَوِي ڪَنْبِي ۽ ڪِيرِي
نِيِنْهُ نَہ ڀِيرِي سُورَ چَرَنْدِي سَنِرو ⁘

۶

وِيٺِهي جَنْهِين وَرِهَہ تِهِيَا مَٿِهي مِيرِي سَانُ
ڪَارَاِڻَّان ڪَڪَا تِهِيَا ڇِيرِي وِڃِهي ڇَانُ
خُودِي کَهَائِي هَلْيَا پُٽِهِ تي ڇِهَڏِي پَانُ
سي ڪِنئَ ڀَهَرِ هَنَنِ ڀَانُ جَنِ کِهي ڪَڏِٺوڪُ ڪِرِبَانَ مِين ⁘

۷

نَانْگَنِ ڪِي نَہ نَمَايو نَاتهُ نَمَايو نِينْهَہ
مَرَّهِنِ اُتهَا مِينْهَہ جوڳِنِ سَنْدِيَ ذَاتِ سِين ⁘

۸

نَہ ڪِي نَمَنِ نَاتهَہ کِهي نَاتهُ نَہ نَمَائِينِ
جَاتَرَا ڪَنِ نَہ جوڳَ جِي جوڳُ نَہ جُهَارِينِ
آدِيسِي آئِينِ اُهُنجَانِئُون آلْمَاسَ جُون ⁘

۹

هَرَ هَرَ ڪَنِ هَرْنَامُ دهُنَّنِ ڏِينْهَارِي دهوتِيَا
جَنِ نَہ رِڃهَايو رَامُ نَاتهُ نَہ نَمِي تَنِ سِين ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٨٩٠

١٠

هَرَ هَرَ ڪَنِ اُميسَ دهُنَّنِ ڏِينهَاڙِي دهوتِيَا

جَنِ نَ مَارِي ميسَ نَاتهُ نَ نَمِي تَنِ سين ٭

١١

جهَڙَ ڪَنِجَ ڪَڪِرَا تهِڙَا جَائِنِ پهُلَ

تَنِ سَامِنِ جِي سَدهَ مَرَانِ اُنِ جِي ڪودِڙِيَ مين ڪُلَ

اَنْدَرِ مَلهَ اَمَلَ بهَرِ ڪوجهَا ڪَاپَڙِي ٭

١٢

يَادِ ڪُرِو ڪَنِ ڪودِڙِيَا بهَرِيَا زَرِ بيتهَا

پَنَنِ سُورَ سُجَانَ سِي بهِينِيَ تَنْهِن پيتهَا

جيلَانِ مُنْهَ ميتهَا تيلَانِ نَشَا چَاڙهِيَائون نينْهَ جَا ٭

١٣

رِي ڪُنِيَارَا رَمِنَا لُوتهِيَسِ لَانْڪوتِيَنِ

مُنْهِن جو جيئُ جَلَائِيو اَنْدَرِ آديسِنِ

لَانجهُون لَاهُوتِنِ چوري ڏِنيُون چِتَ ڪهِي ٭

## وَائِي

تَنِ اَکهِنِ آنئُون اَڙَائِي بَڙِي جيڏِيُون ڪَنْهِن دَرِ ڏِيَان دَانْهَڙِي

پهِڪِيُون ڏِينِي پيکِيُون وِجَنِ آنئُون وِرْچَائِي

٨٩١

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۵۹۱
ٻَڙِي جيڏِيُون ڪَنْهِن دَرِ ڏِيَان ڏانْهَڙِي
حُسْنَ هوتَنِ جي اَدِيُون لَاٰلِيَ آنُٔون لَڳائِي
ٻَڙِي جيڏِيُون ڪَنْهِن دَرِ ڏِيَان ڏانْهَڙِي
اُلْفَتَ ڪَرِ مَ اُنِ سين تُرْبَ جا ڪَڙائِي
ٻَڙِي جيڏِيُون ڪَنْهِن دَرِ ڏِيَان ڏانْهَڙِي
اَلَا عَبْدُ ٱللَّطِيفَ سين وَحْدَتَ وَتَرِ وِرَاهِي
ٻَڙِي جيڏِيُون ڪَنْهِن دَرِ ڏِيَان ڏانْهَڙِي ٭

---

## فَصْلُ سَتون

۱

قُوتَ ڪَڙَايا ڪَاپَڙِي طَامَ نَہ طَامَاتُو
سَنَنَ هَيَاتُون سُنْجَ مين پَهَرَ نَہ پِينَاتُو
اوسَرَ آسَاتُو اُتِهي ڪُونْدَرَ ڪَڍِيَا ٭

۲

قُوتَ ڪَڙَايا ڪَاپَڙِي طَامَ نَہ طَمَعْدَارَ
سَنَنَ هَيَاتُون سُنْجَ مين جوڳِي ڪَنْهِن نَہ يَارَ
اوسَرَ جي آدهَارَ اُتِهي ڪُونْدَرَ ڪَڍِيَا ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٣

ڦوت ڪڙايا ڪاپڙي ٻکهه جهلِيائون ٻوءِ
وِيا نيرانا نِڪري، جوڳي مَنجهان جوءِ
اَوسَر آجا اوءِ اُتهي ڪُونڌر ڪڍِيا ⁂

٤

پِنَنِ ڪِي نه پَتر ڪهَنِي ڪُهرَنِ ڪِي نه ڪهَرا
مَهيسِي مَخْلُوق جي اُبهَنِ ڏُورِ ڏَرا
پُڇهَنِ توءِ سَرا جِنءَ اَنْدَرِ عَدالَت اُنِ جي ⁂

٥

پِنَنِ جو پَترُ ڪهَنِي سوجهي سُنجانَنِ
نه ٻَرَّ مين ٻِيکهه لَهَنِ پهَرَ نه پِنَنِ ڪاپڙي ⁂

٦

اَسُکهُ جَنِ اوير سَانجهي رَهَنِ سُمَهِي
لاهُوتِي لَطِيف چئي آدهِي ڏِيَنِ الير
اُتهئو لوڪ پَسِي پِيا سَامِي مَتهي سير
ڪيڏان ڪَنْدا پير مڙيئي مَتهو تهئو ⁂



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۷

وِڇِنئَ وِيٺَها رَهَنِ سَانُجهِيَ رَهَنِ سُمَهِي
ٻُڪَهَ مَرَنڊِي ٻِکهِيَا ڪَنُهِن کهَان ڪِي نَ کهُرَنِ
پِيتَ نَ هِيرِيَائُون پَانُهِن جَا جوڙِي سَانُ جُسَنِ
ڦِهَڪِي ڦِهَڪِيرَنِ مَاڳِيَان پِنِي مَاتهِ ڪِي ⁘

۸

سَانُجهِيَ رَهَنِ سُمَهِي وِڇِنئَ وِيٺهَا هُونِ
مَهِيسِي مُنُهُ پَانُهِن جو ڏهَارَان ڏهُوڙِ نَ ڌهُونِ
وِهَانِيَ وَاتُنِ تِي پَاسَا کهوڙِٽو پُونِ
ڪَنُهِن کهِي نَ چُونِ تَ اَسِي آڌِيسِي آهِيُون ⁘

۹

ڪَشِي سَانُ ڪَشَنِ ڏِيلَ ڪِيَائُون ڏُٻِرَا
پِيتَ نَ هِيرِيَائُون پَانُهِي جَا جوڙِي سَانُ جُسَنِ
اِهَڙِيَ رَاهَ رَسَنِ ڪَاپَڙِي ڪَابُولَ کهِي ⁘

۱۰

ڪَشِي ڇِيلهِ ڪَشَا ڏِيلَ ڪَيَائُون ڏُٻِرَا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لاهُوتِي لَطِيفُ چَوِي تَنَ کِهِي ڏِئِنِ تَسَا
ڪُرُوڙَ جِي ڪَسَا پَاسِي ڪَنِ نَہ پَانَ کِهِي ⁘

۱۱

آڏِيسِي آڏِيسُ هِنَّانئِي ڪَرِي هَلِيَا
ڪَاپِڙِيَنِ قَلْبَ مِين ڪِئُو ڏُورَانئُو ڏِيسُ
وِيرَاڳِي نَنئُون وِيسُ رَاوَلَ ڍَهَڪِي رَمِيَا ⁘

۱۲

آڏِيسِنِ اَدَبُ آهِي اَکَهِڙِيَنِ مِين
نَسْلُ تَنِ جو نَاهِہ ڪو ڪُونْهِي اُنِ حَسَبُ
سَامِنِ سَبهِين پَرِين رُوحَ مِين رَهِيَنَ رَبُ
رَيَ لَانْگوٽِيَ لَبُ پَاڇِهِي ڪَنِ نَہ پَانَ سَان ⁘

۱۳

لَانْگوٽِي لَاهِي وَڃُون وِيرَاڳِنِ سَامُهُون
ٻَنْڌهُ سُورَنِ جو سَنْڌِرو مَنْجهَان سِڪَ سَاهِي
اُنْهِين وَٽِ آهِي اوڇهَنُ مَالِهِہ اُکهَارَ جِي ⁘

۱۴

لَنْگُ ڪَڏهِيَائُون لَانْگَ مَوٽِي ڪَنِ نَہ مَنجهو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڄا اسلامان اڳي ھُئِي سا سُڻائُون ٻانگ
سامِي ڇڏي سانگ ڪڍِيا ڪوڙڪھ ناٿھ کھي ⁘

۱۵

ويراڳِي واڳي ڏِٺِن ڏِينھاڙي ڏِيل کھي
راوَلَ رِتي مؤلھِئين سامِي سُھاڳِي
اَنوُن جَنھِين سِين لاڳِي سي جوڳِي پَسان تہ جِيان ⁘

۱۶

ويراڳِي واري آلا اَنگَنِ آئِين
ڏُکھَ لاھِينڌا ڏِيلَ کھان تُھَنِ جان تاري
اِينڌَمِ اوتاري کھنئَ جون ڏِينڌَمِ خبرون ⁘

۱۷

اَرْتو اَکھنِ مان وِيھِي مَتھان مُڪَلَنِ مُڪاڙِ
ڪوڙي ڪَنَنِ وِچَ مِين پَڇھَ ڏِنائُون پھاڙَ
ھَنِي تونبھَ تاڙَ ناڪا نِسورا ٿِيا ⁘

۱۸

پُوجا ڪَرِ مَہ پانَ کھي کھُھِ راوَلَ ٻَنِ رَجاتَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## رَامَڪَلِي ٨

لِبَاسَان لَطِيفُ چَوِي پَلِ وِيرَاڳِي وَاتُ
مَنُ مَارِي ڪَرِ مَاتُ تَ تِيرَتهَ پَسِين تَڪِئو ✧

١٩

پُوجا ڪَرِ مَ پَانَ کهِي پَلِ پُوجَا ڪهَان پَانُ
جَانِي ڇهَڏِي جَانُ پُرُ تُون پُورَبَ پَارَ ڏِي ✧

٢٠

پُوجَا ڪَرِ مَ پَانَ کهِي جوڳِي رَکهِجِ جوڳُ
خَلْقَ خَالِقَ جِي کهَنِي هِيئُ رَاوَلَ وَڏو روڳُ
ٻهَمَڻِ ڪوڙهِي ٻهوڳُ نَانڪَا وَڃَنِ نِنڪِيَا ✧

## وَائِي

مِڙِنئُون موڪَلَ ڪَالهَ ڪَنْدَا وِيَا ڪَاپَڙِي
ڪَڏِهِن اوتَرَ سَامُهَان ڪَڏِهِن ڏُونهِنِ جهَلَ
ڪَالهَ ڪَنْدَا وِيَا ڪَاپَڙِي
هُنِ سِيڪِينْدِي هَتهَڙَا مُون ڳَاڙِينْدِي ڳَلَ
ڪَالهَ ڪَنْدَا وِيَا ڪَاپَڙِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چيري چنڊن ڪاتهه جنئہ سور ڏنانئون سَل
ڪالهہ ڪندا ويا ڪاپڙي
بابُو ڪنِ نہ ٻکهيا نہ ڪا وَلِنِ وَل
ڪالهہ ڪندا ويا ڪاپڙي
اَلا عبدُ اللطيف چوي اينڊم شال اَمَلَ
ڪالهہ ڪندا ويا ڪاپڙي ٭

---

## فصلُ اٺون

١

رهيا اٿهي رات صُبح وينده صابري
لنون لنون منجهہ لطيف چئي ڪر تنهين جي تاتِ
سنڌي جوڳِنِ ذاتِ ٻي ڀيري مَس مڙي ٭

٢

اڱڻ آهن اڄ صُبح وينده صابري
ڳجهہ ڪو ڪاپڙِنِ مان روح رُچندو رَڄ
پيرِ تنهين جي پُڄ متان سگهين سناسِن کهي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۳

تانڪي سانُن اوڙ جانڪي آهِن اوڙتاڪِن ۾
ڏَهه ڏَهه ٻهيرا ڏِينهَن ۾ پانْ مٿهانئُن کهوڙ
وِيَا جي هِنگلوڙ تہ ڪَرم مِلَنْدَء ڪاپِڙِي ٭

۴

تانڪي وَتِن وِيهُ جان آهِن اوڙتاڪِن ۾
سامِي سَفرِ هَلِيَا ڏُورِ چِتائِي ڏِيهُه
ڇڏِي سَنْگ ساڙِيهُ مَٿي ڪَنْڪا ڪِئا ٭

۵

تانڪي وَتِن وَنجُ جان آهِن اوڙتاڪِن ۾
سامِي سَفرِ هَلِيَا رَانو چِتائِي رُنجَ
اِهڙا جَنِ اُهنجَ سِي ڪَرمِ مِلَنْدَء ڪاپڙِي ٭

۶

تانڪي وَتِن آء جان آهِن اوڙتاڪِن ۾
وِتو تَنِ نہ وِسِري لاهُوتِڪو لاء
فَنا ۽ فِراق جو سامِن چکهِنو سَاء
وَتان تو وِينْدَا ڪاپَڙِي ڪابُولَ ڏي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۷

اَڄُ نَہ اوَتَاڪُنِ مِين جَاڳَرُ جوڳِنِ جو
سَارِي سَنَاسِنِ ڪِهي رُوئَنْدِين تَان رو
پَسُ پَانِيَان تو لَاهُوتِي لَڏِي وِيَا ٭

۸

اَڄُ نَہ اوتَاڪُنِ مِين طَالِبَ تَنوَارِينِ
آدِيسِي اُتهي وِيَا مَڙهِيُون مُون مَارِينِ
هوءَ جي جِيئُ جِيَارِينِ سي لَاهُوتِي لَڏِي وِيَا ٭

۹

اَڄُ نَہ اوتَاڪُنِ مِين سَنْدِي جوڳِنِ جوڙَ
سَارِي سَنَاسِنِ ڪِهي ڪَهَامِي نِهِيئُ تُون ڪهوڙَ
مَنَ جَنْهِين سَان مُوڙَ سِي لَاهُوتِي لَڏِي وِيَا ٭

۱۰

اَڄُ نَہ اوتَاڪُنِ مِين سَنْدِي جوڳِنِ ذَاتِ
مُون تَنَ جَنْهِين جِي تَاتِ سِي لَاهُوتِي لَڏِي وِيَا ٭

۱۱

اَڄُ نَہ اوتَاڪُنِ مِين تَازَا پَتهَرَ ڪَکهَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

آڊيسِي اُتهي وِيَا پيئِي اُڏَامي رَکَهَ
سَامِي ڪهَنِي سَنْڪهَ وَڄَائي وَاتَ تهِيَا ٭

۱۲

جِيَاسُون جوڙَ تهِي جوڳِي ڏِٺهوسُون
ڪَنَا تَنْهِين مُون حَاصُلِ ڪِي حَالُ ڪِئُو ٭

۱۳

جِيَاسُون سوڙَ تهِي جوڳِيَ لَاتهو جَارُ
سَنْڌو پُورَبَ پَارُ آچهَانئُون اَنْدهَنِ ڪهي ٭

۱۴

جِيَاسُون جوڙَ تهِي جوڳِي ڏِٺهوسُون جَان
مُون سَنْڪُ جَنْهِين سَان سو سَامِي سَانْبهِي تهِئُو ٭

۱۵

جِيَاسُون جوڙَ تهِي نَانْگو ڏِٺهوسُون بِت
چُنْجهو هوسُون چِتُ ڪهُلِي اَڄُ سو بَاغُ تهِئُو ٭

۱۶

هَئِي جي هُوَا هِتِ تَہ مَتهِنَ هُونْدَ حَقُّ تهِئُو
مَڙهِيُون مُورَتَ مِتِ مَنَ وِسِرِيُون ڪِي لَهَان ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٧

هَيْ جي هُوَا هَانِ تـ مَتهِنَ هُونْدَ حَقُ تهِئو
پيهي وِيَا پَانَ اَڏِيَا مَرُهَ مَارِينِ مُون ٭

## وَائِي ٢

جرڪِي جَڳِ ڪهَنَا لَا مُون وَهُ وِيرَاڳِنِ سَان
پَاچهِي ڪَنِ ڌَ پَانَ سَان تُنْبِيَ مَنجهِ ڪَنَا لَا
مُون وَهُ وِيرَاڳِنِ سَان
جَانڪِي دهَانِيُون دهُوڙِ مِين جَانڪِي ڪهِينِ چَنَا لَا
مُون وَهُ وِيرَاڳِنِ سَان
وِيتهِي وَاتَڙِيَنِ تِي بهَتَنِ جِنئَ بهُنَان لَا
مُون وَهُ وِيرَاڳِنِ سَان
سَارِئو سَنَاسِنِ ڪهِي وِيتهِ هَتهَ هَنَان لَا
مُون وَهُ وِيرَاڳِنِ سَان
آيَلِ آدِيسِنِ جَا مُون ڪهِي ڪُنَ ڪهَنَا لَا
مُون وَهُ وِيرَاڳِنِ سَان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اڊيون عَبۡدُ ٱلۡطِيفُ چَئِي مُحِبّنِ مَنۡجھ مَنِيَا لَا
مُون وَهُه وِيراڳِنِ سَان ◊

---

## فَـصْـلُ ٽـانئون

١

ٻُڪهَ وِڊهَانئُون ٻَکُلِئِين جُوڳي ڪَنۡدَا جُنج
طَلَبَ نَه رَکَهن طَامَ جِي اوڙينُو پِنّنِ اُنج
لَاهُوتِنِ لَطِيفُ چَئي مَنُ مَاري ڪِئو مُنج
سَامِي جهَاڳِي سُنجَ وَسِئي کهي وِڃهَا تهِيَا ◊

٢

نَه ڪِنۡدَا نَه ڪَبَرِي نَه لَانگوٽِي لِڪهَ
جيڏَان ٻهَرِنِ وِڪهَ تيڏَان صَاحِبُ سَامُهُون ◊

٣

نَه ڪِنۡدَا نَه ڪَبَرِي نَه لَانگوٽِي لِيڙَ
جيڏَان ڪَرِينِ ٻهِيڙَ تيڏَان صَاحِبُ سَامُهُون ◊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٦٠٣

٤

جِنئَ تَهَا پُڇَهَنِ اُنَ ڪهِي تِنئَ جِي ڪَرِينِ پَنْڌُ
رِڙِهِي لَدهَانئُون رَنْدُ لَتهِيَنَ لُڪهَ لَطِيف چَئِي ⁘

٥

نَ ڪِنْدَا نَ ڪَبَرِي نَ ڪَڇِهِينِ ڪَاڇهڙِي
سَامِنِ بَارِي سُڃَ مِين تَانُنِ بَاهوڙِي
جوڳِي جَبْرُوتِي وَجَانِي وَاتَ تهمَا ⁘

٦

ڪَڇهِي ڪَاڇهڙِي نَانگَنِ ٻَدهِي نِينْهَ جِي
جِهَرَا آيَا جَڳَ مِين تِهَرَا وِيَا موٽِي
اُنْهِين جِي چوٽِي پُورَبِ تهِينْدِي پَدهِرِي ⁘

٧

سَبِيرِيَ سَنِدُ جَوِي جِي تهَا پُڇَهَنِ اَنْ
تَنِ ڪَاپَڙِنِ ڪوڻهِي ڪَنْ جوڳِي جَانِنِ جَاڙَ تهَا ⁘

٨

جَا تَرَاد ٻُتَنِ جِي سَا اُنجَ ٻُڪهَ آدِيسِنِ
رُوزَا رِنْدَ رَکهَنِ عِبدَ نَ اوڏَا ڪَاپَڙِي ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٩

وِيٺهو پُڇهين پَرُ ڪَرِ هِنْيارَ هَلَنَ جِي
اَڄُ آڏيسِي مَرُ صُبَحَ مَرَنْدو سَبهُڪو ٭

١٠

رَامَڪَلِي ڏُکهِڻو ڇَوِي سُکهِڻو ڇَڻِي نَہ ڪوء
ڪو مِترِيَ ڪو مَائِتِرِيَ ڪو رَوِچِيَ کهِي رَوء
رَامَڪَلِي سو جوء جَنْهِن جِي بهَاڳِ ڏُکهُ هُجِي ٭

١١

پَرِينْديهِي پِيرَ تهِيَا ڇهَڏِي ڪَنْجو ڪامُ
وِيهِي ڪَيو نَہ وِچَ مِين تَنِ آڏيسِنِ آرَامُ
رَاهَ مِين ڪَڏِيَنَ رَامُ پَنْدهَان ڇهُٽَا ڪاپَڙِي ٭

١٢

اَکهِيُون آلو مَاهَ سَدَا سَنَاسِنِ جُون
وَارِي نِينَ نِنْڏرَان جَان کِي جهَلِيَا جوڳِيئِين ٭

١٣

اَدهَ لَڳِيُون آهِينِ آيَلِ آڏيسِنِ جُون
وِيهِي وِهَائِينِ ڪَا قَضَانِي رَاتڙِي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٤

اَڄَان سي آهِينِ جي سَنَاوَرَ سِنڱِينِ جَا
وِيتَهَا وَجَائِينِ جي سَنَاسِي سُنِڻِين ٭

١٥

مَرَنُ مُسْلِمُ جَنِ وَاحِدُ تَنِ نَہ وِسِرِي
مَتهِي سَگَرَ ڪَاپَڙِي نَانْگَا نِنْڊَرَ نَہ ڪَنِ
نِينَ سَنْدَائِي تَنِ اوجَاڳِي اُجَارِيَا ٭

١٦

پُورِيَ پَئِي رَهُ اُبَتهِي اُجهُہ مَہ ڪَاپَڙِي
اُلَا جي عِشْقَ جَا سِي تُون سَهِڻُو سَهُ
پُڇهُ پَانَ ڪهِي پَهُ هِنْگلاجِ هَلَنَ جو ٭

١٧

ڏورِنُ ڪهَنُو ڏَاکهڙُو ڏورِجِ رِي مَہ ڏِٺِي
تَان تَان هوئِجِ حُجرِي جَانْسِين يَارُ جِٺِي
جَڏِهِن پَاسِي پَانَ تهِئِي تَڏِهِن ڇهَڏِجِ تَڪِئُو ٭

١٨

ڏورِ مَہ ڏِيَان دهَارَ ڏورِنُ ڪهَنُو ڏَاکهڙُو
ڪوڙِين لَکهَہ هَزَارَ هِنَ اُونْدَاهِيَ آنْدهَا ڪِيَا ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۹

سَامِي تُون سُلوڪ کِهي هَتهان هَڏِ مَ ڇهَڏِ
لَڏِينْدَنِ سَان لَڏِ تَ رَهين تُون رَاجَ ڪَرِي ◇

۲۰

وِينْدَنِ کهي وِيڪَ تهِنْجي هُونْدَنِ ڪونْهي هَنْدُ
اِيئَ پَرُوڙِج پَنْڌُ مَلَاَهُ اَلمَوْلَىٰ فَلَهُ اَلکُلُّ ◇

۲۱

عَاشِقَ شَهَرَ فَقِيرَ دَرِ دَرِ هَنْنِ سَنْنَ
مَنْ عَرَفَ اَللّهَ ڪَلسَانِهِ اِنْهَانِنِي اَمِينَ
جِتي پَسَن ڪِي نَ تِني ڪِنِ تَڪِيَا ◇

۲۲

ڪُذَرُ ڪَنِي ڪَذَرَانُ ڪِي نَ تَمُوَاجِ ڪَاپَڙِي
عَلِيَ جو مَيْدَانُ سَکهَرُ سَمَاسِنِ کِهي ◇

۲۳

وِيتهَا دهُوڙَ دهُنِي عَلِيَ جي مَيْدَانَ مِين
تَرَنْ ڪِيَانُون تَڪِيَا پَرِيُون پَنْڌُ سُنِي
ڪَنْدِين ڪوڙَ هَنِي طَعْنَا مَارِي تَن کِهي ◇



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢٤

ننگهي لَاهُوتَان ڪَاپَڙِي ڏُونْهي ڪَا مَہ ڏکهَاء
اوڙي ڪَرِ مَہ آسِرو پَري پيرُ مَہ پَاء
جَنِ جِي جَاء نَہ مَاء وَڃُن تَنْهِين سَان وَاڳِئو ❖

٢٥

بهِنِيَ بهَڙَڪَ ڪَنِ بَاهِيُون پيرَاڳِنِ جُون
هَلو تَہ سِيکِيُون هَتهَڙَا مَتهِي تَنِ مَچَنِ
مُلَا سَنَاسِنِ مُون جَڙَ لَڳِي جَانِ مِين ❖

٢٦

هُوء جِي تهِيَا هَرڪِيسَ تَنِ لَڳِي ڪِي نَہ لِبَاس سِين
وَتَنِ وِلهي وِيسَ لَاهُوتِي لَطِيفُ چَئي ❖

٢٧

ٻُکهَ اُنْهِين جِي بِکهِيَا ڌهُوڙِ تَنْهِين جو ڌهُوپُ
ڪِيَانئُون سو رُوپُ جِئَان لوڪَ لَڄَ تهِئِي ❖

٢٨

سِنْگِيُون سِيلهِيُون ڪَبَرِيُون تَرِيئِي تَوَلَ تَرڪو
پَترُ هَنِي پَٽَ سَان ٻهِينْرِي تَنِ بهَگو
لَاهُوتُ جَنِ لَڳو سِي مَڙِيَا مُورُ نَہ نِينگِيَا ❖



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢٩

ڪَنْڌِي ۽ ڪِرَاهُه جَنِ سَنَاسِنِ سَانْڍِهِئُو
اُنْهِين ڪَهَان اَللهُ اَڃَان آڳَاهُون تهِئُو ؞

٣٠

ڪُهُهِ ڪُوڏَڙَ ٻَنِ ڪَبَرِيُون نِيئِي ڪِنْدَائُون ڪَهَانيءَ
جِيڏَاهِين جَوڳُ وِئُو نِينَ تِيڏَاهِين نَانيءَ
پُورڙ اِيَهِين ٻهَانيءَ تَہ سِنْڱِيُون شُومَتَ هَتهَ جُون ؞

٣١

ڪهَنْ ڪُوڏَڙَ ٻَنِ ڪَبَرِيُون ڪَهَانيءَ مَہ ڪِنْدَائُون
جِنْدَان وَنِڃِي جوڳَ سِين لَهِڄِ ڪِي لَائُون
اِيئِين ڪُوهُ اُتَائُون تَہ سِنْڱِيُون شُومَتَ هَتهَ جُون ؞

٣٢

ڄَا ڪُرَ ڏِنِي ڪُوڏِڙِي سَا مُون ڪهِي تهِي مَرڪُ
چِيلاَ مَارِي چَرَڪهُ اوڌهِي وِيهُه آدَبَ سَان ؞

٣٣

ڄَا ڪُرَ ڏِنِي ڪُوڏِڙِي سَا تهِي لاَهِينْدِي لَڄَ
سَنْدَا تَنْهِن سَهَڄَ چِيلُو چَوَنْدُو ڪِيتِرَا ؞



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۳۴

جا ڪُرَ ڏِنِي ڪوڊِڙي سَا مُون ڪھَنوَ سُھَاء
نِيئِي رَسَانِي مَاء اوڏهِينِ جي اَدَبَ سَان ٭

۳۵

اَنْدَرِ رِلَا رِلِيُون ٻَھَرِ پَتُولَا
خُدَاء جَا گولَا اِنْهِين پَرِين ڪاپَڙِي ٭

۳۶

ٻَھَرِ رِلَا رِلِيُون اَنْدَرِ پَتُولَا
ڪَڏَھَ جَا گولَا اِنْهِين پَرِين ڪاپَڙِي ٭

۳۷

پَتَرَ ڇھَڊِيَانئُون پَٽَ مِين ڏَنْڏَ ڇھَڊِيَانئُون ڏِسِ
سَبھَ ٿُولَنِيَّان اَڳِي تِھِيَا مُوتِي تِھِيَا نَہ مِسِ
هِيئَ ڇھَڊِيَانئُون هِسِ وَنِجِي ڪَالھَ ڪُلّ تِھِيَا ٭

۳۸

ٻُولِي ٻُجھَارَتَ جزگِيَان سَنْڌِي ذَاتِ جِي
ڏُورِنُ ڪھَنوَ ڏَاڪھِڙو ھَلَنَ مِين حَيْرَتَ
عَجَبُ عِبَادَتَ پَھُ پَرُوڙِنُ اُنِ جو ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٣٩

جَنْهِن ڪَارَڻِ جوڳِي ٿِيا جَان جَان سو نَہ پَسَنِ
تَان تَان سَنَاسِنِ وِرِهَ وِهَامِي راتَڙِي ✧

٤٠

نَہ کِهلَنِ نَہ کِهِينِ ڪِي نَہ ڪِي ڳَالهَائِينِ
ڪَنهِن جَنْهِن مِين آهِينِ سَا پَرُوڙِنُ ڏَاکِهڙو ✧

٤١

پُڇِهَنُ پَرَڏِيهِنِ جو آسَنَ وَتِ آهِي
لَنْگهَنَ جي لَاهِي تَہ هُنِين تَان حَقُّ لَهِي ✧

٤٢

رَاتِيَان رُجهَنِ رَامَ سِين ڏِينْهَان ڪَنِ سَنَانُ
جوڳِي سِي اَنَانَ وَتُرون جَنِ وِرَاهِيُون ✧

٤٣

ڪِي جو ڏِٺهَانئُون ڏَهَڪِجِي ڏُورِ ٿِيا
وِهَڪَ نَہ ڪِيَانئُون اُبهَڪَ عَيْبُ اُنِ جو ✧

٤٤

نَہ ڪِي طَامُ تُنْبِنِ مِين نَہ ڪِي ڪَبرِيَنِ
مُون پُنُ مُلَا تَنِ حَاصُلُ ڪِي حَالُ ڪِٿو ✧



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۴۵

دَلِقَ ڏَهَڪَائِجِ دِلِ کِهي لَاٿِجِ ڪوُ مَ لِبَاسُ
پُررؤ کِهَائِجِ پَانْهِن جو مِڙِنِئَّان اَنْدَرِ مَاسُ
تَ وِيرَاڳِي توُ وَاسُ بَرَّ مِين ٻُويُون موُڪِلِي ❖

۴۶

جِتِي عَرْشُ نَ اُڀُ ڪوُ زَمِينَ نَاهِ ذَرّو
نَ ڪوُ چَاڙهَائُو چَنْڊَرَ جو نَ ڪوُ سِجَ شَرو
اُتِي آدِيسِنِ جو لَڳو دوُڳَ دَڙو
پَرِي پِيُنَ پَروُ نَاٿُ ڏِٺهَانئُون نَاهِ مِين ❖

وَائِي

جوڳِي ڏَاڍِي ذَاتِ جِيڪَا سَامِي ڏَاڍِي ذَاتِ
مَاءُ مُون قَبُولِيَا ڪَاپَڙِي
رَاتِيَان ڏِينْهَانِ رُوحَ مِين مُون کِهي سَنْڌِي تُنْبِنِ تَاتِ
مَاءُ مُون قَبُولِيَا ڪَاپَڙِي
سِکهَا اِيندَمِ سُپِرِين شَلَ صُبَاڻِي پِرَڀهَاتِ
مَاءُ مُون قَبُولِيَا ڪَاپَڙِي


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اُنھِنِ آڊيسنِ جِي مُون کهِي وَائِي آهِي وَاتِ
مَاءُ مُون تَبُولِيَا ڪَاپَڙِي

ڪَرِيَان عَرَضُ اَللّٰهَ کهِي آنئُون اُتهِي آڌهِيَ رَاتِ
مَاءُ مُون تَبُولِيَا ڪَاپَڙِي

اَڍِيُون عَبْدُ اَلطِيفُ چَئِي شَلَ ڏَاتَرُ ڏِيندُمِ ڏَاتِ
مَاءُ مُون تَبُولِيَا ڪَاپَڙِي ⁘

---






books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# رِپَ

## فَصُلُ پِهرِيون

١

ڪُونڌَرَ ڪَيو غَرَقُ مَاءُ مُنهِن جو جِنڊَڙو
ڏُکهوَيَنِ مَرڪُ مَتهي سَڱَرَ پَنڌهَڙو ۞

٢

ڪُونڌَرَ ڪَڍِيَاسِ صِحَتَ نِيَمِ سَجَڻين
مَادَرِ مَارِيَاسِ پهوڙَائي پِرِيَنِ جي ۞

٣

ڪُونڌَرَ هَتهَ نَہ پيرَ وِرِهُ مَنجهيئي وِهنو
ڪُڙهِ ميِن قَطَارُون ڪَري سُورَنِ لَايو سيرُ
مَنجهِئي ڪهَارِي ڪيرَ هيڪَلِي رِي سَجَڻين ۞



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۴

لَاٽِي جو وِيَا سو مَنْجهِٽِي تهو مَڄُ ٻَرِي
سو اُجهَامِي ڪِيَّا جَنْهِن جو سوزِيندَڙُ سُپِرِين ٭

۵

ڪَهَنُ تَہ ڪَچَاٽِي سُورَ نَہ سَانْڍَهِنْ سُتهِرَا
اَنجَان تَان آئِي ڏِيلَ مُنْهِن جي ڏُکهَ سِين ٭

٦

جِنئَ سو تَپِيَ تَرو تهو ڪهَامِي ڪهُورِي وِچَ مِين
تِنئَ مُون ڪهِي ڏِنو سَڄَنِين مَنْجهَان سِڪَ سَرو
سو وَرُ جهِينو تهِٽِي ٻَرو مَہ پهوڙَاٽو سَڄَنِين ٭

۷

اُبهِرِيَامِ اَنْڪُورَ سُتي سُپِيرِيَنِ جَا
ڪهَايو ڪهَايو سُورَ لُڇِهٽو لوِچِٽو اُتهِيَان ٭

۸

ڳَرِنَ مَہ ڳَرهِيِجِ روئِي ڪِجِ مَہ پَڌِهِرو
تَان سُورَانِي سَهِيِجِ جَان. لَاهِينْدَڙُ ڪو لَهِين ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٩

ڪَرَهِ مَ ڪُجھو رَوُ پَڌهَرِ وِجهُه مَ پِرِنءِ رِي
سُوَرَنِ سُبهَرُ هو هِنئڙا ڪَمَ ڪَنَنِ جِنءِ ٭

١٠

لاهِ مَ پَچَارَانَ سُکهِ مَ سُمهُ تُون جِنْدَڙا
ڪِرِ جهورِي ڪينَّانَ ڪَالهُونَا اَڄُ ڪهَنِي ٭

١١

جهورِي جهِجَنْ جهَانيءِ مُون جَنْهِين جِي نَ لَهي
آيَلِ اِينِئَ مَ ڀهَانيءِ تَ ڪَا آنئُون جِئَنْدِي اُنِ رِي ٭

١٢

جهِجِي جهَانيءِ ڪَرِي مَاتهِ نَ اَچِي مُون هِنئِي
سَڄَنَ سِي سَارِي هو جَنْهِين جو هيرِئُون ٭

١٣

جَاءِ نَ سَجو ڏِينْهُ هِنئَڙو اوٿهي وَڪَ جِنءِ
مُون پِرِيَان سِيْنَ نِينْهُ ڇهِنَنَ ڪَارِنِ نَ ڪِٿو ٭

١٤

ڪَکَرَ مَنْجهِ ڪَپَارَ جهُڙُ نِينَنِئُون نَ لَهي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اَڄ مُنهن جي چِتَ مين اُتها پرِيَن پارَ
آءِ سَاجَنَ لهُ سَارَ وِرهَ ويڙهِي آهِيان ۞

۱۵

مُون مَنجهيڙي مِينهُه گرنڊِيَسِ جِنءَ ڪَڪرِين
سَرَلو سَارو ڏِينهُه مُون پرِيَان جو نہ لهِي ۞

۱٦

سُتي سَنبهِريِوم ڪو ڳُڻُ ٻَاروچَنِ جو
ڪَنڌهِ وِهانو ٻهِنو هَرِيو هَتهُه تهِئوم
سَجَڻُ يَادِ پِيوم جَاڙ جِيَان تهِي جيڏِيون ۞

۱۷

سَجَڻَ سَنبهِريَامِ پِيَمِ ڪَرَ ڪَپارَ مين
جهِڙي تهِڙي حَالَ سين پرِين نہ وِسرِيَامِ
هَرِيَا هَتهَ تهِيامِ نيڻَنِئان نِيرُ وَهي ۞

۱۸

سَنبهِريِو جِيَان ڳالهِيُون پرِيَمِ تُنهِن جُون
ڳُنَ ڪِيترا ڳنيان تهوَرَنِ مَتهو نَاهِ ڪو ۞



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٩

جُسي سَنْبھرْجَنِ سَنْھُه جَنْھين سَان اوڙِيَان
لُنئَ لُنئَ ھيٺھِ وَجَنِ رَڱُون رَبَابَنِ جِنئَ ❊

٢٠

ڇَتُرَ رَهي نَه ڇِتِ وِڻَنِ وَاڱُڻُ نَه رَهي
رَڻيَ لَڳِي نِتُ ھِنڱڙَو وَاتَ وِرِکھَ جِنئَ ❊

٢١

ڇڙي ڇڙي ڇِتُ جَان وِيئِيَ وِھَانِيَ نِڪِرَان
نِينْھُه کھُرَائِي نِتُ پرِيَان سَنْڌِي پِيرَ ھين ❊

٢٢

ڇيتَارِئَان ڇِنِڪَنِ سَنْبھَارِئَان سَھي
اَنْدَرِ رُوحَ رَھي مُون کھي صُورَتَ سُپيرِيَنِ جي ❊

٢٣

ڇيتَارِئَان ڇِنِڪَنِ وِيسَارِئَان نَه وِسِري
وِيرُوتَارَ ڏُکھَنِ سَجَنَ بھَڪِي ھَڏَ جِنئَ ❊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وَائِي

جوُ نَوَازِي ڏَڏَ آسَرَ لَاهِ مَ اُنَ جِي
وِيهُ دَاتَا جِي دَرَ تِي لَنْگهَا لَاهِي لَڏَ
آسَرَ لَاهِ مَ اُنَ جِي
اوڏَايَان اوڏو ڪهَنوُ ڪِهَڙَا ڪَرِين سَڏَ
آسَرَ لَاهِ مَ اُنَ جِي
اَڪِلَنِ کهي اوڏو وِهي ڪَنْدَا ڪَرِي ڪَڏُ
آسَرَ لَاهِ مَ اُنَ جِي
اَکِيَان مَحِبَنِ جِي اَوْکهو بَنْدَهَنُ مَڏُ
آسَرَ لَاهِ مَ اُنَ جِي
آدَمُ تِئَان اُپَنو هُوَ جَا کَهَجِي مَنْجهَان کَهَڏَ
آسَرَ لَاهِ مَ اُنَ جِي
اَوَلَي مِين عَبْدُ الَّطِيفُ چَوِي سَاجَنُ ڏِينْدو سَڏَ
آسَرَ لَاهِ مَ اُنَ جِي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# فصل پهريون

١

ٻين نہ ٻنڌڙون ڪن ڀڳو آرس اکين
اُجهامئو ٻرن ٿو ڪهي سارئو سپرين ٭

٢

سئين نہ سيئان ناهه اٻتي اُن سين ٭
وڃن سهي ويئان ٿو نہ سرندي تن ري ٭

٣

اندر اندريون جني واجو لڳهه مين
مون تن تيتريون نہ ڪني ملبو ڪهي سڄنين ٭

٤

جني سي ڪهوهي نار وهن واري ڪاڏنان
هنڙو پريان دهار ٻيرياس نہ ٻيري ٭

٥

سبر سيئي پٿو نہ مون سوڙ نہ ڪبرو
نہ مون ڪانڌهہ نہ ٿوت ڪي جوبهن وهي وٿو
تنهين حال ڪٿو ندهر جنهين نجهرا ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٦

اوتر ڏيي اوت نه مون سوڙ نه ڳبرو
چارئي چلي پوت مون ريڙهيندي رات ڳئي ✧

٧

نينهن نهائي جان ڏهڪيو ڪونهه نه ڏهڪئين
جر جيري ڇهڏي ته ڪينئي ٻچندا تهان
سنڌي ڪنڀهاران ڪن ڪريا ڳالهڙي ✧

٨

نينهن نهائي جنئي ڏهڪئو ڪونهه نه ڏهڪئين
جر جيري ڇهڏي ته رچهه ٻچندا ڪينئي
تون پڻ ڪريج تينئي جنئي ڪنڀهار ڪرن ڪم سين ✧

٩

نهائي ڪهان نينهن سکهه منهن جا سپرين
سڙي سارو ڏينهن ٻهر ٻاپهه نه نڪري ✧

١٠

نين نهائي جان ستي لوڪ ڏهڪيا
اجهامئو ٻران تو ڪهي سارئو سپرين ✧



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۱

ڪِي جو ڪُنڀهَارَنِ مِٽِيَ پَائِي مَنِيءُ
تَنْهِن مَان تِرَ جيتِرِي جي پَٽِي خَبَرَ ڪهَرَنِ
تَہ هِي تَان هُونْدَ مَرَنِ هُنِ اَنْگَنِ اوڙاتو تهِئِي

وَائِي

سَرْتِيُون سَنْگِينِيُون سَارِيَان پيرُ پِرِنيَءَ جو
لَالَانِيَ جي لوءِ مين سَارِي رَاتِ سَيُون
سَارِيَان پيرُ پِرِنيَءَ جو
تَوبَہْ آهي تَنِ کهَان جي هَتهَان مُون تهِيُون
سَارِيَان پيرُ پِرِنيَءَ جو
ڳَالهِيُون پِرِين تُنْهِن جُون وَدهِي وَنَ تهِيُون
سَارِيَان پيرُ پِرِنيَءَ جو
ڪوٺِي پِرِين ڳَڏِيَا کهَرَ سِين مُون نَہ ڪِيُون
سَارِيَان پيرُ پِرِنيَءَ جو
مُون کهِي ڏِٺِين نَہ مُنْهَ مين جي مُون ڪَالهَ ڪَيُون
سَارِيَان پيرُ پِرِنيَءَ جو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## رِپَ ٢

كوڙهُ كِبرُ تَنِ كهي جَنْهين مَنْجهِ كِبُون ٦٢٢
سَارِيَان پيرُ پِرنيَّ جوُ
اَرْتوُ اوڙين سِكهيُون عَادَتَ اَكهڙِيُون
سَارِيَان پيرُ پِرنيَّ جوُ
مُنْهِن جَا كَمَ كَرِيمَ. تي بِنّا كَنِ بِيوُن
سَارِيَان پيرُ پِرنيَّ جوُ
لَاَ عَبْدُ اَلطِيفُ چَئي صَاحِبَ كِجِ سَيُون
سَارِيَان پيرُ پِرنيَّ جوُ ٭

## وَائِي ٢

جِئڙي زِيَارَتَ جي مُون ڪئي پِرِيَنِ سين
سَدهَرَ مُنْهِن جَا سُپرِين مُون تَان لَاهِ مَ ڪنهَ
جي مُون ڪئي پِرِيَنِ سين
مَوْلَىٰ مُون كهي ميڙِئين سُپيرِيَان جي سَنگهَ
جي مُون ڪئي پِرِيَنِ سين
چُميَان كهڙَ اَكهِنِ سين پيرين وِجهي ڪنهَ
جي مُون ڪئي پِرِيَنِ سين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏُورِيَان ڍِٺُهُمِ سُپِرِين ٿِئي جَنْهِن صِفَّتَ
جي مُون هُئي پِرِيَنِ سين
مِلَنَ مين مُشْتَاقَ سين ڳا نَ ڪَيَانُئُون ڳَالهَ
جي مُون هُئي پِرِيَنِ سين
اَڍِيُون عَبْدُ ٱللَّطِيفُ چَئِي مَنْجِيَانُئُون مِنَتهَ
جي مُون هُئي پِرِيَنِ سين ٠


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# لِيلَانْ چَنيسَرُ

١

ڏَاغُ تُنْهِن جو ڏاسَڙَا جيڙي مَتهي جَنِ
تُون ڪِينئَ مَتهَان تَنِ چَنيسَرَ چِتُ ڪهَنيِن ٭

٢

ڏَاغُ تُنْهِن جو ڏاڻِمَا مَاري مَعْذُورِين
سَانئِيَ ڪَارَنِ سُپِرِين وَنجُ مَ ڏُورِين
آءُ تُون حُضُورِين تَہ مَنِئُو وِجهَان مَچَ مين ٭

٣

مَنِئُو وِجهَان مَچَ مين حَاوِيَ وِجهَان هَارُ
ڀِرِي جي ڀَهتَارُ تَہ ميرِيَاڻِي مَانُ لَهَان ٭

٤

مَنِئُو وِجهَان مَچَ مين حَاوِيَ هَنَان هَارُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪُڇِبي سُکھُ سَتِيَنُ چَوِي ڪَرِين ڪوھُ قَرارُ
رَاجَا رِيسَانو ڪھَنو سَتَّانو سَرْدَارُ
چوڙِسِ چَنيسَرَ جَامَ جو ڏِھَاڙِي ڏَھَڪَارُ
ٺَھَاڪُرُ اَڪھِڻين ٺَھَارُ مَنِڻي تي ٺَهِي مَٿَڻين ❊

٥

مَنِڻي تي مُوھِجي مُورَھِي ڪَيُڻِ مَرَڪُ
چَڻِي چَنيسَرَ جَامَ سين وِڌھو تو فَرَقُ
وَرِي وِيُڻِ وَرَقُ تِنئَ آئِيُ ڏُون ڏُھَاڪَ جو ❊

٦

چِي مَنِڻي مَتھي جي ھُوَا تَنِ چِتَرِن پھيرِيُمِ چِتُ
هَارُ ڪھَتَنْدِيَسِ ھوڻَ سين ڪِي نِيَبھُ تھِينْدُمِ نِتُ
ڪَوْنرُوَّ جو ڪِرتُ مُونْھَان مَتھَاھُون تھِئو ❊

٧

مَنِڻو نَاھِ مَنِيُون جو تُون پَسِي هَارُ ھِرِڪِنُ
اَصُلُ آھِنِ اَکَھِين سَنْدِيُون ڪوڙِھَ ڪَنِيُون
کھوڙَنِ ھَنِي ڪھَنِيُون اِنَ دوسَنِيَّان ڏورِ ڪَيُون ❊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٨

مَنِئِي تِي مُوهِجِي هَارِي کَهَنْئِيَ هَارُ
ڪوڙين ڪِيُون ڪيتِريُون اِنْهِي ڪهَرَ خُوَارُ
ڀِرِي وِئِي ڀَتَارُ تِنئَ آئِي ڏُنُون ڏُهاڳ جو ❊

٩

تُون ڪا وَاڻِي وَارِ دِلاسي جِي دَاسِڙَا
تُون مُنْهِن جو وَلَهُو آن تو مِين طَمَعْدَارِ
ڏَهَڪِي ڏهوَلَ ڪُڌَارِ لَجَ مُنْهِن جِي لوڪَ مِين ❊

١٠

ڏهوَلا ڏهيلِ مَ مُون ڪَانْڌَهَ ڪمِيني آهِيَان
سِڪَ تُنْهِن جِي سُپِرِين ڀِهِيرِي وِدهِيَسِ ڀُون
مُون وَرُ تونْهِين تُون تو وَرَ وَهُون ڪيتِريُون ❊

١١

تو وَرَ وَهُون ڪيتِريُون مُون وَرَ تُون وَرِيجِ
صُحْبِي اِنَ سُهاڳ کهي ڀوزِي ڀهَرُ مَ ڏِيجِ
پِرْتُون پِيرَ ڀَرِيجِ مَلهَائِجِ مِسْڪِينِ کهي ❊

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٢

ڏهڙا ڳُجَهاڙِيا ٻولائيو ٻوڏُ چَڙهين
آن تو پيرَانڌهِيا ڪَرَ مُوڙِڙو وَرَ اُتهيَان ⁘

١٣

لِيلَان جِيلَا ڇهَڏِ جي تُون صُحبِي سِکهئين
پَائي پَانڌُ ڳِچِيَ مين پَانُ غَرِيبِيَ گڏِ
هَڏِ نَہ چَوَنڌُهہ لَڏِ جي ڪَارُون آئين ڪَانڌهَہ کهي ⁘

١٤

جِنئَ ڪَارُون آئي ڪانڌهَہ کهي رُوئي رِيجهَائِيو
لِيلَان لِيلهَائِيو اُتهي مَاڱ مِنتهَہ جو ⁘

١٥

جي لِيلهَائي نَہ لَهين تَان پُنُ لِيلهَائِيو
آسِرو مَہ لاهِيو سَجَنَ ٻَاجهَارا ڪهَنو ⁘

١٦

لَکهَنَ ڪِي مَہ لِکهِيو جِنئَ مُون مُورَانئِي نَاهِہ کو
مُون کهي مَلهَائِيو وَارو ڏِيئِي وَلهَا ⁘

١٧

چَنيسَرَ سِين چَاڱُ مَتَان ڪا مُنڌهَہ ڪَري



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تان مُون پَهه پَرُوڙِئو هي نِمَانِن مَاڳُ

ڏَمِرِئو ڏُهَاڳُ سِکھو ڏِئي سُهَاڳِنين ❊

۱۸

چَنيسَرَ سين چَاهُه مَتَان ڪَا مُنڌهَ ڪَري

ڪَانڌهَ ڪَنهِن جو نَه وَڻي ڪِيرَبُ ڳَاءَ

جي تهڙي تهو رِسَاءَ تَه ڏُوسَ ڏَسَائي ڏَاسَڙو ❊

۱۹

ڏُهَاڳَڻ سُهَاڳِڻِيون ڪِهَڙي ڏِوهِ ڪَنْبَنِ

جِنئَ جِنئَ پَانْ پَسَنِ وَرُ وِڌُونئو اِيَهين ❊

۲۰

کھورِئو سو سُهَاڳُ جَنْهِن مين پَسين پَانَ کهي

ڏوري لَهُه ڏُهَاڳُ جَنْهِن ڪَرَ لَاهُو ڏَاسَڙو ❊

۲۱

اَوڳُنَ ڪَري اَپَارَ تو دَرِ آيَسِ ڏَاسَڙَا

جي مُون رُسَنَ سَنْڌِيُون رُوحَ مين تَنِ مُون بهيڻي نَاهِه بهَتَارَ

سَانئِيَ لَڳِ سَتَارَ ميتِ مَنْڌَايُون مُنْهِن جُون ❊

۲۲

نَه ڪِي ٻَانْهُنِ مين نَه ڪِي ڳُرِ هُنْوِمِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

نه مون سينڌهه نه سرمو نه سينگار ڪيئوم
ٻيلان ڪانڌهه سندوم رڳوئي ره کهڙئو ◌

٢٣

سونا ڪر ڪنن مين ڳچي ڳانا هار
ٻانهوٽا ٻانهن مين سينڌهه سنبها وار
ٻيلان پرني ٻچار ڪانڌهه منهن جي ڇهڏي ◌

٢٤

لوچا ڏٺهم پير جڏهن ڏهگن منهي ڍهول جا
مون ٻهانيو تنهن وير ڪوجهي ڪنڌو پرني ري ◌

٢٥

ٿهڙڪي پسي ٿهوڪ ٿرڪي تڪبر مين پئي
اچئو اچئو اکلي ليلان کهي چئي لوڪ
اندر اوبهالن سان ساڙي ڪيانئس سوڪ
ٻالاپن جو ٻوڪ وڃئو وچاري وسري ◌

٢٦

ور وسري تان ڪوهه ور نه وسرئوس
نه ڪو اکن اونداهوس ڪو نه چوندو ڪڏهين ◌

٦٧

جيڪُسِ ڪَمَ سَنْدَامِ جوڙتها ڏِٺها جيڏِيئين
ڪِهلَنِ سَبهِ مَتهَانَمِ سَاهيڙِيُون ۽ سَرْتِيُون ⁘

٢٨

هُئِيَنْ تَہ ڪهنو هُشيَارُ ڪَلَ نَہ پيئِيَ ڪَانْدهَہ جي
تو ٻهَاڻِين مُوچَارِي تهيَان لِڳِيَ پَاڻِي هَارُ
ڪَانْدهَہ ڪُوڙِيَ جو نَہ وَڻِي سَٺِين ٻهَڻِين سِينگَارُ
وَهَمَ لَهي وِيچَارُ دِلِيُون پَرْکهِي دَاسَڙو ⁘

٢٩

ٻهَاڻِين نَہ چڙهِيَسِ ڪهَتَ تِي رِيجهَائِينْدِيَسِ رَاءِ
اِهڙَوئِي اَللّٰهُ جو پوڙهِيَتِيُون پيشِ ڪَرِي ⁘

٣٠

جو تو ٻهَانيو هَارُ سو سُورَنِ جو سَنْدِرو
چَنيسَرُ چِتُ ڪِهَنِي تهنو پوڙهِيَتِ جو پَارُ
اَنوَنَتِ جو آچَارُ ڪَانْڌهُ ڪَنهِين سِين نَہ ڪَرِي

٣١

ڏَاهِي هُيَسِ ڏِيهَہ مِين سَرْتِنِ مَنْجهِ سُجَانِ
ڪَاجَا پِيَمِ ڪَانِ جِنئَ مُنْهُ مَتهَاهُون نَہ ڪهنَان ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٣٢

جَرُ هَارِئُو تهي جَكهِري جَڏهِن رَنئو ڏيرِيدَارَ
ڏهوڙِئي تَڏهِن ڏهيلِئَن جَڏهِن ڪُجهِي تهِيَئِ نَـ سَارَ
چَنيسَرَ ٻهتَارَ جِيلو ڪَيو هَارَ جو ٭

٣٣

ڏَمَرِئو تَـ ڏِسُ جِيلو ڪِيَائِين هَارَ جو
سُنو سَبهِ سَرْتِيُون وَرُ نَـ ڪَنْهِين وَسِ
دَعْوا پِهرِين دَسِ ٻهَنجِئو تهو ٻهوڙا ڪَري ٭

٣٤

ڪوڙِين تُنْهِن جُون ڪَامِنِيُون تُون ڪوڙِنِ سَنْدو ڪَانْدهُ
مُون ڪهي چهَڏِ مَـ دَاسِڙا تَـ وَنجَان نَـ وِنوَانْدُ
مُون مُجِيَ مِين پَانْدُ تو چَنيسَرَ هَتهَ مِين ٭

٣٥

چَنيسَرُ چَورَنْڪ پَرَنَنْڪ لَوَڪ ٻِئو
تَنْهِن سِين چهِنِئو سَنْڪُ وَنجِئو هَارَ هَتهُ چهِهين ٭

٣٦

چَنيسَرَ جي چِتَ مِين ڪِي جو اَڱَ هُئو
تَنْهَان پوءِ تهِئو مَنِئي سَنْدو مَامِرو ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٣٧

وَڏيري هُيَاسِ ميڙوُ مُون کهرِ سَرْتِيُن
هَتهُ ڇهُهَنَهَارَ جي ڪَڙي ڪَانْدهَ تهِيَاسِ
ڌهوڙلي ڌهيلِيَاسِ آيُمِ ڏُون ڏُهَاڳ جو ⁘

٣٨

وَڏيرِي هُيَاسِ چَنيسَرَ جي رَاجَ مين
ڏُهلين دَمَامين نُغرين پَرَ مين پُچهِيَاسِ
ڌهوڙلي ڌهيلِيَاسِ تَڏِهن تهِيَس ڏُهَاڳِن ڏيهَ مين ⁘

٣٩

هُيَسِ هِنْدوُرَنِ مين پيَمِ ڪَا نَه پَرُوڙَ
مَنِڻي سَنْڌي مَامِري ڪُوڙي وِدهِيَسِ ڪُوڙَ
سَامُهَان تهِيَمِ سُورَ وِنُو وِلِّيِي وَلَهو ⁘

٤٠

سَبهيئِي سُهَاڳِنِيُون سَبهِنِي ڳِچِن هَسَ
پَسَنَ ڪَارَنِ پرِنئَ جي وَڏَا ڪِيَانئُون وَسَ
ڌهوڙُ تَنهين جي ڪَسَ هيتهَاهِين هَلَنِ جي ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٤١

سَبهيئِي سُهَاڳِڻيُون سَبهِنِي مُلِ جَڙَا
سَبهَڪَنْهِن ٻهَانيُو پَانَ کِي تَہ اِينْدو مُون ڪهَرَا
آيُو تَنِ دَرَا جِي پَسِي پَانُ لَڄَائِيُون ٭

٤٢

لِيلَان جِمَ لَکهَائِيين صُحْبِي سَانُ سُڄَانَ
آهِين ڪُهَڻو اَڄَانِ مَتَان پُورِي نَہ پَوين ٭

٤٣

لِيلَان جِمَ لَکهَائِيين چَٽِي چَنيسَرَ سَانُ
وَرَ سِين وِڙهنو اُتهين مُوڙهِيُڻْ مَتِيُون پَانَ
ڀهُورِي کِيَئِ ٻهَانِ تِنئِ آيِئِ ڏَنِئِ ڏُهَاڳُ جِي ٭

٤٤

لِيلَان پُورِي نَہ پَئين چَٽِي چَنيسَرَ سَانُ
تو جو ٻهَانيُو پَانْهِن جو سو رِيسَانو رَاڄَانُ
پَانَان دهَارَ پَرِيَانُ ڪَانْدهَ ڪَنْهِن جو نَہ وَنِي ٭

٤٥

چَٽِي چَنيسَرَ جَامَ کِي لِيلَان تُون مَ لَکهَاءِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## لِيلَان چَنيسَرُ

دوسُ تُنهن جو دَاسڙو کهانڊِ وَڏِيائي کهاء
تَـ ڏهولو ڏهڪَ سَنڌِيَاء عَيْبَنِ کهي آڏو تهڻي ⁘

٤٦

ڇَڏِي چَنيسَرَ جَامَ کهي لِيلَان لَکهَاء مَـ تُون
هِيئُ کَنهِن جو نَـ تهڻي نَـ کا مُون نَـ تُون
رُوئِنڌِيُون ڏِٺهِيُون مُون اِنَ دَرَ مَتهي دَاڌِلِيُون ⁘

٤٧

ڇَڏِي چَنيسَرَ جَامَ کهي لِيلَان لَکهَايو
تو جو ٻهَانيو پَانهِن جو تَنهِن پَرو کو نَـ پِئو
کَوْنرو ڳانڌهُ سَنڌو دَسْتِ کِٿو دَاسڙو ⁘

٤٨

سَارِ سَبهِئِي لِيلَان لَکهَنَ پَانهِن جَا
وَرَ سِين وِڙهِئو اُتهِين ڏوراپو ڏِيئِي
نَـ جَاتَان کِيهي چَنيسَرَ جي چِتَ مِين ⁘

٤٩

لِيلَان لُڇهُ مَـ هيتِرو اُتهي سُورَ ٻهَارِ
ڏهولِئو اَنکَنِ ٻَارِ ڳانڌهُ کَمِينِيَ آئِيو ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٥٠

لِيلَان لُڇُهه مَ ايتِرو اُتهِي اَڱَڻُ سوڙِ
اَبو ڏاڏو کهوڙِ پانَ سُودهو پِرِنئَ تَان ◊

٥١

ڏهولَا اولَا نَ سَهَان آڏَا اَڏِيَنِ جي
تو وَرَ وَهُون ڪيتِريُون مُون وَرَ تُون وَرِي
پِرُتُون پيرَ بهَرِي مَلهَائِجِ مِسڪِينِ کهِي ◊

٥٢

جي مُون مُوڙهِي مَتِ تَ تُون پَانُ سُنجَانجِ سُپِرِين
اَصُلُ اَوَائِنِ جَا عَيبَ ڏهَڪِين تُون اَتِ
اِيئَ پِرِين تُنهِن جي پَتِ جِنئَ وِلهِنِ وَرِين وَلهَا ◊

٥٣

نِهِڻو بَندهِڻو رڙءِ اَڱڻِ جهوڪِڻو ڪَرَهو
ڪو چَنيسَرَ کهي چوءِ تَ لِيلَان وَنجي تهِي لَڏِئو ◊

وَائِي ١

آءُ پرِين کهرِ پيهي مِيَان چَنيسَرَ هارُ هَتهَان مُون ڇهَڏِئو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## لِيلاَن چَنيسَرُ



دوسُ نِيَانئُون دَاسَڙو وِيسَاهِي وَرُ وِيهِي
هَارُ هَتهَان مُون چهَڏِئو
پُڇهَنِ لِيلاَن هوءِ کَنِ جِيلاَ بَهَرِ اَچِئو بِيٺِي
هَارُ هَتهَان مُون چهَڏِئو
اَوگُنَ عَيْبَ مَتهَايُون مُنهِن جُون ڏهولاَ ڏهَکِ سَبهِيئِي
هَارُ هَتهَان مُون چهَڏِئو
تو دَرِ آيَسِ دَاسَڙا آئُون آرِ کَنْدِيَسِ کِيهِي
هَارُ هَتهَان مُون چهَڏِئو
آيَسِ عَبْدُ ٱلّطِيفُ چَئِي دَرِ تو پِيهِي
هَارُ هَتهَان مُون چهَڏِئو ؞

### وَائِي ٢

شَلَ مُون تِي وَهَرَ وَرِي وَارو ڏِيِنْدُمِ وَلَهو
تو کهِي سَارِي سُپِرِين آئُون وِينْدِيَسِ مَاڳِ مَرِي
وَارو ڏِيِنْدُمِ وَلَهو
تو کهِي سَرِي سَاجَنَ تهِي اَسَان تَا ذ. سَرِي
وَارو ڏِيِنْدُمِ وَلَهو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٦٣٧

آسَان کهِي تو رِیَ نَاهِ کَا ڄُهَانڊَرَ ڳَرِي
وَارُ ڏِينْدُمِ وَلَهو

اَدِيُون عَبْدُ اللَّطِيفُ چَوِي مُون تي مُحِبَّنِ مِهرَ ڌَرِي
وَارُ ڏِينْدُمِ وَلَهو ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# بِلاوَلُ

## فَصُلُ پَهرِيون

١

وِسَهُه اِنْهِي وِيرَ کهِي جِنِئَ دَعْوَتَ کَيِّيْ ڏاتَا
صَمْضَمَهٌ وَاتَان وِجهُه تَہ ڏِٺِيِّي وَاتَ مِين ✧

٢

کَڏِهِي کَلِ کِرَاهُه صُلُحُ کَرِ سُلْطَانَ سَان
تَہ تُون تَنْهِن دَرَاءِ ڏِينْهَاڙِي ڏَانُ لَهِين ✧

٣

پِيئُ مَہ طَهُورَا وَڙُن اوَرَانْگهِي اوُرِيَان
وِڇَان جِي وِصَالَ کهِي سِي سَبهِ اَجوَرَا
حَاصُلُ حُضُورَا سَڀِي جِي سَبهُ تهِڻِي ✧



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٤

سَمَا تو سِرِ ڇَهَترُ نَہ تَہ پَاڳَارَا پُرَسَ ٻِنَّا
ڳَهَرَ تُنْهِن جي ڳَنجَرِي اَچِي جَالَ جَگَترُ
جَنِ جيهَائِي پَترُ تَنِ تيهَائِي ٻِکهِيَا ٭

٥

ٻهيرِيُون ٻهيري ٻهَنجُ هِي جي مَنجهَان پوُرِيُون
ٻِي دَرِ ڪَنْهِين مَہ وَنجُ رِيَ هَاشِمِيَ هيڪَڙي ٭

٦

سمُو تَنِ سَڏُ ڪَري جَنِ تِي وَڏو ويرُ
اُتهي تَہ آچِي تهيَان پَائِي پَاڳَارو پيرُ
تو رِيَ ٻِئو ڪيرُ سَرَنِ جَا سوَڻهَا سَهي ٭

٧

سَرَنِ جَا سوَڻهَا سَهي وَسِيلو وِلهِنِ
لُڏي ڪِي نَہ لَطِيفُ چَئي اَڪِيَان لَالُ لَکهَنِ
جِتِ ڪوڙين ڪِي نَہ ڪُڇهَنِ اُتِ پَاٻُوهي تهو پَدهِرو ٭

٨

جو ڇهَلِيُون پَسِي نَہ ڇهَپِئو تنْهِن وَاکهَانِئو وِکهَ
لُڏي ڪِي نَہ لَطِيفُ چَئي لَکهَنِ اَڪِيَان لِکهَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پيرُ نہ موڙي پانهن جو تِکهي پَٿِجي تِکهہَ
سَرَنِ ڏِٺي سُکهہَ هَکَلَ سين هَالاَرَ ڏهَنِي ٭

٩

تَڙِ تَڙِ کِي مَہ تَرْسُ سَرُ نِهَارِ سَبهَرُو
ڏِينْدُءِ لَکهَ لَطِيفُ چَئي رَاڄِ رَاهُوجي رَسُ
وِلهَا جَنْهِن وَنهِيَا کِيَا پَاڳَ تَنْهِين جِي پَسُ
کوڙين لَاهِي کَسُ جِي ڳَالهَائي ڳَاتُرُ کهَنِي ٭

١٠

آروڙِجي اُتهِئو ڏيمِ وِڏهَائِين ڏُکهُ
لَاتهَائِين لَطِيفُ چَئي عَالَمَ تَان اَوْکهُ
تَنِ سَرَنِ تهِئو سُکهُ جِي اَجهِي آئِسِ آبِڙِيُون ٭

١١

آروڙِجي اُتهِئو ڏيمِ وِڏهَائِين ڏَانْهَ
پَابُوهِئو پيرَ کهَنِي سَمو سَرَنِ ڏَانْهُ
مَتهَان مَتهِي ٻَانْهَ اُبهو آڇهِي سُلْطَانَ کهي ٭

١٢

آلَادِينُ آئِيو تَنْهِن هَاتهِي هَاکَ هَئِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڀَڳو ڪوٽُ ڪُفَارَ جو پيٺِي ڀُڄِ ڀَٽِي
اَرْڏِي جهَلِي آيڙِي رِنَ مين رُڪَ رَٽِي
تِيغين تَاءِ تِکهو گهَنو سَگهِي ڪو نَ سَهِي
رَبِ هَبِلِي اُمَتِي چَڙهِيو جَامُ چَٽِي
سَمِي سَامَ کهَڻِي سَرَنِنِ جو سُکهُ تهِيو ⁘

١٣

آلاَدِينُ آئِيو کهَڻِي چهَلِ چهُگِيرُ
کَنهِين کِي نَ هِمَتِيو ڪَانِ جهَلِينْدو ڪِيرُ
سُومِرَنِ سَانْگِ کهَڻِي مِڙِي ڪَيَانئُون مِيڙُ
هو مَهَاٽِين مِيرُ پَرَ مَسْتو رَاتِنِ مَارِئو ⁘

١٤

سَرَنِنِ جِي سُکهَ لَيْ سَانْگِ کهَڻِي سَرْدَارَ
جي آيُون آيڙِيُون مين آدهَارَ سِي سَنْگُ نَ ڏِينْدا سُومِرَا ⁘

١٥

ٻَنِّ مِڙِنِي ڏِنِيُون پَرَ ڏِٺِي نَ ڏُونگَرِ رَاءِ
اَنَڌِتهِنِ آڏو پهِرِي ڏِتهِي ڏِٺِي ڳَاءِ
لوڙهِي لَکهَ مَتهَاءِ اُنَ مَتهِيرِي مُوٽَائِيُون ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٦

اَبِرُ اَڱاهِنِ ۾ سَبھَرُ جِنيءَ ڀيلي
سي پَٽَ کَنْهِنِ نَہ پُنِيا جي تهڙ ڀهَرُ ڀهيلي
سَجَڻُ سانْوَڻَ ميِنْهَن جا رُڃُون تهڙ ريلي
اَچَنِ جي ويلي تَنِ ٻوڙَ بَخْشي ٻَتِهَہ ڌڻي ❊

١٧

اَبِرُ اَڱاهِنِ ۾ ٻهَرَ جهَلو ٻارِي
سَڀي سُوالِنِ کي ويلهَہ نَہ وِسارِي
مَنَهَہ مُنِي جَکِهِرو طَامَائُنِ تارِي
پُڇِي سي پارِيَ جي عَاجِزَ اَجزَنِ ۾ ❊

١٨

اَبِرُ وَڏَوَڙو سُوَڙو سَمو سُونْهَہ سَڀِهِنِ
تو دَرِ سَڀِهِ اَچَنِ کَنْدھُ نَہ کَڏهِي کڇَهَ ڌڻِي ❊

١٩

پِڙَ ۾ اُڀهو پَانَ سَاتهِڙَنِ سَڏَ کَري
ٻهَلي جي لَاڏَانَ سَڀِهِ لَنْگهِينْدَا لَکِيُون ❊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وائِي

مُون مين عَيْبَ اَپارَ آنڊُون جا طَامِعِ آهِيَان تُنْهِن ڄي
هِکَ وِنجَايَمِ وِيسَلِي ڄاتِي سَبھَ ڄمَارَ
آنڊُون ڄا طَامِعِ آهِيَان تُنْهِن ڄِي
هِنَ مُنْهِن ڄِي حَالَ ڄِي تو کهي سُڌھِ سَتَارَ
آنڊُون ڄا طَامِعِ آهِيَان تُنْهِن ڄِي
اَمُرَ اوڏِي نَہ تهيَان نِهِي کَيَسِ نِکَارَ
آنڊُون ڄا طَامِعِ آهِيَان تُنْهِن ڄِي
ڄيکِي وَهِي وُڄُودَ مين سُو ڄاڻِين ڄاڻَنَهَارَ
آنڊُون ڄا طَامِعِ آهِيَان تُنْهِن ڄِي
ڄِنِئَ سِي کُلَ کُلَابَ ڄا کهڙِيَا کهَتَنَهَارَ
آنڊُون ڄا طَامِعِ آهِيَان تُنْهِن ڄِي
مُون کهي سِکَ سَيِّدُ ڄوي آهِي مَدِينِي مو چَارَ
آنڊُون ڄا طَامِعِ آهِيَان تُنْهِن ڄِي ٭

---



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

## فَصُلُ بِيو

١

جَکهرو جوڙي پَانَ ڌهَنِيَ پَيْدَا ڪِئو
ڪيهَرِ جِنءَ ڪَرُ ڪهَنيو مَلهُ مُڇهُونِ موڙي
کهوٽَ چَڙهِئو کهوڙي پيچِنِ لاَئي پيچِرا ⋄

٢

جَکهرَا جِئين شَالَ تُنهِن جو ڪَنين مَنْدو مَ سُڻَان
جَنْهِن تو آچي ڪَالهَ نَالاَئِق نَوَارِئا ⋄

٣

جَکهِرو جَسَ ڪهَرو بِنّا مِڙيئِي مَلهُ
سَمِي جِي سُهَاڳَ جِي ڪَنْهِن نَ پَوي ڪَلَ
مِتِي اُنَ مُرْسَلَ اَصُلُ هُئِي اِيتِرِي ⋄

٤

جَکهِرو جَسَ ڪهَرو بِنّا سَبهِ اَنيرَا
جِيَائِين کهَڙِئو جَکهَرو تِيَائِين نَ بِيَا
مِتِي تَنْهِن مَامَا اَصُلُ هُئِي اِيتِرِي ⋄



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٥

ڏِتهي جَادَمَ جکهِري جِتِ نَہ بِنّا چَڙهَنِ
تَکِين کوهُہ کَچَنِ سَرُ نِهَارِجِ سَبهَرو ٭

٦

هَتهَان جَادَمَ جَکهِري وَتِيَ وِچُ مَہ پوءِ
پِي پِي سڻ پُرِ تهِنِئو جو هَاتِمَ پَاسِي هوءِ
کَيْفَ دهَارَان کوءِ جِئِي کو مَہ جَهَانَ ميِن ٭

٧

هَتهَان جَادَمَ جَکهِري وَتِيَ پَوِي مَہ وِچُ
اَچو آيَوُ نِچُ سَمِي وَائِي وَاتَ مِين ٭

٨

رَاهُوجَا رَهِيَامِ سَنيهَا سَرِيرَ مِين
بِنّا دَرَ وِسِرِيَامِ ڏِتهي جَادَمَ جکهِري ٭

٩

رَاهُو تُنهِن جِي رِيتِ پَرکهَنڌِين پَدهِري
کهَنَا کهوڙَنِ چَاڙهِيَا مُسَافِرَ مَسِيتِ
پُڇهَنِ کَا نَہ وِڌِيتِ جِي آيَا سِي آکهِيَا ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٠

جَکِهڙي جيهڙ جُوانُ ڏِسان ڪو نَ ڏِسِن ۾ين
مُهَڙُ مِڙِني مُرْسَلين سَرْسُ سَنْدِسِ شانُ
فَکَانَ قابَ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدنىٰ اِيئُ مُيَسَرُ تهِنِسِ مَکانُ
اِيئُ آکي جو اِحْسانُ جَنْهِن هَادِيَ ميڙِيم هِهَڙو ◈

١١

سَمُو سَوَائِي ٻَهُون ٻِينِئّان آگرو
دانَهَ جي دَرْبارِ وَرِتي هِيئَ وائي
مُهَڙُ ڪَالهَائي مُهَڙُ سَبهِ مَلهائِيا ◈

١٢

جيهُسِ ڪو نَ جَهانَ ۾ين هِنْدُ سِنْدهُ سُورتَ هَانِ
دَرِ داتا مَنگُ مَنگتا ٻي جي ڪَڏهُ مَ ڪانِ
پاتُونْدَرُ پانَ حالُ پَسِي ٻهالُ ڪَرِي ◈

١٣

ڪَرِي آسَ اپارَ ٻارَنُ جهلِئو نَ رَهي
ٻيلِي ؟ ڪِرنارَ وُتهو ڪَنْگا جَرُ جَکِهَري ◈

١٤

پيهِي پُڻ پاتارَ ۾ين جِتِ مُهَڙُ ڪَنگا جَرَ راءِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چھَڏِي جِيلَا ھِنَ ھَنڌھَ جَا اُتھِي جَکھِرِي پَاسِي جَاء
اوڏو تھيئُ اَللّٰهَ کھِي ڳَانُ تَنھِن جو ڳَانءُ
سُکھَنِ اِينْدُء سَاءُ وِيلَھِ وِينْدَء وِسِرِي ٭

١٥

ڏَمَرِئو تَان ڏِي پَرْچو تَان پَاتھَ بھَرِي
جُنْگَ جَکھِرِي کھِي ٻَئِي چَنْگِيُون چِتَ مِين ٭

## وَائِي

آسِرو آھِي مُون کھِي ھوتَ حَبِيبَ جو
جَان جَان اوڏَا کَرھَا پَھُچَان تَان کَاھِي
مُون کھِي ھوتَ حَبِيبَ جو
ھوتُ مُنھِن جَا سُپِرِين وَاڳُون وَرَائِي
مُون کھِي ھوتَ حَبِيبَ جو
شَفَاعَتَ جَا شَفِيعَ جِي تَنھِن مِين پھِيرُ ھَڏِھِين نَاھِي
مُون کھِي ھوتَ حَبِيبَ جو
مِيرُ مُحَمَّدُ کَارَنِي اَڙِيَا چھوڙَائِي
مُون کھِي ھوتَ حَبِيبَ جو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اِهي کَمَ کَرِيمَ جا جِنءَ لَنکهَان لَنگهَائي

مُون کهي هوَتَ حَبِيبَ جو

لُطْفَ سَانُ لَطِيفَ چئي مُورِهَا مِلَائي

مُون کهي هوَتَ حَبِيبَ جو ٭

---

## فَصُلُ ترِٽون

١

جو مُلَّنِ کهي مِيهنُو سوئِي مُون سَرْدَارُ

پُتهِيَ لَائي پَانهن جا نَساٽِي تهنٽو سُوَارُ

آهي اَسَدُ ٱللّٰهِ کهي عَطَا جو آدهَارُ

ڪِلي وِيرَ کَتَکَ مين حَامِي هِمَّتَدَارُ

جَابِرَ ذُوالفَقَارَ هَرْدَمِ آهي هَتهَ مين ٭

٢

لِيبِيَ لَعْنَتِيَ کهي جو آئِيَ مين آهي

اَنْدهو مُون عَلِيلَ تي سِينو تهو سَاهي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

عَلِي شَاهَ اَچِجِ تُون تَنْهِن کَافِرَ تِي کَاهِي
لُنِي وِجهُ لَاهِي مَتهو مَجُوسِيَ جو ٭

٣

مَارِ مَ مُطِيعَلَ کِهِي مَجُوسِيَ کِهِي مَارِ
وَڏِي جَنْگِ مَ وِسَارِ نَنْڍِڙَان نَفو نَاهِ کو ٭

٤

نَنْڍِڙَان نَفو نَاهِ کو وَڏِي مَ وِسَارِي
مَجُوسِي مَارِي اَکْبَرَ ڏِي اَچِجِ تُون ٭

٥

اَصْغَرَ ڏِي آهِينِ کَهَنَا تُون اَکْبَرَ ڏِي آءُ
مَتَان لُڙَ آهِيِن تُون مَجُوسِيَ مَتهَاءُ
حَيْدَرِ جِي هَتهَاءُ وِڙهُ تَ وِيرِي مَارِئِين ٭

٦

پَانْڌَپَ سِين نَ پَاڙِيَان سَوِين بِنَّا سَرْدَارَ
آهِي وَانْگُرُ مِينهَ جِنءَ سَخِي تُنْهِن جِي سَارَ
هَاتِمَ هَڙْدَ هَزَارَ جهڙَ تُنْهِن جِي جهَپِنَّا ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٧

جهُڙَ تُنهِن جي جهَپِئا هَزارين هَاتِمَ
ڪوُجهَنِ سَنْدَا ڪَم ڪَامِلَ رِي ڪِيرُ ڪَري ۞

٨

جي تُون آسَاتُو آئِيو تـ وَڻُ جَکهِري لَائي
مَتَان وَڙُ وِڃَائِين پَانْهِن جو ڪَنْهِن دَرِ لِيلهَائِي
سَبِي سَامَائِي چِتِنَا لَاتهِي چَارِئين ۞

٩

جي تُون آسَاتُو آئِيو تـ چَاڻُهِ بِي نـ چوُرِ
ڪِيرَا مَنْڳَتَنِ جَان ڪهَٽِي آنِي ڪهوُڙِ
اُنَ دَرِ اَعْرَاقِي ڪهَنَا چَاڳُون ڪِئو چهوُڙِ
تَنْهِن سَيِّدَ وَڏِي سوُڙِ جَنْهِن مِين مَتهو هَنَنِ مَنْڳَنَا ۞

١٠

سَمو سَخَاوَتَ جي وِيتهو پُڇِهي پَرِ
ڪوُتِهِئو ڪَنْڪَالَنِ کهي ڏِٺي دِلَاسَا دَرِ
مَتهي وِلهَنِ وَرِ ڏِينْهَاڙِي ڏَاتَارَ جِي ۞

١١

آلَا جُنڪ جِنَّ جَنْهِين اَجهي ڪهَارِيَان


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شَالَ مَ چُکِي وِنّڙِي جِنّان چِيِئَ پِيِنِ
مَرْکَنُ آکَهَڙِيَنِ تو ڏِٺَهِي مُون تَهِڻِي ⁘

١٢

اِينْدِي لَتهِي اُنِجَ پيرَ بهَرِيِنْدِي تهَرِيَا
مَنْجهِ وِنّڙِيَ سُنجَ کَرَ ڏِٺَهِي رِنَ اُکَارِئِين ⁘

١٣

تُون اوڏَهَرُ تُون اوڏَهَکَو تُون اَجهو تُون آئُ
هِتِ پُنُ تُنْهِن جو تَکِڻُو مَهَنْدِ پُنُ تُنْهِن جو مَاڳُ
سِي لوڙِيُون ڏِڱِنِ نَ لاڳُ جِي اَجهي آيُون آبِڙِيُون ⁘

١٤

اَنْگَنِ سوڙِئِي اوڙِ کُهِهِ جو کَنِين سوڙِ کَرَنُ
مَاءُ مُنْهِن جو مَنُ جَامَ پَسَنْدِيئِي پَتِڻُو ⁘

١٥

پَسَنْدِيئِي پُرِ تهِيَا جَکهَڙو سِي جَاجِکَ
تِنّان ڏِيِي مَنْکَنِين طَهُورَا جِي تِکَ
سَبِي بهَکِنّنَ سِکَ وَصُلُ تهِيَا وِصَالَ سِين ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٦٠

جي اُدهَمِنُو اَڄُ وَسَنْدو سوُنُ بهُڻين
جاڻَ ڏهَرِينْدو جُنْڳُ جَڳُ ڏهَرِينْدو جڪهِرو ⁘

## وائِي

جاَن ڏِتهَائِين پِيرَ جاَن ڏِنَائِين
بهڳا ڪوٽَ ڪُفارَ جا اَچي عَلِيَ شِيرَ
جاَن ڏِتهَائِين پِيرَ جاَن ڏِنَائِين
مَتهي اَنڪَنَ آئِيا سُونْهَنَ لَڳا سِيرَ
جاَن ڏِتهَائِين پِيرَ جاَن ڏِنَائِين
جِنّان نَبِي نِنڪِتُو بهَرِي مُبَارڪَ پيرَ
جاَن ڏِتهَائِين پِيرَ جاَن ڏِنَائِين
لَنها ڏُکهَ سُکهَ تهِيا تهي وَڏَائِيَ وِيرَ
جاَن ڏِتهَائِين پِيرَ جاَن ڏِنَائِين
لُطْفُ تو رِيَ لَطِيفُ چَئِي ڪَنْدو ٻِئو ڪِيرُ
جاَن ڏِتهَائِين پِيرَ جاَن ڏِنَائِين ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## فَصُلُ چوٿون

۱

وِڳَنْدُ وَرِي آئِيو وَسَنِ کِي نَہ وِدھوسِ
کَنْڌِي مَانِي مَاڻُ موچَارو پَاسِي پِيرُ تھِڙوسِ ٭

۲

وِڳَنْدُ وَرِي آئِيو پِينَارَنِڙون پڇ
مُحْکَمُ لَڳَسِ موچِڙَا ڌَرّو ڌِنُسِ نَہ جوءِ
وِيٺھو اِيھِين چوءِ تہ پِيرَان پَاسِي نَہ تھِيَان ٭

۳

اَسُورَ سَنْڌِي آسِرِي وِيٺھو آھِي وِڳَنْدُ
ھَڏِ نَہ ڇھَڏِينْدو ھَنْدھُ آيَسِ بُوءِ بَھَارَ جِي ٭

۴

اَسُورَ سَنْڌو آسِرو وِڳَنْدَ کھِي وَڌو
جُسِي مِين جَڏو پَرَ کھِيڙَ تِي کھَڙَا کھَڙِي ٭

۵

وِڳَنْدُ وَرِي آئِيو تَڏُو سِين بَڏْبُوءِ
خَاوَنْدَ ڏِي خُشْبُوءِ تہ سُرھو تھِيَان سُپِرِين ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٦

وِڱنڊُ وَرِي آئِيو ڪِنو تهِي ڪوڄهو
ڇهڊِي نَمُوزو لَڱُسِ آرُ عَطَّارَ سين ◦

٧

دَاتَا سَنڌِي دَرَ تي وِڱنڊُ وِيٺهو پَسُ
تَنْهِن روڱِيَ کهِي تُون رَسْ جو آلُودو آزَارَ سَان ◦

٨

دَائِمُ آهِي دَرَ تي وِڱنڊُ وِچَارو
عَطُرَ سين آرو لَڱُسِ تِنِئَ لَڌِڪَنيُون ◦

٩

دَاتَا سَنڌِي دَرَ تي وِڱنڊُ تهِي وِيٺهو
بَصَرَ سين بَازَارِ مين ڪَرَ وَائِيو جِيٺهو
دَرَان تَنْهِن پِيٺهو جِتِ ڪُفُرُ تَان ڪِي نَه تهِئي ◦

١٠

وِڱنڊُ وَرِي آئِيو نِسوروئِي نَرڪُ
ڪَنڊَا ڪُلاَبِي ڪَرِي سَبِدَ جو سَرڪُ
عَطُرَ سين اوڙڪُ تَه هُئِين سَدَا سُرَهو ◦



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١١

وِڱنڊ وَرِي آئِيو بَڌو ٻي نِمازُ
جِنئَ تِتِرَ مَتهي بازُ تِنئَ وِڱنڊ سُرَهانِ تي ॰

١٢

وِڱنڊ وَرِي آئِيو ڪَوْثَرِيان ڪُلاتَ
سَنڌو ڪُرِنَ ڪاتُ هُنَ نَرڳِيَ کهي نِڪِتِيان ॰

١٣

پَانڌِئو ٻيلِي نَہ تهِئو وَارو اَڄُ وِئو
سُونهَارِي سَيِدَ ڏانهُه ٻِيتهَڙِ پَنڌهُ پِئو ॰

## وائِي

ڏهَکَ ڏهَکِينڊو مُون نَہ ڇهَڏِينڊو شَفِيعُ شَافِعُ سُپِرِين
اَنڌها اُونڌها اَکهَلِيَا سَبهِ نِباهِي نِينڊو
شَفِيعُ شَافِعُ سُپِرِين
وَاتَان وِڇَارَنِ جي دَاڙُو پَانَ دَڙِينڊو
شَفِيعُ شَافِعُ سُپِرِين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏُهَارِنِ کهي ڏاکهڙا لَکَ سَبهِ لَنگهَائِيندو

شَفِيعُ شَافِعُ سُپرِين

نُورُ نَاڪَارُو نَہ ڪَرِي مُحَمَّدَ مِنتهَہ مَڃِبنْدو

شَفِيعُ شَافِعُ سُپرِين

هِتِ هُتِ حَامِي هِنِ جو اَڳِيَان آڏهَرَ ڏِينْدو

شَفِيعُ شَافِعُ سُپرِين

طَهُورَا تَڙِيَنِ کهي پَانْڌَپُ پِيَارِينْدو

شَفِيعُ شَافِعُ سُپرِين

پَانُ سُڃَانِي پَانَهِين ڪَامِلُ ڪَرَمُ ڪَرِينْدو

شَفِيعُ شَافِعُ سُپرِين

تَنْبُو آڻي تَارِ مِين آصِنِ وَٽِ اَڏِينْدو

شَفِيعُ شَافِعُ سُپرِين

ڏَاتَا ڏوزَخِنِ تَان لِيکهو لَهرَائِينْدو

شَفِيعُ شَافِعُ سُپرِين

رَسَنَ وِيرَ رَسِي ڪَرِي مُشْڪُ رَنْڪُ مَتِينْدو

شَفِيعُ شَافِعُ سُپرِين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۶۵۷ رَحْمَةٌ لِلْعَالَمِينَ اَوُکهِی آگهَه تهِينّدو

شَفِيعُ شَافِعُ سُپِرين

اُتي عَبْدُ اَللطِيفَ جو هَادِي هَتهُ جهَلِينْدو

شَفِيعُ شَافِعُ سُپِرين ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# ڏَاهَرُ

## فَصُلُ پَهِرِئون

١

ڪَرِ ڪِي ڳَالهَڙِيُون ڪَنْڌَّا ڍُهوَرَ ڍَهَنِيَنِ جُون
ڪِينئَ سِي رَاتَڙِيُون ڪَنْهِن پَرِ ڏِينْهَ ڪُذَارِئين ❖

٢

ڪَرِ ڪَا وِيهِي ڳَالِهَ ڪَنْڌَّا ڍُهوَرَ ڍَهَنِيَنِ جِي
هِهَڙِي اَجُ حَالِ ڏُکِهِيَا ڏِينْهَ ڪُذَارِيَان ❖

٣

ڪَنْڌَّا تُون وَٺَاءِ سَچُ ڪِي سِينَنِ لَڌِئو
مَنجَرَ تو مَتهَاءِ چهَنِئو پَرِنِ چهُڳَا ڪِئو ❖

٤

جَانْ تو هُوڙو وَڌُهُ ڪَنْڌَّا ڍُهوَرَ ڍَهَنِيَنِ جو
پَانَان ڏِيئِي ڏَڌُهُ مُورِي مَنجَرَ نَہ ڪَرِئين ❖



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٥

جان تہ هوڙهو سور ڪنڊا ڏهور ڏهنين جو
جو متهي لامن ٻور موڙيو منجر نہ ڪريئين ⁘

٦

ڪنڊا تون جيڏو اُڀريو ڏهورِ وهين
جسو ڏهن جيڏو آن ڪو ڪڏيو ڦهڙو ⁘

٧

سڄ ڪي سڪو ڏهور ڪنڌهي آڪ ڦلاريا
جنگن ڇهڏيو زور سر سُڪا سونڪي ڪيا ⁘

٧

جڏهن ڏهاڪي ڏهور ٻيٺي وهن ٻليار مين
تڏهن تاجڙيون طور جسو هو ڏهن سين ⁘

٩

سڪي ڏهور ڏرهون تهيو ڪنڌهي ڏنو ڪانڌو
سو پاڻي پتيهل مين اڪيون نہ آيو
ماڙهن مين راڻو ڪنهين ڪنهين ٻهينيين ⁘


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

١٠

ڏهوڙ نہ اَکنِئَ ڏهارَ مَهندِ مَلاحَنِ لکهڻو
موڙي چڙهيا مَڪڙا پَسِي پَانِيَ پارَ
جسو ڏهَنِ جِهَڙا يَارَ پِٽڙا وِيرَ وِمَاسَ مين ⋄

١١

جُواهَنَ مين وَهُه تَان تُون مچهَ نہ موٽِڻو
ڪَايَا مين ڪوهُه ڪَرين پوء موٽَنَ جا پَهَ
سِرَ مَتهي تهو سَهُه مَهِيڙون مَلّاحَنِ جُون ⋄

١٢

جَان جَرُ هُوڙو جَالَ تَان تُون مچهَ نہ موٽِڻو
اَجُ ڪِي صُبَاحَ ڪَالهَ پَونڊِيُنِي سَانبهِيُون سَانگِنِ جُون ⋄

١٣

جَانِ جَرُ هُوڙو سِيرَ تَان تُون مچهَ نہ موٽِڻو
آڏَا اَڏِي ڪِيرَ کهَٽَ بهِہ جهَلِيَا ڪهَاٽُيُين ⋄

١٤

مَتو آهين مچهَ تهُلهو تهو تهوَنَا هَنِين
تو جَا ڏتهِي اَچهَ تَنهن پَانِيَ پُنَا ڏِينهَڙا ⋄

(٦٨١)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٥

ڏُوران پَسِي ڏُورِ وِهِين جي وِهِرو ڪَرِين
هُونْدَ نہ پَٿين هوءِ مَاڪَ نِهَارِي مُچِهَڙَا ٭

١٦

جَا تو کهيرِي کهَتِ مَاڪَ نِهَارْيَ مُچِهَڙَا
نيٺِي پُڇهَاڙِيا پَتِ تَنْهِن ڪَنْدِهِيَ ڪَڏهِي ڪيتِرَا ٭

١٧

ڪُنْڌِهِي ڪَلِنِ وِچَ مين جَڏِهِن هَٿِي جَنِ
مُوٽِي مُون پرِيَنِ ڪَڏهَنَ جِي ڪَا نہ ڪَٿِي ٭

١٨

ڪُنْڌِهِي ڪَلِنِ وِچَ مين جَڏِهِن هَيَانئُون
اُپهَتُ نہ مَارِيَانئُون ڏورِ ڏِنَانئُون ڏُکهَ جِي ٭

## وَائِي

لَاَيَئْ جَا وَنَنِ کهِي سَا ڪَانْدهَ مُنْهِن جي ڪورَا
مَاءُ مَارِيَنْدَمِ ڪَڏِهِين هِنَ پِرِنئَ جَا هورَا
سَا ڪَانْدهَ مُنْهِن جي ڪورَا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اَچِنِ پرِين پَتنگِيا ڪَر بَابِيهو جِنئَ ٻوُرا
سَا ڪَانْدهَ مُنْهِن جي ڪوُرَا
سِينِين سِرکهَنْڊُرُ سُڇِي ٻِئو عَطُرَ پرِين اَطوُرَا
سَا ڪَانْدهَ مُنْهِن جي ڪوُرَا
ڇهَپَرُ ڪهَتهوُرِي تهئو ٻِي تَان جَڙِي پهُلَنِ پهوُڙَا
سَا ڪَانْدهَ مُنْهِن جي ڪوُرَا
اَلَا عَبْدُ ٱلَّطِيفَ ڪهِي سَانْوَلَ ميڙِ سَنْبهُوڙَا
سَا ڪَانْدهَ مُنْهِن جي ڪوُرَا ٭

---

## فَصُلُ ٻِئو

١

مَدِينِي جا مِيرَ سُڻُ مُنْهِن جا سَڏَڙَا
سَرَنِ تُنْهِن جي سِيرَ تُون پَارِ لَنگهَائِين پَيَڙَا ٭

٢

مَدِينِي دهَنِي سُڻُ مُنْهِن جا سَڏَڙَا
تُنْهِن جي آهِ تَنِي ٻِي ڪَنْدهِي سَارِيَان ڪا نَ ڪا ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٣

مَدِينِي جا کهوٽَ سُنُ مُنْهِن جا سَڌَڙَا

ڪَجِ مُحَمَّدَ موٽَ عَاصِي تُنْهِن جي آسِري ۞

٤

مَدِينِي جا شَاهَ سُنُ مُنْهِن جا سَڌَڙَا

ڪَارَنِ لَڳِ اَللّٰهَ سِڪهو رَسِجِ سُڄَ مِين ۞

٥

مَدِينِي جا شِيرَ سُنُ مُنْهِن جا سَڌَڙَا

ٻهَرِ مُبَارَڪَ پِيرَ عَاصِي تُنْهِن جي آسِري ۞

٦

ڊهَنِي سو وَارِين وَاءُ جَنْهِن مِيڙَائو سَڄَنين

وِهَنُ وَاتَ مَتهَاءُ هِنئي آسَرَ نَہ لَهِي ۞

٧

مَتهي وَاتَڙِينِ نِينَ نِهَارَا مُون ڪِيَا

وِينْدَا مَانَ پَسَنِ مَتهَان سَگرَ سُپِرِين ۞

٨

ڪِيڃِنِ ڪَارَنِ ڪَالهَ نِينَ نِهَارَا مُون ڪِيَا

اِينْدَا پَسَان شَالَ اوتهِي آرِيَ جَامَ جا ۞



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٩

اوڙهن ڪارڻ اَڄُ نينَ نِهارا مون ڪيا
پُنهُون جامَ پَهچُ تہ لاهِيون اُنَ اَکهِنِ کهان ⋄

١٠

نينَ جي نِهارِين سي اَڄُ نہ اوڙهي آئيا
هَنجهُون نہ وَسائين پاڻي پُنهُنئَ جامَ ري ⋄

١١

نينَ نِهاري مُنهِن جا روئِي تهيا رَتُ
پُنهُنئَ هُئي پَهتُ تہ پاڙي نِڻَنِ پانَ سان ⋄

١٢

نينَ نِهاري مُنهِن جا روئِي رَتُ تهيا
جي هَتهان هوتَ وِيا سي اَچَنِ تان آجي تهيانَ ⋄

١٣

نينَ نِهاري مُنهِن جا رَتُ تهيا روئِي
ڏُکهَنِ جي ڏوئِي آهي هَتهہ اَسُونهَ جي ⋄

١٤

اَڄُ اَنکَنُ ڪيئانَ آسَرَ لَکِي سوڙِيان
ڏُونگرِ ڏينهہ لَکانَ مانَ وِرِ ڪَنِ سُپِرين ⋄



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٥

ڏُونگَرِ لَڳَنَ ڏِينْهَ مَانَ وَرِ کَنِ سُپِرِينَ
ڪِيَسِ نِمَانِي نِينْهَ آيَلِ ٻَارُوچَنِ جِي ٭

١٦

اَللّٰهُ جَنْهِن نَالُو تَنْهِن مُون وَڏُو آسِرُو
خَاوَنْدَ جِي کهَانْدِ جو پَانْڌُ نَ ڪو پَاسُو
نَالُو رَبَّ سَنْدُو رَهِئُو آهِي رُوحَ مِين ٭

١٧

مِٺهُو جَنْهِن نَالُو تَنْهِن مُون وَڏُو آسِرُو
تُو ڏَرَ نَاهِ جِهو مُون ڏَرَ ٻِنَّا کهَنَا نِهَارِيَا ٭

١٨

جيڏُو تُنْهِن جو نَاءُ ٻَاجهَ بهِ تيڏِيَائِي مَنْڱَان
رِيَ تهَنْبهِي رِيَ تهُونِئِين ڇهَپَرِ تُو ڇهَانْوَ
مُون ڪُڄَاڙُو کَهَانئِ تُو کهِي مَعْلُمْ سَبهَکَا ٭

١٩

مَ٠کَرِ ڏهوَلَ ڏهِلو نَاتو نِمَانِيَ سَان



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪُوهِي هِنَ ڪَمِينِي جو بِڪِرِ تو بِلو
تُنْهِن جو نَانُو نِلو وَتِهِئو وِيتِهِي آهِيَان ⁘

٢٠

سَتُرُ ڪِجِ سَتَارَ آنئُون اُگهَاڙِي آهِيَان
ڏهَڪِين تُون ڏهَڪَنهَارَ ڏِيئِي پَانْڌُ پَنَاهَ جو ⁘

## وَائِي

مُون ڪهِي نِنْڊَرَ نَہ نِينِين نِينِين ڪَالهَانْڪُون لَڪَنِ مِين
مئِتُ تُون آيَلِ مَاءُ مُنْهِن جَڙِي تَان تو ڏُکهُ نَہ ڪِينِين ڪِينِين
ڪَالهَانْڪُون لَڪَنِ مِين
هِئِهِ نَہ نِئَنِمِ پَانَ سَان آنئُون جَا وِينْدَڙِي سِينِين سِينِين
ڪَالهَانْڪُون لَڪَنِ مِين
ڪَالهُونِئَّان اَڄُ ڪهَنِي جهِورَڙِي جهِينِين جهِينِين
ڪَالهَانْڪُون لَڪَنِ مِين
ٻِهُون وَاڪِيُون وَرَنِ سِين آن جَا وَاڳِڙِي وِينِين وِينِين
ڪَالهَانْڪُون لَڪَنِ مِين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

هِنئَڙو ڏاڙهُنءَ پهُلَ جِينءَ رِوَتِي رَتَڙو نِينئين نِينئين
ڪالهَاڻڪُون لَڪَنِ مِين
اَلا عَبْدُ ٱلَّطِيفُ چَئي مُحِبُّ اَسَان تُون مِيڙين مِيڙين
ڪالهَاڻڪُون لَڪَنِ مِين ٭

---

## فَصُلُ ٽِرِٽُون

١

ڪَرِ ڪَو بهيرو ڪَانْڌهَ مُون نِمَاڻِيَ جي نِجهِري
پِرين تُنهِن جي پَانْدَ ڏهوَلا ڏهَڪِي آهِيان ٭

٢

جي تُون قَائِمُ ڪَانْڌهَ تَان مُون وَرَ وِلهِي نَ تهِيَان
پَکهِي چهِنَا پَانْدَ ڪَنْڌهُ نَ جَانِي ڪو پِٺو ٭

٣

ڪَانْڌهَ پِيَنِ ڪِيتِرَا مُون وَرُ وَڏِي وَتهُ
مَتهَان ڏِيئي هَتهُ جَنْهِن عَيْبَ مُنْهِن جا ڏهَڪِيَا ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٤

ڳانڍھ ٻڌن کھي ڪيترا مون ور وڌي جوءِ
لوڪ نہ آڇھي اوءِ جي ڏسي ڏوھ آڪھن سان ⁘

٥

ڳانڍھ ٻڌن کھي ڪيترا مون ور وڌي کھانڌِ
پانان ڏھکي پانڌ جي ڏسي ڏوھ آکھن سان ⁘

٦

ڳانڍھ ٻڌن کھي ڪيترا مون ور وڌي ذاتِ
لوڪ نہ آچھي واتِ جي ڏسي ڏوھ آکھن سان ⁘

٧

ور سين وڇھڙو ڳانِ کھر سين کھلن بھائيين
بھوري منڍھ اجانِ ڪن چھڏئو تھ ميڙئين ⁘

٨

ستا اُتھي جاڳ ننڌر نہ ڳجي ايتري
سلطاني سھاڳ ننڌرون ڪنڌي نہ تھئي ⁘

٩

ڪي سمھو ڪي جاڳ ننڌر نہ ڳجي ايتري
ھي مانجھانڌي جو ماڳ جو تو سازيھ بھائيو ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٠

جاڳَنَ مَنجهان جَسُ آهي اَللهُ جَنِ کهي
لَاهي جو لَطِيفُ چَئي مَتهان تَلْبَ کَسُ
وَرْنَهہ ڪِجَا وَسُ صُبحَ سانُ سَيِّدُ چَوي ٭

١١

سُتي نہ سَرَنْدِياءِ ڪَرِ پچَارَ پرِيَنِ جي
وِهَامِي وِينْدِياءِ ڪهَنَا هَنَنْدِين هَتهڙا ٭

١٢

هي تان تهوڙڙِيون جي تُون بهوڙا پَسِي بهُلِٿِين
ڙاتِيون ٻِيون ڪهَنِيُون جي تو اِينْدِيُون هيڪلِيُون ٭

١٣

سُمهَنَ مان ساڙو جيڏِيُون جيڏڙِي تهڻو
پرِيَنِ سين پاڙو مُنهن جو نِنْڊرَ نِبيرِئو ٭

١٤

پرِهَ ڦُٽي ڙاتِ ڪَٽي جهينَا تهِيَا نِڪهَتَرَ
هَارِي وِيَئِ وَتَرَ ڪهَنَا هَنَنْدِئَن هَتهڙا ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٥

ڏھوڙُ مَ کھَڻي ٻَانھَڙَي ٻِرھَ مَ کھَڻي ٻَانڌُ
آنئُون ٻَنْھِن جو ڳَانْڍھُ لوَڪان لِڪِي رَائِيَان ٭

١٦

مُسَنِ مُنْھَ سَنِرَا کھَرِيَا ڳھَنو کھِلَنِ
سِي تَان وِسِرِيَنَ آيَا جَنِ ڪَمَنِ کھِي ٭

١٧

ڦھِرِيَا ڦَسِي ڦھيرُ کھَرِيَنِ کھِيرُ نَ چَکھِئو
دُنْيَا ڪَارَنِ دِينُ وِڃَائِي وِلھَا تھِيَا ٭

وَائِي

مُون سِين هوتَ نَ ڪَنْدَا هِينئَ مُون نَہ ڇھَڏِينْدَا ڇھَپَرِين
هوتَنِ جِي هيڪَانْدھِ کھِي آنئُون رُنَّان رَاتوڏِينْھَ
مُون نَ ڇھَڏِينْدَا ڇھَپَرِين
ڇھيڙِي وِدھِيَسِ ڇھَپَرِين ٻَاروچَانِي نِينْھَ
مُون نَ ڇھَڏِينْدَا ڇھَپَرِين
لُکھُون لَڳَنِ ڪوسِيُون ڏَاڏھَا تَپَنِ ڏِينْھَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏاھَڙ ۳

۶۷۱

مُون نَہ ڇھَڏِينْدَا ڇھَپَرِين

مُون کھي پرِيَنِ ميڙِئِين رُوجھَڙِيُون ميڙِين مِينھَہ

مُون نَہ ڇھَڏِينْدَا ڇھَپَرِين

اَلا عَبْدُ اَلّطِيفَ کھي سَاجَنُ ميڙِ سَمِيعَ

مُون نَہ ڇھَڏِينْدَا ڇھَپَرِين ٭

---

## فَصُلُ چوٿھوُن

۱

روھِہ رَامَانَا کَنِ اَڄُ پُنُ ھَلَنَھارِيُون

کَرْکَلُ کُونجَڙِيَنِ رَاتِي مِين رَاتِ کِئو ٭

۲

ڳَکَرُ اُکِيرِي سَرُ سَارِئو سُورَ چَڙِي

جھِجھَنْدِي ڏِٺِي بَرُ سَنيھَا کھي سَڄَڻِين ٭

۳

ڳَکَرُ وِسَارِي وِيٺھِسَ کِينئَ مَاتھِہ کَرِي

کِي تو نَہ مَانِي رُنُ جھُنُ سَنْدِي سَڄَڻِين ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۴

وَڳَرَ وِيَا وَهِي ڪَالهه تُنهِن جا ڪُونجڙي
ڪَنڌِئَن ڪوهه رَهِي سَرَ مِين سُپيرِيَنِ رِي ⁘

۵

وَڳَرَ ڪِٿِئو وَتَنِ پِرْتِ نَ چِهِنَنِ پَانَ مِين
پَسو پَکِهِڙَنِ مَانِٿو مِيٺهُ کهَنو ⁘

۶

وَڏِي وَڳَرَ هيرُٿِين چُرِي نَ ٻِئَنِ ڪَڌُ
ڪُونجَ ڪَرِينْدِي سَڌُ وِيٺِي وِهَامِي رَاتَڙِي ⁘

۷

تِسْمَتَ آنْدِيُون ڪُونْجَڙِيُون وَطَنُ سَنْدُنَ رُوهه
ڪَنْهِن جو ڪُوْنهِي ڏوهه رِزْقَ رَازِقَ هَٿهَ مِين ⁘

۸

مَ لَنُون ڪُونْجِي مَاتِهه ڪَرِ چوزِ مَ هِنئِي چَاڪَ
پِهَتِيُون جِي فِرَاقَ سِي کهَرِ کهَارِينْدِيُون ڪِينِرُو ⁘

۹

مَ لَنُون ڪُونْجِي مَاتِهه ڪَرِ چوزِ مَ هِنْئِي سَلَ
ڳوڙهَا مَتهِي ڳَلَ جَمَ وِهَانِيَ وَهَائِيِين ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٠

ڪُونجَڙِنِ ڪَالهہ لَئِي سَجَّنَ وِدَهَمِ چِتِ
آن هِيڪَلِي هِتِ ڪهَنڪهَرِ ڪهَارِيَان ڏِينهَڙَا ؞

١١

اوتَرَ ڏِي آلَاپَ ڪَالهَا ڪُون ڪُونجَ ڪَرِي
پِرِين پَسِي مَنجهِ خَابَ وِهَانِيَ وَايُون ڪَرِي ؞

١٢

ڪُونجِيُون تهِيُون ڪُنڪَنِ جِبڪُسِ هَلَنهَارِيُون
ٻَچَا پوء اَتهَن وَنجِنِ وَانڌها ڪِٿو ؞

١٣

آيُون ڏهوَرَ ڏهُرِي اَصُلَ۰ سَنڌِي آسِرِي
ڪهَنبهَڙَ ٻهُنئِ ڪهَرِي پَانَان پِيرَ ڏُکهوَيَا پَکهَنِين ؞

١٤

آيُون آڪِنَــئَ هِيرَ اَصُلَ سَنڌِي آسِرِي
پَنِ مِين پَسَان نَہ پِيرَ سِينَنِ سَاجهُرُ لَڌِئو ؞

١٥

وَڳَرَ مِين وَاٽِي ڪَالهہ تُنهِن جِي ڪُونجَڙِي


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏاهَرُ ۴

سَرَ مِين سَارِينِي ڳَهَڻو ٻهِينَرُ تو ٻهَائِي ٦٧۴
پَسِين نَہ پهَاهِي جَا مَارِيَ سَنْڌِي مَنَ مِين ✧

١٦

ڪُونْجَ نَہ پَسِين ڳَڪهَہ ڏَهَبُ جَنْهِين سَان ڏَهَبِڻو
مَارِيَ مَارِي لَکهَہ وَڳَرَ هَنِي وِيچهُون ڪِيَا ✧

١٧

مَارِي مَرِي شَالَ ڏَهَبَ وَنجَنِسِ ڏَهَبِيُون
جَنْهِن تو اَچِي ڳَالهَہ وِدهو وِچُ وَرِهَنِ کهِي ✧

١٨

ڪُونْجَ نَہ لَکهِڻو پَانَ جو مَارِيَ سَنْڌِي مَنَ مِين
اوچِتِي پَرِيَانَ ڏوڳَرَ هَنِي وِيچهُون ڪِيَا ✧

١٩

ٻَغَلَ مَنْجهِہ ٻَنْدُوقَ مَارِيَ مِيرَا ڪَپِڙَا
مَارِڻو مِيرَ مَلُوڪَ لَتَاڙِڻو لَکِ چَڙهِي ✧

٢٠

چِيتَا ڪِئو چَلِيمِ ٻُدهُئِي مَارِي پُٺهِہ مِين
نِينْهِن نِنڊَرَ مَہ ڏِيچ چهِيڙُون چهَپَرِ آئِيُون ✧



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢١

سَنگهارَنِ ساري ساتهِي ڏيجِ سَنيهَڙا ٭
سا هيکَلِي کهارِي مُنڌهَ کاچهِي کَنڌهِئين ٭

٢٢

کِيرَ کَرِينڌِي رِيسَ آيَلِ سَنگهارَنِ سين
جَنهِين جِي خَمِيسَ وَاڙِيُون وَارِي ڇهَڏِيُون ٭

٢٣

کاچهِي کاهِيانئُون سَچُ کِي سَنگهارَنِ لَڌِيو
مُون تَنُ مارِيانئُون پانان وِجهِي کُونڌَرِين ٭

٢٤

کاچهِي پيٺِي کُوکَ سَچُ کِي ساتهِنِ لَڌِئو
مادَرِ سِي مَلُوکَ اُتهِي وِيا اُکِرِي ٭

٢٥

کاچهِڙ ۽ کوهِيارُ ڏُونگَرُ سَنڌُنَ ڏِيهَڙو
ساجهُرُ نهِي بارُ کوهُه نه وِيٺِين اِنِ سان ٭

٢٦

جِئَنِ سِي سَنگهارَ اَچهِي جَنِ جِي کهارِيان
مانَ لَهَنئُون سارَ اَچِي اَوکهِين ڏِينهَڙين ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢٧

ڌھَنُ ڌھَارِنُ ڌھَارَ رَھَنُ اِيءَ نَہ سَنْگھَارَنِ سِتَرَ
ڳاھِي اِينْدَا ڪَڏِھِين مَتھِي وَانْڊِ وِھٽَرَ
جي ھَاٿُون ھُوَنِي مِترَ تَہ بِھِ اُڏرُو لَاھِ مَہ اُنِ جو ٭

٢٨

جھِڃَان پَسِي جھوڪَ آيَلِ سَنْگھَارَنِ جِي
جَنِ تھي پِيءَ پِٽّارِيَا مَنْجھَان مَتَنِ موڪَ
لَڏِي وِڃَان لوڪَ اُتھِي وِيَا سي اُڪِري ٭

٢٩

جوڳُون نَہ جھِنِڪَنِ وَڳَ نَہ پَسَان وَٽِ مِين
آيَلِ سَنگھَارَنِ جِيڪُسِ چِتَانُو چِتِ ڪِٿُو ٭

٣٠

جي ٻھَاٿِين وَسَ چَرَان تَہ سَنْگھَارَنِ سِين لَڏِ
تَہ ھَانجِي سَنْڌِي ھَڏِ ڪُوڪَ نَہ سُنِين ڪَڏِھِين ٭

٣١

مَنْڌھِيُون مَتِ ڪُڙَنِ جوڳِ نَہ سُونھَنِ پَيَڙَا
سَنْڌِي سَنْگھَارَنِ جُوہ جِيَارِي جَڏَڙِي ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٣٢

ٻھورِئين پَانڌَ ترِمَنِ جَڳَھَ جھاڳي آئِيُون
ڪَاڇھوَ ميھڙِيَنِ مُنڌَائِيتوڙِي مَانِٺوَ ⁘

٣٣

رَوَ سِين رَتَا جي تَنِ جَاڙيجَنِ جَاڙَ ڪِي
ڪِينـئَ مَانِيندَا سِي چوڙهَن چَاڙهِيڪَا چَڙهِي ⁘

٣٤

جَاڳوَ جَاڙيجوَ سَموَ سُکھِ مَہ سُمَھوَ
پَسوَ آن پَاروَ لَاکھوَ تھوَ لوڙِيُون ڪَرِي ⁘

٣٥

پُٺھڻَان پَائِي پيرُ وِدھوَ رَاوَ رِڪيبَ مين
ڪَڇھِ رَھَنڌوَ ڪيرُ لَاکھوَ لوڙهَائُنِ سِين ⁘

٣٦

تَان تُون ڪِي مَہ پَلَانِ سَدَا هَنَنِ ڪھَرڪھِرَا
لَاکھي لوڙهَائُنِ جَا اِهَڙَائِي اُهُنجَانَ
ڏِيئِي تَنڱِنِ تَانَ ڪُوکَ ڪَارِينڌَا ڪَڇھَڙي ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٣٧

لِکِهي ؛ لَاکِهو بَئِي مُنّا بَاجهَ تهي
قَادِرَ لَاتهو کُڇهَ تَان اَڍِيُون اوُلَاکو
وَادِنِ ميين وَاکو رِيبَارَا رَهِي وِيَا *

٣٨

رِيبَارَنِ رِيجهَاءِ لَاکهو لوُلَاٽِنِ سِين
سَاهُو مَانَ سَنْڌِيَاه وِنِتَ مَٽَائِي تهَاکُرُو *

٣٩

رِيبَارَنِ رُوئِي وَاڙِي وِڌهَا وُڇهَڙَا
سَمُورَا سُوئِي هَنِي هِتَان سَاتهَ وِٺو *

٤٠

رَڙِي رِيبَارَنِ رُوه اُبهِي ڏهَنْکهَر جهَلَ
بهَرِي هِتَان پَلَ کِيتِرِيُون کَاهِي وِيَا *

٤١

رَڙِي رِيبَارَنِ رُوئِي اُبهِي ڏهَنْکهَر ڏهَارَ
وَنجَنِ ڄُ وَٺُ هَنِيَا سُومِ جي سُوَارَ
کَاڇهي بِنهِين کِنَارَ دهَاکو هِنِ جو ڊِسِيئين *



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۴۲

ٻَرِڙي رِبارَنِ روه، وارِڙي پايو وَڇھڙا
کَھَرا وِينَ کھنگھارَ کِھي ڇَنڇَلُ ٻيٺھو ڇوه،
وارِڙي وَڇھُ نَہ کوه لَاکھو لوڙھائُنِ سان ⋄

۴۳

لَاکھا لَکھَہ سُجَنِ پُھلَانِيَ پُھيرُ پِٺو
جَنھِن ٻھرَ رانا راڄيا کوٽنِ مَنجھِ کَنبَنِ
جَنھِن جو جارَيجَنِ سُتي سَونچُو نَہ لَھي ⋄

۴۴

لَاکھا لَکھَہ ھُوا پُھلَانِيَ پُھيرُ پِٺو
اَڄھا اوڏ تھيا پَلَيَ لَڳِي جَنھِن ڇي ⋄

۴۵

لَاکھو لِکھِيَ تي چَڙھي لِکھِي لَاکھي ھيٺھِ
سُونھارِيون سِرَکِٿو ٻھيرِٿو ٻَنڌھي ٻيٺھِ
کَنڌو ڏَمَرُ ڏيٺھِ صُبحَ سانُ سَبھَکَنھين ⋄

۴٦

اَڏِٿو جو اوڏَنِ سو ڏَھَنگھَرُ ڏھِلو مَہ تھِٿي
جَنھِن ٻھرَ وِيھي کَنِ لِيکھو لَاکھي جامَ ٻِين ⋄



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٤٧

لَاکِي لَڄَ کَهَڻِي اَسَان اوڏَڙِيَنِ جِي
کَنْڌؤ کَا نَہ ٻِي اَڱَ وِسُوڙهَلَ آهِيُون ⁂

٤٨

لَاکَهَا لَڄَ سَنْڌِيَاء اوڏِ اَکِهِلِي آهِيَان
پَکَهَا سِي پَرْتَاء جِي اَجِهِي تُنْهِن جِي اَڏِيَا ⁂

٤٩

اَڏِينْدِي اوڏَنِ لَڏِنَ جِي کَا نَہ کِي
لَاکِهؤ مَتهَان تَنِ اوچِتؤ تهِي آئِيؤ ⁂

٥٠

اَڏِي اَڏِي اوڏَ چهَڏِي وِيَا ٻهِينِيُون
ٽِکَانَا ؛ ٽؤلَ پِيَا آهِنِ پَٽَ مِين ⁂

٥١

چهِنَلَ چهَڄَ هَتهَنِ مِين کُلهَنِ کوڏَارَا
پؤرهِئِي خَاطِرِ پَاڻهِن جِي اُتهَنِ سَوَارَا
اوڏَ ٻهِ وِيچَارَا لَاکَهَا وَنجَنِ لَڏِئو ⁂

## وَائِي

هِي سَبهِ هَلَنَهَارَا کو نَہ رَهَنْدَ؛ کؤ هِيتِ جِيڏِيُون



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اَڏِيا رَھَنْدَا اِتَھِين ھِي سَبھ مَاڳ مڙچَارَا

ڪوُ نَہ رَھَنْدو ڪو ھِتِ جِيڏِيُون

جَنِ کِھي بَاچھَاھِيُون بُلَنْدُ ھُيُون سي وِيَا ڇھَڏِي وِچَارَا

ڪوُ نَہ رَھَنْدو ڪو ھِتِ جِيڏِيُون

ڪُلُّ نَفْسٍ ذَائِقَةُ ٱلْمَوْتِ سَمُجھِجِ اِھي اِشَارَا

ڪوُ نَہ رَھَنْدو ڪو ھِتِ جِيڏِيُون

دَاڙو دَڙِي اُتَھِين بَخْشَائِينْدو بَدْڪَارَا

ڪوُ نَہ رَھَنْدو ڪو ھِتِ جِيڏِيُون

اَلا عَبْدُ ٱللَّطِيف چَوِي اُتِ سَتُرُ ڪِجِ سَتَارَا

ڪوُ نَہ رَھَنْدو ڪو ھِتِ جِيڏِيُون ٭

---



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# سُرُ ڪَاپَائِتِي

١

تُوڙي تُون ڪَاتَارِ جِمَ هيڪَلِي ٻهيرِئِين
ڏِتِهِي ڪَا ڏُوَارِ صَرّافَ اِنهِين سُتَرَ مِين ○

٢

جَنِ هيڪَلو ٻهيرِئو تَنِ ميڙِئو مَاءُ
تَنْدُ اِهَڙِيَ سَاءُ مُون آتَنِ هَڏِ نَہ آئِيو ○

٣

جَان ڪَتِين تَان ڪَتُ هِيئَ هَڏِ وِهَائِي
ڪَاپَائِتِي سَبهَڪَا ڪِتِي سِيبَائِي
ڄَاتو جَنِ ڄَائِي تَنِ هَتهَان پَهِي نَہ چهَڏِي ○

٤

هِيئَ هَڏِ وِهَائِي جَان ڪَتِين تَان ڪَتُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

کوُ پَنْهِن جي لَکِ تُون ٻهيرِي کِجِ ٻهَرْتْ
مَتان رُنْنِين رَتْ صُبَحَ وِچِ سَرْتِنْين ✧

٥

کَتَنَ جِي کَا نَـ کَرِين سُکِي ساهِين هَڏَ
صُبَحَ اِينْدَءِ اوچِتِي عِيدَ اُکهاڙَنِ ڪَڏُ
جِتِ سَرْتِيُون کَنْدِيُنيْ سَڏُ اُتِ سِکَنْدِئَن سِينْگَارَ کهي ✧

٦

پَائِي ڏورِ اَرْتَ مِين کَتِين نَـ کوڙِي
وِهانْوَ جِي وَدهَانِي ٻهوڙِي سَنْبهُوڙِي
مَتهِي جَنْهِن مُوڙِي سَا کِينئَ وِهِي وِيسَرِي ✧

٧

اَڄُ پَنُ اُجهَنَ جِي کَرِين نَـ کِي کِتْنِيْ کَالهَـ
ٻهوڙِي تو سِين ٻهَالَ کَانْدهُ کَرِينْدو کِيتِرَا ✧

٨

سِي تو وِيهِي وِڃَائِيَا جِي کَتَنَ سَنْدَا ڏِينْهَـ
اَرْتَ اوڏِي نَـ تهِنِين ٻهوڙِي ٻهوڙِي سِينئَ
کَنْدهُ کهَنَنْدِئَن کِينئَ اَنْگَنِ مَحِبَنِ جِي ✧



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٩

توڙي تُون وَڏِي تهِي تَہ اُتهِي آتَنِ آءُ
تهِيءُ ٻهيڙِي ٻهيرَمَوارِئين ٻِي هَڏِ ڪَرِ مَ ڪَاءُ
تَہ صَرّافُ تو صُبَا ڪوڙهِي ڪَاتَارِنِ سين ❖

١٠

سوَنَ سَارِيڪَا هَتهَڙَا ڪوڙهُ نَہ ڪَتين ڏُڍِ
وِيهِي ڪُنڊَّ ڪَاپوُ ڪَرِ ڪهُتُون ڪوڙهِيُون ڇهَڏِ
تَہ صَرّافَانِي سَڏِ مَرْڪِئو هُونْدَ مَتَائِيين ❖

١١

ٻهَڳوڙِئي تُون ٻهيرِ جَانْسِين رَتو رَاسِ تهِئِي
ٻُرِي ٻِيڳَارِنِ سين هَارِي پَانُ مَ هيرِ
ڪَتُ ڪَتَنْدِي ڪيرِ نَنْهَن سين نِيزَارِي ڪَرِي ❖

١٢

ٻهيرِين : ٻهَائِيين اِينئَ وِڏُونو ڪَانْڌهُ
وِيتهِي اوڙِ آرْتَ سين ڳچِي پَايو پَانْڌُ
تَہ تُنْهِن جوڙِي وِنْوَانْڌُ ڪِتو وِتوڙِي نَہ تهِئِي ❖



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٣

ڇڇهن ڀهاڱ ڀهر ڦٽيون ڪٽ ڪنبندي آهه
جڏهن تڏهن ماءُ ڀهرن ڀهيرموارين ڀيو ٭

١٤

ڇاوت پاٽي ڇت ميں سنهو ڪتو جن
تنهن جو صرافن ڏڪو داخل نه ڪيو ٭

١٥

محبت پاٽي من ميں رنڌها رهٽيا جن
تن جو صرافن انتوريوٽي اڪهائيو ٭

١٦

ڪو جو وهه ڪاپاتيين ڪنبن ! ڪتن
ڪارن سود سوارين آتن منجهه اڇن
تن جي سونهه سيڌ ڇوي صرافٽي سڪن
اڪيان ستر سنڌين پاٽي تاراجي نه تورِيا ٭

١٧

ستر تنهين جو سپهرو جي پر ميں پنجائين
سي آواز آرٽ جو ساهه نه سنائين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لِڳَايو لَطِيفُ چوِي ڪَنْبِٺو ڪَتَائِينِ
جي مَانِڪَ موتَائِينِ تَـ بهـ مُلهِـ مَهَانْگو اُنِ جو ⁘

١٨

تُنْبَائِي تَاڪِيدَ سِين جَنْهِين پِنجَايو پَاءُ
لَسِي تَنْدُ لَطِيفُ چَوِي هَلِي تَنِ هَتهَاءُ
مَلْمَلَ مَنْجهَان مَاءُ جي سِڪهِيُون تَنِ سوُنُ ڪِٿو ⁘

١٩

پَلِئَ پَايو پوُرهِيو دَرِ دَرِ ٻهِيرَا ڏِي
تَـ ڪَا مُون ڪَتَائِي آئون ڪَاپَائِتِي آهِيَان ⁘

٢٠

تَرَڪُ وِنْگِي وَرَ ڳهَنَا ڪَتَان ڪُجَاڙو
ڪَاپِي مَنهَان ڪِيتِرو آنِيَان اُدهَارو
جي وَرُ ڏِٺِي وَارو تَـ سُونهَان سَرْتِنِ وِچَ مِين ⁘

٢١

اوِلَاڙِيَا اَرْتَ ڪِيڏهُنْ ڪَتَنْوَارِيُون
پَهِيُون مَنهي پَتَ لُڙْجَنِ لَاڪهِينِنِ جُون ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢٢

ڪَتِي ڪَتِي ڪالهه اَڄ نه آتَڻِ آئِيُون
اَرٽَڻِ اُکهوُلي مَالهه سوُري ويئُون نِجهرا ٭

٢٣

نه سي وَڙُنَ وَٽَنِ ۾ين نه سي ڪاتارِيُون
پَسِئو بازارِيُون هِنئڙو مُون وِکهري ٭

٢٤

ڪَتِي مَتهي آئِيُون ڪَري تَنْدُ تيّارُ
اُتَل اوڏاهين تهِئي جيڏان پِرنءَ پارُ
ڪاپائِتِيَ تَرارُ مَنجهان پوُرهِئي آئِيو ٭

٢٥

جي سا سَنْهو نه سِکهي تہ مَرُ رَنْڍهائي رَهڙي
سُتَرُ تَنْهِين جو سَپهرو وِيا تَراجِيَ توري
تهُلهي ؟ تهوري ويچارِيَ سان وَڙُ تهئو ٭

٢٦

جَنْهِين ڪِتو ڪالهه سي پَاتَان پيئُون مامِري
جَنْهِين تَرڪُ نه مَالهه سَرَهِيُون سي صَرّافَ سين ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢٧

ڀانئي ڀانڊِ ڪپاھَہ مُون آتَنَ سَبهِہ نِهارِيا
ڪَنْهِين ڪا نَہ پَساھُہ سَرْتِيُون وَڃِي سُتِيُون ٭

٢٨

چَرُکهو پَنْهِن ڄي چِتَ مَان ٻهڻِيَ ٻهيرِئو جَنِ
توڙِي ڪِي نَہ ڪَتَنِ تَہ ٻهِہ ڪانْڌُہ تَنْهِين جو ڪوڏِئو ٭

٢٩

تَانْجهي توڙِيَانئُون تَہ عَيْبَ نِڪِتَا اَڳِيَان
ڪوتِهي ڪاپاٽِنِ کِهي پَرِ مِين پُڇهَانئُون
چي اَکهلَڙِي آنئُون مُونْهَان ٻهڙَا ٻهگا تهِيَا ٭

وَائِي

ڪا هِنئي سِين لَاہ ٻهوڙِي ڪا هِنئي سِين لَاہ
تُنْبَائِي تَاڪِيدَ سِين جَنِ پِنڄَايو ڀَاہ
ٻهوڙِي ڪا هِنئي سِين لَاہ
لَسِي تَنْدُ لَطِيف چَئي هَلِي تَنِ هَتهَاہ
ٻهوڙِي ڪا هِنئي سِين لَاہ


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پَهِيُون ٻَنِ جُونِ جهِرڪِنِ جهوڙِيُون ٻِيُون اُڏَايُون وَاءِ
ڀوري کَا هِنئِي سِين لَاءِ
اَڙِتَ پَاسِي اوجهِرِين تو کهي سُمَهَنَ آيو سَاءِ
ڀوري کَا هِنئِي سِين لَاءِ
آدِهِيَ عَبْدُ ٱلطِيفُ چَوِي روئِي رِڃهَانئِ رَاءِ
ڀوري کَا هِنئِي سِين لَاءِ ٭

---

## مَتِ

١

وَاکهَاڻِيُون وَاحِدَ رَبَّ عَظِيم
کَرِ ٻَانهَا کهي حَمْدُ حَکِيمَ
صَلَوَاتَ مَتهي مُحَمَّدَ کَرِيمَ
مُومِنَ پَڙهُه تُون قَلْبَ سَلِيمَ
سِرِ صَحَابِنِ وَارِثو وَارِ
چَرْکهو چوڙي کَتُ کَا تَارِ ٭

٢

وَهِي هَتهَان تو مُنْدهَ وِيئِي وِيئِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪِي نہ ڪِتُئِ ڪِي ٻھِتِ ٻھَرَ وِيھِي
وَقْتُ تَمَامُ ڏِسُ تَان تھِئُوْنِي
قُوْتَ سَاعِيُو ٻَنْڌھُ تُون ٻِيِئِي
نِيَتَ خَاصِي رَکھُ نِبَارُ
چَرْکھو چوِرِي ڪَتُ ڪَا تَارِ ●

٣

اَپِني نَالِ اَرْتَ جو نَانُوُ ڳِدھوِنِي
تَنْھِن کھِي چھوِرِي ڪِيـنـئِ چھَڏِيوِنِي
ڪَنْھِن پَرِ ڪُوڙِي ڪِي نہ ڪِتوِنِي
جِيڪُسِ لُوتِھِي ڪِي نہ لِکھِيوِنِي
تِينْھَا چھَڏِئو تھِي ٻھَچِين ٻَھَارِ
چَرْکھو چوِرِي ڪَتُ ڪَا تَارِ ●

٤

شَرَمُ صُبَحَ وِچِ سَرْتِنِ تھِينْدُء
مِرَنْدِيُون جِيڏِيُون ڏِينْھُ عِيدَ اِينْدُء
ھِي وَھُ وَھِي تَنْھِن وِيلھَ وِينْدُء
اُتِ اُدھَارُو ٻِئُو ڪو نہ ڏِينْدُء



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تِينْهَا ٻهُنين تُون آهين ٻهنْوَارِ
چَرْکهو چوِري کَتُ ڳا تَارِ ◆

٥

ڇهو اوِکِي ڇهڍِيءِ اَرْتُ اُلوِرِي
مؤنا مَنْجِيون پهنْکهَ ٻهِ پهوِرِي
لِيتَنِ مُجهَ مکِرِي مؤرِي
کَڏهين چمؤتِنِ مَان تَرکُ کهِي تروِرِي
هَانِي کَنْڌِنّ تُون کِهَڙِي ڪَارِ
چَرْکهو چوِري کَتُ ڳا تَارِ ◆

٦

ڇهو اوِکِي ڇهڍِيءِ اَرْتُ اُلَانِي
جِيئُ جُسؤ وِيهُ تَنْهِن سِين وَانِي
تؤٻهَ تؤٻهَ کِئو مُنْڌُ تَانِي
لِينجهَ ٻهڙِي کَڏهُ ڇهِنِي ڇهَانِي
هَرْدَمُ حَقَّ جِي تَنْدُ تَنْوَارِ
چَرْکهو چوِري کَتُ ڳا تَارِ ◆

٧

ٻهگو سَجو کَرِ صَحِيَا سَارِي




books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سَاجُ سَبهوڙِيِ صَحِيِ سَنْوَارِيِ
ڪَارِ ڪتَنَ جِيِ ويھُ مَ وِسَارِيِ
اَڇهو پِنجَاڻِ لَاڙِيِ پهُتِيَارِيِ
لَاڻِ تون لَنُون اَرْتَ سِين آرِ
چَرْکهو چوڙِيِ ڪَتُ ڪَا تَارِ ٭

٨

اُٿهِيِ ڪَپَاٽِيِ آدهِيَ ڪَتُ
بهيرِڄ بهيرَمُ روزُ رَتُ
وڙه وڙه تهيئُ مَ ويگَانِيِ وَتُ
پوڙهِٽو پوڙهِيَتِ اِيئُ پَهَتُ
ڪَرِ تَ سَدَا تُون هُئِين قَرَارِ
چَرْکهو چوڙِيِ ڪَتُ ڪَا تَارِ ٭

٩

بهِڄهرو بهوڙِيِ بهيرْيُڻِ ڪِيِ نَ
جنِهُ چَپَانُون ڪِتُئِ تِين نَ
دَاخِلِ تهيندِڻ دَرِ زَمِينَ
وِيَا وِٽَان تو اُتهِيِ اَمِينَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پَنڌُ پَراھُون ڏِيھُ ڏِيسارِ
چَرکھو چوڙي ڪَتُ ڪا تارِ ٭

١٠

جانسِين اَتھي ڪو دَمُ پَساھُ
تانسِين چَرکھي لائِج چاھُ
پُڇِھا پانَ ڪَنْدُءِ پَتِشاھُ
نَہ تو ڪَنِ سُترُ نَہ ڪَپاھَ
نَہ ڪَتَڻَ جي نِيَتَ نارِ
چَرکھو چوڙي ڪَتُ ڪا تارِ ٭

١١

ڪَنِ ڪَيو ڪَتَڻَ جو سَاجھُرُ سَاعيو
ڪَنِ ھَتھِ آنْدِي ڪَپُھَ پِنجَايو
ڪَنِ اَرْٽُ سَنئون ڪِئو ڪَنِ ڏُون ڏَايو
ڪِي وِيتھِيُون ڪَتَنِ ڪَنِ ڪِتو اوبَايو
ڪِي ٻِينِي مَٽِنَ لَئِ پُرِيُون ٻَزارِ
چَرکھو چوڙي ڪَتُ ڪا تارِ ٭

١٢

تُون ٻھوڙِي سَدَائِي بَدْ اَنْعَالِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪَرِين ڪَمِيني ڦِيلَ مَقالَ
وڙهه وڙهه ٽُنهِن جي هَيٌّ هَيٌّ حَالَ
وِيهِي وِڃَايَئِي سَمُنڊهَا سَالَ
جيڪسِ ڀِهوڙِئَنَ ڀِنڊَرَ خُمارَ
چَرکهو چوڙِي ڪَٽُ ڪَا ٽَارِ ٭

١٣

وِييُون آتَنَ مَان وڙهه وڙهه جيڏِيُون
ڦِيمَتَ ڪُنجُون جَنِ هَتھِ ڪيڏِيُون
ڪَنَا تَڪَبُّرَ سِي تهِيُون تِيڏِيُون
ڪَاپِي اَندَرِ لَڳِيُنَ ٻهيڏِيُون
آءُ اُتهَارِي مَنَ ڪهِي مَارِ
چَرکهو چوڙِي ڪَٽُ ڪَا ٽَارِ ٭

١٤

ڪِتَئِيْ ڪَاپَائِتِي ٿهُلهو ۽ تهوڙو
لِينجهَ ٻهِڙِيَ سِين ٻهيڙِئِي ٻهوڙو
صُبحَ صَرَّافُ پهوڙِهِينڊهه پهوڙو
تِوڙَ ٽُسِي جِنئَ تُرَنڊهه ٽوڙو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اَڙتو اَکهٽين ھارِٽو ھارِ
چَرکهو چوڙيِ ڪَتُ ڳا تارِ ⁂

١٥

جي سَنهو نہ سِکهَنُ تہ رَنڌھائِي رَھَجِ
جيھِي جي ٽيھِي پَرَ تَنڌُ نہ ترُوڙِج
سَانُ مُحَبَّت مَڪِڙِي موڙِج
ڪِتبي پَٽانڌَرِ پوڙهِٽو لوڙِج
سَرتِنِ جي وِچِ عِيدَ دُٺَارِ
چَرکهو چوڙيِ ڪَتُ ڳا تارِ ⁂

١٦

ويهِي آتَنَ مين جَنِ چَرکهو چوڙِٽو
ڪَتَنِ ڪَپَاٽِيُون آدِھيَ اوڙِٽو
لَاھِنِ بهِينجَ بهِڙِيَ کهي بهوڙِٽو
ڏِينڌِيُون توڙِٽو وَتهَنڌِيُون پوڙهِٽو
سَرَاھِ ھَرَانِ جي سَرڪَارِ
چَرکهو چوڙيِ ڪَتُ ڳا تارِ ⁂

١٧

تو سِرِ اَڙتُ سَدَا تهو دَانهِٽو دَانهِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

تہ هِيَ مالهہ مَنجھان مُون لَاهِئو لَاهِي
ڪَڏهِئو ڏهيکِيُون ڏَرَاهِئو ڏَرَاهِي
ڪِهرِئو پَٽَ مِين رَاهِئو رَاهِي
تُون بھُنِين سَدَا تهِي بِيڪَارِ
چَرْکهو چوڙِي ڪَتُ ڪَا تَارِ ٭

١٨

اُتهِي ڪَاپَائِتِي آدهِيَ بهيرِ
تَنْدُ طَلَبَ جِي سِيرِئو سِيرِ
سُتْرُ صَبْرَ جو ڪَتُ تُون هِيرَ
نِتُ نَارِيَ سِين هِنئَڙو هِيرِ
روزُ رَضَا سَان اوبِ دُنْبَارِ
چَرْکهو چوڙِي ڪَتُ ڪَا تَارِ ٭

١٩

پَنْهِن جِي تَنْدُ تو آڏِي اِينْدِي
سَنْهِي تهُلهِي سَبهَہ لَنْکهِي نَہ وِينْدِي
جِنِسَ سَبهَکَا جَارِي تهِينْدِي
هَرْکَا پَنْهِن جو پورهِئو جهَلِينْدِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪِتي پَتّانْدَرِ بَارُو بَارِ
چَرْکهو چوڙي ڪَتُ ڪا تَارِ ❊

٢٠

ٻهڄهِرُو ٻهوڙِج ٻهَوُ رَکِهي ٻهوڙِي
ڇهَڏِ مَ ڪَتَنَ کهي ڇهوڙِي نِنْدُوڙِي
اَٻِکِيان ڪَڏِبَي ڪاکَنَ ڪوڙِي
ٻوٽِي جَنِ جي پُرِّڙُ پِشوڙِي
پُڇهَنْدَء پَنْجَابِي ڏَاڏهي ڏَهَڪَارِ
چَرْکهو چوڙي ڪَتُ ڪا تَارِ ❊

٢١

ٻهڄهِرُو ٻهيرِج تُون رَکِهي ٻهَوُ
ڪَرِ سَجَنَنِ سِين رُوحَ جو رَهُ
مَانِجِ مَوْجَ مُحَبَّتَ مَوُ
لَائِجِ چَنْگو ڪو لَالَنَ لَوُ
روئِي رِيجهائِج ڪَانڌهُ ڪُنْوَارِ
چَرْکهو چوڙي ڪَتُ ڪا تَارِ ❊

٢٢

پَائِي پَانْڌُ گهِڃِي ڪَرِ پِتُ نِيَارِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۶۹۸

آڳِيَان اَحْمَدَ جي آنِجِ عَازِي
ڇَٽِنِ پَنْجَنِ جو تهِيئُ ٿُون پَازِي
تهينْدُه رَحْمَتَ سَان رَبُّ رَازِي
ڪَنْدُه ڪَلِمِي سَانُ قَرَارِ
ڏَاوَرُ دِينَ دُنْيَا جي ڏَارِ
ڇَرْکهو ڇوڙِي ڪَتُ ڪَا تَارِ ٭

---



# سُرُ پِرَبهَاتِي

١

مۇڙهۇ ٻهُنِين مَنْگَنَا ڪِيڏَان هُٿِين ڪَالهَه
لَنْگهَا ڇهَڏِ لَطِيفُ ڇَوِي اُجهَنَ جَا اِهْمَالَ
سَبَڙَ دَرِ سُوَالَ ڪَرِ تَہ قِيمَتَ آنِٿِين ۞

٢

ڇَارِنُ مَنْڌۇ پَنْڌهُ گهَنۇ ڪِي ڇهُتَانِيَ ڇَٽِيِ
هِتِ ڪِي هَلَائِجِ اُتِي آنئُون نَہ اَچَنۇ ۞

٣

اُتهۇ اَبۇجهَاء سَبَڙَ جۇ سَڌُ تهِٿۇ
جِنئَ اَنٿِن ڪِيرَتَ ڪَتهَہ نَہ سِکهِيَا تِنئَ پَانِهِين رِيڌهۇ رَاء
مَنْگۇ مُون مُلَاء آنئُون اَوَانْهِن جۇ آهِيَان ۞



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٤

ڏَاتِ نَہ آهِي ذَاتِ تِي جو وَهِي سو لَهِي
آرِيُون اَبوجهَنِ جُون سَبَڙَ ڄَامَ سَهِي
جو رَاوَتُ رَاتِ رَهِي تَنْهِن جُکهِي تَا نَہ تهِئِي ❖

٥

ٻيلِي جِي ٻوڙِي کَرِي ڀَاسِي ٻهَرَ پِئو
سُنَاڻِي سُتَنِ کهِي وِهَانِيَ وِئو
جَانِي کِي نَہ ٻِئو سُرُ سِکهِئو هيکَڙو ❖

٦

کَرِهِ اَکِيَان کَپَ ڍِهَانِي ڏَاتَارَ جِي
لَنْگهَا لَاهِ مَہ لِکهُہ سِين مَنْجهَان چَاوَتِ چَپَ
مَنْگَنهَارَنِ مَپَ کونْهِي ٻِئو کِيرَتِئو ❖

٧

سَبَڙُ سَاهُہ پَسَاهُہ ڄَاڄِکَ جِمَ وِسَارِئِين
رِيهِي رُپِي سَنْدِيُون تَنْدُون تُنْبِي کهِي پَاه
لَنْگهَا تُون لِيلهَاء اَکِيَان وَنِجِي اُنَ جِي ❖



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٨

ميرا پَسِي مَنْگَنَا سَبَرَ سَڏِ ڪِيَا
سَبِوَجهَنِ سُئَا اَبِوَجهَنِ آسِرو ✧

٩

تُون سَبَرُ آئُون سِيڪَڙُو تُون صَاحِبُ آئُون سَڳُ
پُڄِي تُنْهِن جو پَڳُ کُلهِي پَاتِمِ ڪِينِرو

١٠

تُون سَبَرُ آئُون سِيڪَڙُو تُون ڏَاتَارُ آئُون ڏَڏُ
سُئِي تُنْهِن جو سَڏُ کُلهِي پَاتِمِ ڪِينِرو ✧

١١

تُون سَبَرُ آئُون سِيڪَڙُو تُون ڏَاتَارُ آئُون ڏوهُ
تُون پَارِسُ آئُون لوهُ جِي سَنجِين تَان سونُ ٿِيَان ✧

١٢

جِي تُون ڏَڏُ ٿِيئو تَان لَنْگهِي تِهِي لَڄَ مَرِي
صُمَ سِيَاڪو ڪِجي مِرَنْڊو ڪهِي سَڄَنِين ✧

١٣

ڏَاتَارُ تہ تُون ٻِئَا مِڙيئِي مَنْگَنَا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مِينھَن تَہ مُنڊَائِتَا وَسَنَا سَدَا وَسِين تُون
جي کھَرِ اَچِين مُون تَہ مِيرِيَائِي مَانُ لھَان ٭

١٤

اُڀِرِئو تَارو اُتھِي وَرَ وِھَاڻُ ڏِي
سَبُزُ رِيسَارو چِتُ پَرکھِي چَارَنِين ٭

وَائِي ١

ٻِي دَرِ وَڃُن مَہ کِيڏَاھِين آلا تُون جَامُ مَنْگَنْدِين مَنْگَنَا
ڦِيرِ مَہ ھِنئو کَنْڌُ کِيڏَھِين تھِينْدَءِ ھَاڃَ ھِئَائِين
آلا تُون جَامُ مَنْگَنْدِين مَنْگَنَا
مَانِکَ موتِي مَالَ خَزِينَا ڏِينْدَءِ ٻِيلِي سَائِين
آلا تُون جَامُ مَنْگَنْدِين مَنْگَنَا
وِرْچِي تُون وِھَاڻَ تَان مَتَان ڏِئِين پَاھِين
آلا تُون جَامُ مَنْگَنْدِين مَنْگَنَا
دَرُ ڏَاتَا جو مَنْگُ مَنْگَتَا اَنْدھَا ھوئِجِ اِيڏَاھِين
آلا تُون جَامُ مَنْگَنْدِين مَنْگَنَا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مَوْلَا کهِي مَتَان ڇهَڏِبِين هَتهَان هِيکَڙَائِي

آلَا تُون جَامُ مَنکَنڊِين مَنکَنَا

بِيُون ڏِي بِڻَنِ کهِي سَمِو کهَنُ سَوَائِي

آلَا تُون جَامُ مَنکَنڊِين مَنکَنَا

اِنَّ اَللّٰهَ يُحِبُّ اَلوِتْرَ وَحْدَتَ وَاکَ وِدهَائِين

آلَا تُون حَامُ مَنکَنڊِين مَنکَنَا

پَنهِن جِي طَرَفِ پَانَ ڏِي سَائِلُ سَڏِيَائِين

آلَا تُون جَامُ مَنکَنڊِين مَنکَنَا

جِتِي جُوَانَنِ کهِي کوُتهِي کُتهَائِين

آلَا تُون جَامُ مَنکَنڊِين مَنکَنَا

اُتِي عَاشِقَنِ کهِي اُلْفَتَ اهِجُ ڏِنَائِين

آلَا تُون جَامُ مَنکَنڊِين مَنکَنَا

اَلْاِنْسَانُ سِرِّي وَأنَا سِرُّهٗ اِنَ پَرِ اُنَائِين

آلَا تُون جَامُ مَنکَنڊِين مَنکَنَا

مُحهُ مُجهَانڊَرَ مَالهِنُون رَازُ نَہ رَکهِيَائِين

آلَا تُون جَامُ مَنکَنڊِين مَنکَنَا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## پربڀاتي

١٠٤
پَسو پيِنارَنِ کهي پَٽَ مين پانَ وِدهَائِين

آلا تُون جَامُ مَنکَندِين مَنگَنا

اَدِيُون عَبْدُ اللَطِيفُ چَوِي مُون سين مِهر کِيَائِين

آلا تُون جَامُ مَنکَندِين مَنگَنا ٭

## وَائِي ٢

وَڏَڙَا ڏَانَ ڏِنَائِين کِيَائِين رَخْتُ رِيزَالَنِ جو

اَنْدِهَا مَنْڏَا آئِيا تَخَا سَڌَ وِدهَائِين

کِيَائِين رَخْتُ رِيزَالَنِ جو

کِي نَہ مَنجهَانِ جو کِي کَري سو نَہ سَارَاهِين سَائِين

کِيَائِين رَخْتُ رِيزَالَنِ جو

وَتُعِزُّ مَنْ تَشَاء وَتُذِلُّ مَنْ تَشَاء اِينئَ اُتَائِين

کِيَائِين رَخْتُ رِيزَالَنِ جو

نَوَازِيَائِين نُطْفو مَنجهَان پُٽهِ کَڍهِيَائِين

کِيَائِين رَخْتُ رِيزَالَنِ جو

حِرْفَتَ حَرِيفَنِ جِي ڀهيري سَبهَ ڀهَڳَائِين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## پِربهَاتِي

٧٠٥

کِيَائِين رَخْتُ رِيزَالَنِ جو

حَاسِدَ سَبهِہ. حَسَدَ مِين مُدَعِي مَاڻ کِيَائِين

کِيَائِين رَخْتُ رِيزَالَنِ جو

اَدِيُون عَبْدُ اللَطِيفُ چَئِي آهِ پَانَ وَنَنْدَڙُ سَائِين

کِيَائِين رَخْتُ رِيزَالَنِ جو ⁘

---



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# سُرُ گهَاتُو

١

مَتو وَهَنُ کُنَ کرِي ٻهَنجِي سَنْڀهُويُون سَاجَ
مُون وِجهَنْدِي واجهه ٻرين پِيَا نَہ ٻهَنَ مِين ⁘

٢

کهَکهَرِيَا کهَڙَ جَانَ مُوڙهِي مَتِ مُنهَائِيِين
وِيَا کَڏِجِي وِيڙهِ مِين پِئَا مُنهِ مَهَرْيَانَ
اَکِيَان پِڙيَان تَانَ وِيَا وِيچَارَنِ وِسِرِي ⁘

٣

مَاکَ وِنجَايَنَ مُولهِيَا مَتهَان رَاتِ پَئِي
اُولِيُون اُجهَنَ لَکِيُون وِيَا وَنجهَ وَهِي
کَرَاچِيَان کَهِي کَڏهِن آيو کو نَہ کو ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٤

ڪو جو ٺهر ڪلاچ ۾ جو ڪهري سو ٻني
خبر ڪو نہ ڏني تہ رڇهہ ڳجهاڙي رنڌيا ∴

٥

ڪالهہ ڪلاچي وِيا ڇهٽيون ڪهني ڇهڪير
ٻهائن ٻهبرو نہ ڪِنو ادن لاٽي اوير
اهڙي خاصي ڪهير ڪن وراڪي جهلنا ∴

٦

سڌ نہ ٻجي ساٿهنين ڪن ڪراچي پار
ڪنهن ٻٺي ٽڙ نهار ڪهاڻن سنڌا مڪڙا ∴

٧

ترئون پسان نہ تار ۾ جهڪا جاء نہ ڪن
مادر ملاحن ماءِ نہ ڏهوٻا مڪڙا ∴

٨

ڏينهاڙي ڏِٺهم ڪيترا مارئو اڇن موڪ
ڪهر ۾ ڪهاٽوڙن جا تها مارينم ٺهوڪ
لڌي وچان لڙڪ اوٺهي وِيا اوهري ∴

٩

ڪالهہ ڪراچي وِيا ڪهاٽو ڏيٺي ڪهور

ماڌرِ مَلاّحَنِ جا وِيٺهي سهَان سُورَ
مُون کهي کَرِي مَلُورَ اوڻهي وِيَا اوهِرِي ⁂

١٠

اُبهي اوسَرُ اُسَ مِين جهَلِڻُو کُنَ کِنَارِ
کهَاٽو کهَرِ نـَ آئِيَا وَڌِي لَکِڻَن وَارَ
هُيَسِ جَنهِين اَهَارَ سي مَڙِي چُرِيَا مَکُڙَا ⁂

١١

کهِلِي جَان کهيکارِيَان تَان سَانهِي سَانگُ نـَ کَنِ
وَارِي وَهِتَرَ وَڃَنِ کَن سَبهَاکِنِ سَامُهَان ⁂

١٢

جِتي کهَوڙِڻُو کهَاٽُڻِين تِتِي وَارِئَ بُتهَ
سَرِين سَاتِي مُتهَ سَرُ سُکو سُونکِي کَيَا ⁂

١٣

نـَ کَا نُونيِ بَازَارِ مِين نـَ کَا چهلهُڙِ چهَتَ
جِتي ڏَنبهڙِنِ جِي آکِي هُتِي اَکهُتَ
سي پِڙَ پَسِيو پَتَ مَاڙهُون وَڃَنِ مونَتِيَا ⁂

١٤

مُون اُدهَارِيَا ڇهَڙَا اَلا کهَاٽُو آنِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مِيان مُنڌارَنِ سِين قادِرَ وِجهُه مَ ڪانِ
هَٿهَ مُنهِن جي. هانِ تَڌُر لَڌهو جَنِ ري ۽

١٥

اوڙي هُوا تان آئِيا پَرَ جيڪُسِ وِيا پَري
سانهِي سَڏَ ڪَري ماڪَ نِهارِي موٽِيا ۽

١٦

اَئِين جان لُڏو لوڏَ اِيئَ پَرِ ڪهاٽوڙَنِ جِي
ڪُنَ ڪَلاچِيَ ڪوڏَ سُکهه نَہ سُتا ڪَڏهِين ۽

١٧

ڪهوڙِينڊِي ڪهُورِ پِيا اَڪهوڙِ ڪهوڙِئانئُون
مِينگَرُ مارِئانئُون مَلّاحَنِ مُنهَہ سَنِرا ۽

١٨

جان ڪهِرَنڊَ، ڪهاتُنا تان رَچهَنِ ڏِجا رَنگ
سَگايُون ! سَنگ ڪَلاچِيَ ڪيرُ ڪَري ۽

١٩

جِنِئَ جهينگا پاٿِين جهوڙَ مِين اِينئَ نَہ مَرَنِ مَڇهَ
سُٻَرَ ڌهارِ سَمُونڊَرَ جا راوان رَنگِيُون رَچهَ
هي چهارِيُون ! چهَچهَ اَنجان اوڙاهُ اَگاهُون ٿهنُو



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## وائي

جيڪس جهلِيَا مَڇھَ کھاٽو کھرِ نہ آئِيا
ڪاهي وڃو ناخُئا ڪرِيو ٻُري ٻي ٻَچھَ
کھَاٽُو کھرِ نہ آئِيَا
ڪَاٿهي سَنڌِيُنَ ڪُنڌِهيُون ڪاٿهي سَنڌَن رَچھَ
کھَاٽُو کھرِ نہ آئِيَا
ڪُنَ ڪَرِڪُو ڏَاڍهو اُتهو اَکِيَان اَچھَ
کھَاٽُو کھرِ نہ آئِيَا
اَدِيُون عَبْدُ اللَطِيفُ چَوي سَبھِ لَنگهيِنْدَا ڇھَڇھ
کھَاٽُو کھرِ نہ آئِيَا *



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# سُرُ آسَا

## فَصْلُ پهريون

۱

لوچَان تهِي لَاحَدَّ مِين هَادِيَ لَهَان نَہ حَدُّ
سُپِيرِيَان جِي سُونْهَن جو نَہ ڪو قَدُ نَہ مَدُ
هِتِ سِگَهُ ٻِي عَدَدُ هُتِ پِرِينءَ پَرْوَاهُه نَاهِ ڪو ⁘

۲

آئُون سِين اُنَ پَارِ ڪَڏِهِن ٿَان ڪو نَہ ٿِهِنو
اِنَّ ٱللّٰهَ يُحِبُّ ٱلوِتْرَ نِيئِي ٻِيَائِي ٻَارِ
هيڪِڙَائِيَ وَتِ هَارِ هَنْجهُون جِي هُوَّنَ جُون ⁘

۳

ٻَنِ ٻِنَائِي سُپِرِين ٻَائَان مُون کهي پَلِ
آئُون اوڙِيَان جهَلِ تو کهي رَسي تو دَهَنِي ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۴

تۇ کهي رَسي تۇ ڏهَنِي سَبهۇئِي جَمالُ
ڪوُنهي ٻِئو خِيالُ جي شارِڪَ شڪُ وِڃائِيين ٭

۵

آنُون اوڙِيان جهَلِ تُون ڇهڏِيمِ پَانَ پچارَ
شِرڪَ سَانُ سَتارَ ڪهَنَا ڪهارِيَمِ ڏِينهَڙا ٭

۶

عَيْنُ شِرڪُ اِيئُ جِنئَ ٻي شِرڪُ ٻهَائِين پَانَ کهي
وِڃائِي وُجودَ کهي پَانَان پَاسي ٿهيئُ
هَڏِهِن ڪوُنهي هِيئُ هو پُنُ ڪوُنهي هِنَ رِي ٭

۷

هو پُنُ ڪوُنهي هِنَ رِي هُوَّنُ هُنهَان ڌهَارَ
اَلْاِنْسَانُ سِرّي وَاَنَا سِرُّهُ پَرُوڙِجِ پچارَ
ڪَنْدَا وِيَا تَنوَارَ عَالِمَ عَارِفَ اِهَڙِي ٭

۸

نَہ ڪا اِبْتِدَا عَبْدَ جي نَہ ڪا اِنْتِهَا
سي وَڃَنَ کهي وِيَا جَنِ نَہ سُڃَاتو سُپِرين ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۹

اَنَ عَبْدُ مَعْبُودُ تُون اِتِ نَ کوُ شِرْکُ نَ شَکُ
آهِنِ ٻچَارُون پرِيَنِ جُون مُحَبَّتِنِ مَرَکُ
سوُ سَبهوُئِي حَقُّ جَنْهِن مِين پَسَنُ پرِنيَّ کهي ∗

۱۰

جَانِ جَانِ پَسِين نَ پَانَ کهي تَان تَان نَاهِ نِمَازَ
سَبهِ وِڃَائي سَازَ تَنْهَان پوءِ تَکْبِيرَ چَوُ ∗

۱۱

جَانِ جَانِ پَسِين نَ پَانَ کهي تَان تَان نَاهِ سُجُودُ
وِڃَائي وُجُودُ تَنْهَان پوءِ تَکْبِيرَ چَوُ ∗

۱۲

نَابُودِيَ نيِئِي عَبْدَ کهي اَعْلٰي کِئُو
مُورَتَ مِين مَخْفِي تهِيَا صُورَتَ پُنُ سِيئِي
کِينِي اِتِ کيهِي ڳالهِ پرِيَان جي ڳُجهَ جي ∗

۱۳

ڳالهِ پرِيَان جي ڳُجهَ جي ڳالهِ مِڙيئِي ڳُجهُ
هِنئَڙَا اَڄُ مَ مُنجهُ تَ پرِينئُون پرِين تهِئِين ∗



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۴

صُورَتَ سوُجهَمِ تَنّهِن جِي پِيئُ پُڇهين تهو جو
سُخُنُ آهي سو جو مُنْهَ مُقابِلِ نَہ ٿِهِئي ⁘

۱۵

سُنجَاپِي نَہ صُورتَ رِي صُورَتَ هَڏِ مَ سوجهِ
تهِيئُ بَارَاني بوجهہ وِنجَائي وُجُودَ کهي ⁘

۱۶

جَنِ وِنجَايو وُجُودُ فَانِي تهِيا فِي اللّٰهِ سَان
نَہ تَنِ قِيَامُ نَہ قُعُودُ نَہ کو کَنِ سُجُودُ
نِيلَان تهِيا نَابُودُ جِيلَان کَڍِيا بُودَ کهي ⁘

وَائِي

پرِيَنِئُون پوءِ مُون تي نَہ وِهَامي رَاتِ رَمَنْدِيئِي
پهوڙَائو فَقِيرِ کهي قَادِرَ کوهہ ڏِنوءِ
مُون تي نَہ وِهَامي رَاتِ رَمَنْدِيئِي
چَڙهِيا ڏَاڍهين ڏُونگَرين سِينَنِ سَانْگُ نَہ کوءِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

مُون تي نہ وِهامي رَاتِ رَمَنْدِيئِي
اَچي اوڙاهُون تهِئي سَتِّدَ سَاتهُ سَنْدوءِ
مُون تي نہ وِهامي رَاتِ رَمَنْدِيئِي
وِيٺِهِي وَاتَ نِهارِيَان مِنَ پرِيَنِ پَاجهَہ پوءِ
مُون تي نہ وِهامي رَاتِ رَمَنْدِيئِي
اَدِيُون عَبْدُ اللَطِيفُ چَوِي مُحِبُّ سِڪهو مِلَنْدوءِ
مُون تي نہ وِهامي رَاتِ رَمَنْدِيئِي ٭

---

## فَصُلُ ٻِئو

١

اُبهَرَنْدِيئِي ٻِجَ پِرِين جي نہ پَسَنْدِيُون
ڪَڏهِي ٻِيئِي ڏِجِ اَکهَڙِيُون ڪَانْگَنِ ڪهي ٭

٢

اُبهَرَنْدِيئِي ٻِجَ سَانْ پِرِين جي نہ پَسَنْدِيُون
ڪَڏهِي ڪهي ڪَانْگَانِ نِئُوَلا ٻِينَ ڏِيَان ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٣

مُون کهي اَکهَڙِيَنِ وَڏَا تهوزرا لَائِيَا
تَہ پُنُ پرين پَسَنِ کهَنَان جي کهَرَ سَامُهيُون ٭

٤

اَکهَڙِيُون پرِيَنِ رِي جي کِي ٻِئُو پَسَنِ
تَہ کَڍِهي کهي کَانگَنِ نِئُولَا نينَ ڏِيَان ٭

٥

نيرَاني نينَ نيئِي آچهِ پرِيَنِ کهي
سَتَرِ کهَادهَا کهينَ جي ڏِتهو مُنْهُ مَحْبُوبَ جو ٭

٦

تَنِ نيئَنِ کهي نيئَانَ جَنِ سَاجهُرُ سينَ سَانْبِهي تهيَا
جِيئَ جُسِي ؛ جَانِ کَرَ حُضُورِي هَجُ کِئُو ٭

٧

اَکهَڙِيُون عَلَیٰ الصُّبَاحَ دوسُ ڏِيکهَنَ آئِيُون
اُبهَنْدِيُون اَرْدَاسَ مين ٻِي نَہ کَنْدِيُون کَارِ
رَچَنْدِيُون رِیَ بَاهِ پَرْچَنْدِيُون پرِيَنِ سين ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۸

ڪِي جو ڪيڏاھِين اَکِھيُون پَسِي آئِيُون
تھيُون تَانِ تيڏاھِين پِيئُون پَانَ مُنْھَارِيُون ⁘

۹

ڪِي جو ڪَنْھِين پَارِ اَکِھيُون پَسِي آئِيُون
ھِڪُ ڏيوَانِيُون دِلِ مين ٻِي اَنْدَرِ لَڳِئَنَ آرِ
تَنْھَان پوءِ قَرَارِ سُتِيُون ڪِي نَہ سَيَدُ چَوِي ⁘

۱۰

ڪِي جو وَنجِي اَڄُ اَکِھيُون پَسِي آئِيُون
سِينَنِ ڪِئَوْ سَھَجُ لَالُون تھِيُون لَطِيفُ چَوِي ⁘

۱۱

ڪِي جو وَنجِي ڪَالهَ اَکِھيُون پَسِي آئِيُون
لَالُون ڪِيُون لَطِيفُ چَوِي جَانِبَ جِي جَمَالَ
تھِيَا نيِنَ نِھَالَ جَنْھِين دِلْبَرُ ڏِيکھِئو ⁘

۱۲

وَسَنِ ۽ وِھُسَنِ ڏِينْھَاڙِي ڏِسَنَ لَئِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏِسِي ڏِسِي آئِيُون تَہ بِهِي تَلَاشُون كَنِ
ڏهرَاپِئُو نَہ ڏهرَاپِنِ پَسَنَ مَنْجهَان پِرِنءَ جي. ⁘

١٣

ڏِسَنِ ڏِينهَاڙِي تَہ بِهِي تَرْسَنِ اوڏَهِين
آيَا سُنجَانِي نِينَ نِهَارِي پِرِنءَ كهِي ⁘

١٤

اَكهَڙِيُون اَكهَڙِيَنِ تِي ڏَمَرَ ڏوسَ كَرِينِ
جيلَاں سِكَنْ سِكهِيُون تِيلَاں دَعْوَا مَنْجهِ دَڙِينِ
كهلَنِ ⁘ كَڙِينِ رُسَنِ پَرْچَنِ پَانَ مِين ⁘

١٥

اَكهِنِ كهِي آهِينِ عَجَبَ جيهُون عَادَتُون
سُورَ پَرَائِي سَاتهَ جَا وَنجِنُو وِهَائِينِ
اُتِي لَنوُن لَائِينِ جِتِي حَاجَتَ نَاهِ هَتهِيَارَ جي ⁘

١٦

اَكهِنِ كهِي آهِينِ وَڏَا وَاجهَ وِڙهَنَ جَا
مَنْڌِي بِيتهِيُون مَامِرُو جهِيڙُو نَہ لَاهِينِ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جِنءَ سي ڪَکَرَ اُبھَ ۾ آڪِيُون آھِنِ
جھُڙ پھُڙ نہ لاھِنِ وَسَنِ سانْوَنَ مِينْھَ جان ❊

۱۷

اَکھِنِ کھي آنئُون جان کي جھَلُون پائِيان
لوڪ لَتَاڙي نِنڊَرَ ۾ ساجَنُ سُتھانئُون
مُون کھي مارِيانئُون پانَ پَرْچي آئِيُون ❊

۱۸

اَکھِنِ پَنْھِنِ جي مَتِ پانَ سين پانھين ڪَئي
اُتي وَنجي لَڳِيُون جِتي جانِ کھَپَتِ
نہ ڪا ڳالھِ نہ ڳتِ جِيءُ ڏِني رِيَ نہ جُڙي ❊

۱۹

اَکھڙِيَنِ آرُ مُونھان پُڇھي نہ ڪِئو
اُتي وَنجي لَڳِيُون جِتي چَوَنَ نہ چارُو
ھِنئڙو وِچارُو واتُون جھَلِئو وِنْڌِي ❊

۲۰

اَکھِ اُلْتِي ڌھارِ وَرُّن اُبتو عامَ سان
جي لاوَھارُو لوڪُ وَھي تُون اُوچو وَنجُ اوڀھارِ
مَنْجھان نِيچَ نِھارِ پُرُ پُتھِرو پِرِنءَ ڏِي ❊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۲۱

اَکهِيُون سِيئِي دهَارِ جَنْهِن سَان پَسِين پِرِنءَ کهي
پِي ڦَان کِي مَ نِهَارِ کهَنو رِيسَارَا سُپِرِين ⁘

وَائِي

جيڏِيُون آنُّون کا پَانَ وَهِينِي آهِيَان کا مُون سَارَ لَهِيجَا
جيڏَان وَارِينِم سُپِرِين پيرَ اوڏَاهِين پَايَان
کا مُون سَارَ لَهِيجَا
قَلَمُ کَاتِبَ هَتهَ مِين آنُّون کِينءَ لِکهِئِي مَان لِکهَ لَاهِيَان
کا مُون سَارَ لَهِيجَا
وَاکَ دهَنِيَنِ جِي هَتهَ مِين کِيڏَان کَرَهَلُ کَاهِيَان
کا مُون سَارَ لَهِيجَا
سَدَا سُپِيرِيَنِ لَئِ وِيتهِي کَانْگَ اُڏَايَان
کا مُون سَارَ لَهِيجَا
اِينْدَا عَبْدُ ٱللَّطِيفُ چَئِي آسَ اُمِيدَ نَہ لَاهِيَان
کا مُون سَارَ لَهِيجَا ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## فَصُلُ ٽرِٽون

١

ڏيکھُ مَ تُون سين تَنِ هِي جي مَجازِيانِيُون مُنهَ مين
جَنِ نَ سُنڃاتو سُپرين نِهارِي نينَنِ
پِرين سِي پَسَنِ ٻِئِي جَنهِين ٻُوتِيُون ⁘

٢

تَعْظِيمان تَرکُ ٿِيا وَاجھانِئان وِيا
وَڃِي تِتِ پِيا جِتِ نِهايَتَ ناهِ کا ⁘

٣

سَٿِين سُونهائِي سَبهَکا کا مُون مُنجھائِي
طَلَبَ ۽ تَحْصِيلَ سَبهَ اوڙِيانئِي آهِي
مَان تَنُ تِتِ لائِي جِتِ آهِ نَ ناهِ کا ⁘

٤

جِتِ آهِ نَ ناهِ کا اِيئُ خاکِيَ جو خِيالُ
جانِبَ جو جَمالُ پَسَنانئِي پَري ٿِيئو ⁘


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٥

جِتِ آهِ نَہ نَاهِ کَا اِيئَ خِيَالُ خَاکِيِ
پِرِيَنِ جِيَ پَاکِيِ پَسَنَانِئِي پَرِي تِهِي ٭

٦

نيِنِين نَظَرُ نينْهَه جَڙُون جِتِ جَڙَنِ
سَاهُ تَنِ تَان صَدِقُو اَنْدَرُ سِين عُضْبَنِ
قَلْبُ قُرْبَانِي کَرِيَان.مَتهَان دِلِ دُوسَنِ
هنئِي ۽ اَکِهنِ پهَاهِي کهَادهِي پِرِئَ لَئِ ٭

٧

پِرِين نَہ اَکهَڙِيَنِ مِين هِنئِڙو نَہ حَاضُرُ جَنِ
سِي هُوَّهِين جَاڙَ جِئَنِ تهَلَا تهَابِرَ سَکهِنَا ٭

٨

مُورَکهَ مَامَ نَہ بُجهِنَا هيڏَان هوڏَان کَنِ
سِي کِينئَ پِرين پَسَنِ کَتَرُ جَنِ اَکهِنِ مِين ٭

٩

اَکهِنِ مِين تهِي وِيهُ نَہ آنئُون وَارِي ڏهَکِيَان
تو کهِي ڏِسِي نَہ ڏِيهُ آنئُون نَہ پَسَان کِي بِئو ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٠

تَارَنِ ۾ين ڳَرِ تَڪِڙو وَنِنِ ۾ين تِهِي وِيهُه

اَکِهِنِ ۾ين تِهِي پِيهُه تَہ آنئُون آڇهَارُو تهيَان ⁘

١١

ڪَهَنَا وِجهُه مَہ وَاتَ ڏهوَلَ مُنْهِن جِي ڳَالهَڙِي

مَڇهُنُ رَتِيَ رَاتِ اوَرِنَ ۾ين اُونْهِي تهِڻِي ⁘

١٢

سِڪَ سِڪَائِي سِڪُ سِڪَ نَہ آهِي سُتهِرِي

لِڪُ لِڪوُتِيَ لِڪُ تَہ کَهَرَنِ خَبَرَ نَہ تهِڻِي ⁘

١٣

خَبَرَ تِهِي کَهَرَنِ کِهِي تَہ مُون کِهِي کَنْدَا کوَهُه

صُورَتَ سُپِيرِيَنِ جِي ڏِٺهِي ڪوُنهِي ڏوُهُه

لوَرِي لَڱُمِ لوُهُه جَنْهِين رَتُ رُوَارِڻو ⁘

١٤

کَهَرَ جَا کَهَڏَ کَهَڻِي پَوَنَ ڳَارَنِ پرِنِءَ جي

تَنْهِن ۾ين پَانَ پَئِي غِيبتِي سو غَارُ تهِڻو ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

١٥

اَلا ڪهَرَ جِتَّنِ مَنْدِيُون جَنهِين جي مَنَ ۾ مين
اَسَان ۾ پرِيَنِ جُون پَانَ ۾ مين اُميدُون پَسَنِ
تَنهَان پوءِ مَرَنِ سَڙِي اِنهِيَ سُورَ ۾ مين ٭

١٦

ڪهَرُ ڪهَارِينْدو سِي مَاتهو جَنِ پرِيَتَنو
جوشَ جَلاَيا جي مَارِي تَنِ مَاڻُ ڪِٿو ٭

١٧

ڪهَرَ ڪهي ڪهَپرُ ڪهَاهه نَانگُ مَنِيارو نِڪَرِي
اُبهو جو اُونَاهه سُرُ پُرُ سَنْدِي سَجَنِين ٭

١٨

ڪهَرَ خَرَابُ تهِئِين هَيَا هَچَارَا
پُورَايِيُ پرِيَنِ جَا چَوْدهَارِي چَارَا
مَرِين مُنهَ ڪَارَا سَڙِي اِنهِيَ سُورَ ۾ مين ٭

١٩

سَجَنَ سَينْيُون ڪَنِ لوڪَان لِيڪهي وِنگِيُون
سَنْدِيُون سُپيرِيَنِ پَرَ پَرُوڙَنُ ڏاڪهڙو ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢٠

ڪا جا پَرِ پِرِيَنِ نہ سَا سُڻِي نہ ٻُڌهِي

مَتِيُون سَبهِ مُنْجهَنِ اِهڙِي ڏِٺهِي ڦَصِيِي ⁘

٢١

نہ ڪو ڏِرِيڪُهُ نہ وِيلُ نہ ڪَا مُنْهَ مُنْهَاڙِ ڪا

اِيئُ اِهڙِي ڪهيلُ ڪوڙُ پَرُوڙِي ڪِي نہ ڪِي ⁘

٢٢

حَوْصِلوُ حَيْرَتَ مِين ڪَرِي ڪِي نہ دَرَڪُ

جو حُسْنَ سَنْدو حَقُّ سو ڪوڙُ پَرُوڙِي ڪِي نہ ڪِي ⁘

٢٣

حَوْصِلوُ حَيْرَتَ مِين وَڃِي تهڻو وِڇهُون

مُحَبَّتَ جُون مِيڇهُون ڪوڙُ پَرُوڙِي ڪِي نہ ڪِي ⁘

٢٤

حَوْصِلوُ حَيْرَتَ مِين وَڃِي لڄَاڻو

وِيچَارو ڪَاڻو ڏِسِي تهڻو ڏِسَنَ ڪهي ⁘



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٢٥

حَوْصِلو حَيْرَتَ جو آهي نہ مَتهِي عَامَ
سَنْدِي مُحَبَّتَ مَامَ کوڙ پَرُوڙي ڪِي نہ ڪِي ٭

٢٦

مُٿي هَاتهِيَ سِين مَامِرُو اَچِي ڪِٿو اَنْڌهَنِ
مَنَارِيڻِ هَتهَنِ سِين اَکهِين ڪِي نہ پَسَنِ
فِي ٱلْحَقِيقَتَ فِيلَ جِي سَچَا سُنْجَاڻَنِ
سَنْدِي سَرْدَارَنِ بِشَارَتَ بِينَا ڪَرِي ٭

## وَائِي ١

مُنْهَ مَنجهِ خَلِيلُ اَنْدَرِ آذَرُ آهِيُين
سَدهَ مَ ڪَرِ صِحَّتَ جِي اَڄَان تُون عَلِيلُ
اَنْدَرِ آذَرُ آهِيُين
نَالو نَاهِ نِفَاقَ جو جِتي رَبُّ جَلِيلُ
اَنْدَرِ آذَرُ آهِيُين
مُنْهَ مِين مُسَلْمَانُ تُون قَلْبُ تَان قَلِيلُ
اَنْدَرِ آذَرُ آهِيُين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وَالِيَ جيِ وِصَالَ ميِن ڏُٺِي نَاهِ دَلِيلُ

اَنْدَرِ آذَرُ آهِئين

اِلاّ عَبْدُ ٱلّطِيفُ چَوِي سَچُو رَکَهَائِجِ سِيلُ

اَنْدَرِ آذَرُ آهِئين ✧

## وَائِي ٢

موتَ مُنْدَ نـَ آهِي تَائِبُ تهِئُو تکِڙَا

أَجِلُوا بِتَوْبَةٍ قَبْلَ ٱلْمَوْتِ وِيھُ تُون وِيرَمَ لَاهِي

تَائِبُ تهِئُو تکِڙَا

پرِيَانِ کَارَنِ پَانَ کھِي سِکھُو وِيھُ سَنْبَاهِي

تَائِبُ تهِئُو تکِڙَا

اَجَلُ اَسَارَنِ کھِي کَامَ وَتهِي تهو کَاهِي

تَائِبُ تهِئُو تکِڙَا

عِمَارَتُون اَنْدهَنِ جُون ڏَاهِئُو تهو ڏَاهِي

تَائِبُ تهِئُو تکِڙَا

بِنَا کُوتهَ کَرَ نـَ ڏِي کَنْهن وَڏِي وِيرَمَ نـَ آهِي

تَائِبُ تهِئُو تکِڙَا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

اُني عَبْدُ ٱلّطِيفُ چَوي نِبا کَفَنَ پَهَرائي
تَائِبُ تهِئو تَکِڙا ٭

## فَصُلُ چوٿون

۱

ڏيکهِينْدي ڍِيدَارَ کهي کِي نَ سُنجَاتو کُلَ
تَازِي طَنْبيلَنِ مِين آهِي اِهَا تو جهَلَ
هُوَا جي اُمَلَ سِي حِسَابَان هَلِي وِيَا ٭

۲

ڏيکهِينْدي ڍِيدَارَ کهي کُلَ سُنجَاتو کِين
جَانِبَ مَنجهَان جِين مَحْرُومَئِي مَرِي وِيَا ٭

۳

مَحْرُومَئِي مَرِي وِيَا مَاهِرَ تهِي نَ مُنّا
چِڙَي جِنِءَ چُهُنجَ هَنِي لَڏِيَانئُون لُنّا
جُبَابَئِي هُوَا اِنْهِيَ وَادِيَ وِچ مِين ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

٤

تَرڪُ ڪَرِ ترڪَ جو وَڃَڻَ ڪَدا وَڃ
آهي اِيئُ اُهڃُ سُڃي سُڃاڻجِ تُون ٭

٥

وَڃِي رَسُ وَڃَڻَ کهي وَڃَڻُ پُڻُ وِڃاء
لوڪان پَانُ لِڪاء لِڪان پُڻُ لِڪجِ تُون ٭

٦

لوڪان لِڪي سَبهُڪـو لِڪان لِڪي ڪو نـَ
اُتهِي ويٺِي اوڻَ اِنَ اُلٽِيَ ڳالهِ جِي ٭

٧

هَٿَهَنِ سين هَاجَ ڪَرِ نيڻَنِ سين نِهارِ
اُبهَا اَنگَنَان بَارِ پَسُ پَنهِن جا سُپِرين ٭

٧

اَسي سِڪُون جَنِ کهي سي اَسي پَانَ
هَاڻي وَڃُ ڪُمانَ ڪَهِي سُڃَاڻا سُپِرين ٭

٩

اَسي سِڪُون جَنِ کهي اَسي پُڻ سِيئِي



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُولَدْ وَڙن اوڏاهِين پيهِي ،
تَنْهَا مَنْجهيئِي تُون پَارْکَهه پَرکِهِجِ حَقّ کهي ⁘

۱۰

ڏِسَنَ ڏِسِين جي تہ هَمَہ کهي حَقُّ چَوِين
شَارِکَ شَکُ مَ نِين اَنْڌَا اِنْهِي ڳَالهِ مِين ⁘

۱۱

مُنْهُ کَرِ مَنْجهَارَان بَاهَرِ ڏهُونْڍهِہ مَ ڏهوڙِجِين
جي اَکهڙِتَارَا تہ کَنْڌِهِيَ اَچَنُ ڏاکهڙو ⁘

۱۲

آڏو جو اِثْبَاتَ کهي سو شِرْکُ لَاهِي شَکُ
هُئِي جَنْهِين مِين حَقُّ تَنْهِن نَفِيَ جِهَڙو نَاهِ کِي ⁘

۱۳

وَڏِي تَان اِنَ وَاتَ مِين پيلَپَ پِيَائِي
آهِي اُونْدَاهِيَ جو شِرْکُ سَهَائِي
چِتِي چِتَائِي اَلْفَ جي عَيْنَکَ مِين ⁘

۱۴

اِنَ پَرِ نہ اِيمَانُ جِنئَ کَلِمِي کو کوتهَائِيين



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

دِغا تُنْهِن جي دِلِ مِين شِرْڪُ ؛ شَيْطَانُ
مُنْهَ مِين مُسَلْمَانُ اَنْدَرِ آذَرُ آهِئين ؞

۱۵

ڪوڙڙو تون ڪُفْرَ سِين ڪافِرُ مَ ڪوٺهاءِ
هِنْدُو هَڏِ نَ آهِئين جَنِئُو تو نَ جُڳاءِ
تِلْڪُ تَنْهِين کي لاءِ سَچا جي شِرْڪَ سِين ؞

۱۶

مُنْهُ تَ مُوسَا جِهڙو عَادَتَ مِين اِبْلِيسُ
اِهڙو خَامُ خَبِيثُ ڪَڏهِي ڇهو نَ ڇهڏِئين ؞

۱۷

مُنْهُ تَ آهِيَان اُجرو قَلْبَ مِين ڪارو
ٻَهَرَان زيبُ زُبَانَ سِين دِلِ مِين هَچارو
ڪوڙهُ ڪري وِيچارو جِنئَ وِيهو نَاهِ وِصَالَ سَان ؞

۱۸

مُنْهُ تَ مُوسَا جِهڙو صُورَتَ شَيْطَانِي
بَازِي ٻِيرَانِي ڪَڏهِي ڪوڙهُ نَ ڇهڏِئين ؞



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۱۹

تُون ڪا ڪَانِي پَاء وِنِ مِين وِصَالَ جِي
ڏوبِينَائِي ڏُورِ ڪَري مَعْرِفَتَ مَلهَاء
سُپِيرِيَان جِي سُونْھَ مِين رُخنو ڪو نَ رِهَاء
آکھُ اَشْهَدُ چَاء تَہ مُسَلْمَانِي مَانِئِين ❊

۲۰

سُرْمو سِيَاهِيَ جو رَنُنِ ڪھِي رِهَاء
ڪَانِي ڪَارَائِيَ جِي مُڙْسُ تھِي مَ پَاء
اکھِنِ مِين اَتِڪَاء لَالَائِي لَالَنَ جِي ❊

۲۱

سُرْمو سُرْخِيَ جو جَڏِهِن پَاتو جَنِ
تَڏِهِن ڏِٺِھِي تَنِ رَوْنَق رِيتِي جھَڙِي ❊

۲۲

سُرْمو سُفِيدِيَ جو جَڏِهِن وِدهو جَنِ
تَڏِهِن ڏِٺِھِي تَنِ اَڇهَائِي عَالَمَ مِين ❊

۲۳

جِي فَارْسِي سِکھِئو ڪُوڙو توء غُلَامُ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

جڻ ٻَڌُھڻ ٻِنِ ڳالھِنِ سِين سڻ کِي ڄَاڻي ڄَامُ
اُنجڻ تَان آبُ کُھرِي ٻُکھڻڻ تَان طَعَامُ
اِيئُ عَامَّنِ سَنْدڻ عَامُّ خَاصَّنِ مَنْجھَانِ نَہ تِھِڻي ❊

۲۴

اَوڳُڻِ رُسِي سَبھُکڻ ڳُڻين پِرِين رُتِھَامِ
لِيکھِيَمِ جِي لِسَانَ سِين سِي کَرَکِي نَہ کِيَامِ
ٻَانُ وِڃَائِي ٻَانْھِن جَا تھڙَا تھَکَ ھَيَامِ
شَرْمَنْدَگِي اَفْکَنْدَگِي اِھَا مِيڙِ مُکِيَامِ
پِرِين تَڏِھِن پَرْچَامِ آنئُون، جَڏِھِن اُتھِ گَئِي ❊

۲۵

اَوڳُڻِ رُسِي سَبھُکڻ ڳُڻين پِرِين رُتِھَامِ
ٻَھُون ٻَارڻتَنِ مِين کڻڙِين کُوڙَ کِيَامِ
سِيڻِي سِي سَرْيَامِ سُکھَنِئُون سُورَ گھڻَا ❊

۲۶

اَلْتَمِ جَا ھِنئَان سَا نَہ سَلْتَمِ سَاھَ کھِي
سُپِيرِيَان جِي ڳالھڙِي لِڳَايَمِ رُوحَان
وِيڻِي مُون وَسَان پَدھَرِ پِيڻِي پِرِنئَ رِي ❊



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۲۷

مُون تَان لِڪَائِي ڪَهَنئو رُوَنَ ڪِي رَوشَنُ
رَسِئو رِيزَالَنِ کهِي مَنْجهَان زَرْدِيَ ظَنُ
وِيرِي مُون وَرَنُ ڳَالهِ ڪِيَائِين ڳُجهَ جِي ٭

۲۸

عَاشِقُ ٻهَائِين اِينئَ تَہ آن سِڪَ ڪَنْهن کهِي نَہ سَلَان
وِچِ رَهَنْدِي ڪِينئَ وَهَنِ اَکهِيُون وِرْچِي هِنئو ٭

۲۹

اَنْدَرِ رَهِي نَہ گهَتَ سُپِيرِيَان جِي ڳَالهَڙِي
ڇهَاڳُرَ سَهِي نَہ سَتَ جِي مَهْرِيَانَ مُوجَ ڪِي ٭

۳۰

لَکهِين سَوِين مَهْرِيَانَ آتِي سَبهِ اُدهَمِيَا
سَڙَان مَنْجهِ اِيمَانَ ٻهَرِ ٻَاپهَ نَہ نِڪِرِي ٭

۳۱

حَقِيقَتَ هَنِي مُنْهِن جِي جَانِ جُدَا ڪِي
هِڪِڙو پَسَاهُ پِرِنئَ رِي سَکهَان تَا نَہ ڪهَنِي
دهَنِي ٭ دهَنِي اَچِي رَهِئو رُوحَ مِين ٭



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۳۲

ٻَانَ ٻَرُودهو ٻَانَ کهي سُڃِي کَرِ سَنْڀهَالَ

وِڇَان جو وِصَالَ سو تَان هُوَنُ هِنَ جو ⁂

۳۳

ٻَانَ ٻَرُودهو ٻَانَ کهي طَالِبَ سُڃِ تُون

نَ کَا هَان نَ هُون ٻَڙِدَا سَبهِ ٻَاسِي تِهيَا ⁂

۳۴

مُون مُونڻِي مِين سُڃِي مُون کهي مُون جُڳاء

مُونڻِي جِي سَا نَ جَاء مُونهِين مَنْجهَان مُون تهِڻِي ⁂

۳۵

اُنْهِي اِينئَ جُڳاء آوَان کهي اِينئَ نَ چَوَنو

ٻُنْ جَنْهِن جِي جَانِ جو اُتِي آهِ اَللّٰهُ

تهِ نَ ٻِڃِي مَانْهُ کُنْدِيَ دِينْ نَ سُڃِي ⁂

۳۶

کُنْدِيَ دِينْ نَ سُڃِي تهِ نَ ٻِڃِي مَانْهُ

ڳِڃِي بهَرِ کِيَاء تهِڻِي سَمَا جوڳ سَجَنِين ⁂



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۳۷

عِلّتِي آرَامُ پَسِي عِلّتَ آئِيو
حُسُنُ جو حَقَّ جو خَامِي ڀَھانْيو خَامُ
اَچِي ٿيھُو اِسْلَامُ كُفُرُ كَافِرَ پَانَ مِين ؞

۳۸

مُون کھي مُون پرِيَنِ ٻَنْڌِي وِڌو تَارِ مِين
اُڀَا اِيـنـئَ چَوَنِ تَہ مُحِھُنُ پَانْڌُ پُسَائِيين ؞

۳۹

پِٺو جو پَاتَارِ سو کِيـنـئَ پُسَنَ کھَان پَالھو رَھِي
تُون سَالِکَ مُون سِيکھَارِ کو پَھُ اِنھِي پَانْڌَ جو ؞

۴۰

کَرِ تُون طَرِيقَتَ تَکِيٿو شَرِيعَتَ سَبھَ سُنڄَانُ
ھوڙِيڄِ ٿَابُوتِيَ سَانُ تَہ پُسَنَ کھَان پَالھو رَھين ؞

۴۱

کُوڙِي ڪِجِ مَہ کَڏِھين پھِکِي ڀھَانئِجِ پھَانگَ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

سَارِي سَنَاسِنِ جِي لَائِقَ رَکِهِجِ لَانکَ
تَہ چَارَئِي چُنِيَ پَانْدَ اُهَڙَا ڳَنْهِي اُکِرِين ؞

٤٢

سُتوَئِي سِجَ کُهرين جَفَا ڏِئِين نَہ جَانِ
صُلحَ رِيَ سِپَنَانِ مَتَان نُونْدَهين نَہ چَڙهين

٤١

سُتوَئِي سِجَ کُهرين جَفَا ڏِئِين نَہ جيئَ
پَهنِي دهَارَان پِيئَ مَجهُنُ نُونْدَهين نَہ چَڙهين

٤٤

صُلحُ جَنِ سَجَنَ سين سِجَ مَانِيندَا سي
اَلَّذِينَ آمَنُوا وَکَانُوا يَتَّقُونَ اِنَ پَرِ اُبهَا جي
نِيئي نُونْدهَنِ نِي ڏِکهِي چِتْرِي چَاڙهِيا

٤٥

جي تهِيَا حَلُ حَبِيبَ سين سُمْهَنُ تَنِ ثَوَابُ
نِينَ هِيرَائِي نِنْڊَرَ مين خُوشِ کِيَانئُون خِوَابُ
اُوسيڙو عَذَابُ دِلِيَان تَنِ دُورِ تهِئو ؞



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۴۶

رَتِي جا رِهانِ سا پِيئَ پَهَنِي نہ تِهِنِي
كَنْهِن كَرَ وِدِهِي كانِ پانان نِينْهُہ نِكالِئو ⁘

۴۷

رَتِي ناهِي رِيتِ پَهَنِي پاڻَ ناهِہ كو
پَسو مَنْجهِہ پرِيتِ جهَڙائِي جوڙَ وَهِي ⁘

وائي

كِي اُنهِين مَنْجهِہ آهِي هوءَ جِيءَ جهونا پَسِجَنِ جهوپِڙا
اِنَ دَرسِبائِين اَكِيان جَنِ كهِي كو نہ چِتائِي
هوءَ جِي جهونا پَسِجَنِ جهوپِڙا
دهارِيا ڀهائِنِ دهارِيون پانُ پُرِيان سِين كهائِي
هوءَ جِي جهونا پَسِجَنِ جهوپِڙا
اِنَ اوليا هيٺهِ قَبائِي پَنْهِن جا پانَ پَهَرائِي
هوءَ جِي جهونا پَسِجَنِ جهوپِڙا
لَا يَعْرِفُهُمْ غَيْرِي پَرَ كهِي كِي نہ پَسائِي
هوءَ جِي جهونا پَسِجَنِ جهوپِڙا



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پَنْهِن جِي ڇهَڏِي پَٽَ ۾ِين رِنِ اُنْهِين جِي رَاهِي
هُوءِ جِي جهُونَا پَسِجَنِ جهُوپِڙَا
خِدْمَتَ کَرِ خَلْقَ سِين پَانْڌُ ڳِجِيَ ۾ِين پَائِي
هُوءِ جِي جهُونَا پَسِجَنِ جهُوپِڙَا
اَدْ...ن عَبْدُ اللَّطِيفُ چَوِي اِتَاهِين کِي آهِي
هُوءِ جِي جهُونَا پَسِجَنِ جهُوپِڙَا ۞



# SINDHĪ-LITERATURE.

## THE DĪVĀN OF ABD-UL-LATĪF SHĀH,

KNOWN BY THE NAME OF:

## SHĀHA JŌ RISĀLŌ,

EDITED

BY


**THE REVD ERNEST TRUMPP,**

PHIL. DR., M. A., LATE MISSIONARY OF THE CHURCH MISSIONARY SOCIETY.
DIACONUS AT PFULLINGEN, WURTTEMBERG.


PRINTED WITH THE SANCTION AND AT THE EXPENSE OF THE GOVERNMENT OF INDIA.


LEIPZIG:

F. A. BROCKHAUS.

1866.



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# LIST OF THE SURUS,

## CONTAINED IN THIS EDITION.


| | | page |
|---|---|---|
| I. | Kalyānu | 1 — 19 |
| II. | Jamanu Kalyānu | 20 — 63 |
| III. | Khambhātū | 64 — 83 |
| IV. | Surāgu | 84 — 119 |
| V. | Sāmūndrī | 120 — 140 |
| VI. | Sūhiṇī | 141 — 211 |
| VII. | Sārangu | 212 — 230 |
| VIII. | Kēdārō | 231 — 251 |
| IX. | Ābirī | 252 — 308 |
| X. | Maļōūrī | 309 — 338 |
| XI. | Dēsī | 339 — 380 |
| XII. | Kōhiyārī | 381 — 405 |
| XIII. | Husēnī | 406 — 462 |
| XIV. | Sōrathe | 463 — 483 |
| XV. | Barvō sindhī | 484 — 503 |
| XVI. | Mūmala Rāṇō | 504 — 541 |
| XVII. | Khāhōṛī | 542 — 556 |
| XVIII. | Rāmakalī | 557 — 612 |
| XIX. | Ripa | 613 — 623 |
| XX. | Līlā Čanēsaru | 624 — 637 |
| XXI. | Bilāvalu | 638 — 657 |
| XXII. | Ḍāharu | 658 — 681 |
| XXIII. | Kāpāitī | 682 — 698 |
| XXIV. | Pirabhātī | 699 — 705 |
| XXV. | Ghātū | 706 — 710 |
| XXVI. | Āsā | 711 — 739 |


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

songs differed either very greatly, when compared together, owing to a slip of memory or to the fanciful interpolations of the reciters, or they were so mutilated and incomplete, that they were only of indifferent value, except for the purposes of lexicography. I would have preferred by far to give selections of prose literature, poëtry always presenting its peculiar disadvantages to a beginner; but unfortunately I could hit upon no native work of any merit, prose being peculiarly disliked by the Sindhīs, who have only an ear for jingling verses, like most semi-barbarous nations.

After many serious deliberations I resolved, instead of editing different minor songs and ballads, to present to the student the famous work of *Abd-ul-Latīf Shāh*, known under the name of: *Shāha jo risālō.* I had thus the advantage, to be able to follow the authority of manuscripts, instead of being compelled to rely solely upon the relative strength of the memory of the bards, who had dictated to me their poëtical treasures. As to Abd-ul-Latif, Burton has already remarked [1], "that his fellow-countrymen consider him the Hāfiz of Sindh, and that there are few of them, learned or unlearned, who have not read or heard his pathetic verses. His poëtry is the delight of all that can understand it. The learned praise it for its beauty and are fond of hearing it recited to the sound of the guitar. Even the unlearned generally know select portions by heart and take the trouble to become acquainted with their meaning." A work so generally esteemed by the natives themselves I thougt best fit to serve as a pattern of the language, the more so, as its diction is, on the whole, of the purest Sindhi, which can by no means be said of the compositions of Makhdūm Hāshim and Makhdūm Abd-Ullah, two learned sindhī Mullas.

A few notices about Abd-ul-Latif and his risālō will not

[1] *Burton*, Sindh and the races, that inhabit the valley of the Indus p. 83, 203.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چي تُون بَيْتَ ڀهَائِين سي آيَتُون آهِينِ

نيِيو مَنُ لَاڻِينِ پِريَان سَنْڌِي پَارَ ڏي ⁘

Those, which thou takest for (mere) couplets, are signs
Which lead thy mind in the direction of thy friend (i. e. God).

In order to understand the mystic couplets of Abd-ul-Latif, it will be absolutely necessary for the student to make himself first acquainted with the tenets of Sūfism [1], which is widely spread amongst the body of the people in Sindh. The close affinity to, and very probably the derivation of Sūfism from the vedantic system of India, is now conceded on all hands. For the right understanding of the Risālō the reader should particularly turn his attention to the sūfic doctrine, that the human soul is a *particle of the divine breath* [2], that its *immortality* is deduced from its *immateriality*, and that for this very reason *immortality without beginning* (اَزَلِيَّت) and *immortality without end* (اَبَدِيَّت) are assigned to it. The human soul, whilst in the body, is in a state of bondage, from which it should be liberated by a system of penance (رِيَاضَت); annihilation of the body is to the soul the greatest boon, as it will thereby be reunited to its original source, from which it has

[1] For this purpose the student is referred to the following works: Tholuck, Sufismus, sive Theosophia Persarum pantheistica, Berlini 1821; still the best work on this subject.

Pendnāmeh, ou le livre des Conseils, de Ferid Ed-Din Attar, publié par Silvestre de Sacy, Paris 1819. Burton's work (Chapter VIII) should also be consulted upon this subject.

[2] This will sufficiently explain the frequently occurring arabic phrase:

أَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ

Am I not your Lord?

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

sprung by a system of emanation. That the idea of personal immortality has no place in such a system, is natural enough; neither is the notion of sin nor of a sinful state of the soul reconcilable with it, sin being nothing but an illusion of the human mind. The Sūfī is therefore either an ascetic, absorbed in the contemplation of the divine love, or more commonly an abandoned debauchee. —

The Risālō of Abd-ul-Latīf is by no means an easy work, though its style is on the whole lucid and plain; the mystic sense, which underlies the whole, puzzles not unfrequently the european reader, and even learned Natives are now and then at their wit's end, when called upon to explain certain couplets; but the persevering student will on the other hand be amply repaid for his labours by many beautiful passages, he will meet with every where.

The *metre*, in which the Risālō is composed, is the so-called ڏوهو ḍōhō, Hindī दोहा; it is a rude kind of metre, rhyming always at the end. The number of syllables (short or long) in a ḍōhō is not fixed by a strict rule, but may vary, according to the fancy of the poët; two and more ḍōhōs form a verse with a common rhyme, the last ḍōhō of which is always divided by a cæsura into two halves, of which the former half must rhyme with the final syllable of the preceding ḍōhō, the latter half remaining rhymeless. A certain number of verses forms a *suru* or rāg̈ (song), named either after the chief subject, treated therein, or after the melody, according to which it should be intoned. The rhyme in a suru is not the same throughout; each verse may rhyme differently, the verses being considered quite independant of each other. The artificial and intricate metres of the arabic and persian poëtry are quite unknown in Sindhī, the syllables being not measured by their original quantities, but merely intoned after a certain rhythm, which is pretty fairly kept up through the whole of a *Suru*,

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

firm base may be gained for the study of a language, which though not widely spread, is in many points superior to any other modern language of India and well deserving the notice of the linguist.

Pfullingen, Wurttemberg
10th March 1866.

The editor.





ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لڪيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهه سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu